


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محسن قوم

شمس العلماء، مَلک الشعراء سنڌ

# رئيس شمس الدين بلبل رحمة الله عليه

اهلِ قلم حضرات جا مقالا ۽ مضامين



1857ع - 1919ع



مرتب

شمس ابن ضياء ابن بلبل

**پيڪاڪ پرنٽرس اينڊ پبلشرس ڪراچي**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو:
محسن قوم، شمس العلماء، مَلڪ الشعراء سنڌ
**رئيس شمس الدين بلبل** رحمة الله عليه
(اهلِ قلم حضرات جا مقالا ۽ مضامين)

مرتب
شمس ابن ضياء ابن بلبل

ڇاپو: پهريون
سال: 2016ء

ڪمپوزنگ:
سيد آفاق شاهه

ڇپرائيندڙ:
پروفيسر ڊاڪٽر رياض الدين ابڙو (بلبل)

ڇپيندڙ: پيڪاڪ پرنٽرس ائنڊ پبلشرس

ملهه: 500 رپيا

رابطي لاءِ:
شمس الدين بلبل فائونڊيشن. هائوس نمبر 68-A فيز I
سنڌ يونيورسٽي سوسائٽي ڄامشورو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# انتساب

سنڌ، پنجاب ۽ هندستان جي جن به اهلِ قلم حضرات بلبل مرحوم تي مضامين ۽ مقالا تحرير ڪري سندس علمي، ادبي، سياسي، سماجي، صحافتي ۽ ديني خدمات جو ذڪر خير ڪرڻ فرمايو آهي ۽ سندس خوبيون ۽ خاصيتون بيان ڪري اهل علم حضرات کي متوجهه ڪيو آهي ۽ ڪيس علم و ادب، شعر و شاعري ۽ سياست جي تاريخ ۾ لافاني ۽ بلند مقام جو مستحق مڃيو آهي، آءٌ هي ڪتاب انهن اهلِ قلم حضرات جي نانءُ نامي اسم گرامي سان منسوب ٿو ڪريان.

جيڪي صاحب هيءَ فاني دنيا ڇڏي دار البقا طرف راهي ٿي ويا آهن، انهن جي مغفرت جو طلبگار آهيان ته الله تعاليٰ جل شانهُ ڪين پنهنجي جوارِ رحمت ۾ جاءِ عطا ڪرڻ فرمائي ۽ جيڪي صاحب حال حيات آهن، انهن جي صحت، ثروت ۽ ڊگهي عمر لاءِ دعاگو آهيان. الله تعاليٰ ڪين توفيق عطا ڪرڻ فرمائي ته جيئن هو پنهنجي مادري زبان سنڌي ٻوليءَ جي خدمت ۽ حفاظت ڪري سگهن ڇو ته ڪا ڳجهي تنظيم ۽ تحريڪ اسان جي ٻوليءَ کي بگاڙڻ ۽ برباد ڪرڻ لاءِ هٿ پير هڻي رهي آهي ۽ غلط الفاظ اسان جي ٻوليءَ ۾ شامل ڪرڻ جي مڪروه ۽ مذموم ڪوشش ۾ مشغول آهي. مثال طور لفظ پڪڙيو جي جاءِ تي پڪتو، ورتو جي جاءِ تي ونتو ۽ پڇايو بدران پڪايو وغيره استعمال ڪري ٻوليءَ کي خراب ڪري رهيا آهن. افسوس اهو آهي ته پڙهيل لکيل ماڻهو به اهي غلط لفظ بي ڌڙڪ استعمال ڪري رهيا آهن ٻولي زنده رهندي ته قوم به زنده رهندي.

به صدِ احترام :

**شمس ابن ضيا ابن بلبل**

# فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| 01. | پيش لفظ | ڊاڪٽر رياض الدين ابڙو | 7 |
| 02. | مرتب پاران | شمس ابن ضياء ابن بلبل | 9 |
| 03. | شمس الدين ”بلبل“ (سنڌي ٽيون ڪتاب- سبق 33) | ويسٽ پاڪستان ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ لاهور | 21 |
| 04. | ميهڙ شهر لاءِ هڪ بزرگ هستي جي دعا | حاجي عبدالرسول خان غازي ابڙو | 25 |
| 05. | فرياد ميهڙ | حاجي عبدالرسول خان غازي ابڙو | 26 |
| 06. | مقدمہ ديوان ”بلبل“ ڇاپو-1982ع | رئيس ضياءُ الدين .ايس. بلبل | 27 |
| 07. | ديباچو = = = 1982ع | رئيس ضياءُ الدين .ايس. بلبل | 57 |
| 08. | ”بلبل“ سنڌ - مفڪر جي حيثيت ۾ | رئيس ضياءُ الدين .ايس. بلبل | 68 |
| 09. | رئيس شمس الدين ”بلبل“ - بلبلِ سنڌ | شمس ابن ضيا ابن بلبل | 80 |
| 10. | اڄ پڻ اڪثرين سڄڻ پنهنجا ساريا | شمس ابن ضيا ابن بلبل | 101 |
| 11. | رئيس شمس الدين بلبلِ سنڌ | سيد حاجي علي اڪبر شاهہ | 112 |
| 12. | ياد رفتگان: شمس الدين ”بلبل“ | مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ | 118 |
| 13. | رئيس مرحوم ضياءُ الدين ضيا”بلبل“ جي ياد ۾ | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 119 |
| 14. | شمس الدين ”بلبل“ | ڊاڪٽر غلام علي جي. الانا | 122 |
| 15. | مرحوم شمس الدين ”بلبل“ هڪ مفڪر جي حيثيت ۾ | حاجي محمود خادم | 125 |
| 16. | رئيس شمس الدين مرحوم | پير علي محمد شاهہ راشدي | 129 |
| 17. | مرحوم شمس الدين ”بلبل“ جا ادبي اوليات | حافظ عبدالله بسمل ٽڪڙائي | 131 |
| 18. | سنڌ جو قابلِ فخر فرزند | ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل | 135 |
| 19. | شمس الدين ”بلبل“ | مرزا اجمل بيگ | 143 |
| 20. | شمس الدين ”بلبل“ | مولانا دين محمد وفائي | 153 |
| 21. | تحريڪ آزادي جا سنڌ ۾ آثار | پير الاهي بخش | 156 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| .22 | ماحول جو عڪس- اخبار آفتاب سنڌ سکر | مير رحيمداد مولائي شيدائي | 158 |
| .23 | مري ٿيا نہ مات-شمس الدين ”بلبل“ | مولانا غلام محمد گرامي | 161 |
| .24 | شمس الدين ”بلبل“ (هڪ تنقيدي جائزو) | ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي | 168 |
| .25 | رئيس شمس الدين ”بلبل“ | ڊاڪٽر عزيز الرحمان ٻگهيو | 171 |
| .26 | ”بلبل“ مرحوم جو اصلاحي ڪردار | ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ | 180 |
| .27 | شمس الدين ”بلبل“ | پروفيسر محمد اسحاق ابڙو | 191 |
| .28 | شمس الدين ”بلبل“ | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | 199 |
| .29 | سنڌ جو هڪ قومي شاعر شمس الدين ”بلبل“ | ڊاڪٽر وفا راشدي<br>ترجمو: شعبان بخت | 203 |
| .30 | رئيس شمس الدين ”بلبل“ ۽ سندس همعصر | حافظ محمد احسن ”احسن“ چنا | 209 |
| .31 | ”بلبل“ جي شاعريءَ ۾ جمالياتي پهلو | محمد آدم ٻٽ | 216 |
| .32 | حضرت شمس الدين ”بلبل“ | محمد عرس ٻرڙو ”مسرور“ | 222 |
| .33 | شمس الدين ”بلبل“ | محمد نواز پيٽي ”محزون“ | 225 |
| .34 | ”بلبل“ جو مطالعو ۽ مشاهدو | شعبان ”بخت“ | 229 |
| .35 | ”بلبل“ سنڌ جو هڪ ناقابلِ فراموش فرزند | شعبا بخت | 234 |
| .36 | مرحوم شمس الدين ”بلبل“ - سنڌ جو حالي | احمد خان. ايم. سيال | 239 |
| .37 | سنڌيءَ جو مشهور مزاح گو شاعر | = = = | 245 |
| .38 | مرحوم شمس الدين ”بلبل“ | محمد امين مگسي | 250 |
| .39 | مرحوم شمس الدين ”بلبل“ | آزاد علي انور ڪانڌڙو | 256 |
| .40 | برصغير جو معروف شاعر، اديب، صحافي شمس الدين ”بلبل“ | آزاد علي انور ڪانڌڙو | 259 |
| .41 | رئيس شمس الدين ”بلبل“ | ظفر ڪاظمي | 266 |
| .42 | سنڌي صحافت جو باني- سنڌي صحافت جو محسن | محمد اسحاق شيخ | 270 |
| .43 | مرحوم شمس الدين ”بلبل“ | شيخ عبدالرزاق ”راز“ | 273 |
| .44 | رئيس شمس الدين ”بلبل“ | مشتاق احمد پٺاڻ | 276 |
| .45 | جديد ساهت ۾ مذاق | ديوان ليلا رام ڏيونداس رچنداڻي | 279 |
| .46 | رئيس شمس الدين ”بلبل“ | حڪيم عبدالحميد چانديو | 285 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| .47 | رئيس شمس الدين ”بلبل“ | شاهه محمد”صوفي“ جتوئي | 289 |
| .48 | شمس الدين ”بلبل“ | ڏني بخش مگسي | 293 |
| .49 | رئيس شمس الدين ”بلبل“ جو صحافتي سوانحائي خاڪو...! | پاويل جوڻيجو | 296 |
| .50 | رئيس شمس الدين ”بلبل“ جا ادبي اوليات مختصر پيرايه ۾ | ضياءُ الدين (ثاني) ابن شمس ابن ضيا (بلبل) | 299 |
| .51 | محسنِ قوم شمس العلماءَ رئيس شمس الدين ”بلبل“ رحہ | سراج شمس بلبل | 304 |
| .52 | سنڌ جو گوهر ناياب شمس الدين بلبل | پروفيسر ڊاڪٽر رياض الدين ابڙو | 307 |

# پيش لفظ

رئيس شمس الدين بلبل پنهنجي دور جي انتهائي وڏي ۽ اعليٰ شخصيت هئا. خدا تعاليٰ کين بيپناهہ خداداد صلاحيتن سان نوازيو هو. بلبل صاحب انتها درجي جا ذهين ۽ فهيم شخص، سياسي رهنما، نيڪ صورت ۽ نيڪ سيرت پيار ڪندڙ شفيق انسان، صوم و صلواة جا پابند، علم ۽ ادب جا پندار، درس ۽ تدريس جي ميدان جا امين ۽ موتي داڻا هئا. سنڌ جي مسلمانن جي فلاح بهبود جي لاءِ ڏينهن رات مصروفِ عمل رهندا هئا. صحافت جا سرواڻ، موجوده سنڌي نثر جي نئين اسلوب ۽ سندن بيباڪيءَ جي ڪري صحافت ۾ انقلاب اچي ويو. بلبل صاحب اسڪول ۽ مدرسہ قائم ڪرڻ لاءِ سڄي زندگي جاکوڙ ڪئي. ميهڙ ۾ ’سنڌ مدرسو‘ قائم ڪيائون جيڪو اڄ هاءِ اسڪول آهي. بلبل صاحب عوام جي ڀلائي لاءِ ڏينهن رات محنت ڪئي ۽ قوم جي ڀلائي لاءِ اسيمبلي مان ڪافي مفيد قانون ۽ ايڪٽ پاس ڪرايائين.

رئيس شمس الدين بلبل قدرتي صلاحيتن جو هڪ خوبصورت گلدستو هئا. جنهن جو هر هڪ گل خوشبودار منفرد ۽ ناياب هيو. بلبل صاحب جي شخصيت جا ڪئي پهلو اڃان عوام آڏو ظاهر نہ ٿيا آهن. سندس شخصيت بابت اڃان وضاحت سان نہ لکيو ويو آهي. سندس ڪافي قلمي نسخا لائبريري ۾ محفوظ آهن جن کي ڇپرائي ظاهر ڪرڻ اسان جو اولين فرض آهي. رب تعاليٰ کان اها دعا آهي تہ اسان کي توفيق ڏئي تہ سندس ڪارنامن ۽ ڪاوشن کي قوم آڏو پيش ڪيون.

رئيس شمس الدين بلبل هند ۽ سنڌ جي مسلم ليڊر جي حيثيت سان ڄاتو وڃي ٿو. پاڪستان جو نہ صرف تصور بلڪ مسلمانن لاءِ جدا ملڪ جي گُهر، علامہ اقبال رح جي تصور کان گهڻو پهريان 1918ع ۾ ڪتاب ’جامِ جم‘ لکي، ان ۾ واضح نموني سان چيائين تہ اسان کي الڳ ملڪ گهرجي.

بابا سائين هن ڪتاب کي محنت ڪري مرتب ڪيو آهي. جيڪو يقينن پڙهندڙن کي وڻندو. بابا سائين شمس ابن ضياء، پنهنجي ڏاڏي سائين رئيس شمس الدين بلبل ۽ والد صاحب رئيس ضياء الدين ضيا بلبل جا ڪافي ڪتاب

مرتب ڪيا آهن بلڪ ڪجهه ڪتاب تصنيف پڻ ڪيا آهن. انشاءَ الله جلدي اهي ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪري پڙهندڙ آڏو پيش ڪيا ويندا.

هي ڪتاب جيڪو اوهان جي هٿن ۾ آهي، بابا سائين مون کي ٻه سال اڳ ڇپائڻ لاءِ ڏنو هو. منهنجي سُستي سبب تاخير ٿي وئي. شروع ۾ ڪراچيءَ ۾ سنڌي ڪمپوزر ايترا پروفيشنل نه مليا، ٽائيپنگ ۽ گرامر جون ايتريون ته غلطيون هونديون هيون جو پروف ريڊنگ ڪندي بابا سائين ڏاڍو ڪاوڙ جو اظهار ڪندا رهيا. آخرڪار تنگ ٿي ڪن دوستن جي مشورن تي ڪتاب محترم ڊاڪٽر آفتاب ابڙو صاحب جي حوالي ڪيو. ڊاڪٽر صاحب محنت سان ڪم ڪري جلدي اڪلائي ڪتاب مڪمل ڪيو. سندن مهربانيون.

آخر ۾ ٻه لفظ آءٌ پنهنجي والد محترم شمس الدين بلبل ابڙو جي صحت ۽ عمر درازي جي دعا لاءِ پڙهندڙن کي عرض ڪيان ٿو ۽ اها ٻه دعا ڪن ته بابا سائين جي قلم کي رب تعاليٰ وڏيڪ طاقت ڏئي. الله تعاليٰ بابا سائين کي ٻه پنهنجي ڏاڏي وانگر بيپناهه صلاحيتن جو مالڪ بڻايو آهي. سندس تحرير ۾ تسلسل ۽ لفظن جي جوڙجڪ ۾ پختگي انتها درجي جي آهي. سندن لکڻي تمام خوبصورت ۽ جاذب نظر آهي. انتهائي اصول پرست، دل جا سخي ۽ محنتي سليقي وارا آهن. خدا تعاليٰ سندن سايو اسان جي سرن تي هميشه قائم ۽ دائم رکي آمين ثم آمين.

**ڊاڪٽر رياض الدين ابڙو (بلبل)**

مرتب طرفان:

# ضروري التماس

مان حضرت بلبل جي سوانح لکڻ جي ڪوشش ۾ ڪجهه اهڙي شيئي لکي چڪو آهيان، جنهن لاءِ چئي سگهجي ٿو: ڪک ڪاڍيرا ڪاٺيون ميڙي ٻڌم مڏ.

حقيقت هيءَ آهي ته نه آءٌ قلمڪار آهيان ۽ نه ئي ڪو شهپار و تخليق ڪرڻ جو ارادو اٿم، بس! پنهنجن بزرگن جي متعلق جيڪا منهنجي ڄاڻ آهي اها قلمبند ڪري عوام آڏو آڻڻ چاهيان ٿو ۽ جيڪو مواد مون وٽ موجود آهي اهو بہ منظر عام تي آڻڻ چاهيان ٿو. ڇاڪاڻ تہ اها ڄاڻ عوام جي امانت آهي ۽ حق حقدارن تائين پهچڻ گهرجي. اميد اٿم تہ ڪتاب"محسن قوم " کان جلد پوءِ "سوانح حضرت بلبل" بہ شايع ٿي ويندو.

آءٌ حضرت بلبل جي سوانح ۾ واضح ڪري چڪو آهيان تہ مان هڪ ترديدي مضمون لکي رهيو هيس جيڪو اهڙي شڪل اختيار ڪري ويو جو نہ ترديدي مضمون رهيو ۽ نہ سوانح جو ڪتاب. بهرحال سموري گهربل معلومات هڪ جاءِ تي ڪٺي ٿي وئي آهي، مون کي اميد آهي تہ منهنجا پٽ ايتري صلاحيت رکن ٿا جو ان کي روايتي ڪتابي شڪل ۾ آڻي ۽ شايع ڪرائي سگهن. اميد اٿم تہ سندن جينيٽيڪل ڪامپوزيشن ۾ اهڙا جين ڪين ضرور ورثي ۾ مليا هوندا جو هي ڪم آسانيءَ سان ڪري سگهن.

حضرت بلبل جي سوانح ۾ مون هڪ سؤ کان وڌيڪ اهل قلم حضرات جي مضامين مان استفادو ڪيو آهي. ڪن صاحبن جا هڪ کان وڌيڪ مضمون يا ڪتاب حضرت بلبل متعلق شايع ٿيل آهن جنهن ڪري مضامين جو تعداد اجا بہ گهٽو ٿي ويندو. سوانح جي ڪتاب ۾ تہ صرف چوند ٽڪرا ڏنل آهن انڪري اهو ضروري آهي تہ پورا مضمون بہ قارئين ڪرام جي سامهون پيش ڪجن جيئن هو تفصيل معلوم ڪري سگهن. ان ڏس ۾ سنڌ جي برک اهل قلم حضرات جا مضامين ڪٺا ڪري هي ڪتاب "محسن قوم" جي شڪل ۾ ناهي اهل ذوق آڏو پيش ڪريان ٿو. سمجهو تہ هيءَ هڪ انمول مالها پيش ڪري رهيو آهيان، جيڪا هن وقت اوهان جي مطالع هيٺ آهي، جنهن جو هر موتي آبدار ۽ بيش بها آهي. اميد اٿم تہ اهڙا اڌ درجن کن ڪتاب انهن مضامين مان ٺهي ويندا، جيڪي آهستي آهستي اوهان تائين پهچايا ويندا. مڪيہ ڪتاب سوانح بلبل جنهن جو ذڪر شروع ۾ ڪيو اٿم، اهو ڪجهه دير سان قارئين ڪرام تائين پهچندو.

هن ڪتاب جي منڍ ۾ مون حضرت ضيا جا 3 مضمون ڏنا آهن ۽ انهن جي پٺيان

پنهنجو مضمون ڏنو آهي جيئن حضرت بلبل جو مفصل احوال پڙهڻ ۽ معلوم ڪرڻ ۾ قارئين ڪرام جو تسلسل قائم رهي ۽ گهڻي معلومات شروع ۾ ئي ڪين معلوم ۽ ميسر ٿي وڃي.

ديوان بلبل جو مقدمو (حضرت ضيا جو لکيل) جيڪو مون هن ڪتاب جي شروع ۾ ڏنو آهي ۽ ٻيو ديباچو جيڪو جناب گرامي جي ايڊٽ ڪيل ڪلام بلبل ۾ ڏنل آهي انهن ٻنهي جي صحت ۾ معمولي فرق آهي. ڪجهه جملا جن ۾ محترم گرامي صاحب کي بابا سائين اهڙو اختيار ڏئي ڇڏيو آهي ته هو پلي حضرت بلبل جي لکڻين ۾ پنهنجي مرضي موجب ردو بدل ڪري. اهي جملا بابا سائين جا لکيل قطعي ٿي نه ٿا سگهن. آءٌ پنهنجي والد محترم جي طبيعت ۽ احساسات کي تمام گهڻو ڄاڻندڙ آهيان. پنهنجي پيءُ جي لکت ۾ ردو بدل ڪرڻ جي منجهن به سگهه نه هئي ۽ اهڙي امر کي هو گستاخي سمجهندا هئا, ته پوءِ اهڙي اجازت حضرت گرامي صاحب کي ڪيئن ٿا ڏئي سگهن. هونءَ به ڪنهن اهل قلم جي لکت کي پنهنجي مرضيءَ مطابق بدلائڻ ادبي توڙي اخلاقي حدن جي لتاڙ سمجهجي ٿي.

بابا جن وفات 1966ع ۾ ڪئي آهي ۽ ”ديوان بلبل“ ۽ ”ڪلام بلبل“ مولانا گرامي صاحب جا ايڊٽ ڪيل سن 1969ع ۾ شايع ٿيا آهن. مقدمه ۽ پيش لفظ انهن ڪتابن لاءِ بابا سائين ضرور سن 1965ع ۾ لکي ڏنا هوندا مگر ڪلام ۾ تصحيح ۽ ترميم ڪرڻ جي اجازت هرگز نه ٿا ڏئي سگهن. ڪنهن انسان کي ته ٺهيو ڪنهن ملائڪ کي به اهڙي اجازت نه ڏيندا. آءٌ سندن طبيعت کان بلڪل سورهن آنا صحيح طرح واقفيت رکندڙ شخص آهيان.

هونءَ به حضرت گرامي صاحب جيڪا تصحيح ڪئي آهي اها اهڙي آهي جو ان تي ڪافي وڏو طوفان برپا ٿي ويو هو. شيخ محمد ابراهيم خليل صاحب, جناب عبدالله خان چانڊيو همدم, جناب قربان بگٽي وغيره ته دفتر ڪارا ڪري ڇڏيا. خليل صاحب ”ادب ۽ تنقيد“ جي سري هيٺ ”ديوان بلبل ۽ ان جو مرتب“ تي ڊزن کن قسطون رهبر ڊائجسٽ ۾ لکي ڇڏيون. راقم التحرير به ”اڄ پڻ اکڙين سڄڻ پنهنجا ساريا“ جي عنوان تحت ”ديوان بلبل ۽ ان جي ضروري چند ڇاڻ“ جي سلسلي ۾ اٽڪل 5-6 قسطون نئين زندگيءَ ۾ لکيون هيون. انهن قسطن جو لبِ لباب اهو هو ته تصحيح ادب جي مقرر ڪيل حدن اندر ٿيڻ گهرجي, مصنف جي لکت کي الٽ پلٽ نه ڪجي ۽ نه نوان لفظ ان ۾ ٺنبجن, بلڪ غلط لفظ جي جاءِ تي صحيح لفظ هٽ ڪري لکڻ تصحيح آهي. مثال طور حضرت بلبل جو اصل شعر آهي: ٿيو ڪلام الهام, امر و نهي جو جنهن تي نزول. پنجابي ڪاتبن ان کي لکي ڇڏيو: ٿيو ڪلام احڪام, امرو نهي جو جنهن تي نزول. هاڻي اصل لفظ ”الهام“

هٿائي "احڪام" لکڻ تصحيح نہ آهي. اهڙو ئي ٻيو مثال بہ ڏجي ٿو: لاهور جي پنجابي ڪاتبن لکي ڇڏيو: همدم و همراز هردم، هم مصاحب يار غار. محترم مولانا گرامي صاحب واري ايڊٽ ڪيل ديوان بلبل ۾ اجا سوڌو لفظ "هم مصاحب" لکيل آهي. مگر حضرت گرامي صاحب دعويٰ تو ڪرڻ فرمائي تہ هن ديوان بلبل مان غلط الفاظ ڪڍي ان کي غلطين کان پاڪ صاف ڪري ايڊٽ ڪيو آهي. مگر غلط لفظ مصاحب درست نہ ڪيو اٿس. هاڻي غلط لفظ هم مصاحب جي جاءِ تي صحيح لفظ ڳولهي هٿ ڪرڻو آهي، جنهن سان بحر وزن بہ خراب نہ ٿئي. اهو لفظ آهي "هم مصائب". هاڻي هيءَ سٽ هن طرح صحيح ٿيندي: همدم و همراز هردم، هم مصائب يار غار.

مرحوم حضرت گرامي صاحب غلط لفظ تہ رهڻ ڏنا آهن بلڪ صحيح لفظ ڪڍي ڇڏيا آهن. آءٌ اوهان کي مثال ٻڌايان ٿو: صحيح شعر ديوان بلبل ۾ هن طرح لکيل موجود آهي: "يار ۽ غم خوار، واقفڪار، سڀ سينڌو سڄاپ-خويش اقرب، بہ صلہ رحمي، هر برادر جي ثنا." هاڻي ڏسو هن صحيح شعر سان حضرت گرامي صاحب ڪهڙو ٿو ڪلور ڪري: "يار ۽ غم خوار، واقفڪار، سڀ سنڌ و پنجاب-خيوش اقرب، صلي رحمي، هر برادر جي ثنا." هاڻي ڏسو چڱو ڀلو صحيح لفظ "سينڌو سڄاپ" ڪڍي غلط لفظ "سنڌ وَ پنجاب" ٽنبيو ويو آهي. سينڌو سڄاپ سنڌي زبان جو مروج محاورو آهي جنهن جي معنيٰ آهي "ڄاڻ سڃاڻ" هي لفظ نہ غير مانوس آهي ۽ نہ متروڪ پوءِ مٽائڻ جو ڪهڙو ضرور هو؟! هاڻي "خويش" لفظ کي مٽائي خيوش لکڻ جو ڇا مطلب؟ صحيح لفظ جي جاءِ تي غلط لفظ ڄاڻي ٻجهي لکڻ مان گرامي صاحب جي مراد ڇا هئي؟ "خويش، اقارب" يا "خويش و اقرب" تہ معروف چوڻيون آهن. سنڌي زبان ۾ مشهور چوڻي آهي اڳ ۾ 'خُويش پوءِ درويش.' ڪم از ڪم آءٌ تہ محترم غلام محمد صاحب گرامي جي نيت تي شڪ نہ ٿو ڪري سگهان مگر سمجهہ ۾ بہ نٿو اچي تہ هن صاحب ائين ڇو ڪيو؟ صحيح لفظ ڪڍي ان جي جاءِ تي غلط ۽ اهڙا لفظ جيڪي ڪنهن بہ ڊڪشنريءَ ۾ موجود نہ آهن اهي رکيا آهن. ان جو فيصلو آءٌ قارئين ڪرام تي ڇڏيان ٿو. هن قسم جا 10-20 لفظ هجن ها تہ آءٌ گرامي صاحب جي هن زيادتي کي سندس تعلقات ۽ خدمات جي زير نظر، نظر انداز ڪري ڇڏيان ها مگر هتي تہ صفا ڪلور ڪيل آهن. سٽن جون سٽون الٽ پلٽ ڪيل آهن.

گرامي صاحب سنڌ جو مايا ناز اديب، عالم ۽ نقاد ضرور آهي مگر سندس سڃاڻپ هڪ عظيم شاعر طور نہ آهي. شاعر جي تعريف مون حضرت بلبل جي سوانح ۾ ڪئي آهي ۽ حضرت ضياءُ الدين ضيا بہ ديوان بلبل جي مقدمہ ۾ نهايت وضاحت سان ۽ عالمانہ انداز سان ڪئي آهي. اسان ٻنهي جو نظريو اهو آهي تہ سچي شاعري ئي شاعري آهي جيڪا الله تعاليٰ طرفان تحفي طور عطا ٿئي ٿي ۽ ان شخص جي جينس (Genes) ۾

ورثي طور اچي ٿي. جيڪو ماڻهو محنت، مشقت ۽ پنهنجي علم جي زور تي ڪو شعر لکندو ته ان ۾ رنگ ته برابر هوندا مگر خوشبو نه هوندي. اهڙو شاعر سچو ۽ فطري شاعر نه آهي. جناب مرزا اجمل بيگ صاحب جي هڪ چونڊ تحرير به مون هٿن انهيءَ خاص مقصد لاءِ شروع ۾ رکي آهي چو ته ان ۾ سچي ۽ ڪسي شاعر جي سڃاڻپ تي بحث ڪيل آهي. گرامي صاحب جو هڪ خط به شامل ڪيل آهي جنهن مان معلوم ٿيندو ته گرامي کي ڪنهن ڳالهه تان بابا سائينءَ سان ڪا رنجش هئي. مون گرامي صاحب جي زيادتي متعلق پنهنجا تاثرات جيڪي ”اڄ پڻ اکڙين سڄڻ پنهنجا ساريا“ جي عنوان تحت نئين زندگيءَ ۾ ڇپيل مضمون ۾ قلمبند ڪيا آهن اهو مضمون به شامل ڪيو اٿم.

گرامي صاحب مرحوم اسان جو پاڙيسري ۽ عزت ڀريو شخص هو. اسان سان سندس تعلقات تمام پراڻا ۽ پنهنجائپ وارا هئا. هيءَ ڳالهه به واضح ڪرڻ ضروري آهي ته ميهڙ تعلقي جا سمورا طرم خان اسان جي اوطاق تي ايندا هئا. مگر بابا سائين ڪڏهن به ڪنهن جي اوطاق تي نه ويو هو. ڳالهه جو مطلب ته محترم گرامي صاحب جا ۽ سندس مائٽن مٽن جا جهيڳڙا ۽ ٻيا گهڻا ڪم بابا سائين حل ڪندو ۽ حل ڪرائي ڏيندو هو. ٿي سگهي ٿو ڪو ڪم نه ٿيو هجي ۽ محترم گرامي صاحب کي رنجش رهي هجي. هي سموريون غلط شيون بابا سائين جي وفات کان پوءِ ٿيون آهن. سندس حياتي ۾ مولانا گرامي ته ڇا ڪو وڏي ۾ وڏو ماڻهو به ٽڪر ڪرڻ جي جسارت جي لائق نه هو. گرامي صاحب محسوس ڪيو ته رئيس صاحب ته هاڻي نه رهيو آهي، باقي اسان ۾ ڪيس اهڙي ٿوم نظر ئي نه آئي تنهن ڪري ان قسم جي تصحيح ۽ ترميم ڪري ڇڏيائين. بهرحال مرحوم کي الله تعاليٰ بخشي جنت ۾ جاءِ عطا ڪري. آخر هو به ته هڪ انسان هو ۽ غلطي انسان کان ئي سرزد ٿيندي آهي. هر ماڻهو پاڻ کي پوري دنيا کان وڌيڪ عقلمند سمجهندو آهي، ٿي سگهي ٿو گرامي صاحب به اهڙي جذبه تحت بلبل جي ڪلام جي تصحيح ۽ ترميم ڪري اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هجي ته هو بلبل جي ڪلام کي به درست ڪرڻ جي لياقت رکي ٿو ۽ پنهنجي اهڙي دعويٰ کي ثابت ڪرڻ لاءِ غلط لفظ ڇڏي ڏنائين جيئن ماڻهو سمجهن ته بلبل کي شاعري ايندي ئي ڪونه هئي.

هيءُ سڀ ڳالهيون لکڻ نهايت ضروري سمجهي لکيون اٿم جو مون کان پوءِ انهيءَ ڳالهه جو ڪوبه شاهد يا ڄاڻڻ وارو نه رهندو ته ”ديوان بلبل“ سان ڪهڙا کلور ڪيا ويا آهن. مون وٽ ديوان بلبل جا اصل ڇاپا مختلف وقتن تي شايع ٿيل موجود آهن. انهن کي پيٽبو ته هڪ صحيح ڪاپي نهي پوندي. ڪلامِ بلبل سان به ساڳي ڪارروائي ٿيل آهي. سنڌي پريس ۾ گرامي صاحب جي هن غير مناسب عمل تي جا ڇتي تنقيد ٿي هئي اهو زمانو 1970ع کان 1984ع وارو هو. هن ڳالهه کي اٽڪل 40 سال گذري ويا آهن ۽ هي

قصو، قصہ پارينہ ٿي چڪو آهي. جيڪڏهن آءٌ اهڙي نشاندهي نہ ڪري ويندس تہ ڄاڻي واڻي غلط ڪيل ڪلام حضرت بلبل سان منسوب ٿي ويندو ۽ هر ڪو ان کي حضرت بلبل جو ڪلام ئي سمجهندو ان ڪري هيءَ لکت نہ چاهيندي بہ مون کي لکڻي پئي آهي.

هن تحرير ۾ مون سنڌ جي برک ۽ ممتاز اهل قلم حضرات جا شاهڪار مضامين هڪ هنڌ جمع ڪري قارئين اڳيان پيش ڪيا آهن، انهيءَ اميد سان تہ حضرت بلبل متعلق سمورو مواد محفوظ بہ ٿي ويندو ۽ اهلِ قلم حضرات لاءِ بہ آساني ٿيندي. اميد تہ اهڙو ئي هڪ ٻيو ڪتاب بہ مهيني ٻن اندر اهل علم حضرات لاءِ پيش ڪيو ويندو جنهن جا مضامين اردو زبان ۾ حضرت بلبل تي لکيل آهن. اميد اٿم تہ اهلِ علم ۽ اهلِ قلم حضرات هن سلسلي ۾ منهنجي هر طرح جي رهنمائي ڪندا تہ احسانمند رهندس.

شمس ابن ضيا ابن بلبل



حضرت بلبل ۽ سندس فرزند ارجمند رئيس ضياءُ الدين ضيا، هي فوٽو ڪيرائڻ وقت حضرت بلبل جي عمر 60 سال هئي، اٽڪل ٽن سالن بعد يعني 63 سالن جي عمر ۾ حضرت بلبل وفات ڪئي. هن فوٽو کي نڪتي اٽڪل 100 سال گذري چڪا آهن پر پوشاڪ ۽ وضع قطع جو سليقو ۽ انداز ڏسو، اڄ جي زماني جهڙو پيو لڳي.



بلبل بنگلو ۾ لائبريري- احاطي واري پٽ تي ويٺل ڪاٻي ڪان- مرتب شمس الدين، سندس ننڍو ڀاءُ نظام الدين، وچون ڀاءُ صلاح الدين، بيٺل محمد فقير



مرحوم رئيس شمس الدين بلبل جي برپا ڪيل تعليمي اداري مدرسة السلام ميهڙ جي 1913ع جي تعليمي اسٽاف ۽ شاگردن جو گروپ فوٽو، سيپٽمبر جي پرچي ۾ اسان مرحوم رئيس بلبل بابت وڏيڪ مضمون ۽ فوٽا ڏيئي رهيا آهيون. نئين زندگيءَ جو اينڊڙ پرچو هن مخلص ۽ قومي همدرد جي ياد ۾ شايع ٿيندو. (هن تصوير لاءِ رئيس ضياءَ الدين ايس بلبل جا شڪرگذار آهيون)



مرحوم شمس الدين بلبل، سنڌي ٻوليءَ جو مشهور صحافي، اديب، شاعر، سنڌي ۾ مزاحيہ ۽ طنزيہ شاعريءَ جو موجد ۽ سنڌي صحافت ۾ پيشرو ۽ سنڌ جي تعليمي رهبر مرحوم حسن علي آفنديءَ جو دست راست هو.

# سنڌي ٽيون ڪتاب

ڇپائيندڙ:

**سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ**

پاران:

**ويسٽ پاڪستان ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، لاهور**

# ٽيون ڪتاب



شمس الدين ”بلبل“

# سبق ٽيٽيهون

## شمس الدين "بلبل"

مرحوم شمس الدين "بلبل" ضلعي دادوءَ جي ميهڙ شهر جو رهاڪو هو. هو هڪ وڏو شاعر ۽ مصنف هو. هن قوم جي سڌاري ۽ واڌاري جا ڪيترائي ڪم ڪيا. سنڌ جي مسلمانن جي مالي ۽ تعليمي حالت خراب ڏسي هن کي ڏاڍو ڏک ٿيندو هو. انهن جي سڌاري لاءِ هن ايترا ڪم ڪيا جو هو هڪ وڏو ليڊر ليکجڻ ۾ آيو.

هن مسلمانن ۾ تعليم جي شوق جاڳائڻ لاءِ هڪ ڪتاب "مسلمان ۽ تعليم" نالي ڇپائي مفت ورهايو. انهيءَ ڪتاب پڙهڻ ڪري مسلمانن ۾ گهڻو سڌارو آيو. ان ڪانسواءِ "هلال احمر" هلچل کي به سنڌ ۾ زور وٺايائين. مسلم ايڊيوڪيشن ڪانفرنس ۾ هڪ ٺهراءُ پاس ڪرائي اسڪولن ۾ فارسي ٻولي پڙهائڻ جو فيصلو ڪرايائين. مسلمانن جون ملڪيتون، جي وياج خور هضم ڪندا ٿي ويا، تن جي بچاءَ لاءِ اولاد کي زمينون وقف ڪرڻ جو قانون پاس ڪرايائين.

ان وقت نوڪرين ۾ هندو گهڻا هوندا هئا، مسلمانن کي نوڪريون ملنديون ئي ڪين هيون. هن مسلمانن کي نوڪرين ۾ پوري حق وٺي ڏيڻ لاءِ ڏاڍي ڪوشش ڪئي. مطلب ته مرحوم بلبل جي سڄي حياتي مسلمانن جي سڌاري ۾ گذري. هن جو جنم سن 1857ع ۾ ٿيو ۽ سال 1919ع ۾ وفات ڪيائين. وفات وقت سندس عمر 62 سال هئي. شال اسان سڀني کي ڌڻي تعاليٰ قوم جي خدمت ڪرڻ جي طاقت ۽ همت ڏئي!

### مشق

1. مرحوم بلبل ڪٿي جو وينل هو؟
2. هن مسلمانن جي سڌاري جا ڪهڙا ڪم ڪيا؟
3. مرحوم بلبل ڪهڙي سال ۾ وفات ڪئي؟
4. هيٺيان جملا درست ڪريو:

1. ڪالهه آءٌ اسڪول ويو آهيان.
2. سپاڻي سوير آيس.
3. هي ٽالهيون صفا آهي.
4. توهين ڪڏهن موٽي ايندين؟
5. هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو:

مصنف-مرحوم -وفات-وياج خور-هضم

(نوٽ: هي سبق لاهور جي ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ قائم رکيو جن کي اسين متعصب پنجابي جي نالي سان ياد ڪريون ٿا ۽ سنڌ جي سنڌي سڀاجهڙن انهيءَ سبق کي غير ضروري ڄاڻي ڪڍي ڇڏيو. سندن شان ۾ ڪجهه لکڻ جي ضرورت ڪانهي، سنڌي ۾ چوڻي آهي "ٿڻونءَ کي ٽارو تازيءَ کي اشارو."

شمس ابن ضيا ابن بلبل)



رئيس شمس الدين بلبل جي هڪ يادگار تصوير

## مرتب جا مختلف فوٽو



ميٽرڪ واري دؤر جي تصوير



ميٽرڪ جي زماني کان اڳ جي تصوير



بي.ايس.سي جي دؤر جي تصوير



انٽر جي زماني جي تصوير

# ميھڙ شھر لاءِ ھڪ بزرگ ھستي جي دعا

(ڊاڪٽر حاجي غازي عبدالرسول ابڙو ساڪن ميھڙ)

ميھڙ منھنجي منڙي ملڪن ۾ مشھور     پيدا ڪيو جنھن پرت سان بلبل ذي شعور
ميندي پڻ ھن ملڪ جي ھاڪاري حنا     لايو سجايو سڀ جو توڙي ڏيھان ڏور
ڪريان نہ مٽ مليرڪي مرھوءِ مارئي ماڳ     ھت واري پئي واڪا ڪري ھت مھراڻ آ مخمور
پڪي لڪي پرڏيھہ جا سڀ مڙيو ميڙاڪا ڪن     ماءُ ماھي موڪ منجر ماڻين ٿي مشڪور
پبڻ پاپوڙا ڪنول ڪليون بھہ ڪنيپل واڪاڻ     جل جڪ لوڙھہ پن ٻورائي ڪم ٿيا پرپور
ڪاريون پوريون چوڙ ڪنديون ڪير ٽڻين تمتار     ٿھلن رنين ريجھہ سان ڪڍڻ مٿي پڻ ڪور
سڳداسي سونھري سڳڏائين سنسار     چانور سي چوڪا ڏسي ھتيا ھاري حقدارن سور

البت اڄ ڪلھہ آھہ ميھڙ سو ماتائي ۾
اڳوٽي تا اوج جا پل پل پونس پور

ھارين ھاج ھٿئون وئي نڪا برڪت آ منجھہ پاڻ     سم سڏا سيلا ڪيا پيا ولھا ٿين وھلور
محبت منجھان ماڻھيئن وئي سچائي ساڻ     ڪپت قھري ڪست مان ڪيڏا ڪيا تہ ڪلور
نگري نراسائي ٿي اڪڙيا پير اميد     مزور توڙي مالدار سڀ فنا منجھہ فتور
فضا غذا غليظ ٿي منجھي پئي ميھڙ     اونداھي انڌير ڪيو نچوڙيائين نور

مڙس نہ ٿين مايوس ڪن ڪانئر تا اي پر
ڪنج ٻاھون ٻڌ سندرو غازي ٿي غيور

مست مثل منصور جي ٿي اچو منجھہ ميدان     مچائي ميمبرن ڪي شھر ڪيو مسرور
شھبازن جا ٻچڙا اعليٰ ڪيو پرواز     بازن جون بازون نہ ٿين اڏڻ ڪان مجبور
ڊريو ڍُٽي پارڪ سان سونھن وڌايو سرس     گند مٽي جي ڍير ڪي ڪريو چڪنا چور
ترڪيو تالاب ڪي صاف ڪيو رستا     بجلي ڪسي جاري ڪري شھر ڪيو پرنور
لا تقنطو من رحمت الله اجھو آس وندن     ڪين چڏيندو ڪارٽي ھادي ھوت حضور
مردم خيز مٽي چوي ميھڙ جي تہ مدام     پاڪ ڪيو گھر پانھنجو مغز ٿيو مخمور
ابڙاڻن جا ابڙا سڻ ساڙيھہ جو سڏ     ميھڙ جي مندن ڪي جن ڪيو معذور
فائق فورٽ پاڪستان جا، غازي عبدالرسول     مھاجر انصار جي دوئي ڪريو دوُر
ھمت مردان مدد خدا ياد ڪيو يارو     ضيا• فشان ٿيو زور سان تجلي ھٽي جيئن طور
دائم رھي دوستن جي قائم سا تہ ڪلب★     مھتاب ٿئي ميھڙ جي- جا مالڪ ڪي منظور
سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار     ميھڙ تي پڻ مھر ڪري ڏڪ ڪرين ڪافور

مدد علي شاھہ جي ميھڙ ڪي مدام
مر مرڪن منار سي جن موڪيو ھي منشور

★ ڪلب = ميھڙ ڪلب طرف اشارو     • ضيا = حضرت ضياءُ الدين طرف اشارو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فرياد ميهڙ

از ڊاڪٽر حاجي عبدالرسول خان غازي ابڙو ساڪن ميهڙ

سنڌ جا محافظ سڀ سڏائن — ميهڙ جا محافظ ڪير؟
مڙس★ ميهڙ مان مري ويا — پراون• پاتا پير
موڙيائون مير♦ کي — ڪري وڏا ڦند ڦير
بزدل ڪيائون باقين کي — ڏئي سور سختيون سئو پير
جو ديري، گڏهه رکپال — چڪر ڏين چوڦير
جواري پنگي چرسي — ڪن گهٽين ۾ پيا گير
چتر چغل چاپلوس — سلامي شام صبح سوير
گرگ مير وَ سگ وزير — سڀ لالچي لٽير
پيٽ پالڻ لاءِ پنهنجي — وڃي ڳيجهو ٿيا ته ڳهير
توري لالچ لوڀ تي — وڌائون وطن سان وير
هاج ڏنائون هٿن ۾ — جيڪي جيلي جوڪا جهٽير
غيرت جن ضمير جي — سي گهريا نه انهي گهير
پنهنجا منهن موڙي ويا — ڏاڍا ڏک ڏين ٿا ڏير
زندگي سڄي زهر ڪيائون — آٽي اوندهه انڌ انڌير
معزز مهمانو ملاحظ ڪيو — ڏسو گند مٽي جا ڍير
اچي بانس بدبو بڇڙي — وڃن حواس ڦري هر وير
دريو پارڪ ڍهي ويو — پڳا پُٽي پارڪ جا پير
قاصائي ٿا قهر ڪن — تي وئي اتن اهڙي هير
ڪراڙيون جهڪون رڊون پائي — ڏيئي چرين کي چير
هڏا گڏي چچڙا — ڪسا تورن سير
شي نه ڪاڏي جي سٽي ملي — چڙٻون ڏين چپير
هٿ ٻڌي پنهنجي حاڪم جي — اڳيان بيهن جيئن ٻتلير
منتي آهي ميهڙ تڏهين — جڏهن غالب ٿيا آهن غير
ڪچون نه ڪات پئون — ڪريون سئو ستين (107) جا سير
موتي مالڪ ٿيون ماڳ جا — ڪيون خوشيون ۽ خير
غيرت ايندي شل غريبن کي — توڙيندا غلامي جا نير
جي اتن محبت ملڪ جي — وٽندا اباڻن جا اير
همت ڪيو پنهنجي — هٿئون ٻبرن گهرڻا آهن ٻير
قادر قائم ڪندو ڪلب ڪي — دائم دوست ٿين دلير
ميهڙ جا محافظ ميهڙ ئي ٿيندا — پيا نه ٿيندا ڪير
جاڻ ساماٽم شير — لهندا غم "غازي" چوي.

★ شمس الدين بلبل طرف اشارو • سيد علي اڪبر شاهه صاحب طرف اشارو ♦ ميهڙ جي پسگردائين جا سياستدان

# مقدمه

## ديوان بلبل (ڇاپو_سال_1969ع_ايڊٽ ڪيل=گرامي
## مرحوم رئيس ضياء الدين صاحب، ”ضيا“، ايس. بلبل، ميھڙ

سنڌ جي مشهور اديب ۽ اهل قلم، شاعر شيرين بيان ۽ نڪته سنج و نڪته دان، مرحوم ”بلبل“ جا سنڌي ادب ۽ شعر و شاعريءَ جي خدمت ڪئي آهي، ان جو اعتراف، هر مڪتب فڪر جي پاران دل کولي ڪيو ويو آهي.

”بلبل“ مرحوم جو دؤر، 18 صدي جي پڇاڙي ۽ 19 صديءَ جي اوائل جو دؤر آهي. پاڻ1857ع ۾ پيدا ٿيا 1919ع ۾ وفات ڪيائون. اهو دؤر سياسي ۽ سماجي خيال کان مسلمان قوم جي حيات نو ۽ جدوجهد جي سلسلي ۾ نازڪ ۽ تاريخي دؤر هو. مرحوم بلبل، پنهنجي قلم سان ان دؤر ۾ جنهن جدت آفرين ۽ ندرت آميز، اسلوب ۽ پيرايہ بيان ۾ نڪته سنجي ڪئي آهي، اها هڪ تاريخي خدمت بنجي چڪي آهي.

مرحوم بلبل جي تاليفات کي شايع ٿئي، لڳ ڀڳ مني صدي گذري چڪي آهي. اڄ زماني جي رفتار ٻي ٿي چڪي آهي، پر بلبل جي فن جي افاديت ۽ اهميت، اڄ بہ اهڙي تازي نظر اچي رهي آهي، جو ائين پيو محسوس ٿئي تہ ڄڻ هن دؤر جي ترجماني ڪئي وئي آهي.

بلبل جا سڀ ڪتاب، پراڻي دؤر جي فن طباعت ۾ شايع ٿيا هئا، جن مان ڪي ليٿو ۾ آهن تہ ڪي ٽائيپ ۾ آهن، ظاهر آهي تہ اڄ کان پنجاهہ-سَٺ سال اڳ ان فن بہ نئين تجربي ۾ وک وڌائي هئي. نتيجو اهو نڪتو آهي، جو ڇپائيءَ جي سونهن، توڙي مواد جي صحت جو اهڙو قابل قدر مثال موجود ٿي نہ سگهيو آهي.

بلبل مرحوم جا ڪتاب بہ ڇپائيءَ جي سلسلي ۾ چند ٽائيپ وارن کان سواءِ، غلطين جو شڪار رهندا آيا آهن ۽ اڪثر ڪري ڪمياب، بلڪہ ناياب ٿي چڪا آهن. مون ڪتابن جي ٻيهر اشاعت جي سلسلي ۾، ”سنڌي ادبي بورڊ“ کي پيشڪش ڪئي. نهايت مسرت حاصل ٿي، جڏهن بورڊ پاران ڪتابن جي ڇپائي منظور ڪرڻ جي فيصلي کان مون کي آگاهہ ڪيو ويو.

گرامي صاحب، ”مهراڻ“ رسالي جي ادارت ۾ عديم الفرصت نظر آيو. وقت گذرندو ويو، اسان جي عجلت شعاريءَ، اسان کي وڌيڪ انتظار ڪاٽڻ کان ٽڪائي وڌو. نيٺ مون

پنهنجن پيين دوستن جي تعاون سان ”ديوان بلبل“ تيار ڪرايو. ان ۾ تشريحي وضاحت ۽ مقدمي جي اضافي ڪري، ضخامت جو سلسلو دراز ٿي ويو. جو في الحال شايع ٿيڻ کان رهجي ويو.

ان وچ ۾ جناب گرامي صاحب سان خط و ڪتابت جو سلسلو جاري رهيو.

مدت مديد جي انتظار کان پوءِ جناب محمد ابراهيم جويي صاحب کان اها خوشخبري ملي ته گرامي صاحب، ڪم کي شروع ڪيو آهي. بشارت کي غنيمت سمجهي، ان جي تڪميل تائين انتظار ڪندو رهيس. تان جو گرامي صاحب جو فرمائشي حڪم پهتو ته ديوان بلبل جو ڪم پورو ٿي چڪو آهي. ان لاءِ تعارف جا ٻه لفظ اوهان کي لکڻ گهرجن.

ان ڪانپوءِ منهنجا ”ٻه اکرا“ اهو مطالبو شروع ٿيو. مون معذرت ڪئي ته آءٌ جو ڪجھ ٻه لکندس، ان کي مبادا، ”پدرم سلطان بود“ جي طعن و تشنيع جو شڪار ٿيڻو پوي، پر گرامي صاحب جي حجت ۽ دليل اسان جي معذرت کي ناقابل قبول قرار ڏنو. گرامي صاحب چيو ته ”الولد سر الابيه“. ”بلبل“ تي ٻين گهڻن لکيو آهي ۽ گهڻو ڪجھ لکيو آهي. مناسب آهي ته اوهان جي قلم مان به ڪجھ لکيو وڃي ۽ شرط جي پوئواري ڪئي وڃي. لهٰذا، بسم الله ڪري لکڻ شروع ڪيم. اميد ته اهي ٻه اکر قبول پوندا.

مرحوم ”بلبل“ جي فن ۽ شخصيت تي سوچيندي، اقبال جو هي شعر برمحل نظر اچي ٿو. فرمائي ٿو:

*هزاروں سال نرگس اپنی بے نوری پہ روتی ہے،*
*بڑی مشکل سے ہوتا ہے، چمن میں دیده ور پیدا!*

ان شعر جي شرح، نه معلوم ناقدن ۽ شارحن ڪهڙي ڪئي آهي، پر منهنجي ناچيز سمجھ ۾ اقبال جو اهو اشارو، ”وليءَ، عاشق ۽ شاعر“ ڏانهن ٿيل آهي. ڇا لاءِ ته اهي ٽيئي مقدس هستيون، قوم لاءِ مثل ”روح، دل ۽ زبان“ جي آهن. يعني قوم جا اهي ٽيئي رئيس عضوا آهن. اهي ”حق“، ٻين لفظن ۾ ”حسن“ جا متلاشي، شناسا، جو بنده پابنده ۽ گوينده آهن. هو پرده غيب کي، ٽيلي اسڪوپ يا ٽيسٽ ٽيوب سان نه پر ذوق، ذڪاء، حس، ادراڪ ۽ ڪشف جي ذريعي، چاڪ ڪري، حقيقت جي تصوير کي هوبهو ڏسن ٿا ۽ ڏسي ڪري، ڪنن هوندي ٻوڙي ۽ اکين هوندي انڌي قوم اڳيان ان کي، عام فهم قول ۽ فعل، اشارات ۽ ڪنايات ۾ پيش ڪن ٿا ۽ اهريءَ طرح قوم جي مسئلن ۽ مشڪلاتن کي حل ڪرڻ لاءِ، قوم جي قدم قدم تي رهنمائي ڪن ٿا.

اهو به خيال ۾ رکڻ گهرجي ته نبوت، ولايت جو اعليٰ درجو آهي ۽ مجذوبيت، عشق

جو ادنيٰ درجو آهي. باقي رهيا سائنسدان ۽ فيلسوف جي پڻ حق کي ڳولڻ جي هام هڻن ٿا. جي دنيا جي اسٽيج تي مذڪوره بالا اعليٰ ڪردارن ۾ ائين آهن، جيئن مسخرو، جو ”هيرو“ جي هر هڪ حرڪت جي نقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري، سامعين جي خوش طبعيءَ جو سبب پيدا ڪندو آهي.

مولانا ظفر علي خان مرحوم جو هي شعر:

جو نقطہ وروں سے کھل نہ سکا، جو فلسفیوں سے حل نہ ہوا،
وہ راز اک کملی والے نے، بتلادیا چند اشاروں میں۔

مٿي عرض ڪيل فرق جي تصديق ۽ تائيد ڪري، ”ڪشف ۽ ادراڪ“ جي قوت کي مشاهدي ۽ منطق، دليل ۽ حجت تي فوقيت ڏئي ٿو.

جيڪڏهن غالب مرحوم:

عشق پر زور نہیں ہے یہ وہ آتش ہے غالب،
کہ لگائے نہ لگے اور بجھائے نہ بنے.

عشق جي بجاءِ، شعر جي باري ۾ چوي ها ته جيڪر درست هجي ها، چو ته شعر تي پڻ ڪوبہ زور ناهي.

جيڪڏهن عاشق لاءِ حافظ:

ہرگز نہ میرد، ان کہ دلش زندہ شد بہ عشق،
ثبتست، برجریدہ عالم، دوام ما.

چيو آهي، ته، شاعر کي وري، ”الشعراء تلاميذ الرحمان“ سان ياد شاد ڪيو ويو آهي.

اسان وٽ هڪ شاعر دلريش چيو آهي ته:

”شاعر پراين ٻڌل ڳالهين سان هرگز ٻڌل ناهي. بلڪ سچو شاعر ذاتي تجربات ۽ دلي جذبات کي قلمبند ڪندو ڪري ۽ قومي شاعر، قوم ۽ ملڪ جي ڏکن ۽ دردن جي ترجماني ڪندو ڪري، سو بہ جيسين قوم جي ڏکن ۽ دردن کي پنهنجو ڏک ۽ درد نہ سمجهندو، تيسين سندس ڪلام ۾ اثر جو پيدا ٿيڻ مشڪل ئي ناهي، پر هڪ محال امر آهي.“

اهو بلڪل صحيح، پر منهنجي ناچيز راءِ اجا بہ-تي ڏاڪا مٿي آهي. ذاتي تجربات ۽ دلي جذبات جو معاملو ڇا ڪشف ۽ ادراڪ تائين پهچڻ گهرجي. قوم جي ڏک جي ترجماني ڪندي ڇا خود قوم جي ڏک ۽ احساس جو مجسمو ٿيڻو ٿو پوي. شاعر قوم کان

جدا ڪا چيز ناهي، ”شاعر قوم آهي ۽ قوم شاعر آهي.“ ٻنهي ۾ هڪ قسم جو اتحاد ۽ عينيت ٿا پيدا ٿين. ايتريقدر جو:

تاکس نہ گوید بعد زین، من دیگرم تو دیگری!

ان طرح خوشي ۽ غم، ترقي ۽ تنزل به بيروني ۽ عارضي ڪيفيتون آهن، جن جي اصلاح ته ٻيا ماڻهو به ڪري سگهن ٿا، شاعر قوم جي انتهائي غرض ۽ غايت ڪي مدنظر رکي ٿو ۽ سندس ذهني ۽ جذباتي انقلاب سان دلچسپي رکي ٿو. عاشق فقط هڪ فرد کي محبوب ۽ مطلوب رکي ٿو، پر شاعر ساري قوم کي!

هن خيال کي مسز سروجني نائيڊو مولانا حاليءَ جي وفات جي ساليانې موقعي تي تقرير ڪندي، صاف لفظن ۾ ادا ڪيو آهي ته:

”حاليءَ کي قدرت طرفان، صحيح پيشنگوئي ڪرڻ جي صلاحيت عنايت ٿيل هئي ۽ هن جي ڪلام جي وڏي خوبي اها هئي، جو سندس ڪلام تمام سليس ۽ دلنشين انداز ۾ هو. سندس لفظ اهڙا ته آسان هئا، جي ٻهراڙيءَ جون زالون به آسانيءَ سان سمجهي سگهنديون هيون.“

اها آهي چند لفظن ۾ سچي شاعر جي سچي حقيقت. يعني حقيقت جو انڪشاف ڪرڻ ۽ عام فهم انداز ۾ بيان ڪري عمل جي جوش پيدا ڪرڻ جي قوت رکڻ. ٻهرئين ڪلام لاءِ ”ولايت“ ٻئي لاءِ ”علم“ ۽ ٽئين لاءِ ”عشق“ جي ضرورت آهي. شاهه لطيف ڇو اهڙو مقبول آهي؟ ڇو ته هو انهن ٽنهي خوبين جو مرڪب آهي. هو ”ولي“، ”عاشق“ ۽ ”شاعر“، ٽنهي جو جامع ۽ لطيف ”امتزاج“ هو. هو بيڪ وقت ولي به هو، ”شاعر“ به هو ۽ عاشق به هو.

هاڻي وري اهو سوال ٿو اٿي ته ”شاعر“ حقيقت جو انڪشاف عام ٻوليءَ ۾ ته ڪري ٿو، پر ان جو ”اظهار“ ڪهڙي مقصد سان هئڻ گهرجي؟ ان مسئلي تي اقبال جي هڪ شارح چيو آهي ته ”شاعري جذبات جي اظهار جو ذريعو آهي ۽ هوءَ انهن جي ترجماني پنهنجي مخصوص انداز ۾ ڪندي آهي. ان طرح شاعريءَ کي ان ڳالهه سان به واسطو ناهي ته جذبات جو اثر حيات انسانيءَ تي ڇا ٿيندو. اهو ئي سبب آهي جو شاعرانه طرز ادا ڪرڻ لاءِ نه ڪو مقصد آهي ۽ نه مصلحت. اسان ان تي ڪابه روڪ وجهي نٿا سگهون، سواءِ انهن جي جيڪي بندشون ”فن به تقاضائي فن“ هو پاڻ پنهنجي لاءِ تجويز ڪري.“

*(اقبال کا مطالعہ، مولف سید نذیر نیازي)*

متئين پيش ڪيل تاويل سان منهنجو اختلاف آهي، متئين نقاد اهو نظريو انگريزي شاعريءَ جي انهيءَ ٽوليءَ مان ورتو آهي، جن جو گويا تڪيه ڪلام ئي آهي ته ”فن براءِ فن“ هئڻ گهرجي ۽ فن پنهنجي لاءِ پاڻ ئي ”ماڻ“ آهي. فن جو موازنو، ڪنهن به ٻئي

معيار سان نہ ڪيو وڃي، يعني ان کي ڪنهن ٻي منزل مقصود جو ذريعو نہ ڄاڻڻ گهرجي. بلڪ هو پاڻ پنهنجي لاءِ منزل مقصود آهي.“

خوشيءَ جي ڳالهہ آهي جو خود انگريز اديبن مان ٿي ان گروهہ جي مخالفت جارج برنارڊشا جي اڳواڻيءَ هيٺ ٿي چڪي آهي. اهي بہ هاڻي اڳين راءِ تي نظرثاني ڪري رهيا آهن.

ظاهر آهي تہ جيڪڏهن ڪوبہ ”فن“ مگر حيات نہ آهي تہ پوءِ اهو ”فن“ ڪهڙي ڪم جو؟ اهڙي فن کي ”فن“ ڪيئن چئبو! ”فن“ جي منتها، تہ ”فن“ کان ٻاهر ڳولڻ گهرجي. رڳو ذريعي کي مقصد نہ قرار ڏيڻ گهرجي.

اوائلي يوناني فلسفي جي هڪ قول موجب، سموري ڪائنات جو ماڻ، پاڻ انسان آهي، هر فن جو قدر ضرور ان لحاظ سان ڪبو تہ انساني زندگيءَ تي ان جو ڪهڙو اثر ٿيو. جيڪڏهن ڪو فن انساني حيات کي سنواري درست ڪري قوي ۽ ذڪي ڪري ٿو تہ پوءِ اهو فن ڪامل چئبو، پر جي ان جو اثر زندگيءَ کي ڪيرائڻ، ناپاڪ ڪرڻ، ناس ڪرڻ، ڪمزور ڪرڻ ثابت ٿيندو تہ پوءِ اهو فن مردود ۽ ناقص شمار ڪرڻ گهرجي ۽ ان جو نالو ”فن“ نہ پر ”فتنو“ هئڻ گهرجي.

ان نقطئہ نظر سان شاعريءَ کي بہ محض ”اداءِ جذبات“ يا ”اظهارِ جمال“ يا ”انڪشافِ حقيقت“ تائين محدود نہ سمجهڻ گهرجي. بلڪ مذهب وانگر ان کي حيات انسانيءَ جي تمام طرفن ۾ گهرائين تي طاري سمجهڻ گهرجي ۽ ان کي زندگيءَ جي معنيٰ ۽ منزل جي حس ۾ ادراڪ پيدا ڪرڻ ۾ شعور حاصل ڪرڻ جو اوزار تصور ڪرڻ گهرجي. بس اهوئي شاعريءَ جو ڪمال آهي، جنهن کي ”رومي“: ”جزوبست از پيغمبري“ سان ياد ڪرڻ فرمايو آهي ۽ علامہ اقبال ان کي ”تنقيد حيات“ سڏيو آهي. ان لاءِ ئي آيو آهي. ”اِن مِن الشعر الحکمۃَ.

اهوئي سبب آهي جو شاعر کي رڳو فني ڪمال جي اعتبار سان يا پبلڪ جي فقط ڪن خاص حصن تي اثر وجهڻ جي لحاظ سان نہ توريو، چو تہ مصلح ۽ مضر ٻنهي قسمن جي شاعري مقبول ٿي سگهي ٿي. اهڙي شاعري بہ موجود آهي جا قوم ۾ ڪاهليءَ، عياشيءَ ۽ تباهيءَ جا درياءَ وهائي، انساني زندگيءَ کي پست ۽ تباهہ ڪري ڇڏي ٿي ۽ اصل مقصد ۽ غرض ۽ غايت کان هٽائي ۽ برغلائي ڇڏي ٿي.

ٿورن لفطن ۾ اگر چئجي تہ پوءِ ائين ٿي چئي سگهجي ٿو تہ شاعريءَ لاءِ معيار اهو ٿي سگهي ٿو تہ ڏسڻ ۽ پرکڻ گهرجي تہ ان انسانذات جي غرض ۽ غايت کي ڪيتري قدر واضح ڪيو ۽ ان کي حاصل ڪرڻ ۾ ڪيتري مدد ڏني. ان طرح قومي شاعري ان جي انهيءَ حصي کي چئبو جا ڪنهن خاص قوم سان يا خاص وطن سان تعلق رکندڙ هجي.

ان سلسلي ۾ ڪوبہ فڪر ڪرڻ نہ گهرجي، جيڪڏهن اڄ قوم جو شيرازو وکري ويو

آهي ۽ قوم جا رئيس عضوا شل ۽ لاغر ٿي ويا آهن تہ پوءِ بيشڪ مٿيون ذڪر ڪيل ٽيئي زبردست شخصيتون، هن زماني جي برڪت چئجي يا حرڪت چئجي، فورڊ جي موٽرن وانگر ڪثرت ۾ پيدا ٿيون آهن، جي پنهنجو قدر ۽ قيمت بہ وڃائي چڪيون آهن، پر اهي سڀ عارضي لغزشون سمجهڻ گهرجن، جن کي اصلوڪي منصب ۽ مقصد جي تڪذيب ۾ نہ شمار ڪرڻ گهرجي نہ ڪو مايوس ٿيڻ گهرجي. ضرورت فقط اها آهي تہ شاعريءَ جي اعليٰ مقصد کي دوباره نظر ۾ آڻڻ گهرجي. ان جي صحيح مثالن کي مطالعو ڪرڻ گهرجي ۽ اهڙن شاعرن جي جذبات، حالات ۽ خيالات کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. اهڙن شاعرن جي ڪلام ۽ پيغام کي پنهنجي دؤر ۾ مشعل راهہ بنائڻ گهرجي.

ايتري تمهيد ڪانپوءِ آءٌ هت هڪ اهڙي شاعر جو ذڪر ڪندس جو زور مس، يعني محض علمي قابليت ۽ مشق سان نہ پر قدرتي طرح سان شاعراڻو ملڪو حاصل ڪري پيدا ٿيو هو، جو سنڌ جي ادبي گلستان جو "بلبل" هزار داستان هيو. جنهن جي زندگي، سچ پچ "گل ۽ بلبل" جي قصي وانگر گذري چڪي آهي. جنهن جي حياتيءَ جون پويون گهڙيون بہ ساز ۽ سخن جي جهوليءَ ۾ گذريون. جنهن کي سنڌ جي محقق ناقدن، پير حسام الدين راشدي، مرحوم "بسمل"، مرحوم حاجي خادم، سيد علي اڪبر شاهہ، مولانا گرامي صاحب، خليل صاحب، سنڌ جو سعدي، حالي ۽ اڪبر الهہ آبادي قرار ڏنو آهي. جنهن جي صدا، "صداءِ قوم" هئي. جنهن اڄ جي سياسي، اخلاقي، ذهني ۽ ديني خرابين جو احوال ۽ انهن جو علاج پنجاهہ سال اڳ قلمبند ڪيو آهي. جنهن جي شعر و شاعري مٿي ذڪر ڪيل معيار موجب بلڪل پوري آهي. اهو بہ ياد رهي تہ جو ڪجهہ مان چئي رهيو آهيان، سو رڳو فرزندانہ محبت ۽ جذبئہ عقيدت جي پيداوار ناهي، اگرچہ منهنجي عمر ۽ تجربي، علم ۽ مطالع وارو ڪوبہ فلسفي جو شاگرد هن معاملي ۾ ذاتيات کي بالاءِ طاق رکي، منصف مزاجيءَ سان مون وانگر ئي راءِ زني ڪري ٿي سگهيو، ان هوندي بہ ڪوهن ۽ ماڻهن جا وات ڪنهن بہ بند نہ ڪيا آهن. تنهنڪري "پدرم سلطان بود" جي طعني کان بچڻ لاءِ مون مٿيون طريقو، لامحالہ اختيار ڪيو آهي ۽ ٻين محققن جي خيالن ۽ راين ڏانهن اشارو ڪيو اٿم.

اها بہ هڪ عجب جهڙي حقيقت آهي تہ سنڌ جو مايہ ناز نڪتہ سنج ۽ شاعر شيرين بيان مرحوم "بلبل" نہ ڪنهن مشهور تعليمي درسگاهہ جو سَنَد يافتہ هو ۽ نہ ڪنهن جيد ۽ قادر الڪلام شاعر وٽان شاعري سکيو هو.

مرحوم "بلبل" ميهڙ جهڙي مردم خيز سرزمين ۾ پيدا ٿيو ۽ اتي جي ننڍن مڪتبن ۾ ان زماني جو مروج درس سنڌي، فارسي ۽ عربي پڙهيو هو، پر پوءِ ڪتابن جي محدود دنيا کان جلدي بيزار ٿي هن دنيا جي جامع جذبات ۽ احساسات جو درس حاصل ڪيائين

۽ ڪائنات جي ڪتاب جي ورق گرداني شروع ڪيائين. مرحوم ”بلبل“ اهو علمي سفر، پنهنجي خداداد ذهن ۽ ذڪاءَ جي ذريعي سالن جو مهينن ۾ ۽ مهينن جو ڏينهن ۾ پورو ڪيو.

مرحوم ”بلبل“ ان جي ابتدا 1872ع ۾ انجنيئري کاتي ۾ داروغپ جهڙي ننڍڙي ملازمت ۽ مشغوليءَ سان ڪئي، پر سرڪاري لٺ نوڪريءَ جي پابندي، ”بلبل آزاد“ کي گويا بوساڻ لڳي. سندس انتهائي قابليت، سليقه شعاري، ڪلام جي فصاحت ۽ طبعي خوش ذوقي، اديبانه ۽ شاعرانه بود و باش کي ڏسي، هڪ انگريز انجنيئر ڪيس سجاڻي ورتو ۽ ساڻس دوستي ۽ آشنائي پيدا ڪري، ڪيس قديم زماني جو هڪ قيمتي شاهنامه فردوسي تحفي طور ڏئي گويا مرحوم جي علمي سمندر ذوق تي تازيانه هنيائين. اهو نسخو اڄ دهليءَ جي عجائب گهر ۾ مرحوم حامد علي ڪليڪٽر جي معرفت مرحوم ”بلبل“ جي نالي عطيه طور موجود ۽ محفوظ آهي.

جڏهن ميهڙ جهڙو ننڍو شهر مرحوم ”بلبل“ جي علمي ۽ ادبي قابليت ۽ لياقت لاءِ پورو پئجي نه سگهيو، تڏهن مرحوم کي ڪراچيءَ جهڙي مرڪزي شهر ۽ ان جي علمي ۽ ادبي، ملڪي ۽ سماجي مرڪزيت ڪشش ڪري ڇڪي ورتو.

ميهڙ کان ٻاهر نڪرڻ جو هڪ ٻيو به ظاهري سبب هو، مرحوم ”بلبل“ پنهنجي خاندان ۾ ننڍي ۾ ننڍو ڇوٽون پاءُ هو، سندس ڀيا تي پائر زمينداريءَ جي ڪمن ۾ مصروف هئا ۽ زمينداريءَ سان گڏ راڄن جا چڱا مڙس به هئا. مگر ”بلبل“ جو رڳو مطالعي ۽ علمي مشغلن ۾ محو رهندو هو. تنهن ڪري رئيسيءَ ۽ زمينداريءَ سان ڪابه دلي وابستگي پيدا نه ٿي. جسماني ۽ ذهني بار کي جيئن ته برداشت ڪري نٿي سگهيو، تنهن ڪري لازمي طور سارو بار سندس پائرن تي پيو. زمينداريءَ جي ڪک ڪنڊڙ ڪاروبار، راڄن جي نبيري، نڪيڙيءَ جي روز مره واري ڪلڪل ۽ پَٽ سٽ کان آجي ٿيڻ لاءِ ميهڙ کان ٻاهر نڪري آزاديءَ جي عالم ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ تياري ڪيائين. ۽ پنهنجي ئي شعر تي عمل ڪيائين، جنهن ۾ چيو اٿس:

”دنيا سندا تماشا، گهر کان نڪر ته ڏسندين“

سندس ان فيصلي ۽ ارادي اڳتي هلي ڪيس سنڌ جو محبوب شاعر ۽ مقبول اڳواڻ بنايو.

آخرڪار مرحوم ”بلبل“ 1889ع ۾ ڪراچيءَ پهتو، سنڌ جي سر سيد، مرحوم خانبهادر حسن علي آفنديءَ جي جوهر شناس نگاهه، مرحوم ”بلبل“ کي سجاڻي ورتو ۽ ڪيس پنهنجي سياسي، سماجي، علمي ۽ تعليمي تحريڪ کي زور وٺائڻ لاءِ پنهنجو دوست، رفيق، معاون ۽ دست راست ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. بقول مولانا گرامي:

”مرحوم بلبل جي سچي حياتي، مرحوم حاليءَ جي لائيف وانگر هئي. سر سيد مرحوم جي راهه ۾ جو سنگ گران حائل رهيو، تنهن کي مولانا حاليءَ پنهنجي شعر ۽ بيان سان درر ڪيو. قدامت پرستي، شخصيت پرستي، تنگ دلي ۽ بد رسومات جي مذمت ڪري سر سيد جي ڪم لاءِ ميدان صاف ڪيائين، تيئن مرحوم ”بلبل“ ان وقت ۾ سنڌ محمدن ائسوسيئيشن جي پاران، معاون اخبار جي چارج سنڌ جي سر سيد جي ايماء ۽ اشاري تي ورتي ۽ چارج وٺندي ئي مرحوم حاليءَ وارو ڪم شروع ڪيائين. سندس پرزور ۽ پرجوش ظريفانه ۽ فلسفيانه، رنگين ۽ دلنشين مضمونن ۽ شعرن کي پڙهي، سنڌ جا ماڻهو حيران رهجي ويندا هئا. آخرڪار سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سندس تنقيدي خيالات ۽ تعميري جذبات جو بي پناهه آثر پيدا ٿيو. مرحوم ”بلبل“ تعليم جهڙي خشڪ مضمون کي دلچسپ بنائڻ لاءِ اهڙا ته عمدا، رنگين ۽ مدلل مضمون لکيا جي اج به قابل غور آهن. سنڌي زبان کي پنهنجي ظريفانه رنگ سان اهڙو ته شيرين ۽ نمڪين ڪيائين، جو ان جو اثر جادوءَ وانگر ٿيڻ شروع ٿيو. سندس ظريفانه اشعار، لطائف ۽ ظرائف، قلمي نوڪ جهوڪ، ندرت آميز تحرير جي سببان هر هنڌ ”بلبل بلبل“ جي وائي وات هئي. اديبن ۽ شاعرن، سياستدانن ۽ قومي ڪارڪنن، ميرن ۽ پيرن، حاڪمن ۽ وزيرن وٽ سندس قابليت ۽ صلابت راءِ جو چرچو ٿي ويو. مرحوم بلبل، مذاق ۽ ظرافت سان مرحوم آفنديءَ لاءِ ائين ميدان هموار ڪيو جيئن حالي مرحوم روئڻ ۽ روئارڻ، تنبيهه ۽ نااميديءَ سان مسدس لکي مس مس پيدا ڪري سگهيو هو.“

بيشڪ مولانا گرامي صاحب جو مٿيون تجزيو، بلبل جي طريقيڪار جي بلڪل صحيح تصوير آهي.

سندس تعريف ۾ ڪن وقتن تي خود مرحوم آفنديءَ جي واتان هي لفظ نڪرندا هئا، چوندو هو: ”مون کي عجب آهي ته اهڙو انسان، ميهڙ جهڙي ننڍڙي شهر ۾ ڪيئن پيدا ٿيو؟“

الغرض مرحوم آفنديءَ جي سيني ڪمن ۽ تحريڪن ۾ مرحوم بلبل سندس قلمي تعاون ڪندو آيو. دکن ايگريڪلچر رليف ايڪٽ جو سوال جڏهن مرحوم آفنديءَ هٿ ۾ کنيو تڏهن مرحوم بلبل سندس مشير خاص جي حيثيت سان رفيق ڪار رهيو.

ان طرح پوني جي ڪميشن، جڏهن آفندي مرحوم کي گهرايو تڏهن ڪاغذن تيار ڪرڻ جو بار مرحوم بلبل جي ذمه ڪيو ويو. مرحوم ”بلبل“ توري ئي عرصي ۾ سنڌ جي سيني آبادگارن جو احوال گهرايو ۽ ضلعي وار انگن اکرن سان يادداشتون تيار ڪيون، جن ۾ ڏکرين جي ذريعي آبادگارن جي زمين ۽ ملڪيت جي نيڪال جا انگ اکر گڏ ڪيل هئا. ان طرح قرضن ۾ جي وياج تي وياج هلندا هئا سي به بلبل مرحوم وڏي محنت سان

ڳڏ ڪيا. آخر مرحوم آفندي ڪيس پوني ڏانهن پاڻ سان ڳڏ وٺي ويو ۽ وقت بوقت ڪميشن اڳيان شاهدي ڏيندي بلبل ڪان نوٽ وٺندو رهيو. هن حيرت انگيز محنت ۽ انگن اکرن جي وسيع دنيا ۾ هر فقري کي حيرت انگيز حوالن سان مدلل ڏسي خود انگريز ميمبر بہ حيران رهجي ويا. آخرڪار "بلبل" جي ڪاوش نتيجي خيز ثابت ٿي، ڪميشن متاثر ٿي ۽ سنڌ سان اهو دکن ايگريڪلچر سٽ رليف ايڪٽ لاڳو ٿيو. جنهن جو فائدو، انگريزن جي دؤر ۾ ڪافي طرح سان مسلمانن حاصل ڪيو ۽ ملڪيتون بچايون. اڄ سوڏو سنڌ جا آبادگار سول ڪورٽن ۾ ان جو فائدو وٺي رهيا آهن. ان جي اهميت کان مسلمان وڪيل چڱيءَ طرح سان واقف آهن.

مرحوم بلبل کي سنڌ جي صحافت ۾ بہ اوليت جو شرف حاصل آهي. "بلبل" پهريون شخص هو، جنهن سنڌي ادب ۾ صحافت کي هڪ زنده ۽ اثرائتي فن جي حيثيت ۾ روشناس ڪرايو. اخبارون تہ هونءَ ٻيون بہ اڳي پوءِ جام نڪتيون، پر منجهن "بلبل" وارو دلپذيررنگ ۽ ڍنگ پيدا نہ ٿي سگهيو. مزاح ۽ مذاق، طنز ۽ ظرافت جي رنگيني ۽ چاشني، نيوز کان وٺي ويوز تائين قائم رکڻ، بلبل جو ڪم هو. ٻين کان ان جي تقليد ٿي نہ سگهي. جنهن اخبار ۾ سندس ڪو مضمون شايع ٿيندو هو، اها شهرت جي اعليٰ مقام تي پهچندي هئي. مرحوم بلبل جي مسيحا نفسيءَ سان ڪيئي مرده، اخبارون توڙي رسالا زنده ٿي پيا.

مدرسة الاسلام ڪراچي جو ماهوار رسالو "جامع العلوم" مولوي ميان محمد عثمان انورنگ زاده، معلم الفقہ (جنهن جي ديني تصنيفات خصوصاً تفسير "تنوير الايمان" سنڌ ۾ مشهور آهي) جي ادارت هيٺ نڪرندو هو. مگر اهو رسالو ڪن سببن ڪري مقبول ٿي نہ سگهيو. چناچہ ڪن اهل علم دوستن جي صلاح تي مسٽر وائينس، پرنسيپال مدرسة الاسلام، ان رسالي جون واڳون بلبل جي هٿ ۾ ڏنيون. نتيجو اهو ٿيو جو رسالي جي اشاعتءِ شهرت ۾ اضافو ٿيو. هونءَ بہ ان دؤر ۾ اهڙو ڪوبہ رسالو يا اخبار نہ شايع ٿيا هوندا جن متعلق ساڻس صلاح ۽ مشورو نہ ڪيو ويو هوندو، يا نالو نہ رکايو ويو هوندو يا افتتاح نہ ڪرايو ويو هوندو. نئين اخبار يا نئين رسالي جي شروعات بلبل جي مضمون يا نوٽ سان ڪرڻ سعادت جو نشان يا بسم اللہ سمجهي ويندي هئي.

مرحوم آفنديءَجي وفات کان پوءِ، مرحوم بلبل جي وڏي ڀاءُ رئيس پير بخش خان جي رحلت سبب ڪيس پنهنجي وطن ميهڙ ۾ امور خانہ داريءَ ۽ زمينات کي سنڀالڻ لاءِ مجبور ٿي موٽڻو پيو. هي اهو وقت هو جنهن ۾ سندس شناسائي جو سڪو سنڌ جي ڪنڊ ڪرڇ ۾ رائج هو.

ميهڙ ۾ رهندي، ڪيترين ئي اخبارن جي ايڊيٽري ڪيس آڇي وئي، پر پاڻ وطن کان

پاھر نہ نڪتو.

اول ھڪ ھندڪي اخبار ”ڪراچي گزيٽ“ جو ايڊيٽر ٿيو جا ھفتي ۾ ٻہ پيرا شايع ٿيندي ھئي، جنھن ۾ سندس ظريفانہ مضمون پوندا ھئا. وري ٻي اخبار ”خير خواھ“ لاڙڪاڻي جو چار سال ڪن ايڊيٽر رھيو. ان طرح حيدرآباد جي ھفتيوار ”مسافر“ جو پڻ ايڊيٽر ٿيو. ان ڪان پوءِ ”آفتاب“ سکر جو ايڊيٽر تا دم حيات رھيو. سکر جي اخبار ”الحق“ جي ادارت ڪان اول تہ انڪار ڪيائين، پر پوءِ آھستي آھستي ان اخبار جي ادارت بہ سندس ذمي ٿي ويئي.

مرحوم بلبل جي ان دؤر ڪيترا نوان نوان اھل قلم پيدا ڪيا، جن ڪانئس صحافت ۽ مقالا نگاريءَ جي تربيت حاصل ڪئي. سنڌ جو مشھور مورخ ۽ محقق جناب مولائي شيدائي بہ سندس تربيت يافتہ آھي، جنھن جي علمي ۽ قلمي صلاحيت ڪي مرحوم بلبل جي دور رس نگاھ تاڙي ورتو ھو، پاڻ ڪيس پيشنگوئي طور چيو ھئائين:

”مان ڏسان ٿو تہ تون اخباري دنيا ۾ چمڪندين.“

مرحوم ”بلبل“ جي تعليمي ۽ سماجي خدمات جو سلسلو پڻ وسيع آھي. تعليمي ڪانفرنسن ۾ شرڪت، پراثر تقريرون، نصاب جا درسي ڪتاب، ڪانفرنس جا ٺھراءَ، پمفليٽ، اخبارن جا مقالا، آفيسرن ڪي مشوره اھي سڀ اھي علمي ڪم آھن جي تاريخي حيثيت رکن ٿا.

1907ع ۾ جڏھن آل انڊيا محمدن ايجوڪيشنل ڪانفرنس ڪراچيءَ ۾ ٿي، تڏھن مسٽر ٽي.ايچ. وائينس، اسپيشل اسٽينڊنگ ڪاميٽيءَ جي سيڪريٽريءَ مسٽر اي.ايم.ڪي دھلوي خط لکي بلبل ڪان سنڌ جي مسلمانن جي تعليمي ضرورت متعلق رپورٽ حاصل ڪئي ۽ ڪيس دعوت ڏيئي اھا رپورٽ ڪانفرنس ۾ پيش ڪيائين. اھا رپورٽ اھڙي تہ مقبول ٿي جو سموري ريزوليشن جي صورت ۾ پيش ڪري پاس ڪئي وئي. ان جو ذڪر ڪانفرنس جي رپورٽ سال 1908ع مطبوعہ علي ڳڙھ جي 52 صفحي تي پڻ آيل آھي.

اسڪولن جي نصاب ۾ فارسي داخل ڪرائڻ جو ريزوليشن بہ مرحوم بلبل جي ڪتاب تان ورتل ھو. ان جو محرڪ خود ڪيس بنايو ويو ۽ نواب وقار الملڪ ۽ مولانا حاليءَ جي فرمائش تي پاڻ نھايت رنگين ۽ شيرين، فصيح ۽ بليغ فارسيءَ ۾ برمحل، برجستہ، مدلل ۽ پرزور تقرير ڪري ساري ڪانفرنس ڪي حيرت ۾ وجھي ڇڏيائين. ان تقرير جو داد، خود نواب وقار الملڪ ڏنو جو وقت جو صدر ھو. ان ريزوليشن جي تائيد بہ نواب وقار الملڪ ڪئي ھئي. اھو ٺھراءُ پاس ٿيو ۽ ان وقت ڪان وٺي فارسي نصاب اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ رائج ڪيو ويو. جو اڄ سوڌو موجود آھي. ان رپورٽ جو سمورو

مسودو بلبل صاحب جي ڪتاب ”مسلمان ۽ تعليم“ ۾ موجود آهي، جو سال 1918ع ۾ شايع ٿيو هو.

مرحوم ”بلبل“ جي نغمه ريزيءَ جي غلغلي ڏانهن نه فقط سنڌ ۽ هند جا علمي حلقا متوجهه ٿيا، پر ان سان گڏ سندس قدردانيءَ ۽ حوصله افزائيءَ جي سلسلي ۾ خيرپور ميرس جي رياست اهڙو حصو ورتو، جهڙو حيدرآباد دکن جي رياست هند جي عالمن جي سرپرستي ڪندي ورتو هو.

خيرپور جا علم دوست والي ۽ اهل علم فارسيدان ۽ شاعر به ”بلبل“ جي فن ۽ شخصيت جا مداح ۽ گرويده رهيا.

مرحوم ”بلبل“ سندن علمي ۽ سماجي خدمتن جي سلسلي ۾ جي فارسي قصيده پيش ڪيا، سي قابل ديد ۽ لائق تحسين آهن. انهن تي ڪيس معقول انعام پڻ عطا ٿيندو رهيو. سندس مجلس ۽ محفل ۾ ايراني شاعرن جي موجودگيءَ ۾ معرڪه آرائي ۽ نغمه سنجيءَ تي خود فارسي شاعر به داد ڏيندا هئا.

مرحوم ”بلبل“ پاڻ چوندو هو ته: ”افسوس! آءٌ اهڙي وقت ۾ پيدا ٿيس جو ڪوبه قدردان ڪونه آهي، ورنه تخيل جي بلندي اجا ڪجهه اور هجي ها!“

ياد رهي ته دربار خيرپور ان وقت سنڌ جي مسلمانن جي سياسي ۽ اخلاقي بيداريءَ لاءِ خاص مرڪز بڻجي چڪي هئي. ساريءَ سنڌ جي بهتريءَ جون تحريڪون اتي پيدا ٿينديون هيون ۽ پوءِ ساريءَ سنڌ ۾ عمل ۾ اينديون هيون.

هن رياست جي سياسي خدمت جي تاريخ ۾ ٽن وزيرن جا نالا قابل ذڪر آهن، جي آهن: شيخ صادق علي، سردار محمد يعقوب ۽ شيخ محمد ابراهيم. اهي سمورا مرحوم بلبل جا دوست هئا، جن سان مرحوم ”بلبل“ گڏجي، علمي ۽ ادبي، ملڪي ۽ سماجي خدمت جو دؤر گذاريو.

مرحوم ”بلبل“ جي تعليمي خدمات کان سندس وطن ميهڙ به مستفيض ٿيو. سندس برپا ڪيل هاءِ اسڪول اڄ تائين موجود آهي. مرحوم بلبل ڪيترن سرڪاري ۽ نيم سرڪاري ادارن، سماجي جماعتن جو ميمبر پڻ رهيو. 1917ع ۾ ڪيس آنريري بينچ مئجسٽريٽ جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو ۽ ڪمشنر جو درباري پڻ ٿيو. سندس شخصيت کان ڪمشنر نهايت متاثر رهيو. مسٽر لارينس، ڪمشنر سنڌ ڪيس هڪ خط ۾ لکيو:

”سرڪار محسوس ڪيو آهي ته اوهان مسلم قوم جا همدرد ۽ بهي خواه آهيو ۽ سنڌ جي مسلمانن جي سڌاري ۽ واڌاري بابت اوهان جيڪي رايا پيش ڪندا آهيو، سي اسان عزت واريءَ نگاهه سان ڏسندا آهيون.“

مرحوم ”بلبل“ جي قومي غيرت ۽ اسلامي حميت لاءِ ايترو چوڻ ڪافي ٿيندو ته

جڏهن مرحوم ”بلبل“ جي لکڻ تي مارچ 1913ع ۾ ”انجمن هلال احمر“ جو وفد ترڪيءَ لاءِ امداد حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ سيٺ حاجي عبدالله هارون جي سرڪردگيءَ ۾ ميهڙ ۾ آيو. تڏهن زميندارن ۽ آفيسرن جي موجودگيءَ ۾ سندس ڪيل ولوله انگيز تقرير جادوءَ جهڙو اثر ڪيو ۽ ترڪي فنڊ لاءِ رپين جا ڍير لڳي ويا. ايتري قدر جو هڪ صاحب نه بي اختيار تي پنهنجو ڪوٽ به لاهي ڏنو جو نيلام ڪري 125 رپين ۾ وڪيو ويو.

ان موقعي تي تقرير کان پوءِ مرحوم بلبل جيڪا في البديهه نظم پڙهي اها سندس هم عصر ماڻهن کي اڄ سوڌو ياد آهي. ان جا ٻه-ٽي شعر هن ريت آهن:

هنن جي خير مقدم ۾ اسان کي هيئن چوڻ گهرجي،
اجها هي زَر، اجهي زيور، اجهي هي گهر، اجهي هي سر.

ان هڪ شعر تي جو رقت انگيز نظارو پيدا ٿيو، جو ان جو حال وڏڙا اڄ به بيان ڪري رهيا آهن.

ان نظم جو مطلع هن ريت هو:

پلي آيا، پلي اي سر گروهه قوم، دين پرور،
مجاهد في سبيل الله، فائز في هلال احمر.
اوهان جي خاص خدمت آ، خدا جي راهه ۾، ورنه
ڪٽي بستان، ڪٽي ويران، ڪٽي بنگلا، ڪٽي هي بر!

اها پرجوش نظم، خاصي طويل آهي، جا هت نقل ڪرڻ جي گنجائش نه آهي.

”بلبل“ مرحوم باوجود علمي، ادبي، سياسي مشغولين جي ديندار، صوم وصلوة جو پابند، اهل سنه و الجماعت جو صادق الاعتقاد فرد، شرعي مسئلن جو ماهر، ديني مطالعي وارو، عالمن ۽ اديبن جو يار، پيرن ۽ فقيرن جو محب ۽ صحبتي، نقشبندي طريقي ۾ راسخ الايمان مريد، ذڪر و فڪر، غور ۽ سوز وارو پڪو مسلمان هو.

پاڻ پنهنجي مسجد ۾ اڪثر پنج ئي وقت امامت جا فرائض ادا ڪندو هو. سندس وضع قطع نهايت پاڪيزه، پرڪشش ۽ رعبدار هوندي هئي. لباس باوقار، شرعي سونهاري، ٻٽوان وار ۽ مٿي تي دستار ٻڌندو هو. هميشه دين جي عالمن سان تبادله خيالات ڪندو هو. سندس ديني ڪتابن جي بيش بها لائبريريءَ ۾ عربي، فارسي، اردو ۽ سنڌي ڪتابن جو وڏو ذخيرو هو. جنهن ۾ تفسير، حديث، فقه، تاريخ، تصوف، سيرت، سوانح، مناظره، فلسفه، عروض، لغت ۽ منطق تي وڏا وڏا مستند ڪتاب موجود هئا، جي سندس مطالعي ۾ رهندا هئا. اهوئي سبب آهي جو پاڻ عالمن جي گهڻي عزت ڪندا هئا.

اهل سنت و جماعت سان وابستگيءَ جو سندس اهو حال هو جو پنهنجي اولاد لاءِ

وصيت لکي ويو آهي ته، ”اگر ڪو فرد، ڪڏهن به سنت جماعت کان ٻاهر ٿي وڃي ته پوءِ ڪيس منهنجي ڇڏيل ملڪيت کان دستبردار ڪري، ساري ملڪيت وقف ڪئي وڃي.“

مطلب ته هند ۽ سنڌ ۾ شهرت يافته اديب، عالم ۽ شاعر ۽ بلند شخصيت جو مالڪ، اخبار نويس، اهل قلم، ميرن ۽ پيرن جي مجلسن ۽ محفلن جو مور، سياسي ۽ تعليمي اڳواڻ ٿي ڪري، دين جو هيترو قدر ڪري، نمازون پڙهي، امامت ڪرائي، دل ڪي قوم ۽ دين جي درد سان معمور رکي، اها سندس بي مثال وصف آهي، جا هن دؤر ۾ ڪنهن به وڏي ماڻهوءَ، سياستدان، تعليمي اڳواڻ، اديب ۽ شاعر، صحافي ۽ فاضل شخص ۾ مشڪل سان نظر ايندي.

جڏهن ڪيس ڪن دوستن، ملڪيت وڌائڻ لاءِ چيو تڏهن پنهنجي ڪتابن جي لائبريريءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيائين:”پنهنجي اولاد لاءِ هيءَ دولت گڏ ڪيو ٿو وڃان، جا لازوال آهي، مفيد آهي ۽ بي بها آهي!“

مرحوم ”بلبل“، پاڻ جي نقشبندي بزرگ، مخدوم نظام الدين رحہ صديقيءَ وٽ بيعت ڪيل هو. ان کان سواءِ ان دؤر جو وڏو عالم ۽ مجذوب مولانا ميان غلام محمد صاحب (جنهن کي ”ڏاڏو“ ڪري چئبو آهي)، وٽن رهندو هو، جنهن سان سندن روح رهاڻ رهندي هئي. ان طرح مولانا مجذوب جو ٻيو پاءُ، مولوي غلام نبي صاحب ۽ حافظ ڪمال الدين به سندس جليس ۽ رفيق رهيا.

قرآن ۽ حديث جي حقائق ۽ معارف تي سندس گهري نظر هئي. ان سلسلي ۾ پاڻ سر سيد احمد جي”غزاليءَ“ تي ڪيل تنقيد جو جواب پڻ لکيائين، اهو سارو دفتر اڄ به گرامي صاحب وٽ موجود آهي. اهو جواب، سر سيد احمد جي ڪتابن تي نهايت باريڪ خط ۾ لکيل آهي، جنهن جو قدر مطالعي کان پوءِ علم وارا لڳائي سگهن ٿا. ان جواب ۾ قرآن ۽ حديث مان اهڙا ته مدلل حوالا ڏنل آهن، جن کي هوند گڏ ڪري ڇپائجي، جن جي مطالعي سان سر سيد جي نيچريت جي ترديد ٿئي ٿي.

مرحوم بلبل جي مطالعي ۽ حافظي، دين ۽ ان جي تعليمات ۾ سمجهه ۽ فهم جو هڪڙو واقعو هن ريت آهي ته هڪ ڀيري پنجاب کان هڪڙا ٻه وڏا عالم پاڻ ۾ ڪنهن ديني مسئلي متعلق اختلاف ڪري وڙهي پنجاب جي عالمن کان پڇندي پڇائيندي اچي سنڌ ۾ نڪتا، سندن اختلافي مسئلو ڪافي عالمن سگهورن وٽ پيش ٿيو، پر ڪٿي به حل نه ٿيو. سنڌ ۾ اتر سنڌ کان هليا، لاڙڪاڻو ۽ سکر ضلعا لتاڙي، اتفاق سان اچي ميهڙ نڪتا. سندن بلبل مرحوم سان به ملاقات ٿي، حالي احوالي ٿيڻ تي عالمن سگهورن پنهنجو مسئلو بيان ڪيو. مرحوم بلبل ٻڌي غور ڪري آيت جي سياق ۽ سباق تي نظر وجهندي، هڪ اهڙو ته تعبير پيش ڪيو جنهن ان اختلافي مسئلي لاءِ هڪ سلجهيل راءِ

پيدا ڪئي. عالمن سڀورن جو شڪ شبهو دور ٿي ويو ۽ خوش ٿي ان غير متوقع جاءِ تان پنهنجو مقصد حاصل ڪري واپس وريا.

هڪ ڀيري رمضان شريف ۾ تراويحن پڙهائيندي حافظ کي هڪ هنڌ تاڪاڻو پيو جنهن ڪري پوئين آيتن کي ور ور ڪيو پئي دهرايائين. پر اڳيون آيتون سندس حافظي ۾ نٿي آيون. اتفاق اهڙو جو جماعت ۾ اهڙو حافظ يا قاري ڪونه هو، جو بروقت کيس لقمو ڏيئي سگهي. حافظ صاحب جڏهن ٽيون ڀيرو، ساڳين آيتن جو تڪرار ڪيو، تڏهن جهٽ "بلبل" مرحوم کيس لقمو ڏنو ۽ حافظ صاحب روان ٿي ويو. نماز جي ادائگيءَ کان پوءِ حافظ صاحب مرحوم بلبل کان پڇا ڪئي ته آيا اها سوره اوهان کي ياد هئي ڇا؟ "بلبل" وراڻيو ته نه. اوهان جو ٻه ٽي ڀيرا سوره جي هر هڪ حصي کي پئي دهرايو ايتري ۾ ان جي مضمون ۽ معنيٰ تي غور ڪرڻ سان گڏ عبارت آرائيءَ، بندش، وزن، بحر ۽ قافيه جي مناسبت تي به غور ڪندو رهيس. ائين ڪندي زبان تي بي ساخته صحيح لفظ تري آيا ۽ مون چئي ڏنا. خدا ڪيو جو درست نڪتا. ورنه مون کي اها سوره بلڪل ياد نه هئي.

"بلبل" جي سيرت ۽ حالات زندگيءَ مان ئي سندس شخصيت جو پتو پوي ٿو. ائين چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ ڪين آهي ته سندس جاذب ۽ پرڪشش شاعريءَ ۽ بيان جو سبب خود سندس شخصيت به هئي.

پارسيءَ واري، انسان کي ڪشش جي لحاظ کان ٽن گروهن ۾ تقسيم ڪيو آهي. پهريون گروهه غذا مثال آهي. جنهن کان سواءِ انسان هڪ دم به گذاري نٿو سگهي. ٻيو گروهه دوا مثال آهي، جنهن سان ڪنهن خاص وقت ۽ خاص مطلب تي واسطو رهي ٿو. جيئن بيمار فقط صحت ياب ٿيڻ تائين دوا جو محتاج رهي ٿو ته ٽيئن ڪن ماڻهن سان به انسان ذات جو تعلق مريض ۽ دوا وارو رهي ٿو ۽ ڪنهن خاص مقصد ۽ وقت لاءِ رهي ٿو.

ٽيون گروهه خود مرض جي مثال آهي، جنهن کان انسان ذات جو هر فرد جان بچايو پيو هلي! ڦاسڻ جي وقت ۾ هزار ڪوششون ڪري جند جان خلاص ڪندو آهي.

ان مثال موجب، "بلبل" کي پهرئين قسم سان تشبيهه ڏجي ته اها بلڪل بجا آهي. مرحوم "بلبل" مردن جو مور هو، جن ڏٺو سي ٻڌائين ٿا ته سندن رعبدار گفتگو محفل تي جادو ۽ رنگ چاڙهي ڇڏيندي هئي. سندس گرم گفتاريءَ اڳيان ڪو ڪجهه نه سگهندو هو. اهڙي جاذب نگاهه وضع قطع ۽ فطري شوخيءَ ۾ دلاويزيءَ سان گڏ سيرت به اهڙي خوشنما ۽ پرڪشش هئس، جو سندس ديدار لاءِ دوست احباب به ديوانه وار پيا ڦرندا هئا. سندس مرڪ ۽ خوش گوئي گهڻن لاءِ غذاءِ جان جو اثر رکندي هئي. وڏا ته وڏا پر ٻار به سندس مشفقانه ۽ پدرانه شفقت کان مسرور رهندا هئا. مطلب ته سڀ ڪنهن پهلوءَ تي جاذب نگاهه ۽ دلاويز هئا.

ان ملوڪت ڪي سنڌيءَ ۾ هنن لفظن سان ياد ڪيو ويندو آهي، ”ڪنهن جو ڪلڻ به خواري، ڪنهن جا ويڻ به وروُنهه.“

اهو ذاتي تجربو آهي ته گفتگو ۽ ڪلام، دليل ۽ حجت به تيستائين اثرائتا نٿا ٿين، جيستائين صاحب ڪلام جي شخصيت ۾ ڪا قوت تسخير نٿي ٿئي.

”بلبل“ جي ان قوت تسخير جا ڪيئي واقعا موجود آهن. انهن مان هڪ به واقعا پيش ڪجن ٿا:

مرحوم بلبل جي دوستن مان هڪ آخوند ميان عطا محمد خان رئيس اعظم مٽيارن وارو هو، جو ڪجهه وقت ميهڙ ۾ اسسٽنٽ انجنيئر ٽي آيل هو. سندس بنگلو بلبل جي بنگلي جي پرسان هو. اتي هڪ موقعي تي جناب آقا پير حسن جان سرهندي تشريف فرما ٿيو. پير صاحب جن جي تشريف آوريءَ تي سڄي ميهڙ تعلقي جا مريد خادم اچي گڏ ٿيا. انهن سان گڏ شهر جا معزز عقيدتمند به اچي حاضر ٿيا. ادب ڪان سيني جو ڪنڌ هيٺ هجي. سڀ حلقي ۾ ٿي ويٺا. اندريون ڪمرو ته چڪار ٿي ويو. پر ٻاهريون هال توڙي آڳر ۾ به ماڻهو ويهي ويا. پير صاحب جي رعب ۽ ادب ڪري هر ڪو خاموش هو. مرحوم ”بلبل“ کي به پير صاحب جن جي ملاقات لاءِ دعوت مليل هئي. ”بلبل“ مرحوم ٻاهرئين در کان داخل ٿيندي ئي متيون سناٽي وارو منظر ڏٺو. ڏٺائين ته هرڪو منهن مونن ۾ وجهيو چپ چاپ بي زبان ٿيو وينو آهي. اهو ڏسي سندس طبيعت جوش ڪاڙو ۽ ائين چوندي خاموشيءَ جي مهر کي ٽوڙيندي اڳتي وڌندو رهيو ته:

”اڙي بابا! چپ چو آهيو. ڪنڌ گوڏن ۾ چو هنيا اٿوَ چپن کي چونو چو لڳايو اٿو؟ اڙي رحمت جو ابر ميهڙ جي پوڻءِ تي وسي رهيو آهي. فيض وٺو، خوش ٿيو. ڳالهه ٻولهه ڪريو، پڇو، ڪڇو، دل جا غبار ڪڍو. اڙي! ڪو ڪاريهر نانگ ته اندر ڪونه وينو آهي، جنهن جي ڊپ کان سڀئي سوڙها ٿيا آهيو؟“

ائين چوندي جيئن پير صاحب وٽ پهتو، تيئن مرحبا مرحبا ڪندي پير صاحب جن اٿي کڙا ٿيا. ساڻس بغلگير ٿيا ۽ کيس پرسان ويهاريائون ۽ دلي مسرت جو اظهار فرمايائون. ”بلبل“ جي ايندي شرط محفل جو رنگ ئي بدلجي ويو، ماڻهو سرها ٿيا. گفتگو شروع ٿي. هونءَ جو پير صاحب جن سان ڪنهن کي ڳالهائڻ جي جرئت ئي نٿي ٿي، سا مهر ٽٽي، هر ڪو آجو ٿي وينو ۽ دستوري نموني ۾ محفل مچي ويئي. هيءُ هڪ مثال آهي، جنهن ۾ اسلامي برادريءَ ۽ برابريءَ کي پڻ ترجيح ڏني ويئي ۽ مرحوم ”بلبل“ جي بي تڪلف شخصيت تي پڻ روشني پوي ٿي.

ٻيو واقعو ڪراچيءَ جو آهي، ان دؤر ۾ ڪراچيءَ ۾ بمبئيءَ مان ٿيٽر ايندا هئا. انهن ۾ زنده ماڻهو ڪردار ادا ڪندا هئا. سينيمائن جو دؤر گهٽو پوءِ آيو آهي.

ان وقت هڪ پارسي عورت جو ڪراچيءَ ۾ ٿيٽر لڳو، جنهن ۾ نه فقط سنڌ جا پر پنجاب ۽ بلوچستان جا به وڏا وڏا رئيس ۽ سردار شامل ٿيا. ”بلبل“ مرحوم به پنهنجي ”سنگت سان، اڳين ڪوچن تي وچي وينو ۽ ٿيٽر جي پارسياڻي مالڪ پڻ ونگ جي اوٽ ۾ وڏيءَ ڪرسيءَ تي ليٽي، اداڪارن جي اداڪاري جو معائنو ڪرڻ لڳي. کيل هلندي جلدي ڪو ٽريجڊيءَ جو منظر پيش ڪيو ويو. اهو ايترو ته زهر گداز هو، جو ساري ماندي ۾ روڄ راڙو پئجي ويو ۽ ڪل خوشيءَ جي بدران ماتم ڪده مچي ويو. اهڙي هنگامه خيز هل حشر ۾ اوچتو پهرين قطار مان مرحوم ”بلبل“ اٿيو ۽ سڌو اسٽيج تي چڙهي ويو. وڃڻ سان ان پارسياڻي مالڪ کي چوٽيءَ کان گهلي ٻاهر ڪڍيائين ۽ کيس ڪڙڪو ڪري چيائين: ”اس سين کو بند کرو، هم يهان روني کي ليئي نهين آئي هين، روني کي ليئي هماري پاس اور دردناڪ نظاري موجود هين، هم يهان تفريح کي ليئي آئي هين!“

اهو نظارو ڏسي حال ته پوري ماندي ۾ سناٽو ڇانئجي ويو! پارسياڻي عورت، نهايت عاجزيءَ سان ٻانهون ٻڌي ”بلبل“ مرحوم کي چيو! ”آپ تشريف رکين، مين ابهي ابهي کهيل بدلوا ديتي هون.“ ائين چئي پردي ڪيرائڻ جو حڪم ڏنائين. لحظي ۾ وري پرده کنيائون ۽ ڪلائينڊز ڪامڪ شروع ڪيائون.

هي واقعو اگرچه ظاهر ۾ معمولي نظر ٿو اچي، پر هڪ شخصيت جي بيباڪيءَ ۽ وقت جو سچائيءَ جو دليل آهي.جذبات جي شدت سان گڏ عمل جي دليري به ان ۾ سمايل آهي. ممڪن آهي ته ٻئي ڪنهن جي اهڙي حرڪت کي بيجا مداخلت تصور ڪيو وڃي ها، يا ڪي چوندا ته مائي صاحبه ڪا ذي فهم هئي جنهن ان قسم جي اظهار خيال کي به پنهنجي فني ڪمال لاءِ داد ڪري سمجهيو هائو، پر اهڙي روش کي داد ڪري مڃائڻ لاءِ به ته ڪا شخصيت گهرجي.

ایک وہ تھی کہ تھا ہر بات میں ان کے جادو،
ایک میں ہوں کہ میری آہ میں تاثیر نہیں۔

ٽيون واقعو اهو آهي ته هڪ ڀيري ”بلبل“ مرحوم پنهنجي مطالعي جي ڪمري ۾ ويٺي ڪجهه لکيو. سنڌس سامهون سئو کن قدمن تي ٻاهر گهر جي در تي ڪو پينو فقير پنهنجي عادت موجب سين تي سين جي ڌم لڳايو بيٺو هو. پر سنڌس آواز اندر نٿي ٻڌو ويو. نڪو ڪا ٻانهي ڊرتتيءَ جو شايد ٻاهر نڪرڻ لاءِ تيار هئي. پر مَڇڏو فقير ڊانهن مٿان ڊانهون ڪري اوڙي پاڙي جو سڪ ڦٽائي ڇڏيو. لازمي طرح سان ”بلبل“ مرحوم جو خيال به ٽٽو، سو پري کان رڙ ڪري چيائينس: ”فقير بابا هن مهل ماٺو ڪونهي، معاف ڪر.“ فقير نهه پهه جواب ڏنس: ”سائين پل پهر لاءِ تون ئي ڪٽي ماڻهو ٿيءُ!“ ”بلبل“ کان بي

اختيار ڪِل نڪري ويئي. قلم چڏي انعام طور ڪيسي ۾ هٿ وجهي پنج رپيا ڪڍي ڏنائينس ۽ چيائينس: ”فقيرلڪ رپين جو سبق ڏنو اٿئي! هي نذرانو قبول پوي!“

ان طرح وڏڙا ٻڌائين ٿا تہ ”بلبل“ جڏهن اجا ننڍو هو، تڏهن عاشورن جي ڏينهن تي پنهنجي پاءُ ۽ سنپالينڊڙ ڪان بوٽ لاءِ پنج رپيا وٺي شاهي بازار ڏانهن ويو. واٽ تي وڏي پِڙ وٽ ماتم ڏسڻ بيهي رهيو. ان مهل نهايت رقت انگيز ماحول هجي. ماڻهن کان ڳوڙها وهي رهيا هئا. دهلن ۽ شرناين وارا بہ ڪافي رنگ پيدا ڪيو بيٺا هجن. تڏهن خبر پئي جو مليل پنج رپيا ڪڍي اوسارن وارن تان گهوري دهلارين کي ڏنائين ۽ پاڻ اگهاڙي پير ئي گهر موٽي آيو! سندس اهو عمل سندس راڳ سان فطري تعلق ۽ شعر و شاعريءَ جي اثر انگيزيءَ سان وابستہ هو، جو اڳتي هلي وڏي اوج تي رسيو.

راڳ سان دلچسپيءَ جي اها حالت رهي جو جڏهن سندس زخم کي ٽڪي ڏيڻ لاءِ حجام کي آنڊائون تڏهن راڳيندڙن جي ٽولي گهرائي انهن کي حڪم ڪيائون تہ ”راڳو سُر ڳايو!“ ڳائڻ هڪ طرف راڳو ڳائڻ شروع ڪيو ۽ ٻئي طرف حجام سندن زخم کي ٽڪو ڏنو. ان وقت نڪو انجيڪشن هٿندا هئا، نڪو ڪلور و فارم سنگهائڻ جو رواج هو. ”بلبل“ راڳ جي اثر ۽ ڪيفيت ۾ مستغرق رهيو، حجام سندس ساري پنيءَ تان ڳڙ کي ڦاڙي ڪوري ڪڍي ڦٽي ڪيو ۽ بہ ٽي سير ڪپهہ جا وجهي پٽي ڪيائين. ان ڪانپوءِ راڳ بند ڪيو ويو. بلبل چوندو هو: ”راڳ روح لاءِ آهي، ان ۾ بدن جو ڪو بہ حصو ناهي! راڳ تي سِر وڃي ويندو، پر ذرو بہ پتو نہ پوندو.“

بهرحال ”بلبل“ مرحوم جي شخصيت ۾ متضاد عناصر جو اجتماع نظر اچي ٿو، جو علم النفس جي روءِ کان بلڪل دلچسپ ۽ تعجب خيز آهي، تقرير جي ڪمال سان گڏ تحرير جو ڪمال، رنگين مزاجيءَ سان گڏ مذهب پرستي، موسيقيءَ ۽ فني وابستگيءَ سان گڏ نماز پنجگانہ جي امامت، شاعرانہ ۽ ظريفانہ فڪر ۽ نظر سان گڏ عالمانہ سنجيدگي ۽ متانت، ظرافت آميز ٽوٽڪن ۽ نقلن، لطيفن ۽ نڪتن سان گڏ نيٺ اسلامي ڪتابن جي تاليف، مهمان نوازيءَ ۽ سخا سان گڏ قناعت ۽ ڪفايت ۽ باقاعدي حساب ڪتاب رکڻ، رعبدار ۽ جلالت واري رنگ سان گڏ عاجزي ۽ انڪساري، غريبنوازي ۽ خوشمزاجي، قومي ليڊرن، سياستدانن ۽ تعليمي ماهرن سان گڏ زميندارن سان اٿڻ ويهڻ، ميرن ۽ پيرن سان شناسائيءَ ۽ تقرب سان گڏ گفتگو ۽ رهڻ ۾ وقار ۽ سنجيدگي، دنياداريءَ سان گڏ دينداري، سهڻي صورت سان گڏ سهڻي سيرت، پنهنجي دؤر جي رئيس اعظم هجڻ سان گڏ ذڪر ۽ فڪر سان مشغولي ۽ طريقي نقشبنديہ ۾ بيعت، قرآن ۽ حديث جي شب و روز مطالعي سان گڏ ٿيٽر ۽ ناٽڪ ڏسڻ، اهي سڀ گڻ هڪ هنڌ جمع ٿي وڃن ۽ انهن مختلف متضاد عنصرن جو هڪ شخصيت جي زير اثر ٿي پاڻ ۾ ساز باز

تي نباهڻ ۾ سر ساز سان هلڻ. واقعي هڪ انوکي ۽ عجيب ڳالهه آهي. خود مرحوم "بلبل" جو چوڻ:

صنم بہ خواب و خدا در نظر، چہ خوش بادا.
شب گناه، نماز سحر، چہ خوش بادا.
مکان "نفيس و بتان" مہ لقا، زمان ياور.
بہ ترک اين همہ، حج، سفر، چہ خوش بادا.

پنهنجي ذاتي راءِ اها آهي تہ "فني ڪمال جو سنگ بنياد عمدي شخصيت ۽ اعليٰ اخلاق آهي. ڪا بہ شخصيت اخلاق کان سواءِ فني ڪمال حاصل ڪري نہ سگهندي. جي ڪجهہ حاصل ٿيو بہ تہ اهو جٽاءُ نہ ڪندو. ان جو عمدو مثال انگريزي ادب ۾ "اوسڪار" جي زندگيءَ مان ملي ٿو. سندس اخلاقي نقص سندس فني ڪمال جي چوٽي نيٺ ڊاهي وڌي".

اهو فني ڪمال جو دل جي صداقت ۽ دماغ جي طراوت تي بيٺل ناهي، جنهن ڪي سچي شخصيت جي قوت ۽ ٽيڪ نصيب ناهي، سو نيٺ ڊهي پوندو.

بلبل مرحوم پنهنجي فن ۾ شخصيت ۾ ڪمال رڳو ان ڪري حاصل ڪري سگهيو جو سندس سڀ قوتون، دل و جان سان پنهنجي عمل ۾ لڳل رهيون. هن پنهنجي فن کي منزل مقصود تائين رسايو. جيڪي پئي چيائين اهو سچ پچ پئي ڄاتائين ۽ جيڪي پئي ڪيائين ان کي درست پئي سمجهيائين. هن ان کي پنهنجو مسلڪ ۽ مشن، مذهب ۽ مشرب ڪري پئي ڄاتو. سندس شخصيت يڪ سوئيءَ، يڪ خياليءَ ۽ يڪ وجوديءَ تي قائم هئي، جنهن ڪري هو ڪامياب رهيو. عجب آهي جو متضاد ۽ مختلف عناصرن ۾ تناسب رهيو، انتشار نہ ٿيو. پختگي رهي، ڪمزوري نہ آئي. سندس ڪاميابي ۽ خوش نصيبي اها هئي جو پڇاڙيءَ تائين سندس خيال ۽ عمل ۾ تناسب قائم رهيو. جو ڪجهہ سندس دماغ تي سوچيو سو دل پئي گهريو، جو دل تي گهريو سو هٿن تي ڪيو.

ان قسم جون جامع ۽ باڪمال شخصيتون تمام ٿوريون پيدا ٿين ٿيون. هن قحط الرجال ۾ اهڙا ماڻهو ڪمياب آهن، پر ناياب ناهن.

اسان وٽ "هڪا رانجهو لکان جيها" جي مصداق جناب مخدوم محمد زمان صاحب "طالب المولیٰ" جي شخصيت آهي، جنهن بابت مون گرامي صاحب کان ٻڌو تہ گهٽو هو پر جڏهن ڪين دادوءَ ۾ ڏٺم تڏهن هڪ جامع شخصيت جا معيار ۽ انوار سندس نفسياتي تحليل مان ڳولي لڌم. پيريءَ سان گڏ فقيري، فقيريءَ سان گڏ اميري، راڳ ۽ رنگ جي مهارت سان گڏ شعر و شاعري، صورت بہ سهڻي ۽ سيرت بہ سهڻي! رياست ۽

سياست سان گڏ راجداري ۽ مريدن جي نگهداري، علمي ڪانفرنس جي صدارت ۽ فقيرن ۽ عالمن سان صحبت، سخاوت ۽ غريبنوازيءَ سان گڏ زماني جي ڪاروبار ۾ ذميدارانہ نگاهہ، علم ۽ ادب جي فروغ لاءِ ادارا ۽ رسالا، اخبارون ۽ ڪتاب، تصنيف ۽ تاليف، دل ۽ دماغ جي طراوت لاءِ ادبي مجلسون ۽ راڳ ڪانفرنسون، اهي سڀ گڻ هڪ اعليٰ شخصيت جا آهن.

مرحوم بلبل لاءِ سندس همعصر عالمن جو ڪجهہ چيو آهي، ان جو ورجائڻ طوالت جو سبب ٿيندو.

سندس شاگرد رشيد ۽ مشهور شاعر، ماستر جمع خان ”غريب“ هڪ مضمون ۾ هن طرح ”بلبل“ جي تصوير پيش ڪئي آهي. لکي ٿو:

”بلبل جي گفتگو سنجيده ۽ باوقار، موزون ۽ مختصر هوندي هئي. نثر توڙي نظم ۾ سندس طبع رسا ۽ روان هوندي هئي. سندس دل، دماغ، ڪن ۽ زبان اهڙا تہ تيز ۽ ڪليل هوندا هئا، جو ساڳئي وقت شعر جو شغل بہ ڪندو هو تہ ويٺلن سان ڳالهہ ٻولهہ بہ ڪندو رهندو هو، هر ڪنهن ڏي هڪ نظر ڦيرائي، سڀ ڪجهہ سمجهي ويندو هو. سندس چپن تي هميشہ نت نئين مرڪ نمودار ٿيندي هئي. اهڙو ماڻهو اسان وري نہ ڏٺو آهي...“

بلبل جي فني مقام جي نسبت ايترو چوڻ ڪافي ٿيندو تہ جڏهن سنڌ جي شعر و شاعريءَ جي مڪمل ۽ مدلل تاريخ اجا تائين نہ لکي وئي آهي، تاهم مسلم ادبي سوسائٽيءَ پاران ڇپيل سنڌ جي ادبي تاريخ غنيمت آهي. ان جي ٻئي ڀاڱي ۾ مرحوم ”بلبل“ لاءِ پڻ مختصر تعارف موجود آهي. ان طرح شمس العلماء علامہ دائود پوٽي پڻ ”سرها گل“ ۾ مختصر نوٽ آندا آهن، ان طرح ”الوحيد آزاد سنڌ نمبر“ ۾ مرحوم مولانا وفائيءَ بہ مختصر ذڪر ڪيو آهي. بلبل جي فن تي مرحوم محمد صديق ”مسافر“، محترم حاجي محمود ”خادم“، ڊاڪٽر خليل، حافظ مرحوم ”بسمل“ ۽ مولانا گرامي جا مقالا ۽ ”نئين زندگي“ ماهوار رسالي جو ”بلبل نمبر“ پڻ مطالعي ڪرڻ جهڙا آهن. مرحوم محمد صديق ”ميمڻ“ مختصر لفظن ۾ هن طرح ”بلبل“ جي فن جو تعارف ڪرايو آهي، لکيو اٿس:

”ميان شمس الدين ”بلبل“ انهن چند شخصن مان هڪ آهي، جي پنهنجي ڪنهن نمايان خصوصيت جي ذريعي سان عوام الناس جو توجهہ پنهنجي طرف ڇڪي وٺندا آهن. سنڌ ۾ شايد ٿي ڪنهن اهل قلم يا اهل هنر کي ايتري ٿوري وقت ۾ ۽ ايتري ٿوري ڪم ڪرڻ لاءِ ايتري عزت ۽ ڪاميابي حاصل ٿي هجي، جهڙي مرحوم ”بلبل“ کي حاصل ٿي. سندس ڪاميابي جو راز سندس خداداد ظرافت ۾ پنهان آهي. روايت آهي تہ پاڻ نهايت ئي سليقہ دار، خوش طبع ۽ باتميز آدمي هو. دهقاني آدمي تہ سندس گفتگو تي

موهت رهندا هئا ۽ مهذب شهري بہ گهڻ متاثر نہ ٿيندا هئا. سندس فطرت جي رنگ ڪري سندس شعر ۾ جابجا اڻ ڏڪائيندڙ خوش مذاقيءَ جا فقرا موجود آهن. سندس علميت غير معمولي هئي. پاڻ فارسيءَ ۽ عربيءَ مان چڱيءَ قدر واقف هو. سندس طبيعت نندي هوندي کان ئي شعر تي مائل هئي ۽ پريندي اردو، فارسي زبان ۾ شاعري بہ ڪئي اٿس. تنهن ڪانپوءِ سندس خيال اباڻي ٻوليءَ سنڌيءَ ڏي مبذول ٿيو. سندس "ديوان بلبل" گو مختصر آهي، مگر آهي وڻندڙ. جنهن ۾ رسمن رواجن. اجائي نت شت ۽ مغربي تهذيب جي پيچ ۾ آيل نوجوانن تي بعضي جاين تي ٽيڪا ٽپڻي ٿيل آهي.

ديوان جي آخر "ڪريما نيچرل" آهي، باقي غزلن ۾ اعليٰ درجي جو شاعرانہ مذاق آهي. سندس خيال جي شستگي، مضامين جي پختگي، لفظن جي بيهڪ، پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن جي دل کي هڪدم پاڻ ڏي ڇڪيو وٺي."

*(تحفہ ساليانہ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد سنڌ)*

ان طرح حاجي محمود "خادم" مرحوم هن طرح سنڌي شاعريءَ جا دؤر لکيا آهن. لکي ٿو:

"پهريون دؤر اهو هو جنهن ۾ عربي، فارسي عروض موجب سنڌي شعر چوڻ ۾ ڪين ايندو هو. فقط سنسڪرتي شبدن جي طرز تي لوڙائو بيت، ڏور، ڪافيون ۽ وايون گهڙيون ويندڀون هيون جن لاءِ وزن ۽ قافيہ جي پچا ڪانہ هوندي هئي. ڪو اهڙو سنڌي زبان جو مطلب رکندڙ جملو جو ڪنهن خاص سُر يا لاندِ يا آلاپ ۾ پورو ٺهڪي ايندو هو تہ ان کي مصرع چوڻ ۾ ايندو هو. اهڙن ٻن-ٽن مصرعن جي مجموعي کي "شبد" يا "بيت" ڪري ڪوٺبو هو ۽ اهڙا مصرعا ڏيڍا، منا، ٻيڻا، ٽيڻا يا اڍايا ڪري راڳ ۾ ڳائڻ سان وائيءَ يا ڪافيءَ جي صورت اختيار ڪندا هئا. هن پهرئين دؤر جي آخرين ترقيءَ جي منزل، قاضي قاضن، شاه ڪريم ۽ شاه لطيف تي اچي پوري ٿي، جنهن ۾ ٿورو قافيہ جو بنياد پڻ پوڻ لڳو.

"ٻئي دؤر جي ترقيءَ جي ابتدا خليفي گل محمد "گل" کان ٿي. هن دؤر ۾ عربي، فارسي طرز تي عروض جي ڪن خاص ۽ محدود بحرن ۾ سنڌي شعر چوڻ ۾ آيو ۽ اگرچہ ڪوشش گهڻي ڪئي وئي تہ سنڌي شعرعربي ۽ ايراني عروض جي آغوش ۾ اچي پلجي جوان ٿيو تہ بہ قافين جون غلطيون ٿيڻ لڳيون. قبر، نظر، بحر، اثر شڪر، سحر، سفر، حشر، عقل، فرض، غرض وغيره لفظن جي تقطيع ۾ ڪوبہ تفاوت رکڻ ۾ نہ ايندو هو ۽ محبت، شفقت، مروت، جهڙا لفظ بروزن "الفت" ڪري آندا ويندا هئا. قافيي ۾ سوٽ، چاموٽ، ڪوٽ، اک ٻوٽ، نوٽ وغيره جو فرق ڪرڻ ۾ ڪونہ ايندو هو ۽ ذوق شوق سان روڪ ۽ ٽوڪ جا قافيا جام نظر ايندا هئا.

"ٽيون دؤر موجوده ۽ هلندڙ دؤر آهي، جو رئيس شمس الدين "بلبل" مرحوم کان

شروع ٿيل سمجهڻ گهرجي. هن دور ۾ لغت ۽ قافين جا نقص گهٽ ڪري دؤر ڪيا ويا آهن ۽ عروض جي 19 بحرن مان 12 بحر، جيڪي اردوءَ ۾ اڪثر مستعمل آهن، سي مروج ٿي چڪا آهن.“

ان سلسلي ۾ مولانا گرامي صاحب پڻ سنڌي شاعريءَ کي ستن دورن ۾ تقسيم ڪري دليل ڏنا آهن. اهو سارو مضمون درج ڪرڻ کان گهٽ آهي.

هر هڪ دؤر مان چند فقرا نقل ڪجن ٿا*:

(1) پهرئين دؤر ۾ قاضي قاضن جي هندي ڏوهيڙي واري شاعري شروع ٿي، جا شاهه ڪريم تي تڪميل تي پهتي.

(2) ٻئي دؤر ۾ ابو الحسن جي سنڌيءَ ۾ ”الف“ واري قافيه ۾ ٿي. ان ۾ ٺٽي جي مخدومن جا ديني ۽ فقهي ڪتاب، سادي شعر ۾ پيدا ٿيا.

(3) ٽيون لطيف جو دؤر آيو ان ۾ موضوع ۾ جدت ۽ ندرت، ڪلام ۾ رنگيني ۽ شيريني پيدا ٿي. عارفانه ۽ عاشقانه رنگ پيدا ٿيو. سنڌي زبان جو ادبي سرمايو استعارن ۽ ڪناين سان وڌيو. خشڪ انداز بيان جي جاءِ تي دلآويز اسلوب پيدا ٿيو.

(4) چوٿين دؤر ۾ ”سماع“ بي ساز شروع ٿيو. مولود، مداحون، مرثيا ۽ مناقبا لکيا ويا ۽ نيث نعتيه ۽ مدح جا مضمون، شعر جي ساغر ۾ پلٽيا ويا.

(5) پنجون سچل جو دؤر هو. جنهن ۾ لطيف جي اعتدال پسنديءَ ۽ رمزيت کي رندانه انداز ۾ پيش ڪيو ويو. ”انا الحق“ جو نعرو بلند ڪري رسم ۽ روح جي وچ ۾ آيل ديوار کي ڊاٺو ويو.

(6) ڇهون دؤر آخوند ”گل“ کان شروع ٿيو. فارسي طرز تي غزل چيا ويا. اهو غزل جو عبوري ۽ تجربي وارو دؤر هو. خيال سادا هئا، رديف ۽ قافيي جا تسامحات جام رهيا. لفظن جي صحت به قائم نه رهي. ان دؤر ۾ فاضل شاهه، سانگي مرحوم، گدا، مرتضائي، حافظ ”حامد“، واصل، قادري، قليچ، آخوند، قاسم وغيره بهترين شاعر آهن.

(7) ستين دؤر جي ابتدا ”بلبل“ کان ٿي. ”بلبل“ هر پهلوءَ تي لکيو. قومي، عاشقانه، ناصحانه، اخلاقي، طنزيه، ظريفانه، نظم، غزل ۽ مثنويون وغيره. سندس قصيدا، قطعا، زياده رنگين ۽ دلنشين، بلاغت ۽ معاليءَ کان معمور رهيا. اڪبر الهه آباديءَ جي رنگ ۾ جديد طرز جي ظريفانه شاعري به اول ”بلبل“ شروع ڪئي.

---

* مرحوم رئيس ضياء الدين ”بلبل“ هي حوالو منهنجي هڪ مضمون تان ورتو آهي، جو ”اديب سنڌ“ ۾ گهٽو اڳ ڇپيل آهي. ان ڪانپوءِ 1963ع مهراڻ 4-3 ۾، منهنجو مقالو ”بلبل ۽ فن“شايع ٿيو، جنهن کي ڏاڍو پسند ڪيائين ۽ ان کي اضافي سان ڇپائڻ لاءِ راءِ ڏنائين. (غ.م.گ)

ان دؤر ۾ مرحوم ”مخلص“ ۽ مولوي ”نور“ نظاماڻي، مشهور طنز نگار پيدا ٿيا، جن جو فن، پنهنجي جاءِ تي وڏي حيثيت رکي ٿو.

مرحوم ”مخلص“ ۽ ”نورل“ نظاماڻي جڏهن ته آرين سان بحث ۾ اڙندا رهيا، تڏهن سندن ”فن“ ترديد ڪندي، مزاج جي اعتدال کان وڏي ڪين ڏڪ هٽندو هو. تنهنڪري ڪين دشمنيءَ جو شڪار ٿيڻو پيو.

هونءَ به مزاج ۽ ظرافت جو معتدل ۽ محتاط قوام ٿئي ٿو. ان کي پنهنجي معتدل ۽ محتاط رمز تائين رکڻ ۽ نباهڻ آسان ڪم ناهي. ٿورو مٿي چڙهيو ته تلخ ٿي پوندو. گلن مان خار ۽ طنز مان گار بنجي ويندو. هلڪو اشارو به تارو بلڪ ڏنبو موچارو ٿي پوندو. ”بلبل“ ان فن کي اهڙو ته اعتدال ۽ احتياط سان نباهيو. جو ان مان نه ڪا دل آزاري ٿي ۽ نه ڪا اشاري بازي سمجهه ۾ آئي. هر ڪنهن سندس ڪلام پڙهيو، پر مخاطب ڪنهن پئي کي ڄاتو. هرڪو کلندو ۽ مرڪندو رهيو. ڪوبه نه چڙيو ۽ نه رنج ٿيو. سندس تلخيءَ ۾ شيريني ۽ نمڪيني هئي، جنهن لذت ۽ سواد کي وڌايو. هن سنڪيي کي مهرو بنائي چڏيو يا ڪوڙي دوا ڪيپسول ۾ ڪارائي ڇڏي.“

مٿين چند راين جي مطالعي ڪرڻ مان معلوم ٿيندو ته ”بلبل“ کي سنڌي شاعريءَ ۾ ڪهڙو مقام حاصل آهي ۽ هُو ڪهڙي درجي جو مستحق آهي. ان پس منظر ۾ ”بلبل“ جي ظريفانه تنقيد جي ضرورت سمجهه ۾ اچي سگهي ٿي.

مرحوم ”بلبل“ دهليءَ جي جنگ آزاديءَ واري سال 1857ع ۾ تولد ٿيو هو، هي اهو زمانو هو جنهن ملڪ کي بهترين ماڻهو عنايت ڪيا هئا. ”هند“ ۾ سر سيد احمد، حالي، شبلي ۽ اڪبر الهه آبادي، وقار الملڪ ۽ محسن الملڪ پيدا ٿيا ۽ ”سنڌ“ ۾ حسن علي آفندي، ”بلبل“، الهندو شاهه ۽ بزرگ امروٽي پيدا ٿيا.

هي اهو زمانو هو، جنهن ۾ مغل بادشاهن جي جاگيردارن ۽ تمندارن، صوبيدارن ۽ سردارن جي جانشينن يعني سنڌ جي زميندارن غفلت ۽ زوال جي سيج تي جديد نظام ۽ حڪومت جي لانگ بوٽ جي ٺوڪر سان، ڪروٽ بدلائي، اکيون پئي کوليون، جڏهن مشرقي تهذيب ۽ ذهنيت جي سونهري سمي سان مغربي تهذيب ۽ ذهنيت جي سفيد، سرد ۽ تيز اليڪٽرڪ روشنيءَ جو تصادم ٿي رهيو هو. اهڙي وقت ۾ سخت ضرورت هئي ته سٽل کي بيدار ڪجي ۽ بيدار کي خبردار ڪجي، بيمار کي مرض کان هوشيار ڪجي ۽ ڪيس مضر اثرات کان برڪنار ڪجي، هن جي حرارت عزيزي کي اپاري سندس مرض ئي غائب ڪجي.

ان زماني ۾ سڀ کان وڏو خطرو نئين غير روشنيءَ ۽ فيشن جي وبا جو هو. ان کي برغلايو پئي ويو ته قدامت پرستي ڇڏيو، پراڻي لڪير جا فقير نه ٿيو، چاتيءَ ۾ جهاتي نه

وجھه، پر نيچرل رول اختيار ڪيو. هن هوا جو اثر هندو قوم جلد قبول ڪيو ۽ انهيءَ جا ان وقت جا ليڊر، مسٽر ويرومل بيگراج آريا، ايڊيٽر سنڌي اخبار سکر، مسٽر هرچند راءِ وڪيل پارا هئا، جن هوم رول تحريڪ جي آڙ ۾ مسلمانن جي شيرازه بنديءَ کي ٽوڙڻ لاءِ وڏي ساز سامان سان تياري ڪئي ۽ غلام محمد خان پرگڙيءَ جهڙي روشن دماغ ۽ اثر واري ماڻهوءَ کي به پاڻ ڏي ڇڪي ورتائون ۽ ان جي حمايت حاصل ڪيائون.

ان هندومهاسڀائي ذهنيت وارن ليڊرن، ٽوڙي بد زبان آريه ڪارڪنن هندو اخبارن ۽ ايڊيٽرن، ٽوڙي هندو نواز ساده لوح مسلمان ليڊرن جو مرحوم ”بلبل“ نهايت سختيءَ سان مقابلو ڪيو، سندن سيني حرڪتن ۽ برڪتن جي قلعي کولي ڇڏيندو، کين بي نقاب ڪندو ويو.

نتيجو اهو نڪتو جو مرحوم ”بلبل“ تي، هندو قوم تي حملي ڪرڻ ۽ سندن خلاف مسلمانن کي پرڪائڻ جي ڏوهه (153 قلم اپک) هيٺ مقدمو داخل ٿيو. مرحوم ”بلبل“ ريمنڊ وڪيل ٻڌو، مگر هن صاحب هندن سان رضامندي ڪرڻ جي راءِ ڏني، جا مرحوم ”بلبل“ جي غيور طبع گوارا نه ڪئي ۽ مرحوم سر غلام حسين (سابق وزير اعظم سنڌ) قومي همدرديءَ جي ڪري سندس فيءَ کان سواءِ وڪالت ڪئي.

ڪيس هلندي، مرحوم ”بلبل“ سنڌ جي خود هندو اخبارن مان اهڙا ته حوالا ڳولي ڪورٽ ۾ پيش ڪيا جن هندن جي ڪيس کي جهوري وڌو. فاضل جج، مسٽر اي. سئنڊس، ڪيس ٻيڏوهي ٺهرائي ڇڏي ڏنو ۽ اٽلندو فريادي ڌر تي فتويٰ ۾ چندا وڌائين ته ”هندن برابر خراب روش اختيار ڪئي هئي ۽ ”بلبل“ جو ڪجھه اظهار خيال ڪيو آهي، ان ۾ هو حق بجانب آهي ته سنڌ جا هندو بنگال جي فسادين لاءِ ٻمن ٺاهڻ لاءِ چندو ڪري رهيا آهن.“

ان فتويٰ تي حيدرآباد سنڌ ۾ وڏو جلوس نڪتو ۽ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ قومي ڪارڪنن خوشي ڪئي ۽ جلسا ڪيا.

ان وقت کان پوءِ هندو مهاسڀا جي ذهنيت وارا مخالف شڪست کائي ويا ۽ ”بلبل“ مرحوم ۽ سندس هم ڪار گروهه جي سياسي بصيرت جو سڪو ڄمي ويو ۽ حسن علي آفندي واري تعليمي تحريڪ زور ورتو.

مرحوم ”بلبل“ هڪ طرف سر سيد احمد جي تعليمي تحريڪ کي پسند ڪيو، پر ان سان گڏ، اسلامي تعليم کي سندس نيچري خيالات هيٺ لتاڙڻ سان اختلاف ڪيو. ان سلسلي ۾ ”بلبل“ مضمون لکيا ۽ پنهنجي شعر و شاعريءَ ۾ جديد فيشن ۽ نيچريت جا چوڏا لاٿا ۽ اسلامي روايات ۽ اسلامي وضع قطع کي محفوظ رکڻ تي زور ڏنو ۽ ڪيئي ڪتاب لکيائين. پهرئين درجي کان ائين جماعت تائين پورو ڪورس لکيائين. ان ڪم ۾ ساڻس شيخ صادق علي ۽ مرزا قليچ بيگ به شامل رهيا.

ان دؤر ۾ جيئن اڪبر الهه آباديءَ پنهنجي ظريفانه انداز ۾ جديد تعليم تي تنقيد ڪئي ۽ ان ڪان پوءِ علامه اقبال پڻ مغربي تهذيب کي ننديو. تيئن سنڌ ۾ مرحوم ”بلبل“ اهو پارٽ ادا ڪيو ۽ ان ماحول تي ظريفانه انداز ۾ تنقيد ڪئي.

مرحوم ”بلبل“ جي فن ۽ تنقيد جو ڪجهه اندازو، سندس هيٺئين شعر مان لڳائي سگهجي ٿو:

گهر ڪان نڪتا، نيٽو نيچر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا،
سر ۾ ٽوپي، هٿ ۾ هنٽر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا.

ان ۾ هڪ شعر آهي، جنهن لاءِ مرحوم بسمل چيو آهي ته ”ان هڪ شعر تان ٻين جا ظريفانه دفتر گهوري ڇڏجن.“ اهو هي شعر آهي:

چمچا ڪانٽا، ڪِٽ پِٽ ڪَڙ ڪَڙ، چيمبر ۾ چيئرس جي تَڙ تَڙ،
شاش ڪرڻ ۽ بينڊ شر شر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا.

اهو غزل نما شعر طويل آهي ۽ قابل غور آهي.

”بلبل“ جو اهو رنگ سندس ”ديوان“ ۾ آهي، ڪريما نيچرل ۾ آهي، مامقيما ۾ آهي ۽ رحيما ۾ به آهي. ان سان گڏ سندس لطائف ۽ ظرائف ۾ به آهي.

مٿئين غزل کي پڙهڻ ڪانپوءِ بقول پير حسام الدين راشدي:

”ڪنهن جي دل گهرندي ته جينٽلمين ٿي، پاڻ کي خراب ڪري. بيشڪ سنڌ ۾ اڪبر الهه آباديءَ وارو رنگ ”بلبل“ مرحوم پيدا ڪيو بلڪه ان ڪان به وڌيڪ دو آتشو ڪري ڇڏيائين.“

مرحوم ”بلبل“ چارلس ڊڪنس وانگر ظرافت جي ذريعي، پنهنجي سوسائٽيءَ کي بد اثرات ڪان بچائڻ لاءِ جيڪو فن پيدا ڪيو تنهن وڏو ڪم ڪيو. دراصل اها ايجاد ۽ جدت، مرحوم ”بلبل“ ئي سنڌي ادب ۾ آندي، ان جو مثال سنڌي ادب ۾ اڳ ڪونه هو. سندس مزاحيه انداز گو ”ڪونين“ جو ڪم ڪيو ۽ فيشن جو بخار ڪڍي ڇڏيو. پيو ته ”بلبل“ ان وقت قوم جي زخم تي نشتر وهائي ڪيدي جڏهن ڪارو واءُ لڳي رهيو هو ۽ مسلمان نوجوان جديد فيشن جي وبا ۾ ونجي ڇڪا هٿا. اهوئي سبب آهي جو سنڌ جي سيني محققن متفق ٿي چيو آهي ته ”بلبل“ هڪ سچي شاعر جا فرائض ادا ڪيا آهن. سندس تخريبي پهلوءَ جديد فيشن جا ڪوٽ ڪيرائي ڇڏيا.

”بلبل“سهٽي نقاب ۾ آيل، ڪاري بلا کي پريان ئي پروڙي ورتو ۽ ان جي خراب نتيجن ڪان اڳواٽ قوم کي آگاهه ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو.

ائين چئجي ته جديد دؤر جي مومل جي ڪاڪ ۾ جو اسان جا ڪونڌر،ميندرا بنجي،

محو حيرت ٿي چڪا هئا. تنهن جي طلسمات کي هن باريڪ بين ۽ حق شناس شاعر پرينديءَ ئي پروڙي ورتو. تان جو جدوجهد ڪري ان کي بي نقاب ڪري قوم کي سجاڳ ڪيائين ته اها مومل جي ڪاڪ آهي ۽ نه زندگيءَ جو رنگ محل!

”بلبل“ جي فن جو اهو ڪمال آهي، جو سندس ڪلام ۾ اجوڪو نقشو به هوبهو پيو نظر اچي. اهو آهي پيشنگوئيءَ وارو جزو، جنهن بابت سروجني نائيڊو چيو آهي ته:

”شاعر باڪمال جو فن، هڪ پيشنگوئي ٿئي ٿو ان ۾ مستقبل جا اهڃاڻ ۽ آثار پڻ موجود رهن ٿا.“

ظاهر آهي ته تخريبي پهلوءَ کان سواءِ تعميري پهلو به مڪمل شاعريءَ لاءِ ضروري آهي. ان خيال کان ڏسبو ته اهو تعميري پهلو به ”بلبل“ جي شاعريءَ ۾ بدرجه اتم موجود آهي. ”بلبل“ مرحوم قوم جي صحيح جذبات ۽ رجحانات، عقائد ۽ خيالات کي اپاري درست ڪرڻ لاءِ قوم جي مرده ۽ افسرده روح کي زنده ڪرڻ لاءِ هيٺيان طريقا اختيار ڪيا آهن، جي سڀ غور ڪرڻ جي قابل آهن.

(1) هن ان زماني جي بزرگن ۽ بابرڪت هستين جي چونڊ ڪري انهن جي مدح ڪئي ۽ قوم کي پنهنجن محسنين جي ڪمال ۽ فضيلت کان آگاهه ڪري سندس دل ۾ عزت ۽ محبت جو بي پناهه جذبو پيدا ڪيو. اهڙيءَ طرح، ڪارلائل جي قياس موجب، سنڌي ادب ۾ هن هيرو ورشپ جو بنياد وڌو، جو هن کان اڳ موجود نه هو. افسوس اهو آهي ته هن دؤر ۾ ان نقطهٔ نظر کي قطعاً فراموش ڪيو ويو آهي. اهوئي سبب آهي جو قوم جو شيرازو، پريشان خياليءَ جي نذر ٿي چڪو آهي ۽ هر فرد پريشان به آهي ۽ انارڪسٽ به ٿي چڪو آهي.

هر ڪو ماڻهو پنهنجن ماڻهن ۾ رڳو عيب تلاش ڪري رهيو آهي. ”حسن“ جو متلاشي جڻ ته آهي ئي ڪونه! نڪو قوم ۾ ڪي اهڙا چڱا مڙس ئي رهيا آهن، جن جي نيڪي ڪري سگهجي. گويا پوري ملت، بديءَ ۾ مبتلا ٿي چڪي آهي. اصل ۾ جي ماڻهو ان خيال جا آهن، اهي هرويرو صحيح نه آهن. انهن کي ايترو انتها پسند ٿيڻ نه گهرجي. ”اڃا ڪي آهين، ڪلجڳ سوڌا ڪاپڙي“ تي خيال ڪرڻ گهرجي.

ٻيو ته ڪنهن ٻئي کي ساراهڻ سڀ ڪنهن جو ڪم ناهي. هن لاءِ وڏي جگر ۽ گردي جي ضرورت آهي. عام طرح سان ڪنهن جي عيب جوئيءَ يا گلا ڪرڻ ڏي ئي ماڻهوءَ جو نفسياتي ميلان رهندو آهي. ”بلبل“ جي وسعت نظريءَ جو داد ڏيڻ گهرجي، جو ”بلبل“ دل کولي، قوم جي محسنن کي قصيدي سان ياد ڪيو ۽ ڪين قوم وٽ متعارف ڪيو. سندس قصيدا به فني نقطهٔ نگاهه کان وڏو معيار رکن ٿا. بقول حافظ بسمل مرحوم:

”بلبل جا قصيدا، فانيءَ جي فن جي ٽَڪَر جا آهن.“

ٻيو تہ ان قصيده گوئيءَ ۽ مدح سرائيءَ جي سلسلي ۾ فني نقطئہ نظر سان هڪ مشڪل مسئلو هر قصيده گو لاءِ سد راهہ بنجي ٿو جو آهي ”لُندي خوشامد“ ۽ ”حقيقت بياني!“ ٻنهي جي وچ ۾ جو فرق آهي، ان کي هرڪو سمجهي سگهي ٿو. هڪ پنهنجي ذاتي دوست ۽ محسن کي ممدوح قرار ڏئي، ان جي مدح ڪرڻ آسان آهي. پر پاڻ کي قومي نقطئہ نظر ۾ فنا ڪري قوم جي ترجماني ڪندي قوم جي محسن جي مدح ڪرڻ، بلڪل مشڪل آهي. پنهنجي ”زبان“ سان مدح ڪرڻ ڪان قوم جي زبان بنجي مدح ڪرڻ مشڪل امر آهي.

”بلبل“ ان فني نقط نظر سان مبالغي آرائيءَ کي نظر انداز ڪري جن جي مدح ڪئي، اهي نہ فقط ان مدح جا مستحق هئا، پر ان سان گڏ اجا بہ وڌيڪ ستائش ۽ مدح جا حقدار هئا. ”بلبل“ قصيدي کي متوازن ۽ مناسب حدن ۾ رکي ان کي پوريءَ طرح نباهيو، جا سندس پڻ حقيقي ۽ بنيادي خوبي شمار ڪرڻ گهرجي. ”بلبل“ ڪنهن بہ ٽڪي ٽامٽيءَ جي لندي خوشامد نہ ڪئي آهي.

ٻيو تہ ”بلبل“ پنهنجي قوم کي پنهنجن ليڊرن جي روشن پهلوءَ کي نظر انداز ڪرڻ ڪان روڪيو آهي ۽ ٻڌايو آهي تہ قوم جيستائين پنهنجن ليڊرن جي روشن پهلوءَ کي نظر ۾ نہ رکندي، تيستائين اجتماعي اصلاح جو ڪوبہ ڪم پايئہ تڪميل تي نہ پهچي سگهندو.

”بلبل“ اهو بہ ظاهر ڪيو آهي تہ قوم ۽ ليڊرن جي وچ ۾ مفاهمت لاءِ ضروري آهي تہ قوم پنهنجن ليڊرن جي نقص ۽ عيب کي هرو پرو تشهير نہ ڏئي، ڪوشش ڪري اصلاح لاءِ سوچي ۽ رڳو فساد نہ پيدا ڪري، پر باهمي تعاون ڪان ڪم وٺڻ سکي. سندس خيال اهو آهي تہ ليڊر جي مقبوليت، قوم جي ترقيءَ ۽ عروج جو هڪ زينو آهي. جنهن قوم ليڊرن جي تاريڪ پهلوءَ تي نظر رکي خواهہ مخواهہ نڪتہ چيني ڪئي آهي، اها ڪڏهن بہ تعمير پسند ليڊرشپ پيدا ڪري نہ سگهي آهي. سندس نقطئہ نظر اهو بہ آهي تہ نفرت جو جذبو قوم ۽ ليڊر کي هميشہ لاءِ جدا ڪري ٿو ڇڏي ۽ انتها اتي ٿي پهچي جو قوم پنهنجي ليڊرن جي چڱن ڪمن مان بہ بهره ور ٿي نٿي سگهي.

”بلبل“ مرحوم عين سياسي ۽ اخلاقي مصلحت محسوس ڪري، قوم جي اڪين اڳيان قصيدي جو شيشو آندو ۽ سندس اکين اڳيان سندس ليڊرن کي لائق فائق، دانا، عقيل، همدرد ۽ اعتماد جوڳو ڪري ڏيکاريو. چو تہ سندس خيال موجب، انسان هر حال ۾ خاطي آهي، تنهنڪري جا قوم پنهنجن خدمتگذارن جي خطائن تي چشم پوشي ڪرڻ نہ سکي آهي سا ڪڏهن بہ چڙهي ۽ ايري نٿي سگهي.

قدرداني پيدا ڪرڻ جي سلسليءِ ۾ پاڻ هن طرح چيو اٿس:

قدرداني بہ چا عجب آهي،
جت قدر ناهہِ ات غضب آهي.
قدرداني ۽ ”واهَ“ جي وائي،
هي خدا جي عطا، وَهَب آهي.

(1) بلبل مرحوم خالق اڪبر جي حمد و ثنا نهايت دلڪش ۽ جاذب، زود اثر ۽ دلنشين نموني ۾ ڪري، الله پاڪ جي بي پناهہ وحدانيت ۽ قدرت ڪاملہ جي گونا گون صنعت ۽ خلقت ڏي رجوع ڪرڻ جي پرجوش ۽ پراثر تلقين ۽ تبليغ ڪئي آهي. ان سان گڏ غافل مسلمانن جي زنگ آلود قلب کي رسول ڪريم صلّي الله عليہ وسلم جي محبت واري پارس سان گھڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس. ان طرح ڪيترين مرده ۽ زنگ آلوده دليون روشن ڪري ڇڏيائين.

(2)الغرض، اسلام جي ٻن شعبن وحدت ۽ رسالت تي ڪامل ايمان آڻڻ، لاالہٰ اِلاّ الله سان گڏ محمد رسول الله جي مفهوم ۽ مطلب کي سيني ۾ سانڍڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ سندس شاعرانہ ۽ اديبانہ جدوجهد جو مرڪزي نصب العين رهيو آهي. سندس نعتيہ ڪلام هڪ صادق عاشق، هڪ شيفتہ ۽ وارفتہ ”گلِ رسالت“ جي ”بلبل“ جي آهہ و فغان آهي. در حقيقت، سرڪار دو عالم صلي الله عليہ وسلم جي محبت ئي ايمان آهي، بلڪ ايمان جي جان آهي ۽ ايمان لاءِ ساز و سامان آهي.

(3) ان سلسلي ۾ مرحوم ”بلبل“ پنهنجي حياتيءَ جي آخري گهڙيءَ ۾ بہ جو نعتيہ غزل لکيو آهي اهو حضور پرنور صلي الله عليہ وسلم کي سندس سچي امتيءَ جي سچيءَ سڪ جو سنيهو ۽ عقيدت ۽ محبت جي فراوانيءَ جو لاجواب خطاب آهي، چيو اٿس:

(4) ”رسول الله، امت کي چين ۾ نا ڇڏڻ گهرجي.“

(5)اهو شعر نهايت رقت انگيز ۽ روح پرور آهي، جو وفات وقت چيو اٿس.

(6)مرحوم ”بلبل“ پنهنجي فن ۽ ڪلام سان انهن ٻنهي چيزن توحيد ۽ عشق نبوي کي وري چمڪايو.

(7) مرحوم ”بلبل“ مسلم قوم کي تهذيب ۽ اخلاق جي راهہ تي هلڻ لاءِ وڻندڙ ۽ اپاريندڙ انداز ۾ آماده ڪيو ۽ ”تصوف“ جي بهترين ۽ عملي دستور العمل تي هلي تزڪيہ نفس لاءِ تيار ڪيو. ان سلسلي ۾ دنيا جي فاني هجڻ، فقر و فاقي کي پسند ڪرڻ، عبادت ۽ رياضت ۾ مشغول رهڻ، جدوجهد ۽ جهاد ۾ گذارڻ، ڪسر نفسيءَ ۽ فروتنيءَ سان پيش اچڻ، اتفاق ۽ اتحاد سان قومي شيرازه بنديءَ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ بهترين ڪلام چيائين.

(8) مرحوم ”بلبل“ پنهنجي فن، ادب، شعر ۽ نثر سان، مسلم قوم کي پنهنجي

صحيح مقام کان آگاھ ڪيو ۽ ڪين پنھنجي خير الامت ھجڻ جو احساس ڏياريو ۽ ڪين ”من عرف نفسه. فقد عرف ربه“ واري مقام کان واقف ڪيو. جيئن لطيف، روميءَ ۽ اقبال جي شاعريءَ جو مرڪزي خيال آهي ”پاڻ سڃاڻڻ“ جنهن کي فلسفيانہ انداز ۾ ”خودي“ تو سڏجي، ان ڏانهن ”بلبل“ پڻ سهڻي اسلوب سان دعوت ڏني آهي. جيئن اقبال چيو آهي:

وہی ہے تیرے زمانے کا امام حاضر،
جو تجھے، غائب و موجود سے بیزار کرے،
دے کے احساس زیان، تیرا لہو گرما دے،
فقر کے سران، چڑھاکر، تجھے تلوار کرے.

”بلبل“ جي فن ۾ نفي ۽ اثبات جي آميزش ان شعر جي بصيرت تي دليل آهي.

(9) مرحوم ”بلبل“ پنهنجي شاعريءَ ۾ خالص علمي ۽ ادبي، لساني ۽ فني پهلوءَ کي محفوظ رکيو ۽ سنڌي زبان نهايت سليس ۽ سلوڻي، دلڪش ۽ عام فهم ڪم آندائين. شعر جي رواني، شيرين بياني، وزن جي پختگي، بندش جي چستي سندس فن جو ڪمال آهي. ان طرح نوان استعارا ۽ ڪنايا، لطائف، ظرائف، تمثيلون ۽ تشبيهون پيدا ڪري، ٻوليءَ کي رنگين ۽ نمڪين بنائي ڇڏيائين.

بقول حاجي محمود خادم ”رنگين ۽ مرصع نثر جو موجد مرحوم ”بلبل“ آهي، خود مرحوم مخلص ۽ مرزا قليچ بيگ مرحوم بہ سندس تقليد ڪئي آهي.“ ان طرح جناب مولائي شيدائيءَ جي چوڻ موجب:

”بلبل پهريون انشا پرداز ۽ صاحبِ طرز اديب هو. جنهن مسلم صحافت جو مقام سنڌ ۾ بلند ڪيو. سنڌي صحافت جو بنياد وجهندڙ ”بلبل“ هو.“

اهڙي طرح ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل جي چوڻ موجب:

”بلبل مرحوم واقعي قومي روح، زبان جي سادگي ۽ عام فهم عبارت پيدا ڪرڻ جي خيال سان سنڌ جو حالي هو ۽ ظريفانہ ڪلام ۽ اصلاحي شاعريءَ جي خيال کان اڪبر الھ آبادي هو ۽ اخلاقي ۽ مذهبي شاعريءَ جي مدنظر تي سعدي ثاني هو.

آخر ۾ عرض ڪندس تہ ”بلبل“ کان ڪجھ اڳ ۽ ڪجھ پوءِ توڙي سندس دؤر ۾ ڪيترائي اهڙا شاعر پيدا ٿيا آهن. جي عظمت ۽ قابليت جي لحاظ سان. بلبل مرحوم کان بدرجها اتم هئا. پر هنن جو ڪلام ايترو مقبول عام ٿي نہ سگهيو. ڇا لاءِ تہ سندن اهو فن ۽ ڪلام دماغي ڪاوش جو مرهون منت هو ۽ زور طبع جي پيداوار هو تنهن ڪري تڪلف سان پيدا ڪيل مصنوعي صنعت ڪڏهن بہ حيات دوام حاصل ڪري نہ سگهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انجي برعڪس ”بلبلِ سنڌ“ جي صدا اڄ بہ سرزمين سنڌ جي فضا ۾ گونججي رهي آهي، سندس شاعري اڄ بہ سامعين جي مرده جذبات کي بيدار ڪري رهي آهي، بقول اقبال:

وہ بلبل نالاں تھا، اس اجڑے گلستاں کا

سندس تخلص بہ عجيب آهي ... ”بلبل“ هزار داستان، انيڪ قسمن جي لولين ۽ سرن جو مالڪ پرندو آهي، تيئن ”بلبل“ بہ هزار داستان آهي. سندس شعر ۽ ڪلام، بيان ۽ نطق، هر رنگ ۽ ڍنگ تي آهي. ”بلبل“ خوشيءَ ۽ غم، حسن ۽ عشق، شاديءَ ۽ خانہ بربادي تي نوحہ ڪنان رهي ٿو تيئن ”بلبل“ جي حياتي بہ اهي عناصر ٿي رکي. ”بلبل“ قوم جي غم ۾ غم انگيز ڪلام چيو. ”بلبل“ مسرت جا نغما ڳايا. ”بلبل“ حسن جي سحر انگيز ڪيفيت کي بيان ڪيو. ”بلبل“ عشق جي واردات جو نقشو چٽيو. ”بلبل“ قوم جي مسرت ۽ ڪاميابيءَ ۾ حصو ورتو. ”بلبل“ قوم جي خانہ بربادي تي دلدوز مرثيا چيا. اهي چارئي عناصر، سندس ”ديوان“ ۾ موجود آهن.

”بلبل“ ٻاهٺ ورهين جي عمر ۾ 13 سيپٽمبر 1919ع ۾ وفات ڪئي. مرحوم شمس العلماء قليچ بيگ فرمايو آهي:

شاعر ملکِ سندھ شمس الدین- کہ از و بود عالمی بہ شگفت.
بلبلی بود او کہ بامنقار- درِ معنیق، عجیب ترمی سفت.
بود او شمس، بر سپہر سخن- کرد آخر غروب روی نہفت.

”بلبل“ مرحوم جي عظيم ادبي فضيلت، توڙي شخصيت تي ڪافي بحث ڪيو اٿم، هت آخر ۾ سندس سياسي بصيرت تي فقط ٻہ-ٽي حوالا عرض ڪندس.

اول اوهان ان دؤر ۾ پيدا ٿيل هوم رول تحريڪ جو ڪجهہ تصور ڪيو، جنهن جي چڪر ۾ سنڌ ۽ هند جا وڏا وڏا مسلمان ليڊر اچي چڪا هئا. اهو دؤر 1918ع ۾ وڏو ممڻ مچائي چڪو هو. گانڌي، گوکلي، اينِي بيسنٽ ۽ ديوان مرليڌر ان تحريڪ ۾ حصو وٺي رهيا هئا. سنڌ ۾ غلام محمد خان پرگڙيءَ جهڙو پرجوش، مخلص ۽ ديانتدار ليڊر بہ متاثر ٿيڻ کان رهي نہ سگهيو.

ان دؤر ۾ مرحوم ”بلبل“ ڪتاب ”جام جم“ لکيو ان ۾ هند جي سياسي پس منظر، هندن جي انگريز پرستيءَ ۽ مسلمانن جي حق تلفيءَ تي مفيد ۽ معلومات افزا انگ اکر پيش ڪري مسلمانن کي خبردار ڪيائين تہ هو پنهنجي حقن لاءِ جداگانہ تنظيم ڪڙي ڪن ۽ بلڪل جدا محاذ قائم ڪري پنهنجن حقن لاءِ جدوجهد ڪن. ”جام جم“ جي 56 صفحي تي ”بلبل“ مرحوم لکيو آهي:

”گرگن سان ٻڪريون گڏجي حق نہ گهرن، بازن سان چڙيون نہ اڏامن! اسانجي هستي، اسان جي قوميت سيني ڪان متي هئڻ گهرجي، هندن ڪان صد بار وڌيڪ اسان جا پوليٽيڪل حق آهن. هو هميشہ اسان جا محڪوم هئا، انگريزجي چاپلوسي ڪري، هاڻي اسان جا حاڪم ٿيا آهن. اجا وڌيڪ حاڪم ٿيڻ گهرن ٿا. اسان جا انهن ڪان بہ وڌيڪ ڳاتي پڳا حق هئڻ گهرجن، پر جدا ۽ نہ گڏ.“

”بلبل“ جو هيءُ آواز، علامہ اقبال ۽ قائد اعظم ڪان، توڙي الهہ آباد واري اجلاس ۽ لاهور جي پاڪستان ريزوليشن ڪان ڀاويهہ سال ڪن اڳ جو آهي، جنهن ۾ پاڪستان ۽ جداگانہ قوميت جو روح موجود آهي.

ان طرح وفات وقت بلڪل پوين پساهن ۾ سندس زبان مان هي لفظ نڪتا:

”هندن جا بجڪا ڏار ڪريو ۽ مسلمانن جا بجڪا ڏار ڪريو.“ اهي لفظ پاڪستان جي تاريخ ۾ سنگ ميل جي حيثيت رکن ٿا.

بهرحال، هن مقدمي ۾ بلڪل مختصر طرح سان مقدمي جي رعايت سان مرحوم ”بلبل“ جي تعارف ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. عرض آهي تہ صاحب ذوق، گرامي صاحب جو مقالو ”بلبل“ ۽ سندس فن“ (مهراڻ، 3/4-63ع) بہ مطالعہ ڪن، جيئن ”بلبل“ متعلق سڀ گوشا روشن ٿين. انهن مختصر لفظن سان هن مقدمي کي ختم ٿو ڪريان.

ضياءُ الدين. ايس. ”بلبل“ (مرحوم)
15 فيبروري 1965ع

# ديباچو

(ڪلام بلبل-ڇاپو سال-1969ع-ايڊٽ ڪيل=گرامي)

**از قلم: رئيس ضياء الدين "ضيا" بن مرحوم رئيس شمس الدين "بلبل"**

"ديوان بلبل" جي مقدمي ۾، بلبل جي سيرت ۽ سوانح سان گڏ سندس فن تي به ڪافي بحث ڪيو اٿم. اميد ته ان جو مطالعو "بلبل" جي فن کي سمجھڻ جي سلسلي ۾ ڪافي ثابت ٿيندو.

"ديوان بلبل" کان علاوه "بلبل" جي باقي ڪلام جي تيار ڪرڻ جي سلسلي ۾ جيڪي به ڇپيل ۽ اڻڇپيل چيزون، دستياب ٿي سگھيون، اهي نقل ڪرايون ويون. افسوس اهو آهي ته سنڌ مان تمام ٿورن دوستن "بلبل" جي مواد متعلق امداد ڪئي آهي. ان مان ڪجھ حصي مان ڪجھ چيزون مختصر طرح سان ڇپائڻ جي ڪوشش به ڪيل آهي، پر سارو ڪلام اڃا يڪجا نه ٿيو آهي.

ان سلسلي ۾ جناب گرامي صاحب جي صلاح ۽ ترتيب تي آخرڪار اتفاق ڪرڻو پيو، جو پاڻ رحيما، ڪريما نيچرل، پليگي ڪريما جو انتخاب ۽ باقي اخلاقي، اصلاحي ۽ قومي ڪلام، "ڪلام بلبل" جي عنوان تي جمع ڪيو اٿس. خيال هو ته هر هڪ حصو جدا نموني ۾ آڻجي ها، پر باقي ڪلام جي ناياب هجڻ ۽ قلت محسوس ٿيڻ تي جو ڪجھ به موجود ٿي سگھيو، ان کي "ڪلام بلبل" ۾ آندو ويو آهي.

مرحوم "بلبل" جي فن ۽ سندس ظريفانه، تنقيدي ۽ تخريبي پهلوءَ لاءِ هن کان اڳ سمجهاڻي ڏئي چڪو آهيان ته "بلبل" جديد فيشن جي مضر اثرات جي ازالي لاءِ ان قسم جو اسلوب پيدا ڪيو، جو سنڌي ادب ۾ جديد هو جنهن جو اعتراف سڀني محققن ۽ اديبن ڪيو آهي.

"ڪلام بلبل" ۾ آيل سارو ڪلام متفرقات کان سواءِ، ان تخريبي ۽ تنقيدي پهلوءَ تي آهي. رحيما، ڪريما، پليگي ڪريما وغيره.

ان حصي کي مطالع ڪرڻ سان "بلبل" جي فن ۽ ان جي افاديت جو اندازو لڳائي سگھجي ٿو. جنهن سان مرحوم جو ڪلام معمور آهي.

ٻئي حصي ۾ اخلاقي ۽ اصلاحي ڪلام آهي، جنهن ۾ توحيد، رسالت، تصوف ۽ اخلاق کان سواءِ، وقت جي قومي اڳواڻن لاءِ قصيده ڏنل آهن. انهن قصيدن مان قوم ۽ اڳواڻن جي وچ ۾ باهمي تعاون ۽ محبت پيدا ڪرڻ مقصد آهي. اها قوم جا پنهنجن

محسنن ۽ خادمن جا رڳا عيب جاچيندي رهندي، سا ترقي ڪري نہ سگهندي. اهي قصيده پڻ ساراهيا ويا آهن. انهن جي افاديت، مطالعي ڪان پوءِ محسوس ٿي سگهندي.

البت ڪلام ۾ موجوده جديد شاعريءَ جي مقابلي ۾ چند فني ۽ لغوي خاميون رهيل نظر اينديون. يا بحر ۽ وزن ۾ ڪٿي ڪٿي شڪستگي ۽ ناپختگي نظر ايندي يا تہ -حرفا لفظ ختم ، فهم، وهم، صبر، قبر وغيره غلط بڌل نظر ايندا. ان ڪانسواءِ ڪاتين جي لغزش بہ اصل عبارت کي بگيڙيو آهي. پيو تہ اهي ٿوريون گهٽيون خاميون ان زماني ۾ نظر انداز ڪندا آيا آهن.جيئن موجوده شاعر پنهنجي شاعريءَ کي باڪمال چئي رهيا آهن، تيئن آئينده ايندڙ شعراءِ جي نظر ۾، سندن ڪلام ائين ئي نظر ايندو. جيئن اسان جي نظر ۾ اسان جي وڏن جو ڪلام آهي، جنهن ۾ لغت، قافيہ، بحر، وزن، حرڪات، سڪنات وغيره جون خاميون نظر اچي رهيون آهن.

ان سلسلي ۾ هڪ جدا بحث لکڻ جو ارادو آهي. ان جي روشنيءَ ۾ "ڪلام بلبل" جي عظيم ادبي خوبين جو اندازو بخوبي لڳائي سگهندا.

قصيدن جي اهميت متعلق مون هن ڪان اڳ، "ديوان بلبل" ۾ ڪافي لکيو آهي، منهنجو مطلب هي آهي تہ "بلبل" پنهنجي زماني جي بزرگن ۽ بابرڪت هستين جي چونڊ ڪري انهن جي مدح ڪئي آهي ۽ انهن جي علم، خدمت ۽ ڪمال فضيلت کان قوم کي آگاهہ ڪري سندس دل ۾ عزت ۽ محبت جو بي پناهہ جذبو پيدا ڪيو آهي. ان طرح سان ڪارلائل جي "هيرو ورشپ" جو بنياد سنڌي ادب ۾ "بلبل" مرحوم ئي وڌو آهي، جو افسوس جو اڄڪلهہ نہ رهيو آهي.

اهو بہ عرض آهي تہ ڪنهن ٻئي جي تعريف ڪرڻ وڏو فن آهي، انسان جي ڪمزوري هميشہ خامين ۽ غلطين کي ڳولڻ لاءِ آماده رهندي آئي آهي ۽ نڪتہ چيني ڪرڻ آسان ڪم آهي پر عيبن کي ڇڏي هنر ۽ خوبيءَ جي ساراهہ ڪرڻ لاءِ دل جي وسعت ۽ دماغ جي طراوت گهرجي. ان طرح مدح ۽ لنڊي خوشامد ۾ بہ فرق آهي. "بلبل" ڪنهن جي بہ اجائي خوشامد نہ ڪئي آهي. نڪو مالي منفعت لاءِ قصيدا لکيا اٿس. "بلبل" جي فن جي افاديت جو اعتراف، هڪ طرف سندس همعصر عالمن ۽ فاضلن ڪيو آهي تہ ٻئي طرف شاعرن ۽ اديبن پڻ تعريف ڪئي آهي، ان طرح سندس سوانح نگارن پڻ مفصل طرح سان تبصرا ۽ جائزا پيش ڪيا آهن، جي مطالع جي قابل آهن.

سنڌ جي مشهور عالم ۽ بزرگ خاندان جي هڪ رڪن مخدوم ميان محمد انور صاحب پاٽائي (مرحوم)، قاضي نور الدين صديقيءَ ميمبر سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي والد، مرحوم "بلبل" جي ڪلام ۽ فن تي هڪ مفصل جائزو، آفتاب 25 اپريل 1908ع ۾ شايع ڪرايو هو. ان جو هڪ مختصر اقتباس پيش ڪجي ٿو. فرمائي ٿو:

”جيئن ناليري فيلسوف جانسن، اسڪاٽ ۽ ٻين يورپ جي مشهور شخصيتن پنهنجن ناولن ۾ فلسفي ۽ حڪمت کي جاءِ ڏيئي پنهنجي قوم ۾ جا فيشن جي دلداده ٿي چڪي هئي، هڪ وڏو انقلاب ۽ سڌارو آندو، تيئن ”بلبل“ جي ظرافتي مقالن، تصنيفن ۽ مزاحيہ شعرن، جيڪو اخلاقي اثر پيدا ڪيو، سو قوم جي سڌارڻ ۾ اسان جي ڏگهين تقريرن، تحريرن ۽ مضمونن ڪڏهن نہ ڪيو آهي. جيستائين مصنف عوام جي دلين جي لاڙي کي جاچي انهن جي مزاج مطابق نہ لکندا، تيستائين سندن تصنيفون گهربل اثر پيدا نہ ڪنديون. مشهور شاعر شيڪسپيئر جي سر جو سهرو، جيڪڏهن سنڌ ۾ ڪنهن تي سونهي ٿو تہ اهو اسان جي فخر قوم ”بلبل“ جي سر تي سونهي ٿو.“

”بلبل جي فن ۽ ڪلام جا شائق، اڄ تائين ”بلبل“ جي تاليفات کي ساهہ سان سانديو تا اچن. ڪيترا اهڙا اهل ذوق بہ موجود آهن، جن کي ”بلبل“ جي نظم ۽ نثر جا ڪيئي ڪتاب اصل برزبان ياد آهن. جن مان ڪافي مشهور ڪتاب، جناب گرامي صاحب ايڊٽ ڪيا آهن.

مون هت ”بلبل“ جي فن لاءِ چند اشارا ڏنا آهن. اميد آهي تہ نظر وارا پارکو، ان مان ئي اندازو لڳائي سگهندا تہ ”بلبل“ جي فن جي اڄ بہ ڪيتري نہ ضرورت آهي!

هن سلسلي ۾، ٻين عالمن جا مختصر رايا پيش ڪرڻ ڪافي ٿو سمجهان. جن مان مرحوم خانبهادر محمد صديق ميمڻ، مرحوم واصف صاحب، مرحوم حاجي محمود ”خادم“ صاحب، مرحوم حافظ ”بسمل“ ٺڪڙائي، جناب پير حسام الدين راشدي صاحب، محترم مولائي شيدائي، جناب سيد علي اڪبر شاهہ صاحب، ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم صاحب ”خليل“، مرحوم مولانا حڪيم فتح محمد صاحب سيوهاڻي، مرحوم ”مخلص“ صاحب، مرحوم مرتضائي ٺٽوي، مرحوم حڪيم نور محمد نظاماڻي ”نورل“ ۽ مرحوم جمعو خان ”غريب“ قابل ذڪر آهن.

مرحوم ”بلبل“ جي فن کي هر ڪنهن نقاد ۽ صاحبِ فن تسليم ڪيو آهي ۽ داد ۽ تحسين ڏيڻ ڪانسواءِ رهي نہ سگهيو آهي.

مرحوم خانبهادر محمد صديق ميمڻ لکيو آهي:

”ظرافت ۽ مذاقيہ ڪلام جي ڪري ”بلبل“ پنهنجن همعصر، خواهہ پيشرو شاعرن کان گوءِ کڻي چڪو آهي، سارو مذاقيہ ڪلام ناصحانو ڪلام آهي.“ (تاريخ سنڌي ادب جلد 4 ص 515)

مرحوم ”واصف“ صاحب رقمطراز آهي:

”سرزمين سنڌ جي هڪ مشهور اديب، شاعر عجيب ۽ اهل زبان مرحوم شمس الدين ”بلبل“ جنهن جي اڳيان بلبل هزار داستان بہ گنگي ۽ طوطي خوش گفتار کي بہ عجز جو

اقرار هجي... مرحوم ”بلبل“ کي قيام ازل کان، ڪيترين خوبين قسمت ۾ آيون هيون، جيئن شعر و شاعري، فصاحت ۽ بلاغت، نثر نويسيءَ جي نزاڪت، ان سان گڏ ظرافت جي ضيافت، فن صحافت جي قابل قدر لياقت ۽ قابليت، انهن مڙني خوبين ۾ مرحوم ”بلبل“ پنهنجو مٽ پاڻ هو.“

”شعر و شاعري ۾ مرحوم ”بلبل“ پنهنجي همعصر شاعرن جي نقش قدم تي هليو آهي. جيئن ته دؤر جديد جي شاعرن وٽ جيڪا عروض وغيره جي پختگي ۽ پابندي آهي، اها مرحوم ”بلبل“ ۽ ان جي همعصر شاعرن ۾ ذرا گهٽ آهي. جنهن جا مثال ڳولبا ته گهڻي تعداد ۾ لڀي پوندا.

”درحقيقت هن ۾ مرحوم ”بلبل“ جو ڪوبه قصور ڪونهي، چو ته سندس دؤر جي شاعرن جو اهو دستور ۽ طريقو هو. تنهن هوندي به سندس ڪلام جي رواني، موج، دريا جي نشاني آهي، چوندي چوندي بحر پلٽيو وڃهي!“

نظم جي عزم کي ڇڏي سندس نثر نويسيءَ کي وٺبو ته اتي به حيرت تي حيرت آهي. نثر جي نفاست توڙي ان جي نزاڪت لاجواب آهي، جنهن جي حد نڪو حساب آهي.

وري ظرافت جي چاشني چکجي ته اهڙي لذت ٿي وٺجي جو گويا شيخ ڪباب کي بلا حجاب هضم ڪيو ويو...! ظرافت جي لياقت، ”بلبل“ جي فطرت ۾ بلڪل ڪثرت سان ٿي ڏسجي. فقري فقري ۾ اهڙو رنگ رچايو اٿس ۽ جملي جملي ۾ اهڙو ڍنگ مچايو اٿس. خليل صاحب جو هي قول بلڪل صحيح آهي ته ”بلبل“ کان پوءِ اهڙي ظرافت ڪنهن کي نصيب نه ٿي...“ باقي رهيو فن صحافت، ان جي حڪايت به ڪهڙي ڪجي! پنهنجي وقت جي اخبار نويسن ۾ ”بلبل“ پنهنجي نوع جو پاڻ مالڪ هو. حضرت خليل جيڪي مثال ڏنا آهن، انهن ۾ هن بيمثال اخبار نويس جو شان بلڪل بلند ۽ بالا آهي. رب تعالىٰ ان کي اها وڏي ذات ڏني هئي، جنهن جي ڪهڙي بات ڪجي...“ (بلبل سنڌ ص ... مولف ڈاڪٽر خليل ص: ه، و، ز).

مرحوم ”بلبل“ لاءِ ”مخلص“ مرحوم فرمائي ٿو:

”’بلبل‘ مرحوم سنڌ جي مسلمانن ۾ پهريون اخبار نويس هو، ۽ پهريون شخص هو جنهن ظرافت جي ميدان ۾ شاعري ڪئي ۽ اهوئي هڪ هو جنهن پهريان پهريان صحيح معنيٰ ۾ ايڊيٽري ڪري ڏيکاري ۽ موجوده سليس، پر اثر ۽ رنگين مضمون نويسيءَ جو سکو جمايو.“ *(ڪشڪول رسالو از مخلص مرحوم)*

سنڌ جي مشهور عالمِ دين، محقق ۽ مورخ مولانا دين محمد صاحب ”وفائي“ مرحوم لکيو آهي:

”بلبل“ جي لکڻي، ظرافت آميز ۽ پرمذاق هوندي هئي جنهنڪري هر هڪ ماڻهو

سندس مضمونن کي ڏاڍي شوق ۽ لطف سان پڙهندو هو.

هن سنڌي زبان ۾ تمام چڱو سڌارو ڪيو ۽ نئين رنگ ۾ سنڌي لٽريچر ۾ اضافو ڪيائين. نظم توڙي نثر ۾ گهڻائي ڪتاب لکيائين... ديني تعليم لاءِ به ڪتابن جو سلسلو لکيو اٿس. سندس مطالعو تمام وسيع هو.

1907ع ۾ آل انڊيا ايجوڪيشنل ڪانفرنس ۾ فارسي زبان ۽ تعليم تي جا بلبل تقرير ڪرڻ فرمائي سا فصاحت ۽ بلاغت جو بهترين نمونو هئي، جنهن جو هندستان جي وڏن وڏن اڪابرن، نواب وقار الملڪ پارن داد ڏنو."

*(الوحيد، "سنڌ آزاد" نمبر 2، ص 164-165.*

سنڌ جي مشهور اهل قلم ۽ عالم دين حڪيم مولانا فتح محمد سيوهاڻي مرحوم، "بلبل" جي فن جي تحسين هنن لفظن ۾ ڪئي آهي:

"اهو محترم شخص سنڌ جو مشهور شاعر ۽ اهل قلم، رئيس شمس الدين "بلبل" هو، جنهن جي شعر جو شهرو سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهتل هو، سندس قلم جو زور ضرب المثل هو. مرحوم "بلبل" "پرگو ۽ بديهه گو" ظريف ۽ صاحبِ ذوق سليم شاعر هو. سندس قلم جون گلڪاريون، "آفتاب" جي صفحن تي ڏسڻ جهڙيون هونديون هيون. ظرافت نگاريءَ جو ته استاد هو. سندس ڪلام دلچسپ ۽ دلڪش هو."

*(خود نوشت حيات، از حڪيم مرحوم)*

هڪ قطعي ۾ هن طرح ٿا فرمائين:

شمس الدین 'بلبل' جو ہے شیریں مقال،
سندھ میں شاعر ہے، عالی مرتبہ،
پرچہء الحق ہوا ہے، اور بھی،
حضرتِ 'بلبل' کے اب زیرِ نگہ،
کہدو یوں سالِ تقرر، اے "صغیر"،
روشن 'الحق' 'آفتابِ' دین ہے وہ!

مرحوم حاجي محمود "خادم" لاڙڪاڻوي، لکي ٿو:

"منهنجي خيال موجب، هڪ اعليٰ مفڪر کي پرکڻ جون ٽي نشانيون آهن. هڪ ته هن ڪا جدت آفريني ڪئي هجي، ٻيو ته هن سوسائٽيءَ ۾ نئون روح ڦوڪيو هجي ۽ نوان جذبا پيدا ڪري نيڪ اثر وڌو هجي. حقيقت جي ترجماني ڪري ٻين جي شڪن ۽ شبهن کي دور ڪيو هجي، ٽيون ته هن ۾ پيشنگوئيءَ جو مادو هجي ۽ قوم خواه وقت جو پورو نبض شناس ثابت ٿيو هجي.

هنن سيني پرڪائن تي ”بلبل“ بلڪل پورو لهي ٿو.

هو پهريون آهي جنهن ظرافتي نظم لکيو... هو پهريون آهي جنهن ظرافت جي رستي، انگريزي تهذيب جي عيبن کان مسلمانن کي آگاهه ڪيو... هو پهريون آهي جنهن ظرافت جي رستي، حڪومت جي راشي آفيسرن، علماءِ ڪرام ۽ پيران عظام جي مخرب قوم ۽ اخلاق جي رياڪارانه ڪاررواين تي تنقيد ڪئي... هو پهريون آهي، جنهن يورپ جي مخرب اخلاق فيشن جي تقليد ۽ براين جي اصلاح بابت انگريزي خوانده نوجوانن تي طنز ڪري، ڪين ملڪي ۽ اسلامي تهذيب ڏي متوجهه ڪيو... هو پهريون آهي، جنهن ظرافت جي پردي ۾ ”ڪريما“ تي ”تضمين“ لکي، پنهنجا اسلامي اصلاحي خيالات ظاهر ڪيا. هو پهريون آهي، جنهن ڪريما سعديءَ جي طرز تي رحيما مثنوي مذاقيه ۽ اصلاحي رنگ ۾ نظم ڪئي. هو پهريون آهي جنهن موجوده سليس نثر نويسيءَ جو رنگ اختيار ڪيو. جو خاص طرح اخباري دنيا لاءِ بلڪل ڪارائتو ثابت ٿيو... ”بلبل“ جو اهو احسان ڪڏهن به نه وسرندو، جنهن نه رڳو اهو نمونو ايجاد ڪيو، بلڪ ان کي پنهنجي خدا داد ذهانت ۽ قلمي طاقت سان نهايت بلند مرتبي تي پهچاياڻين. هن پوئين راءِ ۾ ”بسمل“ مرحوم سان ”مخلص“ به شامل آهي.

”نوان استعارا، نيون تشبيهون،نيون تمثيلون، نيون ترڪيبون، نوان نڪتا، چست بندش، شوخ ادا، فصاحت بلاغت ۽ نون مضمونن وغيره جهڙيون خالص فني خوبيون، سنڌي ادب ۾ اضافو ڪيائين ۽ ٻوليءَ جو ادبي پهلو روشن ڪيائين.“

*(اپريل 1951ع ڪراچي ريڊيو تان نشر ڪيل)*

مرحوم حافظ عبدالله صاحب ”بسمل“ تڪڙائي مرحوم لکيو آهي: ”بلبل“ مرحوم پهريون ئي اديب آهي، جنهن موجوده سليس نثر نويسيءَ جي طرز ايجاد ڪئي. در حقيقت مرحوم شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ صاحب هن طرز ۾ مرحوم ”بلبل“ جو ئي مقلد آهي... سندس ايڊيٽريءَ ۾ جيڪي اخبارون شايع ٿيون، انهن ۾ سندس پرزور ۽ فصيح ۽ بليغ نثر نويسيءَ جو بي اختيار داد ڏيڻو پوي ٿو. هن ڪانپوءِ سنڌ ۾ جيڪي به پرزور اخبار نويس ٿي گذريا آهن، جهڙوڪ مسٽر عبدالوهاب ايڊيٽر ”مسافر“يا مرحوم شيخ محمد سليمان يا مرحوم ”مخلص“ سي سيئي ”بلبل“ جا خوشه چين ۽ مقلد آهن.

”هن ڳالهه کان ته هرگز انڪار ڪري نٿو سگهجي ته سنڌ ۾ ظريفانه شاعريءَ جو پهريون پهريون موجد، مرحوم ”بلبل“ آهي. هن جو مخترع دماغ قومي اصلاح بابت جرئت ۽ طاقت سان عجيب عجيب مضمون پيدا ڪرڻ لڳو.

”... سندس ظريفانه ڪلام مطالع ڪبو ته ... واضح ٿيندو ته هن طرز ۾ سنڌ جا سيئي ظريف شاعر، ويندي مخلص تائين ”بلبل“ جا منبع ۽ خوش چين آهن.

”مرحوم ”بلبل“ جو ظريفاڻو رنگ ۾ سنڌي نثر خواهه نظم ۾ ڪوئي ثاني نه آهي... زبان جي صفائيءَ ۽ فصاحت ۽ بلاغت ۽ ادائي مطلب ۾ ”بلبل“ مرحوم جو مَٽ ڪو ورلي پيدا ٿيندو.

... البت ڪلام جي موزونيت جو گهڻو خيال نه رکيو اٿس، جو ان وقت جي هر شاعر ۾ اها ڪمزوري نظر آئي ٿي.

... ظرافتي نثر نويسيءَ جي ايجاد به سنڌ ۾ پهريائين ”بلبل“ مرحوم ڪئي.

*(بلبل جا ادبي اوليات، بلبل نمبر، نئين زندگي 1965ع)*

پير حسام الدين صاحب راشدي، ”سنڌي ادب“ ۾ رقمطراز آهي:

”مرحوم ”بلبل“ پهريون شاعر شيرين بيان آهي، جنهن مولانا حاليءَ ۽ اڪبر الهه آباديءَ جي اصلاحي ۽ ظريفاڻي رنگ ۾ شاعري ڪئي“. (سنڌي ادب، اردو)

محترم مولائي شيدائيءَ ”آفتاب“ اخبار جي تاريخ لکندي، هڪ هنڌ لکيو آهي:

”مرحوم شمس الدين ”بلبل“ آفتاب جو ايڊيٽر ٿيو، جو وقت جو جيد عالم ۽ نظم ۽ نثر ۾ يدطوليٰ رکندڙ اديب هو.“ *(آفتاب، سکر-نئين زندگي 1965ع)*

جناب سيد حاجي علي اڪبر شاهه صاحب، (سابق ايم.ايل.اي سنڌ) لکي ٿو:

”بلبل“ پنهنجي پرزور ۽ رنگين مضمونن سان ساريءَ سنڌ ۾ غلغلو پيدا ڪيو. جيڪي ماڻهو سنڌيءَ جي رنگينيءَ کان غير مانوس هئا، سي نهايت عجب ۽ حيرت ۾ پيا. هن اهڙي فصاحت ۽ بلاغت سان صنعتون ۽ استعارا ڪم آندا، جنهن جي مطالع سان خود اهل قلم به دنگ رهجي ويندا هئا. سنڌي زبان ۾ هن پنهنجيءَ رنگينيءَ ۽ ظرافت نگاريءَ سان جيڪا جدت پيدا ڪئي سا ان ۾ اڳ نه هئي، گويا ان فن ۾ ڪيس، سنڌي انشاءَ جو موجد چئي سگهجي ٿو.“

*(رسالو علمي دنيا، ڪراچي- اپريل 1930ع)*

ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم ”خليل“ لکي ٿو:

”بلبل“ مرحوم جي سخن سازيءَ تي غائر نظر ڪبي ته پڌري طرح معلوم ٿيندو ته جڏهن ”بلبل“ شعر ۽ ادب جي ڪوچي ۾ گامزن ٿيو ته نه رڳو سنڌي شاعري بلڪ اسان جو ادب هڪ مضحڪ انگيز نقالي بنجي رهجي ويو هو. ان ۾ نڪو لطف هو ۽ نه زندگيءَ جا آثار هئا. ان جي رنگيني ڪاغذ جي گلن جي رنگينيءَ وانگر هئي. ”بلبل“ کان اڳ جي شاعري، بي لطف، ڦڪي ۽ سنئين سنواتي سنڌيءَ ۾ لکيل هئي. سندس ڪلام ناصحاڻو ۽ ظريفاڻي رنگ ۾ پريل آهي، ان جو مطالعو ڪبو ته ”بلبل“ جي خداداد قابليت ۽ شاعراڻي قوت جو پورو پورو ثبوت ملي سگهندو ۽ واضح ٿيندو ته هن طرز ۾ سنڌ جا سيئي ظريف شاعر، ويندي ”مخلص“ تائين بلبل جا منبع ۽ خوشه چين آهن.“ (بلبل سنڌ ص 63 ۽ 89)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com


THE AFTAB-I-SIND
(REGISTER No. B. 757)
آفتاب سند
Vol. 27] SUKKUR, Saturday
[No. 28

مولوي حڪيم نور محمد نظاماڻي، ايڊيٽر ”مرغ فلڪ“ هن طرح ”بلبل“ جي فن جي تحسين ڪئي آهي:

سخن جي ملڪ جو سردار بلبل،
بهار الحق سندو سينگار بلبل.
سخن جا سروَ نرگس، لالہ، چندين،
و ليڪن، غيرتِ گلزار بلبل.
بہ شهرِ شعر، ڪَن شربت فروشي،
گهڻا تاجر، مگر عطار بلبل.
سخنداني سندا، درياءَ چندين،
مگر هي بحر آ، ذخار بلبل.
منور جئن ڪہ شمس الدين، اسمش،
بلاشڪ، تئن پُر از انوار بلبل.
خوشامد جي نہ ورتي، راهہ ”نورل،“
مگر شيدائي، برگفتار بلبل.
*(مختصر از مرغ فلڪ)*

جناب ڊاڪٽر محمد ابراهيم صاحب ”خليل“ هڪ نظم ۾ چيو آهي:

ڪنهن کي ”بلبل“ جي نہ هٿ آئي ڪڏهن طرز مذاق،
ان جي شعرن جو تتبع ڪيو توڙتي آفاق،
ملڪ و ملت کي ڏسي، اهڙي تہ هن راهہِ وفاق،
جو پيچي دور ٿيا، قوم کان خود بغض و شقاق.
سنڌ اهڙو نہ ڪيو هوڪو سخنور پيدا،
نہ بلاغت ۽ فصاحت ۾ بہ همسر پيدا.

دلفريبيءَ جو ظرافت ۾ رکي تو سامان،
جنهن جي تنقيد تي نقاد ٿئي تو حيران،
دلڪشي نثر جي جڻ آهہ، تڙيل ڪو بستان،
نظم جي آب تان پڻ گوهرِ رخشان قربان.
شعر جي هر سخنِ صنف ۾ ماهر بلبل
فارسيءَ جو هو، تہ سنڌيءَ جو بہ شاعر بلبل.

مرحوم جمعو خان ”غريب“، مرحوم ”بلبل“ جي وفات واري قطع تاريخ ۾ فرمايو آهي:

هو هندستان ۾، فصاحت جو فائض،

بلاغت جو عنوان، مرحوم بلبل.

هواءِ ادب ۾ هو پرواز ان جو،

هو شاهين، باشان، مرحوم بلبل.

هو علمِ معاني جو استاد ڪامل،

هو سعدي ۽ سحبان، مرحوم بلبل.

هو فيلسوفِ زمانہ ۽ شاعر،

اديب، همہ دان، مرحوم بلبل.

”هو مغفور“ ۽ باسر دل وري چئو،

1337ھ 4

حق! اعليٰ ترانسان، مرحوم بلبل.

سرِ دل ويو! عيسوي سال تي ويو!

”هو جنت ۾ ذيشان“! مرحوم بلبل.

1337ھ 1919ع

اميد تہ سنڌ جا اهل ذوق حضرات، ”ڪلام بلبل“ جي مطالعي وقت،اڻويهين صديءَ جي تاريخي پس منظر ۽ ان دؤر جي حالات کي اڳيان رکي غور ڪندا ۽ ڏسندا تہ ان دؤر ۾ پيش ڪيل خيالات هن اسان جي دؤر سان ڪيتري قدر ٺهڪي ٿهڪي ٿا بيهن.

آءُ آخر ۾ جناب گرامي صاحب جو پڻ شڪريو ٿو ادا ڪريان جنهن جي وسيع مطالعي ۽ ڪاوش ”بلبل“ جي فن ۽ ڪلام کي نئين زندگي بخشي آهي.

ان سلسلي ۾ گرامي صاحب هينيان ڪتاب پڻ ايڊٽ ڪيا آهن. جي سڀ مطالع جي قابل آهن. جيئن ”تيرهن چار مڪرن جا مار“، ”بهار عشق“، ”مسلمان ۽ تعليم“، ”چٽ سوال پَٽ جواب“، ”آئينہ تجارت“، ”ميلو قلندر لال شهباز“، ”معيار الاديان“، ”رسالہ ترحم يتيمان،“ ”لطائف ظرائف،“ ”گلزار لطائف“ ۽ ”اوائلي تعليم“ وغيره. اميد تہ باقي ڪتاب جيئن هٿ ايندا ويندا، تيئن تيار ٿيندا ويندا.

”مسلمان ۽ تعليم“ تي گرامي صاحب جو لکيل مقدمو، هڪ تاريخي چيز آهي، جنهن جي پس منظر ۾ ان دؤر جي مسلمانن جا تعليمي مسئلا ۽ مطالبا سمجهي سگهجن ٿا. باقي سڀ ظرافت آميز ۽ مزاحيہ نثر جا اصلاحي شاهڪار آهن ۽ ”معيار الاديان“ ۽ ”اوائلي تعليم“ خالص ديني آهن.

*والسلام، 20 فيبروري 1965ع*

# بلبل سنڌ
# مفڪر جي حيثيت ۾

**از قلم: رئيس ضياءُ الدين ضيا**

گاهي گاهي باز خوان اين قصئہ پارينہ را

ريڊيو پاڪستان جو سنڌي ادب تي هي احسان چئبو جو مون کي اِج هڪ اهڙي نئين ۽ اهم ڳالھ پيش ڪرڻ جو موقعو ڏنو آهي، جنهن کي قلمبند ڪري ايندڙ نسلن جي رهنمائي لاءِ ڇڏي وڃڻ جو مون کي گهڻي وقت کان وٺي شوق هو. بلبلِ سنڌ مرحوم مغفور رئيس شمس الدين کي سنڌ جي علمي دنيا جو ننڍو وڏو فرد ائين سڃاڻي ٿو جيئن شيخ سعدي رحمت الله عليہ کي يا حضرت مولانا اڪبر الھ آبادي کي جن ٻن بزرگ هستين سان ڪيس قبلہ علي اڪبر شاھ صاحب ايم.ايل.اي ڀيٽيندو آهي.يعني تہ هن کي هڪ شاعر، اديب ۽ ايڊيٽر جي حيثيت ۾ هرڪو جاڻي سڃاڻي ٿو پر اڄ منهنجي تقرير جو موضوع اهو نہ آهي تہ هن کي انهيءَ ساڳئي رنگ ۾ پيش ڪريان جنهن ۾ تاج الشعرا حضرت ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم صاحب خليل ۽ مولانا غلام محمد صاحب گرامي پيش ڪري چڪا آهن. منهنجو اشارو هنن صاحبن جي انهن دلڪش ۽ پرمغز تقريرن ڏانهن آهي جن ۾ 9 آل سنڌ ادبي ڪانفرنس ۽ 11 آل سنڌ ادبي ڪانفرنس ۾ هنن بلبل مرحوم جي شعر و شاعريءَ تي ڪافي روشني وڌي هئي.

آءُ اڄ هيءَ دعويٰ ڪٽي اوهان جي اڳيان آيو آهيان تہ مرحوم و مغفور بلبل نہ رڳو هڪ اعليٰ درجي جو شاعر، اديب ۽ ايڊيٽر هو پر پهرين صف جو سنڌي مدبر مفڪر ۽ موجد پڻ هو. هن پهلو طرف تمام مختصر طرح جناب حاجي قبلہ سيد علي اڪبر شاھ پنهنجي "علمي دنيا" جي ماه اپريل سال 1930ع واري مضمون ۾ اشارو ڪيو آهي ۽ ساڳي طرح الوحيد جي اداري طرفان ان جي سنڌ آزاد نمبر ۾ جو سال 1936ع ۾ شايع ٿيو پڻ اهڙو اشارو ٿيل آهي، پر اڄ مون کي قدرت اهو نادر موقعو ڏنو آهي جنهن ۾ آءُ انهن اشارن کي چٽي طرح ۽ کولي ثابت ڪري اوهان جي خيال کي بدلي سگهندس جو خود اوهان خوشيءَ سان تسليم ڪندؤ تہ بلبل هڪ اعليٰ سنڌي مفڪر هو ۽ سنڌ جي تاريخ ۾ هيءُ هڪ نئين باب جو اضافو ٿيندو.

حضرات شروع ۾ هي سمجھڻ نهايت ضروري آهي تہ هڪ اعليٰ مفڪر جي سڃاڻپ جو معيار ڇا آهي ۽ ان جون نشانيون ڪهڙيون آهن جن جي آڌار تي قطعي طرح فيصلو ڪري سگھجي تہ هيءَ هستي اعليٰ مفڪرن جي صف ۾ ويهڻ جي قابل آهي يا نہ؟

هڪڙا مفڪر اهي آهن جي حڪمت ۽ فلسفي جا دقيق ۽ نوان نظريہ پيش ڪن ٿا جيئن مثال طور بو علي سينا، امام غزالي رحمة الله عليہ يا ڪانٽ ڪيو. ظاهر آهي تہ هن قسم ۽ درجي جي تفڪر سان هت بحث ڪونہ آهي. ٻيو نمونو انهن خالص فني مفڪرن جو آهي جي جذبات ۽ مشاهدات جا نادر شهپارا فني رنگ ڍنگ ۾ بنا ڪنهن ڪوشش ۽ ڪاوش جي، پيش ڪري ويا تہ انهن جو اثر عوام تي ڪهڙو پيو يا پوندو يا انهن جي ڄاڻ ۾ واڌارو ايندو بہ يا نہ ايندو. هن قسم جي مفڪرن جا بہ وڏا ٽولا آهن. هڪڙا اهي جن سوسائٽي تي سٺو اثر وڌو ۽ جن جو فن ممد حيات ثابت ٿيو. ٻيا اهي جن سوسائٽي تي تباهہ ڪن اثر وڌو ۽ حيات لاءِ نقصانڪار ثابت ٿيا. حضرت مولانا حسرت موهاني جي نظر ۾ شاعري جو ڪلام عاشقانہ، عارفانہ ۽ فاسقانہ ٽن درجن جو ٿيندو آهي. سندس هيٺئين عجيب تشريح ۽ نادر تقسيم شجره جي شڪل ۾ قابل غور آهي:




هن قسم جي شاعرن اديبن وغيره لاءِ مولانا جو هڪ قطعو واهہ جو آهي:

پسند آيا طريقۂ شاعرى تيرا ہميں حسرت،
کہ جب کہنا کبھى کچھ نغز کہنا ہے بدل کہنا.

مثال طور وٺو حضرت غالب ۽ اوسڪر وائيلڊ کي، ٻئي گويا سوسائٽيءَ کي چون ٿا تہ:

من آنچہ شرط بلاغت باتو ميگويم
تو خواه از سخنم پند گير خواه ملال

هو بي پرواهي سان پنهنجا فني شاهڪار پيش ڪندا آهن ۽ فن ڪي فن خاطر ڄاڻن ٿا، پر غالب جو اثر سوسائٽي تي نيڪ ئي پوي ٿو ۽ اوسڪر وائيلڊ جو ان جي ابتڙ. هن نوع جي برعڪس وري اهو ٽيون طبقو مفڪرن جو آهي جو فن ڪي فن خاطر نہ پر پند و نصيحت خاطر ڄاڻي ٿو ۽ ان ۾ ڪوشش ڪري ڄاڻي ٿو ته ڀڄهي پنهنجي فلسفئہ حيات ڪي پيش ڪري ٿو. هن طبقي جي مکيہ مثالن طورمنهنجي زبان تي مرحوم علامہ اقبال ۽ جارج برنارڊ شا جا اسماءِ گرامي تري اچن ٿا. هن قسم جو هڪ ٻيو نهايت اهم گروهہ اهو آهي جيڪي پنهنجي فن ۾ پند و نصيحت جو پهلو تہ ضرور رکن ٿا پر اهو اهڙي نازڪ نموني ۾ مخفي رکن ٿا جو سامعين هنن کي هڪ ناصح يا فيلسوف جي ڍانچي ۾ نہ ٿو ڏسي بلڪ هنن کي محض پاڻ جهڙو ۽ پنهنجو همدرد ۽ انسانيت جو پتلو ڄاڻي هنن کي پيار ڪري ٿو ۽ پيار ڪندي هنن جي هر مخفي اصلاح کي نادانستہ طور قبول ڪري وٺي ٿو. هن درجي جو مفڪر ۽ پهريون نمبر آءُ حضرت شاهہ لطيف ڀٽائي رحمۃ اللّٰہ عليہ کي چوندس. انهيءَ ساڳي صف ۾ بلبل مرحوم بہ اچي وڃي ٿو. هن جو تفڪر ۽ فلسفئہ حيات بہ اهڙي طرح جزئہ هست بڻجي ويا آهن جو هن جي هر ادا، هر صدا ۽ هر ندا ۽ هن جي سچي رهڻي ڪهڻي هڪ نازڪ، لڪل فن ۽ پيغام هو. هن جو خطاب ڪنهن خاص طبقي ڏانهن نہ پر عوام لاءِ هو. اهوئي سبب آهي جو 80 سالن جي عرصي گذرڻ بعد بہ هو سنڌين جي دل ۾ خاص جاءِ رکي ٿو ۽ سندس ڪلام اڃا بہ ماڻهن کي ياد آهي ۽ زبان زد عام بڻجي چڪو آهي.مثال طور عرض ڪندس تہ خانبهادر چاڪر خان بلبل مرحوم جو ڪلام هر مجلس ۽ هر محفل ۾ پيش ڪندو رهندو آهي ۽ ميان محمد ڏيرو صاحب وٽ هڪ مولوي صاحب مليو جنهن کي سموري رحيما بر زبان ياد هئي جا مرحوم احمد علي خان ڏيري منهنجي عرض تي لکرائي مون کي موڪلي هئي. سندس هن طرز جي اصلاح ۽ اخلاقي پهلو کي نظر ۾ رکندي ئي حضرت قبلہ سيد علي اڪبر شاهہ صاحب بلبل مرحوم کي "سنڌ جو سعدي" سڏيو آهي.

بلبل مرحوم جي صف ۽ درجي جي تعين ڪرڻ ڪانپوءِ ڏسڻو آهي تہ هڪ مفڪر جون جيڪي مکيہ علامتون آهن انهن موجب بلبلِ سنڌ بہ ڪسوٽيءَ تي سچو ثابت ٿئي ٿو يا نہ.

حضرات مون ناچيز جي خيال موجب هڪ مفڪر جون هيٺيون علامتون آهن:

1. تہ هن ڪا بہ جدت آفريني ڪئي هجي ۽ اوليات جو مالڪ بڻجي چڪو هجي.
2. تہ سوسائٽيءَ ۾ هن نئون روح ۽ نئون جذبہ ڦوڪيو هجي ۽ هن تي سنو اثر وڌو هجي.
3. تہ هن ۾ پيش گوئي جو مادو هجي ۽ هو قوم ۽ وقت جو پورو پورو نبض شناس ثابت ٿيو هجي.

**بلبل جي جدت آفريني ۽ ادبي اوليات:**

هن باب تي ڳالهائيندي منهنجي خيال ۾ مرحوم حضرت حافظ بسمل ٽکڙائي جو اهو مضمون پيش ڪرڻ بلڪل بهتر ٿيندو جو مئي 1947ع ۾ ”بلبل سنڌ“ نالي اجا غير مطبوعہ ڪتاب جي مهاڳ لاءِ لکيو آهي. فرمائين ٿا تہ:

”جن بزرگن شاعري جي پوري پوري خدمت ڪري ان کي ڪمال درجي تي پهچايو ۽ شاعريءَ کي قوم لاءِ ڪار آمد بڻايو ۽ ان ۾ اصلاح ڪئي انهن بزرگن ۾ حضرت بلبل مرحوم جو نام نامي ۽ سندن ذڪر گرامي، شاعري جي چهري تي آب و تاب ۽ سرزمين سنڌ لاءِ طره امتياز آهي. زمانو مرحوم جي خداداد قابليت ۽ شاعرانہ قوت کي نڪي وساري سگهندو ۽ نڪو هن جا اوصاف وسارڻ جهڙا آهن ٿي... تفصيل کي مجمل ڪرڻ لاءِ بلبل مرحوم جا ڪي اوليات ڏيکاريون ٿا جن جي ايجاد جو سهرو صرف سندس لاءِ مخصوص ۽ ان تائين محدود آهن. الاماشاء اللّٰه.

1. بلبل مرحوم پهريون آهي جنهن اصلاحي ظرافتي نظم لکيو ۽ ظرافت ذريعي ملڪ ۽ قوم جي اصلاح ۽ خدمت ڪئي. ظريفانہ ڪلام جي زور تي مسلمانن کي انگريزي علم طرف راغب ڪيائين ۽ ظرافت جي رستي حڪومت جي ظالم آفيسرن ۽ نام نهاد علماءِ ڪرام ۽ پيرانِ عظام جي مخرب قوم ۽ اخلاق جي ريا ڪارانہ ڪاررواين تي تنقيد ڪيائين. اسان جي تحقيق ۽ تلاش موجب سنڌ جي ادبي تاريخ جو وسيع دفتر اهڙي ڪنهن بہ بزرگ جو نالو هرگز هرگز پيش ڪري نٿو سگهي جو هن فن ۾ بلبل مرحوم سان همدوش ٿي موجد جو خطاب پائي سگهيو هجي.

حضرات هت حضرت بسمل جي مضمون کي قطع نظر ڪندي عرض ڪندس تہ هيءَ ئي وصف آهي بلبل جي ڪلام جي، جنهن جي ڪري جناب حاجي سيد علي اڪبر شاهہ صاحب ڪيس مولانا اڪبر الهہ آبادي سان پيٽيو آهي ۽ مرحوم مخدوم محمد انور صاحب پاٽائي بہ ڪيس سنڌ جو شيڪسپيئر سڏيو آهي. ظرافت کي شخصي حملي کان بالاتر رکي ان کي طنز ٽوڪ يا هجو کان بچائي ان ۾ اخلاق ۽ اصلاح جي چاشني پرڻ هندوستان ۾ فقط مرحوم مولانا اڪبر الهہ آبادي جو شان هو ۽ سنڌ ۾ مرحوم بلبل جو. نہ هندوستان ۾ ئي ڪو اڪبر الهہ آبادي جو وري ڪو ثاني پيدا ٿيو ۽ نہ سنڌ ۾ ئي بلبل جو مٽ وري نظر آيو. غلطي سبب ڪي صاحب مرحوم مخلص کي بہ ظرافت جي ميدان ۾ آڻيندا آهن. پر هن صاحب جي مزاح محض هجو، ٽوڪ ۽ دل آزاريندڙ بڻجي وئي تي ۽ ان ۾ هڪ ايڊيٽر جو جذبو ڪارفرما هو ۽ اها ادبيت کان خالي هئي ۽ ان مرحوم کي ڪيترن جي دشمني جو شڪار ڪيو ۽ مرحوم ايتري قدر ان کان بيزار بڻجي ويو جو بلبل مرحوم ڏانهن هڪ خط ۾ جو 23 آڪٽوبر 1916ع جو لکيل آهي فرمائي ٿو تہ:

"مڪرما و معظما دام تلطف. عنايت نامو عين انتظار ۾ پهتو. مطالعو ڪري فرحت حاصل ٿي. مڪرما اوهان کي شايد معلوم هوندو ته جيڪڏهن مون کي پنهنجي والد ماجد کان سندس تجربو علمي ميراث ۾ نه مليو آهي تڏهن به سندس راست بازي ۽ حق گوئي جو ڪجهه حصو ضرور مليو آهي. انهيءَ راست بازي موجب هميشه پاڻ کي تڪليف ۾ مبتلا ڪندو آهيان... پيو ته آءٌ پاڻ ظرافتي مضامين کان بيزار آهيان تنهن ڪري هي سلسلو جو نيم حڪيمن لاءِ شروع ڪيو اٿم سو پورو ڪري آئينده استغفار ڪبو"

تنهن ڪانسواءِ مرحوم مخلص بلبل جي وفات تي جيڪا پنهنجي رسالي ڪشڪول ۾ واويلا لکي آهي ان ۾ به خود خوشيءَ سان مڃيو اٿس ته ظرافت ۾ بلبل مرحوم اڪيلو ۽ اعليٰ درجي جو شاعر هو. تنهن مان ظاهر آهي ته صحيح ظرافت جي ميدان ۾ اڪيلو بلبل مرحوم ئي هيرو آهي. اردو شاعريءَ ۾ به اڪبر الهه آبادي جو شان ۽ آن ۽ رنگ ڍنگ ڪو وري پيدا ڪري نه سگهيو آهي.

اها ڳالهه مثال طور اڄ ڪلهه جي مزاح گو شاعر رئيس امروهو جي شاعريءَ منجهان ئي ثابت آهي:

آهي ائن جي ريگزار سنڌ جي زمين
تڏهن آسياست به سنڌ جي ائن مثال
پڇڻو ائن ڪان آهي اسان کي ائين ضرور
سچ پچ سٽايو ڪهڙي سڏي آ اوهان جي چال

*(11 دسمبر 1948ع اخبار مجاهد)*

ڏسو هي ظرافت آهي يا ڪنهن جي دل آزاري سا به هڪ سڄي قوم جي يا ملڪ جي. هن مان هڪ گروهه يا قوم جي صحيح طبع شناسي بلڪل فوت ٿي ڏسجي جا غلطي نه بلبل مرحوم ڪئي نه اڪبر الهه آبادي. جو هنن چيو، خوب چيو ۽ سچ چيو. هڪ سنڌي ظريف مٿئين قطع جي جواب ۾ هڪ هيڊنگ ڏني: "اٿ سان گڏهه جو ڪلام".
پيو هڪ قطع آهي:

باتوں میں نہ جذب نہ جذبہ
ہاتھوں میں نہ تیغ نہ تیغہ
مسلم کا یہ حال یا الاہی
مومن کا یہ رنگ و دریغا

غور ڪيو ته هي قطع به محض لفاظي طنز جي لفظ "تيغه" تي مبني نظر ايندو جنهن

منجهان به ذوق سليم جي ڪا بوءِ نه ٿي اچي. تيغه هڪ معيار ڪان ڪريل لفظ فقط ڪل ۽ ٽوڪ پيدا ڪرڻ خاطر ڪتب آندو ويو آهي ۽ ان جو مومن سان دُور جو به واسطو ئي نه ٿو ٿي سگهي. رئيس جي ٻئي هڪ قطع ۾ وري ڏسو ته حڪومت تي ٽوڪ آهي، فرمائي ٿو:

ہند والوں نے ترقی کی تو اس حد تک رئیس
سخت محنت سے اگائے ساگ لالو کھیت میں
واہ رے حکام پاکستان یہ ان کا کمال
بو دیے ہیں سینکڑوں انسان لالو کھیت میں

هنن مثالن جي برعڪس بلبل مرحوم ڪنهن به خاص فرد يا گروهه. شخصيت جي مذمت نه ڪئي آهي ۽ جيڪڏهن ڪري ٿو ته مذمت نه پر نهايت نفيس. وٽندڙ ۽ اڻ سڌي طرح ظرافتي پيرايه ۾ تنقيد سا به وقت جي حڪومت يا ڪنهن شخصيت تي تنقيد ته هن وٽ بلڪل ناجائز ۽ ممنوع هئي چو جو ائين ڪرڻ سان وقتي ڪل پوڳ جي عيوض دائمي رنجش ۽ فساد جو انديشو پيدا ٿئي ٿو جا قيمت هو نهايت ڳري ۽ مهانگي ٿو سمجهي چو جو هن جو مقصد فساد نه پر اصلاح هو.

انهيءَ ڪري آءٌ حضرت بسمل جي هينئين فقري سان بلڪل متفق آهيان ته: "بلبل مرحوم سنڌ ۾ ظرافت جو پهريون موجد آهي ۽ اها ظرافت بلبل تي ئي ختم ٿي." هن مرحوم کان وڌيڪ حضرت مخلص کي ہيو ڪير ٿو سجاڻي، تنهن ڪري سنڌ جي ظرافتي شاعري ۾ بلبل سان گڏ ٻئي ڪنهن کي بيهارڻ جي غلطي آئينده ڪو ڪونه ڪري ته بهتر ٿيندو.

حضرت بسمل مرحوم بلبل جي اوليات بابت ذڪر ڪندي وڌيڪ لکي ٿو"هي پهريون شخص آهي جنهن يورپ جي مخرب اخلاق ۽ فيشن جي تقليد جي براين جي اصلاح ڪري ايشيائي ۽ اسلامي تهذيب ڏي متوجهه ڪيو." هن ڳالهه جي تصديق حضرت محمد انور صديقي صاحب پاڻائي هيئن ڪري ٿو "جيترومون تجربو ڪيو آهي ته ائين پيو معلوم ٿئي ته ڪنهن به بد ڪم کان روڪڻ ۽ قوم کي سڌارڻ ۾ اسان جي ڏگهين اسپيچن. تحريرن ۽ تصنيفن به اهڙو اثر پيدا نه ڪيو آهي جهڙو بلبل جي ظريفانه طرز قوم کي شرمسار ڪري پراثر بڻايو آهي."

اها هڪ حقيقت آهي. آءٌ ان جي مد نظر ائين چوڻ لاءِ تيار آهيان ته سنڌ ۾ قومي شاعري جو موجد به بلبل مرحوم هو. قوم کي سجاڳ ڪرڻ ۽ پنهنجي روح کي تر و تازه ڪرڻ لاءِ هن نه رڳو شعر و شاعري کان لاثاني ڪم ورتو پر هن پنهنجن تقريرن، ايڊيٽوريل، مضامين ۽ ٻين تصنيفن کان عمدو ڪم ورتو ۽ هن نه رڳو علمي طرح قوم

جي ترجماني، اصلاح يا رهنمائي ڪئي پر عملي طرح سياسي ۽ معاشرتي سطح تي به ساڳئي مقصد ۽ منشا حاصل ڪرڻ لاءِ گامزن ٿيو. شاعري ۾ قوم جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ هن غزل، قطعه، مثنوي، مخمس، مسدس وغيره کان خوب ڪم ورتو ۽ ان کي ظرافت سان پر ڪري اعليٰ علمي سطح تي پهچائي قابل تحسين بڻائي ڏيکاريائين ۽ ساڳئي وقت زبان به آسان ۽ عام فهم رکيائين جيئن عوام الناس ان مان فيض ۽ فائدو حاصل ڪري سگهي. هو ڪنهن خاص گروهه جو شاعر نه هو. هن جي سنئين سڌي سليس ٻولي عوام لاءِ هئي. هن کي عوام جو شاعر به سڏجي ته بجاءِ آهي.

هن صفت ۾ هو مولانا حالي جي مٽ هو. جيئن بقول ڊاڪٽر مسعود حسين صاحب جي، "اردو ادب ۾ پهريون دفعو حالي ۽ آزاد هڪ نئين افق طرف اشارو ڪيو ۽ پنجاهه سالن تائين اردو شاعري جو قافلو انهيءَ سمت ۾ اڳتي وڌندو ويو" تيئن بلبل مرحوم به سنڌي شاعريءَ ۾ پهريون دفعو مولودن، مداحن، مرثين ۽ مذهبي شاعري جي جهوني فضا کي ٽوڙي نئون ميدان گهڙيو ۽ خوشگوار انقلاب آندو.

بلبل مرحوم جي مولانا حالي سان نه رڳو انهن ٻن خيالن جي ڪري نسبت ڏسجي ٿي پر هو اجا به ڪن وڌيڪ اهم ڳالهين موجب حالي سان ڀيٽي سگهجي ٿو. جيئن حالي سر سيد جو بازوئي راست هو تيئن بلبل مرحوم به سنڌ جي سر سيد حضرت حسن علي آفندي مجيدي جو سچو ساٿي هو. جيئن مولانا حصول معاش لاءِ پاڻي پٽ کي ڇڏي ڊپٽي ڪمشنر حصار جي دفتر ۾ هڪ معمولي نوڪريءَ سان شروعات ڪئي تيئن بلبل مرحوم به انجنيئري کاتي ۾ داروغپ جي نوڪريءَ سان پنهنجي عملي زندگيءَ جي ابتدا ڪئي. جيئن مولانا حاليءَ جي پرورش ۽ تربيت سندس وڏي ڀاءُ انجام ڏني تيئن بلبل کي به سندس وڏي ڀاءُ رئيس پير بخش خان پاليو ۽ بلبل به کيس پنهنجي والد برابر سمجهندو هو. جيئن مولانا گهر ڇڏي پڇي دهلي ويو هو ۽ ان جو ڪارڻ سندس شادي هئي تيئن بلبل کي به شادي سبب گهر ڇڏي حيدرآباد دکن وڃڻو پئجي ويو ۽ آخرڪار پنهنجي وڏي ڀاءُ رئيس پير بخش خان جي اصرار ۽ بيماريءَ سبب واپس آيو ۽ ڪراچيءَ ۾ رهائش اختيار ڪيائين ۽ پنهنجي وڏي ڀاءُ جي وفات تي حالي وانگر نهايت پردرد مرثيه لکيائين:

سال وفات جو ڏسو ته ڪيئن ٿو اچي:

دریغا از جدائی جان خراشید - کہ از اجماع اخوان گشت تجرید
خصوص از انتقال بزرگ قوم - رئیس شہر میہڑ بود صدید
بنام پیر بخش آں پیر سالار بہ - خویشاں بود نور افگن چو خورشید

به هجرِي سال وصل- اوشد آواز- که جائے پاک باغ- ارم بگزید
1324ھ
خرد سالِ نقل بار- دگر گفت- به احسن خلق و اصل حق گرید
1324ھ
بگفتا مکر سال- فوت مرحوم- ز تبحر عالم- جنت پسندید
1324ھ
چہارم بار سالش گفت تضوان- ولی مومن رئیس- خلد گردید
1324ھ
ز پنجم بار از ہاتف شنیدم- برستہ زندگانی یافت جاوید
1324ھ
سن- و صلش بجواز- ربشارت-بگو- الله به او بافضل بخشید
1904- 1906ء
شب- جان داد سحرم گفت پئے سال- که- صبح وصل خلعت رحم پوشید
1906ء
زسال- آخرش فکرم ہمی گفت- که در افشان به باغ ارم بازید
1906ء
برد صد رحمت- حق بلبلا باد- ثواب- کلمۂ توحید تمجید

بلبل مرحوم هن زماني جي بزرگ ۽ بابرڪت هستين جي چونڊ ڪري انهن جي مدح ۾ قصيده گوئي ڪان ڪم وٺي ڪار لائق جي قياس موجب هيرو ورشپ جي بنياد وجهڻ سان قوم کي پنهنجي صحيح ليڊرن سان آشنا ڪيو ۽ انهن جي لاءِ عوام جي دلين ۾ محبت ۽ عزت پيدا ڪري اصلاح جو ميدان صاف ۽ تيار ڪيو ۽ هن ڪم ۾ به ڪيس سبقت حاصل آهي.

ان وقت جي اهم واقعات جي تاريخ منظوم ڪيائين. ايڊورڊ جي جشن تاجپوشي سال 1903ع تي چيل هيٺيون غزل ملاحظ ڪرڻ فرمايو:

مبارڪ هز مجستي ايڊورڊا شاه سويارا
پيارا تاجدارا تخت وارا بخت موچارا
مبارڪ هوءِ توکي تاج تخت و بخت و ڏن دولت

قـرارا كـامـگـاراكـنـگ قـيـصـر هـنـد هـاكـارا
نئون هـي سـال نـئـون اقـبـال نـئـون تـون شاه نـئـون هـي مـاه
نـئـيـن دولـت نـئـيـن حشـمـت نـئـيـن نصـرت نـئـيـن يـارا
خميس جي ڏيـنـهـن پـهـرئـيـن جـنـوري اٺـويـهـہ سـئـوتـن ۾
وڳـا هـت هـنـد ۾ هـرجـا نـغـارا نـوبـتـون نـعـرا

وغيره وغيره

ڪراچيءَ جي مشهور پليگي واقعي تي جنهن ۾ هزارين ماڻهو پليگ جي مرض ۾ مبتلا ٿي مري ويا ۽ گهرن ۾ لاش بدبو ڪري ويا مگر انهن کي دفنائڻ لاءِ ڪير ويجهو نہ ٿي ويو بيماري لڳڻ جي خوف کان. اهڙي واقعي تي "پليگي ڪريما" لکي ان کي هڪ قومي تاريخي واقعي طور محفوظ ڪري، ادبي خزانو بڻائي ڇڏيائين.

هي ڪتاب سال 1905ع ۾ شايع ٿيو هو. شروعات هن طرح اٿس:

پليگي جي لانڊين ڪان پرور بچاءِ - ڪريما بہ بخشاءِ برحال ما
پليگي بلا ۾ نہ ڪر مبتلا - کہ هستم اسير-ڪمند هوا
ڏني ڊاڪٽر کي نہ ڪو شال ڏس - نداريم غير از تو فرمادرس

وغيره

هي واقعو تہ ڪراچيءَ جي ماڻهن کان وسري چڪو آهي مگر بلبل ان کي ادب جي تاريخ ۾ هميشہ لاءِ محفوظ ڪري ڇڏيو آهي.

نيچرل ڪريما ۽ رحيما لطيف لکي بلبل مرحوم شيخ سعدي جي محبوب ۽ مرغوب شاعري کي هميشہ لاءِ سنڌي زبان ۾ محفوظ ڪري ڇڏيو. مقفيٰ عبارت ۾ قلندر شهباز جي ميلي کي اهڙي طرح قلمبند ڪيو اٿس جو پڙهندڙ کي ائين محسوس ٿيندو تہ هو نہ رڳو ميلو ڏسي رهيو آهي بلڪ ان ۾ شريڪ آهي.

دهلي دربار 1911ع جي موقعي تي پارسي ۾ اهڙو قصيدو تيار ڪيائين جنهن جي هر هڪ مصرع مان سال جو تعداد ٿو نڪري:

شوڪت جم داور-داراز شهنشاه هند ملک آرا مشرق-انوار شاهنشاه هند
1911 1911
تاجپوشي شد مبارک باتواي عالي کحال شرف دهلي مسند-دربار شاهنشاه هند
1911 1911

اهڙا ڏهہ مصرعہ آهن.

هر هڪ اهم ڪانفرنس، جشن جلوس، مجلس ميٽنگ، شادي غمي، اليڪشن تشريف آوري وغيره تي ڪونہ ڪو عمدو قصيدو ضرور لکيو اٿائين. گويا انهن موقعن

کي بہ ادب جي تاريخ ۾ محفوظ ڪيو اٿس. اهي سڀ قصيدا فارسي ۾ ”عمدة التواريخ“ جي نالي جمع ڪيل آهن، جيڪو ڪتاب اڃا غير مطبوعہ آهي.

اسلامي اخلاق، روايتن ۽ عقائد کي وڌيڪ روشن ۽ مضبوط ڪرڻ لاءِ توحيد ۽ رسالت تي نهايت نفيس قسم جي شاعري ڪئي آهي. سندس بياض جو آخرين غزل بہ حضور سرور ڪائنات ﷺ جي مدح ۾ لکيل موجود آهي. توحيد ۽ رسالت کان سواءِ ٻيا اهڙا دلڪش ۽ دل پسند موضوع مقرر ڪيائين جهڙوڪ جهاد، توڪل، سياحت، جماعت بندي، تصوف، ڪسر نفسي، قدرت نگاري جن مان اسلامي روح لياڪا پائيندي نظر ٿو اچي جن جي ذريعي هن پنهنجي قوم کي خير الامت هجڻ جي ياد ڏياري آهي ۽ سندن شان، شيوو، رستو ۽ رتبو ياد ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مرحوم اقبال جي قول موجب قوم ۾ خود داري، خود اعتمادي ۽ خود شناسي جو جذبو پيدا ڪندڙ شخص ان قوم جو امام آهي:

تجھے حاضر و موجود سے بیزار کرے
دے کے احساسِ زیاں تیرا لہو گرمادے
فقر کی سان چڑھاکر تجھے تلوار کرے

بلبل پنهنجي شاعريءَ ۾ خالص ادبي پهلو پيدا ڪيو آهي. زبان داني، سلاست، فصاحت، بلاغت، رواني، خوش بياني، جدت، ندرت، ڪلام جي پختگي، چست بندش، شوخ ادائي، نوان استعارا، نيون تمثيلون، سنا محاوره ۽ نوان مضمون ٻڌائين، ائين ڪرڻ سان هن گويا وڏي قومي خدمت بجا آندي ۽ سنڌي زبان کي مالا مال ڪري محبوب ۽ مفيد بڻايائين. اهڙي تصديق خيرپور رياست جو سابق وزير آفريبل سردار محمد يعقوب صاحب مرحوم سي-آءِ-اِي پنهنجي هڪ خط ۾ سال 1906ع ۾ هيئن ڪري ٿو:

”هرگز هرگز اسان جو اهو ارادو نہ آهي تہ فقط ظاهري لباس ۾ اوهان جي تعريف ڪجي مگر سچ پچ اوهان جي اخبار جا مضمون اهڙي سنجيدگي ۽ آرائش ڪلام سان لکيل آهن جن جي تعريف ڪرڻ ڪانسواءِ رهي نہ ٿو سگهجي. وڏي خوشيءَ سان هيءَ ڳالهہ قبول ٿا ڪريون تہ سنڌي زبان بيشڪ وٽندڙ نموني تي لکي سگهجي ٿي. جنهن جي ثابتي اوهان جي تحرير آهي. هيءَ راءِ فقط منهنجي نہ آهي، پر منهنجو ڀاءُ محمد يوسف مون کان وڌيڪ اوهان جو معترف آهي.“

لاڙڪاڻي جو ڪليڪٽر جناب حامد علي صاحب آءِ-سي-ايس پنهنجي وقت جو هڪ عمدو شاعر ۽ اديب هو ۽ لاڙڪاڻي ۾ برپا ڪيل شعر و شاعري جي هڪ بزم جو سرپرست هو. اهو سال 1911ع ۾ جڏهن حيدرآباد ۾ سپرنٽينڊنٽ لينڊ رڪارڊس ۽

ايگريڪلچر مقرر ٿيو ته هڪ خط ۾ لکيو اٿس:

”خدا جو ڪيڏو نه فضل ٿئي جيڪڏهن سنڌ جي هن ريگزار کي باغ بڻائڻ لاءِ اوهان جهڙا به ٽي ٻيا به بلبل موڪلي ڏئي.“

حضرات مٿي ذڪر ڪيل طريقن مان مرحوم بلبل قومي شاعريءَ جو سنڌ اندر بنياد رکيو. آءٌ اهڙي قسم جي قومي شاعريءَ کي صحيح قومي شاعري تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نه آهيان. جنهن ۾ اگهاڙو ۽ سنئون سڌو بندوق جي گوليءَ جهڙو خطاب قوم کي ڪيل هجي، جنهن ۾ هن کي پڪاري چئجي ته تون ته اجا تنگون تيڙيون پئي آهين. او نوجوان خواب غفلت مان بيدار ٿيو ۽ شرم ڪريو. توهان واسطي قوم جو ڪاروان ترسي پيو آهي وغيره وغيره. اهڙي نام نهاد قومي شاعريءَ جيڪو دلشڪن. همت شڪن ۽ پست ڪن اثر قوم تي وڌو آهي تنهن تي جيترو به ماتم ڪجي ٿورو آهي. افسوس جو عام ماڻهو هن قسم جي فحش شاعري کي قومي شاعري سمجهن ٿا، حالانڪ هي هڪ بالڪل شوقيانه قسم جي شاعري آهي جا اسان جي نفسياتي رد عمل جي بالڪل پرواهه نه ٿي ڪري ۽ قوم جي حوصلي ۽ جذبن کي اسٽيم رولر وانگر ڪچلي مهٽي مٿي دوز ڪندي رهي ٿي.

ساڳئي وقت آءٌ هيئن به چوندس ته نيچرل شاعري به بلبل کان شروع ٿي. ناس، پنگ، حقو، خط، سچ، گرمي، بهار ۽ اپ وغيره جهڙا دلچسپ ۽ نوان عنوان مقرر ڪري انهن تي شاعري ڪيائين ۽ سنڌ جي شاعري جا سندس وقت تائين رڳو حسن ۽ عشق يا مذهبي محور تي ڦرندڙ هئي تنهن گويا سندس ڪاوشن سبب ڪروٽ بدلي، نئين ميدان ۾ قدم ڌريو. بقول تاج الشعراء حضرت خليل ”بلبل سنڌي زبان جو پهريون شاعر آهي جنهن فرضي تخيلات جي دائري کان پنهنجي ڪلام کي ڪڍي حقيقت جي ميدان ۾ آندو.“

مٿي عرض ڪري چڪو آهيان ته قومي شاعريءَ ۾ بلبل مرحوم قصيدي کان به خوب ڪم ورتو پر قصيده گوئي جي فن کي به هن قومي شاعريءَ کري ڪم آندو ۽ هن فن کي بام عروج تي پهچائي ڇڏيائين. سندس قصيدا بلا شبہ نادر ۽ بي مثال شاهڪار آهن. بقول حضرت بسمل مرحوم ”بلبل جي قصيدن جو رنگ ايراني شاعر قاآني جي ٽڪر جو آهي جنهن رواني، برجستگي ۽ قادر الڪلامي سان طبيعت جو جوهر ڏيکاريو اٿس ان جو جواب ناهي. انهن قصيدن کي پڙهي عجب ٿو لڳي ته هڪ سنڌي شخص جنهن ايران جي سرزمين ۾ پير به ڪونه پاتو هو ۽ نه ڪي ڪنهن ايراني اڪيڊمي مان ڪا تعليم ورتي هيائين، اهڙي فصاحت، رواني ۽ قوت بيانيه سان فارسيءَ ۾ ڪيئن ٿو شعر چوي ۽ ڪيترن موضوعن تي بروقت ۽ في البديهه اهڙا ته شهہ پاره تخليق ڪيا اٿس جو عقل دنگ رهجيو

وجي. مجبوراً اهو مجٽو تو پوي ته هي خاص موهيت الاهي جو ڪرشمو آهي.

مثال لاءِ هن قصيدي جا هي اشعار ملاحظ ڪريو:

الا که مژده می رسد زباغ نوبهار ها-که هر طرف چوروئی گل فروغ برغدارها
به حمد کردگار من کشود قفل کارها-برائی نعت مصطفٰی به مدح چار یارها
بوصف آل و صحب او صفار هاکبار ها

بلبل مرحوم جوهر قصيدو قاآني وارو رنگ ۽ رواني رکي ٿو. هن نڪته تي بحث ڪندي ياد ٿو اچي ته فن تضمين ۾ به بلبل يڪتا زمانه هو. هن جهڙي تضمين اڄ سوڌو ڪنهن نه ڪئي آهي. ڏسو مثال ۽ پاڻ انصاف ڪريو:

## تظمين عربي قصيده

کا الشمس بضوء صاحتهِ کالفخر بحسنِ ملاحتهِ
الصبح بداء من طلعتهِ و اليلدجیٰ من دفرتهِ
آن پصر عطا آن ابر سخا آن نورِ خدا شهه ارض و سما
فاق الرسّلا فضلا و علا اہدی السّبلا لدلالتهِ
آن والی برعربی عجمی آ حاکم برحربّی ودَمی
کنز الکرم مولیٰ النعم ہادی الامم بشير معتهِ
باشرف کمال جمال نبی محبوب خدا امی لقبی
اذکی النسبِ اعلیٰ الحسبِ کل العربِ فی خدمتهِ
انسيد و سرور جنّ و بشر اکسير نظر اعجاز اثر
سعت الشجر و نطق العجر و شق القمر و باشرتهِ
آن شاهِ رسالت ماه پدرا آن شافع نافع روز جزا
نال الشّرفا والله عفیٰ عمّا سلفا من امتهِ
يسبلغّ بلبل مدحتنا فی شرف حضور وسيلتنا
فمحمد ناہُو سيد نا فالعِزّلنا لاجابتهِ

انهيءَ کان سواءِ "ديوان بلبل" ۾ به تضمينون ڏسو. چوٿيءَ جي چوٿ شاعرن جون تضمينون ڪري نه رڳو بلبل پنهنجي قابليت جو سڪو ڄمايو آهي، پر ساڳئي وقت هن جو اهو مقصد به هو ته اهي شاعر سنڌي زبان ۾ محفوظ رهن ۽ سندن شعر سنڌين جي زبان تي هجي، گويا هي قدم به قومي شاعري جي هڪ ڪڙي نظر اچي ٿو. هن بحث سان بلبل جا شاعريءَ ۾ اوليات ۽ شاهڪار ختم ٿين ٿا. پر هن باب کي بند ڪرڻ کان اڳ ۾ ايترو عرض ضرور ڪندس ته بلبل جي اوائلي دور واري شاعري جا سندس عين جواني جي

وقت ۾ وقوع ۾ آئي سا گهٽي پاڳي ضرور عشقيه جذبي جي ماتحت هئي. تاهم ان ۾ ابتدائي دؤر منجهه ئي ناصحانه، عارفانه نڪته نڪرن ٿا. بلبل، گل حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ سنڌ جي چمن ۾ واپس اچي مرغان چمن جي نسق، نظام ۽ تربيت ۽ تعليم جي خالص خدمت ڪئي جنهن لاءِ هن ايڊيٽري، تقريرن، تصنيفن ۽ سياسي جدوجهد ڪي دانائي سان استعمال ڪري پنهنجي مقصدن ۾ ڪاميابي ۽ ڪامراني حاصل ڪئي.

# رئيس شمس الدين بلبل_ بلبلِ سنڌ

**تحرير: شمس ابن ضيا ابن بلبل**

بني نوع انسان جي ڀلائي ۽ بهتري لاءِ خداوند ڪريم، پنهنجا صالح ٻانها هن ڌرتيءَ تي هميشه پيدا ڪيا آهن، جن انسان ذات جي رهبري ۽ رهنمائي، سندن زندگيءَ جي هر شعبي ۾ پئي ڪئي آهي، اهڙن صالح ٻانهن کي الله تعاليٰ خوبيون ۽ خاصيتون به خاص پئي عنايت ڪيون آهن، جن جي طفيل کين فرائض جي تڪميل ۾ گهڻي آساني رهي آهي. حضرت رئيس شمس الدين بلبل به الله تعاليٰ جي موڪليل اهڙن صالح ٻانهن مان هڪ هو، جنهن جي قابليت قدرت جي ڪرم نوازي هئي، جنهن تي اچرج ڪائڻ جي ضرورت ناهي.

انسان جي ترقي، انسان جي ذريعي ئي ٿي آهي. اها ترقي چاهي علمي هجي يا اخلاقي، مذهبي هجي يا معاشرتي، روحاني هجي يا جسماني ۽ تخليقي هجي توڙي تخيلي، مگر قدرت جو پسنديده طريقو اهوئي رهيو آهي يعني انسان جي ترقي انسان جي ذريعي ۽ هن ئي طريقي ۾ انسان جي عظمت جو راز رکيل آهي.

مثال طور الله تبارڪ و تعاليٰ ڪنهن قاريءَ کي خوش الحانيءَ جي خوبي عطا ڪئي ته وري ڪنهن مقرر کي جادو بياني ۽ سحر طرازيءَ جي سمڪ ڏني، ڪنهن شاعر کي سخن ۾ سرهاڻ سموهڻ، نفاست، نزاڪت ۽ سلاست سمائڻ جي سگهه ۽ سمجهه عنايت ڪئي ته وري ڪنهن فلسفيءَ کي تخيل جي طاقت ڏني، ڪنهن اديب کي قلم جي ڪلاڪاريءَ جي قوت ڏيڻ جو ڪرم ڪيو ته وري ڪنهن سياستدان کي منجهيل سٽ کي سلجهائڻ جي سوچ ۽ سرت القا ڪري، ان بعد کين هن ڌرتيءَ تي خدمت خلق لاءِ موڪليو ويو، جن پنهنجو پنهنجو حق بيشڪ احسن طريقي سان ادا ڪيو ۽ پنهنجي اصل ماڳ تي واپس موٽي ويا، جتان آيا هئا. مطلب ته انسان جي ڄاڻ جو ذريعو انسان ئي ٿي رهيو آهي، جنهن مان سندس اشرف المخلوقات هجڻ جو پتو پوي ٿو. الله تعاليٰ جل شانڊ جو هي طريقو پنهنجي مخلوق جي بهتري، بهبود ۽ ڄاڻ جو جاري وساري آهي ۽ رهندو. نبي بيشڪ نه ايندو مگر الله تعاليٰ جا صالح ٻانها ننڍن ننڍن ڪمن لاءِ اچڻ بند نه ٿيندا. انسان جي مادي ترقي سائنسي ايجادن جي ذريعي ٿيندي رهندي باقي دين اسلام مڪمل ٿي چڪو.

الله تبارڪ و تعاليٰ جڏهن بہ ڪنهن ڪم ڪرڻ جو ارادو ڪندو آهي تہ ان لاءِ پهريائين اهڙا اسباب پيدا ڪندو آهي، اهڙيون شخصيتون وجود ۾ آڻيندو آهي ۽ ڪين ضروري خوبين سان سنواري خدمت خلق جو ڪم وٺندو آهي. هن موقعي جي مناسبت سان هي مقالو پيش ڪري سگهجي ٿو:

”اذا اراد الله شيئاً هيئاً“ ”اسبابه“

حضرت بلبل جو مثال ڪجهہ مختلف ۽ خاص آهي. الله تبارڪ و تعاليٰ حضرت بلبل کي پنهنجي خاص ڪرم نوازين سان نوازيو هو. اهي سموريون خوبيون جيڪي هڪ قاري، هڪ مقرر، هڪ شاعر، هڪ فلسفي، هڪ اديب، هڪ سياستدان ۽ هڪ صحافي لاءِ قدرت مخصوص ڪيون هيون، اهي سموريون خوبيون، خاصيتون ۽ صلاحيتون ۽ اهي بہ سڀ جون سڀ ڪمال درجي جون خداءِ عزوَ جل بلبل کي عطا ۽ عنايت ڪيون هيون ۽ پوءِ کيس خدمت خلق لاءِ موڪليو ويو هو.

اهڙيون شخصيتون تاريخ ساز هونديون آهن ۽ تاريخ جو منهن موڙي ڇڏينديون آهن ۽ دنيا جي هن اڻ کٽ شاهراهہ تي پنهنجن قدمن جا اڻ مٽ نشان پنهنجن پوين جي رهبري ۽ رهنمائي لاءِ ڇڏي وينديون آهن. اهڙيون شخصيتون صدين بعد پيدا ٿينديون آهن ۽ سندن خوشبوءِ بہ صديون قائم رهندي آهي، انهن ئي ماڻهن لاءِ لطيف سائين چيو آهي:-

”ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ اچي بوءِ بهار جي.“

مختلف اديبن، محققن ۽ اهل قلم حضرات جي ڇپيل تاثرات موجب حضرت بلبل هڪ صاحبِ طرز اديب، قومي و اصلاحي شاعر، صف اول جو جرئتمند ۽ بي باڪ صحافي، هڪ عظيم انشا پرداز، هڪ عذب البيان ۽ رطب اللسان مقرر، هڪ سياسي بصيرت رکندڙ رهنما، هڪ معاملہ فهم ۽ دور انديش مدبر ۽ مسلم قوم جو سچو ساٿي ۽ هڏ ڏوکي ۽ هڪ کرو انسان هو. هو دوستن جو دوست ۽ دشمنن لاءِ تلوار بي نيام مثل هو. سندس اندر ۽ باطن هڪ جهڙا هئا. منهن جي مشابهت ۽ موقعي جي مطابق مصلحت کان ڪم وٺڻ کين ايندو ئي نہ هو. جهڙي سندن شخصيت پرڪشش ۽ پروقار هئي تهڙي سندن سيرت قابلِ رشڪ و افتخار هئي. سندن گفتار ۾ اهڙو تہ رس رچيل ۽ ميناج مچيل هو جو سندس دوست احباب سندن ديدار ۽ ملاقات لاءِ ماندا ۽ مشتاق نظر ايندا هئا. سندن جرئت ۽ قوت ايماني بي مثال هئي. صاحبِ ديوان بہ هئا تہ اٽڪل پنجاهہ کن ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل ڪتابن جا مصنف بہ. اٽڪل اڌ ڊزن اخبارن جا مدير پڻ هئا تہ ڪجهہ رسالن جا ايڊيٽر بہ هئا. تعليمي ماهر بہ هئا تہ عالم دين بہ هئا. دل جا سخي، سخن جا سچا ۽ دسترخوان جاڪشادا هئا. مجلس جا مور بہ اهڙا جو جنهن بہ مجلس ۾ موجود هجن

ته ان مجلس جو نقشو ئي نرالو ٿي وڃي ۽ پوري مجلس ۾ ممتاز ۽ نمايان نظر اچن.

حضرت بلبل جي هم پهلو شخصيت تي سنڌ، پنجاب توڙي هندوستان جي اهل قلم حضرات تمام گهڻو لکيو آهي مگر اڃا گهڻو ڪجهه لکڻ جي گنجائش ۽ ضرورت آهي. سنڌ جو ڪو سجڻ سپوت اهي وڃايل وٽون ڳولهي هٿ ڪري ۽ حضرت بلبل ڪي سندس اصل شڪل و صورت ۾ پيش ڪري. اهڙو ڪافي مواد سنڌ ۽ سنڌ جي سپوتن متعلق دهلي، بمبئي، حيدرآباد دکن ۽ لنڊن جي انڊيا آفيس لئبريري ۾ ضرور موجود ۽ محفوظ هوندو. هينئر ته انٽرنيٽ جي به سهولت ميسر آهي، ڪهڙو نه چڱو ٿئي جيڪڏهن سنڌ يونيورسٽي سنڌ يالاجي ۾ اهڙا ڪارنرس قائم ڪري سنڌ متعلق سمورو مواد پاڻ وٽ محفوظ ڪري وٺي.

بلبل جي زماني ۾ جيڪي به چوٽيءَ جا قومي رهبر ۽ رهنما موجود هئا، انهن ۾ بلبل جي شخصيت نهايت نمايان، منفرد ۽ ممتاز حيثيت واري هئي. ان وقت جا اهي ئي رهبر ۽ رهنما، پاڪستان قائم ٿيڻ بعد نهايت اهم ۽ ڪليدي عهدن تي فائز ٿيا. جيڪڏهن حضرت بلبل پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ بعد به زنده هجن ها ته سندن مان ۽ مرتبو انهن کان گهٽ نه هجي ها، چو ته حضرت بلبل انهن سيني قائدين ۽ عمائدين جو منظور نظر ۽ دل گهربودوست هو ۽ سڀ سندس مداح هئا. مگر الله تبارڪ تعاليٰ ڪي جو ڪم ڪانئس وٺڻو هو اهو وٺي ڪيس پاڻ وٽ گهرائي ورتائين. اهڙن صالح ٻانهن ڪي اجورو الله تعاليٰ پاڻ ڏيندو آهي، اهڙا صالح بندا ڪنهن انسان جي اجوري جا محتاج نه هوندا آهن ۽ نه وري دنيوي فائدن جا ضرورتمند هوندا آهن. جنت سندن جوءِ، فائق هليا فردوس ڏي.

حضرت بلبل، سر سيد احمد خان جي تعليمي ۽ اصلاحي حڪمت عملي ۽ نظريي جا بي انتها قائل ۽ حامي هئا. سر سيد احمد خان جي نقشِ قدم تي هلي، مسلمانن ۾ جديد علوم و فنون لاءِ شوق پيدا ڪرڻ خاطر پوري عمر پنهنجي مسلم قوم جي اصلاح لاءِ وقف ڪري سندن ڀلائي ۽ بهتريءَ جي ڪمن ۾ ڪوشان رهيا. پنهنجي پسمانده قوم ۾ علم جي چاه پيدا ڪرڻ سان گڏ سياسي شعور به پيدا ڪيائون. مسلمانن ڪي پنهنجي آبائي ورثي يعني پراڻي تهذيب، ثقافت ۽ اخلاقي قدرن ڪي پائمال ڪرڻ ڪان به روڪيندا رهيا ۽ هي سمورو ڪم پنهنجي اصلاحي ۽مزاحيه تحريرن ذريعي انجام ڏنائون. سندن ڪلام ۾ اصلاحي ۽ اخلاقي پهلو نهايت نمايان نظر ايندا. ڪلام جي ذريعي اصلاح آڻڻ جو سندن طريقو به نهايت نرالو هو. سندن تعريضي (ironical) طرز بيان سنڌ ۾ ناياب ۽ ناپيد آهي، ادبي دنيا اندرهي خال اڄ تائين ڪير به پري نه سگهيو آهي.

حضرت بلبل جي نجي زندگيءَ جا ڪجهه اهم پهلو جيڪي اڃان تائين منظرِ عام تي اچي نه سگهيا آهن. انهن مان چند ضروري ڳالهين جي اپٽارڪجي ٿي. حضرت بلبل

ميهڙ جي هن مردم خيز شهر ۾ تاريخ 21 فيبروري 1857ع ۾ پيدا ٿيا ۽ اتي ئي پليا، نپنيا ۽ ابتدائي تعليم حاصل ڪيائون. ڳوٺ گاهي مهيسر، ڳوٺ باغو تيوٽو ۽ ڳوٺ رهڙو شريف جي علمي، ادبي ۽ ديني مدارس مان تعليم حاصل ڪيائون. ان وقت ڳوٺ گاهي مهيسر جي مدرسي جو باني ۽ مهتمم مولوي عصمت الله پيرزادو هو، جيڪو شهدادڪوٽ جي مشهور و معروف ديني درسگاهه جو فارغ التحصيل عالم هو ۽ ڳوٺ شيخ ماڌوجو باشندو هو. مولوي صاحب عربي ۽ فارسيءَ جو جيد عالم هو ۽ حضرت مولانا نور محمد شهداد ڪوٽيءَ جو شاگرد رشيد هو. مولانا حضرت نور محمد شهدادڪوٽيءَ جو فرزند ارجمند مولانا گل محمد به پنهنجي والد محترم جيان نامور عالم ٿي گذريو آهي. مولوي پيرزادو صاحب ڪان پوءِ هن مدرسي جو باني مولوي عبدالوهاب گلال ۽ ان ڪان پوءِ مولوي عبدالڪريم ڏيرو مدرس ۽ مهتمم ٿيو. ڳوٺ باغو تيوٽو جي مدرسي جو ان وقت باني ۽ مهتمم مولوي نبي بخش مهيسر هو، جيڪو هڪ بلند پايه جو عالم هجڻ سان گڏهڪ اهل الله ۽ درويش صفت بزرگ هو. رهڙو شريف جي مدرسي جو ان وقت باني ۽ مُدرس مولوي محمد صالح مهيسر هو جيڪو پڻ اهلِ الله ۽ درويش شخص هو ۽ مولوي نبي بخش مهيسر جو شاگرد رشيد ۽ فيض يافته هو.

حضرت بلبل ابتدائي تعليم هنن مدرسن مان پرائي وڌيڪ ڪنهن خاص علم جي تحصيل لاءِ پاٽ شريف پهتا، جتي مولوي مخدوم فضل الله صديقي جيڪو ان وقت جو عارف باالله هو ان وٽ اهو رهيل خاص علم حاصل ڪري دستار بند مولوي ٿيڻ جي فضيلت ۽ سند حاصل ڪيائون. مخدوم صاحب جو پائٽيو مخدوم حاجي حسن الله صديقي بلبل جو دوست خاص هو جنهن جي ايماء ۽ اصرار تي بلبل ڪي اتي وجهو پيو. بلبل، حضرت مخدوم نظام الدين صديقيءَ جا معتقد ۽ مريد هئا ۽ پاٽ شريف توڙي سيوهڻ شريف جي سيني علماءِ ڪرام ۽ اهل الله بزرگانِ دين سان سندن تعلقات نهايت گهرا ۽ پنهنجائپ جهڙا هئا. ان سلسلي ۾ مخدوم حضرت بصر الدين ۽ مخدوم ميان احمدي، جناب فتح محمد سيوهاڻي ۽ علامه آءِ آءِ قاضي جا نالا قابل ذڪر آهن. مولانا صغير سيوهاڻي ۽ علامه صاحب، بلبل ڪان عمر ۾ گهٽا ننڍا هئا. محترم حڪيم محمد مراد صديقي صاحب سان بابا سائين توڻي راقم التحرير جا سنا تعلقات هئا. حڪيم نور محمد صاحب وٽ به آءٌ گهڻو ويندو هيس، بابا سائين توڻي ماما حاجي پيرمحمد شينو جا سنا دوست هئا. ڪن اهل دل حضرات بلبل ڪي وقت جو ولي مجيو ۽ لکيو آهي.

حضرت بلبل جي پهرين شادي سندس مرضيءَ جي خلاف سنه 1873ع ڌاري سندن وڏي پاءُ رئيس پير بخش خان جي پسند موجب ڳوٺ ڪنديور (لڳ راڌڻ اسٽيشن) جي هڪ غريب شريف سنڌي پناڻ گهراڻي مان ٿي. حضرت بلبل ڪي هن اهليه مان ٿي

نياڻيون ۽ هڪ فرزند تولد ٿيا. وڏي صاحبزادي کان سواءِ باقي سڀ ٻار ننڍي ڄمار ۾ ئي فوت ٿي ويا. سندن وڏي اهليہ جي وڏي نياڻي بيگم خاتون جي وفات تاريخ 25 جنوري 1966ع تي بلبل هائوس ميهڙ ۾ ٿي. ڪيس گهر ۾ جيجي ڪوٺيو ويندو هو بلڪ ميهڙ جي پوري شهر ۾ ڪيس جيجي رئيساڻي جي نالي سان چاتو سڃاتو ويندو هو. پاڻيپي برادري ۾ شادي غمي جي موقعن تي اٿڻي ويهڻي جو ٻار متس هو. گهر جي وڏي ليکي ويندي هئي ۽ سڄو ميهڙ جو شهر سندس عزت ڪندو هو. شادين جي موقعي تي مٺائي ورهائڻ لاءِ ڪيس خاص طرح دعوت ڏئي وٺي ويندا هئا. مٺائي پاري يا چاڏي ۾ وجهي ورهائبي هئي. هن رسم جي پوري ٿيڻ بعد اهو پارو يا چاڏي ڪجهه مٺائي ۽ ريشمي شال ڪيس ڏنا ويندا هئا. هاڻي هي رواج ۽ رسمون ختم ٿيندا پيا وڃن. نياڻي کي پوتي اوڍائڻ جو رواج بہ ختم ٿيندو پيو وڃي. اڳي نياڻيءَ کي سَتن قرآنن برابر عزت ۽ توقير ڏني ويندي هئي. نياڻيون ميڙ ڪري وڃڻ تي خون بہ بخشيا ويندا هئا. هاڻي نياڻين جي عزت نہ ٿي ڪئي وڃي بلڪ سندن عزت لُٽي وڃي ٿي. روز الائي ڪيترين نياڻيون حوس جو شڪار ٿين ٿيون. هاڻي معاشري مان فضيلت ۽ شرم حياءُ موڪلائيندو پيو وڃي. برائي جي ڪمن کان مذهب ۽ مذهبي تعليم روڪيندي آهي، اسان جي مدرسن ۾ تہ دهشتگرد پيدا ڪيا وڃن ٿا، پوءِ علم دين جي ڄاڻ ڪير ڏيندو؟ ٻهراڙين جا ماڻهو تہ اڻپڙهيل آهن انهن جو ڪو قصور ڪونهي مگر 60 سيڪڙو شهري پڙهيل تعليم يافتہ ماڻهن کي نہ صحيح ڪلمو پڙهڻ اچي ٿو نہ غسل ڪرڻ جو صحيح طريقو اچي ٿو.

حضرت بلبل جي ٻي شادي سندس پسند موجب ۽ پائرن جي مرضيءَ جي خلاف سنہ 1875ع ۾ محترمہ گل خاتون عرف گل سان ٿي. در حقيقت هن گل ئي شمس کي بلبل بڻجڻ تي مجبور ڪيو هو ورنہ شمس الدين مان شمس ٿيڻ وڌيڪ مناسب ۽ موزون هو. شمس مان بلبل ٿيڻ جي راز ۾ گل جو مرڪزي ڪردار هو. بهرحال شمس کي گل جي محبت بلبل بنائي ڇڏيو. سائنس چوي ٿي تہ هر هڪ انسان جي بدن مان مقناطيسي شعاع (Rays) نڪرن ٿا. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن مرد جا اهڙا شعاع (Rays) ڪنهن عورت جي جسم مان نڪرندڙ اهڙن شعاعن (Rays)لاءِ مقناطيسي ڪشش رکن ٿا ۽ اهو جوڙو هڪ ٻئي سان محبت ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي پوي ٿو نہ تہ ڪهڙو لاچار پيو هو فرهاد کي جو شيرين لاءِ ٽڪر ٽاڪي ها. ياڪهڙو لاچارپيو هو سهڻيءَ کي جو ميهار لاءِ مست مهراڻ ۾ ٽپو ڏئي واڳن ۽ سيسرن جو ڪاچ بڻجي ها. حضرت ضيا جي مستيءَ واري فلسفي موجب هي بہ مستي جو مظهر يا هڪ نمونو آهي. لطيف سائين تڏهن تہ چيو آهي:

گهڙيا سي چڙهيا، ايهين اٿيئي، مٺي متي مهراڻ ۾ پو ٽپو ڏيئي،
تہ ميهار مليئي، سنيوڙو سيڻاهہ سين.

مطلب تہ اهڙي قسم جي محبت واري معاملي ۾ ويچارو انسان بيوس ۽ لاچار ٿئي ٿو. ساڳي طرح بلبل بيوس ہہ. گل سان لڪ چوري، گل جي مائٽن جي رضامنديءَ ۽ مدد سان عقد ڪيو. جڏهن انهيءَ ڳالهہ جي خبر بلبل جي پائرن کي پئي تہ سندس گهر جو ماحول سندس لاءِ نهايت ڪشيده ۽ مشڪل ٿي پيو. اهڙي صورتحال ڏسي بلبل سنڌ کي خير آباد چئي سنہ 1975ع ۾ پنهنجي اهليہ گل خاتون سميت وڃي لاهور پهتو. اتي سال کن رهي دهليءَ هليو ويو جتي پڻ هڪ سال کن رهڻ بعد حيدرآباد دکن وڃي مستقل رهائش اختيار ڪيائون چو تہ ان وقت حيدرآباد دکن علم و ادب جي واڌاري لاءِ گهڻو اڳرو ۽ مشهور هو. خاص طور تي مسلمانن ۾ جديد علوم و فنون کي عام ڪرڻ لاءِ ۽ سندن معاشي، معاشرتي ۽ سياسي ترقي ۾ جناب نظام دکن ذاتي طرح دلچسپي وٺندڙ فرمان روا هو ۽ پاڻ بہ اهل علم هو ۽ اهلِ علم شخصيتن جو قدر دان هو. هيءَ مسلم رياست جنهنجي آدمشماريءَ جو وڏو حصو غير مسلم قومن تي مشتمل هو، مسلمانن جي فلاح و بهبود جو هڪ مشهور مرڪز هئي.

هن سموري عرصي دوران بلبل صحافت کي پيشي طور اختيارڪيو. پنجئہ فولاد لاهور، انتخاب لاجواب لاهور، پئسہ لاهور ۽ زميندار لاهور جي نوڪريءَ سان بلبل پنهنجي صحافتي زندگيءَ جي شروعات ڪئي ۽ انهن اخبارن ۾ سندس مضامين ۽ڪالم شايع ٿيندا هئا. انهن اخبارن جي ايڊيٽرن ۽ مالڪن سان بلبل جي جاڻ سڃاڻ گهري دوستيءَ ۾ بدلجي وئي، جڏهن سيني بلبل جي صحافيانہ قابليت ڏٺي ۽ پوءِ اها دوستي آخري دم تائين قائم رهي. پنجئہ فولاد جي ايڊيٽر تہ بلبل جي مڪمل سوانح بمع تصاوير پنهنجي مذڪوره اخبار مورخہ 7 مئي 1906ع ۾ شايع ڪئي. ان لکت کان متاثر ٿي مسٽر گپت راءِ مئنيجر البرٽ پريس سکر، بلبل جي سوانح انگريزي زبان ۾ لکي شايع ڪرائي، جنهن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو حضرت بلبل خود ڪيو هو. هن ترجمي جا چند ورق بلبل مرحوم جي هٿ جا لکيل، جيڪي اڌوهيءَ اوبر طور بچايا آهن. انهن مان پتو پوي ٿو تہ حضرت بلبل جي مڪمل سوانح ٽن زبانن، اردو، انگريزي ۽ سنڌيءَ ۾ لکيل ۽ شايع ٿيل هئي مگر زماني جي گردش سبب، گهڻيون شيون ضايع ٿي ويون آهن. حضرت بلبل جي هٿ جا لکيل چند ورق، جيڪي تمام سهڻي صورتخطي ۾ مختلف رنگن سان مزين آهن، مگر اڌوهي جا نيم خورده بطور تبرڪ و سند بلبل لائبريري ۾ سانديي رکيا ويا آهن. حضرت بلبل دهليءَ ۾ بہ ٿورو عرصو رهيا جتي پڻ مختلف اخبارن جهڙوڪ دهلي پنچ، خير خواه عالم ۽ ڪشف العلوم وغيره ۾ ڪم ڪيائون مگر حيدرآباددکن ۾ گهڻو عرصو رهيا جتي پڻ ڪجهہ اخبارن ۾ ڪم ڪرڻ بعد هڪ اخبار جا سب ايڊيٽر ۽ پوءِ ہي اخبار جا ايڊيٽر ٿي رهيا. اهي اخبارون شايد دکن پنچ ۽ خورشيد دکن هيون. خاص

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهہ نوٽ ڪرڻ جهڙي هيءَ آهي تہ پنج نالي واريون اخبارون طنزيہ ۽ مزاحيہ قسم جون اخبارون هيون جن ۾ ڪم ڪرڻ جو بلبل کي ڀرپور موقعو مليو. سندس طبيعت بہ اهڙي قسم جي تحرير طرف اڳيئي مائل هئي وري اهڙين اخبارن ۾ ڪم ڪرڻ بلبل لاءِ ائين ثابت ٿيو جيئن سون لاءِ سهاڳو.

هندوستان جي وڏن وڏن شهرن جهڙوڪ ڪلڪتو، لکنئو، دهلي، حيدرآباد دکن، ميرٺ ۽ پنجاب وغيره مان آيل اخبارن جا انبار حضرت بلبل جي اخبارن واري گهوڙي (Rack) تي رکيل هئا. پنج اخبارن ۽ پنج ميگزين جا تلها تلها فائيل ٺهيل هئا، هنن اخبارن ۽ ميگزينن ۾ لکت سان گڏعجيب عجيب ڪارٽون بہ ڏنل هئا. هي فائيل راقم الحروف ڏٺا هئا ۽ اسان جي زماني ۾ ئي ڏسندي ڏسندي ڳري پرزا پرزا ٿي ويا. حيدرآباد دکن واري عرصي دوران بلبل پنهنجن ايڊٽ ڪيل اخبارن جا پرچا باقاعدگيءَ سان پنهنجي وڏي ڀاءُ رئيس پير بخش خان کي موڪليندو رهندو هو مگر ٻين اهم دستاويزات وانگر اهي ڪاغذات بہ سنڀالجي نہ سگهيا. اڄ تہ عام ماڻهو اخبارپڙهڻ بعد ان کي بيڪار سمجهي ردّيءَ جي حوالي ڪري ڇڏيندا آهن ۽ اهي اخبارون پڪوڙن وارن جي دوڪانن تي نظر اينديون آهن. ان وقت بہ ماڻهن ۾ ايتروشعور ئي ڪونہ هو جو اهڙين شين جو قدر ڄاڻي انهن کي محفوظ ڪن ها. افسوس تہ ان ڳالهہ جو بہ آهي تہ ان وقت اهڙين شين کي محفوظ ڪرڻ جو نہ علم هو ۽ نہ عقل. بلبل لاهور، دهلي ۽ حيدرآباددکن ۾ قيام دوران اخباري دنيا توڙي علم و ادب، شعر و شاعري ۽ سياسي بصيرت رکندڙ شخصيت جي حيثيت سان وڏي شهرت حاصل ڪئي هئي ۽ برصغير جي بيشمار نامور هستين سان سندن گهرا تعلقات استوار ٿيا جن ۾ قومي ليڊر، اخبارن جا مالڪ ۽ ايڊيٽر، صحافي، شاعر، اديب ۽ عالم دين وغيره وغيره سڀ شامل هئا. حيدرآباد دکن جو وزير اعظم نہ صرف سندن دوست بلڪ مداح هو. سندن خاص دوستن ۾ جسٽس امير علي سيد، مسٽر اي-ايم دهلوي، سر شاهنواز ڀٽو، خواجہ الطاف حسين حالي، مولانا شبلي نعماني، جناب اڪبر الہ آبادي، جناب محمد علي جوهر، مولوي محبوب عالم، منشي نول ڪشور، مولانا ظفر علي خان، مرزا ڪاظم علي غازي، مولانا فوق، مولوي ذوق ۽ جناب حسرت موهاني وغيره جا نالا قابل ذڪر آهن. باقي صرف تعلقات وارن نامور شخصن ۾ سر سيد احمدخان، نواب سليم الله خان، جناب وقار الملڪ ۽ جناب محسن الملڪ جا اسماء گرامي ڳڻائي سگهجن ٿا. حضرت بلبل جي دوستن احبابن جو دائرو تمام گهڻو وسيع هو. ڪجهہ خاص الخاص دستاويزات جيڪي هڪ ڳاڙهي رنگ جي ڪپڙي ۾ ڳنڍ ٻڌل هئا اهي حضرت بلبل محترم قادر بخش وٽ امانت طور رکايا هئا انهيءَ تاڪيد سان تہ جڏهن سندس فرزند ضياءَ الدين وڏو ٿئي تہ اها ڳنڍ سندس حوالي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجي، انهن ڪاغذات جي ڏيڪارڻ سان ڪيس وڏي عزت ملندي مگر افسوس اها ڪاغذات واري ڳنڍ بہ ضايع ٿي وئي ۽ اسان تائين نہ پهتي.

حضرت بلبل کي محترمہ گل خاتون مان صرف هڪ فرزند رئيس عبدالفتاح حيدرآباد دکن ۾ تاريخ 22جنوري 1882ع تي پيدا ٿيو. هن اهليہ مان ڪيس ٻيو اولاد نہ ٿيو. جنهن ڪري حضرت بلبل ٽئين شادي ڪئي. رئيس عبدالفتاح بہ پنهنجي وقت جو هڪ نهايت عمدو شاعر، اديب ۽ صحافي ٿي گذريو آهي. حضرت بلبل جي وفات بعد بزم بلبل ميهڙ جو روح روان ۽ جنرل سيڪريٽري هو ۽ پنهنجو تخلص "عبد"لکندو هو. اخبار شمشير الاسلام جو مالڪ ۽ ايڊيٽر هو. مرحوم رئيس عبدالفتاح جي وفات (تاريخ 17 جنوري 1931ع) بعد هن اخبارجي ادارت خلافت تحريڪ جي سرگرم رڪن وڏيري رضا محمد مهيسر وٽ رهي جيڪو حضرت بلبل جو دلي دوست هو. جنهن ڪانپوءِ محترم عطا محمد مهيسر ۽ ان بعد هن اخبار کي محترم عبدالغفار صابريءَ سنڀاليو. مولوي صابري مرحوم فيض اخبار بہ جاري ڪئي هئي. هنن سڀني شخصن جي ويجهي مٽي مائٽي محترمہ گل خاتون سان هئي. محترمہ گل خاتون جي هڪ ڀيڻ وڏيري رضا محمد مهيسر سان پرڻيل هئي، ٻئي جي شادي ڪراچيءَجي ارب ڪرب پتي سيٺ ايدلجي مهتا سان ٿيل هئي ۽ ٽئين ڀيڻ جي شادي ڏيرڻي واري مخدوم جسٽس عبدالوالي جي ڏاڏي سان ٿيل هئي. محترمہ گل خاتون جي پيءُ جو نالو حاجي خانڻ شيخ هو. سندس ڪاتي تي اٽڪل 1500 ايڪڙ زرعي زمين ديهہ ڪناروڪڪول، ديهہ گاهي مهيسر ۽ ديهہ ڪونڊي ۾ موجود هئي. سندن وڏن جا نالا نبي بخش ۽ مير محمد هئا جن جي نالن تي ديهہ ڪناروڪڪول جي نقشي۾ڪڙيو نبي بخش ۽ ڪڙيو مير محمد موجود آهن. محترمہ گل خاتون جون بہ ڀينر سيد جي ڳوٺ لڳ ڳوٺ ڪونڊي جي ڪوسن ۾ ڏنل هيون. هن خاندان مان الهہ جڙيو ۽ غلام حسين سان منهنجو رستو هو مگر ڪجهہ سال ٿيا تہ وفات ڪري ويا آهن. سندن اولاد موجود آهي. جن سان بہ تعلقات آهن.

حضرت بلبل ٽئين شادي تڏهن ڪئي جڏهن سندس وڏي ڀاءُ رئيس پير بخش خان وفات ڪئي، جنهن سبب ڪيس ڪراچيءَ کي مستقل طور ڇڏي ميهڙ ۾ رهڻو پيو. هن اهليہ مان ڪيس هڪ نياڻي عائشہ خاتون ۽ هڪ فرزند رئيس ضياءُ الدين ضيا تولد ٿيا. چوٿين شادي مادر ضيا جي وفات بعد ننڍڙي ضيا جي پرورش خاطر ڪيائون. جنهن مان کين ڪوبہ اولاد پيدا نہ ٿيو. هيءُ مائي محمد مراد شينہ جي بيوه هئي. محمد مراد پوليس کاتي ۾ هيڊ ڪانسٽيبل هو ۽ اسان جو ذات وارو هو. ميهڙ شهر ۾ ٽڪنڊي لڳ سندن چار پنج گهر اجا سوڌو موجود آهن ۽ شينا سڏبا آهن.

حضرت بلبل سنہ 1888ع ڌاري حيدرآباد دکن کي مستقل طرح ڇڏي پنهنجي

اباڻي وطن واپس وريو هو جو سندن وڏو برادر رئيس پير بخش خان پنهنجي طويل علالت سبب کين واپس اچڻ لاءِ اصرار ڪندو رهيو. بلبل واپس اچڻ جو راضپوڏيڪاريو تہ پوءِ سندس چند خاص دوست جهڙوڪ وڏيرو ڏتي بخش خان ٽيپو، وڏيرو ڏتي بخش خان جتوئي ۽ وڏيرو محمد اسماعيل خان مهيسر جو والد وڏيرو محمد قاسم خان مهيسر کيس واپس آڻڻ لاءِ اتي پهچي ويا. واپسيءَ بعد ڪجھ وقت ميهڙ ۾ رهڻ بعد بلبل ڪراچي وڃي اتي مستقل رهائش اختيار ڪئي، جتي جلدئي کين خانبهادر حسن علي خان آفندي پنهنجي اخبار معاون جي ادارت سونپي ۽ سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي کي درپيش نهايت سنگين مسائل جهڙوڪ نام نهاد ملن ۽ مولوين طرفان انگريزي تعليم خلاف پيدا ڪيل طوفان کي ختم ڪرڻ، مسلمانن کي انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ آماده ڪرڻ ۽ سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَلاءِمستقل آمدني ساليانى گرانٽس جي صورت ۾ حاصل ڪرڻ جو بار خانبهادر صاحب، حضرت بلبل تي رکيو چو تہ جناب آفندي صاحب جي نظر ۾هنن سمورن ڪمن کي پايہ تڪميل تي پهچائڻ وارومناسب ۽موزون شخص صرف بلبل ئي هو. خانبهادر حسن علي آفندي، حضرت بلبل جي قابليت، صلاحيت، تجربي ۽ اثر رسوخ کان اڳيئي بخوبي آگاھ هو. ان وقت سنڌ اندر حضرت بلبل تمام گهڻومقبول ۽ معروف شخص طور ڄاتو ويندو هو. سنڌ جا مير، پير، والي، وزير، حاڪم ۽ زميندار سڀ سندس مداح ۽ گرويده هئا.

گمبٽ، راڻيپور ۽ هالا جا گادي نشين، خيرپور ميرس جا والي ۽ وزير، غيبي ديري ۽ لاڙڪاڻي جا نواب ۽ اسراڻ، ماتلي ۽ نصرپور جا نواب ۽ حيدرآباد جا مير وغيره سڀ بلبل جا دلي دوست هئا. اهي سيئي حضرات بلبل جي ڪوشش سبب هن تعليمي درسگاھ جي مالي سهائتا ۾ پيش پيش رهيا. خانبهادر حسن علي آفنديءَ جي فرزند ولي محمد آفندي سان گڏجي، بلبل انهن حضرات مان ڪجھ صاحبان سان ملي سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ لاءِ مالي امداد جوبندوبست ڪندو رهيو. اهڙو اظهار جناب حڪيم عبدالحميد چانڊيي بہ پنهنجي ڪتاب "سوانح نواب سر غيبي خان چانڊيو"۾ ڪيو آهي.

بلبل هن وقت شوخ طبع ۽ رنگين مزاج شاعر نہ بلڪ هڪ قومي و ملي درد رکندڙ دور انديش ۽ مستقل مزاج مصلح قوم بڻجي چڪو هو. سندس شعر و شاعريءَ ۾ محبوب جي زلف پيچيده جي ذڪر بدران قوم و ملت جي پيچيده مسائل جاءِ والاري هئي. سندن تحرير ۾ سر سيد احمد خان جو تدبر ۽ حڪمت، تقرير ۾ نواب محسن الملڪ ۽ بهادر يار جنگ وارو جوش و جذبو، ڪلام ۾ حالي ۽ اڪبر الھ آبادي وارو اندازِ بيان ۽ اصلاحي طرز تڪلم ۽ جسٽس امير علي سيد وارو فڪر و فهم موجزن هو.

رئيس پير بخش خان، جنهن بلبل کي پنهنجي اولاد وانگر پاليو هو، ان جي وفات

تاريخ 9 ڊسمبر 1906ع تي بلبل هائوس ميهڙ ۾ تي ۽ بلبل خاندان جو هي معتبر ۽ مانجهي مڙس وڃي پنهنجي معبودِ حقيقيءَ سان مليو.

وياسي وينجهار، هيرو لعل ونڌين جي. گهر ۾ اڪيلائي، زمينداريءَ ۽ ذميوارين جي مدِ نظر بلبل کي مستقل طور ميهڙ ۾ رهائش اختيارڪرڻي پئي. اخبارن کي ايڊٽ ڪرڻ جو ڪجهه ڪم ميهڙ مان اڪلائيندا هئا. باقي سندن آفيسون ڪراچي، حيدرآباد، سکر ۽ لاڙڪاڻي ۾ موجود هيون جتي ضرورت مطابق ڏينهن به رهي ڪم مڪمل ڪندا هئا. ان زماني ۾ اخبار معاون کان علاوه ڪراچي گزيٽ ڪراچي، وطن ڪراچي، بلبل ڪراچي، الحق سکر، مسافر حيدرآباد،خير خواه لاڙڪاڻو ۽ آفتاب سکر کان سواءِ چند ٻيون اخبارون ۽ رسالا پڻ سندن ادارت هيٺ شايع ٿيندا هئا. انهن اخبارن ۾ اخبار بلبل ۽ اخبار وطن بلبل جون ذاتي اخبارون ٻڌايون وڃن ٿيون. الحق ڪجهه وقت حيدرآبادمان به شايع ٿي هئي، جتي بلبل ۽ الحق اخبارن تي سنڌ جي وڏن وڏن مشهور هندو ليڊرن هڪ ڪوڙو ڪرمنل ڪيس دائر ڪيو هو جيڪو ڪوڙو ثابت ٿيو. هي ڪيس مسلمانن توڙي هندن لاءِ وقار ۽ عزت جو قومي مسئلو بڻجي چڪو هو. هن ڪيس ۾ هندن جي پيشوا هرچندراءِ وشنداس پارواڻي ڪوتڙي وارو، جو اهم ڪردار هو باقي مهرا ٻيا گهڻا هندو ليڊر هئا. هن ڪيس ۾ مسلمانن جي طرف جو سرواڻ شيخ غلام حسين هدايت الله هو جيڪو پوءِ سر غلام حسين هدايت الله جي نالي سان مشهور ٿيو. هو هن ڪم ۾ سيني کان اڳرو هو. هي ڪيس کٽڻ تي مسلمانن سڄي سنڌ ۾ خوشيون ملهايون ۽ مٺايون ورهايون. هي سمورو احوال بلبل جي سوانح ۾ تفصيل سان اچي چڪو آهي.

بلبل کي سنڌ اندر "اخباري دنيا جو بي تاج بادشاهه" ۽ "صحافت جو ڏاڏو آدم ۽ امام" متفق طور تسليم ڪيو ويو آهي. سليس اخباري زبان جو ڪيس موجد مڃيو ويو آهي، ڇو ته هن قسم جي طرز تحرير پهريان پهريان بلبل ئي سنڌ اندر رائج ڪئي ۽ ان طرز تحرير کي ڪمال درجي تائين پهچائي ڏيکاريائين. بلبل کان اڳ سنڌ ۾ جيڪي به سنڌي اخبارون شايع ٿينديون هيون انهن جي عبارت فارسي زبان جي طرز تي نهايت مشڪل ۽ ڏکي هئي. هيءَ تحرير عام فهم نه هئي، هر ڪو شخص سولائيءَ سان هن قسم جي لکت پڙهي ۽ سمجهي نه سگهندو هو. صرف اهي شخص جن کي پارسي زبان تي عبور حاصل هو، اهي ئي سولائيءَ سان اهڙي لکت پڙهي سگهندا هئا. ان زماني ۾ سرڪاري زبان پارسي هئي جيڪا پوءِ انگريزن جي اثر هيٺ تبديل ٿي. برصغير جي مکيه ٽن علمي ادبي مرڪزن، لاهور، دهلي ۽ حيدرآباد دکن ۾ بلبل کي هڪ صحافيءَ جي حيثيت ۾ سليس اردو زبان لکڻ جو وسيع موقعو مليو ۽ تجربو حاصل ٿيو. جنهن کي هن سنڌي تحرير ۾ دهرايو ۽ سندس هي تجربو نهايت ڪامياب ۽ ڪارائتو ثابت ٿيو. سنڌي

اخباري دنيا تي بلبل جو هي وڏو احسان ليکيو وڃي ٿو. اسلامي لشڪر اندر جا حيثيت حضرت خالد بن وليد کي حاصل هئي اهڙي عزت ۽ شهرت سنڌ جي اخباري دنيا ۾ حضرت بلبل جي پلئه پئي.

حضرت بلبل جي ٽين شادي سن 1907ع ۾ ٿي. هن اهليه مان کيس هڪ نياڻي بنام عائشه ۽ هڪ فرزند ضياءُ الدين ضياتولد ٿيا. تاريخ 27 جون 1912ع تي مادر ضيا، الله کي پياري ٿي وئي. گويا سندس هيءَ اهليه صرف 5-6 سال سندس زوجيت ۾ رهي.

هلڻ هارا سپرين، رڳان تان نه رهن.

ننڍڙي ضيا جي سنڀال لاءِ بلبل کي چوٿين شادي ڪرڻي پئي. هيءَ شادي سن 1915ع ۾ ڪيائون. هن اهليه مان کين ڪو به اولاد پيدانه ٿيو. حضرت بلبل جي ٻيو نمبر اهليه محترمه گل خاتون تاريخ 3 آڪٽوبر 1942ع تي وفات ڪري وئي. ضعيفائي واري حالت ۾ اڇي بلبل هائوس ۾ رئيس ضياءُ الدين ضيا وٽ رهي ۽ سندس انتقال به بلبل هائوس ۾ ٿيو. مون کي هر هڪ ڳالهه چڱي طرح ياد آهي. رات جو حضرت بلبل ۽ پنهنجي متعلق سڀ ڳالهيون ٻڌائيندي هئي. اسان سڀ ٻار ڳالهين ٻڌڻ جي شوق سبب سندس کٽ تي ويهي کيس زور به ڏيندا هئاسون ۽ ڳالهيون به ٻڌندا هئاسون. حضرت بلبل جي اولاد مان آخرين فرد، همشيره رئيس ضياءُ الدين ضياجو انتقال سن 1983ع جي جنوري مهيني جي 12 تاريخ تي بلبل هائوس ميهڙ ۾ ٿيو. سال جو گهڻو حصو مون وٽ رهندي هئي. مون تي نالو جو سندس والد بزرگوار جو آهي ان ڪري مون کي بابا چوندي هئي ۽ مون سان تمام گهڻي دل هيس. منجهند جي ماني کائي رهي هئي، پنهنجي ٻيو نمبر دختر جيڪا منهنجي ننڍي ڀاءُ نظام الدين جي گهر واري آهي، کي پاڻي کڻي اچڻ لاءِ چيائين، چند منٽن ۾ هوءَ پاڻيءَجو گلاس کڻي آئي ته کيس ويهاڻي تي مٿو رکي ليٽيل ڏٺائين. هن سمجهيو ته ٿڪ سبب ليٽي پئي آهي، مگر غورسان ڏسڻ ۽ سڏڻ بعد کيس معلوم ٿيو ته جن کي سڪ ساهڙ جي، سي گهيڙ نه پڇن گهاٽ! سندس دم پرواز ڪري وڃي خالقِ اڪبر وٽ پهتو هو ۽ گرهه به سندس هٿ ۾ موجود هو. سندس وڏي نياڻي راقم التحريرجي اهليه به ان وقت ساڳئي ڪمري ۾ سندس پرسان موجود هئي مگر انکي به اهڙي خبر نه پئي. بس ائين ئي خاموشيءَ سان بنا موڪلائڻ جي هلي وئي. شوگر جي پراڻي مريضه ته هئي ۽ ڪافي ڪمزور به ٿي وئي هئي مگر سندس حالت ڳڻيءَ جوڳي نه هئي، ڪلندي کائيندي هلي وئي.

جر ۾ ڦوٽو جيئن، لهريون لڳندي اڏ ٿئي.
تون پڻ آهين تيئن، دنيا ۾ ڪوڏينهڙو.

محترمه ۾ پنهنجي والد ماجد حضرت بلبل جون سموريون خوبيون موجود هيون. الله

تعالىٰ کيس حافظو بہ حضرت امام غزاليءَجهڙو عطاڪيو هو. پنهنجي خاندان متعلق سندن معلومات نهايت وسيع، جامع ۽ هر ڳالهہ ذري پرزي برابر بہ کين ياد هئي. رات جو سمهڻ وقت روزانو اهڙيون ڳالهيون اسان کي ننڍي هوندي ٻڌائيندي هئي. حضرت بلبل جو تمام گهڻو ڪلام چيبل توڙي اڻ چيبل کين بر زبان ياد هو. اسان قلمبند نہ ڪيو جو ايترو شعور ان وقت هيو ئي ڪونہ. مرحومہ پاڻ بہ سٺي شاعره هئي. صبر شڪر ڪرڻ واري نهايت صابرين، حوصلہ مند ۽ بردبار ۽نيڪ خاتون هئي. اسان جي پوري خاندان ۾ پنهنجي وڏي پيڻ کان پوءِ هوءَ محترم شخصيت هئي، کيس ننڍا وڏا سيئي ڏاڏي امان جي نالي سان ياد ڪندا هئا. سندس پٽ، نياٽيون، ننهون ۽ راقم الحروف بہ ڏاڏي امان جي نالي سان مخاطب ٿيندا هئاسون. سن 1970ع ۾ پاڻيءَ جي جهاز ذريعي حج بيت الله جو شرف حاصل ڪيائين ۽ پنهنجو وارو وڃائي ويِئي.

پاٽيئ جي پرکنان، ويا سي وينجهار.

حضرت بلبل جي ڪارنامن ۽ قومي خدمات جي ذڪر خير لاءِهي موقعو مناسب نہ آهي مگر وقت جي ڪمي سبب اڄ واري هن تقريب جي مناسبت مطابق صرف هڪ اهم خدمت جو ذڪر ضروري سمجهي پيش ڪجي ٿو. جنهن اسڪول جي هن سينٽرل هال ۾ جشن ميهڙ جي سلسلي ۾هيءَ ادبي مجلس منعقد ڪئي وئي آهي ۽ آءٌ ناچيز هي مقالو پيش ڪري رهيو آهيان، دراصل هيءَ درسگاهہ حضرت بلبل جي ئي قائم ڪيل، سندس حياتيءَ جو هڪ شاندار يادگار ۽ هن خطي جي ماڻهن لاءِ هڪ انمول تحفو آهي. مون کي يقين آهي تہ هن وقت بہ سوين اهڙا شخص هن ادبي ميڙ ۾ موجود آهن جيڪي، حضرت بلبل جي پوکيل هن باغ جا ثمر آهن.

حضرت بلبل، سر سيد احمد خان ۽ خانبهادر حسن علي آفندي جي سياسي بصيرت، فهم و فراست ۽ مسلم قوم جي مستقبل کي محفوظ ڪرڻ واري دور انديشانہ سوچ ۽ لوچ کان متاثر ٿي سندن نقشِ قدم تي هلندي سن 1904ع ۾ انجمن اتفاق اسلام ميهڙ جو پايو وڌائون ۽ ان جي زير اهتمام هڪ جديد طرز جو هيءُ تعليمي ادارو بمع هڪ فري بورڊنگ هائوس، ٻهڙارين کان آيل شاگردن جي طعام و قيام لاءِ قائم ڪيائون.

شروع ۾هيءَ درسگاهہ وڏيري ڏٽي بخش خان ٽيبو جي اوطاق ۾ قائم ڪئي وئي هئي جيڪا بلبل هائوس جي سامهون چند قدمن جي مفاصلي تي موجود هئي. ميهڙ شهر ۾ اسان جي خاندان جي آمد کان اڳ هي پاڙو وڪن جو پاڙو سڏبو هو ۽ اسان جي اچڻ کان پوءِ شينهن جو پاڙو سڏجڻ لڳو ۽ پوءِ بلبل محلا. ڪاسائي محلا ۽ هاٽي پٽائي محلہ سياسي بنياد تي سڏجي رهيو آهي. پويان هئي نالا وڏن ماڻهن ۽ انهن جي چمچن کي خوش ڪرڻ لاءِ وڏن ماڻهن جي وائن پنهنجي مرضيءَ سان رکيا آهن. هاٽي جنهن رستي

جو نالو اهڙن لوسي چمچن پاڻ مرادو VIP روڊ رکيو آهي ان رستي جو نالو اڄ سوڌو ستي سروي رڪارڊ ميهڙ ۾ شمس الدين بلبل رستو لکيل آهي.

جنهن زماني ۾ هي پاڙو وڪن جو سڏبو هو ان زماني ۾ محترم وڏيري ڏتي بخش خان ٽيپو اها جاءِ وڪن کان خريد ڪري پنهنجي اوطاق ڪئي هئي. انهيءَ جاءِ سان لڳو لڳ ٽي جايون ميان قادر بخش سهتو، ميان ربن سهتو ۽ ميان علي بخش سهتو خريد ڪري اچي ويٺا. اهي ٽئي جايون به وڪن جون هيون. انهن جاين پرسان ٽي جايون وري وڪن کان شينن خير محمد شينو ولد الهه رکيو شينو، شفيع محمد شينو ۽ جان محمد شينو خريد ڪيون. انهن جاين سان لاڳيتو وري ٻيون ٽي جايون سهتن، وڪن کان خريد ڪيون. اهڙيءَ طرح وڪن جي هن پاڙي ۾ تورائي ٿي وئي، راقم التحرير جا آباء و اجداد به هن ئي پاڙي ۾ سرڪاري پيل زمين اٽڪل 15 ايڪڙ خريد ڪري جايون ٺهرائي ويناءِهن پاڙي ۾ گهٽائي ۽ اڪثريت شينن جي ٿي وڃڻ سبب هي پاڙو شينن جو پاڙو سڏجڻ لڳو. شينن جي مسجد شريف سان لڳ به ٽي گهر وڪن جا بچيا آهن ۽ اهو حصو اڃا وڪن جا گهر سڏجي ٿو. ان کان پوءِ انڙ واهه لڳ وڏو ويڙهو ماڇين يا سولنگين جو آهي. اهي سڀ ماڇي پاڳ ناڙيءَ ۾ اسان جا هاري ۽ راڄ هئا ۽ اسان سان گڏ لڏي آيا هئا.

جڏهن حضرت بلبل جو قائم ڪيل شروع وارو اسڪول وڏيري ڏتي بخش خان ٽيپو جي جاءِ مان شفٽ ٿي نئين عمارت ۾ سن 1933ع ۾ قائم ڪيو ويو ته پوءِ اها جاءِ وڏيري صاحب ميان قادر بخش سهتو کي ڏئي ڇڏي. ميهڙ اسڪول جي شروع واري بورڊنگ هائوس جي ڪچي عمارت زبون حاليءَ جو شڪار ٿي ڊهي وئي ۽ گهڻن ماڻهن انهيءَ پلاٽ مان ٽڪرا ٽڪرا پلاٽ جا ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ لاڙڪاڻي کان حاصل ڪري پنهنجون جايون ۽ دوڪان ٺهرايا. پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ هندن جون تمام سنيون ۽ وڏيون عمارتون گهڻي تعداد ۾ خالي پيون هيون. هڪ به منزلہ عمارت جنهن ۾ 25 ڪمرا هيٺ ۽ 25 ڪمرا مٿي ٺهيل هئا، اها جاءِ اسڪول بورڊ روينيو کاتي جي آفيسرن جي مدد سان هٿ ڪري ان کي بورڊنگ هائوس طور استعمال ڪيو. جنهن ۾ شاگردن سان گڏ ڪجهه پرديسي هيڊ ماسٽر ۽ ماستر به رهيا. هيءَ جاءِ اصل ۾ سيٺ تلوڪ چند جي ملڪيت هئي. سندس هڪ پاءُوڪيل هو جنهن جو نالو نهالچند هو. بابا سائين جو دلي دوست ۽ همدرد ساٿي هو. ٿي سگهي ٿو سندس ڪلاسي هجي. هندن جي لڏي وڃڻ بعد هيءَ عمارت سيٽلمينٽ کاتي جي حوالي ٿي وئي جتان سيٽلمينٽ کاتي مان وڏيرو فيض محمد مهيسر مٺائي وارو کٽي آيو. ڪجهه وقت کانپوءِ هيءَ عمارت ڊاڪٽر ولي محمد ٻڙرو ڏيڍ لک رپين ۾ وڏيري فيض محمد مهيسر کان خريد ڪئي. هن عمارت لاءِ چيو وڃي ٿو ته هن عمارت مان هڪ زمين دوز سرنگهه ٽڪاڻي تائين وڃي

تي ۽ انهيءَ عمارت ۾ سون سان پريل هڪ ديگ بہ دفن ٿيل آهي مگراهي ٻئي شيون اجا تائين لڌيون ڪونہ آهن. ٻئي وڏي جاءِ ڊاڪٽر لعل چند (عرف ڊاڪٽر لالو) جي آهي جيڪا هن وقت سيٺ ٿولا رام وٽ آهي. ڊاڪٽر لعل چند هن جاءِ تي نالو لکايو هو ”پرساد محل“ جنهن جي معنيٰ هئي سندس پنجن پٽن جي نالن جي منڍ وارن اکرن جو جوڙ. يعني 1. پرتاب، 2. رميش، 3. سريش، 4. اشوڪ ۽ 5 دليپ. پ ر س ا د. ڊاڪٽر لعل چند نهايت سادو، شريف ۽ همدرد قسم جو پرش هو. منجهندتاڪ هجي يا آڌي رات هر مريض غريب توڙي امير هجي، ان وٽ وڃڻ ۾ قطعي نہ ڪيٻائيندو هو. ويچارو وزٽ في بہ نہ وٺندو هو. رنگ جو ڳاڙهو هو جنهن ڪري ڪيس عام طرح ڊاڪٽر لالو سڏيو ويندو هو. جنهن جو مطلب هو پناڻن جهڙو سرخ و سفيد.

ميهڙ جي جاين ۾ ٽڪنڊي مشهور عمارت آهي، جنهن جي ٽنهي طرفن کان گول بالڪونيون ٺهيل آهن ۽ هر طرف کان وڏيون دريون سائي رنگ جي شيشن واريون موجود آهن. هن قسم جي عمارت ڪراچيءَ کان سواءِ سنڌ ۾ ڪٿي بہ موجود نہ آهي. اندر مرڪزي هال ۾ شري رامچندر ۽ سيتا ديوي جي شاديءَ جي پوري جڄ ديوارن تي پلاسٽر آف پيرس سان ٺهيل آهي. هي ڪم آرٽ جو هڪ نادر نمونو آهي. تصويرون 3-D اهڙيون ٺهيل آهن جڻ زنده ماڻهن جي جڄ هجي. ماڻهن جي ڪپڙن ۽ زيورن جا رنگ بہ ڏاڍادلڪش آهن. هن عمارت جو مالڪ منهنجي سانيڙ ۾ سيٺ پرتومل هو. ان ڪانپوءِ سندس ڏوهٽو ڪنيا لعل هن جاءِ جو مالڪ ٿيو. جنهن کان محترم فيض محمد ٻرڙو وڪيل هيءَ جاءِ خريد ڪئي. مسٽر صوپراج مل وڪيل بہ بهترين ماڻهو هو سندس پٽ گلاب ۽ ڌيئون اندرا ۽ مايا اسان سان گڏپڙهنديون هيون. مسٽر صوپراج مل جو شمار ميهڙ جي سٺن وڪيلن ۾ ٿيندو هو. بابا سائين جو سٺو دوست هو. سندس جاءِ محترم عطا محمد ڪانڌڙو وڪيل سيٽلمينٽ کاتي مان خريد ڪئي. سيٺ لولومل ريواچند ديالو قسم جو منش هو ۽ ديا وارن ڪمن ۾ اڳرو هوندو هو. بابا سائين جو سٺو دوست هو. مون کي چڱي طرح ياد آهي جڏهن انگريزي اسڪول ٻيئي قائم ڪيائين تہ بابا جن وٽ نالو تجويزڪرائڻ لاءِ آيو هو. بابا سائين ڪيس L.R.Mohd High School نالو تجويزڪيو. هي اسڪول ان وقت هاءِ اسڪول نہ هو مگر نالو اهڙو تجويز ڪيو ويو جو معلوم ٿئي پيو تہ هاءِ اسڪول آهي. پاڪستان قائم ٿيڻ بعدهي اسڪول ختم ٿي ويو. اهڙا سنا هندو هت ڪافي هئا. ڏياٿين واري عيد تي مسلمان چوڪرا ۽ نوجوان ڪينهوڙا ٻاري رستن تي وڏي واڪي چوندا وتندا هئا ”عيد عيد مشعلو ڪافر جو منهن ڪارو“ مگر هندو چڙندا اصل ڪين هئا، بلڪ چوندا هئا اسين ڪافر نہ آهيون اسان الله کي مڃون ٿا مگر سندس نالو اسان وٽ ايشور آهي. مطلب تہ رواداري ۽هڪ ٻئي لاءِ سهپ ۽ برداشت جو مادو هو.

پراڻي بورڊنگ هائوس واري جاءِ تي هن وقت آغا پيٽرول پمپ، پر وارا پکوڙن ۽ مٺائي جا دوڪان، پريس ڪلب، محترم عبدالرحمان عباسي جي ڪري (ڇڙهائي ۽ پيسائي جي مشين)، آرا مشين ۽ نوراني مسجد شريف اهي سڀ جايون انهيءَ پلاٽ تي ٺهيون آهن. اها جاءِ شروع شروع ۾ مسافرخاني طور ڪتب ايندي هئي. انهيءَ پلاٽ جي ڏکڻ واري ڪنڊ تي جتي هن وقت محترم نظير احمد ايري جو ميڊيڪل اسٽور موجود آهي اتي سيمينٽ جي اڏاوت وارو هڪ بهترين کوهه ٺهيل هو جنهن جي مٿان ڇت سيمينٽ جي ٽنين ذريعي پيل هئي. هن کوهه مان هن پاڙيجا سمورا رهواسي پاڻي ڀريندا هئا. هن کوهه سان لڳ هڪ سيمينٽ جو ٺهيل پاڻي جو هڪ حوض پڻ هو جنهن مان بگين وارا پنهنجن گهوڙن کي پاڻي پيرايندا هئا. اهڙا اٽڪل چار کوهه ۽ حوض ميهڙ شهر جي مختلف هنڌن تي موجود هئا. اهڙو هڪڙو کوهه ڪڪول جي شهر واري مکيه پراڻي موري لڳ اڃا شايد موجود آهي. حوض دوڪاندارن ڍاهي اتي سبزيءَ جو دوڪان کوليو آهي. صرف پاڻي پرڻ وارا شخصي ۽ ذاتي کوهه ميهڙ شهر ۾ تمام گهڻا هئا. مسلمانن جي گهرن، اوطاقن ۽ باغن ۾ ڪافي کوهه موجود هئا ميهڙ جو ٽڙ منو هو. جنهن زماني ۾ محترم محمد صالح ڀٽ ميهڙ ٽائون ڪاميٽيءَ جو چيئرمين هو محترم عبدالرحمان عباسي جي ڪريءَ جي پر وارو کوهه محترم امان الله ايري کي الاٽ ڪرائي ڏنو هيائين، ٻئي پاڻ ۾ سنا دوست ۽ ٽج پائي ٻه هئا.

انهيءَ زماني ۾ گهوڙي گاڏين جو رواج عام هو. سڀ وڏا ماڻهو ۽ زميندار بگين ۾ سفر ڪندا هئا ۽ وٽن بهترين گهوڙي گاڏيون ۽ پلا گهوڙا هوندا هئا. موٽر ڪارن جو گهڻو رواج نه هو. ڦول پائي وٽ ٻه موٽر ڪارون هونديون هيون جيڪي هو ٽيڪسي طور هلائيندو هو. هي ڪارون رولس رائس ڪمپني جون ٺهيل هيون. ان وقت شايد ٻي ڪابه ڪمپني وجود ۾ نه هئي. ميهڙ تعلقي جي زميندارن مان سڀ کان پهريائين ڪار وڏيري شيرمحمد خان ٽيبو خريد ڪري آيو ۽ ان کانپوءِ ڪار وڏيرو ڏٽي بخش خان ٽيبو وٺي آيو. هي ٻئي ڪارون به رولس رائس ڪمپني جون هيون مگر ڦول پائي وارين ڪارن کان گهٽيون وڏيون يعني 8 سلينڊرن واريون گاڏيون هيون. وڏيرو ڏٽي بخش خان ٽيبو بمبئي جي مشهور گلوڪاره ملڪ پکراج سان شادي ڪئي هئي ان لاءِ اها ڪار خريد ڪري آيو هو. وڏيري صاحب جي حياتي تائين ملڪ پکراج ٽيٻن جي ڳوٺ ۾ رهي. وڏيري صاحب جي وفات بعد بمبئي واپس هلي وئي. وڏيرو لطف الله خان ٽيبو ملڪ پکراج مان پيدا ٿيو هو. وڏيرو لطف الله خان جڏهن جوان ٿيو ته ملڪ پکراج کيس بمبئي گهرايو هو ۽ ڪجهه ڏينهن کيس پاڻ وٽ رهائي واپسيءَ وقت کيس اهي سمورا زيورات واپس ڏنائين جيڪي وڏيري صاحب کيس ڏنا هئا. ملڪ پکراج وڏي دولت مند خاتون هئي. وڏيري

ڏتي بخش خان سان شادي جي موقعي تي بلبل اهم شخص جي حيثيت سان شامل هو. وڏيري ڏتي بخش خان جي وفات بعد وڏيرو لطف الله خان اسان وٽ رهندو هو ۽ ميهڙ اسڪول ۾ ڇهه جماعتون پاس ڪري حيدرآباد مان ميٽرڪ جو امتحان ڏنائين. حيدرآباد ۾ شيخ محمد اسلم وٽ رهندو هو. بابا سائين سنڌ مدرسه ڪاليج ڪراچي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو ته وري وڏيري لطف الله اتي اچي داخلا ورتي. اسان ڪي رهڻ جي جاءِ سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي جي چار ديواري اندرملي ۽ لطف الله خان به اسان سان گڏ رهندو هو ۽ ماني به اسان سان ڪائيندو هو. انٽر جو امتحان اتي ڏنائين. ان بعد بابا سائين هيءَ نوڪري ڇڏي آيو ۽ لطف الله خان به پڙهڻ ڇڏي ڏنو ۽ پنهنجي ڳوٺ زميندايءَ جي ڪم ۾ مشغول ٿي ويو. ان وقت سندس زمينون به انڪمبرڊ اسٽيٽ مان آزاد ٿي چڪيون هيون. هن خاندان سان اسان جا تعلقات تمام پراڻا ۽ مائٽن جهڙا رهيا. وڏيرو دوست محمد خان ٽيهو به حضرت بلبل جي دلي دوستن مان هڪ هو. ڪيس چار گهر واريون هيون مگر اولاد بلڪل نه هيس. چوندو هو ته افسوس مون سان زال جي مرڻ جي ڪير رضا الله ڪرڻ به نه تو اچيءَ نه وري ڪير ٻارجمڻ جي مبارڪ ڏيڻ اچي ٿو. سندس مطلب هو ته پلا ڪا هڪ گهر واري ٿي مري پوي ته هو ٻي شادي ڪري من ان مان ٿي ڪو اولاد ڄمي پوي. سندس هڪ گهر واري مائي حاجاڻي اسان وٽ مهينو مهينو به رهي پوندي هئي.

حضرت بلبل اسڪول جي نئين عمارت جي اڏاوت لاءِ نقشو تيارڪرائي، پنهنجي حويليءَ جي پٺيان موجود سندس زرعي زمين مان اٽڪل ڇهه ست جريب زمين سڪني ڪرائي هن ڪم لاءِ مخصوص ڪئي. اٽڪل ڏهه لک پڪيون سرون، ڪجهه لوهه ۽ ٻيو عمارتي سامان خريدڪري هن عاليشان عمارت جي تعمير جو ڪم شروع ڪرايو. جڏهن عمارت جا بنياد ٿي مس پريا ته اوچتو حضرت بلبل کي اجل جو سڏ ٿيو ۽ هي ڪم اتي ئي رهجي ۽ رڪجي ويو.

مـار پـوئـي مـوت تـون اڻ مـنـدائـتـو آئـيـن.
گهايئي اهڙا گهوٽ جن منـد نـه هـئـي مـرڻ جي.

مسلمانن هن ڪم کي پايهٔ تڪميل تائين پهچائڻ جي پاڻ ۾ سگهه نه سارينديء، سماجي ڪمن جي حوالي سان مشهور چند هندو سيٺين کي هن نيڪ ڪم ۾ شامل ٿيڻ جي آڇ ڪئي. انجمن اتفاق اسلام ميهڙ جي تعليمي ڪاميٽي پنهنجن سمورن اثاثن، فنڊن ۽ حقن واسطن سميت، هندن ۽ مسلمانن طرفان ناهيل نئين تعليمي ڪاميٽيءَ ۾ ضم ٿي وئي ۽ پوءِ هن عاليشان عمارت کي مڪمل ڪرڻ لاءِ هندن ۽ مسلمانن گڏجي ڪم ڪيو. هيءَ عمارت سن 1933ع ۾ جڙي راس ٿي. جيئن ته تعميراتي ڪم جي لحاظ کان هندو گهٽو متحرڪ ۽ مستعد رهيا، اهڙي طرح انتظامي امور ۾ به هو اڳرا ۽ فعال

رهيا. حضرت بلبل جي مقرر ڪيل هيڊ ماستر مسٽر هاساسنگ جي جاءِ تي هندن پنهنجي پسند جو هيڊ ماستر مسٽر تلجا رام نانگراڻي آندو. هن ڪان بہ وڌيڪ دل ڏکوئيندڙ ۽ ارهہ زوراڻي وارو ڪم هنن اهو ڪيو تہ درسگاهہ جو اصل نالو مدرسة الاسلام ميهڙ مٽائي A.V School (اينگلو ورنيڪيولر اسڪول) رکيو. مدرسة الاسلام اسلامي نوعيت جونالو هجڻ ڪري شايد کين نہ وڻيو. وري جلد ئي هيءَ درسگاهہ J.A High School Mehar ميهڙ جي نالي سان سڏجڻ لڳي.مطلب تہ هندن پنهنجو تسلط مضبوط ڪرڻ لاءِ هي حربا هلايا. هي نالو صرف هڪ هندو ڪليڪٽر جي نالي پٺيان رکي ڪيس خوش ڪيو ويو هو مگر جڏهن ان جي بدلي ٿي وئي تہ وري هن تعليمي اداري جو نالو T.C High School رکيو ويو. در اصل هن خطي اندر هيو ڪو همت ڀريو مسلمان هيو ئي ڪونہ جيڪو هندن سان مهاڏو اٽڪائڻ جي سگهہ رکندڙهجي. بس جيئن کين وڻيو پئي اوئين پئي ڪيائون. حضرت بلبل ڪان پوري سنڌ جا وڏا وڏا هندو ليڊر ائين ڏڄندا هئا جيئن ڪانءُ ڏڄي ڪمان ڪان. هندو تہ هن ملڪ ۾ رعايا جي حيثيت رکندڙ هئا مگر خود انگريز حڪمران بہ ڪانئس ڪئو ڪندا هئا ۽ نياز نوڙت سان پيش ايندا هئا. هنن ڳالهين ۾ ڪوبہ وڌاءُ ڪونهي، اهڙو سمورو مواد رڪارڊ تي موجود آهي. صرف مير رحيمداد مولائي شيدائي جون لکٽيون ئي پڙهي ڏسو. سنڌ جي چوٽيءَ جي سياسي هندو ليڊرن جيڪو فوجداري مقدمو بلبل تي دائر ڪيو هو ۽هنن پوري سنڌ مان چندا گڏ ڪري بلبل کي سزا ڏيارڻ جو تهيہ ڪيو هو ان ۾ جيڪا ذلت کين نصيب ٿي اها بہ رڪارڊ تي موجود آهي. هن ڪيس ڪان پوءِ هندن جي اهڙي حالت ٿي وئي جهڙي پڳل ٻليءَ جي. جنهن پاڙي ۾ بلبل رهندو هو اتان لنگهڻ جي همت بہ منجهن نہ رهي هئي. مسلمان پريس کين ڏاڍو بيچڙو ڪيو هو. محترم نورل نظاماڻي تہ سندن نڪ ۾ دم ڪري ڇڏيو هو. بلبل کي تہ ڪجهہ بہ ڪري نہ سگهيا مگر سندس فرزند رئيس ضياءُ الدين ضيا کي نہ بخشيائون. هو بہ دفعا ICS امتحان ۾ اول پوزيشن حاصل ڪرڻ جي باوجود بہ جج ٿي نہ سگهيو. ههڙا هاجا ٿين بري هن پنيور ۾.

اوهان اهو سوچي يقيناً اچرج ۾ پئجي ويندا تہ بلبل کي ايڏي مستي ۽ هستي ڪنهن جي زور تي هئي، جو انگريز تبليغي پادرين جا ٻوت چٽا ڪري ڇڏيائين، انگريزن جي ڪلچر ۽ تهذيب جي مٽي پليد ڪري کين بلڪل ننگو ڪري ڇڏيائين، انگريز گورنر بهادر ڪان بہ کين ڏنو ۽ ڪانئس سندس ئي ڪيل آرڊر هڪ هندوءَ جي فائدي وارو منسوخ ڪرائي پنهنجي هڪ مسلمان ڀاءُ جو منسوخ ڪيل آرڊر بحال ڪرائي اهو هٿئون هٿ ڪنيون آيو. سنڌ جي چوٽيءَ جي سياسي هندو ليڊرن جون وايون بتال ڪري ڇڏيائين، سياسي سوچ ۽ صحيح فيصلي ڪرڻ جي قوت ۾ قائد اعظم محمد علي جناح کي بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهه ڏئي ڇڏيائين. بس اهو ئي سبب آهي جو ڪوبه ڳائيڊ حضرت بلبل تي لکيل ٿيسز صحيح ڪرڻ جي پاڻ ۾ سگهه نه ٿو ساري سگهي ۽ پوٽو نه ٿو پائنئين متان سندس نوڪري نه ختم ٿي وڃي. مگر حقيقت کي ڪيترو لڪائبو. سچ ترڻ هينان لکي نه سگهندو. تاريخ جي ورقن تي موجود حقيقتون ڪيئن گم ٿينديون؟ لکن ماڻهن کي معلوم آهي ته قائد اعظم محمد علي جناح جهرڪن جي ڳوٺ ۾ ڄائو هو. ڪوڙا مورخ پنهنجي پٽ هرو پرو وائکي تا ڪن... هندو سياسي ليڊر بلبل سان ته پڄي نه سگهيا مگر سندس فرزند رئيس ضياءُ الدين ضيا مان اهي سڀ خارون ضرور ڪڍيائون. اها حقيقت آهي ته جڏهن بلبل نه رهيو ته پوءِ گلستان به ويران ٿي ويو ۽ چمن ۽ چمن کي وجهه ملي ويو من ماني ڪرڻ جو.

حضرت بلبل جي قومي خدمات توڙي بين اهم ڪارنامن جي ذڪر جي هن مخصوص مقالي ۾ گنجائش نه سمجهندي هت صرف هن درسگاهه متعلق ڪجهه آگاهي ڏيڻ ضروري آهي. هن عظيم درسگاهه لاءِ حضرت بلبل جي ڪيل ڪوشش، ڪاوش، مالي امداد ۽ بيش بها زمين جي فراهمي جي اعتراف طورهندن صرف هڪ هال (سائنس هال) تي بلبل جي نالي جي سنگ مرمر جي تختي لڳائي. اهو هڪ هال بلبل سان منسوب ڪيو ۽ اسڪول جي باءِلاز ۾ اهو لکيو ته بلبل جي هڪ وڏي تصوير فريم ٿيل سندس خدمات جي اعتراف طور سينٽرل هال جي مکيه ديوار تي هميشه آويزان رهندي. اهي ٻئي شيون اڄ سوڌو اوهان جي اڳيان موجود آهن.

نهايت ضروري آهي ته هن درسگاهه جو بگاڙيل حليو بحال ڪري ان جو نالو ان جي باني ۽ پايو وجهندڙ رئيس شمس الدين بلبل جي نسبت سان "بلبل گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميهڙ" رکيو وڃي، مون کي قوي اميد آهي ته اسان جا سنڌي سڄاڻ، صاحبِ اختيار ۽ اربابِ اختيار مسلم رهنما ايترا بي حس اڃا نه ٿيا هوندا جو هن قومي ۽ جائز مطالبي ۾ دلچسپي نه وٺن. زنده ۽ غيرتمند قومون پنهنجن محسنن جي احسانن جو اعتراف ڪندي انهنجي يادگارن ۽ انهنجي نالن کي قائم رکڻ لاءِ ڪوشان رهنديون آهن. اميد رکان ٿو ته سنڌ گورنمينٽ جنهن ۾ هن وقت به بيشمارمحبِ وطن، سنا ۽ سهڻا مانجهي مڙس موجود آهن جن جي وڏن جا تمام گهرا تعلقات بلبل مرحوم سان هئا، اهي منهنجي هن جائز ۽ ضروري گذارش جو ضرور نوٽيس وٺي پنهنجو نانءُ ۽ ناموس اڃا به وڌيڪ روشن ۽ امر ڪري ويندا.

سال 1933ع ۾ جڏهن هيءَ عمارت جڙي راس ٿي ته پهرئين انتظامي بورڊ جو چيئرمين مسٽر منگتراءِ تلوڪچند هو ۽ هيڊ ماسٽر جي عهدي جي حيثيت سان -Ex officio سيڪريٽري مسٽر تلجارام-جي- نانگراني هو. مسلمان ميمبرن ۾ خان صاحب

الهڏنو خان پٽي مختيارڪار ۽ ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ ميهڙ، خانبهادر محمد پريل خان ڪلهوڙو، وڏيرو شير محمد خان ٽيهو ۽ وڏيرو ڏتي بخش ٽيهو جا نالا قابلِ ذڪر آهن.

پيو بورڊ جيڪو پاڪستان قائم ٿيڻ بعد شروع جي دور ۾ هندن جي لڏ پلاڻ سبب وجود ۾ آيو. ان جو چيئرمين حضرت بلبل جو فرزند ارجمند رئيس ضياءُ الدين ضيا ٿيو ۽ Ex-officio سيڪريٽري مسٽر مينگهراج مل ڏرما ان وقت جو هيڊ ماسٽر هيو. مسلمان ميمبرن ۾ خانصاحب عبدالحميد خان جتوئي، جناب محمد اسماعيل خان مهيسر، وڏيرو شير محمد خان ٽيهو ۽ وڏيرو پيارو خان لغاري جا نالا قابل ذڪر آهن. هنن صاحبان جي خاندان سان بلبل جا پراڻا ۽ مخلصانہ تعلقات هئا. جڏهن رئيس ضياءُ الدين ضيا ڪي ڊسٽرڪٽ پبلڪ پراسيڪيوٽر دادو ۽ اسپيشل اينٽي ڪرپشن پليڊر حيدرآباد ڊويزن جي عهدن تي فائز ڪيو ويو تہ پوءِ دادوءَ ۾ مستقل رهائش اختيارڪرڻ سبب هن درسگاهہ ڪي پورو وقت ڏيڻ کان قاصر رهيو ۽ سندس ئي گذارش ۽ تجويز تي هيءَ درسگاهہ حڪومتِ سنڌ پنهنجي تحويل ۾ وٺي انجو مزيد حليو بگاڙي ان کي گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميهڙ جو نالو ڏنو.

تعليم جي حوالي سان حضرت بلبل جون خدمات بي مثال ۽ لافاني آهن. سنڌ ۾مسلمانن کي جديد تعليم طرف راغب ڪرڻ وارو، واحد ۽ ڪامياب شخص بلبل ئي هو. جهڙي طرح حضرت موسيٰ عليہ السلام پنهنجي قوم بني اسرائيل کي نيل ندي سلامتيءَ سان پارڪرائي ڪين ڪفرڪان محفوظ مقام تي پهچايو يا حضرت سعد بن وقاص، اسلامي لشڪر جي هڪ عظيم جرنيل ۽ فاتح ايران جيئن پنهنجي لشڪر کي گهوڙن سميت دجلہ جي مست ۽ پرخطر موجن مان سلامتيءَ سان پارپهچائي فتح حاصل ڪئي، ساڳي طرح حضرت بلبل بہ پنهنجي مسلم قوم کي جديد توڙي قديم علوم سان بهره ور ڪرڻ لاءِ آماده ڪري ڪين جهل جي اونداهي ۽ انڌيري مان ٻاهر ڪڍي ڪاميابيءَ جي شاهراهہ تي گامزن ڪري پنهنجو مقصد ماڻيائين ۽ اوهان ڏٺو تہ انهن ئي ماڻهن جن علم جي روشني حاصل ڪئي هئي، انهن ئي اڳتي هلي پاڪستان ٺاهيو ۽ پنهنجي قوم کي آزادي ڏياري. اهي سڀ شخص جن جي طفيل پاڪستان وجود ۾ آيو اهي سڀ عليگڙهہ يونيورسٽي ۽ سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ جا تعليم يافتہ هئا، مطلب تہ اسان جي نام نهاد ملن ۽ مولوين جن عظيم رهنمائن خلاف ڪفر جون فتوائون صادر ڪيون هيون، اهي ئي عظيم رهنما پوري مسلم قوم کي غلاميءَجي زنجيرن مان آزاد ڪرائڻ جو باعث ثابت ٿيا.

سر سيد احمد خان عليگڙهہ ۾ جديد علوم جي درسگاهہ قائم ڪئي مگر مسلمانن کي انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ آماده جناب شبلي نعماني، خواجہ الطاف حسين

حالي ۽ جناب اڪبر الھ آباديءَ ڪيو. ملن ۽ مولوين جي مخالفت ڪي هند جي روشن خيال علماءِ ڪرام ختم ڪيو ۽ ساڳي طرح ڪراچيءَ ۾ مدرسو تہ برابر خانبهادر حسن علي خان آفنديءَ قائم ڪيو،لاڙڪاڻي ۾ مدرسو جناب ٺارو خان لاهوريءَ کوليو، نوشهروفيروز ۾ اهڙوئي مدرسو تہ خانبهادر سيد الهندو شاھ برپاڪيو، پٺوري ۾ خانبهادر غلام نبي شاھ اسڪول تعمير ڪرايو ۽ ميهڙ شهر ۾ رئيس شمس الدين بلبل هن درسگاھ جو بنياد رکيو مگر هنن سمورن مدرسن ۾ ڪوبہ مسلمان پنهنجن ٻارن کي تعليم ڏيارڻ جي لاءِ قطعي تيار نہ هو ڇاڪاڻ تہ اسان جي ملن ۽ مولوين انگريزي تعليم خلاف هڪ طوفان پيدا ڪري ڇڏيو هو. هن طوفان کي ختم ڪرڻ لاءِ سنڌ اندر نہ ڪو شبلي هو، نہ الطاف حسين حالي هو ۽ نہ وري اڪبر الھ آبادي ئي موجود هو، صرف ۽ صرف بلبل هو جنهن شبلي نعماني، الطاف حسين حالي ۽ اڪبر الھ آبادي توڙي هند جي بيشمار علماءِ ڪرام وارو رول سنڌ جي هنن سيني مدرسن لاءِ ادا ڪيو. بلبل مسلمانن کي جديد علم پرائڻ لاءِ مختلف حيلن بهانن ذريعي اڪسايو ۽ آماده ڪيو. بلبل نہ صرف پنهنجي ميهڙ شهر واري مدرسي لاءِ تبليغ شروع ڪئي مگر مٿي ذڪر ڪيل سنڌ جي سمورن مدرسن لاءِ بہ مولانا شبلي نعماني، خواجہ الطاف حسين حالي ۽ جناب اڪبر الھ آبادي وارو ڪم ڪيو ۽ ڪاميابي حاصل ڪيائين. هي ڪم تبليغي انداز ۽ هنگامي بنيادن تي شروع ڪيائون. زباني، ڪلامي ۽ تحريري هر طريقي سان هن ڪم کي پايہ تڪميل تي پهچايائين. سندس اهڙين ڪوشش ۽ ڪاوشن جو پوري سنڌ اثر قبوليو ۽ مسلمانن جا ٻار سنڌ جي هنن مدرسن ۾جديد تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ جوق در جوق ايندا رهيا ۽علم حاصل ڪندا رهيا. اهل علم حضرات مون کي سنڌ اندر صرف هڪڙو نالو ٻڌائين جنهن حضرت بلبل وانگر مسلمانن ۾ جديد علم لاءِ اهڙو جذبو ۽ ولولو اهڙي انداز ۽ رفتار سان پيدا ڪيو هجي ۽ وڏي واڪي آواز بلند ڪيو هجي ”پڙهو انگلش انگلش انگلش“.

ميهڙ شهر جي هن عاليشان ۽ جديد درسگاھ جو باني ۽ پايو وجهندڙ ۽ پوري سنڌ ۾ علم جي روشني ڦهلائيندڙ رئيس شمس الدين بلبل، علم و ادب جو هڪ روشن ۽ درخشان شمس، سنڌ اندرعلم جي جوت جاڳائي، تاريخ 13 سيپٽمبر 1919ع تي هن فاني ۽ بي بقا دنيا جي علمي، ادبي ۽ سياسي افق تان هميشہ لاءِ غروب ٿي ويو. واڪا ڪندي ووءِ، صديون تو لاءِ سنڌڙي.

نـنـگـر ۽ نـاڙيـون پـڳـهـہ ڪـٽـي پـنـڌ تـيـا،
بـنـدر بـازاريـون سـڃـا سـامـونـڊيـن ري.

1. قطعہِ سيد حاجي غلام محمد شاھ گدا:

نغمہ سنجان چمن ھر یک ترنم تازه کرد.
لیک بلبل بود سبقت از ھمہ اندر صغیر.

(دنيا جي هن باغ ۾ ڪيترائي نغما ڳائيندڙ هئا ۽ هر هڪ جو آواز سريلو ۽ رس ڀريو هو. جنهن روح تازو ٿي ڪيو پر بلبل ٿوري وقت ۾ سڀني کان گوءِ کٽي ويو.)

2. قطعہ: جناب پير رفيع الدين سرهندي نقشبندي شڪارپوري:

آفرين شمس الدين بلبل را-باچنين طبع و فکر فھم نجيب

3. قطعہ: جناب سيد مير ميان محمد شاھ ساڪن آمري

بشرط شعشئہ ابن شمس الدين بلبل واه. شده درسنده روشن روزگاري
بہ بستان بلاغت وھم براغت- چو بلبل کس نياد آبياري

نوٽ: هي مقالو صاحب تحرير جشن ميهڙ جي موقعي تي منعقد ڪيل ادبي ڪانفرنس ميهڙ ۾ پڙهيو هو. سن 1985ع جي تاريخ 15 ۽ 16 تي جشن ميهڙ ملهايو ويو هو. ادبي ميڙ حضرت بلبل جي قائم ڪيل درسگاهه جي سينٽرل هال ۾ گڏ ٿيو هو. هي مقالو جشن ميهڙ جي موقعي تي شايع ڪيل سووينيئر "سڄڻ ۽ ساٿيهہ" ۾ شايع ٿي چڪو آهي. هي مقالو ضروري واڌارا ۽ وضاحت شامل ڪري ٻيهر شايع ڪرائڻ جي خيال سان لکيو ويو آهي.

هن ڪانفرنس ۾ پهريون نمبر قرار ڏنل مقالي جي مصنف کي راقم التحرير هڪ تولي وزن جو طلائي تمغو "بلبل ايوارڊ" طور ڏنو هو. سيد علي اڪبر شاهه ايوارڊ لاءِ سندس فرزند محترم سيد محمد شاهه طلائي تمغو فراهم ڪيو هو ۽ مرحوم "گرامي ايوارڊ" لاءِ جناب مير محمد پرهياڙ پنهنجي طرفان طلائي تمغو ڏنو هو. هن جشن جو مهتمم ۽ منتظم جناب مير محمد پرهياڙ صاحب، ان وقت جو اسٽنٽ ڪمشنر ميهڙ هو. هي جشن ميهڙ جي تاريخ ۾ پنهنجي نوعيت جو هڪ يادگار پروگرام هو. هن جشن ۾ ثقافتي نمائش، ملاکڙو، ادبي ڪانفرنس ۽ محفل موسيقيءَ جو پروگرام پڻ ٿيو هو. دادو ضلعي جو ڊپٽي ڪمشنر، حيدرآباد ڊويزن جو ڪمشنر ۽ ميهڙ تعلقي جا M.P.A ۽ M.N.A بہ شريڪ ٿيا هئا. ان وقت دادو ضلعي جو ڊپٽي ڪمشنر محترم حاجي محمد هارون ميمڻ، حيدرآباد ڊويزن جو ڪمشنر محترم علي محمد-جي- شيخ هو. ميهڙ تعلقي جو M.N.A خانصاحب عبدالحميد خان جتوئي هو ۽ تعلقي جا M.P.A قاضي شفيق احمد مهيسر ۽ محترم حاجي امير بخش جوڻيجو هئا.

شمس ابن ضيا ابن بلبل

# اڄ پڻ اکڙين سڄڻ پنهنجا ساريا

**شمس ابن ضياءُ ابن بلبل**

مرحوم بابا سائين حضرت ضياءُ الدين ”ضيا“ ۽ مرحوم ڏاڏا سائين حضرت رئيس شمس الدين ”بلبل“ جن جي تاريخ وفات مورخ 13 سيپٽمبر 1966ع ۽ مورخ 14 سيپٽمبر 1919ع جي موقعي تي هڪ سلسليوار مضمون ”ديوان بلبل ۽ ان جي ضروري چند ڳالهه“ جي عنوان هيٺ شروع ڪجي ٿو. بزرگن جي علمي ۽ ادبي خزاني کي سهيڙي سنڀالي رکڻ ۽ زماني جي مختلف حالات ۽ حادثات سبب متن پيل دز کي چنڊي ڦوڪي دور ڪرڻ به اهڙوئي اهم آهي جهڙو سندن مغفرت ۽ ايصال ثواب لاءِ ختم و درود. دنيا ۾ سندن نالو قائم دائم رکڻ ۽ ياد تازي ڪرڻ ۽ آخرت لاءِ به جيڪي ڪجهه اسان سندن لاءِ ڪري سگهون، اهو ڪرڻ هڪ سعادت آهي. هن فرض جي ادائگي جي سلسلي ۾ هي پهريون قدم اميد ته نيڪ ثابت ٿيندو. (آمين)

**ديوان بلبل ۽ انجي ضروري چند ڳالهه**

ڪافي عرصي کان ”ديوان بلبل“ ۽ ان سان تعلق رکندڙ مختلف پهلوئن تي ڪافي بحث مباحثا ۽ ٽيڪا ٽپڻي ٿيندي رهي آهي. انهيءَ سموري ڪارگذاريءَ جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو ”ديوان بلبل“ علمي ادبي حلقي لاءِ هڪ منجهيل سٽ ٿي پيو آهي. انديشو آهي ته جيڪڏهن انهيءَ سٽ کي جلد سلجهايو نه ويو ته وقت گذرڻ سان اهو اهڙو گنڍڙجي ويندو جو پوءِ سلجهائڻ محال ٿي پوندو. الله تعاليٰ جي فضل سان اسان وٽ اڃا ڪيئي نيڪ نيت ۽ اهل قلم بزرگ موجود آهن جي هن ڏس ۾ رهنمائي ڪري سگهن ٿا. علمي ادبي حلقي جي انهيءَ تشويش کي مد نظر رکندي هي سلسلو شروع ڪجي ٿو جيئن ”ديوان بلبل“ جي سيني منجهيل پهلوئن جي ضروري چندڳالهه تي سگهي ۽ ”ديوان بلبل“ اهل علم، اهل ادب ۽ اهل ذوق حضرات جي منشا مطابق ڇپجي سگهي. اهل قلم حضرات مان خاص طرح حضرت ”خليل“ صاحب، محترم ”احسن“ صاحب، جناب اجمل بيگ صاحب ۽ جناب احمد خان ”آصف“ کي التماس آهي ته هو پنهنجي گرانقدر ۽ مفيد مشورن سان نوازين، ڇاڪاڻ ته انهن صاحبن مرحوم بابا جن جي حياتي ۾ ”ڪليات بلبل“ جي نئين سر ترتيب ۽ طباعت جي سلسلي ۾ ڪافي محنت ۽ جاکوڙ ڪئي هئي،

مگر "ڪليات بلبل" پنهنجي ضخامت سبب ڇاپجڻ کان رهجي ويو. ديوان بلبل کان پوءِ ڪلام بلبل ۽ مزاحيات بلبل جي ضروري چند ڇاڻ جو سلسلو پڻ شروع ڪيو ويندو.

ديوان بلبل تقريباً ناياب ٿي چڪو هو ۽ ان کي وري ڇپائي منظر عام تي آڻڻ جي سخت ضرورت هئي ان ڪري مرحوم حضرت بابا سائين جن هن سلسلي ۾ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ۽ سنڌي اڪيڊمي سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد سان ڪافي خط و ڪتابت ڪئي مگر چند اصولي نڪات تي ٻنهي درميان اختلاف راءِ هجڻ سبب هي معاملو مٿين ادارن سان طئي ٿي نه سگهيو. مٿين ادارن کان قطعي نااميد ٿيڻ بعد مرحوم حضرت والد صاحب جن "ديوان بلبل" ذاتي طور ڇاپرائڻ جو ارادو ڪيو مگر افسوس جو سندن زندگي بقا نه ڪيو ۽ هي ڪم پايه تڪميل تي پهچي نه سگهيو. ڪليات بلبل کي ترتيب ڏيڻ ۾ محترم "احسن" صاحب جي ڪيل محنت جو اندازو لڳائڻ آسان نه آهي.

مرحوم بابا سائين 1966ع ۾ وفات ڪئي ۽ اٽڪل ٽن سالن بعد يعني 1969ع ۾ اوچتو ديوان بلبل سنڌي ادبي بورڊ حيدراباد طرفان ڇپجي منظر عام تي آيو ۽ ساڳئي سال چند مهينن بعد "ڪلام بلبل" به سنڌي ادبي بورڊ ڇاپرائي پڌرو ڪيو. ان بعد 1977ع ۾ مزيد 3 ڪتاب "جام جم"، "مزاحيات بلبل" ۽ "مسلمان ۽ تعليم" پڻ سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپجي قارئين ڪرام تائين پهچي ويا. اهڙي طرح مٿيان 5 ڪتاب مارڪيٽ ۾ اچي ويا. اهي ڪتاب ڪيئن ۽ ڇوڇپيا ويا، ان جو صحيح جواب ڏيڻ وارو صرف مرحوم گرامي صاحب ئي هو. سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد وٽ انهيءَ متعلق ڪوبه رڪارڊ ڪونهي.

"مرتب جا به لفظ" محترم گرامي صاحب آخر ۾ لکيو آهي ته "هن نسخي جي ترتيب ۽ صحت تي اطمينان جي اظهار جو ذڪر مرحوم رئيس ضيا صاحب پنهنجي مقدمي ۾ پڻ ڪيو آهي ۽ مرتب ڏانهن لکيل خطن ۾ به تائيد ۽ تحسين فرمائي اٿس." اهو درست نه آهي. مرحوم والد صاحب جن ڪڏهن به محترم گرامي صاحب جو مرتب ڪيل "ديوان بلبل" جو نسخو ڪونه ڏٺو هو. پاڻ آخرين وقت ۾ محترم گرامي صاحب کان ناخوش به هئاجو ديوان بلبل کي ترتيب ڏيڻ ۾ مرحوم تمام گهٽي سستي جو مظاهرو ڪري چڪو هو. هن ڳالهه جي تصديق محترم "احسن" صاحب، جناب اجمل بيگ صاحب ۽ حضرت "خليل" صاحب ڪري سگهندا.

ديوان بلبل جي مقدمي ۾ صفحه 7 تي پيرا 2 جا الفاظ ته "بلبل جي ديوان کي ڏسي نهايت مسرت ٿي. ڪيترا مغلق ۽ منجهيل اشعار جي نڪو پڙهڻ ۾ ٿئي آيا ۽ نه ڪي سمجهڻ ۾ ٿي آيا، سي نه فقط گرامي صاحب درست ڪيا پر ان سان گڏ انهن جي تشريح به پڌائي". هيءَ راءِ ۽ تحرير مرحوم والد صاحب جن جي قطعي نه آهي ۽ نه ئي ٿي سگهي

تي. ديوان بلبل ۾ محترم گرامي صاحب جي ڪيل اصلاح مون جهڙي معمولي علم ۽ ڄاڻ واري ماڻهو کي ئي نه وٽي بلڪ ڏاڍي گران گذري، سو مرحوم والد صاحب اهڙي اصلاح کي پسند ڪري اهي تحسين ڀريا الفاظ لکياهوندا، اهو صحيح نه آهي. اهڙي اصلاح شده ديوان بلبل جي اشاعت تي ذره برابر به خوشي نه ٿي. محترم گرامي مرحوم کان مون ڪيترا ڀيرا ديوان بلبل جي اشاعت متعلق سنڌي ادبي بورڊ سان ڪيل ايگريمينٽ ۽ مرحوم بابا سائين جي لکيل مقدمي جي گهر ڪئي مگر هو هر دفع ٽاري ويا. اهو مقدمو جيڪو ديوان بلبل ۾ ڏنو ويو آهي، دراصل مرحوم بابا جن ڪليات بلبل لاءِ لکيو هو مگر جيئن ته ڪليات بلبل جي ڇپائي جو معاملو سنڌي ادبي بورڊ سان طئي ٿي نه سگهيو ان ڪري اهي سمورا ڪاغذات محترم گرامي صاحب وٽ رهجي ويا ۽ ان مقدمي ۾ به چار جملا پنهنجي مقصد ۽ مطلب جا ملائي ديوان بلبل ۾ ڏنو هجي. الله تعاليٰ مرحوم کي جنت نصيب ڪري، اسان جي ڏاڍي عزت ڪندو هو ۽ اسانجا به ساڻس تعلقات عزيزن جهڙا هوندا هئا. حضرت ”خليل“ صاحب جي انهيءَ راءِ ته مرحوم گرامي کي ”بلبل“ مرحوم سان ڪا عداوت يا بغض هيس، مان انجي تائيد نه ڪندس. اهو صحيح به نه آهي. مرحوم گرامي صاحب ”ديوان بلبل“، ”ڪلام بلبل“ توڙي ”مزاحيات بلبل“ ۾ واقعي تمام گهٽي پچ گهڙ ڪئي آهي، جا ڪيس هرگز ڪرڻ نه گهربي هئي. بهرحال انسان خامين ۽ خوبين جو مجسمو آهي ۽ ڪانئس کي غلطيون نادانسته طور سرزد ٿي وڃن ٿيون جن جو ڪيس احساس به نه ٿو رهي ڇاڪاڻ ته ان وقت سندس نيت نيڪ هوندي آهي. اهڙو ڪوڙ جنهن ۾ ڪنهن جو ڀلو سمجهجي ۽ ٻئي ڪنهن کي نقصان ٿيڻ جو انديشو به نه هجي مباح آهي. والله اعلم بالصواب.

مرحوم گرامي صاحب جي لکت مطابق ڪيس ديوان بلبل کي ترتيب ڏيڻ ۾ اٽڪل سال کن لڳي ويو هو ۽ ناشر طرفان ”به اکر“ ۾ تاريخ 24 مئي 1969ع ڏنل آهي، انهيءَ حساب سان هي مسودو اٽڪل 1968ع جي وچ ڌاري مڪمل ٿيو هوندو. جڏهن ته مرحوم والد صاحب جن 1966ع ۾ ئي وفات ڪري چڪا هئا ته پوءِ ديوان بلبل جو نسخو ڪهڙي سال ۾ ڏنائون ۽ ڪڏهن تحسين آميز خطوط لکيائون؟ هي سڀ ڳالهيون درست نه آهن.

بهر صورت ديوان بلبل منظر عام تي آيو ۽ محترم مرتب سخت تنقيد جو نشانو بڻيو. مٿس تنقيد انهيءَ ڪري ٿي جو مرحوم گرامي ديوان بلبل جي اصلاح اهڙي ڪئي جو صحيح لفظن کي اصلاح جي قابل سمجهي درست ڪيو ويو ۽ غلط لفظن کي قائم رهڻ ڏنو ويو. اصولاً ڪنهن به مرتب کي اهو حق نٿو پهچي ته هو پرائي تصنيف کي ايترو تبديل ڪري ڇڏي جو اصل شيءِ جي شڪل ئي موجود نه رهي. ساڳي طرح شعري مجموعي جي صورت ۾ بحر وزن ۽ ڪافيه رديف ٽوٽي زبان جي اصلاح مرتب جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذميواري ناهي.

مطلب تہ ڪتاب جي مواد سان ڪنهن بہ قسم جي ڇيڙ ڇاڙ تہ ڪرڻي ئي ڪانهي بلڪ مرتب جو فرض اولين اهوئي آهي تہ الفاظ ۽ انهن جي ترتيب کي اصلوڪي شڪل ۾ قائم رکي. ڪنهن بہ ڪتاب جي زبان ۾ مواد سان ڇيڙ ڇاڙ ڪرڻ ۾ خاص طرح شعري مجموعي جي حالت ۾، ان جو بحر وزن متاثر يا لفظن جي الٽ ڦير يا متا ستا ڪرڻ ڪتاب جي پس منظر، ماحول ۽ مقصد کي ناس ڪرڻ جي مترادف ٿيندو. ڪنهن بہ ڪتاب جي زبان ۾ ان جي ترتيب کي ڏسي سولائيءَ سان اهو اندازو لڳائي سگهبو تہ اهو ڪهڙي دؤر جي پيداوار آهي ۽ جيڪڏهن انهيءَ دؤر جي پس منظر ۾ ڪتاب کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪبي تہ صحيح طرح سمجهي سگهبو ۽ وڌيڪ لطف ايندو. ٻي صورت ۾ پڙهندڙ ڪنهن وڏي گمراهيءَ جو شڪار بہ ٿي سگهي ٿو. هڪ دؤر ۾ هڪ نظريو صحيح آهي تہ ساڳيو نظريو وري ٻئي دؤر ۾ غلط ٿي سگهي ٿو. ڪا ڳالهہ چوڻ يا ڪو ڪم ڪرڻ هڪ دؤر ۾ بلڪل مشڪل آهي مگر ساڳي ڳالهہ يا ساڳيو ڪم ٻئي دؤر ۾ رواجي ٿي سگهن ٿا. مثلاً انگريزن جي خلاف سندن دور حڪومت ۾ ڳالهائڻ جان جوکم جو ڪم هو مگر هينئر جيڪي ڪجهہ وٽي چئي سگهجي ٿو ۽ الٽو پسند ڪيو ويندو. ساڳي طرح ان دور جي ريتن رسمن، قدرن ۽ ماحول کي پڻ ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي. فيشن جوئي مثال وٺو. هڪ دور ۾ سلوار يا پتلون جو پائنچو هڪ گراٽ تہ ٻئي دور ۾ گز برابر. بوٽ جي نوڪ هڪ دور ۾ ماٿهوءَ جي آگر جهڙي تہ ٻئي دور ۾ اٺ جي ڏاقوڙي جهڙي. اهڙي طرح هر علم، فن ۽ سائنس جي بہ ارتقا جاري آهي. هڪ وقت ۾ ايٽم مادي جو باريڪ ترين جزو تسليم ڪيو ويندو هو مگر هاڻي ايٽم مادي جو باريڪ ترين جزو نہ رهيو آهي بلڪ وڌيڪ تقسيم ٿي سگهي ٿو. جهڙوڪ سندس نيو ڪليس، پروٽان، نيوٽران، ڪروموزومس ۽ جينس وغيره. ساڳئي نموني بيڪٽيريا باريڪ ترين جرثوم تصور ٿيندو هو مگر هن وقت ان کان بہ وڌيڪ باريڪ جراثيم جهڙوڪ وائرس ۽ فيج وغيره دريافت ٿي چڪا آهن. ساڳي حالت فنون لطيفہ جي آهي. پڪاسو جي آرٽ ۽ اڄوڪي تجريدي آرٽ جو تصور ڪريو. اهڙي طرح عروضي شاعري ۽ اڄڪلهہ جي آزاد نظم کي ڏسو ۽ خدا ڄاڻي اڳتي هلي ڇا ڇا ٿيندو؟ مطلب تہ هڪ شيءِ هڪ وقت صحيح تہ وري ساڳي شيءِ ٻئي وقت غلط. پوءِ اهڙي صورت ۾ اصلاح جو هي طريقو ڪيستائين ڪارگر ٿيندو؟ ڇاڪاڻ تہ اڄوڪي اصلاح سڀاڻي وري اصلاح جي لائق سمجهي ويندي. لهذا بهتر طريقو اهوئي آهي تہ هر تصنيف کي پنهنجي اصلي حالت ۽ صورت ۾ برقرار رکجي ۽ ان ۾ ئي ان جو اصل حسن، سونهن ۽ قدر و قيمت آهي.

”ديوان بلبل“ جو مطالعو جيڪڏهن ان وقت جي ماحول، حالتن، رسمن، رواجن ۽

مصنف جي مقصد کي ذهن ۾ رکي کبو تہ اهي غلطيون جن کي اڄ جا کي نقاد غلطيون ٿا سمجهن، غلطيون نظر نہ ايندیون. بلڪ ان وقت جون مروج شيون معلوم ٿينديون. هڪڙو زمانو هو جڏهن شعر ۾ صرف تڪ بندي هئي، ان کان پوءِ عروضي شاعريءَ جو بنياد پيو، عروضي شاعري عروج تي پهتي ۽ هاڻي آزاد نظم جي مقبوليت وڌندي پئي وڃي. بلبل مرحوم جو ڪلام ظرافت جي رنگ ۾ رڱيل، اصلاحي ۽ عوامي ڪلام آهي. بلبل مرحوم کي رڳو فن شاعري جو مظاهرو ڪرڻو ڪين هو بلڪ هن جي اڳيان هڪ مقصد ۽ مشن هو. انهيءَ ڪري ئي سندس عوامي ۽ اصلاحي نوعيت جي ڪلام ۾ زبان عام فهم ۽ عوامي استعمال ڪيل آهي ۽ اهوئي سبب هو جو بلبل مرحوم جو ڪلام عوام ۾ ڏاڍو مقبول ۽ اثرائتو ثابت ٿيو ۽ ماڻهو جهنگ جهر سندس ڪلام جهونگاريندا هئا ۽ اڄ سوڏو بہ ڪن جهونڙن کي بلبل مرحوم جا ڪيترائي اشعار بر زبان ياد آهن. چاچو خدا بخش خان لنڊ بلوچ ميهڙ جو ۽ ڏيپلائي صاحب پيارو خان لغاري، چاڪر خان شاهاڻي کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترائي ماڻهو اهڙا موجود آهن. ان جي برعڪس جيڪڏهن بلبل مرحوم جو ڪلام عام فهم ۽ ان دور جي مروج زبان ۾ نہ هجي ها تہ بلبل مرحوم جو مشن ۽ مقصد پورو ٿي نہ سگهي ها.

باقي سوال رهيو انهن غلطين جو جيڪي ڪاتبن جي لاپرواهي، اڻجاڻائي ۽ بي علمي سبب ٿيون آهن، تنهن لاءِ ضروري آهي تہ اصل لفظ ڳولهي هٿ ڪجن، جيڪي موقع، محل ۽ مناسبت جي لحاظ کان مناسب هجن ۽ لکٽي ۾ بہ غلط لفظن جي هم شڪل ۽ هم آهنگ هجن. مثال طور غلط لفظ مصاحب لکيو ويو آهي جنهن جو هم شڪل ۽ هم آهنگ صحيح لفظ مصائب ڳولهي هٿ ڪرڻو هو. هي ٻئي لفظ جيتوڻيڪ هم شڪل ۽ هم آواز آهن مگر سندن معنيٰ ۾ وڏو فرق آهي جنهن ڪري شعر جو ڪنهن وقت اهڙن غلط الفاظن ڪري مطلب ۽ مفهوم ئي بدلجي وڃي ٿو تہ ڪنهن وقت ڪو مفهوم ادا ئي نٿو ٿئي ۽ ائين پيو لڳي ڄڻ ڪا غير زبان پئي پڙهجي.

اهڙي طرح ڪاتبن احڪام کي الهام، مطبع کي مجمع، لنگهيو کي ڪنگهيو، سارا کي نارا، توکي ٿو، مون کي تون، جو کي ڪو، گهرين کي ڪرين، چمچا کي چمتا، اچي کي اٿي، رستو کي رخنو، تازي کي تري، مور ٿور کي جوڙ توڙ، هرز کي هوز، ڪي کي تي، چو کي جو، ڪان کي تان، تڙپندي کي تر ٿيندي، معمہ کي ميمون، صُور کي طور، اشڪ کي عشق، عشق کي اشڪ، مَلڪ کي مُلڪ وغيره وغيره بنائي ڇڏيو آهي جنهن ڪري شعر جو مطلب ۽ مفهوم ئي ڳڙ ٻڙ ٿي ويو آهي.

محترم گرامي صاحب کي مرتب جي حيثيت ۾ انهن غلط لفظن جي جاءِ تي صحيح لفظ هٿ ڪري رکڻ کپندا هئا، جيڪي غير سنڌي دان لاهوري ڪاتبن جي

ڪارستانين جو شڪار ٿيل هئا. ديوان بلبل جا سڀ اڳوڻا ڇاپا ليٿو ۾ آهن. ڪتابت نهايت ناقص، مس جا دٻا عام جام، اکر ڇچمچ، ماڪوڙن جون ٽنگون. تنهن ڪري پهرئين ڇاپي تان نقل ڪندڙ ٻئي ڇاپي واري ڪاتب ڪجهه پنهنجو "ڪمال" ڏيکاريو ته وري ٽئي ڇاپي واري ڪاتب ڪجهه پنهنجو "ڪمال" ڏيکاريو ته وري ٻئي ڇاپي تان نقل ڪندڙ ڪاتب ٽئين ڇاپي ۾ پنهنجا "جوهر" ڏيکاريا آهن ۽ اهڙي طرح نتيجو اهو نڪتو آهي جو اتي بدران گهوٽاٽو ٿي ويو آهي.

متئين صورت حال ۾ جيڪڏهن غلط لفظن کي اها تاويل پيش ڪري قائم رکيو وڃي ته اصل نسخه ۾ جو ائين لکيل آهي ته اها به فرض جي ڪوتاهي چئبي. لفظ جيڪڏهن جملي ۾ معنيٰ ۽ مناسبت جي لحاظ کان صحيح معلوم نه ٿين ته انهن جا صحيح ۽ اصل لفظ ڳولهڻ جي ڪوشش ڪجي. ڳالهه سمجهه کان ٻاهر هجي ته خوامخواهه لفظن جي الٽ ڦير ڪري جملي کي وڌيڪ نه الجهائي ڇڏجي. "ديوان بلبل" سنڌي زبان ۾ لکيل آهي، مدراسي يا مارواڙي زبان ۾ لکيل ڪونهي جو اسان کي سمجهه ۾ نه اچي. تنهن ڪري جنهن به جملي يا بيت جو مطلب سمجهه ۾ نه اچي ته پڪ ڄاڻجي ته ڪاتبن جي ڪارستاني ٿيل آهي. "ديوان بلبل" ۾ ڪافي اهڙا لفظ آهن جي پراڻي طريقي موجب لکيل آهن مثلاً:-

جڏهِ- ڪڏهِ- تڏهِ- تهنجو- مهنجو- تهن ۾- جهن ۾- تنه جنه- ڏينه-ڪائي-ڳائي-ٿئي -هئي- اکڙي وغيره. هي الفاظ موجوده دؤر جي مروج لکڻي مطابق لکڻ گهرجن جيئن قارئين کي اجائي دقت محسوس نه ٿئي. هي اصلاح ڪري سگهجي ٿي، پر اهڙو فوٽ نوٽ لکڻ گهرجي.

ديوان بلبل ۾ جا اصلاح ڪئي وئي آهي ۽ جيڪي الفاظ جيئن جو تيئن قائم رکيا ويا آهن انهن جو تفصيل هيٺيون آهي:

اصل شعر (1)

ٿيو ڪلام احڪام امر و نهي جو جنهن تي نزول واجب آهي،
تنهن سچي سالار سرور جي ثنا.

اصلاح ڪيل شعر:

ٿيو ڪلام الهام امر و نهي جو جنهن تي نزول واجب آهي
تنهن سچي سالار سرور جي ثنا.

سمجهاڻي: لفظ احڪام کي الهام سان بدلائڻ متعلق محترم "خليل" صاحب "ديوان بلبل ۽ ان جو مرتب" جي عنوان هيٺ پنهنجي تنقيدي جائزي ۾ قسط نمبر 2 رهبر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊائجسٽ ماه مئي سال 1974ع جي پرچي ۾ ڪافي وضاحت سان بحث ڪيو آهي. اصل لفظ احڪام مناسب آهي جنهن کي غلط لفظ سان گرامي صاحب تبديل ڪيو آهي.

اصل شعر (2):

پڻ مجمع جي مجمع ميمبرن شعبن سميت،
۽ معاون جي معاون ڇاپ دفتر جي ثنا.

گرامي جو اصلاح ڪيل شعر:

مجمع احباب وارن دوستن سيني سميت،
۽ معاون جي معاون ڇاپ دفتر جي ثنا.

صحيح شعر

پڻ مطبع جي مجمع ميمبرن شعبن سين،
۽ معاون جي معاون ڇاپ دفتر جي ثنا.

سمجهاڻي: پهرئين مصرع جيئن تہ پريس جي جملہ ميمبرن ۽ مختلف شعبن جي ثنا ۾ چيل آهي تنهنڪري مصرع جو پهريون لفظ مطبع ٿي سگهي ٿو، اها پريس جنهن ۾ ديوان بلبل جي ڇپائي عمل ۾ آئي ۽ ٻئي مصرع ۾ معاون اخبار، سندس مددگار ڇاپ دفتر ۽ عملي جي ثنا آهي. بگاڙيل لفظن جي تلاش ۽ تجويز کي ڇڏي صحيح لفظن کي بدلائي غلط ڪرڻ تي وڌيڪ توجهه ڏنو ويو آهي. ”مجمع احباب وارن دوستن سيني ”هڪ غلط ۽ نئين سٽ لکي شعر کي ڇاڻي واڻي بگاڙيو ويو آهي. ڪاڏي منهن مريم جو ڪاڏي الهيار.

اصل شعر (3):

يار ۽ غمخوار واقفڪار سڀ سينڌو سڄاپ خويش اقرب
بہ صلہ رحمي هر برادر جي ثنا.

گرامي طرفان اصلاح ڪيل شعر:

يار ۽ غمخوار واقفڪار سڀ سنڌ و پنجاب خيوش اقرب
صلہ رحمي هر برادر جي ثنا.

سمجهاڻي: سينڌو سڄاپ کي سنڌ و پنجاب سان ۽ خويش کي خيوش سان بدلائي صحيح شعر غلط ڪيو ويو آهي. هن اصلاح جي ڪابہ ضرورت ڪانہ هئي. هيءَ بدديانتي آهي، صحيح شعر کي زبردستي غلط ڪيو ويو آهي.

اصل شعر (4):

۽ وطن ميهڙ سنڌي وه واه جا دل کي وڻي
هر در و ديوار شجر و باغ بازر جي ثنا.

گرامي طرفان اصلاح ڪيل شعر:

تو وطن ميهڙ سنڌو وه واه جو دل کي وڻي
هر در و ديوار رونق باغ بازر جي ثنا.

سمجهاڻي: اصل شعر مناسب آهي ۽ ڪيل اصلاح غير مناسب ۽ غلط آهي.

اصل شعر (5):

همدم و همراز هر دم هم مصائب يار غار
صدق دل سان چئو سدا صديق اڪبر جي ثنا.

گرامي جو مجوزه شعر:

هم دم و همراز هر دم هم مصاحب يار غار
صدق دل سان چئو انهي صديق اڪبر جي ثنا.

سمجهاڻي: مصاحب جي لغوي معنيٰ آهي رفيق، ساٿي، يار، دوست، جيئن تہ لفظ دوست، يار ۽ ساٿي جي آڌو هم لکڻ درست نہ آهي تنهنڪري اصلوڪو صحيح لفظ مصائب ٺيندو ۽ نہ مصاحب. هيءَ درستي ضروري هئي جا نہ ڪئي وئي آهي بلڪ ٻئي سٽ ۾ انهيءَ صديق اڪبر جي بجاءِ سدا صديق اڪبر لکي اصلاح بدران غلطي ڪئي وئي آهي.

اصل شعر (6):

جي ڪرين من سان مدامي آب ڪوثر جو پئي
جو ڪر اسد الله غالب شاهہ حيدر جي ثنا.

گرامي جو مجوزه شعر:

جي گهرين من سان مدامي آب ڪوثر جو پئين،
جو ڪر اسد الله غالب شاه حيدر جي ثنا.

سمجهاڻي: پهرين سٽ ۾ ڪيل اصلاح لفظ جي ”ڪرين“ جي بدران ’جي گهرين‘ ڪئي وئي آهي، جيڪا درست نہ آهي. لفظ ”جي ڪرين“ پراڻو مروج لفظ آهي، جيڪو برابر آهي لفظ ’جي چاهين‘ يا ”جيڪڏهن‘. اهو لفظ تبديل ڪرڻ درست نہ آهي. لفظ ”پئي“ بہ پراڻي لکڻيءَ جو نمونو آهي. لفظ ”پئين“ جو جيڪو نئين طريقي سان پيئين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لکي سگهجي ٿو. لفظ جو ڪر جيڪو بي معنيٰ لفظ آهي ان کي بحال رکيو ويو آهي. اتي لفظ اچڻ گهرجي ”ڪرتون“. غلط لفظ تبديل نہ ڪيا ويا آهن. درست لفظ مٽايا ويا آهن.

اصل شعر (7):

پوءِ سندن اصحاب ۽ اولاد ۽ ازواج تي،
تابعن ۽ تبع تابع هوءِ هر هر ثنا.

گزمي طرفان مجوزه شعر:

پوءِ سندن اصحاب ۽ اولاد ۽ ازواج جي،
تابِعين ۽ تبع تابِعين جي هر هر جي ثنا.

سمجهاڻي: اصل شعر درست آهي، جنهن کي تبديل ڪري غلط ڪيو ويو آهي.

مٿي ڪيل بحث جي روشنيءَ ۾ پورو شعر لکجي ٿو. هن سلسلي ۾ موزون الفاظ جيڪڏهن تجويز ڪيا ويندا تہ انهن تي ضرور غور ڪيو ويندو.

سر سخن جي سونهن اول پاڪ پرور جي ثنا
خلق جي رزاق ۽ خلاق داور جي ثنا

تيو ڪلام احڪام اَمر و نَهي جو جنهن تي نزول
واجب آهي تنهن سچي سالار سرور جي ثنا

همدم و همرازهردم هم مصائب يار غار
صدق دل سان چئو انهي صديق اڪبر جي ثنا

هو دلاور دين جو حضرت عمر ابن الخطاب
زينت دين زينت محراب و منبر جي ثنا

ڪامل الايمان ۽ صاحبِ حيا جامع قرآن
ڪر عجب عثمان ذوالنورين انور جي ثنا

جي ڪرين من سان مدامي آب ڪوثر جو پيئين
ڪر تون اسد اللّٰہ غالب شاہ حيدر جي ثنا

مالڪ جنت سندي سيدة نساءِ العالمين
رُڪن تي ايمان جو شبّير و شبر جي ثنا

حَمزه و عباس اعليٰ رتب ۽ افضل امير
ڪر سندي ٻارهن امامن سلڪ گوهر جي ثنا

پـوءِ ســنـدن اصــحــاب ۽ اولاد ۽ ازواج جــي
تـابـعـن ۽ تـبـع تـابـع هـوءِ هـر هـر جـي ثـنـا

عــالــمــن ۽ صــالــحــن ۽ مــومــنــن ۽ كــامــلــن
چـار مـذهـب جـي امـامـن ديـن گسـتـر جـي ثـنـا

۽ طـريـقہ مـعـرفـت جـي سـلـسـلـن چـئـنـي سـنـدي
پـر تـنـهـن ۾ نـقـشـبـنـدي خضـر رهـبـر جـي ثـنـا

پـاسـبـان اسـلام جـو سـلـطـان اعـظـم شـاه روم
سـنـڌ ۾ كـونسـل تـنـهـيـن جـي خـان بـهـادر جـي ثـنـا

پـڻ مـطـبـع جـي مـجـمـع مـيـمـبـرن شـعـبـن سـيـن
۽ مـعـاون جـي مـعـاون چـاپ دفـتـر جـي ثـنـا

يـار غـمـخـوار واقـفـكـار سـڀ سـيـنـڌو سـچـاپ
خـويـش اقـرب، بـہ صـلـہ رحـمـي هـر بـرادر جـي ثـنـا

۽ وطـن مـيـهـڙ سـنـدي وه واه جـا دل كـي وڻـي
هـر در و ديـوار شـجـر و بـاغ بـازر جـي ثـنـا

هـي ثـنـا خـوانـي نـہ ٿـيـنـدي هـونءَ تـہ هـرگـز دل پـسـنـد
جـي كـنـديـن تـون كـيـن "بـلـبـل" دوست دلـبـر جـي ثـنـا

ڏکين لفظن جي معنيٰ:

(1) سَرِ سُخن - ڪلام جي شروعات
(2) سلڪ گوهر - موتين جي لڙي
(3) دين گستر - دين ڪي وڌائيندڙ
(4) ڪونسل - سفير (Consul)
(5) بہ صِلہ رحمي - عيوض همدردي (هلندڙ)

نوٽ: هاڻوڪن ڪمپوزرس ڪاتبن جي ڪارستانين ۽ پروف ريڊنگ وارن جي بي توجهي جو ڏسو مثال صفحو نمبر 115 ۾ شڪار ٿيل ڪي شڪر ٿيل لکيل آهي. سوين لفظ غلط لکيا ويا آهن جن جي پروف ريڊنگ ڪئي وئي آهي. ان جو مظاهرو هن تحرير مان معلوم ٿي ويندو. صفحي نمبر 20 جي ست نمبر 2 ۾ لفظ "مغلق" کي "معلق" لکيو ويو آهي. لفظ معلق بہ پنهنجي جاءِ تي معنيٰ رکندڙ لفظ آهي ۽ شڪل و صورت ۾ بہ هڪ

جهڙائي رکي ٿو. وري صفحي نمبر 21 جي سٽ نمبر 4 تي لفظ ”صورت“ کي ”طورت“ لکيو ويو آهي. مشحور کي مشهور لکيو ويو آهي هي حال آهن اڄوکي سڌريل زماني جا ته پوءِ 1901ع واري زماني جي لاهوري ڪاتبن کي ڪهڙو ڏوهه ڏجي.

اڪثر نوجوان سنڌي ڪمپوزس جي سنڌي ڪمپوزنگ ڏسي شرم ٿو اچي ته سنڌين کي سنڌي لکڻ نه ٿي اچي.

شمس ابن ضيا ابن بلبل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# رئيس شمس الدين بلبلِ سنڌ

## سيد حاجي علي اڪبر شاهه مرحوم

سنڌ جو هي نامور شاعر، اديب، مصنف ۽ ايڊيٽر سال 1857ع ڌاري ميهڙ ۾ ڄائو. سندس وڏا اتر ڪان ناڙيءَ جي طرف کان آيل هئا. بلبل پنجن پائرن ۾ سيني ڪان ننڍو هو. بلبل مرحوم تعليم فقط اسڪول جي سنڌي ۽ فارسي جا ان وقت هلندڙ هئي سا حاصل ڪئي هئي. مگر قدرت هن کي اهڙو ته ذهن رسا ۽ ذڪاءَ اعليٰ عطا ڪيو هو جو سندس طبيعت جا جوهر ازخود ظاهر ٿيڻ لڳا. سن 1872ع ۾ اسڪول ڇڏيائين. منجهس شعر گوئي جو مادو اصلي موجود هو. ننڍي هوندي ئي وڏن شاعرن سان مقابلا ۽ مشاعرا ڪندو رهيو. ڪنهن قدر انشا پردازي به شروع ڪيائين. ڪجهه وقت انجنيئري کاتي ۾ نوڪري ڪئي هيائين. هن جي قابليت تي آفيسر به تعجب ڪندا هئا. ان وقت هڪ انگريز انجنيئر سندس علمي قابليت ڏسي کيس تحفي طور قديم وقت جو لکيل شاهنامي جو هڪ نسخو ڏنو هو. سن 1889ع ۾ ڪراچيءَ ويو. اتي سنڌ جي سرسيد مرحوم خانبهادر حسن علي آفندي سان واقفيت ٿيس. خانبهادر سندس قابليت ۽ لياقت ڏسي پاڻ وٽ رهايس. ان وقت سنڌ محمدن ايسوسيئيشن جي پاران جيڪا ”معاون“ نالي اخبار جاري ڪئي وئي هئي ان جو ايڊيٽر مقرر ٿيو. ايڊيٽر جي چارج وٺندي ئي پنهنجي پرزور ۽ رنگين مضامين سان ان کي اهڙو ته زور وٺايائين جو ساري سنڌ ۾ غلغلو پئجي ويو. ماڻهو جيڪي سنڌي جي رنگيني کان غير مانوس هئا سي نهايت عجب ۽ حيرت ۾ پيا. هن اهڙي فصاحت ۽ بلاغت سان صنعتون ۽ استعارا ڪم آندا جن جي مطالعي سان خود اهل علم دنگ ۽ حيران رهجي ويندا هئا. مرحوم حسن علي آفندي کيس ڏاڍو پائيندو هو. سندس تعريف ۾ آفندي صاحب جي واتان هي لفظ نڪرندا هئا ”مون کي عجب آهي ته اهڙو انسان هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ ڪيئن پيدا ٿيو آهي.“ مرحوم حسن علي جيڪي وڏا ڪم ڪيا تن ۾ هن کي به شامل رکندو هو.

مدرسة الاسلام، ڪراچي ان وقت نئون جاري ٿيو هو تنهن جي ترقي لاءِ هن پنهنجي قلم جي ذريعي گهڻي خدمت ڪئي. دکن ايگريڪلچرل رليف ايڪٽ جو سوال جڏهن مرحوم حسن علي آفندي هٿ ۾ ڪنيو تڏهن به بلبل صاحب سندس لاءِ سڄي پانهن هو. پونه ۾ جڏهن ڪميشن ويٺي تڏهن مرحوم حسن علي کي ساري سنڌ جي

پاران احوالن ۾ انگن اکرن جي ثابتين سان شاهدي ڏيڻ لاءِ گهرايو ويو ۽ ڇهه مهينا اڳوات خبردار ڪيو ويو هو. مرحوم حسن علي اهو سڄو بار بلبل جي ذمي ڪيو. هُن انهيءَ عرصي ۾ ساري سنڌ جي آبادگارن جو احوال گڏ ڪيو ۽ ضلعي وار يادداشتون تيار ڪيون جن ۾ ڏکرين جي ذريعي آبادگارن جي ملڪيتن ۽ زمينن جا نيڪال هئا يا قرضن ۾ ورياجن تي وياج هلن تا سي سڀ انگ اکر هن وڏي محنت سان گڏ ڪيا هئا. آخر مرحوم آفندي ڪيس پوني، ساڻ وٺي ويو ۽ وقت بہ وقت ڪانئس نوٽ وٺندو رهيو. ڪميشن اڳيان شاهدي ڏيڻ وقت بہ هن ڪي پرسان ويهاريائين تہ مبادا ڪو سوال پڇڻو پوي. اها شاهدي حيرت انگيز حوالن سان پيش ٿي تہ انگريز ميمبر حيران ٿي ويا ۽ سنڌ سان اهو ايڪٽ لاڳو ڪيو ويو جو اڃ تائين هلندڙ آهي.

مرحوم حسن علي آفندي جي وفات ڪانپوءِ ڪراچي ڇڏي وري ميهڙ موٽي آيو. ڪيترن اخبارن وارن ڪيس ايڊيٽري جي آڇ ڪئي مگر هن ٻاهر وڃڻ پسند نہ ڪيو ۽ آخر ڪار هن ڳالهہ تي راضي ٿيو تہ هو ڳوٺان ڪين مضمون موڪليندو رهي. پهريائين "ڪراچي گزيٽ" جي ايڊيٽري ڪيائين مگر مالڪ اخبار هلائي نہ سگهيو ان ڪان پوءِ "خير خواهہ" سکر جو بہ ٻہ چار سال ايڊيٽر رهيو. "الحق" (1) جي جاري ٿيڻ وقت ان جو بہ ايڊيٽر ٿيو. سن 1909ع ۾ جڏهن شيخ عبدالعزيز صاحب الحق اخبار جي مالڪ ۽ ان جي ايڊيٽر بلبل مرحوم تي ڪراچي جي سٽي مئجسٽريٽ Mr. E. Sands وٽ هڪ زبردست مقدمو سنڌن خلاف هليو جنهن ۾ فريادي ڌر طرفان هرچند راءِ (2) ڪراچي جو مشهور وڪيل هو ۽ جوابدارن جي طرفان

---

مضمون موڪليندڙ جناب شمس ضياءُ الدين بلبل طرفان حاشيہ:

(1) متعصب هندو ليڊر بلبل مرحوم جي ليکن، مضامين ۽ ادارين مان اهڙا تہ اچي اڙيا جو ڪيس اخباري دنيا مان ڪيڻ لاءِ باقاعده منصوبہ بندي ڪري بلبل مرحوم تي قلم 153 انڊين پينل ڪوڊ هيٺ مقدمو دائر ڪيائون. بلبل مرحوم تي الزام اهو لڳاياٺون تہ هو "الحق" جي ادارين ذريعي هندن کي هرو ڀرو ذليل وخوار ڪري ٿو ۽ مسلمانن جي جذبات کي هندن جي خلاف اپاري ٿو. هن ڪيس ۾ ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد جو پرنسيپال مسٽر پهلاج راءِ نالي ماتر فريادي هو مگر حيدرآباد ۽ ڪراچي جا سڀ متعصب هندو ليڊر سنڌس مددگار هئا، هن مقصد لاءِ انهن ڪافي رقم چندن ذريعي جمع ڪئي هئي. هي مقدمو جلد قومي اهميت حاصل ڪري ويو. هندو زور لڳائي رهيا هئا تہ بلبل کي سزا ملي ۽ "الحق" ضبط ٿئي. مسلمان ليڊر بہ پنهنجو زور لڳائي رهيا هئا تہ جيئن هندن کي پنهنجن منحوس ارادن ۽ عزائم ۾ شڪست نصيب ٿئي. آخر فتح مسلمانن جي ٿي، ان ڪانپوءِ تہ بلبل متعصب هندن ۽ عيسائي پادرين لاءِ ويل ٻاري ڇڏيو. اهي ڪانئس ائين ڏڄندا هئا جيئن ڪانءُ ڏڄي ڪمان کان.

(2) هرچند راءِ وشنداس ڪراچيءَ جو ممتاز قانوندان ۽ مڃيل وڪيل هو. هن قانون جو امتحان ايلفنسٽن ڪاليج بمبئيءَ مان پاس ڪري 1885ع ۾ ڪراچيءَ ۾ وڪالت شروع ڪئي هئي. هو ڪراچي بار ايسوسيئيشن جو 42 سال ميمبر ٿي رهيو ۽ ڪجهہ عرصو سيڪريٽري بہ هو. ڪراچي ميونسپالٽي جو 11 سال قانوني مشير ۽ پوءِ 11 سالن تائين ان جو پريزيڊنٽ ٿي رهيو. (اڳئين صفحي تي هلندڙ)

پنهنجي وقت جو ناميارو وڪيل مسٽر ريمنڊ صاحب (3) هو مگران صلاح ڏني ته معافي وٺو. بلبل مرحوم اها ڳالهه قبول نه ڪئي ۽ آخر ڪيس هليو. مسٽر غلام حسين (4) جو ان وقت حيدرآباد ۾ وڪالت ڪندو هو ۽ بلبل جو گهاٽو دوست هو تنهن قومي جذبي خاطر بنا فيس جي سندس وڪالت ڪئي. بلبل اخبارن جا اهڙا مضمون ڳولهي پيش ڪيا جن جي ڪري آڏي پڇا ۾ اهڙو ته فائدو ٿيو جو مئجسٽريٽ نه صرف ڪيس خارج ڪري ڇڏيو بلڪ فريادي ڌر تي ڇنڊا وڌائين. هن فيصلي تي مسلمانن ڪراچيءَ ۾ خوشيون ملهايون. سرگس ڪڍي ۽ مجلسون منعقد ڪيون. (5)

ڪجهه وقت کان پوءِ "الحق" کي ڇڏي ڏنائين ۽ آفتاب سنڌ (حاجي احمد ميمڻ جي اخبار) جو مستقل ايڊيٽر ٿي رهيو جا پڇاڙي تائين سالن جا سال ايڊٽ ڪندو رهيو. "پاڻ هوشمس ۽ اخبار آفتاب" ان سان ته خاص تعلق هوس. وچ ۾ "مسافر" حيدرآباد. "خير خواهه" لاڙڪاڻو ۽ ڪن ٻين اخبارن جي به ڪجهه وقت ايڊيٽري ڪيائين. هن ڪيترائي ڪتاب سنڌي نظم ۽ نثر ۾ لکيا جي مقبول عام ٿيا. چاڪاڻ ته سنڌي زبان ۾ هن پنهنجي طرفان رنگيني ۽ ظرافت نگاري سان جيڪا جدت پيدا ڪئي سا ان ۾ اڳي نه هئي گويا ان فن ۾ ڪيس سنڌي انشاءَ جو موجد چئي سگهجي ٿو. ديوان بلبل-آئينه تجارت-ظريف الدوله- نيچرل ڪريما- سنڌي رحيما- بخت بازي- قلندر جو ميلو- شمس اللغات-بهار عشق- وغيره وغيره سندس اوائلي مشهور تصنيفون آهن. سندس تصنيف نهايت دلچسپ پيرايه ۾ آهي. ماڻهن جو ميلانِ طبيعت ۽ خيالات ڏسي قوم جي اصلاح ظرافت جي انداز ۾ اهڙي ته ڪئي اٿس جو وڏا اهل دماغ سندس قابليت جو داد ڏين ٿا. جهڙي طرح

وائسراءِ هند جي اسيمبلي جو ميمبر پڻ چونڊيو ويو ۽ ڪيس آنرايبل جو خطاب پڻ مليو. هو شروع ۾ انتها پسند ۽ متعصب ڪانگريسي هندو ليڊر هو مگر پڇاڙي ۾ حالات جو بدليل رخ ڏسي پاڻ ۾ ڪجهه تبديلي آندائين. سنڌ کي بمبئيءَ کان الڳ ڪرائڻ ۾ هن اهم رول ادا ڪيو هو.

(3) مسٽر ريمنڊ ڪراچي جو ماهر قانوندان ۽ مشهور وڪيل هو. پوءِ هاءِ ڪورٽ جو جج مقرر ٿيو ۽ جسٽس ريمنڊ جي نالي سان شهرت حاصل ڪيائين. بلبل مرحوم جي سنن دوستن مان هڪ هو. خط و ڪتابت جو سلسلو بلبل مرحوم جي پوئرن سان پنهنجي حياتي تائين قائم رکيو آيو.

(4) سر غلام حسين هدايت الله. سنڌ جو مايه ناز فرزند ڪنهن تعارف جو محتاج ناهي. هي صاحب سنڌ جو وزير اعليٰ به ٿيو ته بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل جو ميمبر به چونڊيو ويو هو. شروع ۾ حيدرآباد ۾ وڪالت ڪندو هو ۽ بلبل مرحوم جو تمام گهاٽو دوست هو.

(5) جڏهن ڪيس جو فيصلو بلبل مرحوم جي حق ۾ ٿيو ته مسلمانن ڏاڍيون خوشيون ملهايون. بلبل مرحوم کي ڇهن گهوڙن واري وڪٽوريه بگيءَ ۾ ويهاري هڪ وڏو جلوس ڪڍيو ويو. جنهن ۾ ڪارون ۽ ٻيون گاڏيون شامل هيون. هي سرگس ڪراچي شهر ۾ ڪڍيو ويو هو ۽ سرگس دوران بلبل تي گلن جي ورڪا ڪئي وئي ۽ شام جو شعرو شاعري جي محفل مچائي وئي ۽ شڪراني طور حاضرين محفل ۾ مٺائي ورهائي وئي. حيدرآباد ۽ سکر ۾ به ڏاڍيون خوشيون ڪيون ويون چاڪاڻ ته مسلمانن لاءِ هي مقدمو سندن عزت ۽ غيرت جو مسئلو بڻجي ويو هو.

مرحوم اڪبر الهه آبادي پنهنجي شعر ۾ ظرافت سان قوم جي اصلاح مدِ نظر رکي آهي.

ڊپٽي نور الدين صديقي جي والد مرحوم مخدوم محمد انور صاحب پاڻائي لکيو آهي ته ”جيئن جانسن ۽ اسڪاٽ پنهنجي فلسفي ۽ حڪمت کي ناولن ۾ لکي قوم کي فائدو پهچايو تيئن بلبل جي ظرافتي مقالات ۽ تصنيفات جو اثر پيدا ڪيو آهي، سو قوم جي سڌارڻ ۾ اسان جي ڊگهين اسپيچن(تقريرن) ۾ تحريرن ڪڏهن به نه ڪيو آهي. وائينس صاحب پرنسيپال سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي جي ايامڪاري ۾ هڪ ماهوار رسالو سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ نڪرندو هو ان ۾ بلبل جيڪي مضمون لکيا تن جي تعريف وائينس صاحب خود پنهنجي قلم سان انهيءَ رسالي ۾ لکي. سردار محمد يعقوب خان مرحوم، وزير رياست خيرپور ميرس سندس قابليت جو اعتراف هنن لفظن ۾ ڪيو آهي ”اسان خوشي سان هيءَ توهان جي ڳالهه قبول تا ڪريون ته بيشڪ سنڌي زبان عمدي ۽ دل وٽندڙ نموني ۾ لکي سگهجي ٿي جنهن جي ثابتي اوهان جي تحرير آهي.“

شاعري ۾ ته هن کي وهب الاهي هو جو رواني سان اهڙا ته شعر لکندو هو جو هندوستان ۽ پنجاب جا شاعر به ڪيس مڃيندا هئا نه رڳو سنڌيءَ ۾ بلڪ فارسي شعر ۾ جا هن شڪر ريزي ڪئي آهي سا بدرجها سنڌيءَ کان به وڌيڪ آهي بلڪ هندي ۽ اردو ۾ به بي تڪلف شاعري ڪندو هو. خبر ناهي ته اها قابليت هن کي ڪٿان آئي. سن 1906ع ۾ ”آفتاب سنڌ“ جي نئين سال جي تواريخ جنهن جي هر مصرع مان تواريخ ٿي نڪري جا هن لکي هئي سا جڏهن هندوستان جي شاعرن ڏٺي ته حيران ٿي چيائون ته ڇا سنڌ ۾ اجا اهڙا علم وارا ماڻهو موجود آهن. سندس وسيع معلومات ۽ ڪثرت مطالع ڪري جا ڪيس علمي دسترس هئي تنهن وڏن وڏن انشا پردازن کي ڏانهس متوجهه ڪيو بلڪ وقت جا آفيسر ۽ حاڪم به ڪانئس وڏن وڏن ڪمن ۾ صلاح وٺندا هئا. ويندي خيرپور دربار تائين هن پنهنجو علمي قدر پيدا ڪيو ۽ عموماً ڪيس دعوتون ڏئي اوڏانهن گهرايو ويندو هو ۽ اتي جا وزير ڪيس عزت ڏيندا هئا. قومي اصلاح، رفاهه عام يا لٽريچر جي ڪمن ۾ تجربيڪار ۽ صحيح راءِ وارو انسان هو ان جي دماغ ۾ تحرير جي زبردست طاقت رکيل هئي. نه رڳو تحرير جو قابل پر تقرير ۾ به اهڙو ته فصيح اللسان ۽ عذب البيان هو جو سامعين کي مسحور ڪري ڇڏيندو هو. ساري سنڌ جي قومي جلسن يا ميٽنگن ۾ اڪابر قوم سندس شرڪت ضروري ڄاڻندا هئا. هڪ دفعي لاڙڪاڻي جي مدرسة الاسلام جي هڪ جلسي ۾ هن اهڙي ته مقفيٰ ۽ مسلسل مسدس پڙهي جو مسٽر ڪئريئر صاحب ڊپٽي ڪليڪٽر لاڙڪاڻو جيڪو فارسي دان هو، تصوير بيجان وانگر متحير ٿي آخر تائين ڪيس ڏسندو رهيو. تن ڇئن سالن کان پوءِ جڏهن اسسٽنٽ ڪمشنر ٿيو ۽ ميهڙ ۾ دوري تي آيو ته سنڌ جي ڪمشنر صاحب بهادر کي بلبل سان هن طرح

انٽروڊيوس (متعارف) ڪرايو تہ ”ھي اعليٰ درجي جو شاعر آھي ۽ بلبل سنڌ جي نالي سان مشھور آھي.“ ٻئي پيري ساڳئي مدرسي ۾ ھڪ اھڙي نظم پڙھي ھيائين جا ھڪ جيد عالم ابو الفرح پاني پتي نقل ڪري ورتي ۽ پنھنجي ڪتاب ”حالاتِ سفر سنڌ“ ۾ ان جي قابليت ۽ قوم پرستي جي ازحد تعريف لکي اٿس. دربار خيرپور ۾ جي قصائد ھن لکيا آھن سي قابل ديد آھن. پاڻ چوندو ھو تہ افسوس! آءُ اھڙي وقت ۾ پيدا ٿيس جو ڪو قدردان نہ آھي. نہ تہ تخيل جي بلندي اجا ڪجھ اورھجي ھا. نہ رڳو پاڻ قلم جو قابل ھو پر زبان جو بہ نظم خواھ نثر ۾ يگانو ھو.

1908ع ۾ آل انديا محمدن ايجوڪيشنل ڪانفرنس ڪراچي ۾ ٿيڻي ھئي تنھن ۾ مسٽر اي-ڪي-دھلوي ڪانفرنس جي طرفان ڪانئس سنڌ جي مسلمانن جي تعليمي حالت بابت رايا پڇيا ان موجب ھن ڪميٽي ڏي ھڪ وڏي ۽ مدلل رپورٽ موڪلي جا پوءِ ڪانفرنس ۾ ڪانئس پڙھائي وئي، ھن عاليشان ڪانفرنس ۾ سنڌ جي بنسبت جيڪي بہ ريزوليوشن (ٺهراءَ) پاس ٿيا سي سڀ ان رپورٽ مان ورتل آھن. پاڻ خاص ريزوليوشن فارسي تعليم بابت پيش ڪيائين اھڙي وضاحت سان جو خود نواب وقار الملڪ بھادر ان وقت اٿي سندس تائيد ڪئي ۽ خواجا غلام الثقلين پاني پتي ۽ ٻين ھندوستاني ليڊرن سندس تعريف ڪئي. ڪانفرنس رپورٽ 1908ع مطبوعہ علي ڳڙھ ۾ ان جو ذڪر ڇپيل آھي. (1904ع ۾ ميھڙ ۾ انجمن اتفاق اسلامي نالي ھڪ تنظيم برپا ڪيائين جنھن جي ذريعي سڌارا قومي اتفاق ۽ تعليمي جو ڪم شروع ڪيائين ۽ ان جي ذريعي 1906ع ۾ تعليم درسگاھ جو بنياد وڌائين جنھن جو نالو مدرسۃ الاسلام ميھڙ رکيو ويو. شروع ۾ انگريزي چئن درجن تائين تعليم ڏيڻ ۾ آئي. اھو سندس حياتي جو وڏو يادگار آھي جو ان وقت (ھن خطي ۾) انگريزي تعليم جي بانس بہ ڪانہ ھئي. ھاڻي ميھڙ ۽ ان جي آس پاس جيتري قدر گريجوئيٽ، وڪيل ۽ انگريزي دان ڪامورا پيدا ٿيا آھن سي سڀ سندس لڳايل باغ جو ثمر آھن ۽ ھتي جا سڀ ھندو مسلمان سندس انھيءَ ڪارنامي جا اڄ تائين مشڪور آھن. ھن بيحد تڪليف وٺي فقط پنھنجي قابليت سان ليڪچر ڏنا، نظم ۽ مضمون لکيا (۽ ھن ڪم لاءِ رستو ھموار ڪيو) چندا گڏ ڪيا. وڏن وڏن آفيسرن ڪان گرانٽون منظور ڪرايون ۽ انجمن جي ياران وفد وٺي پيرن ۽ ميرن ڪان مدرسي لاءِ عطيا حاصل ڪيا ۽ اھڙي طرح ھن مدرسي کي اوج تائين پھچايائين. 1919ع تائين سندس محنت سان مدرسو ھلندو رھيو. مدرسي جي نئين عمارت ۽ بورڊنگ ھائوس لاءِ ڇھ جريب زمين پنھنجي جاءِ جي پٺيان ھٿ ڪري عمارت ٺھرائڻ جو ارادو ڪيائين جنھن لاءِ نقشا وغيره بہ تيار ٿي ويا ھئا مگر سندس حياتي وفا نہ ڪئي ۽ پيغام اجل کي لبيڪ چئي راھي ملڪ بقا جو ٿيو. افسوس جو سندس وفات ڪانپوءِ مسلمان مدرسو

هلائي نہ سگهيا ان ڪري هندن ان کي سنياليو جو اڄ هاءِ اسڪول آهي.

هي سڀ ڪم هن پنهنجي ذاتي قابليت سان ڪيا جنهن ڪري حڪامن وٽ بہ وڏيون عزتون حاصل ڪيائين جيڪي وڏي ۾ وڏي زميندار کي مس حاصل هيون. هو ڪمشنرصاحب جو درباري هو ۽ سن 1917ع ۾ آنرري مئجسٽريٽ بئنچ ڪورٽ ميهڙ جو چيئرمين مقرر ٿيو ۽ ڪيس خان صاحبي جو خطاب پڻ مليو. جيڪي سندس ڪتاب ڇپيل آهن تن ڪانسواءِ غير مطبوعہ ذخيره نظم ۽ نثر جو گهڻو موجود آهي. ديني تعليم بابت سلسلي وار ڪتاب لکيا اٿس. ازانسواءِ تصوف ۾ بہ ڪيئي ڪتاب لکيا اٿس جن مان سوامي هيمراج جي ڪتاب گلزارمقافي جو ترجمو جو هن ڪيو آهي ۽ ان تي هيئنان حيرت انگيز حاشيہ ڏنا اٿس. ان جو نالو ”گنج معرفت“ رکيو اٿس جو عجيب آهي. سندس سنڌي، فارسي، اردو سخن جو وڏو ذخيرو جيڪو پاڻ ”بهار ستان بلبل“ نالي ڪتاب ۾ گڏ ڪيو اٿس سو بہ ڇپجڻ کان رهيو پيو آهي. سندس فارسي انشاءَ پردازي ۽ جدت طرازي شمس المڪتوب مان پڌري آهي جو پڻ اڻ ڇپيل آهي. ديوان بلبل فارسي ۽ عمدة التواريخ بہ ڇپيل نہ آهن. تاريخ گوئي ۾ ڪيس خاص ملڪو حاصل هو. وڏن نامور ماڻهن جون تاريخون نهايت عجيب لکيون اٿس. ڪيس مطالعي جو ڏاڍو شوق هو. سڄي هندوستان جون مشهور اخبارون، ڪتاب ۽ رسالا وٽس موجود رهندا هئا. پڇاڙي ۾ تمام گهڻا ڪتاب لکي ڇپرايا هيائين، انهن جا نالا هي آهن:

حليمان- مسلمان ۽ تعليم- قرض ۽ مرض ۽ انجا علاج- انگريز ۽ مسلمان- صدپند سود مند- جام جم- عقل ۽ تهذيب ۽ وقف علي الاولاد- وقف علي الاد ولا جي تحرڪ کي زور وناياڻين ۽سنڌ ۾ هي ئي پهريون شخص هو جنهن هن قانون کي رواج ڏياريو. ان لاءِ ڪتاب حرز البنياد، شرح قانون وقف علي الاولاد لکي شايع ڪرايائين ۽ پاڻ ان تي عمل ڪيائين ۽ پڻ هن جي ملڪيت پنهنجي فرزند ضياءُ الدين جي نالي وقف ڪري ملڪيت جو بچاءُ ڪري ويو آهي نہ تہ اڪثر زميندارن مسلمانن جون ملڪيتون اسراف ۾ تلف ٿي ويون آهن. مطلب تہ هي سنڌ جو بلبل نہ رڳو فصيح- بليغ- شاعر- مصنف ۽ لئبريرين هو پر ان سان گڏ ريفارمر ۽ اعليٰ مدبر بہ هو. سنڌي لٽريچر ۾ هڪ نئون روح ڦوڪيائين. هي سُني مذهب جو ايتري قدر پائبند هو جو وقف ملڪيت ۾ وصعيت ڪئي اٿس تہ منهنجي وارثن مان ڪوبہ سنت جماعت ڇڏيندو تہ ملڪيت ۾ ان جو ڪو حق نہ رهندو. مرحوم حسن علي سان هن کي ايترو ڪو تعلق هو جو هيءُ بہ 62 ورهين جي ڄمار ۾ ڪار بنڪل (بلي گڙ) جي مرض ۾ گرفتار ٿيو ۽ اهڙيءَ طرح علم ۽ ادب جو شمس 1919ع ۾ سنڌ مان غروب ٿي ويو. سندس مزار سندس (اڏايل) مسجد ۾ آهي.

(ماهوار ”علمي دنيا“ اپريل 1930ع جي ٿورن سان)

# ياد-رفتگان

## تحرير: مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ صاحب

نالو شمس الدين تخلص "بلبل" ولد بهادر خان. ذات شينو اصل وطن پاڳناڙي بعد ۾ هميشه لاءِ ميهڙ ضلع دادو سنڌ.

سنڌ جي هن مايه ناز اديب. ظريف مصنف ۽ عالي دماغ اخبار نويس جي تعليم اسڪولي سنڌي ۽ فارسي ڪان مٿي نه هئي. مگر ڪافي مطالعي بعد پنهنجي معلومات ۾ بيحد اضافو ڪري ويو. "بلبل" مرحوم جو نالو شاعريءَ جي تاريخ ۾ سونهري حرفن سان لکڻ جي قابل آهي. مرحوم نه فقط شاعر هو بلڪ نثر نويسي ۾ به ماهر هو. مرحوم ڪيترن رسالن ۽ اخبارن جو ايڊيٽر به ٿي رهيو. اخبار "معاون سنڌ" ۽ "آفتاب سنڌ" جي ادبيت ۽ ظرافت مرحوم جي طبيعت ۽ ذهانت جو مڪمل مرقع آهن.

"تون" ڪي اهڙو وڃاءِ جو "تون" نه رهي
تو ڪان تنهنجي "تون" ئي جي بوُ نه رهي
"مان" ۽ "تون" جو ضمير ضايع ڪر
هن دوئي جي گفتگو نه رهي
جستجو چڻ حجابِ مستي چاڻ
شرط هي آ جو جستجو نه رهي
عشق جو هي خيال آهي بس
وصل وَ هجر جي ها وَ هُو نه رهي
هُو ۽ اهڙو خيال پيدا ڪر
جو سوا هُو خيالِ هُو نه رهي
چار سو جي سرائي فاني ۾
يج تون اهڙو جو چار سو نه رهي
رنگ و بوُ گل جو آهه "بلبل" وهم
چا چگو ٿئي جو رنگ و بوُ نه رهي

# رئيس مرحوم ضياءُ الدين
# ضياءَ "بلبل" جي ياد ۾

### ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مرحوم

جڏهن پوي ٿي ياد، صحبت سپرين جي،
فرياديون فرياد، ناگهه وڃن نڪرئو.

اهي پيارا سڄڻ جيڪي لڏي ويا ڇڏي ويا، پر پنهنجين مهربانين جون مهرون دل تي ثبت ڪري ويا تن مان هڪ رئيس ضياءُ الدين "ضياءَ" بلبل بہ هو. سندس والد رئيس شمس الدين "بلبل" (1857-1919ع)پنهنجي دؤر جو وڏو اديب، تعليمي اڳواڻ، سياسي مفڪر، محب وطن، بيباڪ صحافي، فارسي ۽ سنڌيءَ جو قادر الڪلام شاعر هو. شاعريءَ ۾ سندس تخلص "بلبل" هو، ميهڙ شهر جي هڪ معزز زميندار گهراڻي مان هو. رئيس شمس الدين بلبل جي نالي سان مشهور ٿيو. ان ساڳي مناسبت سان، سندس فرزند "رئيس ضياءَ الدين ضيا بلبل" مشهور ٿيو.

رئيس شمس الدين بلبل هڪ سنڌ دوست سياسي اڳواڻ هو. وقف علي الاولاد ۽ دکن ايگريڪلچرل رليف ايڪٽ جهڙا قانون پاس ڪرائي سنڌ سان لاڳو ڪرايائين. جنهن مان بلبل جي دور انديشي ۽ سياسي بصيرت نمايان نظر اچي ٿي. بلبل جديد صحافت جو سرواڻ هو. سنڌي نثر ۽ نظم جو اڳواڻ هو. سنڌ جي بدلجندڙ سماج تي تنقيد ڪيائين ۽ پنهنجي ظرافت ۽ خوش طبعيءَ سان، ان وقت جي نون انگريزي پڙهيل فيشنئبل نوجوانن جو پنهنجي ڪلچر کان بيگانگي ڏانهن ڌيان ڇڪايائين تہ:

گهر کان نڪتا نيٽو نيچر، تاڪ ڏِنا ڏِن تاڪ ڏِنا
سر تي ٽوپي هٿ ۾ هنٽر، تاڪ ڏِنا ڏِن تاڪ ڏِنا
سيٽي ۽ سگريٽ سدائين، گٽمٽ گٽمٽ وات ۾ وائي
"يوسي" "آءِ سي" مسٽر مسٽر، تاڪ ڏِنا ڏِن تاڪ ڏِنا

ٻيو سندس طبعزاد موضوع "تيرنهن چار، مڪرن جا مار" هو جيڪو اسين سنہ 1930ع ڌاري هاءِ اسڪول نوشهروفيروز جي لائبريري ۾ دلچسپيءَ سان پڙهندا هئاسون.

ان ۾ ”وڪيلن جو جار“ ۽ ٻيا اهڙا تنقيدي موضوع آهن. خاص دلچسپ سنڌس تصنيف ڪيل ”ڪريما نيچرل“ هئي جنهن ۾ شيخ سعدي جي ڪريما جي فارسي سٽن سان تنقيد طور سنڌي سٽون ملايل هيون:

پــيــارج ڪــو اج ٻــيــرَ وســڪــيءَ جــو پــا
ڪــريــمــا بــه بــخــشــاي بــر حــالِ مــا
ڪُــتــي پــســتــڙي ڪــي تــون ڪــج ڪُــور ڪَــور
نــبــاشــي ز گــلــزار فــردوس دور

سنڌس اهي شعر ڪن شاگردن کي ياد هوندا هئا. ان دور ۾ حيدرآباد مان مولوي نور محمد نظاماڻيءَ جون هفتيوار اخبارون ”طيراً ابابيل“ ۽ ”مرغ فلڪ“ ۽ ميرپور خاص مان محمد هاشم مخلص جي اخبار ”مسلمان“، هندو اخبارن ۾ ڇپيل جملن جا مقابلا ڪندي ظريفانه شعر شايع ڪري رهيون هيون.

ڪاليج ۾ اچڻ بعد، رئيس ضياءُ الدين ضياءَ جو نالو اسان جي ڪن تي پيو پر ملاقات ڪانه ٿي. 1949ع ۾ اعليٰ تعليم پوري ڪري آيس ته ٻئي سال لاڙڪاڻي وڃڻ جو اتفاق ٿيو. اتي 24-22 آڪٽوبر 1950ع تي ڏهين آل سنڌي ادبي ڪانفرنس ٿيڻي هئي جنهن ۾ مون ”سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ“ جي عنوان سان مضمون پڙهيو. ان بعد ترڪي ٽوپي سان هڪ سهڻي صورت وارو اديب مون سان وڏي مرحبا سان مليو ۽ پنهنجو تعارف ڪرايائين. حافظ محمد احسن چنا ۽ ٻين ڪان معلوم ٿيو ته هو سنڌ جي مشهور شخصيت مرحوم شمس الدين بلبل جو فرزند ارجمند آهي، رئيس ضياءُ الدين ضيا بلبل ان وقت شايد پبلڪ پراسيڪيوٽر هو. ڇيائون ته هن مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهه مان ايم اي ۽ ايل ايل بي جون ڊگريون حاصل ڪيون آهن. انهن خوبين جي ڪري منهنجو ڌانهس گهڻو توجهه ٿيو ڇاڪاڻ ته آءٌ به مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهه ۾ پڙهيو هئس. ان ڪانفرنس ڪانپوءِ رئيس ضياءُ الدين ضيا بلبل سان ملاقاتون ٿينديون رهيون ۽ پاڻ هميشه وڏي پيار سان ملندو هو.

ڪانفرنس ۾ منهنجو پڙهيل مضمون، پوءِ ”تحفة لاڙڪاڻ“ ۾ شايع ٿيو. ان بعد مئي مهيني 1958ع جي رسالي ”نئين زندگي“ ۾ رئيس ضياءُ الدين بلبل جو منهنجي باري ۾ لکيل مضمون (ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ) پڙهيم ۽ سنڌس دلنوازيءَ کي محسوس ڪندي نهايت خوشي ٿي جو منهنجي لاءِ وڏي شاباس ۽ آفرين وارا جملا لکيائين. آءٌ ڪانئس عمر ۾ ننڍو هئس پر ان جي قطع نظر رئيس صاحب مون کي دل کولي داد ڏنو. اڄ مرحوم کي ياد ڪندي، پنهنجي مجتا طور سنڌس مضمون ۾ آيل ڪي جملا نقل ڪريان ٿو (جيڪي اسان جي ادبي تاريخ جو سرمايو آهن). ڪانفرنس ۾ منهنجي

پڙهيل مقالي بابت رئيس صاحب لکيو تہ:

”اهو هو سنڌي زبان بابت مشهور مقالو، جنهن سنڌي زبان جي اصل ۽ نسل واري پراڻي پرنہ ختم ٿيندڙ بحث جي بحر ۾ جنب اچلي، اهو مشهور مقالو”تحفة لاڙڪاڻہ“ جي سونهن ۽ سينگار ٿيو آهي. هيءُ پهريون دفعو هو جو دليلن ۽ انگن اکرن سان هڪ محقق اها ڳالهہ چٽي ڪري پڌائي تہ سنڌي زبان پاڻ هڪ مڪمل زبان آهي. تنهن تي ايراني، آريائي، سامي ٻولين جا اثرات پيا پر جنهن کي سنسڪرت جائي چوڻ غلط آهي. هن جي اثر هيٺ سنڌي ثقافت، فنڪاري ۽ سگهڙائپ جو سر اوچو ٿيندو.“

سن 1958ع ۾ چيل اهي جملا، منهنجي تعريف کان وڌيڪ مرحوم جي پنهنجي قابليت تي شاهد آهن. سندس هن مقالي بعد آءٌ دلي محبت ۽ نيازمنديءَ سان ساڻس ملندو رهيس. ان دؤر ۾ تحقيق جي سلسلي ۾ منهنجو دادو ضلعي ڏانهن اچڻ وڃڻ ٿيندو هو. دادو شهر ۾ مرحوم شفيع محمد ميمڻ سان منهنجو ناتو هو جو اسين جهونا ڳڙهہ ڪاليج ۾ گڏ پڙهيا هئاسون. سندس اوطاق ۽ آفيس، رئيس صاحب جي اوطاق ۽ آفيس سان لڳ هئا ۽ رئيس صاحب سان ملڻ جا موقعا ملندا رهيا.

مرحوم رئيس ضياءُ الدين ضياءُ بلبل کي ياد ڪندي محسوس ٿئي ٿو تہ هو سيني وصفين سهڻو هو، شڪل صورت جو سهڻو هو، خوش ڪيڪار ۾ سهڻو هو، پنهنجي خوش گفتار ۾ سهڻو هو ۽ سندس ڪردار ۾ سهڻو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شمس الدين”بلبل“ (1857ع_1919ع)

## پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي جي الانا
(سنڌي نثر جي تاريخ)

هيءُ بزرگ ميهڙ ضلعي دادوءَ ۾ 1857ع ۾ ڄائو هو. سندس وڏا اصل اتر کان ناڙيءَ جي طرف کان آيل هئا. ابتدائي زماني ۾ سنڌي ۽ فارسيءَ جي تعليم حاصل ڪيائين. ڪجهه وقت انجنيئري ڪاتي ۾ داروغو هو، پر پوءِ جلدي 1889ع ۾ ڪراچيءَ روانو ٿي ويو، جتي خانبهادر حسن علي آفنديءَ سان سندس ملاقات ٿي، جنهن ڪيس ”معاون“ اخبار جو ايڊيٽر ڪري رکيو. بلبل صاحب نه فقط قابل قدر شاعر هو، پر هڪ بينظير نثر نويس ۽ ڪامياب صحافي به هو. ”سنڌ محمدن ايسوسيئيشن“ ۾ هن تمام گهڻي علمي ۽ ادبي خدمت ڪئي. ”معاون“ اخبار جي ايڊيٽر هجڻ واري زماني ۾، سندس لکيل ظريفانه ۽ فلسفيانه مضمون سڄيءَ سنڌ ۾ ڏاڍا پسند آيا. دراصل هن بزرگ جي جسارت ٿي سنڌي نثر ۾ انقلاب آندو. سنڌ جا ڪي اهل قلم ڪيس ”سنڌ جو حالي“ به سڏيندا آهن، ڇاڪاڻ ته هن مولانا حاليءَ وانگر نثر توڙي نظم جي ذريعي ”سنڌ جي سر سيد“ يعني خانبهادر حسن علي آفنديءَ جي مدد ڪئي. هن جي قابليت ۽ خدمت جو اعتراف ڪندي، مرحوم سردار محمد يعقوب سي. آئي. اي سابق وزير اعظم رياست خيرپور ميرس، 1906ع ۾ لکيو آهي:

”اسان جو اهو ارادو نه آهي ته فقط ظاهري لباس ۾ اوهان جي تعريف ڪجي، مگر سچ پچ ته اوهان جي اخبار جا مضمون اهڙيءَ سنجيدگيءَ ۽ ڪلام جي خوبصورتيءَ سان سينگاريل هوندا آهن، جن جي تعريف ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي (1).“

مرحوم نور الدين صديقي، ميمبر سنڌ سروس ڪميشن جي والد بزرگوار، مخدوم انور پاتائيءَ، ”بلبل“ بابت هڪ مضمون ۾ لکيو آهي:

”جيئن ناليري فيلسوف جانسن، اسڪاٽ ۽ ٻين يورپ جي مشهور شخصيتن، پنهنجن ناولن ۾ فلسفي ۽ حڪمت ڪي جاءِ ڏيئي پنهنجيءَ قوم ۾ هڪ وڏو انقلاب ۽ سڌارو آندو، تيئن ”بلبل“ جي ظرافتي مقالن ۽ تصنيفن جيڪو اخلاقي اثر پيدا ڪيو، سو قوم ڪي سڌارڻ ۾ اسان جي ڊگهين تقريرن، تحريرن ۽ مضمونن ڪڏهن نه ڪيو آهي. (2)

(1) ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل: ”بلبل سنڌ“ آزاد بوڪ ڊيپو حيدرآباد، 1951ع ص 12.

(2) ڏسو مخدوم انور پاتائيءَ جو مقالو: آفتاب اخبار، 25 اپريل، 1908ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**تصنيفات:** مرحوم "بلبل" سنڌي نثر ۾ جيڪي ڪتاب لکيا آهن، انهن مان ڪي هي آهن: (الف) قلندر جو ميلو، (ب) تيرهن چار مڪرن جا مار، (پ) بهار عشق، (پ) آئينہ تجارت (ت) جهت سوال پٽ جواب، (ٿ) حل تجربات يعني شمس اللغات (ٽ) ظريف الدولہ ڀاڱو 1 ۽ 2، (ث) گلزار لطائف ڀاڱو 1 ۽ 2 ، (ث) بخت بازي، (د) ڪارو نيشن ڪپ، (ق) عقل ۽ تهذيب، (ح) قرض جا مرض ۽ ان جا علاج (ڇ) مد پند سود مند، (جهہ) مسلمانِ سنڌ جي تعليم ۽ سرڪار، (ج) انگريز ۽ مسلمان، (ڄ) مسلمان ۽ تعليم، (ڃ) حرزالبنياد شرح قانون وقف علي الاولاد، (م) جام جم.

1. **قلندر جو ميلو:** هن ڪتاب ۾ مرحوم "بلبل" لعل شهباز قلندر جي ميلي جي هر هڪ تماشي جو نقشو چٽيو آهي. ميلي ۾ ماڻهن جي شغلن نانواين ۽ حلواين جي دوڪانن جا منظر چٽيا اٿس.

عبارت ۽ ٻوليءَ جي لحاظ کان هي ڪتاب سنڌي ادب ۾ چڱي حيثيت ٿو رکي، مقفيٰ نثر ڪم آڻي، هن قسم جي عبارت وارن ڪتابن ۾ بيش بها اضافو ڪيو اٿس.

سنڌي نثر ۾ ظرافت جو موجد بہ "بلبل" مرحوم ئي هو. سندس انداز بيان ۽ طرز تحرير "بلبل" مرحوم کي هميشہ زنده رکندي. زبان جي پختگي ۽ حسن ادائگيءَ لاءِ هيٺيون مثال ڪافي آهي:

"هر سال فرح فال، شعبان شهر، ميمنت بحر، سيوستان، عشق بستان، عالم آشڪار، شهره آفاق ميلو حضرت مخدوم قلندر بادشاهہ لعل شهباز، بلند پرواز، عليہ الرحمة جو، مقرر ميعاد، فرصت سواد، ارڙهين تاريخ کان، مثلث نوتبن جي بدولت، نهايت هجوم، نهايت ذوم سان وقوع ۾ اچي ٿو، جتي بيشمار، هزار اشخاص، عام ۽ خاص، هر اطراف، هم رڪاب ۽ مڙني اوصاف عالم جا موجود بلڪ شاهد ۽ مشهود ٿين ٿا."

**مقابلي ۾ ماڻهن جا قسم:** "پير فقير امير نواب، چڱا مٺا غريب ڪساب، ڌرڙا زميندار، چور چڪار، ڪڙا ڪامورا، رئيس سردار، بازيگر رانديگر، نامي ملهہ، جوڳي ٽوڳي دلبائي دل، لنگها ڏوم پٽ دلال، ڪدڙا پانڌي، ڪجريون قوال، تاتر توتر آڪڙباز، ڳنڍيڇوڙ جواباز، غرض تہ هر هڪ ملڪ جا هر انسان، هر سوداگر هر سامان، هر جنس هر حيوان، هر ساز هر باز، هر حسين، هر ناز اچي گڏ ٿين ٿا."

2. **تيرهن چار مڪرن جا مار:** هي ڪتاب ظريفانہ انداز ۾ قوم جي اصلاح لاءِ لکيو هئائين، جنهن ۾ پيرن، فقيرن سرڪاري عملدارن تي آزاديءَ ۽ بيباڪيءَ سان تنقيد ڪئي اٿن.

**عبارت ۽ ٻولي:** هن ڪتاب ۾ جيتوڻيڪ ظرافتي رنگ آهي پر اصليت ۽ حقيقت نگاريءَ جي ڪري هر ڪنهن کي وڻي ٿو. زبان فارسي آميز لفظن واري آهي. هيٺ ڪي مثال ڏجن ٿا.

(**الف**) **پيرن فقيرن جو چار:** بسم الله هادي! بابا اسين پير فقير، چم چير بوسا گير، آزاد آدمي، خدا کان سواءِ نه ڪنهن سان غرض نه واسطو. پير فقير جي قدمن تان قربان وڃان. جاتي وجن اتي هر نعمت، ٻوڙ پلاءُ، داڻو گاهه. ڀنگ تماڪ، دلا ڏڪڙ، ناچ راڳ، رن روڳڙي، سڀ مٿو ٽيڪي، مٽ مروڙا ڏين. خواهه ساڻ ٻيهن، ته به پير فقير جي ذات بي عيب ۽ غني مريد رکو هن درگاهه تخت اشتباهه تان چڳ وڃائي ۽ ٻارهين مهيني دعوت ۽ روڪ ٺوڪ ڪائي، پوءِ بيپرواهه ٻڌيو وتي. خدا کي ڪا عملن جي ڪاڻ ڪانهي، پير فقير راضي، ته ڪوهه ڪندو قاضي. پير فقير جي هٿ ۾ ايمان ۽ بهشت جي چٺي آهي. پير فقير جي منڪر کي قبر جاءِ نه ڏئي.“

(**ب**) **پوليس جو چار:** اها ها ها! پوليس جي نوڪريءَ سان ڪهڙي ريس. جمعي اڳيان خميس، لائي ٻيس ته پائي ٽيس. هلڪي سلڪي، اوچي نيچي، ذات ڪذات، سڀ انهيءَ پوليس ۾ ڀرتي. سئي لڏائين ته ٽيو سوار، ڪنپ مان ڪانوَ جوڙيائين ته جمعدار. اتاهون اڳتي تڙيو ته ٽاٽيدار. پوءِ اچي ڪاري جو اختيار مختيار، پورو پورو عملدار، ڪانسٽيبل ته گربه مسڪين. منشي صاحب، گرگ درنده، جمعدار، فيل مست، صوبيدار ته شير غران. سندن اختيارات اهڙا وسيع جو ڪنهن جي عزت لاهڻ لاءِ ڪانسٽيبل به ڪافي وافي. پوءِ جي مٽ گرم ته منشي شافي، نه ته سڏو صافي. جي جاءِ تي پاڳئي جو گهر پڳو ته پوليس جو گهر اڏيو.“

# مرحوم شمس الدين بلبل
# هڪ مفڪر جي حيثيت ۾

**حاجي محمود خادم مرحوم**

مفڪر جي معنيٰ جي هر ڪنهن کي خبر آهي، پر هڪ اعلي مفڪر جو معيار ڇا هئڻ گهرجي؟ تنهن بابت ڪجهه چوڻ گهران ٿو.

ڄاڻڻ گهرجي ته هڪڙا مفڪر اهي آهن، جي حڪمت ۽ فلسفي جا دقيق ۽ عميق مسئلا ۽ نت نوان نظريه پيش ڪن ٿا جهڙي طرح بو علي سينا، امام غزالي يا ڪانٽ.

پيا اهي آهن، جن جذبات ۽ مشاهدات جا نادر شهپارا فن جي رنگ ڍنگ ۾ پيش ڪيا، مگر اها ڪوشش يا ڪاوش ڪانه ڪيائون ته عوام تي ڪو خاص اثر پوي يا ماڻهو ان کي سمجهن. هنن جو فڪر خالص فن خاطر هوندو آهي.

ٽيون گروهه انهن مفڪرن جو آهي، جن فن کي غرض يا غايت يا انتها نٿا ڄاڻن، پر انهن کي انساني حياتي جي سنوار ۽ سنائي خاطر ڪتب آڻن ٿا. هن قسم جا استادِ فن گويا عملي ۽ اصلاحي پهلو رکندڙ ٿيندا آهن.

شاعرن جو سرتاج ۽ صوفين جو صوفي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي عليه الرحمت ۽ شيڪسپيئر هن قسم جي مفڪرن جا عمدا مثال آهن.

اهڙي طرح بلبل مرحوم بہ هن معيار جي مفڪرن مان هو. سندس نشان، امتياز هي آهي ته هن جي فن جو اثر ان وقت جي سوسائٽيءَ تي نهايت عمدو پيو ۽ عوام جي اخلاق جي اصلاح ۾ نهايت ڪامياب ٿيو. انهيءَ ڪري هن پاڻ کي ملڪ جو مفڪر ۽ شاعر ثابت ڪيو ۽ قوم ۾ نهايت خوشگوار انقلاب آڻڻ جو باعث بڻيو.

منهنجي خيال موجب هڪ اعليٰ مفڪر کي پرکڻ جون ٽي نشانيون آهن: هڪ ته هن ڪا جدت آفريني ڪئي هجي، ٻيو ته هن سوسائٽيءَ ۾ نئون روح ڦوڪيو هجي ۽ نوان جذبا پيدا ڪري نيڪ اثر وڌو هجي ۽ ٽيون ته هن ۾ پيشن گوئي جو مادو هجي ۽ قوم خواهه وقت جو پورو پورو نبض شناس ثابت ٿيو هجي.

هنن ٽنهي پرکائن ۾ بلبل مرحوم بالڪل پورو لهي ٿو. ان جي ثابتيءَ لاءِ آءٌ مرحوم عبدالله صاحب بسمل تڪڙائي جا ڪجهه ويچارا بلبل مرحوم متعلق پيش ڪيان ٿو.

فرمايو اٿس:

- سنڌيءَ ۾ هو پهريون شاعر آهي، جنهن ظرافتي نظم لکيو. هو پهريون اديب آهي جنهن ظرافت ۾ ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڪئي آهي.
- هو پهريون ماهر تعليم آهي، جنهن ظريفانه ڪلام جي زور تي سنڌي مسلمانن کي انگريزي علم ڏي راغب ڪيو. هو پهريون ريفارمر آهي جنهن ظرافت جي رستي انگريزي تهذيب جي عيبن کان مسلمانن کي آگاهه ڪيو.
- هو پهريون سياستدان آهي، جنهن ظرافت جي رستي حڪومت جي رشتخور آفيسرن، علماءِ ڪرام ۽ پيران عظام جي مخرب ڪارروائين تي تنقيد ڪئي.
- هو پهريون شاعر آهي، جنهن ظرافت جي رنگ ۾ ڪريما سعدي تي تضمين لکي قوم جي اصلاح ڪئي.
- هو پهريون اديب آهي جنهن موجوده سليس نثر نويسي جو رنگ پيدا ڪيو جو خاص طرح اخباري دنيا ۾ بالڪل ڪارائتو ثابت ٿيو.

هن پوئين راءِ ۾ بسمل مرحوم سان حضرت مخلص مرحوم به شامل آهي جو بلبل جي وفات تي پنهنجي رسالي "ڪشڪول" ۾ افسوس ڪندي هڪ هنڌ لکيو اٿس ته بلبل مرحوم سنڌ جي مسلمانن ۾ پهريون اخبار نويس هو ۽ پهريون شخص هو، جنهن ظرافت جي ميدان ۾ شاعري ڪئي ۽ هو ئي هڪ صحافي هيو، جنهن پهريان پهريان صحيح معنيٰ ۾ ايڊيٽري ڪري ڏيکاري ۽ موجوده سليس، پراثر ۽ رنگين مضمون نويسي جو سڪو ڄمايو.

ان وقت جو عالم فاضل مخدوم محمد انور صاحب پاتائي لکي ٿو: "جيترو مون تجربو ڪيو آهي ته ائين پئي معلوم ٿيو آهي ته ڪنهن به بد ڪم کان روڪڻ ۽ قوم کي سڌارڻ ۾ اسان جي ڏکيين اسپيچن، تحريرن ۽ تصنيفن به اهڙو اثر پيدا نه ڪيو آهي، جهڙو مسٽر بلبل جي ظريفانه طرز قوم کي شرمسار ڪري پراثر بنايو آهي."

"ديوان نظامي" ۾ سنڌي شاعريءَ تي تبصرو لکندي مون اڳيئي ڄاڻايو آهي ته سنڌي شاعري جو جديد دؤر بلبل مرحوم کان شروع ٿئي ٿو. آءٌ وڌيڪ چوندس ته صحيح معنيٰ ۾ قومي شاعري به بلبل مرحوم شروع ڪئي. جنهن لاءِ هن هيٺيان پنج طريقا استعمال ڪيا:

(1) بلبل قصيدي کي قاآني جي منزل تائين پهچائي ان کان هر طرح نهايت مفيد قومي ڪم ورتا.

(2) توحيد، رسالت ۽ ٻين اسلامي ۽ اخلاقي موضوعن تي شاعري ڪري ايمان، اسلامي تهذيب ۽ روح کي تازو ڪيائين.

(3) نيچرل شاعري ڪري قوم کي قدرت آشنا ۽ حقيقت پرست بنايائين.
(4) سعدي جي ڪريما کي نئين پيرائي ۾ سنڌي جي چاشني ملائڻ سان محفوظ ڪيائين، جا اڃا ڪيترن کي برزبان ياد آهي.
(5) نوان استعارا، نيون تشبيهون، نيون تمثيلون، نيون ترڪيبون، چست بندش، شوخ ادا، فصاحت بلاغت جهڙيون خالص فني خوبيون سنڌي ۾ پيدا ڪري ٻوليءَ جو ادبي پهلو روشن ڪيائين.

بلبل مرحوم جون اهي ادبي خدمتون مختصر طور پيش ڪرڻ بعد آءٌ هاڻي سندس سياست تي ٿورو ڪجهه ڳالهائيندس.

آءٌ ظاهر ڪري چڪو آهيان تہ بلبل مرحوم رڳو اديب يا شاعر ڪونہ هو، پر هو سياسي ميدان جو بہ هڪ سرگرم ڪارڪن، عمدو ليڊر، مفڪر، مدبر ۽ عوام جو دلدادو، مجلسن جو مور ۽ جادو بيان مقرر پڻ هيو.

(1) هن مرحوم حسن علي آفندي سان گڏ پونا ڪميشن ۾ وڃي نهايت جفاڪشي سان انگ اکر ڪڍي تحريڪ هلائي "دڪن ايگريڪلچر رليف ايڪٽ" کي سنڌ سان لاڳو ڪرايو.
(2) خاندانن جي ملڪيتن بچائڻ لاءِ قائد اعظم جي پيش ڪيل مسودي جو فائدو وٺي سنڌ لاءِ وقف علي الاولاد جهڙو مفيد قانون پاس ڪرايائين.
(3) سال 1907ع ۾ جڏهن آل انڊيا محمدن ايجوڪيشنل ڪانفرنس ڪراچيءَ ۾ ٿي تڏهن سنڌي مسلمانن جي تعليم لاءِ هڪ نهراءُ پيش ڪري پاس ڪرايائين ۽ فارسي کي نصاب ۾ داخل ڪرڻ جي رٿ جي تائيد خود وقار الملڪ صاحب ڪئي هئي.
(4) "مسلمان ۽ تعليم" نالي ڪتاب ڇاپرائي شايع ڪيائين.
(5) پنهنجي ڳوٺ ۾ انگريزي اسڪول برپا ڪيائين جو پوءِ وڏي هاءِ اسڪول ٿيو.
(6) بلبل مرحوم پهريون ملي جذبي وارو شخص هو، جنهن ترڪيءَ جي جنگ يا جنگ بلقان دوران هلال احمر جي تحريڪ کي سنڌ جي سرزمين تي آندو ۽ زور وٺايو. اٿني بيسنت جڏهن هندستانين کي مذهبي رنگ ۾ پنيلائي انگريزي حڪومت جي جاءِ ۾ اڻ سڌي طرح وڏيڪ مضبوط جڪڙڻ جو ڍونگ رچايو ۽ هوم رول جي تحريڪ جاري ڪئي، تڏهن بلبل مرحوم هوم رولي چال جي اصليت کي پروڙي ان جي خلاف زوردار تحرڪ هلايو ۽ مسلمانن کي خبردار ڪيو تہ هو هن جي پيچ ۾ نہ اچن.

اهڙي طرح مسلمانن لاءِ جدا قوميت جي صدا بلند ڪرڻ وارو پهريون مفڪر بلبل

مرحوم هو.

پنهنجي ڪتاب ”جام -جم“ جي صفحي 56 تي لکي ٿو: ”خدا ڪي دانهن آهي ته مسلمانن جي حال تي ڪو رحم ڪري! ان جو اهو مطلب نه آهي ته مسلمان اصل پوليٽيڪل ميدان تي نه اچن. ماٺ ڪري سمهي پون. نه نه. بيشڪ هو واسطو رکن ۽ شدمد سان حصو وٺن. مگر جداگانه پنهنجا قومي مذهبي ملڪي حق گهرن. غلامي ڪان آزادي جا پهه پچائين. اسان جي قوميت سيني ڪان متي هئڻ گهرجي.“

پاڪستان لاءِ گويا هيءَ پهرين صدا هئي. ان وقت جا مسلم ليڊر رڳو چند سٽارن ملڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيا هئا، تڏهن بلبل مرحوم جداگانه قوميت جو آواز بلند ڪيو.

غرض ته بلبل مرحوم جي سياسي تحرڪ جو نيڪ نتيجو هي نڪتو جو به نسبت بين قومن جي مسلمانن تي نه ائني بيسنت جو ٿيا سافيڪل رنگ چڙهيو ۽ نه مغربي فيشن يا ان جي پالتو نيچري جو اثر تي سگهيو ۽ نه مهاسيائي هوم رول چال ڪامياب ٿي. مسلمانن انگريزي تعليم ڪي ورتو، پر مغربي ذهنيت ڪان به خوب خبردار ٿي ويا ۽ ان جي وڪڙ ۾ نه آيا ۽ پنهنجون پراڻيون روايتون قائم رکي سگهيا.

بلبل پهريون شخص هو، جنهن پاڪستان جو عملي طرح پهريون قدم ڪنيو يعني تعليم يافته مسلمانن ڪي سنڌ ۾ تمام ندارد ڄاڻي هن ان اصول جي پرزور تائيد ڪئي ته پنجاب جا اعليٰ تعليم يافته مسلمان سنڌ ۾ آڻي هندن جي غلبي ڪي روڪجي ۽ صوبائي حدن ڪي اسلام ۽ اخوت خاطر ٽوڙي سنڌ ۽ پنجاب ڪي ملائي ڇڏيائين. سندس نيڪ ڪوششن جو نتيجو اهو نڪتو جو پنجابين جو اهو تعليم يافتو گروهه سنڌ ۾ آيو، جن سنڌ ۽ سنڌين جي خوب خدمت بجا آندي. انهن مان مولانا ضياءُالدين احمد صاحب، سيد محمد شاهه، طفيل احمد خان، نور نبي خان محمد اسماعيل خان، سيد الطاف حسين خان صاحب همدم ۽ ڊاڪٽر عبدالمجيد صاحب صديقي جهڙا ٻيا ڪيترا عمدا عملدار هئا.

بلبل مرحوم پنهنجي دوست حسن علي خان آفندي واري مرض ”ٻلي“ ۾ مبتلا ٿي تاريخ 13 سيپٽمبر 1919ع تي هن دارالفنا ڪان جدا ٿي ويو. تڏهن پويان لفظ جي سندس وات مان نڪتا سي، هي هئا. ”هندن جا بجڪا ڏار ڪيو ۽ مسلمانن جا بجڪا ڏار ڪيو.“ شايد پاڪستان جي هيءَ پيشنگوئي هئي.

*(10 اپريل 1951ع تي ريڊيو پاڪستان تان نشر ڪيل)*

# رئيس شمس الدين بلبل مرحوم

## پير علي محمد راشدي

سنڌ جي علم ادب يا لٽريچر تي دادو ضلعي جا وڏا احسان آهن. اهڙي موقعي تي جڏهن سنڌ جي نئين تاريخ پئي ٺهي، دادو ضلعي تي ماڻهو سنڌ کي ڏنا، جن مان هر هڪ پنهنجي لائين ۾ يگانو هو.

- صحافت ۽ لٽريچر ۾ رئيس شمس الدين بلبل (ميهڙ)
- ادب ۽ تاريخ ۾ علامه دائود پوٽو (ٽلٽي)
- فلسفه، تصوف ۽ متفرق علوم ۾ علامه آءِ.آءِ قاضي (پاٽ)

اهي ٽي ماڻهو اهي هئا، جن نئين سنڌ ۾ پنهنجي علمي ڪمالات سان ذهني انقلاب آندو ۽ ان انقلاب جي خود قيادت ڪيائون. هر هڪ جو ذڪر پنهنجيءَ جاءِ تي ايندو. هت فقط بلبل مرحوم بابت مان پنهنجا تاثرات پيش ڪريان ٿو.

مون مرحوم کي اکين سان ڪونه ڏٺو، پر جڏهن اک پٽيم ته اهو ڏٺم ته هن مڙس جو ساريءَ سنڌ مٿان ڌاڪو ويٺل هو. جوءِ ۾ بيا به گهٽائي لکيل پڙهيل ماڻهو هوندا هئا. پر بلبل جو مٽ ڪونه هو. صحافت جي بيلي ۾ انهن ڏينهن ۾ به شير ٻڌبا هئا: لاڙ ۾ محمد هاشم "مخلص" ۽ اتر ۾ شمس الدين "بلبل". ٻئي اخبار نويس هئا، ٻئي نظم ۽ نثر ۾ صاحب ڪمال هئا. فرق فقط هيءُ هو ته مخلص جي تحرير قدري اگري هوندي هئي ۽ بلبل جي تحرير سلوڻي. مخلص جو زور وقتي مسئلن تي هوندو هو. بلبل کي قوم جي مستقبل جو به خيال رهندو هو. تنهنڪري سندس فڪر جو انداز تعميري ۽ نظر ڏگهي هوندي هئي. هِجو ۽ مذاق ٻنهي جي تحرير جو خاصو هوندي هئي ۽ ماڻهو ٻنهي جي تحرير پڙهڻ لاءِ آتا هوندا هئا. البته هجو گوئي ۾ مخلص جي قلم جو گهوڙو ڪڏهن ڪڏهن ذاتيات ۽ شخصيات ۾ به ڪاهي پوندو هو ۽ برعڪس ان جي بلبل اڪبر الهه آباديءَ جي طرز ۾ عام حالات تي تنقيد ڪندو هو.

سندن دور جو وڏي ۾ وڏو مسئلو هيءُ هو ته انگريزن جي پيرن پختي ٿي وڃڻ ڪري هڪ وڏو انقلاب اچي چڪو هو، جنهن سبب سنڌ سان محبت جي تقاضا اها هئي ته ڪو اهڙو طريقو اختيار ڪجي جيئن سنڌ جي تهذيبي ورثي کي مغربيت جي اثر کان به آجو رکجي (جيئن سنڌيت جا قديمي رنگ نه ميسارجن) ۽ ساڳئي وقت نئين حالتن پٽاندڙ

زماني سازيءَ کان بہ ڪم وٺبو رهجي. انهيءَ اصول جي بنيادتي بلبل مرحوم هڪ طرف تہ سنڌ مدرسي جي پايي وجهندڙ مرحوم حسن علي آفنديءَ جي تعليمي تحريڪ سان وابستگي اختيار ڪئي ۽ ٻئي طرف پنهنجي تحرير ۽ ڪلام جي ذريعي نئين غير ملڪي تهذيب جون بڇڙايون بيان ڪندي سنڌين کي پنهنجن قديمي تهذيبي ليڪن لتاڙڻ ۽ اباڻي ريت وسارڻ کان بہ روڪيندو رهيو. اهو هڪ قسم جو وڏو تهذيبي جهاد هو، جنهن جو مقصد هو تہ نون تهذيبي ۽ تمدني طوفانن جي عين وچ ۾ سنڌ کي پنهنجي اصلي ۽ حقيقي محور تي قائم رکيو اچجي.

ان ۾ ڪو شڪ ڪونہ آهي تہ مون واري نسل جا ماڻهو گهٽ ۾ گهٽ حد تائين بلبل جي تحريرن کان متاثر رهيا، تنهنڪري مغربي تهذيب جي سيلاب ۾ ٻنهہ لڙهي وڃڻ کان بچي ويا. ثبوت هيءَ آهي تہ ان زماني ۾ اسان جي ماڻهن تي مغربي تهذيب جو ايترو اثر ڪونہ هو، جيترو آزاديءَ کان پوءِ اسان ڏسي رهيا آهيون. انهن ڏينهن ۾ نہ ايترين پتلونن نظر ايندي هئي نہ ايتري قدر بي پردگي ۽ نہ مغربي طرز زندگيءَ سان اهڙي وابستگي.

مرحوم ساري زندگي ٻين ڪمن سان گڏ اخبار نويسي بہ ڪندو رهيو. 1889ع کان 1919ع تائين (جنهن سال پاڻ وفات ڪيائين) ڪنهن نہ ڪنهن اخبار سان وابستہ رهي پنهنجي خيالات جي اشاعت ڪندو رهيو. سندس مضامين نجو لٽريچر هوندا هئا. اهڙي طرز نگارش ورلي وري ڪنهن سنڌيءَ جي حصي ۾ آئي. اخباري مضمونن کان سواءِ نظم توڙي نثر ۾ ڪيئي ڪتاب بہ لکي ڇڏيائين. مثلاً: (1) نيچرل ڪريما، (2) ديوان بلبل سنڌي، (3) بهار عشق، (4) رحيما، (5) تيرنهن چار، (6) مسلمان ۽ تعليم، (7) عقل ۽ تهذيب، (8) قرض جو مرض، (9) صد پند سود مند، (10) شمس المڪاتيب، (11) احسن التواريخ، (12)ديوان بلبل فارسي، (13) بهارستان بلبل، (14) آئينہ ظرافت، (15) گنج معرفت، (16) ديني ڪتابن جو سلسلو.

مطلب تہ بلبل سنڌ جو بلبل هو، سنڌي صحافت جو پايو وجهندڙ هو، سنڌي ٻوليءَ جو محسن هو، سنڌي تهذيب جو راکو هو. ڪو ڏينهن ايندو، جڏهن سڄل سنڌ ڪر پيچي اٿندي ۽ بلبل جي احسانن جو قرض ان صورت سان لاهيندي تہ ميهڙ جو بي معنيٰ ۽ ڪوجهو نالو مٽائي بلبل آباد يا بلبل ديرو رکندي.

# مرحوم شمس الدين بلبل
# جا ادبي اوليات

حافظ عبدالله بسمل تڪڙائي

مرحوم بلبل اهڙي زماني ۾ نشو و نما پاتي هئي، جنهن ۾ سنڌي شاعري، توڙي نثر نويسي، مطلب ته سمورو سنڌي علم و ادب پراڻي نموني جو هلندڙ هو. سنڌي نثر جو ڪنهن نامعلوم وقت کان وٺي مقفيٰ نمونو تي هليو پي آيو، جنهن کي به اچ ڪله نظم ليکيو وڃي ٿو، پر حقيقت ۾ نثر آهي جو ٻيو روپ وٺي سچي پچي مقفيٰ نموني ۾ ظاهر ٿيو، جنهن جو پڌرو مثال ڪتاب ”گل خندان“ مرحوم آخوند لطف الله جو جوڙيل ۽ مرحوم قاضي هدايت الله مشتاق جو ڪتاب ”هدايت الانشا“ ۽ ٻيون تصنيفون آهن. بلبل مرحوم پهريون ئي اديب آهي، جنهن موجوده سليس نثر نويسي جي طرز ايجاد ڪئي. در حقيقت مرحوم شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ صاحب به هن طرز ۾ مرحوم بلبل جو ئي مقلد آهي. البت ڪٿي ڪٿي مرحوم بلبل مقفيٰ عبارت ڏي به لاڙو ڪيو آهي. جهڙو قلندري ميلي جو ڪجهه پاڱو مقفيٰ آهي، پر سندس ايڊيٽري ۾ جيڪي اخبارون شايع ٿيون، انهن ۾ سندس پرزور، فصيح ۽ بليغ نثر نويسي جو بي اختيار داد ڏيڻو پوي ٿو. هن ڪانپوءِ سنڌ ۾ جيڪي به پرزور اخبار نويس ٿي گذريا آهن جهڙوڪ مسٽر عبدالوهاب ايڊيٽر مسافر يا مرحوم شيخ محمد سليمان يا مرحوم مخلص سي سڀيئي بلبل مرحوم جا مقلد ۽ خوشه چين آهن.

**ظريفاڻه شاعري:** هن ڳالهه کان هرگز انڪار ڪري نٿو سگهجي ته سنڌ ۾ ظريفاڻه شاعري جو پهريون پهريون موجد بلبل مرحوم آهي، هن جو مخترع دماغ قومي اصلاح بابت ڏاڍي جرئت ۽ طاقت سان عجيب عجيب مضمون پيدا ڪرڻ لڳو. مسلمانن ۾ هڪ طرف انگريزي تعليم جي برخلاف سخت نفرت پيدا ٿيل هئي ۽ ٻئي طرف يورپ وارن جي انڌي تقليد مسلمانن جي ثاني طبيعت ٿي چڪي هئي. بلبل مرحوم ٻنهي خرابين جي برخلاف زور شور سان قلمي جهاد شروع ڪيو، پر اهڙي ظريفاڻه رنگ ۾ وڙهيو جو سندس هر هڪ جملو يا هر هڪ مصرع دل ۾ جاءِ ڪري ٿي ويئي ۽ ڪنهن کي به ضد ۽ چڙ نٿي ٿي ان جو ٿورو تفصيل هن ريت معلوم ڪرڻ گهرجي.

1.شراب نوشيءَ خلاف بلبل مرحوم مسلمانن کي هن طرح ستيو:

پيارج کواچ بيئر وسڪي جو پيا
ڪريما بہ بخشائي بر حال ما

مسلمانن جي غفلت ۽ سستي جهڙي طرح کين دنيا ۾ بي وقار بنايو. اهڙي طرح دين کان بہ غافل رکيو ان بابت فرمائي ٿو:

نمازون نہ پڙهہ ساڻ مخرج ۽ مد
ڪزو ننگ دنيا و عقبيٰ بود
ملان هي جي موڙها ۽ سوڙها وتن
ڪہ دولت بہ طاعت توان يافتن
مگر قاعدو ڪرمنل بي گمان
ڪشايد در دولت جاودان

يورپ جي تقليد ۾ رڳجي مسلمان اسلامي احڪام کان بي پرواهي ڏيکاري رهيا هئا. انهن کي مخاطب ٿي چوي ٿو:

ڪتي پستڙي کي تون ڪج ڪور ڪور
نباشي ز گلزار فردوس دور
تون پيشاب پنهنجي کي هلندي ۾ هار
ڪہ جنت بود جائي پرهيزگار
پئين چو نہ تون شوق دل سان شراب
مڪن خانهئي زندگاني خراب

مغرب زده مسلمان بابت فرمائي ٿو:

ما مقيمان ڪ ڪوئي دلداريم
صورت بوز نہ بہ رفتاريم
اج تيون ڏينهن تيو جو انگلش کان
اوفتاده جداز گلزاريم
هاءِ هاءِ اي مس ولايت پاڪ
اي زبهر تو عالم نمناڪ

ڪريما نيچرل ۽ مامقيما نيچرل سجي انهيءَ ناصحانہ ۽ ظريفانہ رنگ سان پريل

آهي. ان جو مطالعو ڪبو تہ بلبل مرحوم جي خدا داد قابليت ۽ شاعرانہ قوت جو پورو ثبوت ملي سگھندو ۽ واضح ٿيندو تہ هن طرز ۾ سنڌ جا سيئي ظريف شاعر ويندي مخلص تائين بلبل مرحوم جا متبع ۽ خوشہ چين آهن.

تضمين: هن فن ۾ بلبل مرحوم پنهنجو مٽ پاڻ آهي. ڪوبہ ساڻس همدوش ٿي نہ ٿو سگھي. مثلاً:

وجي هڪ شاپ تي ويهي برانديءَ ڪي ڪيو هاها
الا يا ايها الساقي ادرڪلسا و ناولها
آهن ڪوڙا رڳا قاضي وتن تا برهمن تبليا
ڪجا دا نند حال ما سبڪساران سا حلها
وجهي وارن ۾ وانگوڙا هلي ٿي مس جڏهن بلبل
زتاب جعد مشڪينش چہ خون افتاد درد لها

.....          .....

سانجهي صبح جو چاڙهج پنگ جو پري پيالو
تابرتو عرض دارو احوال ملڪ دارا
پتڪو ڳچيءَ ۾ پاتل جي گھلبو ڏسين تون
اي شيخ پاڪدامن معذور دار مارا

.....          .....

گھرجي شائق ڪي هڪ پيالو شراب
الصبوح الصبوح يا احباب
هڪ پري چهره پڻ هجي همدم
المدام المدام يا احباب

ظريفانہ رنگ ۾ مرحوم بلبل جو سنڌي نثر خواهہ نظم ۾ ڪوئي ثاني نہ آهي، تيرهن چار مڪرن جا مار توڙي چمن قربان جان وغيره ظريفانہ رسالا ۽ اخبار آفتاب سنڌ سکر جا پرچا پڙهي ڏسو. ڪريما جو تضمين توڙي مامقيما جو تضمين اسان جي دعويٰ جو پڌرو ثبوت آهن.

زبان جي صفائي ۽ فصاحت ۽ بلاغت ۽ اداءِ مطلب ۾ بلبل مرحوم جو مٽ ڪو ورلي پيدا ٿيندو. البت ڪلام جي موزونيت جو گھڻو خيال نہ رکيو اٿس. جو ان وقت جي هر شاعر ۾ اها ڪمزوري نظر آئي ٿي. شاعري ۾ حقيقت جو نقشو ڪيڏي ڏيکارڻ ڪنهن فطرتي شاعر جو ڪم آهي. بلبل مرحوم جي اها نقش طرازي ڏسو هو نئين فيشن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دلداده ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي چال چلت جو نقشو ڪڍي ٿو.

جينٽلمين مسين جا جوڙا، ڇيلهه ۾ پاڪر ڏوڙا سوڙا
نچ وي باندر نچ وي باندر، تاڪِ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا
ڪرڪيٽ بال ۾ مرد زنانا، ڊوڙن ڊڪن تال ترانا
هري هري ها ها هر هر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا
ڇمڇا ڪانٽا ڪٽ پٽ ڪڙ ڪڙ، چيمبر ۾ چيئرس جي تڙ تڙ
شاش ڪرڻ ۾ بينڊ شر شر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا

هي پوئين مصرع اهڙي روان ۽ فصيح آهي جنهن تان ڪيترن مزاحيه شاعرن جو ڪلام گهوري ڇڏجي.

انصاف شيوه اينست ڪه بالائي طامت ست

ظرافتي نثر نويسي جي ايجاد به سنڌ ۾ پهريائين بلبل مرحوم ڪئي پر ان ۾ سندس خاص قابليت هي آهي جو مخاطب ڪڏهن به پاڻ ڏي محسوس نه ڪندو بلڪ ڪلي ڏيندو ۽ سمجهندو ته مخاطب ڪو ٻيو آهي.

# سنڌ جو قابل فخر فرزند
# شمس الدين بلبل رحمة الله عليه

**ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم صاحب خليل**
(آل سنڌ ادبي ڪانفرنس ميھڙ جي موقع تي پڙهيل مقالو)

*داستان عهد گل بشنواز مرغ چمن زاعما آشفته که گفتند اين افسانه را*

هيءَ سنڌ جو مايا ناز اديب ۽ قابل فخر شاعر ۽ عالي دماغ اخبار نويس سال 1857ع ۾ تولد ٿيو. ابتدائي عمر ۾ قومي رواج موجب، اسڪولي سنڌي ۽ فارسي تعليم حاصل ڪيائين. هن کي قدرت اهڙي ذهني قوت عطا ڪئي هئي، جو اها مروج ۽ معمولي تعليم سندس ڪامياب مستقبل جو پيش خيمو ثابت ٿي. جڏهن سال 1872ع ۾ اسڪول کان ٻاهر نڪتو، تڏهن سندس شاعرانه طاقت از خود ظاهر ٿيڻ لڳي. اگرچه ننڍي هوندي به وڏن وڏن شاعرن سان مشاعرا ڪندو هو، جن سندس طبيعت جي رواني ۽ شعر جي بي ساختگي کي ڏسي سمجهي ورتو هو ته هي اسڪول جو شاگرد آئينده هڪ زبردست شاعر ۽ قابل سخن دان ثابت ٿيندو ۽ واقعي ٿيو به ائين. اڄ بلبل مرحوم جي ڪلام کي ڏسي مٺو ٿو پوي ته بيشڪ ان وقت جي قابلن جو چوڻ سچ ثابت ٿيو. بلبل مرحوم کان اڳ به سنڌي شاعري هلندي هئي ۽ هن کان پوءِ به هلي رهي آهي، پر جيڪڏهن قديم ۽ جديد شاعريءَ ۽ بلبل مرحوم جي سخن سازي تي غائر نظر ڪبي ته پڌري طرح معلوم ٿيندو ته هن کان اڳي جي شاعري بي لطف، ڦڪي ۽ سنئين سڌي سنڌيءَ ۾ لکيل هئي.

جهڙوڪ گل محمد هالائي، فاضل شاهه ۽ محمد قاسم حيدرآبادي جي. بلبل سليس سنڌي ته لکي مگر ان جي شعرن جي بيساختگي شاعري کي پرلطف ڪيو ۽ ان جي شعرن ۾ هڪ جداگانه مزو اچڻ لڳو. پيو هي به معلوم ٿيندو ته بلبل جي طبع روان ۽ موجد دماغ، شاعري جي فن ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون ايجادون ڪيون ۽ اصناف سخن ۾ هن جا اوليات ڪهڙا ڪهڙا آهن ۽ هن شاعريءَ کي ملڪ لاءِ ڪيتري قدر ڪارائتو ثابت ڪيو؟ ان سان گڏ هي به ڏسڻو ۽ جاچڻو آهي ته ملڪي معاشرت جو بلبل جي ڪلام تي ڪهڙو اثر پيو ۽ خود بلبل جي ڪلام ملڪ تي ڪهڙو اثر وڌو؟

هي پويان ۽ سوال بلڪل دقيق ۽ باريڪ آهن، جن جي حل ڪرڻ ۽ جواب ڏيڻ لاءِ بلبل جي هر قسم جي شعر ڪي چڱي نموني غور ۽ خوض سان جاچڻي وري ان وقت جي ملڪ جي معاشرتي، تمدني ۽ اخلاقي تاريخ بہ جاچبي تڏهن مس مس اهو نڪتو وڃي معلوم ڪري سگهبو.

بلبل جي ولادت انهيءَ پر آشوب زماني ۾ ٿي جنهن ڪي غدر جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. جنهن ۾ مسلمانن جو سڀ ڪجهہ تباهہ ٿي ويو. ايتري قدر جو سندن ذهني ۽ دماغي طاقت بہ ناس ٿي وئي. ساڳيو حال سنڌ جو بہ هو. 1843ع ۾ ٽالپرن جو خاندان تاراج ٿي ويو. هي سڀ ڪجهہ ٿيو پر فارسي علم ڪجهہ اهڙو سخن جان ثابت ٿيو جو ايترن لوڏن ايندي بہ سلامت بچي ويو.

سنڌ ۾ ڪيترائي مشهور عالم ۽ فاصل جيئرا هئا، ڪيترا هندو قابل، ٽالپرن جي عهد حڪومت ۾ عدالتي، مالي ۽ تعليمي ڪاتي جا معزز منصبدار هئا جن جي سرڪاري لکپڙهہ فارسي زبان ۾ هوندي هئي. مگر انهن زماني جي حالتن ڪي تاڙي يڪدم انگريزي زبان سکي ورتي. مسلمانن جي دماغ تي فارسي جو اثر ايتري قدر وينل هو، جو انگريزي تعليم ڏي راغب تہ نہ ٿيا پر مرڳو ڪفر سمجهڻ لڳا. مگر مرحوم خان بهادر حسن علي آفندي خان اهو پهريون شخص هو، جنهن پوري استقلال ۽ راسخ عزم سان مسلمانن ڪي تعليم جي رغبت ڏياري ۽ سنڌ مدرسة الاسلام جو بنياد وڌو.

مسلمانن ڪي وڌيڪ فائدي پهچائڻ جي خيال سان ان هڪ اخبار "معاون سنڌ" جي نالي سان سنڌ محمدن ايسوسيئيشن جي سهاري هيٺ جاري ڪرائي، جنهنجو پهريون ايڊيٽر بلبل مرحوم ٿيو. اسان ڪي اهو حوالو قاضي عبدالرزاق جي "علمي دنيا" 1930ع جي اپريل واري پرچي مان ملي ٿو. بلبل مرحوم اخبار جي ايڊيٽري جو قلمدان سنڀاليندي ئي انشا پردازي جي فن جون اهي قابليتون ۽ فصاحت وَ بلاغت جا اهي جوهر ڏيکاريا جن تي سنڌ جا قابل اديب حيران ٿي ويا. آفندي جي جان توڙ ڪوشش جي ڪري مسلمان انگريزي پڙهڻ تہ لڳا پر مصيبت هي ٿي جو مسلمان يا تہ انگريزيءَ کان پڳا پئي يا انگريزي تعليم جي اثر کان انگريزي فيشن جي نقالي جي دام ۾ ڦاسي اسلام کان بلڪل غافل ٿيڻ لڳا. ملڪ جي انهيءَ حالت بلبل ڪي پاڻ ڏانهن متوجهہ ڪيو ۽ هن مسلمانن جي اصلاح ڏي ڌيان ڏنو. مرحوم بلبل اهڙي زماني ۾ نشو نما پاتي هئي جنهن ۾ سنڌي شاعري توڙي نثر نويسي مطلب تہ سمورو سنڌي علم وادب پراڻي نموني جو هلندڙ هو. سنڌي نثر جو ڪنهن نامعلوم وقت کان وٺي مقفيٰ نمونو هليو پي آيو. جنهن ڪي اڄ ڪلهہ نظر ڪري لکيو وڃي ٿو پر حقيقت ۾ نثر آهي جو بيو روپ وٺي، مقفيٰ نموني ۾ ظاهر ٿيو. جيئن تہ ابو الحسن جي سنڌي يا مخدوم محمد هاشم ٺٽوي عليہ

الرحمت جا جوڙيل ڪتاب، جن جي عبارت جي هر هڪ سٽ ۾ الف يا نون زائد وجهي ان ڪي مقفيٰ بنايو ويو آهي. انهيءَ نموني جي نثر جا پڌرا مثال ڪتاب ”گل خندان“ مرحوم آخوند لطف الله حيدرآبادي جو جوڙيل يا مرحوم قاضي هدايت الله مشتاق جو ڪتاب ”هدايت الانشا“ ۽ ٻيون تصنيفون آهن. نثر مقفيٰ جي اها سڌريل صورت اگرچه نهايت دلچسپ ۽ بامذاق هئي پر اخبار نويسي لاءِ ڪارائتي نه هئي، ڇاڪاڻ ته اخبار لاءِ مضمون لکندڙ کي قافين جي تلاش ۾ عبارت کي موزون بنائڻ لاءِ درد سري ڪرڻي ٿي پئي. جنهن لاءِ سنڌ ۾ بلبل ئي پهريون اديب آهي، جنهن انهيءَ درد سري کي دفع ڪيو ۽ موجوده سليس نثر نويسي جي طرز ايجاد ڪئي.

حقيقت ۾ مرحوم شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ صاحب به هن طرز ۾ مرحوم بلبل جو ئي مقلد آهي. البته ڪٿي ڪٿي مرحوم بلبل مقفيٰ عبارت جي طرف به لاڙو ڪيو آهي جو ان وقت جو دستور هو. جهڙوڪ قلندري ميلي جو ڳچ ڀاڱو مقفىٰ آهي پر سندس ايڊيٽري ۾ جيڪي اخبارون شايع ٿيون. انهن ۾ سندس پرزور، فصيح ۽ بليغ نثر نويسي نمايان آهي. هن ڪانپوءِ سنڌ ۾ جيڪي به پرزور اخبار نويس ٿي گذريا آهن جهڙوڪ مسٽر عبدالوهاب ايڊيٽر ”مسافر“ يا مرحوم شيخ محمد سليمان يا مرحوم مخلص سي سيئي بلبل مرحوم جا مقلد ۽ خوشه چين آهن. سال 1890ع ۾ سکر مان اخبار ”آفتاب سنڌ“ شايع ٿي جنهن جو ايڊيٽر به بلبل مرحوم مقرر ٿيو. آفتاب سنڌ جا اهي پرچا ڏسي هر ڪو بلبل جي زور قلم جو اندازو ڪري سگهندو. اهڙي طرح ”الحق اخبار“ جي ايڊيٽري به گهڻو وقت سندس هٿ ۾ هئي ۽ ان جا پرچا به ثابت ڪندا ته بلبل جي انشا پردازي ڪهڙو رتبو رکي ٿي.

استاذي مرحوم حڪيم فتح محمد صاحب ”حڪيم“ فرمائين ٿا:

شمس دین بلبل جو ہے شیرین مقال-سندھ میں شاعر ہے عالی مرتبہ
ہے ایڈیٹر آفتابِ سندھ کا- جلوہ گر جسکا سخن ہے ہمچومہ
پرچۂ الحق ہوا ہے اور بھی- حضرت بلبل کے اب زیرنگہ
کہدو یوں سالِ تقرر اے صغیر- روشن الحق آفتاب دین سے وہ

**بلبل جا ايجادات:** بلبل جي ايجادات جي ڏگهي فهرست ۾ پهريون نمبر سندس ظرافت آهي جا نه رڳو نثر تائين محدود آهي بلڪ نظم کي به عجيب رنگ سان رنگين ڪيو اٿس. ظرافت جو اهو رنگ سنڌ ۾ صرف بلبل جي ايجاد ڪيل ۽ ان تي ئي ختم ٿيل آهي. سنڌ جي اديبن مان ڪو به بزرگ ظريفانه طرز ۾ بلبل جو همدوش ٿي نه سگهي. بلبل جي ظرافت مذهبي ۽ معاشرتي توڙي تمدني مضمونن ۾ اصلاحي رنگ رکي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو ظرافت جو رنگ بلبل جي خاص ايجاد. خاص حصو ۽ سندس خاص طبع زاد هئي ۽ متس ئي ختم ٿي. الا ماشاءَ الله "اخباري دنيا کان جدا ٻين مضمونن ۾ بلبل جي ظرافت جو رنگ "تيرنهن چار مڪرن جا مار" جنهن ۾ پيرن فقيرن، پوليس عملدارن وغيره جي چار جو ظريفانه رنگ ۾ صحيح بيان ڪيو اٿس.

**بلبل جي شاعري:** بلبل جي شاعري ٽن قسمن جي آهي. 1. ظريفانه، 2. اصلاحي، 3. عشقيه. بلبل جي شاعري جو اصلي جوهر هن جو ظريفانه ڪلام آهي. هن ڳالهه کان هرگز انڪار ڪري نٿو سگهجي ته سنڌ ۾ ظريفانه شاعري جو پهريون پهريون موجد بلبل مرحوم آهي، هن جو مخترع دماغ قومي اصلاح بابت ڏاڍي جرئت ۽ طاقت سان عجيب عجيب مضمون پيدا ڪرڻ لڳو. مسلمانن ۾ هڪ طرف انگريزي تعليم جي برخلاف سخت نفرت پيدا ٿيل هئي ۽ ٻئي طرف يورپ وارن جي انڌي تقليد مسلمانن جي ثاني طبيعت ٿي چڪي هئي. بلبل مرحوم ٻنهي خرابين جي برخلاف زور شور سان قلمي جهاد شروع ڪيو پر اهڙي ظريفانه رنگ ۾ وڙهيو جو سندس هر هڪ جملو يا هر هڪ مصرع دل ۾ جاءِ ڪري ٿي ويئي ۽ ڪنهن کي به ضد ۽ چڙ نٿي ٿي، باوجود ذاتي رنجش جي بلبل مرحوم ڪڏهن به پنهنجي ڪلام ۾ ڪنهن ماڻهوءَ ڏانهن اشارو ڪونه ڪيو يا ان جي هجو لکي. برخلاف ان جي سنڌ ۾ ڪي اهڙا شاعر ٿي گذريا آهن، جن ذاتي بغض ۽ عناد جي عوض فحش ڪلامي کان ورتو جنهن کي هروڀرو ظرافت جو نالو ڏنو ويو نه ته ظرافت جي علمي معيار نهايت بلند آهي. اهڙي قسم جو ڪلام هجو گوئي آهي نه ظرافت. هندو قوم انگريزي تعليم حاصل ڪري ڏاڍو فائدو وني وئي ۽ مسلمان قوم پٺتي رهجي ويئي ڇاڪاڻ ته مسلمان انگريزي پڙهڻ کان نفرت ڪرڻ لڳا. علماءِ سڳورن مسلمانن جي دلين تي اهو اثر پختو ويهاريو ته انگريزي پڙهڻ نصارو ٿيڻ آهي. انهيءَ ڳالهه کي سمجهي بلبل مرحوم انگريزي علم پڙهڻ لاءِ قوم کي متوجهه ڪيو ۽ ان جا فائدا نروار ڪيا ۽ مذهبي جماعت جي اجائي مخالفت کان تنگ ٿي چوڻ لڳو جيتوڻيڪ انداز مزاحيه آهي پر حقيقت کان خالي نه آهي:

| | |
|---|---|
| "ملن واعظن ڏي وڃڻ ڪيم وار، | مڪن صحبتِ جاهلان اختيار" |
| "آهن ڪوڙا رڳا قاضي وتن ٿا برهمن بتليا، | اجايو بحث تن سان انگريزي دان ڪيو چو ٿا" |
| "ملان هي جي موڙها ۽ سوڙها وتن، | ڪه دولت بطاعت توان يافتن" |
| "تئي ڪنهن جي چوڻ سان ڪين ٿو بنيڪ پوءِ قاضي، | پلي ڪوئين ڪاوڙ مون رڳو ڪافر ته چا ٿي پيو" |

يعني قاضي جي چوڻ تي بجڙو چگو نه ٿيندو. ان جي خبر ته الله تعاليٰ کي آهي. پوءِ انهن جي ڪافر ڪوٺڻ تي نه لڳ، چو ته ايمان خدا تعاليٰ جي وس ۾ آهي، مولوين جي

اختيار ۾ نہ آهي. ڏسو متين بيتن ۾ ملن جي مخالفت، ڪئي وئي آهي جو هو انگريزي علم سکڻ ۾ رڪاوت وجهي رهيا هئا.

انگريزي زبان سکڻ جي فائدي ۾:

”جي پائنين تہ موليٰ ٿئي مهربان، تہ سک علم تون انگريزي زبان“
”جي سنڌي ۽ عربي پڙهيئي فارسي، تہ سڌبين وڌو سست ۽ آرسي“
پٽيوال پي ڪين توکي پڇن، ڪلارڪ تہ جاهل ۽ احمق سڏن
جي عزت جهان جي رکو تند تش، پڙهو انگلش انگلش انگلش
اهو علم توکي ڪري عهده دار، ڪليڪٽر ۽ ڊپٽي ۽ مختيارڪار
سنڌي جي پڙهڻ مان نہ ميڙيندين زر، چرامي ڪشي بار محنت چخر
سکي ڪر قلم ياد قانون وار، ڪہ حاصل ڪني دولت پائدار

اگرچہ اهڙا نظم مذاقيہ هئا پر اثر کان خالي نہ هئا. مسلمانن ۾ چڱو پرچار ٿيو ۽ سمجهہ وارن سمجهي ورتو ۽ انگريزي ڏي راغب ٿيا. بلبل مرحوم مسلمان لاءِ انگريزي تعليم لازمي ڄاڻي تو مگر اهو نٿو گهري تہ مسلمان اسلامي ۽ مشرقي معاشرت کي ڇڏي نج يورپي ٿي وڃن. تنهنڪري جتي انهن ۾ غير قومن جون نازيبا عادتون ڏسي تو تتي انهن تي ٽوڪ ۽ طنز ڪري ٿو:

شريعت جو شيوو ڏنو سون ڇڏي، وڌو سون گناهن ۾ غفلت گڏي
لباس نفيسن جي ٿي تنڊ ٿاڻ، مڪانن جي زينت سنڌي زيت زاڻ
گلا بند ڪالر لڪڻ هاف بوٽ، گهڙي ڪوٽ پتلون چشما چروٽ
قميصون ڪفن دار جا ڪٽ جراب، سليپر سپاٽا سبائڻ ثواب
ڏنگي سينڌ، نڍيڙا ڇَتا، مڇ دراز، توال ۽ ڪنگي برش صابڻ جو ساز
صفا سر تہ ڏاڙهي چپڙ چٽ قلم، زبان تي بہ گِٽ مِٽ رهي دم بہ دم
گلي ۾ هجي نيڪٽائي سياه، نہ پرشن ۽ ترڪش ڪرسچن ڪلاه
سجو ڏينهن سيٽي صبح شام واڪ، هجي هٿ ۾ هنٽر تہ تم تم تڙاڪ
رکڻ هڪڙو بلڊاگ آهي ضرور، نہ تان ٿيندو وڏ ماٺيپي ۾ قصور
نصارن جو گانو نصارا لباس، ڪيٽ ميز ڪرسي بتي ۽ گلاس

ڏسو تہ ڪيئن نہ يورپ جي انڌي تقليد جو نقشو چٽيو اٿس، پوري پوري منظر نگاري آهي مگر ظريفانہ رنگ ۾. انگريزي فيشن جا نقال ۽ انهن جي فعل تي خندو ڏسو:

صفائي سرڪي ڏئي پتلون پاتيم. بحمد الله نڪو ڪر دارم امشب
وجي هڪ ڪلب ۾ ڪاني تي وينس، ڪ سرپوش از طبق برادرم امشب
چيو هڪ ميم مون کي مي ڊير سر، رسيده طالع بيدارم امشب
چيم ان کي تہ اي جانا جلدي، زڪواتِ حسن ده حقدار امشب

اوباش ۽ شرابين تي خندو:

"پيارج ڪواج بيروسڪي جوپا، ڪريما بہ بخشائي برحال ما"
"پئين چو نہ تون شوق دل سان شراب، مڪن خانئہ زندگاني خراب"

يا جن، ڪنهن ميم جي دام ۾ ڦاسي پنهنجي متي پليد ڪرائي تن تي خندو:

"هَي هَي مِسين اسان کي بہ مستر بنايو آه، صد شڪر جو اڳي کان بہ بهتر بنايو آه"
"باجو وڄائي ناچ جو ڪن تيون نشاط ۾، صاحب کي ڏس بغل ۾ چا باندر بنايو آه"
"غافل وڃي ولايت لنئو ليدي ساڻ لائج، سئو قرب مان ڪرسچن وڃي چرچ ۾ چوائج"

اگرچہ بلبل مسلمانن کي انگريزي تعليم ڏي راغب ڪرڻ ۾ چڱو زور لڳايو پر تڏهن بہ دينيات کان غافل نہ آهي. عربي علم کي ضروري بلڪ فرض تو ڄاڻي، اها سندس روشن خيالي جي ثابتي آهي:

"نہ عربي علم نافق نا اصول، نہ تي معرفت يا حقيقت حصول،
پڑهياسين نہ چا سپ اجايا اڪر لچائي نڳي ڪوڑ فريب و مڪر"

بلبل پنهنجي زور قلم سان اخبار معاون سنڌيا آفتاب سنڌيا الحق ۾ مسلمانن جي تعليمي، اخلاقي ديني ۽ مذهبي غلطين ۽ غفلتن جي پوري پوري اصلاح ڪئي يعني هن جي شاعري اصلاحي پهلو وٺيو بيني هئي. ڏسو:

"رلايو تہ شادين غمين جي رسوم، ڪٺي قرض ڏوڙيو ڪجي ڏام ڏوم
سوين ناچ نخرا لکين رنگ راڳ، پلاءِ پوڙ جا ڪوڑ لنگهن جا لاڳ
خوشامد تي ڪوڙيو سمورو متو، تڏهن پيي ڳِلا جو نہ گهانگهو لتو
جي ڏوڪڙ ڪتا سي نہ هڙ هنج تيا، پلئي گنج هڪڙي نہ بيا رنج تيا
بها تي گناهن کي تا ملهه وٺون، جهڳوچٽ تہ پيي ڪين منجون هَٿون"

يعني پئسا ڏيئي ڏوهہ خريد ڪيوسون، جهڳوچٽ ڪيوسون تہ بہ هٿ کي نٿا چڏيون. محاورن ۾ اها بلاغت ڏسو.

بلبل جي اها اصلاحي نغمہ نوازي بيڪار ڪانہ وئي. هن قوم ڪي متوجهہ ڪيو ۽ قوم هوشيار ٿي.

بلبل جي مذاق جو انداز نظم توڙي نثر ۾ اصلاح کان خالي ڪونهي، خاص ڪري نظم ۾ هن ڪي قوم جي اصلاح مد نظر رهي ٿي. سعدي عليہ الرحمت جي ڪتاب ڪريما جي طرز تي، رحيما نالي ڪتاب سندس تصنيف موجود آهي جنهن ۾ نصيحت جا موضوع اهي رکيا اٿس جيڪي ڪريما جا آهن. انهي ڪتاب جو هر هڪ موضوع بظاهر مذاق نظر تو اچي پر غور ڪبو تہ اصلاح جي خيال کان خالي نہ آهي. ڪريما نيچرل ۽ مامقيما نيچرل بہ ناصحانہ ۽ ظريفانہ رنگ سان پريل آهن. ان جو مطالعو ڪبو تہ بلبل مرحوم جي خدا داد قابليت ۽ شاعرانہ قوت جو پورو پورو ثبوت ملي سگهندو ۽ واضح ٿيندو تہ هن طرز ۾ سنڌ جا سيئي ظريف شاعر، بلبل مرحوم جا متتبع ۽ خوشہ چين آهن.

**عشقيہ شاعري:** بلبل جي عشقيہ شاعري ساڳي پراڻي نموني جي جنهن ۾ رواني، پختہ ڪلامي ۽ روز مره جي صفائي جو پورو پورو سرمايو موجود آهي مگر تلاش ڪندڙ اکيون جن تي تعصب جون پٽيون چڙهيل نہ هجن:

”عبادت ڪرڻ آهي افضل مگر، بنا عشق انسان آهي عبث“

ڏسو عبادت جي مقابلي ۾ عشق آڻي ان ڪي ترجيح ڏئي، هتي عبادت جو فلسفو جيڪڏهن پڙهبو تہ مجٽو پوندو تہ عشق کانسواءِ عبادت جسم بي جان آهي. عشق جي معنیٰ آهي پيار ۽ محبت، عبادت نماز، روزو وغيره سڀ ظاهر نمائش جو نالو نہ آهي بلڪ الله تعاليٰ جي محبت ۽ ان جو خوف رکي دل کي جمع ڪري سيئي خطرا ۽ وسوسا لاهي نماز پڙهڻ سچي عبادت آهي. هيءُ بحث وڏو آهي، بلبل اهو ڊگهو مضمون فقط هڪ مصرع ۾ سمايو آهي.

بلبل جي بلاغت جو هي مثال ڏسو، قاعدو آهي تہ جڏهن انسان کي تڪليف پهچي ٿي تہ هو آسمان جي گلا ڪندو آهي، فارسي ادب ۾ تہ آسمان کي ڏوراپن جي تيرن سان چلي چڏيو اٿن. بلبل اهو مضمون دلآويزي سان بيان ڪري آسمان کي بري الالزام بنائي ٿو:

”عُسرت تي رسي عشق کان، ايذاءُ ۾ رهي اُپ،
سو طرح سخندان جا، طعنا تو سهي اُپ“

يعني عاشق کي ڏک عشق کان پهتو ۽ طعنا ڏئي تو اپ کي. اونڌو عقل اهو آهي نہ

”ڪهڙي آءُ بينوا بها ڪريان، آهي قربان زلف تان ڪونين“

حافظ شيرازي تہ هڪڙي تِر تان سمرقند ۽ بخارا گهوريا پر بلبل ان کان بدرجها وڌي ويو آهي.

بلبل مرحوم جي شاعريءَ تي جيڪي ڪي چيو يا لکيو اٿم سو فقط مشتي نمونہ از خرواري آهي.جيڪڏهن گهران ها تہ گهڻوئي ڪجهہ لکي سگهان ها مگر مضمون طويل ٿي پوي ها پر ايتري چوڻ ڪان رهي نٿو سگهان تہ مون کي ڪن اديبن جو سخت افسوس آهي، جي بلبل مرحوم جي شاعري تي بنا سوچ ۽ ويچار جي اعتراض وٺي رهيا آهن ايترو چوندس.

سخن شناس نہ اي دلبرا خطا اينجاست

مون کي پڪ آهي تہ جنهن زاويہ نظر سان مون بلبل جو ڪلام ۾ نثر ۽ نظم مطالع ڪيو آهي جيڪڏهن هو بہ ڪن ها تہ شايد انهن کي مون وانگر پنهنجو رايو متاثٿو پوي ها. هن جي طبيعت جي رواني، شعرن جي بيساختگي، پختہ ڪلامي ۽ روز مره جي استعمال کي ڏسي هن جي شاعرانہ حيثيت کي ميڄڻو ٿو پوي.

هن جا ادبي اوليات جهڙوڪ ظرافت ۽ طنز، ان سان گڏ اصلاحي پهلو، مقفيٰ عبارت کي چڱي سليس سنڌي لکڻ مجبور ڪن ٿا تہ اسين هن جي قابليت مڃون.شعرن جي تضمين جي خوبي، شعرن ۾ تشبيهہ، استعاري، ڪنايہ ۽ صنعتن جي استعمالي اسان کي ٻڌائي رهي آهي تہ جيتوڻيڪ پراڻي طرز جو مقلد آهي مگر ڪهنہ مشق شاعر آهي. بلبل سنڌ جي قديم ۽ جديد شاعري جي وچ جي هڪ ڪڙي آهي.جيڪڏهن گل محمد هالائي، فاضل شاهہ ۽ محمد قاسم حيدرآبادي جي ڪلام ۽ هن جي ڪلام کي جاچي ڏسبو تہ پهرين ڳالهہ، جا محسوس ٿيندي، سا آهي انهن جي ڪلام جي سادگي ۽ رواجي سنڌي، جا بلڪل ڦڪي پيئي معلوم ٿئي مگر بلبل جو ڪلام پختو، ان جي بندش ۾ چستي ۽ لفظن ۾ تيزي ۽ شوخي نظر ايندي.

*(آل سنڌ ادبي ڪانفرنس ميهڙ جي موقعي تي پڙهيل مقالي مان ورتل)*

# شمس الدين بلبل

## مرزا اجمل بيگ صاحب

(يوم بلبل جي موقعي لاءِ سندس لکيل صدارتي تقرير)

(تاريخ 18 مئي 1963ع)

السلام عليڪم!

حضرات! آءٌ ”محفل احسن ادب دادو“ جي جملي ڪارڪنن جو خصوصاً ۽ انهن علم دوست ۽ ادبي سوزش رکندڙ صاحبن جو عموماًشڪريو ادا ٿو ڪريان، جن مون جهڙي هيچمدان ۽ ڪزمز زبان، عزلت گزين ۽ گوشہ نشين جي عزت افزائي ۽ قدرداني فرمائي، بازن ڪان چڪي آٽي هن ميدان ۾ بيهاريو ۽ اوهان جهڙن بزرگ، اديبن، شاعرن ۽ سنڌي علم و ادب سان دلي محبت رکندڙ اصحابن سان مخاطب ٿيڻ جو موقعو عطا فرمايو نہ فقط ايترو پر سنڌ جي مشهور ۽ معروف شاعر ۽ اديب، صحافي ۽ مقرر، شاعرِ انقلاب جناب رئيس شمس الدين صاحب بلبل مرحوم و مغفور جن جهڙي زبردست شخصيت جي يادگار هن منعقد ڪيل محفل جي صدارت جو شرف پڻ مون حقير کي بخشيو، حالانڪ خود اوهان صاحبن جي ئي هن شهر ۾ جو قديم وقت کان علم و ادب ۽ ثقافت جو مرڪز رهندو پئي آيو آهي، الحمدلله اهڙيون بزرگ ۽ برگزيده هستيون موجود آهن، جي هھڙين ادبي محفلن جي صدارت جي اهم فرائض ۽ جوابدارين کان نهايت ڪاميابيءَ سان عهده برآ ٿي سگهن ها ۽ بهر صورت اهي صدارت جي ڪرسيءَ لاءِ وڌيڪ لائق ۽ موزون آهن.

بهرحال - اَلاَمر فَوق الاَدَب جي مصداق انهن بزرگن جي ارشاد عاليءَ جي آڏو مون کي سرِ تسليم خم ڪرڻو پيو.

حضرات! مون کي ايترو وقت نہ ڏنو ويو جيئن آءٌ هن موقعي تي اوهان صاحبن جي اڳيان مڪمل طرح، خصوصاً پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ، سنڌي ادب جي مختلف شعبن ۾ ترقي جي رفتار ۽ انهيءَ عرصي ۾ جيڪي نوان اديب ۽ نوان شاعر، نوان صحافي ۽ نوان نقاد سنڌ ۾ پيدا ٿيا آهن، انهن جي تخليقن جو جائزو پيش ڪري سگهان هان. سنڌ جي موجوده اخبارن ۽ رسالن، نون شاعرن ۽ اديبن، ريڊيو پاڪستان جي سنڌي سيڪشن،نون سنڌي درسي ڪتابن، اسڪولن ۽ ڪاليجن، اولهہ پاڪستان جي تعليم

ڪاتي ۽ ٻين ڪن ادبي ادارن جي ذريعي، جنهن نموني ۽ جنهن طريقي سان، مثالن ۽ دليلن سميت اوهان جي آڏو پيش ڪري سگهان ۽ اوهان کي هوند واضح لفظن ۾ ٻڌايان ته اسان کي ائين وسهڻ جو هر ڪو حق ٿو پهچي ته ڪا نه ڪا ڳجهي ۽ ڏاري طاقت، سنڌي زبان کي نتيجتاً سنڌي قوم کي ختم ڪرڻ جي در پئي آهي.

موجوده وقت ۾ ڪن ناعاقبت انديش نوجوانن جي طرفان، جيڪو سنڌي علم و ادب جي ميدان ۾ بدتميزيءَ جو طوفان اٿاريو ويو آهي، سو جيڪڏهن انهيءَ ئي رفتار سان جاري رهڻ ڏنو ويو ته يقين ڄاڻو، اسان جي سنڌي زبان جي سر سبز ۽ گهاٽي درخت جون پاڙون، جيڪي اسان جي وڏڙن پنهنجين نيڪ ۽ اڻ ٿڪ ڪوشش سان پاتال ۾ ڪوڙي ڇڏيون آهن، انهن کي لوڏي لوڏي نيٺ اکوڙي ڪيندا.

مون کي هاڻي ڪجهه انهن صاحبن جي باري ۾ چوڻو آهي جن کي الله پاڪ موزون طبع نه بخشيو پر هو ذوڪو ڪاٿي، پاڻ تي هڪ عدد تخلص رکي، پاڻکي شاعر سمجهڻ لڳن ٿا. هنن ويچارن کي اهو سماءُ ئي ڪونه ٿو پوي ته هر ڪو شاعر، موزون طبع ٿئي ٿو پر هر ڪو موزون طبع ماڻهو شاعر بڻجي نٿو ٿي سگهي. اسان جي سنڌ ۾ اهڙا به ڪيئي ماڻهو موجود آهن جن کي الله پاڪ، شعر شاعريءَ جي لاءِ پيدا نه ڪيو آهي، پر ڪين قدرت ڪان موزون طبع بخشي ويئي آهي، انهيءَ لاءِ ته جيڪي سچ پچ شاعر خلقيا ويا آهن، انهن جي شعر جو اثر، انهن موزون طبع رکندڙ ماڻهن تي پئجي سگهي ۽ شاعري جي شعر جا مصائب ۽ محاسن آسانيءَ سان پرکي سگهن.

جڏهن اهڙا موزون طبع ماڻهو، هڪ عدد تخلص پاڻ تي رکي تڪبندي ڪن ٿا تڏهن عوام جي لاءِ شاعر ۽ متشاعر کي سڃاڻڻ هڪ ناممڪن ڳالهه ٿيو پوي.

حقيقت ۾ اها طبع جي موزوني، هڪ اهڙو زبردست فريب آهي جنهن جي وڪڙ کان ڪوبه بو الهوس آزاد ٿي نٿو سگهي، جنهن جو نتيجو اهو ٿو نڪري جو اهڙا گهڻا موزون طبع ماڻهو، انهي ذوڪي ۾ اچي، پنهنجو پاڻ کي شاعر سمجهڻ لڳن ٿا ۽ ساري ڄمار تڪبندي يا قافيه پيمائي ڪري وقت وڃائين ٿا، ماڻهن کي پنهنجا ڦڪا ڦلوٽا شعر ڳائي ٻڌائين ٿا ۽ داد حاصل ڪن ٿا پر مرندي گهڙيءَ تائين ڪين اها ڪل ئي ڪانه ٿي پوي ته هو سري ڪان شاعر ئي ناهن ۽ هنن پنهنجو وقت اجايو ضايع ڪري ڇڏيو.

افسوس آهي جو اهڙن موزون طبع رکندڙ ماڻهن ذوڪي ۾ اچي، پنهنجو پاڻ کي شاعر ڄاڻي، اسان جي شعر جي آب کي ڪِني مڇيءَ وانگي ايتري قدر ته گندو ۽ عفونيت انگيز بنائي وڌو آهي جو اسان جا حقيقي شاعر اهائي دعا گهرندا ٿا رهن ته بار الاهيٰ ! اسان جي درياءِ شاعريءَ جي ڪناري تي شل ٻئي ڪنهن بيدار مغز قوم جو ڪو ناقد قدم نه رکي مبادا اسان جي سنڌي زبان جي شعر و شاعريءَ جا پول پڌرا ٿي پون ۽ اسان

کي پنهنجو سر، شرم ۽ حجاب کان هيٺ جهڪائڻو پوي.

خبر نہ ٿي پوي تہ آخر اسان وٽ شاعريءَ کي ڇا ٿو سمجهيو وڃي؟ ڇا، فقط موزون ڪلام کي شعر چئجي ٿو؟ ڇا صرف قافئي ۽ رديف ملائڻ سان شعر جڙي ٿو؟ ڇا محفلن ۾ اداڪاريءَ سان شعر ڳائي داد حاصل ڪرڻ کي شاعري ٿو چئجي؟ ڇا پاڻ تي هڪ عدد تخلص رکڻ سان ماڻهو شاعر بڻجي ٿو وڃي؟

ڪيتري قدر نہ هي ماتم جو مقام آهي تہ هن ويهين صديءَ ۾ بہ ماڻهن کي اهو علم نہ آهي تہ شاعري دراصل پيغمبري آهي ۽ جيڪڏهن ڪجهہ اڳيرو وڌي تہ داوري جي درجي تي پهچيو وڃي.

جاہل کو اگر جہل کا انعام دیا جائے
اس حادثہ وقت کو کیا نام دیا جائے
میخانے کی توہین ہے رندوں کی ہتک بھی
کم ظرف کے ہاتھوں میں اگر جام دیا جائے

حضرات!محفل احسن ادب دادو پنهنجي آئينده جي پروگرام ۾ سنڌ جي چوٽي جي اديبن، شاعرن، فلسفين وغيره جي يادگار ڏينهن ملهائڻ جو سلسلو شامل ڪيو آهي جا ڳالهہ نهايت مستحسن آهي ۽ هڪ زنده قوم ۽ ان جي افرادکي زيب بخشي ٿي. الله پاڪ محفل احسن ادب دادو جي ڪارڪنن ۽ سنڌ جي ٻين بہ اهڙن ادبي ادارن کي سُڌ اها توفيق بخشي جيئن هو پنهنجن وڏن جا ڏينهن شايانِ شان نموني سان ملهائيندا اچن.

اڄ اسان يوم بلبل ملهائڻ لاءِ هتي اچي جمع ٿيا آهيون. سنڌ جي مختلف شاعرن ۽ اديبن، حضرت بلبل مرحوم جي خدمت ۾ نذرانہ عقيدت پيش ڪيو ۽ پنهنجي ڄاتي ۽ علم آهر ان جي حياتيءَ جي احوال ۽ ان جي علمي، ادبي، ملي، قومي ۽ ديني خدمتن جي مختلف پهلوئن تي روشني وڌي.

ڪاش ڪہ مون کي ايترو وقت ۽ موقعو مهيا ڪيو وڃي ها تہ جيئن آءٌ پنهنجي معاشري جي هن جليل القدر شاعر ۽ حڪيم، مفڪر ۽ فلسفي جي ابيات ۽ آثار شعريءَ تي دل کولي داد ڏيان ها ۽ اوهان جي آڏو انهيءَ حقيقت جو اظهار ڪريان ها تہ هڪ اديب هڪ شاعر، هڪ مفڪر، هڪ فلسفي، هڪ صحافي، هڪ مصلح جي حيثيت ۾ سنڌ وارن حضرت بلبل مرحوم جو جيڪو مرتبو ۽ مقام معين ۽ مقرر ڪيو آهي. حقيقت ۾ هو ان کان گهڻو گهڻو اعليٰ ۽ ارفع آهي. هن بحر ذخار جي هر مدو جذر، اسان جين هنن مختصر تقريرن، تذڪرن يا بلبل سنڌ نامي ڇپيل ڪتابچي ۾ ڪنهن بہ صورت ۾ سمائجي نٿي سگهي. بلبل جي ادبيات ۽ آثار شعري کي پرکڻ ۽ ان جي معيار معين

ڪرڻ لاءِ هڪ وڏي اداري ۽ دفتر جي ضرورت آهي.

سيد غلام محمد شاهہ گدا مرحوم حيدرآباديءَ سچ چيو آهي تہ:

نغمہ سنجانِ چمن ہریک ترنم تازہ کرد
لیک بلبل برد سبقت از ہمہ اندر صغیر

مون پنهنجي هڪ قطعہ ۾ انهيءَ حقيقت جو اظهار هينئين لفظن ۾ ڪيو آهي:

جليل القدر شاعر ڪئين ٿي گذريا سنڌ ۾ آهن
مگر هم پايہ بلبل نہ هڪڙو تن منجهان نڪتو
نہ ڪنهن جي وصف ڪئي ڪڏهين بغير پنجتن اجمل
مگر تعريف ۾ بلبل جي سو رطب اللسانِ نڪتو

حضرات پاڪستان جي نظرئي پيش ڪرڻ جو سهرو عام طرح سان شاعر مشرق علامہ اقبال مرحوم جي سر تي ٻڌايو ويو آهي. ڪاش ڪہ هن برصغير جي اهل نظر تي انهيءَ حقيقت جو انڪشاف ٿئي تہ اهو سهرو جيڪو علامہ اقبال مرحوم جي سر تي ٻڌايو ويو آهي ان جا گل اسان جي سنڌ جي بلبل هزار داستان کان مستعار ورتل آهن. ڇالاءِ جو شاعر انقلاب حضرت بلبل مرحوم گهڻا سال اڳ مسلمانن لاءِ غير قوم جي غلامي کان آزادي، جدا قوميت ۽ جدا ملڪ جو نعرو بلند ڪيو هو. اهڙي ريت پاڪستان جي نظرئي پيش ڪرڻ جو شرف پڻ اسان جي سپاجهڙي سنڌ جي هڪ اولو العزم شاعر حضرت بلبل مرحوم کي حاصل آهي.

حقيقت ۾ بلبل مرحوم جو شعر ۽ شاعري هڪ عظيم انقلاب جو پيش خيمو آهي. اهو انقلاب جنهن جو نتيجو پاڪستان جي صورت ۾ ظاهر ٿي چڪو. اوهان بلبل مرحوم جو شعر پڙهندا وڃو. اوهان کي سندس شاعري، سنڌ جي جملہ متقدمين توڙي متاخرين شعراءَ ڪرام جي شاعري کان هڪ بنهہ نرالي رنگ ۽ انوکي ڍنگ ۾ نظر ايندي. سندس شاعري ۾ اسلامي، ديني، ملڪي، ملي، مشرقي غيرت ۽ حميت جو جذبو هر هنڌ ڪار فرما نظر ايندو. هن عظيم الشان شاعر ۽ مفڪر جي دل خالص ديني ۽ قومي درد سان دميل نظر ايندي. هو ملڪِ سخن جو اهو سلطان هو، جنهن وٽ الفاظن جا لشڪر، محاورن جون فوجون ۽ خيالات جا بي پناهہ خزانا موجود ٿي رهيا. هن پنهنجي لشڪر ۽ خزاني کان اهوئي ڪم پئي ورتو جيڪو ڪنهن زبردست سلطان کي وٺڻ گهرجي، يعني هن پنهنجي ادبيات ۽ ڪلام جي ذريعي پنهنجي پوري قوم کي هڪ زبردست انقلاب لاءِ تيار ڪيو. اهو انقلاب مغربيت جي وڌندڙ سيلاب جي خلاف هو. جنهن جا باني مباني ان وقت جا مختيار حاڪم انگريز هئا.

اڪثر تبصره نگارن، بلبل مرحوم تي اهوبهتان مڙهيو آهي تہ هُن مسلمانن کي انگريزي علم پڙهڻ جي ترغيب تي ڏني، جنهن جي ثبوت ۾ هو، بلبل مرحوم جا هيٺيان ابيات پيش ڪن ٿا:

جي پائين تہ مولا ٿئي مهربان، تہ سک تون انگريزي زبان
جي عزت جهان جي رکو تند تش، پڙهو انگلش انگلش انگلش
اهو علم توکي ڪري عهده دار، ڪليڪٽر ۽ ڊپٽي ۽ مختيارڪار
بنائي اهو علم حاڪم حريف، رسائي اهو علم لنڊن شريف
وڃائي تو پنهنجا چڏيا پئي جهان ڏنا، ڪين ڪي تو انڊا امتحان
جي بي اي تي توکان بعيد ازقياس، تہ ميٽرڪيوليشن بہ ڪيئي نہ پاس
جٽي توکي مائٽ تہ سنبريا نہ سک،ملون تي تنين کي ڏنئي ڏنجهہ ڏک
نہ توکا پرائي فضيلت لسان، سکئين ڪينکي انگريزي زبان

- - - -

علم عربيءَ ۾ ڪيئي عمر اجائي ضايع جي پڙهئين پارسي تان ڪمتر کو تارتي هل

اِهي آهن اهي ابيات جن لاءِ ڊاڪٽر خليل صاحب پڻ پنهنجي ڪتاب "بلبل سنڌ" ۾ لکي ٿو تہ "مٿي جيڪي بيت مثال طور ڏنا ائٿون تن ۾ انگريزي تعليم جي ترغيب ۽ فائدا ڏيکاريا ويا آهن ۽ مشرقي علم جهڙوڪ علم عربي ۽ فارسي جن سان مسلمانن جي مذهبي الفت آهي ۽ سچ پچ اسلامي علم آهي، تن تي طنز ۽ ٽوڪ، انهن علمن جي مقرر ڪيل نصاب تعليم جي غير موزوني تي آهي، جو واقعي سچ آهي" وري اڳتي هلي ڊاڪٽر صاحب فرمائي ٿو تہ "متين شعرن ۾ انگريزي علم پڙهڻ تي زور ڏيئي، عربي ۽ فارسيءَ جا نقص ظاهر ڪيا اٿس. بظاهر ڪل اعتراض آهي تہ مسلمانن کي مذهبي لٽريچر کان دل برداشتہ ڪري، غيرن جي ادب ڏي متوجهہ ڪري ٿو جنهن ۾ مذهبي ۽ اخلاقي نقصان آهي."

محترم ڊاڪٽر صاحب جا مٿيان خيالات ۽ انهن جو اقتباس پڙهي سچ پچ تہ مون کي وڏي حيرت لڳي "ڪاڏي منهن مريم جو، ڪاڏي ميان الهيار" اهو مفڪر ۽ فلسفي جو ظاهر ظهور مغربيت سان بنرد آزما هجي سو مسلمانن کي انگريزي تعليم جي ترغيب ڏيندو هجي ۽ عربي توڙي پارسي جهڙن ديني علمن تي طنز يا ٽوڪ ڪندو هجي، سو بالڪل ناممڪن ۽ سراسر بهتان آهي.

بلبل مرحوم خالص اسلامي جمهوريت چاهي ٿي، زبان جي باري ۾ هن هيترا سال اڳ پڻ اهي ئي خيال ظاهر ڪيا جيڪي اڄڪلهہ هندستان ۾ هندو ۽ پاڪستان ۾

مسلمان پنهنجي پنهنجي مذهبي ۽ ملڪي ٻولي لاءِ ظاهر ڪري رهيا آهن ۽ انهن ٻنهي ملڪن جون حڪومتون پنهنجي پنهنجي عوام کي اهو دلاسو ڏينديون اچن ته رفتا رفتا انگريزي زبان جي جاءِ تي ملڪي ۽ مذهبي ٻوليون ملڪ ۾ رائج ڪيون وينديون. پاڪستان جي حڪومت ته اهو به اعلان ڪيو آهي ته ويهارو کن سالن کانپوءِ انگريزي زبان کي ملڪ جي دفترن مان نيڪالي ڏيئي سگهبي.

جنهن مسئلي تي اڄ کان ويهه سال کن پوءِ ويچار ڪيو ويندو سو. مسئلو بلبل مرحوم پنهنجي دور ۾ حل ڪرڻ چاهيو ٿي. جيڪڏهن بلبل مرحوم انگريزي زبان جي ترغيب ٿي ڏني ۽ عربي توڙي فارسيءَ تي طنز ٿي ڪيو ته پوءِ سندس هينئين اشعارن جو مطلب ڇا آهي؟

پڙهياسين ته ڇا سڀ اجايا اکر، لچائي ٺڳي، ڪوڙ، فريب و مڪر
نه عربي علم، نافقه، نااصول نه ٿي معرفت يا حقيقت حصول
شريعت جو شيوو ڏنو سون ڇڏي وڏي سون گناهن ۾ غفلت گڏي
نصارن جو ڪانو، نصارا لباس ڪپٽ، ميز، ڪرسي، بتي ۽ گلاس
ڪٿي وعظ ٻڌبو ته ٿيندي ٻجان نه ايندي جميعت،لچان ۽ پچان
اها پسند ايندي نه هرگز پسند چوي دل ڪري شال بڪواس بند
ٻڌڻ ٻانگ سان ٿو هٽي نانگ ڏنگ وڪوڙي وجهن وسوسا خوب ونگ

..... ..... .....

سوا انگريزي هجي جاهلي ڪه بيعلم بودن بود غافلي
سکيو جو نه گڏ مارننگ ماءِ ڊيئر بهشتي بنا شد بحڪم خبر
يقين ڄاڻ، توکي اها يس ۽ نو ڪند در بهشتِ برين جائي تو

اجا به ڪو صاحب اها تهمت هڻندو ته بلبل مرحوم، مسلمانن کي انگريزي علم ۽ انگريزن جي زيرنگين رهڻ جي تلقين فرمائي آهي.

حضرات! ڪنهن به شاعر جي شعر کي صحيح طريقي سان سمجهڻ لاءِ اهو ڄاڻڻ ضروري آهي ته هن جو شاعراڻو شعور، ڪهڙين حالتن ۽ ڪهڙن واقعن جي زير اثر رهيو. ان جي ماحول ۽ ان جي عهد يا وقت جون سياسي، ملڪي، معاشرتي حالتون ڪهڙيون هيون؟

بلبل مرحوم جنهن ماحول ۽ جنهن عهد ۾ اک پٽي سو خصوصا مسلم قوم لاءِ نهايت پر خطر ۽ پر آشوب هو. اهو سن 1857ع جو زمانو هو. جو هندستاني مسلمانن کي پيڙهي به پيڙهي ياد رهندو ايندو. انهيءَ زماني جي سياسي يا ملڪي حالتن بيان ڪرڻ جي

هتي چندان ضرورت نہ آهي. هڪ پاسي قدامت پرستي، معاشري تي مسلط هئي تہ ٻئي پاسي مغربيت ۽ نئين تهذيب جو پوت مسلمانن جي سرن تي پنهنجو خونخوار ۽ هيبت ناڪ پنجو پکيڙيو بيٺو هو. اهڙي دؤر جو، بلبل مرحوم جهڙي حساس ۽ غيور، طبيعت رکندڙ شاعر ۽ مفڪر تي اثر پوڻ لازمي هو ۽ انهيءَ ئي اثر هيٺ، بلبل مرحوم جي شاعرانہ شعور جي ارتقا ٿي. بلبل مرحوم پنهنجي ڪلام ۾ اڻ سڌي طرح پنهنجي قوم کي انگريزي راڄ، انگريزي تهذيب ۽ انگريزي زبان کان پهچندڙ نقصان کان بروقت آگاهہ ڪيو ۽ پنهنجي ديني ۽ اسلامي تهذيب ۽ تمدن، ادب ۽ زبان ڏانهن ڪين راغب ٿيڻ جي تلقين فرمائي ۽ اهو سڀ ڪجهہ هن، انهيءَ دؤر ۾ ڪيو، جنهن دؤر ۾ ڪنهن بہ هندستاني کي، انگريزي حڪومت جي خلاف ٻڙڪ ٻاهر ڪڍڻ جو سخت خميازو ڀوڳڻو ٿي پيو ۽ اهو سڀ ڪجهہ هن اهڙي هوشياري ۽ اٽڪل سان ڪيو جيئن لٺ بہ نہ ڀڄ جي ۽ نانگ بہ مري پوي. اڄ اسان کي انهيءَ ڳالهہ جو پورو پورو احساس آهي تہ جيڪو سلو، بلبل مرحوم گهڻو وقت اڳ هنيو هو، انهيءَ جو ثمر اسين اڄ حاصل ڪري چڪا آهيون. بلبل مرحوم عين انقلاب واري زماني يعني 1857ع ۾ تولد ٿيو ۽ قدرت هن کي هڪ خوش آيند انقلاب لاءِ ئي پيدا ڪيو. هو انهيءَ انقلاب جو علمبردار رهيو ۽ آخر اهو انقلاب ڪامياب ٿي رهيو. مون انهيءَ ڪري ئي پنهنجي بيان ۾ بلبل مرحوم کي شاعر انقلاب ڪوٺيو آهي.

حضرات! بلبل مرحوم جي صرف ڪلام يا آثار شعريءَ جي محاسن بيان ڪرڻ لاءِ دفتر درڪار آهن. هن هڪڙيءَ نشست ۾ انهن جو بيان محال بلڪ ناممڪن آهي.تنهن هوندي بہ آءٌ پڇاڙي ۾ بلبل مرحوم جي ڪلام جي هڪ بنهہ انوکي طرز ۽ نرالي ڍنگ جو ٿوري ۾ بيان ڪندس جنهن طرز يا ڍنگ جو هو پاڻ ئي موجد آهي ۽ انهيءَ ئي هڪ طرز جي بنياد تي هن پنهنجي شعر و شاعريءَ جي عاليشان عمارت اهڙي پختي تعمير ڪئي آهي جو اها حوادث عالم کان بالڪل بي نياز ۽ بي پرواهہ رهندي آئي آهي ۽ رهندي ايندي.

بلبل مرحوم جي شعر و شاعريءَ ۾ اهو هڪ عجيب تضاد نظر اچي ٿو تہ اها هڪ ديني عالم يا مصلح يا هڪ سماجي ۽ سياسي مقرر جو خشڪ وعظ آهي بہ ۽ ناهي بہ.

مثال طور جيڪڏهن بلبل مرحوم پنهنجيءَ قوم کي اها نصيحت ڏيڻ ٿو چاهي تہ اي مسلمانو! اها انگريزي تعليم توهان جا ٻئي جهان ٻوڙيندي، انگريزن جي نوڪريءَ يا غلاميءَ ۾ اچي پنهنجا ٻئي پير ٽا وڌيو تہ هو بنهہ پنهنجي اصلي خيال جو ٻيو يا برعڪس پهلو پيش ٿو ڪري. چوي ٿو:

| | |
|---|---|
| وڃائي تو پنهنجا ڇڏيا ٻئي جهان | ڏنا ڪينڪي تو انڌا امتحان |
| روينيو، جڊيشل، وڪالت وغيره | کهاڙيءَ سان پنهنجو وڌيئي پاڻ پير |
| نہ ڊپٽي ٿئين تون نہ مختياڪار | ٿئين همسرن ۾ ذليل ۽ خوار |

وري جيڪڏهن بلبل مرحوم سنڌيدان سپاجهڙن جي تعريف ڪرڻ ٿو چاهي ۽ هنن جي سادگي ۽ سچائي جا ڍڪ ٿو پري ۽ هنن تي حڪومت جي طرفان ٿيندڙ ظلمن ۽ ڏاڍاين جو پردو چاڪ ڪرڻ ٿو چاهي ته فرمائي ٿو:

سنڌي دان جاهل سيه روءِ سخت — نحس، نااهل، ناخرد، خفته بخت
سنڌي دان ايڊيٽ سنڌيدان فول — رڳا جانور جهنگلي ۽ جهول
سنڌي دان جي ڪهڙي آ دسترس — سنڌي دان جو مان گوديم ويس
سنڌي دان ڪم بخت ڪم روزگار — نه لائق اضافي نه قابل شمار
سنڌي دان جو ورڪ ويري خراب — ويچاري ڪي آفيس ۾ پي نه آب
سنڌي دان اهڙا ته آهن ذليل — سزا تي نه انهن جي آهي اپيل
سنڌي دان محروم سرڪار ڪان — انهن جوج خورد پوش اسرار ڪان
سنڌي دان ڪان گهر خدا جي پناهه — انهن سان ملڻ قاعدي جو گناهه
سنڌي دان جو وٺي ڪونه صاحب سلام — سنڌي دان جو سماعت نه عرض و ڪلام

هيڏي بلبل مرحوم سنڌي دان حضرات جي تعريف جا اڻ سڌي طرح ڍڪ پري رهيو آهي هوڏانهن محترم خليل صاحب فرمائي ٿو ته مٿئين شعر ۾ ڏسبو ته خبر پوندي ته سنڌي دان لاءِ ڪهڙا نه سخت لفظ استعمال ڪيا اٿس. سيه روءِ، نجس، نااهل، ناخرد، خفته بخت، ذليل وغيره اهڙا لفظ آهن جي دل ڏکوئيندڙ ٿين ٿا پر حڪيم يا ڊاڪٽر جي ڪڙي دوا وانگر ازالهٔ مرض لاءِ پيو ڪو چارو ڪونه هو.

بلبل مرحوم تي اهو بهتان رکڻ ته هن اهڙا دل ڏکوئيندڙ لفظ استعمال ڪري، سنڌين ڪي سڌارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي يا سنڌين جي بيماري جي شفا لاءِ ڪين ڪوڙي دوا پياري آهي، حقيقت جي خلاف آهي، ڇا لاءِ جو هڪ ته بلبل مرحوم پنهنجي ڪنهن به شعر ۾ مريض ڪي ڪوڙي دوا ڪليوڪلايو پيارڻ جي خلاف آهي، پر هو مريض ڪي دوا جي ڪوڙي گوري ڪارائڻ بدران ڪين ظرافت جي ڪنڊ جو ته چاڙهي پوءِ کائڻ لاءِ پيش ٿو ڪري ته جيئن مريض انهيءَ ڪوڙيءَ دوا ڪان منهن ڪوڙو نه ڪري.

اها ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي ته بلبل مرحوم جهڙو قوم پرست جنهن ڪي پنهنجي قوم لاءِ سچي حب ۽ عزت آهي سو ان لاءِ اهڙا ناشائستا الفاظ ڪيئن ڪتب آڻيندو؟ ٻي ڳالهه اها به ڌيان تي آڻڻ جوڳي آهي ته بلبل مرحوم پاڻ به هڪ سنڌيدان هو، نه فقط سنڌيدان هو پر سنڌي زبان جو هڪ زبردست علامه ۽ عالم جيد هو. اهڙو عالم، ٻين سان گڏ پنهنجو پاڻ لاءِ اهڙا سخت ۽ دل ڏکويندڙ لفظ ڪيئن ٿو ڪتب آڻي سگهي؟

آءٌ ڀانيان ٿو ته بلبل جي طنزيه زبان ڪي نه سمجهڻ وارا صاحب، جيڪڏهن بلبل

مرحوم جا مختلف عنوان جهڙوڪ سخاوت، بخل، تواضع، تڪبر، عدل، ظلم، قناعت، حرص، طاعت، پرهيزگاري، شيطان، وفا، صبر وغيره تي لکيل شعر پڙهن ته خدا ڄاڻي بلبل مرحوم ڪي هو ڪهڙي صف ۾ وجي بيهارين! هڪ اڌ بيت انهن عنوانن تي پيش ڪريان ٿو جنهن تي غور ڪريو:

**سخا:**

سخاوت ڪري ڪونه دانا قبول    سخاوت ڪري سو، جو آه بو الفضول

**بخل:**

هجي بخت جنهن کي ٿئي سو بخيل    بخيلي ڪري سو هجي جو عقيل

**تواضع:**

تواضع ڪرڻ نيچ عادت خسيس    تواضع اهي ڪن جي سادا سليس

**تڪبر:**

تڪبر ته حڪما جو آهي هنر    تڪبر ته اهل دل جو آهي فخر

**عدل:**

ٿيو عدل رقمن ۾ روپين جو روڊ    ٻڌيو عدل ڪوڙن ٻڌائڻ جو ڪوڊ

**حرص:**

وڏي حرص ۾ آهي حڪمت حضور    نه هو هيءُ ته دنيا جو چرخو ٿئي چور

**طاعت:**

عبادت آهي ڪن جي نڪما نڪار    نه ڏيتي نه ليتي نه ٻچا نه ٻار

**پرهيزگاري:**

پراڻو ڪو نسخو تو ڏسجي ردي    ڪيو آهي منسوخ چوڏهين صدي

**شيطان:**

هي بزرگ اسان جو پراڻو آ يار    اسان سان سندس آهي پورو پيار

اجا به ڪو ائين چوندو ته بلبل مرحوم تهذيب جي بيمار ڪي سندس ٿي صحت جي فائدي لاءِ ڪوڙي دوا پياري آهي؟

حضرات! جهڙيءَ ريت شاهه لطيف ڀٽائي گهوٽ ۾ ٻين ڪن صوفي شاعرن جي ڪلام ۾ مجاز ۾ حقيقت جي پيوند، هڪ نهايت خوشگوار امتزاج پيدا ڪري وڌو آهي اهڙيءَ ريت بلبل مرحوم جي ڪلام ۾ وري هدايت ۾ ظرافت جي پيوند هڪ عجيب

لطف ۽ ڪيفيت پيدا ڪري وڌي آهي. سندس ظرافت جي تھ ۾ عميق نڪتا سمايل آهن. ائين معلوم ٿو ٿئي گويا جديد تهذيب جي مريضن کي تنقيد جي تلخ گولي، ظرافت جي کنڊ جو تھ لڳائي ڪارائي وئي آهي.

حضرات بلبل مرحوم جي ڪلام ۽ ٻئي ادبي سرمائي کي سهيڙڻ ۽ پڪيڙڻ لاءِ هڪ بلبل اڪيڊمي جي اشد ضرورت آهي. مون کي اميد نہ بلڪ يقين آهي تہ ڪڏهن نہ ڪڏهن ڪونہ ڪو اهڙو قدردان ۽ مرد ميدان ضرور نڪري نروار ٿيندو جو اهل سنڌ جي اها ديرينہ آرزو پوري ڪندو.

في الحال حضرت بلبل جي ڪليات جو پهريون دفتر سندن لائق ۽ لبيب فرزند رشيد جناب رئيس ضياءُ الدين صاحب ضيا جن جي ڪوشش ۽ نگرانيءَ هيٺ سنڌ جي جهوني اديب ۽ مشهور شاعر استاد الشعراءِ حضرت حافظ محمد احسن صاحب احسن جن پايئہ تڪميل تي پهچايو آهي. ازانسواءِ بلبل مرحوم جي ٻي تصانيف جي طباعت ۽ اشاعت جو مسئلو زير غور آهي. الله پاڪ اسان کي ۽ اوهان کي شل توفيق بخشي جيئن پنهنجن وڏڙن جي ڪيل محنتن جو قدر ڪريون. انهن کي دنيا جي آڏو رکون جيئن گهڻي ۾ گهڻا ماڻهو مستفيد ٿي سگهن ۽ انهن جا ڏينهن شايانِ شان نموني سان ملهائيندا اچون جيئن سندن ياد، پوين جي دلين ۾ هر دم تازي رهندي اچي.

# شمس الدين بلبل

**مولانا دين محمد وفائي**
تذڪره مشاهير سنڌ (پاڱو پهريون)

سنڌ جو نامور اهل قلم ميان شمس الدين بلبل ميهڙ ۾ 1857ع ۾ تولد ٿيو. ابتدائي تعليم ميهڙ ۾ حاصل ڪيائين. هو هڪ ذهين ۽ هوشيار نوجوان هو تنهنڪري سندس قابليت جي جوهر پڌري ڪرڻ لاءِ ميهڙ پورو نه پيو جنهنڪري 1889ع ڪراچي ۾ مرحوم خان بهادر حسن علي آفندي وٽ هليو آيو جنهن سندس قابليت مان ڪم وٺڻ لاءِ "معاون" هڪ هفتيوار اخبار سندس ادارت ۾ جاري ڪئي. هن اخبار جي ذريعي مرحوم بلبل سنڌ مدرسة الاسلام ۽ سنڌ محمدن ايسوسيئيشن جي تمام گهڻي خدمت ڪئي. مرحوم حسن علي جي مددگارن ۾ جيئن مولوي الهه بخش نماڻو هو تيئن بلبل به سندس دست بازو ٿي رهيو. دکن ايگريڪلچرل رليف ايڪٽ بابت جڏهن مرحوم آفندي کي ڪميشن اڳيان شاهدي ڏيڻ جي ضرورت پئي تڏهن زميnداري قرض جي انگن اکرن گڏ ڪرڻ جو ڪم مرحوم بلبل تي رکيو ويو. جنهن ساري سنڌ جي زميندارن ڪان احوال گهرائي آفندي مرحوم لاءِ شاهدي جو مواد گڏ ڪيو. ڪميشن پونا ۾ ويني جتي شاهدي ڏيڻ وقت آفندي مرحوم بلبل کي به پونه وٺي ويو جتي سندس وڏيڪ مدد ڪيائين. جنهن ڪان پوءِ سنڌ سان زميندارن جي بچاءَ لاءِ دکن رليف ايڪٽ لاڳو ٿيو.

مرحوم حسن علي جي وفات ڪانپوءِ بلبل ڪراچي ڇڏي ميهڙ ۾ اچي رهيو ۽ اتان ئي گهر ويٺي ڪن اخبارن جي ايڊٽ ڪندو هو. "معاون" ڪراچي ڪانپوءِ "ڪراچي گزيٽ" جو ايڊيٽر ٿيو مگر اها اخبار ستت ئي بند ٿي وئي.

1907ع ۾ ميهڙ ۾ لاڙڪاڻي جي "خير خواه" اخبار جو به ڪجهه وقت ايڊيٽر ٿي ڪم ڪيائين ۽ "الحق" سکر جي به ٿورو عرصو ادارت ڪيائين. اخبار "مسافر" حيدرآباد ۾ به ڪم ڪيائين. آخر سکر جي سيٺ حاجي احمد ميمڻ جي مشهور اخبار آفتاب جو هميشه لاءِ ايڊيٽر ٿي رهيو جنهن جي ذريعي مسلمانن جي قابل قدر خدمت ادا ڪيائين.

هن جي لکڻي ظرافت آميز ۽ پرمذاق هوندي هئي جنهنڪري هر هڪ ماڻهو سندس مضمونن کي ڏاڍي شوق ۽ لطف سان پڙهندو هو. هن سنڌي زبان ۾ تمام چڱو سڌارو ڪيو ۽ نئين رنگ ۾ سنڌي لٽريچر ۾ اضافو ڪيائين. نظم توڙي نثر ۾ گهڻائي ڪتاب

لکيائين. جن مان ”نيچرل ڪريما“، ”ديوان بلبل سنڌي“، ”بهار عشق“، ”رحيما“، ”تيرهن جار“ شروع زمانہ ۾ لکيل اٿس. ان کانپوءِ ”مسلمان ۽ تعليم“، ”عقل ۽ تهذيب“، ”قرض جو مرض“، ”صد پند سود مند“، پوئين زمانہ ۾ لکيائين ”شمس المکاتيب“، ”احسن التواريخ“، ”ديوان بلبل فارسي“، ”بهادرستان بلبل“، ”آئينہ ظرافت“، ”گنج معرفت“ اهي ڪتاب اڃا قلمي موجود آهن. ديني تعليم لاءِ ڪتابن جو سلسلو بہ لکيو اٿس جو شايد ملڪ ۾ رائج نہ ٿي سگهيو.

مرحوم بلبل وقت جي حاڪمن وٽ تمام رسائي وارو هوندو هو. رياست خيرپور جي ميرن ۽ وزيرن وٽ بہ گهڻو مان ملندو هوس. سندس مطالع تمام وسيع هو ۽ چڱي لئبريري گڏ ڪئي هوائين. نقشبندي طريقي ۾ مخدوم نظام الدين صديقي پاٽائي جو مريد هو ۽ بدعتي پيرن جو سخت مخالف هو. هنن جي برخلاف وقت بوقت آفتاب اخبار ۾ مضمون پڌرا ڪندو رهندو هو.

1906 ۾ هن ميهڙ ۾ مدرسة الاسلام جو بنياد وڌو جو سندس حياتي ۾ اي وي اسڪول جي درجي تي آيو. اڄ اهو مدرسو هاءِ اسڪول ميهڙ جي نالي سان آهي. سندس وطن ۾ اهو بهترين تعليمي يادگار آهي.

1907ع ۾ جڏهن آل انڊيا ايجوڪيشن ڪانفرنس جو اجلاس ڪراچي ۾ منعقد ٿيو تڏهن فارسي زبان کي سرڪاري تعليم ڪاتي ۾ رائج ڪرائڻ تي هڪ ٺهراءُ آيو جنهن جي تائيد ۾ مرحوم بلبل تقرير فرمائي جا فصاحت بلاغت جو هڪ بهترين نمونو هئي جنهن جو هندستان جي وڏن وڏن اڪابرن نواب وقار الملڪ پارن داد ڏنو.

هو مذهب سنت جماعت جو پڪو پابند هو تان جو پنهنجي آخرين وصيت ۾ لکي ويو آهي تہ سندس اولاد مان جيڪو سنت جماعت جي مذهب تي نہ هلندو سو محروم الوراثت آهي. پنهنجي املاڪ کي وقف علي الاولاد جي ايڪٽ هيٺ محفوظ ڪرائي سيپٽمبر 1919ع ۾ 62 ورهين جي ڄمار ۾ هن دنيا مان رحلت ڪري ويو.* سندس فرزند ميان ضياءُ الدين بي اي (عليگ) مرحوم جو صحيح جاءِ نشين نوجوان آهي.

* شمس الدين بلبل جا ڪيترا ڪتاب ڇپيل آهن. سندس ديوان جو انتخاب سندس فرزند مرحوم ضياءُ الدين بلبل ايڊٽ ڪيو آهي ۽ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرحوم بلبل جي وفات تي مير عبدالحسين سانگي حيدرآبادي ۽ مرزا قليچ بيگ مرحوم هينيان قطعات لکيا آهن:

## از جناب مير عبدالحسين خان

بلبل خوش نوا، هزار افسوس | بود زو دهر را رفعت
سال تاريخ رحلتش جتند | گفت هاتف کہ: رفت در جنت

1337ھ

– – – – –

افسوس زين گلستان شد بلبل خوش الحان، | اندر عزاي او گشت توام گل و گلستان
گل از فراق رويش در سينہ، داغ بنهاد، | وازياد غم فرووريخت رنگ و طراوت آن
دربينہ عدد گير فاني تو واو تشبيہ، | تا سال رحلت او گردد عيان بروزان،
گفتا بگوشهوسم پير دخردکہ گريد، | گل از فراق بلبل پژمرده و پريشان.

1337ھ

– – – – –

شاعر ملک سنده شمس الدين | کہ ازو بود عالي بہ شگفت
بلبلي بود او کہ با منقار | در معنيق عجيب او مي مفت
بورد در باغ دهر تا زنده | نغمہ هاي خوشش جهان بشنفت
قفس عنصري گذاشت و پريد | سوي جنت در آشيانہ بخفت
بود او شمس بر سپهر سخن | کرد آخر غروب و روي نهفت
سال فوتش بفکر مي جستم | زود هاتف چراغ مجلس گفت

1337ھ

– – – – –

باز هم گفت او فروغ دوام | يافتم همچنين دو ماده مفت
عيسوي سال دلپذير آورد | رشک جنت نمود يار جفت

1. شمس الدين بلبل جا کيترا کتاب ڇپيل آهن. سندس ديوان جو انتخاب سندس فرزند مرحوم ضياءُ الدين بلبل ايڊٽ ڪيو آهي ۽ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو آهي.

# تحريڪ آزادي جا سنڌ ۾ آثار

## پير الاهي بخش صاحب

سر سيد احمد خان، آزاديءَ جي تحريڪ کي ائنگلو اوريئينٽل ڪاليج جي بنياد رکڻ سان شروع ڪيو، جو پوءِ وڏي ”علي ڳڙهه مسلم يونيورسٽي“ بڻيو. چيو ويندو هو ته ”جيڪا ڳالهه علي ڳڙهه اڄ سوچي ٿو سا ڳالهه سڀاڻي سارو هندستان سوچيندو.“ مسلم يونيورسٽي ورهاڱي کان اڳ وڏي اهميت حاصل ڪري چڪي هئي. جيئن هندستان ۾ مسلمانن جا سڀ مکيه اڳواڻ ۽ رهبر ان جا شاگرد هئا، تيئن سنڌ جا اڪثر مکيه ماڻهو سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي جي پيداوار آهن.

سنڌ ۾ سر سيد جي آزادي جي تحريڪ ۾ عمدو اثر پيدا ڪيو. هن جي نموني تي جناب حسن علي آفنديءَ ڪراچي ۾ سنڌ مدرسة الاسلام جاري ڪيو. جهڙي طرح سر سيد ”آل انڊيا مسلم ايجوڪيشنل ڪانفرنس“ برپا ڪئي هئي ۽ اخبار رستي ان جا مول ۽ مقصد ملڪ جي اڳيان رکيا هئا، تهڙيءَ طرح ”سنڌ محمدن ايسوسيئيشن“ بہ هت برپا ٿي ۽ اخبار ذريعي ماڻهن کي سجاڳ ڪيو ويو. جيئن سر سيد جي ساٿي مولانا حالي ”مسدس حالي“ لکي مسلمانن کي پنهنجي برائين کان آگاهہ ڪيو، تيئن حسن علي آفنديءَ جي ساٿي رئيس شمس الدين بلبل ”رحيما لطيف“ ۽ مولانا الله بخش ابوجهي ”مسدس ابوجهو“ لکي ساڳيو ڪمي ڪيو. هندستان ۾ مسلم ليگ ۽ ڪانگريس آزادي حاصل ڪرڻ جي ڪم ڪي لڳي تہ سنڌ ۾ وري ”هوم رول تحريڪ“ جناب غلام محمد صاحب ڀرڳڙي جي اڳواڻيءَ هيٺ ۽ ”امن سڀائي“ سيد الهندي شاهه ڊيرئي واري جي سرڪردگي هيٺ اها ڪوشش ٿيڻ لڳي. رئيس شمس الدين بلبل ميهڙ وارو شاهه صاحب جو ساٿي ڀائهن هو. ”هوم رولين“ جو خيال هو تہ هندن سان هٿ هٿ ۾ ملائي آزادي حاصل ڪجي، ”امن سڀاين“ جو ارادو هو تہ اول انگريزن جي مدد سان هندن سان هڪ جهڙائي حاصل ڪري پوءِ آزادي لاءِ لڙجي، ڇاڪاڻ تہ هنن نٿي چاهيو تہ انگريزن جي غلامي مان نڪري هندن جي اڪثريت هيٺ اقليت ٿي رهون. اسان جي ”خلافت تحريڪ“ جا سن 1919ع ۾ بمبئي مان اٿي انهيءَ جو مقصد هو تہ سڌيءَ طرح ”ڊائريڪٽ ايڪشن“ سان آزادي حاصل ڪجي ۽ ان جو ٻنهي سان واسطو نہ هو. هر هڪ جو طريقو مختلف هو، پر مقصد ساڳيو هو. ”هوم رولين“ جي حمايت ۾ اخبار ”الامين“ هئي، جنهن جو ايڊيٽر

جناب مخلص هو ۽ الحق جو ايڊيٽر ۽ بلبل مرحوم هو.

جناب حسن علي آفنديءَ سنڌ مدرسو جاري ڪري سنڌ جي مسلمانن ڪي مغربي تعليم جي وسيلي سجاڳ ڪيو ۽ سيد الهندي شاهه نوشهري فيروز ۾ انگريزي مدرسو جاري ڪيو جو هينئر هاءِ اسڪول جي صورت ۾ هلندو اچي ٿو. بلبل مرحوم ميهڙ ۾ انگريزي مدرسو برپا ڪيو جو پڻ هينئر هاءِ اسڪول جي صورت ۾ هلندو اچي ٿو. مدرسي جو پهريون هيڊ ماستر مسٽر هاساسنگ هو. جنهن مان ظاهر آهي ته امن سپائي هندو مسلم تعصب کان آزاد هئا. تيون اهڙو اسڪول پٽوري ۾ جناب غلام نبي شاهه برپا ڪيو. جنهن جي عاليشان ۽ ماڙ عمارت اڄا به موجود آهي، پر افسوس جو پٽوري ۾ اسڪول هلي نه سگهيو ۽ ان ڪي ڪٽي ميرپور خاص ۾ آندو ويو. سنڌ جي مسلمانن جي جديد تعليم ائين شروع ٿي.

سنڌ ۾ خلافت جو مکيه مرڪز دادو هو. جتي مکيه ڪارڪن جيوڻ شاهه. ميان محمد هاشم ميمڻ ۽ حاجي محمد يعقوب هئا. ميان محمد رمضان درزي پهريون ماڻهو هو جو هن تحريڪ ۾ جيل ۾ ويو ۽ اهو به دادو جو هو. خلافتي اڄا به پراڻي جذبي سان سنڌ ۾ عام جام موجود آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ماحول جو عڪس
# اخبار آفتاب سنڌ سکر

**رحيم داد مولائي شيدائي**

1877ع ۾ جنگ پلونيا روس ۽ ترڪي درميان لڳي. روسي فوجون قسطنطنيه جي ديوارن هيٺان پهتيون هيون. روس جي منشا هئي ته ترڪ يورپ خالي ڪري ايشيا مائنر ڏانهن هليا وڃن، مگر انگريزن وچ ۾ ٽپي برلن ڪانگريس ۾ جيڪو فيصلو ڪيو سو ترڪن لاءِ ناسازگار ثابت ٿيو جيئن ته رومانيه، بلغاريه ۽ سرويا عيسائي حڪومتون بلقان ۾ نمودار ٿيون. ترڪن وٽ قسطنطنيه ۽ ٿريس وڃي بچيا. لاچار ترڪن کي صبر ڪرڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونه هو. آسٽريا، بوزينيا ۽ هزيگوينيا جا ٻه ترڪي علائقا قبائي ورتا. انگريزن دلالي جي عيوض ترڪن کان قبرص ٻيٽ ورتو. انگريزن جي متين چال مان هيءَ مراد هئي ته برطانيه هندوستان جي مسلمانن کي ثابت ڪري ڏيکاريو ته انگريزن مسلمانن جي ”امير المومنين“ کي يورپ ۾ بچائي ورتو. 1897ع ۾ يونان پوپ جي چرچ تي ترڪن سان جنگ ڪئي، ترڪي فوجن يونان جي ٿيسي صوبي تي قبضو ڪيو، مگر يورپ وچ ۾ پئي ٿيسي يونان کي ڏياريو. يورپ جي منافقانه سياسي چال ڪري مسلمانن جون دليون بيحد مايوس ٿي ويون.

ٻيو واقعو هو سر سيد احمد خان جي علي ڳڙهه تحريڪ جو. مسلمان ٻن گروهن ۾ ورهايل هئا. پهرين گروهه جي مرضي هئي ته مسلمان ٻار آخوند وٽ فقط ديني تعليم وٺن انگريزي ڪافرن جي زبان آهي. ٻيو گروهه سر سيد احمد خان جي علي ڳڙهه تحريڪ جو حامي هو. مذهبي رهبر سر سيد احمد تي بي ديني جي فتويٰ ڏني هئي، پر پڙهيل طبقو جديد تعليم جي فائدي ۾ هو. جيئن ته منهنجي والد سڳوري مون کي آخوند جي دائري کان ڪڍي سرڪاري اسڪول ۾ داخل ڪيو هو. مسلمان سياسي مايوسيءَ کان علاوه مذهبي پيشوائن جي فتوائن ڪري حيران ۽ پريشان هئا. ٻئي طرف 1885ع ۾ پهرين انڊين نيشنل ڪانگريس ڪري هندو ايتري قدر سجاڳ ٿي ويا هئا، جو پنهنجن ٻارن کي سرڪاري اسڪولن ۾ ڌڙا ڌڙ داخل ڪرڻ لڳا. مان جنهن ڪلاس ۾ هوس تنهن ۾ پنجاهه شاگرد هئا، جن مان مسلمان فقط 3 هئا. مسلمانن ۾ ترڪي جي ڪمزوري ڪري سياسي هيجان آيل هو ۽ علي ڳڙهه تحريڪ ڪري انتشار پيل هو. اهڙي هيجان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خيز ۾ انتشار انگيز ماحول ۾ سکرجي ڀڻ خير خواهه ليڊرن ويهين صديءَ جي شروعات ۾ سنڌي روزاني اخبار "الحق" جاري ڪئي. 1901ع ۾ سکر شهر جي آبادي 31316 هئي، جنهن مان هندن جو تعداد 20 هزار هو. عيسائي مشنري پاران پادري پوليس جي حفاظت هيٺ شهر جي چوسولن تي بيهي ڪليو ڪلايو عيسائين جي تبليغ ڪندي اسلام ۽ بانيءَ اسلام تي حملا ڪندا هئا. پويون فتنو مسلمانن لاءِ ناقابل برداشت هو. مگر مسلمان بيوس هئا، جو شهر جو فوجدار هندو هو. اهڙي پر آشوب ماحول ۾ جڏهن ميونسپالٽي جو صدر سکر جو عيسائي يورپين ڪليڪٽر هجي ۽ نائب صدر هندو ته پوءِ مسلمان هر حال ۾ بيوس هئا. ليڪن سکر شهر جي واپار تي ميمڻ واپارين جو گهڻي ڀاڱي قبضو هو. مثلاً سيٺ حاجي احمد سيٺ جان محمد، سيٺ حاجي موسيٰ وٽ فريئر روڊ تي عاليشان دڪان هئا، جتان ولائتي مال ڪانسواءِ بمبئي ۾ ڇپيل سنڌي ۽ دينيات جا ڪتاب پڻ ملي سگهندا هئا. انهن دڪانن تان فقط يورپين قيمتي مال خريد ڪندا هئا يا اميراڻو طبقو. هندو واپارين وٽ هڪڙو به ڇگو دڪان ڪونه هو. يورپي خريدارن جو ميمڻ دڪانن تي ڏينهن جو ايترو هجوم لڳل هوندو هو، جو تانگن جي ميڙ ڪري رستو روڪجي پوندو هو. اهي ميمڻ واپاري نهايت مخير هئا. هر جمعي تي بي انداز دولت فقيرن ۽ محتاجن ۾ ورهائيندا هئا، ازانسواءِ مسلمانن ۾ اتحاد ۽ سياسي شعور پيدا ڪرڻ لاءِ سيٺ حاجي احمد فريئر روڊ تي پرنٽنگ پريس کولي روزانه اخبار "آفتاب سنڌ" سنڌيءَ ۾ جاري ڪرائي. بلبل سنڌ مرحوم شمس الدين "بلبل" کي ايڊيٽري جي واڳ حوالي ڪئي، جو وقت جو جيد عالم ۽ نظم ۽ نثر ۾ ۾ طوليٰ رکندڙ اديب هو. روزاني "آفتاب سنڌ" جو بلاڪ به حضرت استادي بلبل تيار ڪرايو هو. آفتاب نالي جي پاسي ۾ ڪجيءَ جو وڻ ۽ هلال هو، پر تاري بدران برطانوي بادشاهه جو تاج هو. انهن ٽن شڪلن جو مقصد هن طرح هو ته ڪجيءَ جو وڻ ۽ هلال معنيٰ "آفتاب سنڌ" اسلامي اخبار هئي ۽ برٽش تاج جي معنيٰ هئي ته اخبار انگريزن جي طرفدار ۽ وفادار هئي. بلبل جو قلم ۽ اخبار جي مزاحيه پر ظرافت ڪالم سڀ ڪان اڳ پادرين جا ڏيڍر ڍلا ڪري ڇڏيا چند ستون ملاحظ فرمايو.

"ڪالهه مارڪيٽ جي چوسول تي سفيد جبو پاتل شيطان ابن شيطان کي وعظ ڪندي ڏٺم، جنهن جي چيلهه سان صليب ٻڌل هوا، افسوس! مون وٽ دمشق جي خمدار ترار ڪانه هئي، جو هن جي هڪ ڌڪ سان ڪبر جي سسيءَ وانگر ڌڙ کان ڌار ڪري "ايوبي" سنت کي تازو ڪيان ها!"

عيسائي پادرين لاءِ "آفتاب سنڌ" ويل ٻاري ڏنو. اجا ٻه هفتا اخبار کي شايع ٿيندي مس گذريا ته مسلمان وعظ ڪندڙ پادري کي ڪليو ڪلايو گاريون ڏيڻ لڳا. ڪن مسلمانن کي فوجدار هرداس مل فوجداري تي گهرائي دباءُ لڳو. بلبل کي خبر پيئي ته هن ڪالم ۾ فوجدار جي اهڙي لاڪ لاٿائين، جو ٻاهر نڪرندو هو ته پوليس وارو ساڻ ڪٽندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملاحظ فرمايو بلبل جا ٻول:

”مسلمانو! ٻارن کي اسڪولن ۾ پڙهايو، توهان کي خبر هجي ته تعليم پرائڻ سان اوهانجا ٻار گورنر ۽ ڪمشنر بڻجي ويندا. هڪڙو واڻيو گهوڙو گڏهه تي ڪوهرن جو ڪنو رکي ڪوهر وڪڻندو هو، پٽ کي اسڪول ۾ داخل ڪيائين جو پڙهي فوجدار ٿيو، پر سندس واڻڪي عادت جا ڪيس پتا. ٽوپڻ داس ڪان ورثي ۾ ملي هئي، سا مٽجي نه سگهي. سياڻن سچ چيو آهي:

”گڏهه گهوڙي نه ٿئي جي سونا وجهينس سنج،
توڙي پاٽيون وجهنيس پنج ته به ڏوڙيو وجي گونهه تي“

راقم الحروف ۽ بلبل: آچر ڏينهن اخبار بند رهندي هئي مان هر چنچر تي جڏهن اڌ ڏينهن موڪل ملندي هئي ”آفتاب پريس“ ۾ ويندو هوس، جو ته پريس جي دفتر ۾ ايشيا، يورپ ۽ بمبئي ڪاتي جا نقشا لڳل هئا. مون لاءِ پهريون دفعو هو جو مون نقشا ڏٺا. نقشن تي نالا ملڪن جا اردو ۾ لکيل هئا. مان خانگيءَ طرح اردو جو اڀياس ڪندو هوس، تنهن ڪري آساني سان نقشن کي پڙهي سگهندو هوس. آفتاب سنڌ اخبار ۾ اسلامي ملڪن جون جيڪي خبرون ڏنل هونديون هيون انهن خبرن پٽاندر نقشن کي ڏسندو هوس. جڏهن منجهي پوندو هوس ته استاذي بلبل ويهاري اخبار کولي جاگرافيڪل ۽ تاريخي واقعات تي تبصرو ڪري منهنجي حولصه افزائي ڪنداهئا. هڪڙي ڏينهن مون ڪاغذ تي ڪين بمبئي ڪاتي جو نقشو ڪڍي ڏيکاريو. منهنجي هٿ جي صفائي ڏسي مون کي چوڻ لڳا: ”پٽ رحيم! انشاءَ الله جيڪڏهن اهڙو ذوق شوق جاري رکندين ته پڪ ڪنهن ڏينهن چمڪندين.“ اڳين استادن جوهي طريقو هو ته ڪنهن شاگرد جا جوهر ڏسندا هئا ته ان کي ڪمال مروت جي نظر سان چمڪائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. هن باڪمال بزرگ جي علمي صحبتن مان منهنجي دل ۾ پهريان جاگرافي جو سلو اپريو، جنهن جو ثمر تاريخي منهنجي دماغ ۽ ذهن کي اهڙو شيرين لڳو، جنهن جو اڄ نتيجو ڏسان ٿو. حضرت استاذي جيڪا پيشنگوئي فرمائي سا سئو پيسا صحيح ثابت ٿي. آفتاب اخبار ٿورو وقت جاري رهي ليڪن ادبي نقطئہ نظر سان هن جيڪو پارٽ ادا ڪيو ۽ مسلمانن ۾ جيڪو علمي ۽ سياسي شعور پيدا ڪيو اهو يادگار رهندو. بلبل سنڌ سر سيد احمد خان تحريڪ جو حامي هو. سندن معرڪ انگيز قلم عيسائي پادرين جي ٻوٿ کي لغام ڏنو، مسلمان پنهنجن ٻارن کي اسڪولن ۾ داخل ڪرڻ لڳا.

هي چند سٽون بطور عقيدتمندي جي جناب حافظ محمد احسن جي چوڻ تي ديوان بلبل جي جديد ايڊيشن لاءِ لکيون اٿم. حضرت بلبل سنڌ جي سوانح کي لکڻ وقت ان دؤرجي ماحول کي به پيش ڪرڻ ضروري امر آهي، مصنف کي اهو نوٽ ڪرڻ گهرجي.

# مري ٿيا نہ مات: شمس الدين ”بلبل“

**غلام محمد ”گرامي“**
سلسلو مطبوعات نئين زندگي نمبر-8
مرتب: سيد حسام الدين راشدي-1965

مرحوم رئيس شمس الدين بلبل پنهنجي حيثيت توڙي فني ۽ شاعراڻي حيثيت سان سنڌ جو اهو سپوت آهي، جنهن تي سنڌي ادب جيترو بہ فخر ڪري اهو ٿورو آهي. مرحوم بلبل هڪ صحافي، هڪ شاعر، هڪ اديب ۽ هڪ مزاح نگار جي حيثيت سان جيڪي سنڌي ادب ۾ پنهنجي وطن جون خدمتون ڪيون آهن، اهي اڻ مٽ ۽ امر آهن. مرحوم بلبل، 1857ع ۾ ميهڙ جهڙي مردم خيز شهر ۾ جائو. اتي نپنو ۽ وڏو ٿيو ۽ اتي ئي پڙهيو ۽ ڪمال تي پهتو.

مرحوم بلبل جنهن دؤر ۾ اکيون پٽيون اهو دؤر پنهنجي تاريخ ۽ سياسي پس منظر جي ڪري جنگ آزادي وارو درو چيو وڃي ٿو. هي اهو دؤر هو جنهن ۾ وطن جي آزاديءَ لاءِ هندن ۽ مسلمانن پاڻ ۾ گڏجي ڪري انگريزن جي خلاف آزاديءَ جو جهنڊو کنيو هو. افسوس جو اها مهم ڪامياب نہ ٿي ۽ انگريز پنهنجا پير اڳي کان بہ وڌيڪ پختا ڪري ويا.

جڏهن تہ هندستان جي حڪومت انگريزن، مسلمانن کان ئي حاصل ڪئي هئي، تنهنڪري انقلاب جي ناڪاميابيءَ کانپوءِ انگريزن سمجهيو تہ مسلمان قوم پيهر اسان کان حڪومت کسڻ جو خيال رکي ٿي تنهنڪري ان قوم کي اهڙو تہ ناس ڪجي جو پيهر ڪنڌ بہ کڻي نہ سگهي.

انهن ارادن کي سانديندي انگريزن هر طرح سان مسلمانن کي پيڙڻ ۽ لتاڙڻ شروع ڪيو. مسلمانن جا ليڊر ۽ عالم جيل ۾ وڌا ويا ۽ ڪيترن کي ڦاهي تي لٽڪايو ويو ۽ ڪيترن جون ملڪيتون ضبط ڪيون ويون. اهڙي طرح ملازمتن، تجارت ۽ تعليم ۾ بہ مسلمانن کي نظر انداز ڪيو ويو. مسلمان اڳي ئي پيڙجي چڪا هئا، ويتر جو ڪين تجارت ۽ تعليم، روزگار ۽ معاشي حيثيتن ۾ ڏک هنيو ويو تنهن ڪين ناس ڪري ڇڏيو. انگريزن جي انتقامي روش کي اڳتي هلي سر سيد احمد خان ٿڏو ڇنڊو هنيو ۽ مسلمانن متعلق سندن غلط فهميءَ کي دور ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. سر سيد احمد اهو فيصلو ڪيو تہ مسلمان جيستائين انگريزن جي پيدا ڪيل ڪاليجن ۾ جديد تعليم حاصل نہ ڪندا

تيستائين هنن جي راڄ ۾ خوش وقت نہ گذاري سگهندا ۽ نہ ڪو هندن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ترقي ڪري سگهندا.

سر سيد اصل ۾ ان دؤر جو هڪ وڏو سڌارڪ ۽ مصلح ٿي پيدا ٿيو. سندس جدوجهد ۽ سرجوشيءَ سان علي ڳڙهہ ڪاليج برپا ٿيو ۽ مسلمان جديد تعليم جي تحصيل ۾ جنبي ويا.

ان دؤر ۾ جن جديد تعليم حاصل ڪئي، تن ۾ هڪ نئون قيرو آيو ۽ انهن ۾ هڪ اهڙو گروهہ بہ پيدا ٿيو، جن انگريزي تهذيب جي نقالي اکيون ٻوٽي شروع ڪئي. وضع قطع، توڙي اخلاق ۽ اطوار ۾ ديسي ماڻهو هوبهو صاحب لوڪ بڻجي پيا. اهو ظاهر آهي تہ ٻاهرين چڪ ۽ مڪ، بودو باش، لباس ۽ خوراڪ جي پيروي ڪرڻ ڪانپوءِ منجهن نہ پنهنجو مذهبي شعور رهيو ۽ نہ منجهن اهي مشرقي طور طريقائي رهيا.

بلبل، اهو سارو دؤر پنهنجي اکين سان ڏٺو. جديد تعليم جا ادارا بہ ڏٺائين ۽ انهن مان پيدا ٿيل ماڻهو بہ ڏٺائين. اڳي هلي بلبل پنهنجي ظرافت آميز ۽ مزاحيہ شاعريءَ سان انهن ديسي صاحبلوڪن جا خوب چوڏا لاٿا. سندس طنزيہ اسلوب نهايت تعميري ۽ افادي هو. پاڻ ڪنهن بہ هڪ شخصيت تي ڪابہ انفرادي طرح سان جرح ۽ طنز نہ ڪيائين. سندس جرح ۽ طنز جو رنگ عوامي ۽ اجتماعي رهيو. سندس فن ۾ زهر خند سان گڏ تبسم زيرلب جي ملاوت بہ هئي. بلبل پنهنجي دؤر تي ڪلندي ڪلندي نشترون هڻي ڪيٻون ۽ سندس فاسد مواد وهائي ڇڏيو. سندس فن اهڙو تہ انفراديت پسند آهي جو اڄ تائين سندس فن جي تقليد ڪوبہ ڪري نہ سگهيو آهي. بلبل، امر ڪي زهر ۽ نفيءَ ڪي اثبات جي رنگ ۾ رڱي پيش ڪيو. سندس مواد، موضوع، پيشڪش، اسلوب ۽ مقصد کي اڳيان رکي سيني نقادن اهو فيصلو ڏنو آهي تہ بلبل جو ان فن ۾ مقام نهايت بلند آهي. بلبل جي ظريفانہ نڪتہ سنجي ۽ بذلہ گوئيءَ ۾ تعمير ۽ افاديت کي مرڪزي حيثيت حاصل آهي. هن "وادي سنڌ" جي مسلمانن کي نئين تهذيب جي زهر کان بروقت خبردار ڪيو ۽ پنهنجي مذهبي روايتن ڏانهن رجوع ڪرڻ تي مجبور ڪيو.

بلبل اهو ڪم ان دؤر ۾ ڪيو، جنهن ۾ صحيح معنيٰ ۾ سوچيندڙ ذهن وارا ماڻهو ايترا هئا جيترو اٽي ۾ لوڻ!

بلبل جي فن کي ڏسبو تہ ڪيس ڪل پوڳ،مسخري ۽ خنده زنيءَ سان ڪو دلي چاهہ نہ هو، پر ان جي مقابلي ۾ ڪنهن بہ مسئلي کي ظريفانہ، طنزيہ ۽ مزاحيہ رنگ ۾ پيش ڪرڻ جو استاد هو. سندس مهارت ان مان صاف ظاهر آهي تہ سندس فن ۾ طنز موجود آهي، پر اها آهي مزاح ۽ ظرافت جي رنگ ۾، جنهن کي هڪ فنڪار ۽هنرمند جي هٿ لڳڻ سان سندس فني رنگ زياده ديده زيب ۽ دلڪش پيو لڳي. پيو تہ ڪنهن فرد يا پوري

سماج تي ان قسم جي ڪڙي تنقيدڪرڻ، جنهن سان ذوق سليم کي ڪابہ ناگواري محسوس نہ ٿئي ۽ ظرافت جي اصولن جي پابندي بہ قائم رهي، هزارن مان ڪو هڪ اڌ ظريف ۽ دانشمند ئي اهڙي فن جو مظاهرو ڪري سگهي ٿو. باقي هرڪو ان فن کي نباهي نہ ٿو سگهي. هن فن جي خاص اصولن ۾ اها ڳالهہ بہ ضروري آهي تہ فنڪار ۾ خلوص هجي، سندس ذاتي لاڙن ۾ تعصب نہ هجي، دشمني نہ هجي ۽ ڪنهن سان بہ عناد نہ هجي، ڇا لاءِ تہ هن فن جو وڏو تعلق فنڪار جي خلوص سان آهي، جيڪڏهن فنڪار ۾ خلوص موجود آهي تہ پوءِ سندس فن اثرائتو بہ ٿيندو ۽ ٻين کي پسند بہ پوندو. باقي شخصي چيڙ ڇاڙ يا گار گند کي تہ هرڪو نٿو پسند ڪري، ڀيو تہ ان کي نہ طنز سڏبو نہ مزاح. اهو ئي ڪارڻ آهي جو هن فن جي استادن جو چوڻ آهي تہ فنڪار فرد يا معاشري جا عيب پلي بيان ڪري انهن جي مرضن ۽ غلطين تي پلي نشترون هڻي پر ڪيس هر حال ۾ دانشمنديءَ ۽ بصيرت کان ڪم وٺڻو پوندو.

ان حيثيت سان ڏسبو تہ بلبل جو فن، زندگيءَ جي اونداهيءَ سان گڏ سندس بي معنيٰ گوشن کي بہ ظاهر ڪري ٿو. تعلق رکندڙ ماڻهو سندس اشاري ۽ ڪنايي کي سمجهي لذت بہ حاصل ڪري ٿو ۽ ڪلندو بہ رهي ٿو. ڇا لاءِ تہ سندس نگاهہ فرد ۽ سماج جي ڳجهن عيبن تائين بہ پهچي وڃي ٿي. بلبل جو اهو عمل آهي تہ نهايت دردناڪ، پر اهڙي مخلصانہ ۽ دوستانہ انداز سان ڪيو وڃي ٿو جو هر حال ۾ پريت رهجي ٿي اچي، ڪابہ رنجش پيدا نہ ٿي ٿئي.

بلبل جي فن جو ٻيو وڏو ڪمال اهو بہ آهي تہ هو سماج جي پيچيده ۽ منجهيل مسئلن جي تهہ تائين پهچڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو.

هو ايترو تہ باريڪ بين آهي، جو پاڻ سان گڏ پڙهندڙن جي نگاهہ کي بہ سماج جي جهرندڙ ديوارن تائين پهچائي ٿو ڇڏي، تان جو هو ٻاهران رونق وارن محلن جي دريچي مان جهاتيون پائي ڏسي ٿا سگهن تہ اندر ڪاريءَ وارا ڪڪ آهن. ان سلسلي ۾ بلبل پنهنجو انداز بيان جڏهن پرپور تنقيد وارو ٿو ڪري تڏهن سماج جي بي روح ۽ کوکلي ڍانچي کي پنهنجي قلم سان نہ فقط ڪڙڪائي ٿو ڇڏي پر ان مان تڙڪات ڪڍائي ٿو ڇڏي.

بلبل جو اهو بہ ڪمال آهي تہ هو سماج جي اوڻاين کي هڪ چغلخور بد بخت وانگر پڌرو نہ ٿو ڪري، پر ياران شاطر ۽ حريفانہ بذلہ سنج وانگر ڪلندي ۽ کلائيندي چٽڪيون هڻي ٿو ڪڍي. پر جتي ضرورت آپريشن جي ٿئي ٿي، اتي گهاءُ بہ گهرو ٿو ڪري، پر جتي نرميءَ ۽ شفقت جي ضرورت ٿئي ٿي، اتي ڪلندي تبسم زيرلب ۾ زهر ملائيندي بہ نہ ٿو گسي. فرق اهو آهي جو اهو زهر بہ مريضن لاءِ ترياق ٿي پوي ٿو. معاشري جي مطالعي

ڪانپوءِ جڏهن بلبل ڏٺو ته چڱا چوڪا ماڻهو نقاليءَ ۾ مبتلا آهن. تڏهن سندس قلم ڪينچيءَ وانگر وهي ٿو ۽ نقالن جا پچ ڪتري وجي ٿو متي چڙهي!

بلبل جي فن ڪي غور سان مطالعي ڪرڻ ڪانپوءِ اهو به نظر ايندو ته سندس سماجي مطالعو نهايت تيز آهي، سندس نگاهه سماج جي معمولي کان معمولي مسئلي ڪي به نٿي ڇڏي. ان طرح سندس فن جو ڪمال اهو به آهي جو سندس زبان ۾ لطافت آهي. سندس زبان اهڙي سليس ۽ شسته، شيرين ۽ نمڪين آهي جو ماڻهو پيو پڙهي ۽ گونگهي وانگر ڳڙ جا چسڪا وٺي پيو ڪلي ۽ ٽڙي! سندس تنقيد ۾ تلخي ته هر حال ۾ هوندي، پر ان سان گڏ تلخيءَ جو احساس ستائي نه ڪوڪڙيءَ ستيءَ جي پيئڻ وانگر منهن ئي بچڙو ٿئي!

بلبل جي فن جي تعارف ڪانپوءِ سندس ڪلام مان ڪجهه مثال تا ڏيون.

سندس ڪلام ۾ اهوئي نظر ايندو ته بلبل هڪ طرف فرسوده ۽ بي روح، بي ذوق ۽ بي ڪيف مشرقيت تي طنز ٿو ڪري ته ٻئي طرف مغرب جي انڌي تقليد ۽ بيجا تڪلف، خوشامدانه رنگ ۽ غير مخلصانه مک چک واري منافقانه چال، ”ٻاهر زيب زبان سين، اندر هيچارو“ واري اندرڪارائي تي به خوب گرفت ٿو ڪري. ان سلسلي ۾ ليڊرن ۽ انگريز پرست ديسي صاحب لوڪن جي چڱي لاک لاٿي اٿس. پنهنجي فن متعلق ٻڌائي ٿو:

پنهنجا عيب سڀ ڪوڏسي ٿو سگهي
ڏسي نه ته هي اعمال نامو پڙهي
هي ڪل مسخريءَ ۾ نه آٿيو شمار
مگر هي ڏسي ٿيو گهٽو شرمسار
چوڻ جو چوڻ ڪل جي ڪل آهه
ذهن ۽ ذڪاء لئي وڏي ذل آهه
رڳي ڪل جاٽي سو آ ڪم فهم
پسي حال ٿئي، غور واري کي غم
ڪديم ساري دنيا جو نقشو شفاف
ته اخلاق فاسد جو فوٽو گراف.

سنڌيدان جو نقشو هن طرح چٽيو اٿس:

سنڌيدان جاهل، سيه رو ۽ سخت
نجس، نااهل، ناخرد، خفته بخت
سنڌيدان ايدئٽ، سنڌيدان فول
رڳا جانور جهنگلي ۽ جهول

سنڌيدان جي ڪهڙي آ دسترس
سنڌيدان جو مان، گوڏيم، بس!
سنڌيدان بي دانش و بي عقل
انهن ساڻ صحبت نہ گهرجي اصل
سنڌيدان جو ورڪ، ويري خراب
ويچاري کي آفيس ۾ پي نہ آب
سنڌيدان کي ڪين ملندو گريڊ
سنڌي ڍل ۽ ويڪ، بيڪار، بئڊ!
سنڌيدان جو لسٽ ۾ لاسٽ پي
سنڌيدان کي هڻ بندوق پري!

سنڌيدان جي مقابلي ۾ انگريزن جي هيءَ حالت آهي:

جي پانئين تہ مولا ٿئي مهربان!
تہ سک علم تون انگريزي زبان
انهيءَ علم پاجهون، هجي جاهلي
شقاوت، نحوست تہ بي ڪاهلي
جي سنڌي ۽ عربي، پڙهيئي پارسي
تہ سڏبين وڏو سست ۽ آرسي
تڪر لاءِ محتاج، بيروزگار
هجين حاڪمن وٽ وڏو بيوقار
پٽيوال پي ڪين، ٽوڪي پڇن
ڪلارڪ تہ جاهل ۽ احمق سڏن
جي عزت جهان جي رکو، ٽنبٽس
پڙهو انگلش، انگلش، انگلش!
بنائي اهو علم، حاڪم حريف
رسائي اهو علم، لنڊن شريف!

جديد تهذيب لاءِ چوي ٿو:

لباس، نفيسن جي تي ٽنب ٽانءِ
مڪانن جي زينت سنڌي زيت زانءِ

گلابند، کالر، لڪڙ، هاف بوٽ
گهڙي، ڪوٽ، پتلون، چشما چروٽ
قميصون، ڪفندار، جاڪٽ جراب،
سليپر، سپاٽا سبائڻ ثواب
ڏنگي سينڌ، نِنڍڙا چِتا، مڇ دراز
ٽوال ۽ ڪنگي، برش، صابڻ جو ساز
صفا سر، تہ ڏاڙهي، چيڙ چٽ، قلم
زبان تي بہ گٽ مٽ رهي دمبدم
گلي ۾ هجي نيڪٽائي سياه
نہ پرشن، يا ترڪش، ڪرسچن ڪلاه
سجوڏينهن سيٽي، صبح شام واڪ
هجي هٿ ۾ هنٽر، تہ ٽم ٽم ٽڙاڪ
رکڻ هڪڙو بل ڊاگ آهي ضرور
نہ تان، ٽيندو وڏ ماٺيپي ۾ قصور
مقرر هجي، چاءِ بسڪٽ جو ٽيم
تہ جاين جو سينگار، پڪچر، فريم
نصارن جو ڪاڄ، نصارا لباس
کٽ، ميز، ڪرسي، بتي ۽ گلاس
نئين طرز پوشاڪ جو ڊيل ڊول
پراڻي ڪيائين تہ ٿيو ڊيم فول!

اخلاق ۽ مذهب مان پيدا ٿيل اطوار، صبر ۽ شڪر، زهد ۽ تقويٰ وارن لاءِ چوي ٿو:
هي سنڌي نمونا، ڪٿان تو وڏا
جو چارئي لڳو لڳ، بلا تي بلا
وفا، شڪر، صبر ۽ راستي
جفا، قهر ۽ زهر جان ڪاستي
اهي غير جنسون نہ قابل شنيد
اسان وٽ نہ ڪي ديده دهر ديد

ڪوڙ جي تعريف ۾ چوي ٿو:

اها ها ها! نالي متو نامور
اسان جو تہ لارڊ، اسان جو تہ سر
اسان جو تہ ديوان صاحب دروغ
لياقت فضيلت جو آهي فروغ

نئين تعليم تي چوي ٿو:

آهہ نئين تعليم، ڳڙ ٻڙ، درجهان انداختہ
حرڪتون شيطان آڻي، درميان انداختہ
عمر ساري، علم انگريزيءَ ۾ پوري ڪري
اڄ هنر ۽ سڀ ڪي گهرجن نهان انداختہ
علم انگلش جو ڏسي اڄ زور ”بلبل“ بيگمان
عقل اهڙي وقت، وتاب و توان انداختہ

(آڪٽوبر—1965)

# سنڌي ادبي جي ارتقائي تاريخ

## نثري ادب: شمس الدين بلبل (هڪ تنقيدي جائزو)

### تحرير: ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي

هن زماني ۾ سنڌي نثر نويسيءَ ۾ جنهن اديب انقلاب آندو سو مرحوم شمس الدين بلبل هو. هو صاحب مرزا قليچ بيگ جو همعصر هو. هن سنڌي ادب تي ۽ خصوصاً سنڌي شعر تي چڱيون تنقيدون ڪيون. سال 1882ع کان وٺي قليچ بيگ ۽ بلبل سنڌ جا درخشنده ستاره رهيا جن جي ڪوشش سنڌي ادب کي خوب چمڪايو. هنن جون تحريرون سنڌي ادب ۾ تنقيد جي بنيادي پٿر جي حيثيت رکن ٿيون. مرزا صاحب سيني موضوعن کي سليس ۽ نصيحت پريل گفتن ۾ لکيو آهي. ان زماني ۾ شمس الدين بلبل به وڏو انشا پرداز ۽ صحافي قلم ڪار ٿي گذريو آهي. هن خاص طور تي مضمون نگاري تي قلم هلايو. سيد علي اڪبر شاهه "علمي دنيا" جي ماهه اپريل 1930ع واري پرچي ۾ بلبل کي سنڌي زبان ۾ مضمون نگاريءَ جو موجد قلم ڪار لکيو آهي. هو چوي ٿو: "سنڌي زبان ۾ هن پنهنجي رنگيني ۽ ظرافت سان جيڪا جدت پيدا ڪئي سا ان کان اڳ ۾ نه هئي گويا ان فن ۾ ڪيس سنڌي انشاجو موجد چئي سگهجي ٿو."

ڊاڪٽر ابراهيم خليل جي به ساڳي راءِ آهي ته: "بلبل پنهنجي زماني ۾ اخبار معاون سنڌ ۽ آفتاب سنڌ ۾ مضمون لکي ادب ۽ انشا جو اهڙو عطر فشان خزانو لٽايو جو انهن اخبارن جو معيار صحافت ۽ ظرافت ۾ اج تائين هڪ ڪلاسيڪل شيءِ آهي".

بلاشڪ بلبل جا مضمون طنز و مزاح باعث علمي ماحول ۾ مقبول ٿيا. انهن ۾ تيرهن چار مڪرن جا مار ۽ قلندري ميلو جهڙيون تحريرون اچي وڃن ٿيون. پر اها حقيقت به پنهنجي جاءِ تي درست آهي ته مقفيٰ عبارت ۾ هجڻ باعث انهن مان مضمون نگاريءَ جون تقاضائون پوريون نه ٿيون ٿي سگهن. البت شمس الدين بلبل جي نثر جو وڏو حصو ساري ۽ عاري عبارت ۾ به آهي، جيڪو هن اخبارن ۽ رسالن جي ادارت لاءِ استعمال ۾ آندو آهي. هن جون ڪيترن موضوعات تي لکيل تحريرون بيانيه مضمون کان شخصي مضمون جون بوليندڙ تصويرون آهن. بلبل جو ڪتاب "عقل ۽ تهذيب" به ان جو مثال آهي، جيڪو 15 مضمونن جو مجموعو آهي. انهن مان چند مضمونن جا عنوان درج ڪجن ٿا. مثال طور عقل وارو ڪنهن کي چئجي؟ وقت جو قدر- مسترنيلر صاحب جو ٿائيم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيبل- اخلاق ۽ سڌاري جا پندرنهن سوال- ظالم ڪنهن کي چئجي؟ انگريز قوم ۾ ڪهڙيون خوبيون آهن جي اسان کي سکڻ گهرجن وغيره وغيره. موضوع، اظهار ۽ سلاست جي لحاظ کان انهن ۽ ان جهڙن ٻين ليکن مان شخصي مضمون جو روح لياڪا پائي رهيو آهي.

ڄيٺمل پرسرام، پرمانند ميوا رام، شمس الدين بلبل، محمد هاشم مخلص ۽ مولانا دين محمد وفائي جهڙا معروف صحافي پنهنجي وقت جا اعليٰ پايہ جا اديب ۽ مضمون نگار پڻ هئا. شمس الدين بلبل کي ظريفانہ طرز سببان سنڌي ادب ۾ وڏو مقام حاصل آهي، جيڪو هن صحافت ذريعي حاصل ڪيو هو. ”آفتاب سنڌ“ جو ڪجهہ عرصو ايڊيٽر ٿي رهيو ۽ پنهنجون ذاتي اخبارون پڻ ڪڍيائين. بلبل جو سڄو زور معاشري ۾ سڌاري آڻڻ ۾ لڳل هوندو هو. نئين تهذيب ۽ تمدن ۾ جيڪي خرابيون عام ٿي ويون هيون، انهن جي بيخ ڪني ڪرڻ لاءِ هن جو قلم تلوار وانگر هلندو هو ليڪن سندس طنز و مزاح خالص تعميري آهي. هن جا مضمون ۽ ظرافت سنڌي ادب ۾ لازوال حيثيت رکن ٿا. سندس نثر موزون، شائستہ ۽ بليغ آهي.

خليل ”ادب برائي ادب“ ۽ ”ادب برائي زندگي“ ٻنهي نظرين کي صحيح سمجهي ٿو.بلبل جي ڪلام تي تنقيد ڪندي چوي ٿو: ”ملڪي معاشرت جو بلبل جي ڪلام تي ڪهڙو اثر پيو ۽ خود بلبل جي ڪلام ملڪ تي ڪهڙو اثر وڌو.“ ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هو ادب جي افادي ۽ متعدي هجڻ جو قائل آهي. هڪ ٻئي هنڌ لکي ٿو تہ:”ادب اسان جي زندگي جو آئينو آهي جيڪي کي اسين ڏسون ٿا تنهنجي تصوير ادب ۾ لفظن جي ذريعي چڪيون ٿا، جنهن کي حقيقت نگاري چئبو آهي. بلبل جي تصنيفن مان سنڌ جي تمدن ۽ معاشرت، عوام جا جذبا ۽ خيالات، مختلف ماڻهن جي پيشن جي صحيح ۽ زنده تصويرون ملنديون.“هو ادب ۾ زندگيءَ جي عڪاسي ۽ ترجماني کي ضروري سمجهي ٿو. اهي خيالات عقليت تي مبني آهن. چو تہ انهن ۾ ادب جي انهيءَ عيني تصور جو پتو ٿو پوي، جنهن ۾ ادب کي سماج کان عليحده صرف تفريح طبع جو باعث سمجهيو ويندو آهي. خليل، بلبل سنڌ ۾ رقم طراز آهي تہ:

”سرمايہ پرستن جي وچ ۾ رهندي ۽ زميندارانہ نظام کان واقف هوندي بہ (بلبل) سنڌ جي تمدن، معاشرت، مختلف انسانن جي ڪيريڪٽر ۽ جمهور ۽ عوام جي خيالات ۽ جذبات جي صحيح ترجماني ڪئي آهي.“

انهيءَ نقطئہ نظر مان ظاهر آهي تہ نقاد بلبل جي ڪلام کي اجتماعي قدرن جو ترجمان ڄاڻي ٿو. هو سمجهي ٿو تہ ادب جو ڪم محض ذوق ۽ وجدان جي تسڪين ڪرڻ نہ بلڪ ان سان گڏ اجتماعي زندگي جي ترجماني ۽ افاديت جي علمبرداري ڪرڻ بہ آهي.

خليل جي عملي تنقيد تي بہ انهن ئي خيالات جو اثر آهي جنهن ڪري اها جمالياتي تنقيد جي حدن ۾ داخل ٿيو وڃي ٿي. صرف بلبل "سنڌ" ئي اهڙو ڪتاب آهي جنهن ۾ سندس اندازِ تنقيد مختلف آهي. بلبل جي شاعريءَ کي پرکڻ لاءِ هن سماجي، اخلاقي، مذهبي ۽ تاريخي پس منظر کي خاص طرح سان پيش نظر رکيو آهي ۽ انهن ئي قدرن جي روشنيءَ ۾ سندس ڪلام جي افادي پهلوءَ کي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس، اهو نقطہ نظر گهڻي قدر سائنٽيفڪ آهي.

گراميءَ جي عملي تنقيد پڻ انهن نظرين جي روشنيءَ ۾ ٿئي ٿي، سندس "بلبل جي فن جو تنقيدي مطالعو" سنڌي تنقيد ۾ هڪ مثالي حيثيت رکي ٿو. ان جو انداز بہ سچو ئي سائنٽيفڪ آهي. اهو مضمون علمي ۽ تجزياتي تنقيد جو نادر نمونو آهي، جنهن ۾ تاريخي ۽ تهذيبي پس منظر ۾ بلبل جي فن جو جائزو ورتو ويو آهي ۽ ان جي اهميت تي روشني وڌي وئي آهي. هو ٻڌائي ٿو تہ شاعر ان دور جي حالات مان ڪهڙي قسم جا اثرات قبول ڪيا ۽ سندس فن ۾ ڪهڙو شديد رد عمل ٿيو. هو پنهنجي ماحول ۽ زماني جي ترجماني ڪرڻ ۾ ڪيتري حد تائين ڪامياب ويو آهي. گرامي صاحب جي ناقدانہ نظر نهايت وسيع ۽ تيز آهي. هن شاعر جي ڪلام جي افادي پهلوءَ کي اجاگر ڪيو آهي ۽ ان ۾ جيڪو روح عصر Zeitgeist پنهان آهي تنهن کي معلوم ڪيو اٿس. هو ٻڌائي ٿو تہ شاعر ڪهڙو حيات بخش پيغام ڏنو آهي. مثال طور هو چوي ٿو تہ "مرحوم بلبل جي مزاح ۽ طنز مرڪ ۽ ٺهڪ مان اها مراد هئي تہ سنڌ جي مسلمانن ۾ نئون روح پيدا ٿئي، شڪست خوردگي ۽ زوال پذيري جا آثار گم ٿين. سنڌي مسلم عوام ۾ حدت ۽ حرارت، خود آگاهي ۽ خود شناسي سان گڏ پنهنجي تهذيب ۽ زندگي، معاشرت ۽ ثقافت جي صحتمند اصولن سان هم آهنگي پيدا ٿئي."

گرامي بلبل جي فن جو تجزيو ڪندي تقابلي تنقيد Comparative Criticism کي پڻ اختيار ڪيو آهي. هن بلبل جي فن کي اڪبر ۽ حاليءَ جي فن سان ڀيٽي ثابت ڪيو آهي تہ بلبل جو فن ۽ شعور گهڻو بلند پايہ جو آهي. گرامي صاحب، بلبل جي فن جو مطالعو غائرانہ نظر سان ڪيو آهي ۽ ان کي اصلي رنگ ۽ جزالت سان پيش ڪيو اٿس. هن جنهن علمي انداز سان بلبل کي ادبي دنيا سان متعارف ڪرايو آهي تنهن ان جي فن کي سدائين لاءِ زنده ۽ تابنده بنائي ڇڏيو آهي ۽ ان کي ادب ۾ هڪ اعليٰ مقام بخشيو آهي. سچ پچ تہ جنهن وسيع نظري، فڪري گهرائي ۽ علمي تبصري سان بلبل جي فن جو

---

**نوٽ:** ڊاڪٽر صاحب جي هيءَ تحرير، حضرت بلبل متعلق سندس متي ذڪر ڪيل ڪتاب جي مختلف صفحن تي پکڙيل آهي. انهن پٽرا گرافن کي ملائي تحرير کي يڪجا ڪيو ويو آهي، سندن لکت ۾ ڪابہ ڦير گهير يا ڪمي بيشي نہ ڪئي وئي آهي. (شمس ابن ضياءَ ابن بلبل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# رئيس شمس الدين ”بلبل“

### ڊاڪٽر عزيز الرحمان ٻگهيو

”هندن جا بجڪا ڏار ڪيو ۽ مسلمانن جا بجڪا ڏار ڪيو.“

جنگ آزادي واري سال يعني 1857ع دادو ضلعي جي شهر ميهڙ ۾ جنم وٺندڙ مرحوم رئيس شمس الدين ”بلبل“ هڪ دور رس نگاهه رکندڙ يا سياسي مفڪر جيان، مٿيون اظهار مرڻ کان ٿوريون گهڙيون اڳ ڪيو هو ۽ سندس وفات 13 سيپٽمبر 1919ع تي ٿي هئي.

سندس آخري ايام واري دور کي جڏهن اسين ڏسون ٿا ته (جنهن ۾ هندستان جون مکيه سياسي پارٽيون ڪانگريس ۽ مسلم ليگ هڪ ٻئي کي گهٽ ويجهو اچي چڪيون هيون ۽ هوم رول تحريڪ به زورن تي هئي) هن قسم جي راءِ عبرت ۾ وجهندڙ سياسي صلاح جي حيثيت ۾ اکين اڳيان اپري ٿي ۽ بعد جي حالات ۾ رونما ٿيندڙ ڳالهيون ان کي عجيب اڻ گسندڙ اڳڪٿي ثابت ڪن ٿيون. اڪثر ماڻهن جي اها راءِ آهي ته تاريخي طرح ڏٺو وڃي ته پاڪستان جي شڪل ۾ جدائيءَ جي جانب اهو پهريون ڇٽو اعلان تصور ڪرڻ گهرجي، جنهن جو مشورو مرحوم ”بلبل“ ايڏو صاف لفظن ۾ جرئت سان مرڻ مهل ڏنو سچ پچ ته هن جملي جا لفظ ڪيڏا نه توريل تڪيل ۽ ڪيڏا نه معنيٰ خيز آهن!

اسان مٿي ٻڌائي آيا آهيون ته سياست ۽ صحافت جو پاڻ ۾ ويجهو سٻنڌ آهي ۽ سياست مناسب موقعا ۽ وارداتون مهيا ڪري ”صحافت جي تلوار“ کي تيز ڪندي آهي ۽ چمڪ ۽ جلا بخشيندي آهي، پر جڏهن سياسي سوجهه ٻوجهه وارو ماڻهو صحافت جي ميدان ۾ لهي پوي ته اهو ڪهڙي پائي ۽ بلنديءَ جو قلم ڪار بنجي سگهي ٿو، ان جو اندازو لڳائڻ مشڪل نه آهي. اهائي خوبي ۽ خصوصيت مرحوم شمس الدين ”بلبل“ ۾ هئي جنهن هن کي پنهنجي صحافتي پيشي جو بي مثال ۽ منفرد مقام حاصل ڪرايو ۽ هن قلمي قوت سان مخالفن جو ڪاميابيءَ سان مقابلو ڪيو. منهنجي خيال ۾ ان ساڳي خصوصيت جو ڪرشمو اسان ويجهڙائي ۾ مرحوم شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ جناب علي محمد راشديءَ جي شخصيتن ۾ ڏسي چڪا آهيون. لطف جي ڳالهه اها آهي ته ”بلبل“ جي

عظمت جو اعتراف. ساڳئي زمري ۾ ايندڙ راشدي صاحب هن طرح ڪيو آهي تہ مرحوم شمس الدين ”بلبل“ ”سنڌ اندر اخبار نويسيءَ ۽ لٽريچر جو ڏاڏو آدم هو.“ سندس همعصر صحافي ۽ شاعر مرحوم محمد هاشم ”مخلص“ وري هن طرح داد ڏنو آهي:

”بلبل مرحوم سنڌ جي مسلمانن ۾ پهريون اخبار نويس هو. پهريون شخص هو جنهن صحافت جي ميدان ۾ شاعري ڪئي ۽ هوئي هڪ صحافي هو جنهن پهريان پهريان صحيح معنيٰ ۾ ايڊيٽري ڪئي ۽ موجوده سليس ۽ پر اثر رنگين مضمون نويسي جو سڪو ڄمايو.“

اسان جي محترم ۽ بزرگ صحافي جناب حافظ خير محمد اوحدي جو چوڻ آهي تہ صحافي لاءِ اديب هجڻ ضروري آهي. جيتوڻيڪ اديب لاءِ صحافي هجڻ غير ضروري آهي. ان حساب سان بہ ڏٺو وڃي تہ مرحوم ”بلبل“ هڪ اعليٰ قسم جو اديب، انشاپرداز، پنهنجي منفرد تحرير جو مالڪ ۽ ان سان گڏ بي مثل شاعر بہ هو ۽ شاعر بہ اهڙو جيڪو مزاح ۽ طنز کي بہ شاعري ۾ نباهي سگهيو ٿي.

ننڍپڻ ۾ مرحوم ”بلبل“ ان وقت جي مروج عام تعليم سنڌي، فارسي ۽ عربي ۾ حاصل ڪئي پر طبيعت جو ذهين ۽ ذڪي شاگرد هو. پنهنجي ليکي هن گهڻو ڪجهہ اپياس ڪيو ۽ پرايو. 1872ع ۾ ڪجهہ وقت لاءِ انجنيري کاتي ۾ ، داروغي جهڙي ننڍيڙي حيثيت ۾ نوڪري ڪيائين پر اها طبيعت جي آزادي سان نہ آئڙيس ۽ جلد ئي ڇڏي ڏنائين. ليڪن ڇڏيائين ڪيئن جو اهڙي قدم تي اڻ سڌي طرح آماده بہ انجنيري کاتي جي هڪ انگريز انجنيئر هن نموني ڪيس جو سندس خدا داد قوتن ۽ ذڪي ذهن کان متاثر ٿي کيس شاهہ نامہ فردوسي تحفي طور ڏنائين.

بس ٿوري ئي وقت ۾ ”بلبل“مرحوم کي پنهنجي ارد گرد جون حالتون ۽ ماحول ننڍڙو ۽ ساهہ کي گهٽيندڙ محسوس ٿيڻ لڳو ۽ اهڙي طرح هو ميهڙ مان نڪري ڪراچي ۾ 1889ع ڌاري پهتو. بقول سندس فرزند مرحوم ضياالدين ضيا، ”سنڌ جي سر سيد، مرحوم خانبهادر حسن علي آفنديءَ جي جوهر شناس نگاهہ، مرحوم ”بلبل“ کي سڃاڻي ورتو ۽ کيس پنهنجي سياسي، علمي ۽ تعليمي تحريڪ کي زور وٺائڻ لاءِ پنهنجو دوست، رفيق ۽ معاون، دست راست ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو.“ خود مرحوم آفنديءَ هڪ دفعو چيو هو تہ:

”مون کي عجب آهي تہ اهڙو انسان ميهڙ جهڙي ننڍڙي شهر ۾ ڪيئن پيدا ٿيو؟“

ڪراچيءَ جي ڪليل فضا ۾، رهي ڪري، مرحوم ”بلبل“ شعور جي وسيع ميدان ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ۽ هر ننڍي وڏي ڪم ۾،مرحوم حسن علي آفنديءَ سان ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو. مرحوم کي پنهنجي جوهر ڏيکارڻ جو پهريون موقعو تڏهن مليو، جڏهن پونا ڪميشن ۾ سنڌ جي زرعي مسئلن متعلق حاضر ٿيڻ ٿي، کيس مرحوم حسن علي

آفنديءَ لاءِ حقائق گڏ ڪرڻا پيا. سنڌ جي زمينن هارين ۽ زميندارن ۽ سندن حالات جي باري ۾ هن شخص انگ اکر جمع ڪرڻ سان ڪمال ڪري ڇڏيو هو. نتيجي ۾ مرحوم بلبل جي شاهدي کان متاثر ٿيندي پونا ڪميشن سنڌ سان دکن ايگريڪلچرل رليف ايڪٽ لاڳو ڪيو ۽ اهڙي طرح زميني ملڪيتون بچايون ويون. بلڪ ان جو فائدو اڄ تائين سنڌ ۾ ورتو پيو وڃي. سنڌ صوبي جي ٻئي مجموعي جز جو ڪم مرحوم بلبل وقف علي الاولاد جهڙي مفيد قانون پاس ڪرائڻ جو هو جنهن سلسلي ۾ پنهنجي ملڪيت وقف ڪري بهترين مثال قائم ڪيائين.

دراصل مرحوم "بلبل" کي عملي ميدان ۾ آڻڻ لاءِ اهو درد ذميدار هو جو ڪيس سنڌي مسلمانن جي سماجي، اقتصادي ۽ تعليمي طرح پٺتي رهجي وڃڻ واري حقيقت مان پيدا ٿيو هو. ان زماني ۾، مسلمانن جي حالت واقعي افسوسناڪ هئي، هر طرح ۽ هر طرف هندو ڇانيل ۽ اثرانداز هئا. جهڙا واپار ۾ تهڙا نوڪرين ۾، هندو اقليت ۾ هئڻ جي باوجود. تعليمي ترقيءَ سبب، هر هنڌ پنهنجي ڳالهه مڃائڻ واري پوزيشن ۾ هئا ۽ پنهنجي مفادن کي محفوظ رکڻ لاءِ بعض اوقات ته زياديتن ۽ ارهه زوراين تي به لهي ٿي آيا. مسلمانن ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ ۽ کين پنهنجي حقن جي حفاظت جي هنر ڄاڻڻ لاءِ، هو مرحوم حسن علي آفنديءَ سان اڳي شريڪ ٿيو هو.

پهريائين ته مرحوم "بلبل" ان قسم جا مضمون لکڻ شروع ڪيا جيڪي پر اثر ۽ اپيل ڪندڙ نوع سبب، مختلف رسالن ۽ اخبارن وڏي جوش ۽ شوق سان ڇپيا ۽ پڙهيا ايندا هئا. سنت ئي ڪيس سنڌ مدرسته السلام ڪراچي واري ماهوار رسالي "مجمع مدرسه" جي ايڊيٽري سونپي وئي جيڪو هن ڪراچي کان اڳ مشهور تصنيف "تنوير الايمان" جو مصنف ۽ فقه جو استاد مرحوم مولوي ميان محمد عثمان نورنگ زاده ڪيندو هو. اتان "بلبل" مرحوم جي صحافتي ميدان ۾ عملن گهڙڻ جي ابتدا ٿئي ٿي ان رسالي ذريعي مرحوم "بلبل" انهن تنقيد ڪندڙن کي به اثرائتا جواب ڏنا جيڪي لا علمي سبب، مرحوم آفندي جي پروگرام تي غلط نڪته چيني ڪري رهيا هئا. اهڙي طرح ان پروگرام لاءِ مددگار ماحول هموار ٿيندو ويو ۽ مسلمان انگريزي ۽ ٻيا علوم سکڻ لاءِ ميدان ۾ اچڻ لڳا. هن کي سندس جرئتمندانه ۽ حقيقت پسندانه لکڻين سڄي سنڌ ۾ مقبول ڪيو ۽ بلبل مرحوم کي اکين ۾ جايون ملڻ پڳيون. هن کي هڪ ٻئي پٺيان ڪيترن ئي رسالن ۽ اخبارن جون ايڊيٽريون آڇيون ويون ۽ متعدد اخبارن کي سندس سهڻين صلاحيتن ۽ هدايتن جي ضرورت محسوس ٿي. مرحوم "بلبل" کي "ڪراچي گزيٽ"، "هفتيوار خيرخواهه" لاڙڪاڻه. "هفتيوار مسافر" حيدرآباد. آفتاب سکر ۽ الحق سکر جنهن سان ڪنهن مرحلي تي ڇڱي خاص ڏي وٺ تي هئي جي ايڊيٽر تي رهڻ جو شرف حاصل آهي.

”آفتاب سنڌ“ سکر جو تہ مرڻ گهڙيءَ تائين ايڊيٽر رهيو. ايڏين مصروفيتن جي باوجود بہ مرحوم شمس الدين ”بلبل“ ڪمال جي شعر و شاعري، تعليمي ڪانفرنس ۾ دلچسپي، مختلف ٺهراءُ تيار ڪرڻ ۽ تقريرن ۾ بيحد مشغول رهيو. ساڳئي وقت مسلمان ٻارن لاءِ نصاب تيار ڪرڻ، مفيد پمفليٽ لکڻ، شايع ڪرڻ ۽ تقسيم ڪرڻ جو ڪم بہ گهٽي پاڳي سندس حصي ۾ رهيو. سندس ان سلسلي ۾ ڪيل ڪوشش جو پتو مرحوم ”بلبل“ جي ڪتاب ”مسلمان ۽ تعليم“ مان پوي ٿو جو پاڻ لکي مسلمانن ۾ مفت ورهاياائين. 1907ع ۾ ڪراچي ۾، آل انڊيا محمدن ايجوڪيشنل ڪانفرنس ٿي هئي جنهن جو روح روان مرحوم ”بلبل“ ٿو نظر اچي، جنهن ۾ سنڌي مسلمانن لاءِ هڪ ٺهراءُ پاس ڪرايائين ۽ فارسي زبان ۾ بهترين تقرير ڪري هندستان جي ڪيترن آيل عالمن فاضلن (جن ۾ نواب وقار الملڪ ۽ مشهور شاعر حالي بہ شامل آهن) کان داد ورتائين. سنڌي زبان سان گڏ هن فارسيءَ ۾ شعر و شاعري ڪئي آهي. پنهنجي ڳوٺ ميهڙ ۾ هڪ مدرسو قائم ڪيائين جيڪو بعد ۾ سرڪار هاءِ اسڪول بنايو ۽ وڌايو.

اسلامي همت ۽ غيرت ڪيتري قدر مرحوم ”بلبل“ ۾ هئي، ان جو اندازو ان واقعي مان بخوبي لڳائي سگهجي ٿو جيڪو مارچ 1913ع ۾ ترڪي جي مدد لاءِ ”انجمن هلال احمر“ جي وفد پاران ميهڙ آمد جي شڪل ۾ رونما ٿيو هو. ان موقعي تي تقرير ڪندي مرحوم ”بلبل“ في البديهہ نظم پڙهي هئي، جنهن جون نهايت اپيل ڪندڙ ۽ دل کي لڳندڙ ٻہ سٽون هن طرح هيون:

”هنن جي خير مقدم ۾ اسانکي هيئن چوڻ گهرجي،
اجهي هي زر اجهي زيور، اجهي هي گهر اجهي هي سر.“

وڌيڪ چيائين:

”ڀلي آيا ڀلي اي سرگروه قوم دين پرور
مجاهد في سبيل الله فائز في هلال احمر
اوهان جي خاص خدمت آ خدا جي راهہ ۾ورنہ
ڪٿي بستان، ڪٿي ويران، ڪٿي بنگلا ڪٿي هي بر.“

مرحوم شمس الدين ”بلبل“ هڪ قادر الڪلام شاعر هو. پنهنجي انفرادي طرز تحرير جو مالڪ هو. بهترين مقرر ۽ عالم اديب هو. ليڪن جنهن ڳالهہ کيس مقبوليت جي معراج تي پهچايو سو هئي سندس ظريفانہ مذاق ۽ مزاحيہ روش جنهن جو ڪليل ۽ دلبندي اظهار هن پنهنجي نثر ۽ نظم ۾ پرڪشش ۽ پر اثر انداز ۽ جرئت سان ڪيو. ان فن کي جنهن نموني هن ترقي ڏياري ۽ نباهيو، اهو مرحوم ”بلبل“ جو ئي ڪم هو ٻئي جي وس

ڪان ڳالھ ٻاھر ھئي. ھن مزاحيہ ۽ طنزيہ انداز ۾ ان وقت جي معاشري ۾ مروج غلط ڳالھين، بدعتن ۽ ڪمزورين کي ظاھر ڪيو ۽ ھڪ دور رس نگاھ رکندڙ رھنما وانگر، مرحوم "بلبل" عام ماڻھن کي صحيح رستي جي نشاندھي ڪري ڏني. ھن ھڪ طرف مغرب جي انڌي تقليد تي حملو ڪيو ۽ ٻئي طرف مشرقيت جي نالي ۾ اختيار ڪيل بدعتن ۽ بدڪارين جي بيخ ڪني ڪئي ۽ انھن کان پرھيز ڪرڻ جي ترغيب ڏني. ان سلسلي ۾ ھن غلط قسم جي ملن مولوين، وڏيرن ۽ واڻين ۽ مختلف ماڻھن جا خوب چوڏ الاٽا آھن. بدعتي پيرن جي خلاف بہ خوب چوھ چنڊيائين. خود آفتاب اخبار ۾ بہ بدعتي پيرن جي خلاف وقت بہ وقت مضمون پڌرا ڪندو رھندو ھو. مختلف موضوعات تي اٽڪل ست ننڍڙا ڪتاب لکيائين جيڪي 1896ع کان وٺي 1915ع تائين لکيل سندس پوڳ ۽ طنز سان ڀريل مواد تي مشتمل آھن. جن کي "مزاحيات" جي ھڪ نالي ھيٺ بعد ۾ ڇپيو ويو. سندس شعر و شاعريءَ تي "ديوان بلبل" شايع ٿيل آھي. ليڪن سندس سياست ۽ صحافت جو بھترين ۽ لازوال انڪشاف ۽اظھار مرحوم شمس الدين "بلبل" جي تصنيف "جام جم" ۾ ٿئي ٿو ائين ڪٿي چئجي تہ سندس سياسي ۽ صحافتي تجربي جو نچوڙ"جام جم" ۾ نروار ٿئي ٿو. دراصل "جام جم" ۾ آيل مواد "آفتاب سنڌ" اخبار ۾ 1918ع ڌاري ڇپيل ادارين جو مجموعو آھي. جڏھن "ھوم رول تحريڪ" زورن تي ھئي ۽ ان جي تيز وھڪري ۾ ڪيترائي ھندستان جا ناميارا اڳواڻ وھي ويا ھئا. اھو اھو زمانو ھو جڏھن ھندن ۽ مسلمانن جون بہ مکيہ سياسي جماعتون ڪانگريس ۽ مسلم ليگ ھڪٻئي کي گھڻو قريب اچي چڪيون ھيون ۽ ڪيترن ئي مسئلن ۽ مطالبن تي متفق ۽ متحد ٿي ويون ھيون. اٿني بيسنٽ جي ڪوشش جي نتيجي ۾ ۽ سندس شخصيت جي اثر ھيٺ، "ھوم رول تحريڪ" سنڌ ۾ پنھنجا پير ڪپايا ۽ ان ڪم ۾ ھتي جا ڪيترائي قومي خيالن وارا ليڊر جھڙوڪ رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي وڌو ڀھرو وٺي رھيا ھئا. سنڌ ۾ ان وقت مسلمانن جي آزاد خيالي جي ترجماني سنڌ محمدن ايسوسيئيشن ڪري رھي ھئي جنھن جو مکيہ دليل ھو تہ تعليم گھٽ ھجڻ سبب سياسي حقن جو حصول سنڌي مسلمانن کي ڪو خاص فائدو ڪونہ ڏيندو. تنھنڪري ھندن سان گڏجي آزاديءَ جا حق وٺڻ ٿيندو انگريزن جي ارھ زوراين مان نڪري ھندن جي ٻوھي ۾ اچڻ جيڪا صورتحال نسبتاً وڌيڪ خطرناڪ ھئي جو تہ انگريز تہ وري بہ ھڪ ڏينھن وڃڻ وارا ھئاپر ھتي ھميشہ رھندڙ ھندن مان جند آزاد ڪرائڻ ڏري گھٽ ناممڪن ٿي پوندو. لھذا اھا آزادي جي ڪوشش ۽ حقن جي گھرڏاڍي مھانگي پوندي. انھن ويچارن کي ورجائڻ ۽ مسلمانن کي ھندن جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسڻ کان وڌي واڪي انتباھ ڏيندڙن ۾ مرحوم "بلبل" ممتاز حيثيت والاري ٿو. پر گھٽائي وري بہ انھن اڳواڻن جي ھئي ۽

اڪثريت اهڙين اخبارن جي هئي جيڪي ”هوم رول“ جي تائيد ۾ ڪم ڪري رهيا هئا. انهن سيني جو مقابلو ڪرڻ ان دور ۾ جڏهن اخبار بيني تورا مسلمان ڪندا هئا ۽ هندن ۾ سجاڳي زياده هئي، اهو هڪ نهايت ڪٺن ڪم هو. ليڪن اهو ئي ڪم مرحوم ”بلبل“ پارو دلير ۽ بي باڪ لکندڙ هٿ ۾ ڪٽي سگهيو ٿي. ان حالت تي افسوس جو اظهار خود ”بلبل“ هن طرح ڪيو آهي:

”هندن جون ٻه چار روزانيون اخبارون، ٻه ٽي باءِ ويڪلي ۽ ڪيئي هفتيوار آهن، تن سان گڏ چوپڙين جو ٺڪاءُ پيوپوي. هيڏانهن هڪ انڌو ٻيو منڊو، الامين مخالفن جي چنبي ۾ ۽ انهن سان هم راءِ الحق ٻه نيمي دورن، نيمي برون. بلڪ ان جا خيال ٻه ساڳيا آهن. باقي هڪ اخبار چا پٽيندي ۽ چا روئيندي؟ هڪ هٿ سان تاڙي نه وڄندي آهي. جيڪي قوم جا سربراهه انهن ڳالهين جا مخالف ٻه آهن سي ٻه خواب خرگوش ۾ ستل آهن يا پائين ته مسلمان سائوگاهه آهن. سو پلي پيا ڪپجن. ائين ئي سائي جا ساوا رهندا. خبر ناهي ته اهو سندن خيال ڪيتري قدر مفيد آهي. يا ته رضا تي راضي آهن ته جيئن خدا ڪي وٽندو، تيئن ڪندو، مگر خداوند ڪريم هٿ پير، زبان، طاقت، قوت، دولت ٻه ڪنهن ڪم لاءِ ته ڏني آهي، جن ڪان دين ۽ دنيا جو ڪم وٺون. پر اسين ته پاڻ کي ٻنهي ڪمن ڪان عاري ۽ ڪورو ٿا ڏسون. الا ماشاءَ اللّٰه!

”ان بابت آفتاب ۾ جيڪو مٿو هنيو آهي ۽ هيترن سارن مسلمانن ڪي سوال جواب ڪيا آهن، سو ٻه ناظرين تي روشن آهي. تن مهينن ڪان اها ڏوڻ لڳي اچي پر هڪ نيٺ هڪ آهي، ڪيترين بلائن ڪي پڄندو...“ (1)

ان وقت هندن سان هم خيالي رکندڙ مسلمان ليڊرن جهڙوڪ آل نبي ۽ حسن امام جي دليلن ۽ تقريرن جا جواب، هڪ چوپڙيءَ ۾ مرحوم ”بلبل“ ڇپائي پڌرا ڪيا هئا، اهي پڙهڻ وٽان آهن. لکي ٿو

”تناسب اعداد 30 في صديءَ تي خوشي ڏيکاري اٿس، سا ٻه ٽي ساري هندستان جي آدمشماريءَ تي. باقي سنڌ ۾ ته انهيءَ تعداد سان مسلمانن جي تنگ ڪجي پوندي! ليڪن ٻين هنڌن تي هينئر 30 جي بجاءِ 40 في صدي آهي، سا اڃا ڏهه ٻه گهٽائي ٿو. افسوس ته اهو آهي جو اسان جا وڏا معزز مسلمان يا ته ڪجهه نه ڪن، جي ڪن ته حد ڪان زياده بي نمڪي يا شور. وڏيڪ افسوس ته اهو ٻه جو هندن جي پيشوائي ڪندڙ گويا اڄ ڪلهه اسان جا اهي ئي امام آهن. ڪو مورتي پوڄا ۾ ديوي بيسنتي مائيءَ جا چرن ٿو چمي ان ڪي گلن جا هار ٿو پهرائي، ڪو پنهنجي جلسي جو آغاز ”بندي ماترم“ جي بسم اللّٰه سان ٿو ڪري. اسان جو عالي دماغ، آنربل حسن امام ته ياحسين ڪري ڇڏي!

(1) ”جام جم“ شمس الدين ”بلبل“ ص 84.

چا چئي تہ ڪلڪتي مان ڦيرائي جي ڪانگريس جو جلسو صوبي بهار ۾ ڪن تہ يڪدم 30 هزار رپيا نقد ان ديويءَ جي ٻل چاڙهيندو. اهڙو ڪو غضب! جو امام مهديءَ جي نزول تي بہ هوند ڪو مومن مسلمان ايڏي قرباني نہ ڪري. مسلمانن جي احتجاجن ۽ مفلسيءَ جا اهو حال. اسان جي امامن جا اهي ٽوپا! "ڪاٿي چور سچا، ڪاٿي ڍور سچا"! اسان وٽ ان جي ٿين پتي هجي تہ بہ هوند ايجوڪيشنل ڪانفرنس جو ڌام ڌوم سان جلسو ڪري گذرون.

"غرض تہ مون چرئي ڪرئي، پنهنجي ناقص عقل موجب، ڏاڍو ان تي مٿو هنيو آهي. جيڪڏهن سبز باغ مان هڪ ٽاري سائي، يا ڪو گل ٻوٽو ڏسڻ ۾ اچي ها تہ منهنجو نالو اڳي ئي "بلبل" آهي، هوند جهٽ پٽ ٽپ ڏيئي ٻڪ وجهانس ها. مگر خزان ئي خزان. خار ئي خار نظر اچن ٿا. تنهنڪري منهنجو عرض آهي تہ هن بابت مون ۾ آفتاب جي خاطن ڏاڍو گهٽو لکيو آهي تہ اسين في الحال ۽ باالفعل هوم رول جي لائق آهيون ۽ نہ ان ڪي خراب ٿا چئون ۽ نہ گهرندڙن ڪي ..." (1)

"هوم رول" جي مخالفت جا ڪارڻ ڳڻائيندي، مرحوم شمس الدين "بلبل" راءِ زني هن طرح ڪئي آهي:

"قياس جي ڳالهہ آهي تہ سنڌ ۾ اسين مسلمان 80 سيڪڙو آباد آهيون ۽ هندستان ۾ وري سڀ مسلمان 20 سيڪڙو مس ٿيندا. جيڪڏهن ڪانگريس ۽ ليگ جي ٺهراءَ موجب فقط اسان کي بمبئي سان گڏ ٽين پتي ميمبرن جي ملي تہ بہ اسان کي ڪس نہ تہ هينئر جن صوبن ۾ مسلم ليگ ۽ ڪانگريس ٺهراءِ پاس ڪري 30 سيڪڙو عدد ڏنو آهي، اتي سرڪار 40 سيڪڙو حق ڏئي ٿي. تنهن ڪانسواءِ خود حڪومت جو اصل اصول ۽ مکيہ فائدو آهي عملدارين ۽ نوڪرين ۾. پوءِ جيڪڏهن تعليم ۽ امتحانن جي لياقتن تي نوڪريون ۽ عهدا ٿيا تہ بہ اسان لاءِ نقصان! اوهان خيال ڪري ڏسندؤ تہ وڏا عهدا يا عزتون نيٺ تہ تعليم ۽ لياقت تي ورهائبا. پوءِ اوهان اهڙو اندازو ڪيو آهي تہ سنڌ ۾ ڪيترا مسلمان گريجوئيٽ آهن. مون ليکو ڪيو آهي تہ بئريسترن سان ملائي هر هڪ ضلعي ۾ ڇئن ڪان ڇهن تائين مس مسلمان ليندا جي جملي 20، 30 آهن..... مگر جن پائرن جو هي حال آهي جو هاٽي ئي اجا ڪنهن لائق مسلمان کي قسمت سان ڪا جاءِ ملي ٿي تہ هندو اخبارن ۾ گهوڙا گهوڙا پئجي ٿي وڃي، پوءِ جي ڪين هوم رول مليو تہ اسان کي ڏوئين سان نہ ڏنيپيندا". (2)

مرحوم "بلبل" جي اهڙي خيال ۽ سوچ جي صحت، صاف ثابت هئي. هندن جي

(1) "جام جم" شمس الدين "بلبل" ص 108-109 ۽ 110.

(2) "جام جم": شمس الدين "بلبل" ص 94-95.

عام هلت واقعي انهن اهڃاڻن ڏانهن ڪليل اشارو پئي ڪيو تہ ڪين سياسي آزادي ۽ ملڪ ۾ اندر سوراج اهڙا گهرجن جنهن ۾ هندو جاتي جا انفرادي مفاد محفوظ رهن ۽ جنهن ۾ مسلمان وڏيڪ ننڍڙڪا ۽ ڪمزور رهن.

ان صورتحال جي تائيد. مرحوم ”بلبل“ جي سياسي مخالف مسلمانن ۽ سندن اخبار بہ بعد ۾ ڪئي. سيني کي معلوم آهي تہ ابتدا واري زماني ۾ روزانہ ”الوحيد“ اخبار باوجود ان جي جو خلافت تحريڪ جهڙي خالص مسلمانن جي مسئلي کي هٿ ۾ ڪنيو بيٺي هئي، هندستان جي اندروني سياسي ليول تي هندو مسلم ٺاهہ ۽ اتحاد جي دعويدار هئي. ان اخبار فرقيوارانہ ڇيڙ ڇاڙ کان نہ رڳو پاسو پئي ڪيو بلڪ ڇيڙ ڇاڙ ڪندڙن جي دل شڪني بہ پئي ڪئي. اهڙيءَ اخبار بہ اڳتي هلي، مجبوراً اهو مڃيو تہ هندن جي سياسي چال مسلمانن جي سراسر خلاف آهي ۽ هو پروسي جهڙا نہ آهن. اهڙي احساس جو اظهار سندس 6 ڊسمبر 1924ع واري اداريي مان صاف نظر اچي ٿو: اخبار لکيو:

”جڏهانڪر حيدرآباد ۾ سنڌ مسلم تعليمي ڪانفرنس منعقد ڪرائڻ جون تياريون ٿي رهيون آهن تڏهانڪر تعصبي هندن ۽ سندن ڪن اخبارن جي آرام ۾ اچي خلل پيو آهي ۽ سندن مضمونن مان صاف پيو معلوم ٿئي تہ هنن کي اها ڳالهہ پسند ڪانہ آهي تہ مسلمان پاڻ ۾ گڏجي پنهنجي قوم جي تعليم جي ترقيءَ جو خيال ڪن. اهڙي تعصبي هندو اخبارن کي پلا مسلمانن جو اهڙو ڪم ڪيئن وڻندو؟ هنن جي تہ اصل کان اها مرضي هئي تہ مسلمانن کي غفلت جي ننڊ ۾ ستل ڇڏي پاڻ وڃي ”هندو سيائون“ ٺاهين ۽ اهڙيءَ طرح هو پنهنجي ”هندو جاتي“ جي ترقي ڪندا رهن. ڪنهن ڪان بہ اها ڳالهہ ڳجهي نہ آهي تہ سنڌ ۾ جڏهن مسلمان پنهنجون اسلامي جماعتون (مثلاً سنڌ محمدن ايسوسيئيشن، سنڌ مسلم تعليمي ڪانفرنس ۽ سنڌ مسلم ليگ) ڇڏي جوق در جوق ڪانگريس ڪميٽين ۽ خلافت ڪميٽين جهڙين قومي جماعتن ۾ وڃي شريڪ ٿيڻ لڳا جي جماعتون سنڌي هندو ۽ مسلمانن جون گڏيل جماعتون هيون. وڏا وڏا سنڌي هندو ڪانگريسي اڳواڻ مسلمانن کي ڇڏي وڃي هندو سيا ۽ شڌي سيا برپا ڪري جداگانہ پنهنجي هندوجاتي جو رڳو ڪم ڪرڻ لڳا ۽ قطع تعلقات جي تحريڪ (جا ان وقت زنده هئي) کي خير آباد چئي وڃي موالاتي ۽ سرڪاري ماڻهن سان گڏ ڪم ڪرڻ لڳا. اسان سندن اهڙي ڪارروائي تي ڪو تعجب ڪونہ ڪيو جو تہ اسين اڳي ئي ائين سمجهي ويٺا آهيون تہ سرڪار جي مخالفت هندو جاتي گهڻو وقت ڪري ڪين سگهندي. هنن کي سوراج رڳو اهو گهرجي جنهن ۾ سندن ڪن پائرن کي ڪي وڏا عهدا ۽ وڏا پگهار ملي سگهن ۽ پنڊت مدن موهن مالويہ ۽ سوامي شرڌانند جي تجويزن مطابق هندستان جا ست

ڪروڙ مسلمان پنهنجو مذهب ڇڏي هندو ٿي وڃن...“

اها حقيقت آهي تہ وقت گذرڻ سان ان قسم جو احساس مسلمانن ۾ وڌندو ويو ليڪن ايترو اڳ ان ڪي سهي ڪري وٺڻ ۽ مسلمانن کي وارننگ ڏيئي هندن ڪان پڇي پري ٿي ويهڻ جي تلقين ڪرڻ جهڙو ڪم مرحوم شمس الدين ”بلبل“ جهڙو دور انديش ماڻهوئي ڪري سگهيو ٿي.

# بلبل مرحوم جو اصلاحي ڪردار

ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ

سنڌ جي پاڪ زمين هر هڪ دور ۾ ڪي اهڙيون هستيون پيدا ڪيون آهن جن جي علم و فن ۽ فڪر سان دنيا جو هي خطو هر وقت روشن رهيو آهي. تاريخ جي شروعات کان وٺي اڄوڪي دور تائين سنڌ ڪئين عالم ۽ فاضل شخص پيدا ڪيا آهن جن جي قابليت ۽ ڪمال مان نه فقط سنڌ جو عوام پر سڄي دنيا جا ماڻهو فيضياب ٿيا آهن. شاعرن جي به هتي ڪا گهٽتائي ڪانهي. اهو صحيح آهي ته ڪيترن شاعرن جو ڪلام ضايع ٿي چڪو آهي، پر ان هوندي به جيڪو هٿ چڙهيو آهي، سو ڪنهن به حالت ۾ ٻين ٻولين جي شاعريءَ کان گهٽ نه آهي. شاعرن جا گهڻيئي قسم هوندا آهن. ڪي تعميري ته ڪي تخريبي، ڪي اصلاحي ته ڪي عاشق مزاج، ڪي طنزيه ته ڪي ڳنڀيرڪي ٽڇ ميٽڻ (يعني في البديهه) ته ڪي وري ڇٽ ميٽڻ (يعني جڙتو)، ڪي عوامي ته ڪي وري علائقائي شاعر هوندا آهن. انهن سڀني ۾ عوامي ۽ تعميري يا اصلاحي شاعر جو درجو سڀ کان اعليٰ ۽ بلند رهيو آهي.

ميان شمس الدين ”بلبل“ جي تصنيفن مان ظاهر ٿو ٿئي ته هو طنزيه ۽ اصلاحي شاعر هو. عاشق مزاجي جي به ڪجهه ڇٽ سندس ڪلام ۾ مليل ٿي ڏسجي، جنهن ڪري اهو وڏيڪ سهڻو ۽ دل لپائيندڙ ٿيو پوي. ”بلبل سنڌ“ لاءِ ٻڌايو ويو آهي ته هو اترادي هو ۽ ميهڙ شهر جو رهاڪو هو. سندس وڏا مڪران جي طرف کان آيا هئا ۽ چينه يا (شينه) قوم مان هئا. (1)، پر سندس ديوان جي ديباچي ۾ ڪيس ذات جو ابڙو ڪري لکيو ويو آهي. بلبل جي تعليم سنڌ جي پراڻي رسم موجب قرآن شريف، نور نامي ڪريما، گلستان بوستان، ديوان حافظ وغيره تي مشتمل هئي، جا انگريزن جي سڄي دؤر ۾ سڄي سنڌ ۾ رائج هئي، پر هاڻي گهڻي ڀاڱي چڪي آهي. جوانيءَ ۾ هن وڃي ڪراچي وسائي، جتي حسن علي آفنديءَ ڪيس ”معاون“ اخبار جو ايڊيٽر ڪري رکيو. انهيءَ اخبار ۾ سنڌي شاعرن جا بيت ۽ غزل وغيره شايع ٿيندا هئا. ان ڪري هن به انهيءَ صنف تي ڪراچي ۾ طبع آزمائي شروع ڪري ڏني. جيئن ته سندس ذهن جو لاڙو شعر ۽ شاعري ڏانهن اڳيئي هو ۽ ويتر ڪا عشق جي چيٽ به لڳي ويئي هيس، ان ڪري ٿوري عرصي اندر هو هڪ سٺو شاعر ٿي پيو. ڏسڻ ۾ ٿو اچي ته بلبل پنهنجي شعر جي شروعات فارسي ڪتاب جي نظم جي

طرز ۽ وزن تي ڪئي هئي، جن سان ڪيترين ئي ستون پنهنجي نظم ۾ آزادانہ استعمال ڪيون آهنس. مثال طور:

پـيـارج ڪـواج بـيـر وسـڪـي جـو پـا
”ڪـريـمـا بـہ بـخـشـائـي بـر- حـال مـا“
وڏا مـان ڪـيـان تـو ولايـت لـئـي وس
”نـداريـم غـيـر از تـو فـريـاد رس“
مـتـان هـي اسـان ڪـي مـنـجـهـائـن مـلا
”نـگـهـدار مـارا ز راهـہ- خـطـا“ (2)

اهڙي طرح ٻئي هنڌ وري هيئن ٿو چوي:

ٻڌي وارن ۾ وانـگـوڙو هـلـي ٿـي ”مـس“ جڏهـن بـلـبـل،
”زتـاب جـعـد مشـڪـيـنـش چہ خـون افـتـاد در دلـهـا“ (3)

هن شعر ۾ ”مس“ جي وانگوڙي کي انهيءَ خوشبوءِ دار چڳ سان تشبيهہ ڏني آهي، جا هڪ خاص قسم جي هرڻ ۾ هوندي آهي ۽ جنهن مان مشڪ پيدا ٿيندو آهي.

مٿئين شعر مان ظاهر ٿو ٿئي تہ وانگوڙو ڪڍڻ انهيءَ دور ۾ ڪراچيءَ ۾ فيشن هو، پرهاڻي تہ ڳالهہ ئي اور آهي. ٿيدي چوڪريون وار ننڍا ڪيو ٺوميون ٺيو وتن يا تہ وري چوٽن جا وار اهڙي طرح مٿي چاڙهي ٿيون ٺاهين جو مٿي مان بہ مٿا نهيو پون. جوانيءَ کي جس آهي، جيڪي ٺاهين سو ٺهي. اهڙيءَ طرح ٻيا بہ ڪيئي مثال آهن، جنہ۾ بلبل فارسي شاعرن جي بيتن ۽ غزلن جون ڪيئي سٽون پنهنجي ٺاهيل نظم سان گڏ استعمال ڪيون آهن.

بلبل جي ڪلام کي چڱي طرح جاچ پڙتال ڪري ڏسجي تہ معلوم ٿيندو تہ سندس شاعري ٽن قسمن جي آهي: طنزيہ، عشقيہ ۽ اصلاحي، پر سندس شاعريءَ مان اهو پڻ ظاهر ٿو ٿئي تہ هو پراڻن خيالن جو ماڻهو هو، جنهن تي سندس مائٽن ۽ ماحول جو تالپري عهد وارو سچائي، اخلاص، شرافت ۽ ماڻَ پريل ثقافت جو اثر هو. اهوئي سبب آهي جو هو انگريز ۽ سندن زبان انگريزيءَ ۽ پڻ مغربي تهذيب جي سنڌين مٿان اثر انداز ٿيڻ جي خلاف هو. انگريزن سنڌ فتح ڪرڻ ڪانپوءِ غير مسلم قومن کي ڏاڍو زور وٺايو ۽ مسلمانن جي تذليل ڪئي. نہ فقط ايترو، پر اجا سنڌ تي قابض ٿي ڪونہ ٿيا هئا، تڏهن بہ هنن پنهنجي وت آهر سنڌ جي اميرن، نوابن، عهديدارن وغيره جي بي عزتي ڪئي هئي، جنهن جو اعتراف ڪرنل ايسٽوڪ پنهنجي مشهور ڪتاب ”Dry leaves from young Egypt“ ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي ڪيو آهي. (4) ٻيو سبب وري هي هو جو بلبل صاحب هو

فارسي ۽ سنڌي پڙهيل ۽ڪراچي ۾وڏا عهدا مليل هئا انگريزي پڙهيل ماڻهن ڪي، ان ڪري سنڌس انگريزن سان عداوت قدرتي طور هئي، جيئن پاڻ چوي ٿو:

جي ڪنڊين ڪين تون انگلش ڪي ادا ياد
تہ ترڪ ترقي ڪي ڏيئي بيهوده بيڪار ٿي هل
علم عربي ۾ ڪيئي عمر اجائي ضايع
جي پڙهيئي فارسي تہ ڪمتر ڪوتار ٿي هل (5)

اهو فقط بلبل جو طريقيڪار ڪونہ هو، پر سنڌ جي مسلمانن جي وڏي حصي ۾ بہ انگريزن جي خلاف نفرت هئي. اهو انهيءَڪري جو انگريزن غير مسلم عناصر ڪي سنڌن غداري ۽ ملڪ دشمني جي صلي ۾ وڏا عهدا ۽ انعام اڪرام ڏيئي نوازيو هو. بلبل جيئن تہ انهيءَ دور جي پيدائش هو ان ڪري ڪانئنس اهو ڏنو نہ ٿيو. ان ڪري انهيءَ بي انصافي جي خلاف هن هيءُ آواز اٿاريو:

”مسلمان هندن ۾ آٽيو تميز
تہ ڪيئن پست هي ٿيا ۽ ڪيئن هو عزيز
لقب واهہ ”ديوان صاحب“ وٺيو
نہ نديو ۽ وڏو راءِ صاحب بٽيو
ڪيائون ترقي تہ تعليم ۾
پڪڙجي ويا ساري اقليم ۾
جو هڪڙا تہ جج ۽ اسسٽنٽ ٿيا
ڏسو پيا تہ بيرسٽر بڻيا
جو هڪڙاتہ ڊپٽي ۽ مختيارڪار
تہ ڪي ڪليڪٽر ڪي دفتر مدار
جي هڪڙا هيڊ منشي تہ پيا اورسيئر
جي هڪڙا سپروائيزر تہ پيا انجنيئر
جي هڪڙا سب رجسترار تہ پيا فوجدار
سول جا ڪي ناظر تہ ڪي سرشتيدار
جي هڪڙا پليڊر تہ پياپبلشر
جي هڪڙا مينجر تہ پيا ايڊيٽر
مڙيئي آفيسون چڻ انهن جون خريد
ٿين ڪونہ ڪاتو ۽ عهدوبعيد.“ (6)

بلبل صاحب هندن جي انگريزن هٿان همت افزائي ۽ انهن جي ترقيءَ جو جيڪو نقشو چٽيو آهي تنهن جي هر هڪ سنڌي مسلمان کي خبر آهي. ڇاڪاڻ ته آزادي کان اڳ مسلمانن کي ڪلارڪي جي نوڪري به مشڪل سان ملندي هئي ۽ جيڪي هن وقت وڏن عهدن تي فائز آهن سي ڪنهن به حالت ۾ ڪلارڪي کان مٿي چڙهي نه سگهن ها. پاڪستان نه ٿئي ها ته مسلمانن جي حالت به نه بدلجي ها پر دنيا جو عجب رنگ آهي:

اسپ تازي شده مجروح زير پالان
طوق زرين در گردن خر مي بينم

ظاهر آهي ته بلبل جو قلم انگريزن ۽ انهن جي تهذيب جي خلاف هليو. جن جي رهڻي ڪرڻي، لباس ۽ فيشن وغيره سنڌ جي مشرقي ماحول ۽ روايات جي خلاف هو. انڪري هن مسلمانن کي انگريزن جي انڌي تقليد کان باز رکڻ خاطر ٽوڪ ۽ طنزيه نموني جي روش اختيار ڪئي آهي. جنهن جا مختصر حوالا هيٺ ڏجن ٿا:

پڙهو انگريزي ڪيو روح اعليٰ
وٺو خوب عهدا حڪومت هلايو
وٺي فيمليون پنهنجون فرحت سان ٻاهر
صبح سير ڪارڻ بگين ۾ بنايو
شرم ۽ حيا کان ڪيو پنهنجو پاسو
ڦري مال بينڪن ۾ پيسا بچايو
ڪيو ڪوڙ ۽ سچ جي ڪوشش نه ڪائي
لکو هڪ ته تنهن کي پڙهي ٻي ٻڌايو
ڏيو ڪن نه ڪنهن کي جي پونڪن ٿا ڪتا
اوهان پنهنجي بلبل بنا پر اڙايو (7)

وري ٻئي هنڌ هيئن ٿو چوي:

وجي هڪ شاپ تي ويهي برانڊي کي ڪيو هاها
”الا يا ايها الساقي ادرڪا ساونا ولها“

زمينون زر ڦرائي پو وجي پئو قرض ۾ ڪاهي
”ڪه عشق آسمان نمود اول ولي افتاد مشڪلها“

ولايت ڏي وجي ٿو ميل اسٽيمر ڪيو جلدي
”جرس فرياد مي دارد ڪه بر بنديد مهملها“

ڏني آهي پير مون کي پادري لڪچر تنهنجي لذت
”ڪه سالڪ بي خبر نه بود زراه ورسم منزلها“ (8)

نئين حڪومت جي ڪري معاشري ۾ جيڪي خرابيون اچي پيون هيون تن جي ازالي جي به ضرورت هئي،پيو ته انگريزن اچڻ سان اسان جي هنر ۽ صنعت کي ڪاپاري ڌڪ هنيو. اهو انهيءَ ڪري جو ڪين ايسٽ انڊيا ڪمپني جي مال جو وڪرو وڌائڻو هو.نتيجو اهو نڪتو جو ديسي صنعتڪارن ۽ ڪاريگرن جي تذليل ڪئي ويئي ۽ سندن پيشي ۽ ڌنڌي کي ننديو ويو نه فقط ايترو پر ڪين گهٽ ذات جو تصور ڪيو ويو. اڄ تائين اوهان ڏسندؤ ته واڍو، موچي، لوهار، حجام ۽ ڪنياتي وغيره نهايت ئي گهٽ سمجهيا وڃن ٿا. ان ڪري اهي پنهجي ذات بدلائڻ تي مجبور ٿيو وڃن. انهيءَ مصيبت جو بلبل هن طرح نقشو چٽيو آهي:

آهي نئين تعليم گڙ ٻڙ درجهان انداخته
حرڪتون شيطان آٿي درجهان انداخته
عمر ساري علم انگريزيءَ ۾ پوري ڪري
اڄ هنر ۽ڪسب کي گهر ۾ نهان انداخته
علم انگلش جو ڏسي اڄ زور بلبل بيگمان
عقل اهڙي وقت در تاب و توان انداخته (9)

انگريزي تعليم سان گڏ انگريزي نظام جي اچڻ ڪري انتظام ۾ جيڪا ڦير گهير پيدا ٿي سا به بلبل کي ڪانه وڻي، چاڪاڻ ته انهيءَ ۾ رڳو هئي غريبان مار ۽ انصاف به ڏاڍو ڏکيو ٿي مليو. رشوت ملڪ ۾ ڪاهي پيئي هئي، جنهن ۾ چور ۽ پاڳئي سان ساڳي روش اختيار ڪئي ويندي هئي. سو هن سهڻي طرح تمثيلي حوالا ڏيئي اهڙن واقعن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مثال طور پوليس جي جاچ جو نقشو هن طرح چٽيو اٿس:

ڏسو پوليس جو تلبيس ملڪ الموت جان مارو
مثال گرگ ڳاڙهو وات سر ۽ پيو بدن ڪارو

هجي سوناري جو سو ڌڪ لوهر تو هٽي هڪڙو
ڪٽي جهرڪيون ڪٽي ٿيو گرڙ پڪ جولهس لامارو

رهن تا ديو هيبت ناڪ جان ڪرڙا ڪنسٽيبل
ڏسو جو وارداتن تي لڳي تو تن سندو وارو

ستمگر سنگدل تيا صاف صوبيدار صاحب جن
رکن تا جور جمعدار جابر سي جفا کارو

هجن راڪس اهي رهزن سپاهي سپ وڏانديا
انسپيڪٽر بهادر "برڙ باڪس" جان رکن بارو

پلي پاڳئي ڏنو اطلاع جي چوري چڪاري جو
اچي تيندو متي ان گند گارين وڻ وسڪارو

"يڪي نقصان مايه" "بيو شماتت راز همسايه"
تيون پادر پليسي پيو اچي منجهه ويچارو

گهرن تا گاهه ۽ داڻو آٽيو ڪائيون ڪڪڙ چيلا
ڪرن ميڙي ڪنا ماڻهو وجهن تن جي متان مارو

پري چالان ڪوڙو ڪيس ڪورٽ ۾ ڪندا داخل
وجهي ڪوڙا سچا شاهد رکي بهتان جو بارو. (10)

مٿين ۽ ٻين انيڪ مثالن مان ثابت ٿو ٿئي ته هن همدردانه نموني ۾ سنڌ جي عوام سان خاص ڪري ٻهراڙيءَ ۾ رهندڙ ماڻهن سان ٿيندڙ ظلم ۽ زبردستيءَ کي بي نقاب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته جيئن ڪامورا ڪڙا پنهنجي برائن کان واقف ٿي پاڻ سڌارين ۽ خدا جي مخلوق کي ستائڻ کان باز اچن. ٻئي طرف وري عوام کي سندن برائين ڏانهن متوجهه ڪيو آهيس ته جيئن اهي بريون عادتون ڇڏي پنهنجي اصلاح ڪن. شراب، ڀنگ وغيره کان پاسو ڪن. شراب واپرائڻ تي سندس طنزيه شعر اڳيئي ڏنل آهي. هاڻي ڀنگ بابت ملاحظ فرمايو:

مرد موالين لاءِ معجون آهي ڀنگ
عشرت ۽ عيش ڪارڻ افزون آهي ڀنگ
ڪونڊو تنهين جو دائر هفت زمين جو
ڏنڊو تهين جو گردش گردون آهي ڀنگ
پنڪي تنهين جي منزل ملڪوت تي رسي
خشڪي تهين جي مقصد مجنون آهي ڀنگ
پرولي تنهنجي ڪو ته پروڙي موالي مرد
بلبل جو معاني مضمون آهي ڀنگ. (11)

انگريزن جي حڪومت اچڻ کان پوءِ ماڻهن جو رجحان سادگي، شرافت ۽ ديانتداري

مان بدلجي، بي ايماني، نڳي ۽ اجائي نٽ ڏانهن وڌڻ لڳو. جتي ڪٿي پيسي ۽ زر جي ڳالهه ٿيڻ لڳي، زر ڪانسواءِ ماڻهو لاچار ۽ بيڪار تصور ڪيو ٿي ويو ۽ اج بہ اهوئي رنگ هن ملڪ ڪي وٺيو بيٺو آهي. بلبل صاحب تمام مزاحيہ انداز ۾ زر ۽ زر جي زور بازيءَ جو نقشو چٽيو آهي، جو نہ فقط دلچسپ آهي، پر نصيحت آميز بہ آهي:

تـــي زر جـــي زور بـــازي — زر آهـہ تـہ عشـق نـهـہ پـهـہ
ڪـــر مـــوج روز تـــازي — زر آهـہ تـہ عشـق نـهـہ پـهـہ

زر جـــي آ ڪـــامـــراني — جـانـي سـڏي پـيـو جـانـي
هـر ڪـائـي مـاسـي نـانـي — زر آهـہ تـہ عشـق نـهـہ پـهـہ

زر سـان جـهـنـگ بـازار — جـو گـهـر تـئـي سـو حـاضر
بـــي زر شـــهـــر ۾ پـــادر — زر آهـہ تـہ عشـق نـهـہ پـهـہ

زر سـاڻ سـيـڪـو گـهـرو — چـاچـو ۽ پـاءُ چـهـرو
قـربـان سـس ۽ سـهـرو — زر آهـہ تـہ عشـق نـهـہ پـهـہ

زر سـان ڪـوجـهـو ۽ ڪـاٽـو — اڳ ۾ اهـو اگـهـاٽـو
چـريـو بـہ سـڏجـي سـيـاٽـو — زر آهـہ تـہ عشـق نـهـہ پـهـہ

زر تـــو وڏائـــي نـــالـــو — تـوٽـي هـجـي رزالـو
صـدقـي تـئـي پـيـو سـالـو — زر آهـہ تـہ عشـق نـهـہ پـهـہ

بـلـبـل پـلـيـا جـي هـن ۾ — سـي ئـي رلـيـا سـخـن ۾
دنـيـا جـي گـل چـمـن ۾ — زر آهـہ تـہ عشـق نـهـہ پـهـہ

بلبل جي اصلاحي تبليغ جو دائرو نہ فقط نظم تائين محدود هو پر نثر ۾ بہ تمام گهڻو مواد موجود آهي. سندس مشهور ڪتاب، "قلندر جو ميلو" ۾ هن عوام جو ڌيان ميڙي ۾ ٿيندڙ خرابين ڏانهن ڇڪايو آهي ۽ ڪين آگاهہ ڪيو آهي تہ انهن بدعتن ڪان باز اچي سٺن ڪمن ڏانهن پنهجو ڌيان ڏرين. هن تڪ بنديءَ تي تمام سهڻي سنڌي ۾ انهن واقعن ڪي اهڙو تہ سٺو بيان ڪيو آهي، جو پڙهندڙ سندس لاثاني قابليت ڪي ساراهڻ ڪانسواءِ رهي نہ ٿو سگهي. انهيءَ ڏس ۾ هيٺ ڪجهہ ٽڪرا ڏسن ٿا:

## ڌمال جو نظارو:

ملڪ ملڪ جا فقير فڪريلا، گروهہ گروهہ گرو ۽ چيلا، ڪي صفا باصفا مست ۽ ملنگ ڪي آرڏونگ آڙبنگ، ڪي روڏا توڏا يڪ سر دوگوش، ڪي لنگوٽ بند دلق پوش،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪن کي حال ڏاڍا، ڪن کي ڪننا ڪستا، ڪن کي ڳانا لعل، ڪن کي ٽاميون چيريون، ڪن کي ڪننا ڪڙا، ڪن کي گھنڊ گھڙيال، ڪن کي ڪنجون چيلهه سان، ڪن کي سونٽا در دست، لعل و لعل، مست و مست، ٻاهر اندر قلندر مست، وڏن ماڻهن جا ڪافين تي وارا، ذري ذري جاءِ تي ماڻهن جا مارا، ٽونٽن جا اهڙا وسڪارا، جو قيڙها لنگيون ٻوگهل ٻارا، رنن روڳڙين جا متي اوتارا، جڻ آسمان ۾ تارا، مرد انهن کي اهڙا اوڏا، جو ڪلهاڪلهن سان، گوڏن ۾ گوڏا، تماشي ۾ اهڙيون محو منظر، جو نہ تن جي سڌ نہ بدن جي خبر، جي هيٺ ڏسو تہ لکين آدمي گهٽا ۽ گهاتا، ڪن ڏيان ڏمال ۾، ڪن جا متي ئي وات ڦاتا، اکيون متي، پڳل ڳاتا، هڪ ٻئي متان اوراتا. (13)

**ميڙي ۾ خرابيون:**

”وري هيڏي ڏسو تہ ڪجري پاڻي جو دئو تمڪو گهڙيءَ جو ٽڪي جو ٽوئو، سو ڪٽي تنگيو، هڪ آيو تہ ٻيو لنگهيو، تن کي بہ فرصت نہ ساهي، هڪ اندر تہ ٻيو ٻاهر واهي، جي واءُ ڏني ڦيري تہ ٽوئو هيٺ تہ مال ڍيري، ڪي جڻ بدڪار تہ هاسڪار متو رنن جو ٽوئي مان پار ڪريو چڏين.“

”هوڏانهن وري ناٽڪ جو ڦاٽڪ کليو، تہ ٽڪيٽ لاءِ پاڪٽ خالي، مليو هت وري جادو مثل، نئين نموني جو سپ نقل، ڏينهن جو ڪارو منهن تہ رات جو گل جهڙو منهن، چيلهه چمڙي جي تہ رنگ بادام، مچر مچر جو اندر نام، چوڪر چڙي سپ ڏيڍ گهڙي، جل پري گلتي سون، ڪلاباتي زري، گهڙيءَ جو گهات، پري پري جو پات، عجب ادائون، عجب گانا، عجب سرود عجب پيمانا، سياڻا بہ ديوانہ ٿيو پون.“ (14)

**نقصان:**

”ڪنهن جي ڳنڍ ڪپي تہ ڪنهن جو گهوڙو گم، ڪنهن جو پٽڪو لونگي چٽ تہ ڪنهن جو اُت عدم، ڪنهنکي جوا جي هار تہ ڪنهنکي شرط جي مار، ڪنهن کي پير جي پچاڙ تہ ڪنهن کي دعا جي ڏپاڙ، ڪنهن جي هڙ هلاڪ تہ ڪنهن جا پيساپاٽي، ڪنهن جو داد نہ فرياد ڪنهن جو ڏٽي نہ ڏياٽي، ڪنهن جو بسترو ڇهو تہ ڪنهن جو بغچو بيران، هميشہ هڪ نہ هڪ جان جو نقصان بہ ضرورٿئي، ڪونہ ڪو مڙئي ڇيهو نہ سوڻ جو نہ سات جو نہ گهر جو نہ گهات جو.“

**ڳوٺ واپسي:**

”تن ڏينهن ڪان پوءِ ماڻهن جي پنتي تياري ٿي، اسٽيشن آزاري ٿي، مسافر چند در چند، دروازامقفو تہ ٽڪيٽ بند، پاسنجرن جي پيهہ، موچڙن جي ريهہ، بابو يابو تہ ماستر ماندو، پوٽو پامال تہ سنگلر کي سياندو، واٽر مين واٽڙو تہ ٽڪٽ چيڪر چريو، گارڊ گوڙ

بگوڙ ۾ ته ڊرائيور اڙيو. نيٽ جي وڙهي سڙهي پادر ڪائي وجي چڙهيا سي چڙهيا. پر هڪ ٻئي متئون وجي ڦڙهيا. ايتري ۾ ريل روان. ٽڪيٽون هٿ ۾. خلق نالان. پڙاءُ پڙاءُ تي موچڙي جو ٺڪاءُ. هر هنڌ تار ته خبردار خبردار. نه ڪلاس جو سنڌو نه پاس جو تڪرار. هڪ هڪ جاءِ تي چارچار. اهڙي دٻ دسجڻ ٻڪرين جا ڌڻ. ڪي اڌ وينا ته ڪي آسيرا. ڪي ايا ته ڪي پاسيرا. پاڻ ۾ به اٽ ويهه ۽ متا ستاڪنداويا. نيٽ سيڪو وجي خير سان يا شر سان گوٺ پهتو.

”آيو منهنجي شوقي شير. ڪارو منهن نيراپير. سيڪو پيلو پُنو. ميلو پُنو.“

قلندر شهباز جي ميلي ڪانسواءِ ٻيونثر جوڪتاب جيڪو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ موجود آهي اهو آهي: ”چٽ سوال پٽ جواب“ جنهن ۾ عام معلومات جا ٽوٽڪا ڏنل آهن. جي گهڻو ڪري سڀ نصيحت سان ڀريل آهن. مثال طور:

سوال: ڪراڙي ماڻهوءَ ۽ پراڻي شراب ۾ ڪهڙي مشابهت آهي؟

جواب: ڪراڙو آدمي ذليل ٿي رهندو ۽ پراڻو شراب عزيز ٿي رهندو.

سوال: سڀ کان تڪليف ڏيندڙ ڪهڙو ڪم آهي؟

جواب:بيڪاري ۾ خوش رهڻ.

سوال: دوست ۽ استقلال ۾ ڪهڙي مشابهت آهي.؟

جواب: اهي ٻئي مصيبت جي وقت پڇي وينداآهن.

سوال: قوم سان بدي ڪرڻ وارو ڇو ڪهاڙيءَ جي ڳڻ جهڙو آهي؟

جواب: ڇو ته هو پنهنجي هم جنس کي ڪپيندو آهي.“ (16)

انهيءَ ڪتاب ۾ اهڙا ٻيا به ڪيئي سوال جواب آهن جن جي پڙهڻ سان نه فقط ڄاڻ ۾ واڌارو ٿو ٿئي. پر ان سان گڏ نصيحت آميز تعليم به حاصل ٿئي ٿي :

آخر ۾ بلبل صاحب جي عشقيه ڪلام جا مثال طورپه ٽوٽڪا پيش ڪجن ٿا. جن مان بلبل صاحب جي قابليت ۽ سندس سنڌي ادب ۾ مقام جي خبر پوي ٿي:

دل لڳڻ سان دل ڪري جهٽ پٽ
ماه رخن تي وجي مري جهٽ پٽ
حسن اڳيان هي دل پتاشو ڏس
جيئن پاڻيءَ ۾ تو ڳري جهٽ پٽ
جي ڪريان تو سوال بوسي جو
هٽ هٽي تو وجي پري جهٽ پٽ
بيلي ڏاها مون کي اهو ته ٻڌاءِ
وٺي دلڙي سو ڪيئن اڙي جهٽ پٽ (17)

دل کي پتاشي سان تشبيهه آڇ پانيان تو تہ فقط بلبل ئي ڏني آهي ۽ کهڙي تہ سهڻي تمثيل آهي. جيئن پتاشو پاڻي ۾ وجهڻ سان ڳريو وڃي اهڙي طرح انسان جي دل پنهنجي محبوب کي ڏسڻ سان ڳريو پاڻي ٿيو وڃي. وري هڪ ٻئي هنڌ هيئن ٿو چوي:

دونالي دو چشمن ۾ بيني جي مک
نظر لاءِ نيشان آهي عبث
لجائي ٿو لالي لبن جي پرين
چپن ۾ چبڻ پان آهي عبث
عبادت کرڻ آهي افضل، مگر
بنا عشق انسان آهي عبث (18)

بلبل صاحب سچ چيو آهي تہ هر کنهن زندگيءَ جي پهلوءَ جي پوئواري ۽ ڪامياب زندگي لاءِ عشق جو هجڻ ضروري آهي، نہ تہ ماڻهو جو منزل مقصود تائين پهچڻ ڏاڍو ڏکيو ٿيو پوي.

بلبل جي مشهور تصنيفون هي آهن:

(1) ديوان بلبل ۽ ڪريما نيچرل (2) قلندر جو ميلو (3) چٽ سوال پٽ جواب (4) بهار عشق (5) تيرهن چار مڪرن جا مار (6) آئينہ تجارت مايہ ظرافت (7) شمس اللغات (8) ظريف الدولہ (9) گلزار لطائف (10) بخت بازي (11) ڪارو نيشن ڪپ (12) عقل ۽ تهذيب (13) مسلمانان سنڌ جي تعليم ۽ سرڪار (14) انگريز ۽ مسلمان (15) مسلمان ۽ تعليم (16) جام جم (17) رحيما سنڌي (18) بهارستان بلبل.

مٿين ڪتابن مان فقط پهريان ٽي ڪتاب سنڌ يونيورسٽي لئبريري ۾ موجود آهن. ٻيا ڪتاب نہ تہ يونيورسٽيءَ لئبريري ۾ آهن ۽ نہ وري سنڌي ڊپارٽمينٽ يا سنڌي اڪيڊمي ۾ آهن. افسوس آهي تہ اهڙي شاعر ۽ ليکڪ جا ڪتاب ناپيد آهن.جن کي پڙهي جيڪر ماڻهو فيض پرائي سگهن ۽ سنڌي ٻوليءَ جو هڪ سونهري دور معلوم ڪري سگهن.

### حوالا ۽ سمجهاڻيون

(1) خليل: ”بلبل سنڌ“ ص-3، فارسي ستن جي هيءَ معنيٰ آهي:

(2) ڪريما نيچرل: ص 42. (1) اي ڪريم! اسان کي بخش ڪر ۽ اسان جي حال تي رحم ڪر. 02) توڪانسواءِ اسان جي فرياد ٻڌڻ وارو ٻيو ڪو ڪونهي. 03) اسانکي خطا جي رستي کان بچاءِ.

(3) ديوان بلبل: ص-7، ”جعد“ فارسي ۾ مينڊيا يا مينڊين کي چئبو آهي، جن جي مٿي تي اڳيان ننڍڙيون چوٽيون هونديون آهن. ”جعد مشڪينش“ جي معنيٰ آهي خوشبوءِ دار چڳون.

(4) ڪرنل ايسٽوڪ: نئين مصر جا پراڻا ورق: ص-59، 79، 81

(5) ديوان بلبل: ص-27 ڪوٽار تپيدار جي پٽيوالي کي سڏبو آهي. مسلمان حاڪمن جي دور ۾ ڪوٽار سڄي شهر جو حاڪم هوندو هو، پر انگريزن انهيءَ عهدي جي تذليل ڪري انهيءَ کي گهٽائي ڪمتر ڪري ڇڏيو.

(6) مهراڻ: سماهي— 3— 1963: ص-326.

(7) ديوان بلبل: ص-34

(8) ديوان بلبل: ص-1 ۽ 7، ديوان حافظ جي شعر جي طرز ناهيل آهي ۽ انهيءَ سان بلڪل مليو اچي. پهرين سٽ عربي جي آهي، جا حافظ، يزيد بن معاويہ جي ديوان تان ورتي آهي. چئن ئي سٽن جو مطلب هي آهي: (1) اي ساقي؟ صراحي ۾ شراب جي گلاس کي ڦيرو ڏيندو اچ. (2) عشق جيتوڻيڪ شروع ۾ آسان لڳندو آهي، پر جڏهن ماڻهو ڦاسي ٿو تڏهن ڏاڍو ڏکيو ڪم ٿيو پوي. (3) گهنڊڻي پئي لڳي تہ جلد ڪري تيز هڏو قافلو هلڻ وارو آهي. (4) جو پهتل شخص منزل جي راهِ ۽ رسم کان واقف هوندو آهي.

(9) مهراڻ- سہ ماهي 3-1963: ص-201.

(10) مهراڻ- سہ ماهي-3-1963: ص 208.

(11) ديوان بلبل: ص-26.

(12) مهراڻ- سہ ماهي-3 سهد: ص-209.

(13) مهراڻ-3-1960: ص-325.

(14) مهراڻ-3-1960: ص-325، 326، 327.

(15) بلبل: چٽ سوال پٽ جواب: ص-39، 41.

(16) ديوان بلبل: ص-10.

(17) ديوان بلبل:ص-11.

# شمس الدين بلبل

پروفيسر محمد اسحاق ابڙو

اسان جي سنڌ سونهاري اهڙا سگهڙ ۽ سالڪ، عالم ۽ فاضل، صوفي ۽ درويش، سورهيه سرويچ، بهادر ۽ بي بها دُرّ پيدا ڪيا آهن، جن ديس واسين ڪي اوج ۽ اقبال، عروج ۽ جلال جو اتم نمونو ڏيکاريو. انهن مان ڪي مانجهي مرد ڌارين جي ظالماني حڪومت سان سينو ساهي ساٽيهه لاءِ سر ڏئي سرها ٿيا ته ڪن اٿاهه ساگر سوجهي ملهائتا ماڻڪ موتي ميڙي، سهيڙي سنڌ جي ساهت ڪي سينگارڻ جي جاکوڙ ڪئي. انهن سڄڻن جا اهڙا ڪارناما، جن اسان جي جيءَ ڪي جياريوآهي، انهن ڪي ور ور ڏئي ورجائڻ اسان جو وڙ آهي. ميهڙ جي مردم خيز مٽيءَ مان به هڪ اهڙو بانڪو بهادر، سورهيه سردار، آزاديءَ جو ڪوڏيو، ناميارو عالم، اديب شاعر، سڄاڻ صحافي ۽ سياستدان پيدا ٿيو، جنهن انگريزن جي پيانڪ ۽ پوائتي دور ۾ همت ۽ حوصلي کان ڪم ورتي، ماڻهن ۾ آزاديءَ جو روح ڦوڪيو ۽ سندن شاندار ماضيءَ ڏانهن ڌيان ڇڪايو. سنڌ جو هيءُ سورهيه سپوت شمس الدين "بلبل" آهي، جيڪو سن 1857ع ۾ ميهڙ جي هڪ عزت ڀرئي ۽ مڃي مانيءَ واري گهراڻي ۾ پيدا ٿيو. اتي ئي نپنو ۽پڙهي اوج کي رسيو. هيڻن سان همدردي ڪرڻ ۽ مظلومن جي مدد ڪرڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. سندس نثر توڙي نظم ۾ سرويچي ۽ سورهيائي، جرئت ۽ مردانگيءَ جون اَمٽ خوبيون جهلڪنديون نظر اچن ٿيون، جن جو امرت رس ونڻ سان مئل دليون به جيئريون ٿيو پون.

مرحوم بلبل اهڙي سمي ۾ وڏي وڏو ٿيو، جنهن ۾ انگريزي دور جا جاگيردار ۽ زميندار غفلت جي سيج تي اکيون ٻوٽيون وينا هئا ۽ غريبن جي نيٽن مان لال لڙڪ وهي رهيا هئا. هيءُ اهو وقت هو جڏهن ڪانگريس جي اڳواڻن هوم رول هلچل جي آڙ ۾مسلمانن کي ڇيهو رسائڻ جي سازش ڪئي ۽ ڪين علمي، مالي، سياسي ۽ پنگتي حيثيت سان فنا ڪرڻ جي جاکوڙ ڪئي، پر اهو قدرت جو قانون آهي ته هر سمي ۾ گهرج آهر موليٰ جو مرد پيدا ٿيندوآهي، جنهن جي لام لڳي پٽڪيل ماڻهو سنئين دڳ تي لڳندا آهن. بلبل سنڌ به قوم جو هڪ اهڙو سونهون پيدا ٿيو، جنهن سٽل کي سجاڳ ڪرڻ ۽ سجاڳ کي سنئين دڳ لائڻ لاءِ ڪانگريسين جو مردانگيءَ سان مقابلو ڪيو ۽ سندن چالبازين جي پٽ وائکي ڪندو ويو. ان مان اسان کي سڌ پوي ٿي ته بلبلِ سنڌ ۾

قومي غيرت ۽ وطن جي ورونهن جو امت خزانو موجود هو ۽ سندس لونءَ لونءَ ۾ سنڌ جي ستايل مسلمانن جي ننگ ۽ ناموس جو جذبو چوليون هڻي رهيو هو. ڪانگريسين به سندس سخت مخالفت ڪئي، پر هيءُ مثير مڙس دڙڪن پرڪين ڊنو ۽ هن پنهنجي ڪلا دار قلم سان سنڌ واسين آڏو اهڙو آئينو پيش ڪيو، جنهن ۾ مسلمانن جي حقيقي تصوير بڪڻ لڳي.

تاريخ شاهد آهي ته مرحوم بلبل جنهن دور ۾ اکيون پٽيون، اهو دور وطن جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد جو دور هو. جيئن ته انگريزن مسلمانن کان حڪومت هٿ ڪئي هئي، ان ڪري ڪين هر وقت اهو ئي الڪو هوندو هو. ته متان مسلمان ٻيهر اسان سان سينو ساهن، ان ڪري انگريزن پڪو پهه ڪيو ته مسلمانن کي اهڙو ناس ڪجي، جو وري اپري نه سگهن. انهيءَ ڪري مسلمانن جا اڳواڻ جيلن ۾ وڌا ويا، ڪن کي سوريءَ تي چاڙهيو ويو ته ڪن جون ملڪيتون ضبط ڪيون ويون. مطلب ته انگريزن انتقام وٺندي مسلمانن کي هر طرح پيئهي ڇڏيو. ڏٽيءَ وري به ٻاجهه ڪري سٽائو واءُ واريو، جو اهڙي حالت ۾ سنڌ جي هن سورهيه سپوت، بلبل سر سيد احمد خان، شبلي، حالي ۽ اڪبر الهه آبادي وانگر اوندهه ۾ سوجهرو ٻڌجي، ڪِرين جا هٿ وٺي، هڪ سڌارڪ جي حيثيت ۾ مسلمانن کي جديد تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ همٿايو ۽ ڪين احساس ڏياريو ته هندن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ترقي ڪرڻ ۽ گورن جي راڄ ۾ اوج ماڻڻ جو راز انهيءَ مام ۾ مڙهيل آهي، پر ساڳئي وقت بلبل مرحوم مسلمانن کي مذهبي روايتن کي هٿان نه ڇڏڻ جي هدايت ڪري ٿو ۽ انگريزن جي نقاليءَ کان هوشيار ڪري ديسي صاحبلوڪن جي به لاڪ لاهي ٿو. اهڙي قسم جا آدرشي اهڃاڻ سندس اندرمان اڌما ڏئي ٻاهر نڪرن ٿا، جن کي لفظي لباس پهرائي، من موهيندڙ انداز ۾ پڙهندڙن کي پنهنجي اتساهه ۾ ٻاڌي ٻائي بنائڻ جا جتن ڪري ٿو. هن مسلمانن سان ٿيندڙ ڏاڍاين کي پليءَ پٽ پروڙيو ۽ پرکيو ۽ هڪ سچاڻ صحافيءَ جي حيثيت ۾ حقيقت جا اهڙا چٽ چٽيا، جو پڙهڻ سان لڱ ڪانڊارجيو وڃن. هندو مهاسيائي اها ڳالهه سهي ڪونه سگهيا، ان ڪري بلبل مرحوم تي مسلمانن کي هندن جي خلاف ڀڙڪائڻ جي ڏوهه هيٺ مقدمو داخل ڪيائون. انهيءَ هوندي به هيءُ بانڪو بهادر ونڊر کي ووڙيندو، انهيءَ تار جي تنوار پنيان لڳو رهيو ۽ پير پٺتي ڪونه ڏريائين. وري قدرت به هن مثير مڙس جي قلم ۾ اها ڪلا سمائي هئي جو هن پاڻ هندن جي اخبارن مان اهڙي قسم جا حوالا لکي عدالت ۾ پيش ڪيا، جو فاضل جج نه رڳو ڪيس بي ڏوهي نهرايو، پر اٽلندو هندن لاءِ فتويٰ ڏنائين ته اهي بنگال جي هندو وڳوڙين سان سهڪار ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ چندو گڏ ڪري رهيا هئا. ان فتويٰ تي هر هڪ مسلمان جي ڏکن ڏڌي منهن مان سرهائي بکڻ لڳي ۽ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ خوشيون ملهايون ويون.

اهڙيءَ ريت بلبلِ سنڌ جي سياسي سجاڳي، قومي غيرت ۽ ساڃهه جي سچي سک بابت هر هنڌ هاڪ ہڏڻ ۾ آئي.

مرحوم بلبل جي سياسي سجاڳيءَ جو اندازو ان ڳالهه مان پليءَ پت لڳائي سگهجي ٿو تہ هن هوم رول هلچل واري سمي ۾ پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب "جام جم" ۾ انگريزن جي ڪانگريس نوازي ۽ مسلمانن جي حق تلفيءَ بابت ڪارائتو مواد ميڙي مسلمانن کي هوشيار ڪيو تہ پنهنجا حق حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ ايڪو پيدا ڪريو. بلبل مرحوم هيءُ ڪتاب سن 1918ع ۾ جوڙي راس ڪيو هو، جنهن جو ہيو ڇاپو هاڻي سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ بلبل مرحوم لکي ٿو تہ:

"گرگن سان ہڪريون گڏجي حق نہ گهرن، بازن سان چڙيون نہ اڏامن!

اسان جي هستي، اسان جي قوميت سيني ڪان متي هئڻ گهرجي. هندن ڪان صد بار وڌيڪ اسان جا پوليٽيڪل حق آهن. هو هميشہ اسان جا محڪوم هئا، انگريزن جي چاپلوسيءَ ڪري هاڻي اسانجا حاڪم ٿيا آهن. اجا وڌيڪ حاڪم ٿيڻ گهرن ٿا. اسان جاانهن ڪان بہ وڌيڪ ڳاٽي پڳا حق هئڻ گهرجن، پر جدا ۽ نہ گڏ."

بلبل جي هيءُ صدا هڪ عليحده اسلامي رياست ۽ مسلم قوميت جي واٽ سونهائي ٿي. ساڳيءَ ريت سن 1919ع ۾ جنهن مهل سندس روح خاڪي پڃري مان نڪري پنهنجي حبيب سان هيڪاندو ٿيڻ وارو هو، ان بلڪل پوئين پساهن ۾ مرحوم بلبل چئي رهيو هو تہ "هندن جا بجڪا ڏار ڪريو ۽ مسلمانن جا بجڪاڏار ڪريو." بلبل جا اهي لفظ پاڪستان جي سياسي ۽ تاريخي پس منظر ۾ خاص حيثيت رکن ٿا. سچ پچ تہ مرحوم بلبل جي ڳڻ ڳوت ۽ اڳ ويچاريءَ جو داد ڏيڻ گهرجي، جنهن سن 1919ع ۾ اهڙي قسم جي پيشنگوئي ڪئي هئي. مرحوم بلبل مسلمانن ۾ بهترين امت هئڻ جي پروڙ پيدا ڪئي ۽ پنهنجي ناصحانہ ڪلام وسيلي مسلمانن کي اخلاق جي واٽ وٺي هلڻ جو سبق ڏنو ۽ وحدت ۽ رسالت تي ڪامل ايمان آڻڻ واري سچي سنيهي ذريعي مسلمانن جي دلين ۾ توحيد ۽ رسالت جي جوت جاڳائي. سندس ڏنل تعليم ۾ انسانيت، وطنيت، قوميت، اورچائي، سرويچي ۽ سورهيائيءَ جي سکيا سان گڏ عمل ۽ جاکوڙ جي اپتارڪيل آهي، جيڪا هر ديس واسيءَ ۾ نئين حياتي ڦوڪي ٿي. سندس قومي ۽ اسلامي غيرت جو اندازو انهيءَ ڳالهه مان پليءَ پت لڳائي سگهجي ٿو تہ هن ترڪيءَ جي مسلمانن لاءِ چندو ڪرڻ ۾ بہ پاڻ موکيو ۽ بلبلِ سنڌ جي چوڻ تي مرحوم حاجي عبدالله هارون جي اڳواٽيءَ ۾ انجمن هلال احمر جو وفد مارچ 1913ع ۾ ميهڙ ۾ آيو ۽ ترڪيءَ جي مالي مدد لاءِ چڱو چوکو چندو گڏڪيو. مرحوم شمس الدين بلبل جو لائق ۽ فائق فرزند رئيس ضياءُ الدين "ضيا" ان ڏس ۾ لکي ٿو، تہ "انهيءَ موقعي تي زميندارن ۽

آفيسرن جي موجودگي ۾ سندس ڪيل ولولہ انگيز تقرير جادو جھڙو اثر ڪيو ۽ ترڪي جي فنڊ لاءِ رپين جا ڍير لڳي پيا. ايتري قدر جو هڪ صاحب تہ بي اختيار ٿي، پنهنجو ڪوٽ بہ لاهي ڏنو جو نيلام ڪري 120 رپين ۾ وڪيو ويو. تقرير ڪان پوءِ مرحوم بلبل، جيڪو في البديهہ نظم پڙهيو، اهو سندس همعصر ماڻهن کي اڄ بہ سڄو ياد آهي، جنهن جو هڪ شعر هن طرح آهي:

هنن جي خير مقدم ۾ اسان کي هئين چوڻ گهرجي،
اجهي هي زر، اجهي زيور، اجهي هي گهر اجهي هي سر.

هن شعر تي جو رقت انگيز نظارو پيدا ٿيو، ان جو حال وڏڙا اڄ بہ بيان ڪري رهيا آهن.“

مرحوم بلبل هڪ سچاڻ صحافي جي حيثيت سان سن 1889ع ۾ عملي ميدان ۾ پير پاتو ۽ ڪراچي جي هفتيوار اخبار ”معاون“ جي ادارت کيس سونپي وئي. هن اخبار وسيلي مرحوم بلبل سنڌ مدرسة الاسلام ۽ سنڌ محمدن ايسوسيئيشن جي جهجهي خدمت ڪئي، مرحوم حسن علي آفندي جي وفات ڪانپوءِ لاڙڪاڻي جي اخبار ”خيرخواهہ“ ۽ حيدرآباد جي اخبار ”مسافر“ جو مدير ٿي رهيو ۽ آخر ۾ سکر مان ”آفتاب“ اخبار سندس ادارت ۾ نڪرندي رهي. هيءَ اخبار مسلمانن ۾ سياسي سجاڳي ۽ مذهبي ڄاڻ پيدا ڪرڻ لاءِ جاري ڪئي وئي هئي، هيءُ اهو سمو هو جڏهن عيسائيت جي پرچار لاءِ سکر جي چؤسولن تي عيسائي پادري پوليس جي پهري هيٺ پنهنجي مذهب جو پرچار ڪندا هئا ۽ اسلام تي حملا ڪندا هئا. انهيءَ ڪري مرحوم بلبل آفتاب وسيلي عيسائين جا دليل رد ڪيا ۽ مزاحيہ ڪالم ذريعي عيسائين جا چوڏا لاٿا. ان ڏس ۾ مولانا غلام محمد گرامي پنهنجي هڪ مضمون ۾ سندس مزاحيہ رنگ جو هيءُ اقتباس پيش ڪيو آهي:

”ڪالهہ مارڪيٽ جي چؤسول تي سفيد جبو پاتل شيطان ابن شيطان کي وعظ ڪندي ڏٺم. جنهن جي چيلهہ سان صليب ٻڌل هو. افسوس مون وٽ دمشق جي خمدار تلوار نہ هئي، جو هن جي سسي هڪ ڌڪ سان ڪپر جي سسيءَ وانگي ڌڙ کان ڌار ڪري، سنت ايوبي کي تازو ڪريان ها“.

هتي مرحوم بلبل جو اشارو سلطان صلاح الدين ايوبيءَ ڏانهن آهي. جنهن صليبي جنگين ۾ عيسائين جي چڱي لاک لاٿي ۽ بيهر فلسطين تي قبضو ڪيو هو. بلبل جي هن ڪالم جو اهو نتيجو نڪتو، جو مسلمان عالم تقريرن ذريعي عيسائين کي سختيءَ سان ننڊڻ لڳا. جنهن ڪري فوجدار هر داس مل عيسائين جي چرچ تي مچرجي پيو ۽ مسلمان عالمن کي پاڻ وٽ گهرائي هيسائڻ لڳو. جڏهن بلبل کي اها سڌ پئي، تڏهن هُن

مزاحيه ڪالم ۾ فوجدار سان اهڙي ويڌن ڪئي جو هو پوِڪان پاهر نه نڪرندو هو ۽ پوليس وارو ساڻ ڪري هلندو هو. ان بابت مرحوم غلام محمد گرامي اخبار "آفتاب"جي مزاحيه ڪالم جو هي نقل چوندي پيش ڪري ٿو:

"مسلمانو! ٻارن کي اسڪولن ۾ پڙهايو. توهان کي خبر هجي، ته تعليم پرائڻ سان اوهان جا ٻار گورنر ۽ ڪمشنر بڻجي ويندا. هڪڙو واٽيو گهورڙيو. گڏهه تي ڪوهرن جو ڪنو رکي، ڪوهر وڪڻندو هو. پٽ کي اسڪول ۾ داخل ڪيائين. جو پڙهي فوجدار ٿيو. پر سندس واڻڪي عادت، جا ڪيس پتا ٽوپڊاس کان ورثي ۾ ملي هئي، سا پوءِ به متجي نه سگهي."

بلبل مرحوم طنز ۽ مزاح جو شهنشاهه. ڪلمڪ ۽ زندهه دل اديب هو. قدرت سندس ڪلادار قلم ۾ اهڙي ته سگهه سمائي هئي، جو هو پنگتي اوڻاين ۽ مسلمانن جي مسئلن کي سهڻي ۽ سلوڻي سنڌيءَ ۾ سلجهائي اهڙي ته روح ريجهائيندڙ انداز ۾ اجاري چٽو ٿو ڪري، جو طنز هوندي به سندس نصيحت ٺار ٺري پئي لڳي، هن پنهنجي لکيت وسيلي فرنگي رهڻي ڪهڻي جون اوڻايون بيان ڪري، سنڌ جي مسلمانن کي اباڻي زندگي جي طرز عمل جا فائدا ٻڌايا آهن ته جيئن اهي فرنگي سڀيتا جي وهڪري ۾ لڙهي وڃڻ کان بچي پون. سندس ڪلام ۾ عمل ۽ حڪمت جا دل لڀائيندڙ ۽ من موهيندڙ نڪتا بيان ڪيل آهن. جيڪي رس ڀري سندر سلوڻي سنڌيءَ ۾ سمجهايا ويا آهن. سندس جوڙيل ڪتابن ۾ سلڇڻائي ۽ سچائي جا آدرش اهڙن ته وندرائيندڙ ۽ ڪلائيندڙ ٽوٽڪن وسيلي بيان ڪيا ويا آهن جو پڙهڻ سان اندر جي اسات لهيو وڃي ۽ هر ڪو پڙهندڙ ان مان چڱو لاڀ پرائي سگهي ٿو. طنز ۽ مزاح جي ذريعي هن نه رڳو گوندر کي گنوائڻ ۽ پريشانين کي وندر ورونهن ۾ ٽارڻ جي جاکوڙ ڪئي آهي، پر ڪامورن جي ڏاڍاين ۽ ڪانگريس جي سازشن کي ڪلمڪ انداز ۾ ننديڻ ۽ سنوارڻ جو سعيو پڻ ڪيو آهي. هن زميندارن جي ظلم. ڪمدارن جي ڪپت، گورن جي انڌي پيروي، چورن جي راڳن، پوليس جي ارهه زوراين ۽ هارين نارين جي مظلوميت کي چهر چٽڻي واري لهجي ۾ پڌرو ڪري، پنگتي مورت جا اهڙا چٽ چٽيا اٿس جو پڙهڻ سان اکين جا پلڪ به پسيو پون. ان مان بلبل جي ادبي ڄاڻ ۽ ٻولي تي دسترس جي سڌ پوي ٿي، ته ڪيئن نه هو هڪ اٿاهه ساگر ۾ ٽٻي هڻي، پنهنجي اپند ۾ پاتال مان جرڪندڙ ۽ املهه ماڻڪ ميڙي سلامتي سان ڪنڌي تي پهچي ٿو. ان لاءِ بلبل مرحوم. لوليءَ جيان منڙي ۽ سوادي سلوڻي ۽ ٻاجهاري ٻولي ڪتب آڻي ڪيرون لهڻيون. ٻولي ۾ انگريزي گفتا ۽ فارسي نڪتا پڻ ڏاڍا سهائيندڙ ۽ موقعي پٽاندر ڪتب آندا اٿس. سچ پچ ته اها سندس ساڃيهه جي سڪ هئي، جو سنڌين ۾ سورهيائي ۽ سرويچي، آزادي ۽ وطن جي ورونهن جو روح ڦوڪي، پنگتي ۽ اخلاقي اوڻايون نروار ڪري، انهن کي سنوارڻ ۽ سلجهائڻ لاءِ اصلاحي نڪتن جي اهڙي اپٽار ٿو

ڪري جو پڙهڻ سان روح پيو ريلا ڪائي. سندس لکيت ۾ سنڌ ساڻيهه جي رهڻي ڪهڻي، ريتن رسمن، سچائي ۽ سورهيائيءَ جا داستان جهلڪندا نظر اچن ٿا. جن جو اسلوب ڏاڍو پيارو ۽ جيءَ جيارو، من موهيندڙ ۽ زيبائتو آهي، جنهن ۾ سادگي ۽ رنگينيءَ جا جرڪندڙ مائيدار موتي اندر جي اونهائيءَ ۾ جوت جاڳايو ڇڏين. هر هڪ لفظ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ائين پيو لڳي، جهڙي منڊيءَ تي ٽِڪَ.

مرحوم غلام محمد گرامي لکي ٿو ته ”مرحوم بلبل سنڌ جي ساده لوح ۽ مفلوڪ الحال عوام جي تهذيبي نفسيات کي برمحل سجاتو، خواص جي منافقانه نقاليءَ کي بروقت جاتو. بلبل ڏٺو ته ماڻهو مغربي تهذيب جي ٻاهرئين چڪ ۽ مک، جاذبيت ۽ ڪشش تي مري رهيا آهن. ڪوٽ ۽ پتلون، گهڙي ۽ هنٽر، جوراب ۽ هيٽ ۾ گرفتار ٿي، پنهنجي اصليت، جزالت، مشرقيت، تهذيبي شرافت، بزرگن جي وراثت، دين جي اطاعت، الله ۽ رسول صلي الله عليه وآلهِ وسلم جن جي محبت، جهاد ۽ جهد کان پاسيرا ٿي رهيا آهن. منجهن غلط قسم جي آزاد خياليءَ ۽ بي علميءَ جا جراثيم سلو پوائزن ٻڻجي سرايت ڪري رهيا آهن ۽ سر تا پا ماديت ۾ گچي، رڻ رلي رهيا آهن. بلبل ان قسم جي نقالي ۽ بي روح ترقيءَ معڪوس تي دل کولي ڏک هنيا.“ ان ڏس ۾ پڙهندڙن لاءِ مرحوم بلبل جي هڪ نظم بعنوان ”نئون زمانو“ مان ڪجهه شعر پيش ڪجن ٿا، جن جي ميناج ۽ نرمائيءَ جو اثر نه رڳو اندر جي اسات لاهيو ڇڏي، پر امالڪ اندر مان ٽهڪڙو نڪريو وڃي:

ٽاپ ٽيپ ۾ آڪڙ شاڪڙ، ڏاڙهي ڪوڙي مڇون ماڪڙ
سواري بائيسڪل جي سر سر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا.
ڪالر ڪوٽ، قميصون، جاڪٽ، پائن ٿا پتلون ۾ پاڪٽ،
چيچاٽي بوٽن جي چرچر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا.
سيٽي ۽ سگريٽ سدائي، گٽ مٽ، گٽ مٽ وات ۾ وائي،
يوسي، آءِ سي، مسٽر مسٽر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا.
چمچا ڪانٽا، ڪٽ پٽ، ڪڙ ڪڙ، چيمبر ۾ چيئرس جي تڙ تڙ،
شاش ڪرڻ ۽ بيٺڙ شرشر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا.
گينڊي صابڻ، برش طرازي، بوس و ڪنار، ڪتن سان بازي،
فوٽو، فونو، پيانو، پڪچر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا.
جنٽلمين مسين جا جوڙا، چيلهه ۾ پاڪر، ڏوڙا سوڙا
نچ وي باندر، نچ وي باندر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا.
ڏسج نئون تهذيب نمونو، ”بلبل“ باطل فيشن جهونو،
بابو يابو ميم مڪسچر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا.

بلبل مرحوم اڪيلي سر مغربي تهذيب جي خلاف جنگ جوٽي ۽ مسلمانن کي سجاڳ ڪندي چيائين ته جيڪڏهن اوهين پنهنجي تاريخي ۽ اباڻي ورثي کي ڇڏي فرنگين جي لام لڳندؤ ته پڪ سان تواڻي تي سلامتيءَ جي ڪناري ڪان پري ٿي ويندؤ. ان مان بلبل مرحوم جي اها مراد ڪونه هئي ته جديد علوم ڪان پاسو ڪجي، پر هن جي گهر هئي ته ديني اپياس سان گڏ سائنسي علم پڻ حاصل ڪيووڃي ته جيئن مسلمان پاڻ کي لائق ۽ فائق بنائي پنهنجي حياتي ۽ آخرت سڦلي ڪري سگهن. انهيءَ ڪري هو مدرسن جي پراڻي تعليمي ڍانچي ۾ تبديليءَ جو خواهشمند هو. ان ڏس ۾ هن پنهنجي ڪتاب ”مسلمان ۽ تعليم“ ۾ چڱيءَ طرح وضاحت ڪئي آهي. هيءُ ڪتاب پڻ سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي. ديني ۽ سائنسي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ مرحوم بلبل آل انڊيا ايڊيوڪيشن ڪانفرنس جي گڏجاڻيءَ ۾ تقرير ڪندي چيو ته: ”هن ملڪ ۾ ديني علوم سان گڏ جديد علوم جي آميزش ڪرڻ گهرجي، محض جديد علوم اسان جي ديني شعور، مذهبي طبع ۽ روحاني حيات لاءِ ناڪافي ٿيندا.“ مرحوم رئيس ضياءُ الدين ”ضيا“ لکي ٿو ته ”مرحوم بلبل جي تعليمي ۽ سماجي خدمات جو سلسلو پڻ وسيع آهي. تعليمي ڪانفرنسن ۾ شرڪت، پر اثر تقريرون، نصاب جا درسي ڪتاب، ڪانفرنسن جا ٺهراءُ، پمفليٽ، اخبارن جا مقالا، آفيسرن جا مشورا، اهي سڀ عملي ڪم آهن، جي تاريخي حيثيت رکن ٿا... اسڪولن جي نصاب ۾ فارسي داخل ڪرائڻ جو ريزوليشن به مرحوم بلبل جي ڪتاب تان ورتل هو. ان جو محرڪ خود ڪيس بنايو ويو ۽ نواب وقار الملڪ ۽ مولانا حاليءَ جي فرمائش تي پاڻ نهايت رنگين ۽ شيرين، فصيح ۽ بليغ فارسيءَ ۾ برمحل، برجسته مدلل ۽ پرزور تقرير ڪري ساري ڪانفرنس کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيائين. نيٺ اهو ٺهراءُ پاس ٿيو ۽ ان وقت ڪان وٺي فارسي نصاب اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ رائج ڪيو ويو، جو اڄ سوڌو موجود آهي.“

مرحوم بلبل سن 1904ع ۾ ميهڙ شهر ۾ مدرسة الاسلام جو بنياد وڌو، جيڪو سندس ئي حياتيءَ ۾ مڊل اسڪول ٿيو ۽ سن 1934ع ۾ هاءِ اسڪول جي درجي کي پهتو. هيءُ اسڪول سندس تعليمي خدمتن جو ساراهه جوڳو ڪارنامو ڄاتو وڃي ٿو. جنهن مان سڄي پوي ٿي ته سنڌ جي مسلمانن لاءِ هن جو هڏ ڪر ڪيو ٿي. بلبل جي علمي ۽ ادبي خدمتن کي انگريزن پڻ ساراهيو آهي. سنڌ جي ڪمشنر مسٽر لارينس هڪ خط ۾ کيس لکيو ته: ”سرڪار محسوس ڪيو آهي ته اوهين مسلمان قوم جا هڏ ڏوکي ۽ سڄڻ آهيو ۽ سنڌ جي مسلمانن جي سڌاري ۽ واڌاري بابت اوهين جيڪي رايا ڏيندا آهيو انهن کي اسين قدر جي نگاهه سان ڏسندا آهيون.“ مسلمانن جي تعليمي ترقيءَ سان گڏ هن سنڌي ساهت جي واڌاري لاءِ پڻ پاڻ پتوڙيو. ڪيترائي ڪتاب جوڙي راس ڪيا.

انهن مان: (1) قلندري ميلو (2) تيرهن جار مڪرن جا مار (3) چٽ سوال پٽ جواب (4) بخت بازي(5) گلزار لطائف (6) نيچرل ڪريما (7) ديوان بلبل (8) مسلمان ۽ تعليم (9) ڪلام بلبل (10) جام جم (11) انگريز ۽ مسلمان (12) رحيما (13) بهارِ عشق (14) عقل ۽ تهذيب (15) قرض جا مرض ۽ ان جا علاج (16) مداح سرور (17) صد پند سودمند (18) شمس المڪتوب (19) احسن التواريخ (20) آئينہ تجارت مايہ ظرافت (21) ديوان بلبل (فارسي) (22) بهارستان بلبل (23) گنج معرفت (24) مسلمانان سنڌ جي تعليم ۽ سرڪار (25) حل تجربات يعني شمس اللغات خاص طور جاٽائي سگهجن ٿا. انهن مان ڪجھ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپائي پڌرا ڪيا ويا آهن، جنهن لاءِ بورڊ جا اختيار وارا ڪير ون لهڻن. اهي ڪتاب پڙهڻ سان ائين ٿو پائنجي تہ هن نامياري اديب سنڌ واسين لاءِ انهن ڪتابن ۾ اهڙا تہ سهڻا ۽ من موهڻا ماڻڪ ميڙي گڏ ڪيا آهن، جن جي جوت جهلڪڻ سان مهراڻ جي ماٿري ڀهڪڻ لڳي ٿي، هو سچي سونهين جي حيثيت سان قوم جي رهنمائي لاءِ پاڻ پتوڙي ٿو ۽ ان ڪي دردناڪ آواز ۾ سنئين واٽ ڏانهن سڏي ٿو هن نصيحت جا رس ڀريا نڪتا سموهي ٻاجهاري ٻولي ۾ اهڙي تہ وندرائيندڙ اسلوب ۾ پيش ڪيا آهن، جو پڙهڻ سان روح پيو ريلا ڪائي ۽ تسليم ٿو ڪجي تہ هن سنڌي ساهت ڪي سينگاريندڙ سرواڻ جي حيثيت سان پاڻ موڪيو آهي، اهو اسان جو فرض آهي، تہ اسين سندس جوڙيل ڪتابن جي چند چاڻ ڪري انهن ڪي ڇپائي پڌرو ڪريون، تہ جيئن پڙهندڙ ان مان لاڀ پرائين. افسوس آهي جو اسان بلبل جهڙي ٻانڪي سورمي ڪي وساري ڇڏيو آهي، جنهن مسلمانن ڪي انگريزن جي لڙهہ لڳڻ کان روڪيو. هن مسلمانن جي ديني، سياسي، ادبي ۽ مالي مسئلن ڪي اهڙي ريت سلجهايو آهي، جو پڙهندڙن جون دليون موهيو ڇڏي. سندس اثرائتو ڪلام اڄ بہ اسان جي دلين کي جنجهوڙي ذهني غلامي کان ڇوٽڪارو ڏياري ٿو. سنڌ جي اديبن ۽ عالمن جو اهو فرض آهي تہ سندس تعليم ۾ جا سچائي، سادگي ۽ محبت آهي، ان جي روشني ۾ ڪوجنا ڪري بلبل جي زندگي ۽ ڪارنامن کي وڌيڪ اجاگر ڪن تہ جيئن عام ماڻهو ان مان جهجهو لاڀ پرائي سگهن.

# شمس الدين بلبل (1857_1919ع)

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

سنڌ جي بهترين صحافي، اديب ۽ طنز و مزاح ۾ نالو پيدا ڪندڙ بلبل، ميهڙ ۾ ڄائو، اتي ئي مڪتبن ۾ سنڌي، اردو، فارسي ۽ ديني تعليم حاصل ڪيائين . سندس خاندان زميداري جي ڪرت ۾ هو، بلبل جو ذهن اوڏانهن به هو، هن شروع ۾ داروغپ جي نوڪري ڪئي، انجنيئري ڪاتو هن جي دل وڻان نه هو، 1872ع ۾ مليل اها نوڪري ڇڏي ڏنائين، 1889ع ۾ ڪراچي ويو، اتي حسن علي آفندي جي ساٿ ۾ رهيو، سنڌ مدرسي جي رسالي جامع العلوم جي ادارت شروع ڪيائين، اڳ ۾ ان جي ادارت محمد عثمان نورنگ زادي وٽ هئي، ان ڪانپوءِ ڪراچي گزيٽ، خيرخواهه، مسافر ۽ آفتاب جو ايڊيٽر رهيو، سندس قلم جون جولانيون به جاري رهيون، نثر توڙي نظم ۾ بگڙيل معاملن تي نڪته چيني ڪيائين، سنجيده نثر ۽ نظم ڪانسواءِ طنز ۽ مزاح ۾ به نياليوارو ٿيو ۽ پنهنجي دور ۾ هڪ وڏي هستي ليکيو ويو. مولوي نور محمد نظاماڻي ۽ محمد هاشم مخلص به ان زماني ۾ طنزمزاح لکندا هئا، پر بلبل پاڻ مڃائي ورتو.

انگريز جي حڪومت ۾ مٿين سطح تي انگريزي زبان جو زور هجي، سماج ۾ مغربي تهذيب پکڙجندي وڃي ته ان خلاف لکڻ ناگزير هو، هندستان ۾ سر سيد، حالي ۽ مزاح ۾ اڪبر آبادي هو ته سنڌ ۾ حسن علي آفندي، اهوجهو ۽ طنز و مزاح ۾ بلبل هو، بلبل جي نثري ڪاوشن جو جائزو اڳتي ڪنهن نثر واري باب ۾ ايندو هتي فقط سندس ديوان ۽ طنزيه ڪلام جو جائزو پيش ڪجي ٿو.

پنهنجي بيبا ڪانه رويي ۽ سخت تحريرن جي ڪري مٿس مقدما داخل ٿيا. سرخرو ٿيو ۽ ڪيس آنريري مئجسٽريٽ جو منصب به مليو، بلبل جو خاص ڪردار سماج جو سڌارو ۽ مسلمانن جي ترقي لاءِ رهيو، سندس ڪلام ۾ نثري ڪاوشون انهيءَ فرض خاطر هيون. ديوان بلبل ۾ هن جو ڪلام عشقيه موضوعن جي ترجماني ڪري ٿو:

منجهه شان لبن لعل بدخشان چوان چا
مرجان ڪان مرجان ٿي بيجان چوان چا
ياقوت ڪي جو قوت جگر خون ٿيو هردم
پاپوش تي چسپان جي ٿئي پان چوان چا

بلبل جي ڪلام ۾ بعضي لفظن جي موسيقيت جو گھڻو انتظام نظر اچي ٿو. لفظن جو استعمال ۽ انهن جو تڪرار به خوب ڪري ٿو:

تڪيندي تڪي پيام تارن ۾ تارا
ڏيو ور پون تا، سي پارن ۾ پارا
ڪڙي بند زلفن جي اهڙو زبون ڪيو
لڳي تار ۾ تار، ڳارن ۾ ڳارا

محبوب جي سراپا جو بيان ڪندي چوي ٿو:

سراپا جو مثال آهي عجيب
عجيبن جو احوال آهي عجيب
ڏنو زلف جو پيچ رخسار تي
اهو جيم ۽ دال آهي عجيب
يرون بي سندي باسم بيني الف
طرح نقطه ۽ خال آهي عجيب
دهن ميم داناءَ دلبر سندو
جو قرت قرات ۾ هي قال آهي عجيب
تيو اسم اعظم سندس پنج انگشت
عزيز هي اشڪال آهي عجيب

زندگي جي ضرورتن ۽ انسان جي سوچ ڪي چاچا ڪپي، ان جو بيان غزل ۾ ڪن حوالن سان بلبل هيئن ڪري ٿو:

ادا! هن رهه روان ۾ دم غنيمت
عمر جي ڪاروان ۾ دم غنيمت
ڏهاڙن چئن جو هي چهچٽو آهه
دنيا جي ننهن ۽ هان ۾ دم غنيمت
پڪي ماڙي نه جي توکي ميسر
ڪچي ڪنڌي مڪان ۾ دم غنيمت
اگر حاصل نه تيو حلوو ۽ پوري
ته جاٽج خشڪ نان ۾ دم غنيمت
ڪري وٺ بوستاني گل جي بلبل
اتئي باغ جهان ۾ دم غنيمت

ديوان ۾ فارسي تضمين ۽ فارسي ڪلام. سان گڏ فارسيت بلبل وٽ عام جام آهي، تشبيهون ۽ استعارا جام ڪريم آڻي ٿو:

زلف مسلسل هڪ طرف ريحان ۽ سنبل ٻي طرف
ڪنيڙا ڪاڪل هڪ طرف ابرو سندو غل ٻي طرف
اي صنم انداز تنهنجي جو شهر ۾ شور هو
غمزن جو غلغل هڪ طرف ۽ حسن جو هل ٻي طرف
تنهنجي رندن سڪر ۾ ساراهه ڪئي ورد زبان
مينا جي قلقل هڪ طرف ساغر سندو مل ٻي طرف
هن شوخ ڪي جو شعر جو ٿيو شوق تان ڪيندي ڏٺو
ديوان گل جو هڪ طرف ديوان بلبل ٻي طرف

غزل کان سواءِ بلبل مخمس ۽ قصيدا وغيره به لکيا. بلبل جو طنزو مزاح وارو ڪلام به داد تحسين حاصل ڪري چڪو آهي. ڪتاب ڪلام بلبل ۾ حمد ونعت، مناجات، ڪريما نيچرل ۽ پليڳي ڪريما، تضمينون ۽ ٻيو اخلاقيات تي ڪلام شامل آهي. ان سان گڏ اصلاحي ڪلام، تاريخي مادا ۽ قطعا پڻ آهن. مزاحيه شاعريءَ جا به ڪي نظم هن ڪتاب ۾ آهن. هنن نظمن ۾ نوجوانن ۽ مغرب جي تقليدڪرڻ وارن تي نڪته چيني آهي. مولانا گراميءَ جي لکڻ موجب بلبل هڪ طرف فرسوده ۽ بي روح، بي ذوق ۽ بي ڪيف مشرقيت تي طنز ڪري ٿو ته ٻئي طرف مغرب جي انڌي تقليد ۽ بيجا تڪلف ۽ خوشامدانه رنگ تي به خوب گرفت ڪري ٿو. (ڪلام بلبل —20) هن تي تنقيد هيءَ آهي ته بيجا تقليد يا مشرقيت مان هڪ رويو ئي اختيار ڪجي! بلبل جنهن دؤر ۾ رهيو، ان ۾ هُن سنڌي ذان ڪي انصاف پلئه نه پوڻ ۽ نوڪري نه ملڻ جي شڪايت ڪئي. انگريزي پڙهڻ ۾ عار ڪهڙو هو؟ سر سيد ۽ آفنديءَ جون محنتون بي سبب ۽ بي ثمر نه ڄاڻجن ها. هيئن به ڄاڻجي ته بلبل ٿوڪ هٽي انگريزي پڙهڻ جي تلقين ٿو ڪري ! نظم هي:

سنڌي ذان جاهل سيه رو ۽ سخت،
نحس نا اهل ناخرد خفته بخت.
سنڌي ذان اِڊئٽ سنڌي ذان فُول.
رڳا جانور جهنگلي جهُول.

مطلب ته سنڌي ذان جي ڪتي به پهچ ناهي، بي عقل آهي. ان جو ڪم خراب آهي، هو ڊل، ڍرو ۽ بيڪار آهي. انڪي پٽيوالا به پڇن نٿا! ته پوءِ انگريزي پڙهي ڳِت مت ڪنڌڙ انگريز سرڪار جو حصو بڻجڻ ڪپي ها ۽ نه مغربي تهذيب جو دلداده.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلبل جي خيال ۾: ”آهه نئين تعليم گڙٻڙ درجهان انداختہ! ٽوپلو پائڻ جي حماقت نہ ڪجي. گوري جي ذهني غلامي نہ ڪجي. ان باري ۾ بلبل گهڻو لکيو. آءٌ سندس هڪ نظم ”نئون زمانو“ مان اقتباس ڏيان ٿو:

گهر ڪان نڪتا نيتو نيچر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا.
سر ۾ ٽوپي هٿ ۾ هنٽر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا.
ڪالر ڪوٽ قميصون جاڪٽ، پائن تا پتلون ۾ پاڪٽ،
چيچاتي بوٽن جي چرچر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا.
سيٽي ۽ سگريٽ سدائي، گِٽمٽ گِٽمٽ وات ۾ وائي،
يوسي يوسي مسٽر مسٽر، تاڪ ڌنا تاڪ ڌنا.

بلبل جا سڀ نثري ۽ نظمي ڪتاب سندس زندگيءَ ۾ ڇپيا. سنڌي ادبي بورڊ 1969ع کان سندس ڪتاب وري شايع ڪيا، انهن مان ڪن جا ٻيا ڇاپا بہ نڪتا. مولانا گرامي انهن جي نئين سر تدوين ڪئي ۽ مقدما لکيا.

بلبل جو فرزند رئيس ضياءُ الدين ايس.بلبل بہ اديب ۽ شاعر هو. سندس باري ۾ مخدوم طالب الموليٰ، ”ياد رفتگان“ ۾ هيئن لکن ٿا: ”سندس ولادت وقت جي اهل الله ۽ مجذوب درويش غلام محمد سوڍر جي دعا سان 15 ڊسمبر 1910ع تي ٿي.ميٽرڪ لاڙڪاڻي مان ۽ 1938ع ۾ ايم. اي (فلاسافي) ۽ ايل.ايل. بي علي ڳڙهه مان پاس ڪيائين. 1943ع ۾مسلم ڪاليج ڪراچي ۾ منطق ۽ سنڌيءَ جو ليڪچرر مقرر ٿيو. ليڪن جلدي اچي دادوءَ ۾وڪالت شروع ڪيائين ۽ پبلڪ پراسيڪيوٽر مقرر ٿيو. 14 ڊسمبر 1966ع تي وفات ڪيائين.“ سندس غزل جو نمونو هي آهي. جنهن ۾ شمع پرواني جي مناسبت ملحوظ رکي اٿس:

حرص و حوس جي واءُ نہ دل جي وساءِ شمع،
ڪاري آ ڪاڪ ۾ نہ گذارو سواءِ شمع.
ساقي تي مي سبوتي نظر هئي سين جي پر،
پرواني تي ڏنو نہ ٻيو ڪجهہ سواءِ شمع.
وڌندي وجي ٿي رات تہ ٻڏندي وجي ٿي دل،
آيو نہ شمع رو مگر تون نياءِ شمع.
توکان ضيا ملي هي زماني کي روشني،
رهندو جگر جو داغ تي روشن بجاءِ شمع.

(ياد رفتگان- ص 226-227)

# سنڌ جو هڪ قومي شاعر: شمس الدين ”بلبل“

تحرير: ڊاڪٽر ”وفا“ راشدي

ترجمو: شعبان بخت

ملڪ الشعراءِ، بلبلِ سنڌ، شمس الدين بلبل، سنڌ جو نامور عالم، مفڪر، شاعر، اديب، صحافي ۽ مزاح نگار هو. سندس والد بهادر خان ولد ڪمال خان، ميهڙ، ضلعي دادو جو زميندار هو. ليڪن علم ۽ تصوف سان بہ شغف رکندڙ هو. بلبل جو مامون آخوند نهال خان، ميهڙ جو مشهور عالمِ دين ٿي گذريو آهي. *(بلبلِ سنڌ (سنڌي) ص-21)*

شمس الدين ”بلبل“ 1857ع– 1277ھ ۾ ميهڙ ۾ پيدا ٿيو ۽ 1919ع –1337ھ ۾ فوت ٿيو. سندس وفات تي مير عبدالحسين ”سانگي“، مرزا قليچ بيگ ۽ ٻين صاحبن تاريخي قطعا چيا. مرزا قليچ بيگ چيو:

شاعرِ ملڪِ سنڌ، شمس الدين، ڪہ ز او بود عالمي بہ شگفت،
بلبلِ بود او ڪہ بامنقار، ور مغني عجيب رومي صفت،
بود او شمس، بر سپهرِ سخن، ڪرد آخر غروب ورد مئي نهفت،
سالِ فوتش بڪفِرمي جستم، زود هاتف، چراغِ مجلس گفت.

1337ھ

شمس الدين جي تعليم ۽ تربيت سندس والد بهادر خان جي نگرانيءَ هيٺ ٿي. انهيءَ زماني جي رواج مطابق، عربي، فارسي، سنڌي ۽ اردو جي تعليم حاصل ڪيائين. ذاتي مطالعي ۽ محنت سان مختلف علوم ۽ ادبيات تي حاوي ٿيو. سن 1872ع ۾ تعليم کان فارغ ٿيڻ بعد ان ئي سال (1) داروغي جي عهدي تي فائز ٿيو. پر سرڪاري ملازمت سندس فڪر جي طرز، طبيعت جي آزادي ۽ علمي مزاج جي خلاف هئي. انهيءَ ڪري، زياده عرصو ملازمت ڪري نہ سگهيو ۽ ملازمت ترڪ ڪري ڇڏيائين.

شمس الدين ”بلبل“ فطري طور هڪ ذهين، طباع، عالي ظرف، عالي دماغ ۽ روشن ضمير شخص هو. سندس زمانو گڏيل هندستان ۾، انگريزن جي خلاف آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ۽ جاکوڙ جو زمانو هو. سر سيد احمد خان جي علي ڳڙھ تحريڪ، ننڍي

(1) ”بلبلِ سنڌ ص6،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنڊ جي سيني صوبن جي مسلمانن ۾ بيداريءَ جو روح ڦوڪي ڇڏيوهو. سر سيد جي تعليمي تحريڪ جي زير اثر جنهن بيدار مغز روشن دماغ رهنما، سنڌ جي مسلمانن کي جديد ۽ انگريزي تعليم ڏانهن راغب ڪيو، سو هو (2) خان بهادر حسن علي آفندي (1830ع-1895ع)مرحوم. حسن علي آفندي مرحوم، علي ڳڙهه ۾ سر سيد ۽ سندس رفيقن سان خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. دارالعلوم علي ڳڙهه گهمي ڏٺو ۽ ان جي روشنيءَ ۾ سيد امير علي جي تحريڪ تي هن سنڌ جي عوام کي تعليم جي زيور سان آراستہ ڪرڻ جي لاءِ سن 1885ع ۾ (3) سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي جو بنياد رکيو ۽ سنڌ جي سر سيد جي لقب سان زنده جاويد ٿي ويو. سر سيد احمد خان جي ساٿين ۾ شريڪ ڪارن، مولانا الطاف حسين "حالي"، علامہ شبلي نعماني، نواب وقار الملڪ ۽ نواب محسن الملڪ وانگر سنڌ جي سر سيد، حسن علي آفندي جي مشن کي ڪامياب ۽ ڪامران بڻائڻ لاءِ سنڌ جي جن علم پرور دانشورن مسلسل محنت، ڪاوش ۽ جدوجهد ڪئي تن ۾ الله بخش "ابوجهو"، (4) مخدوم الشعراءِ الحاج محمود "خادم" (5) لاڙڪاڻوي، مرزا قليچ بيگ، (6) مير عبدالحسين "سانگي" (7) ۽ شمس الدين "بلبل" (8) جا نام نامي اسم گرامي، اسان جي قومي تاريخ ۾ روشن مينارن جي حيثيت رکن ٿا.

شمس الدين "بلبل" تحريڪ آزادي جي سلسلي ۾ جيڪي گران قدر خدمتون انجام ڏنيون، تن جي ڪن پهلوئن جو سرسري ذڪر زير نظر مقالي ۾ ناگزير آهي. سندن شخصيت ۽ خدمتن کي سمجهڻ جي لاءِ انهيءَ پس منظر طرف ليئو پائي ڏسڻ ضروري آهي. "بلبل" حسن علي آفنديءَ جو ساڄو هٿ ۽ مشير خاص هو. بلڪ مولانا غلام محمد "گرامي" جي چواڻي، "هو آفنديءَ جو ٻانهن (9) ٻيلي هو". سر سيد احمد خان، آل انڊيا ايجوڪيشنل ڪانفرنس قائم ڪئي تہ حسن علي آفندي "سنڌ محمدن ايسوسيئيشن جي پيڙهہ رکي. سر سيد رسالو "تهذيب الاخلاق" جاري ڪيو تہ حسن علي آفندي، 1989ع ۾ هفتيوار اخبار (10)"معاون" جاري ڪئي ۽ ان جي ادارت جا فرض "بلبل" جي سپرد ڪيا. "بلبل" ان جي ايڊيٽر جي حيثيت سان جيڪي ايڊيٽوريل، مضمون ۽ نظم و نثر لکيا، اهي نہ رڳو سندس هڪ بيباڪ ۽ حقيقت پسند صحافي هئڻ جا شاهد آهن، بلڪ حسن علي آفندي جي سياسي، علمي ۽ تعليمي تحريڪ جي لاءِ بہ بيحد اثرائتا ۽ مفيد ثابت ٿيا.

بلبل هفتيوار "معاون" کان علاوه مختلف اخبارن ڪراچي گزيٽ، خير خواهہ

(2) تذڪره لطفي ج 3، ص-461، (3) ايضاً ص-464، ۽ علي ڳڙهہ تحريک کا شاهکار مدرسة الاسلام ڪراچي از الطاف علي بريلوي 1954ع، (4) ماهنامو نئين زندگي ڪراچي، مارچ 1962ع، (5-6-7-8)، ماهنامونئين زندگي ڪراچي،(9) مقالومخدوم امير احمدمرحوم. ماهنامونئين زندگي ڪراچي، آڪٽوبر 1965ع مقالو مخدوم امير احمد مرحوم، (10) تذڪره مشاهيرِ سنڌ، مولانا دين محمد وفائي ص-196.

لاڙڪاڻو، مسافر حيدرآباد، الحق ۽ آفتاب سکر جو بہ ايڊيٽر ٿي رهيو. انهن اخبارن آزاديءَ جي جدوجهد جي تحريڪ کي زياده کان زياده زوردار ۽ ڪامياب بنائڻ جي مقصد سان سنڌ جي مسلمانن ۾ سياسي شعور ۽ علمي ۽ تعليمي لاڙن پيدا ڪرڻ ۾، اهم ڪردار اداڪيو. اهو شمس الدين جهڙي دانشورن جو ڪارنامو آهي ۽ انهن جي ئي ذاهپ ۽ فراست ۽ تحرير ۽ تقرير جي وسيلي سنڌ جي ملت اسلامي ۾، اسلامي مساوات، قومي وحدت جا جذبات، وطن جي آزاديءَ جي تڙپ سان گڏوگڏ خود اعتمادي، خود شناسي ۽ ترقي ۽ عروج جا احساسات پيدا ٿيا.

"بلبل" 1906ع ۾، ميهڙ ۾ مدرسة (1) الاسلام جي نالي سان، هڪ مدرسو قائم ڪيو. جنهن ۾ عربي ۽ فارسيءَ کان علاوه، اردو ۾ بہ تعليم ڏني ويندي هئي، هاڻي اهو مدرسو هاءِ اسڪول بڻجي چڪو آهي. "بلبل" جيتري رواني‌ءَ سان لکندو هو، اوتري ئي رواني ۽ شستگيءَ سان تقرير بہ ڪندو هو. 1907ع ۾، آل انڊيا ايجوڪيشنل ڪانفرنس جو هڪ اجلاس، مولانا الطاف حسين "حالي"، جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو، جنهن ۾ ننڍي کنڊ جي قومي اڪابرن شرڪت ڪئي. سر سيد احمد خان جو خاص ساٿي نواب وقار الملڪ بہ شريڪ هو. ان اجلاس ۾ شمس الدين جيڪا تقرير ڪئي، سا سليس ۽ شستہ فارسي ۾ هئي ۽ معرڪ آرا هئي." (2)

سر سيد احمد خان امام غزالي رحہ جي ڪتاب "حجة الاسلام" تي پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ ڪجهہ اعتراض ڪيا، "تہ "بلبل" اردو، ۾ انهن اعتراض جا جواب لکيا، جيڪي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيا ۽ پوءِ ڪتابي شڪل (عقل و تهذيب) ۾ بہ ڇپجي عوام تائين پهتا." (3)

شمس الدين "بلبل" عربي، فارسي، سنڌي ۽ اردوءَ کان بخوبي واقف هو. عربيءَ کانسواءِ ٻين ٽنهي زبانن ۾، نظم ۽ نثر وڏي رواني ۽ برجستگي و شگفتگي سان لکندو هو. تصوف، تفسير، حديث، فقہ، سيرت، مناظري، فلسفي، شعر و عروض، لغت معاني، سياست ۽ تاريخ بابت سندس تصنيفون ۽ تاليفون موجود آهن. سندس ڪتاب نظم ۾ گهٽ ۽ نثر ۾ زياده آهن. سندس ڪجهہ ڪتابن جا نالا هي آهن:

(1) قلندري ميلو: حضرت لال شهباز قلندرجي عرس ۽ ميلي جو دلچسپ احوال. هريسنگهہ پبلشر سيوڪ پريس، لاهور.

(2) تيرنهن جار: مزاحيہ رنگ ۾ اصلاحي مضمونن جو مجموعو اسلامي پريس، لاهور.

(3) بهارِ عشق: عاشقاڻا خط، هري سنگهہ، سيوڪ پريس لاهور

---

(1) تذڪره مشاهيرِ سنڌ، مولانا دين محمد وفائي، ص-198، (2) رپورٽ "ايجوڪيشنل ڪانفرنس اور سندهہ، حافظ محمد رحيم دهلوي، مطبوعہ آل پاڪستان ايجوڪيشنل ڪانفرنس 1954ع، (3) بلبل سنڌ، ص-52

(4) آئينہ تجارت مايۂ ظرافت: طنز و مزاح، اسلامي پريس لاهور.
(5) جهڙ سوال، پٽ جواب: وڪٽوريا پريس، لاهور.
(6) حل تجربات يعني شمس لغات ظريفاني رنگ ۾ الفاظ جي معنيٰ ۽ مطلب- البرٽ پريس، سکر 1905ع
(7) ظريف الدولہ- ظريفاني رنگ ۾ لفظن جي تشريح- البرٽ پريس سکر 1905ع
(8) گلزارِ لطائف- لطيفن يا مزيدار ڳالهين جو مجموعو
(9) عقل ۽ تهذيب- اخلاقي ۽ معلوماتي مضمون. 1914ع
(10) قرض جو مرض ۽ ان جو علاج- اصلاحي
(11) صد پند سود مند- اصلاح- البرٽ پرنٽنگ پريس، سکر 1914ع
(12) سنڌ جي مسلمانن جي تعليم ۽ سرڪار- سياسي ۽ اصلاحي
(13) انگريز ۽ مسلمان- سياسي ۽ اصلاحي
(14) مسلمان ۽ تعليم- مرتب: غلام محمد "گرامي" سنڌي ادبي بورڊ، 1977ع
(15) حرز البيان شرح قانون وقف علي الاولاد = = =
(16) جامِ جم- سنڌ جي مسلمانن جا سياسي مسئلا = = = 1915ع
(17) گنجينۂ معرفت- تصوف و معرفت = = = 1917ع
(18) بخت جي بازي- سياست= = = 1917ع
(19) ڪارونيشن ڪپ = = = 1919ع
(20) شمس المڪاتيب— (فارسي) سندس فارسي انشا پردازيءَ جو عمدو نمونو
(21) مزاحيات- مرتب غلام محمد "گرامي"- سنڌي ادبي بورڊ، 1977ع

## نظم جا ڪتاب- ڇپيل:

1. ديوان بلبل (سنڌي) مفيد عام پريس لاهور 1919ع
2. ديوان بلبل- (فارسي، اردو، سنڌي) سنڌي ادبي بورڊ 1982ع
3. بهارستانِ بلبل (فارسي، عربي، سنڌي ۽ اردو)- مرتب، غلام محمد "گرامي"، سنڌي ادبي بورڊ 1982ع

## ڪلام جو مجموعو

مدح سرور- فارسي، سنڌي ۽ اردو نعتيہ تخليقن جو مرقعو.

1. ڪريما نيچرل- طنزيہ و مزاحيہ ڪلام.
2. رحيما لطيفي- طنزيہ و مزاحيہ ڪلام- مرتب: ضياءُ الدين "بلبل" ڪليم پريس 1948ع
3. احسن التواريخ يا عمدة التواريخ (1)

شمس الدين ”بلبل“ سنڌي ادب ۾ مزاح نگاري جو بنياد وڌو. هن اردو ۾ بہ ڪافي مزاحيہ مضمون لکيا. هو سنڌ جو پهريون شاعر ۽ اديب هو، جنهن اردوءَ جي مشهور مزاح نگار اڪبر الهہ آباديءَ جي ظرافت اختيار ڪئي. هن اڪبر جي رنگ ۾ پنهنجي مخصوص انداز ۾، مغربي تهذيب جي خامين ۽ برطانوي حڪومت جي چالن کان عوام کي آگاهہ ۽ باخبر ڪيو. مولانا گرامي مرحوم درست ٿي لکيو آهي تہ:

”بلبل جو طنزيہ اسلوب نهايت تعميري ۽ افادي (2) هو“. بقول ڊاڪٽر پروفيسر عبدالمجيد سنڌي، ”هن اڪبر الهہ آبادي وانگر ظريفانہ انداز ۾ معاشري جي تصوير پيش ڪئي ۽ پنهنجي قلم جو زور ان تي صرف ڪيو تہ مسلمان انگريزي تعليم حاصل ڪن. (3)“.

بلبل نہ رڳو پاڻ انگريزي پڙهي ۽ ان تي رسائي حاصل ڪئي، پر زوردار آواز ۾ سنڌ جي عوام کي بہ انگريزي پڙهڻ جي تلقين ڪئي. سندس ٿي اهو مصرعو آهي تہ:

”پڙهو انگلش انگلش انگلش!“

سنڌ جو نامور محقق، نقاد ۽ دانشور، ڊاڪٽر شيخ ابراهيم ”خليل“ پنهنجي هڪ مقالي ۾ رقم طراز آهي تہ ”شمس الدين ”بلبل“، وقت جي تقاضا مطابق اڪبر الهہ آباديءَ جي طرزتي طنزيہ شاعري ڪئي. سندس شاعريءَ ۾ ماحول ۽ معاشري جو صحيح عڪس ملي ٿو. هن مسلمان نوجوانن جي بي راهہ روي ۽ هندن جي اسلام دشمني تي بہ سخت تنقيد ڪئي.“ (4)

حقيقت هيءَ آهي تہ سنڌ جي هڪ قومي شاعر جي حيثيت سان، شمس الدين ”بلبل“ جون خدمتون وساري نٿيون سگهجن ۽ رشيد احمد لاشاري مرحوم جي لفظن ۾، ”هن باب الاسلام سنڌ ۾، سڀ کان پهرين جنهن شاعر صحيح معنيٰ ۾ قومي شاعري ڪئي، ۽ ان سان گڏ پاڪستان جو تصور پيش ڪيو، سو بلبلِ سنڌ شمس الدين ”بلبل“ هو.“ (5)

شمس الدين ”بلبل“، هڪ صاحبِ دين عالم، مفڪرِ اسلام ۽ شاعرِ عوام هو. سندس علم ۽ دانش، تحرير ۽ تقرير، مسلم قوم ۽ پوري انسانيت جي اصلاح ۽ فلاح، رفاهہ ۽ بهبود جي لاءِ وقف هئي. هو دنيادار بہ هو تہ ديندار بہ. تصوف سان سندس فطري لڳاءُ هو. سندس صوفياڻو مزاج ۽ درويشاڻي زندگي سندس عظمت جي مظهر هئي. هو نقشبندي طريقي جو مبلغ هو. نقشبندي سلسلي جي هڪ بزرگ حضرت مخدوم نظام

(1) راقم هن معلومات جي لاءِ ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم ”خليل“ مرحوم، لطيف آباد حيدرآباد جي لائبريريءَ مان سڌي طرح استفادو ڪيو. (2) ماهنامو نئين زندگي آڪٽوبر 1965ع. (3) مقالو ”سنڌي ادب جو هڪ جائزو“، چيپل ماهنامو پيغام ڪراچي. (4) مقالو ”سنڌي مين قومي شاعري“ بشمولہ صرير خامہ قومي شاعري نمبر مرتبہ ڊاڪٽر وفا راشدي، چيپل جامعہ سندهہ 1966ع. (5) مضمون ”نظريہ پاڪستان اور سندهہ کي مسلم شعراء“، ”چيپل ”ماہِ نو“ ڪراچي، تحريڪ پاڪستان نمبر 1964ع.

الدين صديقي (پاٽائي) جو (1) مريد هو: الله ۽ سندس رسول صہ جي دين کي فروغ ڏيڻ ۽ ماڻهن کي نماز روزي جي تلقين ڪرڻ جي لاءِ، هڪ مسجد جي امامت (2) بہ ڪيائين. خطبن ۽ قرآن جي درس جو سلسلو جاري ڪيائين ۽ قرآن جو تفسير بہ لکيائين، سيرت، فقہ ۽ حديث جي متعلق سلسليوار مضمون لکيائين.

سندس ڪمال اهو آهي تہ هن نہ رڳو مزاح نگاري ۾ هڪ منفرد مقام حاصل ڪيو، بلڪ تصوف ۽ معرفت جي فلسفي ۽ مضمونن کي بہ پنهنجي شاعريءَ ۾ سمائي، هڪ صوفي شاعر جو مرتبو بہ ماڻيائين. سندس ڪلام جو ڳچ حصو اهڙو آهي، جنهن ۾ وجودي ۽ شهودي وحدت جا ارشادات ۽ اصطلاح ڪثرت سان ملن ٿا. گنجينۂ معرفت ۽ مداح سرور صہ، سندس بہ اهڙا ڪتاب آهن، جن ۾ سنڌي، فارسي ۽ اردو ۾ سندس نعتيہ ڪلام جي مطالعي مان سندس تصوف جو فلسفو ۽ سندس اسلامي ۽ ديني عقيدا، وڏي وضاحت ۽ صراحت سان اسان جي آڏو اچن ٿا.

شمس الدين "بلبل" مثنوي ۽ قصيدي ۾ بہ يدِ طوليٰ رکندو هو. هو رياست خيرپور جي دربار سان وابستہ رهيو. خيرپور جا امير (3) سندس وڏو قدر ڪندا هئا. انهن کيس ملڪ الشعراء جي خطابن سان بہ نوازيو هو. ديگهہ جي خيال کان هتي سندس سموري ڪلام جو جائزو وٺڻ ممڪن نہ آهي. اردو ۾ بہ شعر گوئي تي ڪنهن حد تائين قدرت رکندڙ هو.

*(مهران نقش "اردو" تان ورتل)*

*14-8-89*

# رئيس شمس الدين بلبل ۽ سندس همعصر

## حاجي حافظ محمد احسن چنو

اسان جي سنڌ سگهوري ۾ وقت بوقت اهڙيون هستيون پيدا ٿيون آهن جن تي سنڌ وارن کي بجا طور فخر آهي، 1857ع وارو سال پنهنجي نوعيت ۾ مشهور آهي، اهو سال انقلابي آهي، جنهن کي ڌاري حڪومت "غدر" جو نالو ڏنو هو. مگر پاڪ هند جي باشندن لاءِ هڪ نيڪ فال هو. اهڙي وقت ۾ پاڪ هند جي مسلمانن کي مرحوم سر سيد احمد خان ۽ ان جورفيق ڪار مولانا حالي قدرت عطا ڪيو ته سنڌ جي مسلمانن کي وري خانبهادر حسن علي آفندي ۽ سندس دست راست رئيس شمس الدين بلبل نصيب ڪيو. رئيس شمس الدين بلبل 1857ع ۾ ڄائو هو. انهي ڪري قدرت ان جي دل ۾ قومي جذبو رکيو هو. مرحوم خان بهادر حسن علي جو صلاحڪار بڻيو. بلبل مرحوم اڪبر الهه آبادي ۽ مولانا حالي وانگر وطن ۽ قوم جي اصلاح ۾ هر ممڪن ڪوشش ڪئي. هن خداداد علمي ۽ ذهني لياقت سان مسلمانن لاءِ تعليم جي ذريعي اهو ڪم ڪيو جو ڏوڪڙ ۽ بارود وسيلي نه ٿي سگهي ها. هن صاحب "جام جم" ڪتاب لکي هوم رول ليگ ۽ ڪانگريس تي تبصرا ڪري پاڪستان جو نظريو علامه اقبال وانگر سمجهايو هو. جو 1947ع ۾ ظاهر ٿيو. يعني پيشن گوئي پوري ٿي ۽ پاڪستان بڻيو. مرحوم بلبل کي قادر ڪان ڪيترين خوبين مليل هيون. جئن ته شعر و شاعري جي فصاحت ۽ بلاغت ۽ نثر نويسي جي نزاڪت ۽ صنعت، ظرافت جي چاشني ۽ قابليت، صحافت جي لياقت ۽ دل ۾ قوم ۽ وطن جي محبت، آزادي جهڙي نعمت جي طلب مطلب ته ڪيترين خوبين جو مالڪ هو. سندس ڪلام ۽ طبيعت ۾ رواني، جڻ "مست مهراڻ" جي ٻوڏ. هن صاحب ثابت ڪري ڏيکاريو ته شاعر پيدا ٿيندو آهي، پر بڻايو نه ويندو آهي.

مثال طور:

گهر ڪان نڪتا نيتو نيچر تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا
سر ۾ ٽوپي هٿ ۾ هنٽر تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا
ٽيپ ٽاپ ۾ آڪڙ شاڪڙ ڏاڙهي ڪوڙي مڇون ماڪڙ
سواري بائيسڪل جي سرسر تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا
ڪاروڪوٽ قميصون جاڪٽ پائن ٽا پتلون ۾ پاڪٽ.

چيچا تي بوتن جي چرچر تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا
سيٺي ۽ سگريٽ سدائين ستمت گتمت وات ۾ وائي
"يوسي" "آئي سي" مستر مستر تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا
ڪليل خوشي ۾ بردم خردم ميل جول ۾ وحشي بيدم
تور تلڻ ۾ هر بر هر بر تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا

شعر واڌو آهي مگر ٿورا ٽڪرا ڏجن ٿا.

هاڻ اسين بلبل مرحوم جي نثر تي روشني وجهنداسون نظم. ۽ نثر ٻنهي ۾ ايڏو ڪمال ڪنهن ورلي لکندڙ کي حاصل هوندو آهي. بلبل مرحوم جو نثر مقفيٰ تجنيس حرفي ۾ بي مثال آهي. نثر ۾ به ظرافت ۽ مذاق ڪم آندي اٿس. قلندر شهباز جي ميلي جو احوال لکيو اٿس ان جو ٽڪرو پيش ڪجي ٿو:

**نانوائي:** خرچ ڪپاءِ جي وائي، ٽڪي ۾ ڏکي جو قلڪو، ويهي ڪاءِ ته به نه لهي الڪو، جي ٻوڙ ته مرچن جو جوڙ، چربي جو چوڙ، آنو ڏي ته لپ شوري جي، هڏي اگهاڙي سا به چڪ ته ڏو منجهه ڏاڙهي، اڙل جو پاٽي، ديگڙي جيئن ٿهڪي، ڍڪ پري ته وينو سهڪي، شربت جڻ شيرين شراب، ڪوسو نسورو ڳڙ جو لعاب، چڪڙو پيءُ ته خانو خراب، چپ خشڪ بدن بيتاب. وري "آئينه تجارت" جي ٿوري واقفيت ونون ٿا:

**سرمئہ نزول:** پاڻ شرط نزلي جو پاٽي اکين ۾ ائين اچي گڏٿئي، جيئن هينانهين ۾ برسات، اکين جون ماڻڪيون ان ۾ درياهي ميندڪن وانگر غوطا پيون کائن. پنبڻين جو نالو ئي نه رهي. صفاً صفا ملڪ ميدان، عاقبت بيني جو مادو ته پهرين سرائي سان چٽ ٿي وڃي، گهر جي زال به پري کان ماءُ پيڻ وانگر نظر پئي اچي، عقل جي اکين تي اهڙا پردا چڙهي وڃن جو پاپ به پچ پيو نظر اچي. "سامان جي يادداشت" ۾ لکي ٿو ته:

**جادو جي صندوق:** هن کي صندوق سڏڻ عقل سليم جي برخلاف آهي، هي نسوري ڪرامت آهي، نه ڪاٺ جي نه رڪ جي نه لوهه جي پوءِ ته ان سوال جي لڙائي ۾ هڪڙي مڪڙي هٿ آئي آهي ان جي جاري جي نهيل آهي هن ۾ چور خانا اهڙا آهن جو جيڪڏهن انهن ۾ رپيو وجهبو ته مالڪ ڳوليندي رحلت ڪري وڃي ته به نه ملي. رحلت ڪان پوءِ چاليهي تي سندس وارثن کي رپيو في صدي وياج سان دستياب ٿئي، صاحبو ٻڌايو ته هي صندوق چڱبي يا "ڪنگال بينڪ".

بلبل مرحوم حق گوئي ۾ به هڪ هو. بالڪل بي باڪ بي حجاب ٿي سراسر سچ چيو اٿس، مگر اهڙي رنگ ڍنگ ۽ ظرافت ۾ جو ڪنهن دل کي رنج نه رسي. ڪتاب "تيرهن چار مڪرن جا مار" مان هڪ چار مثال طور پيش ڪري رهيا آهيون.

**عريضي نويس جو چار:** بابا عريضي نويسي آسان نه آهي. اول عزازيل جي اجلاس

مان سرٽيفڪيٽ ونٽو تو پوي پوءِ عريضي نويسي جي لائق ٿو ٿئي. وڪيل يا مختيارڪار ڪن چا ٿا (رڳو نام بڙا ديهہ ويران) اهي اسان جي پڪل ماني ڪائن ٿا. جڏهن ابليس جو اذن وٺي بنياد مقدمي جو ٻڌي ڪوڙ ڪي پيهين دغا سان ڳوهي عريضي جي ماني پچايون تڏهن پوءِ وڪيل ۽ مختارڪار بہ لوڻ مرچ ڪٽي ٻرڪين نہ تہ سمجهڻ گهرجي تہ دائره دعويٰ جا مرڪز اسين آهيون.

ٻن ويڙهائڻ جهڳن ناس ڪرڻ جا باني اسين آهيون مطلب تہ ڪورٽن ۾ جيڪي معاملا هلن ٿا، سي سڀ اسان جي قلم جا ڪرتب آهن. جنهن ڪي اسان جي قلم جي پچاڙ آئي سو يا سمڪ تي يا سماڪ تي يا زمين تي يا افلاڪ تي. عريضي نويس ڪهڙو بيوقفو هوندو جو فريادي جي چوڻ تي لکندو. هڙ ڪوسي هجيس تہ پوءِ ڏسو قلمن سان قلم جي ڪيڏ، تيلي مان ٽنپ، نوڙي مان نانگ، گار مان هنگامو، لپاٽ مان تقصير وار خود ڪشي، ڏک مان خون جي ڪوشش، سول جو ميعاد تہ اسان وٽ وسيع، نوح جي طوفان جي دعويٰ مدت اندر اسين آڻيون. ويل رقمون اسين ورايون. ٻڌل وياج اسين تاريون، مطلب تہ سيڪشن جي سلسلي ۾ اهڙو تہ عريضي ڪي ڪڙيون جو چا مجال ڪنهن جي جو قير قار ڪري، پر نہ رڳو عريضي لکي ڏيون پر ڪوڙن شاهدن جي مدد ۾ بہ حتي المقدور قصور نہ واريون.

صاحبان- هي اسان جي سنڌ جو مٺيو نثر خواهہ نظم جو ماهر آخر 63 ورهيہ عمر قوم جي اصلاح ۾ صرف ڪري 1919ع ۾ الوداع ڪري وڃي صبر ۽ سڪون جو صاحب ٿيو. دعا آهي تہ خدا تعاليٰ سندس فرزند ارجمند اديب سنڌ شاعر حضرت ضياءُ الدين صاحب ضيا ڪي عمر خضري بخشي ۽ قوم جي خدمت ۾ بلبل جي نقش قدم تي هلائي آمين.

هيٺ اسان نئين زندگيءَ جي پڙهندڙن جي ڄاڻ لاءِ بلبل مرحوم جي مرحومن ۽ حال حيات همعصرن (ساٿيارن) جو تفصيل ڏيون ٿا:

## شاعر ۽ اديب:

(1) مولانا شفيع محمد صاحب مسجدي تعلق ميهڙ
(2) مولانا غلام محمد صاحب سوڍر
(3) مولانا غلام رسول صاحب سوڍر
(4) مولانا دين محمد اديب فيروز شاهي
(5) ماستر جناب جمع خان غريب
(6) حڪيم شاهہ محمد صاحب صوفي

(7) سرائي اميد علي زرداري نزديڪ ٻورڙي تعلقو خيرپور ناٿن شاهه
(8) خان بهادر چاڪر خان شاهاڻي تعلقو جوهي
(9) حاجي حافظ محمد احسن چنا تعلقو دادو
(10) مخدوم نظام الدين صديقي پاتائي = = =

## دادو ضلعي جا ٻيا نيڪ مرد:

(1) حافظ ڪمال الدين ڏيپر
(2) سيد امير علي شاهه صاحب
(3) رئيس قادر بخش خان سهتو
(4) وڏيرو دوست محمد خان ٽيٻو
(5) مولانا محمد سليمان واعظ الاسلام
(6) وڏيرو شير خان ناريجو
(7) سيد حاجي علي اڪبر شاهه
(8) وڏيرو محمد صادق جانوري
(9) رئيس پيارو خان لغاري
(10) خانبهادر ڏتي بخش خان جتوئي

## سياستدان ۽ وڪيل:

(1) خان بهادر غلام محمد خان وساڻ
(2) نواب حاجي امير علي لاهوري
(3) جناب سر شاهه نواز خان ڀٽو
(4) جناب سر حاجي عبدالله هارون
(5) جناب حسن علي آفندي
(6) جناب سيد الهندو شاهه صاحب ڊيرئي وارو
(7) جناب غلام محمد صاحب ”شيدي“ شڪارپور وارو
(8) جناب سر غلام حسين
(9) سردار محمد يعقوب خان
(10) شيخ محمد ابراهيم صاحب
(11) خان بهادر نانا
(12) ميان غلام محمد صاحب پرگڙي
(13) سردار عبدالباقي

(14) جناب مير رحيم داد مولائي شيدائي
(15) نواب ولي محمد لغاري
(16) آغا گل محمد خان شڪارپوري
(17) آخوند عطا محمد صاحب متيارين وارو
(18) خان بهادر غلام نبي شاهه ميرپور خاص وارو
(19) مير مقبول خان
(20) جناب حاجي خان لاڙڪ
(21) خانبهادر غلام محمد خان اسراڻ

**مذهبي پيشوا ۽ بزرگ:**

(1) ميان حسن الله صديقي پاٽائي
(2) مولانا عبدالغفور صاحب همايوني
(3) مولانا غلام صديق شهداد ڪوٽي
(4) مولوي محمد عثمان نورنگ زاده، ڪورواهي
(5) مخدوم محمد امين هالائي
(6) حضرت شاهه مردان پير پاڳارو صاحب
(7) خواجا عبدالرحمان صاحب سرهندي
(8) خواجا حافظ حسن جان صاحب سرهندي
(9) ميان عبدالڪريم مهيسر قاضي عارف وارو
(10) حضرت آقا محمد حسن جان صاحب سرهندي
(11) پير محي الدين شاهه دوران
(12) پير رفيع الدين صاحب سرهندي
(13) سيد ڏنل شاهه (رٽائرڊ جج)
(14) جناب محمد اڪمل صاحب روهڙي وارو
(15) مخدوم بصر الدين صديقي سيوهاڻي

**صحافي ۽ ايڊيٽر:**

(1) جناب محمد هاشم صاحب مخلص
(2) جناب مير بشارت حسين زيدي، خيرپور ميرس
(3) مولوي نور محمد صاحب نورل نظاماڻي

**(1)بلبل مرحوم جا هندو دوست:**

(2) سيٺ جيتو مل، ميهڙ وارو

(3) مکي گوئومل

(4) سيٺ پريتمداس

(5) ديوان چندي رام وڪيل

(6) پرچومل

(7) ديوان هاساسنگ (مدرسة الاسلام ميهڙ جو هيڊ ماستر)

(8) مسٽر مولچند (جو دادو سب ڊويزن جو ڊپٽي ڪليڪٽر ٿي رٽائر ٿي ويو).

**لاڙڪاڻي ضلعي جا شاعر:**

(1) حافظ عبدالله حافظ، نصير آبادي

(2) مولانا در محمد صاحب خاڪ

(3) حاجي خانڻ

(4) هدايت علي نجفي تارڪ

(5) جناب نواز علي صاحب نياز

(6) حاجي محمود صاحب خادم

(7) ميان علي محمد صاحب قادري

**ٻيا سنڌ جا شاعر:**

(1) سيد غلام محمد شاهه صاحب گدا حيدرآبادي

(2) سيد فاضل شاهه

(3) مير عبدالحسين سانگي

(4) پير نصير نوشهري فيروز وارو

(5) پير ڪمال

(6) ميان وڏل حيدري

(7) اسد الله شاهه صاحب تڪڙائي

(8) سيد نواز علي شاهه تڪڙائي

(9) حافظ حامد

(10) حافظ هارون

(11) حافظ عبدالله بسمل

(12) غلام مرتضيٰ شاهه مرتضائي ٺٽوي

(13) محمد ابراهيم صاحب صديقي خليل
(14) ميزا قليچ بيگ صاحب
(15) ميرزا احمد علي صاحب جهرڪن وارو
(16) مير محمد شاهه حسيني لکوي آمري وارو
(17) آخوند عبدالقادر بيدل شڪارپور وارو
(18) حافظ محمد حيات شاهه نابين
(19) زمان شاهه ساقي ٺٽوي
(20) ميان غلام احمدنظامي ڪراچيءَوارو
(21) مولوي محمد عاقل
(22) شاهه محمد ديدڙ
(23) عثمان فقير سانگي
(24) چتو فقير سانگي
(25) دريا خان
(26) خير محمد فقير هيسباڻي
(27) مير حسن علي خان حسن
(28) امام بخش خان خادم شڪارپوري
(29) پاون علي شاهه ساقي، بدين
(30) ميان محمود، پلي
(31) پير امير علي شاهه
(32) منٺار فقير
(33) محمد فقير ڪتياڻ
(34) سيد ميران محمد شاهه اول
(35) آخوند عزيزالله متعلوي، هالائي
(36) محمد صديق مسافر
(37) ڊاڪٽر عبدالمجيد صاحب صديقي
(38) حڪيم مولانا فتح محمد صاحب سيوهاڻي
(39) جناب محمد بخش صاحب واصف
(40) جناب مرتضائي ٺٽوي

# بلبل جي شاعريءَ ۾ جمالياتي پهلو

**محمد آدم ٻٽ**

اڻويهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ سنڌي شاعريءَ جي ميدان ۾ اهڙين شخصيتن قدم رکيو جن نه رڳو غزل جي تاجي پيٽي (Diction) بلڪ ان جي تڪ بندي ۽ گهاڙيٽي (Form) ۽ اظهار (Expression) ۾ نواڻ پيدا ڪري غزل جي شاعريءَ کي عروج بام تي پهچايو. اهڙين شخصيتن ۾ مير عبدالحسين سانگي، غلام محمد شاهه گدا، مرتضائي ٺٽوي، آخوند قاسم ۽ مرزا قليچ بيگ جا نالا اچي وڃن ٿا. اهڙن اعليٰ پايي جي شاعرن جي موجودگيءَ ۾ ڪنهن به نئين ماڻهوءَ جو شاعريءَ جي ميدان ۾ پير کپائڻ ۽ اعليٰ مرتبي جي شخصيتن جي صف ۾ پنهنجي لاءِ ڪو مقام ڳولڻ ۽ جاءِ پيدا ڪرڻ ڪا سولي ۽ آسان ڳالهه نه هئي.

شمس الدين "بلبل" جو نالو سنڌي ادب جي اهڙين ڳڻواڻ شخصيتن جي زمري ۾ اچي ٿو، جن پنهنجي قابليت، محنت ۽ سنجيدگيءَ جي آڌار تي نه رڳو نالو پيدا ڪيو بلڪ اعليٰ مقام پڻ حاصل ڪيو.

سنڌي غزل بنيادي طرح فارسي غزل جي پيداوار آهي ۽ فارسي شاعريءَ جي اثر هيٺ وڌي وڌي ويو ٿيو. تڏهن به سنڌ جي شاعرن فارسي ادب جي هن نازڪ، نفيس ۽ عاشقانه مزاج واري صنف شاعريءَ کي اهڙي ته مقامي رنگ ۽ ڍنگ ۾ پيش ڪيو جو ان جي هر بند ۽ شعر ۾ سنڌ جي مٽيءَ جي مهڪ اتي چوڌاري ڦهلجي وئي.

سنڌ جي شاعرن غزل ۾ جتي تصوف جهڙن باريڪ نڪتن کي ڇهيو ۽ بيان ڪيو، اتي هنن غزل جي جمالياتي پهلو کي به ڀرپور انداز ۾ پيش ڪيو آهي ۽ محبوب جي "ڳل" جي ترِ، ان جي ڳاڙهن ڳِٽن، منهن محراب ڪان وٽي پيچدار "زلفن" ۽ "ڪاڪل" خمدار تائين جو ذڪر نهايت خوبصورت ۽ دل لڀائيندڙ انداز ۾ بيان ڪيو آهي. "بلبل" به پنهنجي پيش رو ۽ همعصر شاعرن جي تقليد ڪندي غزل ۾ جمالياتي پهلو کي جنهن خوبصورت انداز ۾ بيان ڪيو آهي اهو سندس اعليٰ فنڪارانه صلاحيتن ۽ سندس ڏاهپ ۽ قابليت جو بهترين مثال ۽ اعليٰ نمونو آهي.

ڪيو جو صورت ساجن کي مون ڏسي سجدو،
ملن چيو ته ڪجي هن کي سنگسار بي دريغ.

اندازو ڪيو تہ اهڙي بيباڪي ۽ بهادريءَ جهڙو آواز ”بلبل“ ڪانسواءِ بيو ڪير بلند ڪري سگهي ٿو...!؟

اهڙن خوبصورت خيالن کي لفظن جي روپ ۾ گهڻ مقصديت Multi-Purpose واري انداز ۾ پيش ڪرڻ جو ملڪو Authority رڳو ”بلبل“ کي ئي قدرت عطا ڪيو هو. اهوئي سبب آهي جو مولانا غلام محمد گرامي ”بلبل“ کي سنڌي ادب جو ”سپوت“ سڏيو آهي جنهن نہ رڳو غزل جي تصوف ۾ اصلاح واري پاسي ڌانهن ڌيان ڏنو ۽ ڪنهن رک رکاءَ کان ڪم ورتو، بلڪ حسن ۽ سونهن جي ساراهہ کي پيش ڪرڻ ۾ ڪڏهن بہ نہ ڪيٻايو. انگريزي ۾ چوڻي آهي تہ:

”Poetry is basically a rich and colorful way of speaking“

”شاعري اظهار جو شاهوڪار ۽ رنگين ذريعو آهي“

شاعري رڳو لفظن جي چونڊ جو نالو ناهي پر دلين کي جهومائڻ ۽ ذهنن کي گرمائڻ شاعري جو اصل جوهر (Real Spirit) آهي. لفظن جي چونڊ بہ اهڙي ڪرڻي آهي جو پڙهندڙن جون دليون پڙهڻ سان جهومي اٿن ۽ جذبا جاڳي پون. جيڪا شاعري دلين کي جهومائي نہ سگهي ۽ جذبن کي اپاري نہ سگهي، جنهن شاعريءَ مان ڪنهن کي ڪجهہ حاصل نہ ٿي سگهي، جيڪا شاعري بين کي ڪجهہ بہ نہ ڏئي سگهي سا لفظن جي مالها تہ ٿي سگهي ٿي پر شاعري نٿي ٿي سگهي.

شاعريءَ جو واسطو روح سان ۽ دل جي ڌڙڪنن سان سڌو سنئون ٿئي ٿو. تنهنڪري شاعر لفظن کي اهڙو روپ وٺرائي ٿو، جنهن سان حسن مهڪي ٿو اٿي. پوءِ اهو حسن چاهي فطرتي هجي يا انساني. ”بلبل“ جي شاعري جي بہ اها خوبي آهي تہ هن لفظن کي سونهن جو نمائندو بنائي ڇڏيو آهي. بلبل جي شاعري ۾ حسن ۽ خوبصورتي جون شفاف ڌارائون لفظن جي چشمن مان ڦٽي ۽ وهي هلن ٿيون. محترم جويو صاحب جي چواڻي تہ ”فن جو بهرحال ڪمال هيءُ آهي تہ وقتي اهميت جو رول بہ ادا ڪري ۽ ان ۾ دائميت ۽ امرتا جو روح پڻ برقرار هجي، بلبل جي شاعري ”دائميت ۽ امرتا جي روح“ جو باهمي سنگم بہ آهي تہ وقتي اهميت جو رول بہ ادا ڪري ٿي. بلبل جو محبوب ۽ ان جو حسن اعليٰ قدرن وارو ۽ وڏي اهميت وارو آهي. ان جي حسن اڳيان حورون ۽ پريون تہ ڇا سج ۽ چنڊ جي بہ ڪا حيثيت ڪانهي:

توهان جي حسن ۾ آهي جو زور و زينت- زيب،
نہ آهي حور و پري شمس و ماهہ ۾ لاريب.
---
فلڪ کي جي فخر آهي قمر جي نور تي اهڙو،
اسان جي ماهرو جو منهن سجو انوار مهہ مهہ.

شعر جي آخر ۾ ”مھ“ لفظ ٻي دفعا قافيہ طور استعمال ڪري بلبل شعر جي موسيقي ۽ ترنم ۾ لئي ۾ اضافو ڪيو آھي. ھن غزل ۾ بلبل تھ تھ تھ، وھ وھ وھ، ڏھ ڏھ ڏھ جھڙا لفظ ٻي دفعا قافيہ ۾ استعمال ڪري قافيہ جي سونھن ۽ غزل جي حسن ۾ واڌارو ڪيو آھي.

تشبيھ ۽ تمثيل جو فن تہ بلبل کان ڪو سکي، ھو تشبيھ جي فن ۾ پنھنجي وقت جو بادشاھ ھو. مثال طور چوي ٿو تہ:

برگ گل تي ھيئن لڳي ٿي خوشنما شبنم پرين،
قطره قطره عرق جا ڪن زيب جيئن رخسار تي.

برگ گل کي رخسار سان ۽ عرق جي قطرن کي شبنم سان تشبيھ ڏئي بلبل شعر جي حسن ۾ اضافو ڪرڻ سان گڏ ان جي مراد ۽ مقصد ۾ سونھن پيري ڇڏي آھي، محبوب جي رخسار تي عرق جي قطرن جي ائين ٺھي بيھڻ جيئن شبنم جا قطرا گل جي پنکڙي تي سونھن ٿا. اھو فطرت جي سونھن سان گڏ انساني سونھن جي اظھار جو پڻ اعليٰ نمونو آھي.

پرين پنھنجا وار چوڙي ڪوٺي جي ڇت تي اچي ۽ عاشق اھڙو نظارو پسي دام ۾ نہ ڦاسي سا ڳالھ ناممڪن آھي، پر بلبل جي پرين جي ڪاڪل جي ڳالھ ئي نرالي آھي. عام شاعر جي محبوب جي ڪاڪل جو دام محدود آھي جيڪو رڳو دل وارن کي ئي ڦاسائي سگھي ٿو پر بلبل جي محبوب جي ڪاڪل ۾ جا ڪشش آھي سا عام شاعر وٽ ناھي. بلبل جو پرين / سڄڻ جڏھن وارن کي کولي بام تي اچي ٿو تہ دل وارا تہ ڦاسن ئي ڦاسن ٿا پر عنبر (خوشبو) بہ ڪاڪل جي دام کان آجي نٿي رھي سگھي.

ڪاڪل کي سڄڻ کولي، ڪالھ بام تي ھو ويـنـو
آئي ٿي صبا چوندي عنبر جو خدا حافظ

زلفن جي دام جو ذڪر وري بلبل ھيئن ٿو ڪري:

زلفن ۾ ڏسي قابو ھڪ ترڪ ڏنم طعنہ
اسلام جو ھي حال تہ ڪافر جو خدا حافظ

رخسار تي زلف جو پيچ ڪھڙو خوبصورت منظر ناھي ٿو. ھن وٽ ان جو بيان باقي شاعرن کان نرالو آھي.

ڏنو زلف جو پيچ رخسار تي
اھو جيم ۽ دال آھي عجب

محبوب جي منهن کي باهه سان تشبيهه ڏيڻ جو انداز ۽ بيان بہ بلبل وٽ عجيب آهي. لفظن کي ڪيئن استعمال ڪجي؟ ٻوليءَ جو بيان ڪٿي ۽ ڪيئن خوبصورتي پيدا ڪندو. بلبل کي ان سلسلي ۾ واقعي عبور حاصل هو. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ سنڌيءَ سان گڏ عربي توڙي فارسي لفظن کي جنهن وڻندڙ اسلوب ۾ بيان ڪيو آهي سا ڳالهہ بلبل جي ٻوليءَ تي دسترس کي عيان ٿي ڪري.

چڏي ٿو زلف کي چوڙي هو منهن تي محبوب
وجهي ٿو باهہ ۾ ورق عنبرين چا باعث
پڌم تہ ڪالهہ انهي خوبرو جي خال متان
وڪيو ٿي عابد ايمان دين چا باعث

هڪ پاسي تشبيهن جو خوبصورت استعمال. ٻئي پاسي ٻوليءَ جو اسلوب ۽ انداز بيان ۽ وري تئين حوالي سان جمالياتي پهلو جو ذڪر هڪ ئي وقت انهن مڙني خاصيتن جي ذڪر ڪرڻ ۽ اهڙي انداز ۾ بيان ڪرڻ جو پڙهڻ سان شاعر فنڪارجي فن ۽ ان جي ذات ۽ صلاحيت کي داد ڏيڻ کان رهي نٿو سگهجي. ”بلبل“ جي شاعرانہ ذات ۽ فنڪارانہ صلاحيتن جي پرک ۽ ان جي خيالن جي پرواز (تخيل جي اڏام) جو اندازو هيئين شعرن جي ستن مان لڳائي سگهجي ٿو تہ هن وٽ ڪيڏي نہ شاعرانہ سگهہ موجود هئي:

بوئي نسيم زلف سياه مشڪبار ڪان
سرسبز سمن، سنبل و تر، تابدار ڏس
ائين سونهن تا، سنبل ۽ سمن ريحان جا
جيئن گرهہ تي گول تئي هن ڪاڪل خمدار تي.

عاشقن جي دل جڏهن معشوق چورائي وجي تہ ان جو موٽڻ ڏاڍو محال آ. بلبل وٽ بہ اهڙي ڪيفيت آهي، هن جو محبوب بہ ڏاڍي نرالي چال وارو آهي، جيڪو دل تہ چورائي ڇاٽي پر موٽائي نہ. اهڙي حالت ۾ عاشق ويچارو ڇا ڪري؟! سندس غمن جو علاج تہ صرف ۽ صرف صبر ۾ آهي.

دل ڪسي جا گلبدن سا ڪيئن وري موٽي ملي
هاڻ پانئج صبر بلبل پهرين نمبر جو علاج

سجڻ جي سينڌ جو ذڪر اسان کي اڪثر شاعرن وٽ ملي ٿو. بلبل ان جو بيان هيئن ٿو ڪري:

ڪدي سيند زلفن ۾ آهي سجڻ

دلـــيــن جــي وجــڻ لاءِ نــاهـــيـــو آ دڳ

ڳل جي خوشبوءِ ۽ ڳل جي سرخي جي تشبيهه محبوب جي لبن سان ۽ زلفن سان هر شاعر وٽ ملي ٿي پر شاعري رڳو تقليد جو نالو نہ ناهي! جيستائين ان ۾ نوان تجربا ڪري ڪا نواڻ يا جدت پيدا نہ ٿي ڪئي وڃي، تيستائين شاعر جي انفراديت Exception ڪيئن ٿيي. بلبل پنهنجي شاعري (نظم ۽ غزل) ۾ نوان تجربا ڪري نوان مشاهدا پڙهندڙن جي آڏو پيش ڪيا آهن:

ڳـل سـرخ جـو پـرتـوو جـو پـوي زلـف تـي هـردم
ان عـڪس کـان هـر روز ٿـيـن صـبـح و مسـا سـرخ

ڳل جي ڳاڙهاڻ جو پرتوو جڏهن زلف تي پوي ٿو تہ ان جي عڪس سان صبح و مسا سرخ ٿيو پون. ڪيڏو نہ هڪ عجيب، دلچسپ ۽ وڻندڙ منظر آهي، جيڪو شاعر لفظن جي روپ ۾ پڙهندڙن جي آڏو پيش ڪيو آ. حقيقت ۾ اها بلبل جي ڏاهپ ۽ شاعرانہ صلاحيت جي خوبي چئجي جو هن هر شيءِ کي اهڙي تہ ڪيفيت ۽ انداز ۾ بيان ڪيو آهي جو پڙهندڙ نہ چاهيندي بہ ان کي پنهنجوئي قبول ڪري ٿو وٺي.

مذهب روحاني جذبو آهي اهڙو جذبو جنهن جي افاديت ۽ اهميت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي. ان کان وڌي ان جي اصولن جي پوئواري ۽ پاسداري ڪرڻ انساني فطرت جو اڻ نٽ حصو بنجي پوي ٿو. پر جڏهن عشق جو ۽ محبت جو ذڪر ٿئي تہ ان جي ادا ۽ ذميداري ئي الڳ ٿي پوي. بلبل وٽ محبت جي حيثيت بہ مذهب کان گهٽ ناهي. هو محبت جي ميدان ۾ بہ پنهنجو پاڻ کي ايترو ذميوار محسوس ڪري ٿو/ سمجهي ٿو جيترو مذهب جي آڏو.

مـحـبـوب جـي مـذهـب ۾ تـيـا فـرض رڱـا چـار،
لـب سـرخ زبـان سـرخ، سـر دسـت دوپـا سـرخ،
ريءَ عشق تنهنجي چاٽـان نـہ اسـلام ڪـفـر کـي،
تشــبــيــهــہ فــرامــوش تــہ زنــار فــرامــوش.

عشق ڪانسواءِ رڳو زندگي اڌوري ناهي، بلڪ دين و ذرم بہ اڻپورو لڳي ٿو. چاڪاڻ تہ عشقيت حقيقت ۾ اهڙو جذبو آهي جنهن جي نہ رڳو ذريعي حقيقت پر سچ ۽ ڪوڙ جي فرق کي پڻ سمجهي سگهجي ٿو ۽ ان کي ظاهر ڪري سگهجي ٿو.

مددي ڪتاب:

1. ديوان بلبل- هري سنگهہ ڪتب خانو سکر 1906ع

# حضرت شمس الدين ”بلبل“

**از: محمد عرس ٻرڙو ايڊووڪيٽ، ميهڙ**

(يومِ بلبل جي موقعي تي پڙهيل مقالو)

حضرت مرحوم و مغفور شمس الدين ”بلبل“ قدس الله سره جي آخري آرامگاهه مرقد مبارڪ تي عقيدت ۽ محبت جي گلن جي ورڪا ڪندي سندس علم و ادب جي عميق موجزن سمندر مان چند قطرات اڄوڪي عظيم الشان بزم ۾ عرض آهن.

”حريفان بادها خورد ند رفتند رتهي خم خانها کردن زقند“

سنڌ جو جليل القدر ۽ مايہ ناز شاعر، بلند پايہ جو صحافي ۽ اعليٰ مفڪر حضرت رئيس شمس الدين صاحب هو. ”بلبل“ سال 1857ع ۾ بمقام شهر ميهڙ تعلقي ميهڙ ۾ تولد ٿيو. هي اهو پر آشوب دور جنهن دور ۾ مسلمانانِ هند فرنگي طوق غلامي ٽوڙڻ لاءِ جهادِ عظيم شروع ڪيو ۽ هن جهادِ في سبيل الله کي تاريخ جي اوراقن ۾ بلوي جي پر تحقير تعبيرن سان جاءِ ڏني ڪيو ويو. مگر خدا شاهد آهي تہ هي جهادِ اڪبر مسلمانِ هند جي غيرت اسلامي جمعيت ۽ توڪل علي الله جي يوم الحساب تائين دلالت ڪندو رهندو.

مسلمانانِ هند پنهنجي فرمانروائي ۽ اعزاز کي تلف و تاراج ٿيندي دست تحسّر مليندي مليندي فرنگي تعليم و تهذيب کي منافرت، بغض و عناد ۽ چشمِ تحقير سان ڏسندي ڏسندي ان جو قطع تعلقات ڪيو. ان جو اهو نتيجو سرزد ٿيو جو اهل هند سفيد فام آقائن جي تعليمي تهذيبي تقليد ڪري بام عروج تي پهچڻ لڳا، ۽ مسلمانن دنياوي نقط نگاهہ کان قعر ذلالت ۾ ڪرڻ لڳا، ٻنهي قومن ڪين صفحہ هستي تان مٽائڻ لاءِ ناپاڪ سازشون شروع ڪيون. مگر عداءُ الله کي اها خبر نہ هئي تہ ”چراغ راکہ برايزد فروزد ز ڪسي ڪہ او تف رمشش مبسوزد“

هنڌي مسلمان پنهنجي شڪستہ ڪشتي کي پرموج سمندر اندر ۽ طوفاني شدت کي ڏسي پنهنجا نماٽا هٿ دربار ايزدي ۾ ڪٽندو رهيو سندس گريہ ۽ انڪساري وجهي مقبوليت حاصل ڪئي، واقعي نا اميدي ۾ بہ آهي آسرو رحمان جو، دردمند دعائن کي مقبول فرمائيندي بلڪل ساڳئي سال قرن سعدين ۾ اعظم ڳڙهہ يو پي ۾ حضرت مولانا شبلي نعماني رحمة الله کي دهلي جي جوق ۾ مير مهدي حسن مجروح عليہ رحمة کي ۽

سرزمين سنڌ حضرت شمس الدين بلبل قدس الله سره کي پيدا ڪرڻ فرمايو. الله تعاليٰ انهن تنهي جليل القدر هستين جي قلم کي تلوار کان بہ زياده قوت عطا فرمائي هئي، جن شيوه پيغمبري اختيار ڪري پنهنجي علم، ادب شعر و شاعري جي ڦهريا قوت سان مسلمانان هند ۽ سنڌ جي صحيح ترجماني ڪري سندن شوريده قسمت کي بدلائي ڇڏيو.

حضرت بلبل عليہ رحہ جي سيني ۾ عنفوان شباب ۾ بہ قومي درد چوليون هڻي رهيو هو ان جي بي تابي کي مولانا الطاف حسين حالي ۽ حضرت اڪبر الهہ آبادي جي پردرد قومي نظمن ويترو ڏايو.

ڪاتب تقدير قضا و قدر کان سنڌي مسلمانن جي خدمت لاءِ حضرت بلبل کي منتخب فرمايو تنهن پنهنجي دور رس نظرن سان مسلمانن جي اجڙيل گلستان کي خون جگر سان آبياري ڪرڻ جو تحيہ ڪيو، ان دور ۾ مسلمانن جي بي ڪسي ۽ بي بسي جي ماحول حضرت بلبل جي قلب و جگر تي وڏي اثر اندازي ڪئي جو سندس ابتدائي شعرن مان معلوم ٿي ٿئي.

تـي ويـو مـانـوس آهـيـان رنـج و غـم ڪـان
زهـر قـاتـل مـان ڏسـان تـو عـيـش عشـرت جـا مـزا

حضرت بلبل بحيثيت هڪ قومي نباض ۽ سياسي مبصر جي پنهنجي ذڪاءَ ۽ ذهانت جي وسيلي پنهنجي نظم و نثر کي وقت جي تقاضا موجب قومي امراض کي قلع قمع ڪرڻ لاءِ هڪ خاص طرز مزاحيہ اختيار ڪئي جنهن تير نشتر جو ڪم ڪيو.

شعر ۾ طرز مزاحيہ اختيارڪرڻ لاءِ بہ بلبل عليہ رحہ جا نيڪ مقصد هئا، مقصد اول اهو هو تہ سنڌي مسلمانن کي انگريزي تعليم ڏانهن راغب ڪرڻ ۽ ساڳئي وقت فرنگي تهذيب ۽ نشونما کان سنڌي مسلمانن کي متنفر ڪرائڻ صاحب موصوف جو اولين مقصد هو تہ مسلمانانِ سنڌ حڪومت جي تعليم حاصل ڪري حڪومت جي ڪارپردازگي ڪري نہ رڳو پنهنجي پائن جي حقن جو تحفظ ڪن، پر فرنگي تهذيب وضع قطع جي زهر قاتل کان ڪناره ڪشي ڪن ۽ پنهنجي اسلامي تهذيب تمدن ۽ ثقافت کي محفوظ رکن. انهن پنهي اهم مقصدن کي سڌو ڪرڻ لاءِ حضرت بلبل پنهنجي مزاحيہ شعر کان عصاءِ موسوي جو ڪم ورتو. بلبل عليہ رحہ جي مزاحيہ شعر ۾ انگريزن جي قوم ۽ ان جي عادات ۽ اطوار لاءِ سخت منافرت جي تخم پاشي ڪيل آهي، هن ڪڙي نقط چيني کي بہ زحبر توبيخ کي کل ۽ ٽهڪهي جا لاتعداد غلاف ڏنل آهن ان ڪري اجنبي آقا نهايت خوش اسلوبي سان پنهنجي روءِ سياهہ ڪرائڻ تي مشتاق ٿي نظر آيو. اها بلبل مرحوم جي نقادي ۽ ڪيمياگري هئي جنهن انگريزي حڪومت جي بيخ ڪني ڪئي ۽

دشمنن کي خبردار ٿيڻ بہ نہ ڏنو مگر اهو مزاحيہ شعر پڻ درد کان خالي نہ آهي.

فرنگي حڪام وڏي هيجان سان بلبل مرحوم جو مزاحيہ شعر ٻڌي گد گد ٿيندا هئا ۽ حضرت بلبل کي پنهنجو دوست تصور ڪندا هئا، مسلمانانِ سنڌ کي انگريزي تعليم ڏانهن متوجهہ ڪرڻ لاءِ حضرت بلبل رقمطراز آهي:

وڃائي تو پنهنجا ڇڏيا پئي جهان
ڏنا ڪينڪي تو انڊا امتحان
رويـنـيـو جـڊيشل وڪالت وغيره
کهاڙي سان پنهنجو وڍيئي پاڻ پير
نہ ڊپٽي ٿئين تون نہ مختار ڪار
ٿئين همسرن ۾ ذليل و خوار

انگريزي تهذيب ۽ پوشاڪ تي جرح ڪندي مرحوم بلبل فرمائي ٿو:

دل کي ڏيکاري خوب نئين چال جا مزا
پتلون ڪوٽ بوٽ جو خوگر بڻايو آهہ
ديرو حرم ۾ شيخ و برهمڻ جو ٿا رهن
يارن تہ پنهنجو لنڊن مندر بڻايو آهہ
باجو وڄائي جو ناچ ڪن ٿيون نشاط ۾
صاحب کي ڏس بغل ۾ ڇا باندر بڻايو آهہ

مزيد فرمائي ٿو:

لنڊو ڪوٽ پتلون گهڙيال ڏار
شود خلق دنيا ترا دوست دار
ڪتي بسترڙي کي تون ڪجهہ ڪور ڪور
نہ باشي ز گلذار فردوش دور
تون پيشاب پنهنجو هلندي ۾ هار
ڪہ جنت بود جائي پرهيزگار
ڪري وٺ ادا خوب بوسہ ڪناري
ڪہ فردا نہ باشي ز حق شرمسار
رنن ڪون ڪرايو نہ ڏاڙهي تراش
زجاهل گريزندهہ جو تير باش

هن فنِ صحافت جي امام مسلمانانِ سنڌ جي بي لوث خدمت ۽ سندن ڪما حقہ ترجماني ڪرڻ لاءِ جدا اخباري ادارن جي رهبري ڪري مسلمانانِ سنڌ کي حلقہء بگوش ۽ مرهون منت بڻايو آهي، سندس قلم جي تيز گامي ۽ جولاني مخالفن جا هٽي ياندا پچي ڇڏيا آهن، نور محمد نظاماڻي، محمد هاشم مخلص، عبدالسميع قريشي، آغا نظر علي مرحوم مريدانِ راسخ هئا، جن مرحوم جي مضامين کي پنهنجي مشعل راهہ ڪري پنهنجي اخبارن جو اجراءُ ڪيو.

سياست ۾ حضرت بلبل کي يدطوليٰ حاصل هو سندس سياسي معرڪہ آرائي شيرازه بندين جا ڪرشمہ ڏسي مٿس خانبهادر حسن علي آفندي، سيد الهندو شاهہ ۽ چاگلا فريفتہ ۽ فدا هئا.

مرحوم جي شعر و شاعري مان علم و عرفان ۽ روحانيت جي مشڪباري جي ڪري هڪ عجيب و غريب ڪيفيت ۽ رقت طاري ٿيندي رهي ٿي، جنهن جو روحاني اثر ان حقيقت جي دلالت ڪندو رهي ٿو تہ مرحوم عليہ رحہ جي دل ۾ عشق الاهي جي چنگاري ضرور جاءِ گزين هئي جنهن جي طفيل مرحوم بلبل جي شعر ۾ حقانيت، بي باڪي، حلاوت، نمڪيني ۽ قومي درد جون موجون جلوه گر آهن.

حضرت بلبل جو روحاني شعر هن طرح عرض آهي:

عام اورن عام سان ڪن خاص خلوت بي طرح
هو هجن ڪثرت ۾ قابو هن جي وحدت بي طرح
غير ناهي غير حق تون وهم ۾ ڇوٿو وتين
هن جي موهيت هنجي قربت هن جي وصلت بي طرح

افسوس آهي تہ هن زنده جاويد عظيم المرتبت شاعر جي غير فاني عتيق ادبي سمندر مان غواص سپون سوجهي معنيٰ جا موتي ڪيڻ جي زحمت اجا گوارا ڪا نہ ڪئي آهي، دعا آهي تہ باري تعاليٰ مرحوم بلبل رحہ کي پنهنجي جوار رحمت ۾ رکي ۽ اسان کي سندس مشعل راهہ تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي (آمين).

احقرالعباد
محمد عرس پرڙو (مسرور)
بمقام ميهڙ
بتاريخ 11 اپريل 1964ع

# شمس الدين ”بلبل“

## محمد نواز ”محزون“ ٭

ميهڙ جي هڪ چانديوڪي رات هئي، پريان اولهه ۾ ڪير ٿر جبل سفيد نوراني چادر ڍڪي چانڊوڪي رات جي خاموشي ۾ ستل هو. ”بلبل“ جي ماڙي جا اوچا منارا، جن جون چوٽيون ائين پئي نظر آيون، ڄڻ مٿن به سفيد پٽڪا ٻڌل آهن. چپ چاپ ۽ ساڪت پنهنجي ماضي جي عظمت جي ياد ڏياري رهيا هئا.

گذريل ڪيترين ئي راتين کان گهٽ ۽ گرمي هئي، پر اڄوڪي رات پورب کان اتي جي هير ٿي گهلي ۽ آسمان ۾ ڪٿي ڪٿي ننڍڙا تارا ٽمڪي رهيا هئا، جن جي جهرمر ۾ چنڊ مرڪي رهيو هو، اهڙي دل ڏتارينڊڙ ۽ دلڪش نظاري هوندي به دل بيقرار ۽ بيچين هئي. پلا ڇو نه ٿئي، پريان جو مرحوم بلبل جي ويران آرامگاهه تي نظر پئي، جنهن ڪي سندس پنهنجي وطن وارن وساري ڇڏيو آهي، يڪا يڪ مرحوم جو پنهنجو شعر دل تي تري آيو:

ڪٽي مشهور جي نالو نه ٿيندو
ته بهتر بي نشان ۾ دم غنيمت

سنڌ جو هي عظيم شخص جنهن پنهجي زندگي ۽ شاعري سنڌ جي مسلمانن لاءِ وقف ڪري ڇڏي، ضلعي دادو جي ميهڙ شهر ۾ سن 1857ع ڌاري ڄائو، سندس والد برزگوار جو نالو بهادر خان هو. سنڌ جي هن مايہ ناز ادبي، قابل فخر شاعر ۽ اخبار نويس جو شروعات ۾ نالو ”پريل“ رکيو ويو، پر پوءِ سندس مامي نهال خان جي مرضي مطابق نالو شمس الدين رکيو ويو.

بلبل جي ننڍپڻ جي باري ۾ واضع معلومات ڪانهي بس ايترو معلوم ٿي سگهيو آهي ته کيس ننڍي هوندي کان ئي شاعري جو شوق هو. سندس تعليم اسڪولي سنڌي فارسي کان زياده ڪا نه هئي پر پنهنجي ذوق ۽ شوق جي ڪري پنهنجي معلومات ۾ ڪافي اضافو ڪيائين.

---

٭ مرحوم بلبل سنڌي صحافت جو پيشرو، طنز ۽ مزاح جي شاعري جو باني، علي گڙهه جي تعليمي تحريڪ جو سرگرم ڪارڪن، مشهور سياسي ۽ سماجي سڌارڪ هو. پاڻ 13 سيپٽمبر 1919ع تي وفات ڪيائين. سندس ورسي جي موقعي تي هي ذڪر خير پيش ڪجي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر ڪو الڙ عاشق جڏهن حسن جي ديوي جا ناز ۽ نخرا، بيوفائيون ۽ ڏاڍايون سهي نہ سگهندو آهي تڏهن بي صبري ڪان آهون ۽ دانهون ڪندو آهي، اهو ئي حال بلبل جو بہ هو. بلبل جي شاعري منظر عام تي تڏهن پهتي جڏهن ڪيس عشق جي لپيٽ لڳي، شمس گل جو پوڄاري هو، تنهن ڪري بجاءِ شمس ڪوٺائڻ جي بلبل چوائڻ بهتر سمجهيائين. جڏهن گل ٽڙيو تڏهن بلبل خوشيءَ مان ڳايو تي:

جو گل بدن تي لباس سفيد پهري شنگ
ڪري تو جلوه فانوس ۾ سو آتش رنگ

۽ جڏهن "گل" مرجهايو تي، تڏهن "بلبل" درد ڪان آه و فغان تي ڪئي:

ڪوئي بلبل سان گل وفا نہ ڪري
ائين منهنجو ڏٺو آ ڏاهي هٿ

.......

"بلبل" جهان جي باغ ۾ سڀ "گل" رهن تا بيوفا
ان حسن جي گلزار ۾ اتڪن هزارين خار تا

.......

محبوب ۾ رحم؟ هاءِ غير ممڪن
عاشق ۾ التجا، سڀ ممڪن!

هي حال هو بلبل جو! جڏهن گل رنو تي تڏهن بلبل ريجهائڻ خاطر عاجزي ۽ التجا تي ڪئي:

ستم مون تي سجڻ تو ڏس ڪيو سڀ
وهي سر تان لنگهي منهنجي ويو سڀ
اجا پي جي هجي ڪو دل ۾ ارمان
تہ هو پي ڏک اچي ڏيو مون ڪي سڀ
وڏو جو دام محبت جو دل ڪي اي سياد
رهي توهان جو هي زندان خانو شل آباد

.......

اسير عشق جو بلبل نہ گل ڪري آزاد

جڏهن محبت جو ٻوٽو وڏي راس ٿيو ۽ گل بلبل ڪي مليو تڏهن بلبل جي شاعري ۾ هڪ نئون طوفان آيو سنڌ جي مسلمانن جي ان وقت تمام پست حالت هئي، هندن جو سرڪاري نوڪرين تي مڪمل قبضو هو، اسان جن قدامت پسند عالمن مسلمانن ڪي

انگريزي پڙهڻ کان پري رکيو ۽ نتيجو اهو نڪتو جو ڏينهون ڏينهن مسلمانن جي حالت بد کان بدتر ٿيندي وئي. مرحوم بلبل هڪ ماهر طبيب مثل هن ناسور جي علاج لاءِ شعر مرهم استعمال ڪيو:

وڃائي تو پنهنجا چڏيا پئي جهان
ڏنا ڪينڪي تو انڊا امتحان
روينيو، جڊيشل، وڪالت، وغيره
نہ ڊپٽي ٿئين تون نہ مختيار ڪار
ٿئين هم عصرن ۾ ذليل و خوار
جي بي اي ٿي تو ڪان بعيد از قياس
نہ ميٽرڪيوليشن بہ ڪيڙئي نہ پاس
جي هن جج سي ايس چئو تن ڪي جي
مبارڪ مبارڪ سندن ماءُ پيءُ
جٽي تو ڪي مائٽ نہ سنپريا ڪوسڪ
مليو تي تنين ڪي ڏنئي ڏنجهہ ڏک
نہ صاحب ڪنهين جو ڪيو تو سلام
نہ ديوان ڪنهن سان ٿئين هم ڪلام

بلبل جو سمورو شعر پنهنجي اندر اصلاحي پهلو رکي ٿو. ان وقت مسلمانن ۾ جيڪي اجايون ريتون رسمون هيون ۽ جن جي باعث مسلمانن مالي اعتبار کان کوکلا ٿيندا پئي ويا، بلبل انهن بيهودين رسمن تي شعر جي ترار سان وار ڪيا:

رلايو تہ شادين غمين جي رسوم
ڪٽي قرض ڏوڙيو ڪجي ڏام ڏوم
سوين ناچ نخرا، لکين رنگ راڳ
پلاءُ پوڙ جا ڪوڙ لنگهن جا لاڳ
خوشامد تي ڪوڙيون سمورو متو
تڏهن پي گلا جو نہ گهانگهو لٽو

”بلبل“ جي شاعري جو اصل جوهر سندس ظريفاڻو ڪلام آهي:

پڌو سين ڪو پارهو ۽ ميلو تہ هاءِ
هلون يار هت خوب خرچيون ڪپاءِ

”بلبل“ جي اها اصلاحي نغمہ نوازي بيڪار ڪا نہ ٿي، هن قوم کي متوجهہ ڪيو ۽ قوم هوشيار ٿي، ڊاڪٽر خليل بلبل جو سوانح نگار هيئن رقمطراز آهي: ان ۾ شڪ ناهي تہ بلبل هڪ بذلہ سنج اصلاحي شاعر هو، جو پنهنجي فن جو سنڌي زبان ۾ موجد بہ هو ۽ ان ۾ پنهنجو مٽ نہ ٿي رکيائين. ان ڪان سواءِ اهو فن وري ختم بہ ان تي ٿي ٿي ويو.

”بلبل“ مرحوم جي اوليات متعلق سنڌ جي هڪ مايہ ناز اديب ۽ شاعر، مرحوم حافظ عبدالله بسمل ٽڪرائي پنهنجا ويچار هن ريت قلمبند ڪيا آهن: هو پهريون آهي جنهن طرافتي نظم لکيو. هو پهريون آهي، جنهن ظرافت ۾ ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڪئي. هو پهريون آهي جنهن ظرافت جي پردي ۾ ڪريما تي تضمين لکي پنهنجا اسلامي ۽ اصلاحي خيال ظاهر ڪيا. هو پهريون آهي جنهن ڪريما سعدي جي طرز تي رحيمان مثنوي، مزاحيہ ۽ اصلاحي رنگ ۾ نظم ڪئي. سنڌ جي ابوالڪلام، مرحوم الحاج علي اڪبر شاهہ بلبل کي سنڌ جو سعدي ۽ اڪبر الهہ آبادي ڪوٺيو آهي.

# بلبل جو مطالعو ۽ مشاهدو

## شعبان بخت

"فـکـر هـک کـس بـقـدري هـمـت اوسـت"

جنهن جي جيتري همت اوترو فڪر جي مصداق، پٽائي پلاري مطابق مطالعو آهي:

ڪيو مطالعو مون هو جو ورق وصال جو،
تنهن ۾ تون ئي تون ٻي لات نه لحظي جيتري.

۽ مشاهدو آهي:

پاپوهه هيو، پچن ڪتي هٿ حبيب جو،
نيزي هيٺان نيه جي، پاسي پاڻ نه ڪن،
ڪسڻ قرب جن، مرڻ تن مشاهدو.

مطالعو ۽ مشاهدو ٻيئي هڪ ٻئي سان لاڳاپيل عمل جي تحصيل جا ذريعا آهن. مطالعو آهي پڙهڻ ته مشاهدو آهي ڏسڻ وائسڻ يا پرجهڻ ۽ پروڙ لهڻ. مطالعي کي انگريزي ۾ Study ۽ مشاهدي کي Observation چئبو آهي. اسٽڊي آبزرويشن يا مطالعي ۽ مشاهدي کان سواءِ حقيقت تائين رسائي حاصل نٿي ٿئي. چو ته عمل ڏئل ڏانهن وجڻ جو نالو آهي. انهيءَ ڪري مطالعو ۽ مشاهدو ئي ٿئي ٿو. جيڪو ڪنهن اهل عمل واري جي عالمانه ۽ اديبانه يا انهن سان نسبت رکندڙ ڪنهن به هنر جي ميدان ۾ قد ۽ قامت جو، مرتبي ۽ مقام جو تعين ڪري ٿو. مطالعي ۽ مشاهدي جي انهيءَ اهميت جي مد نظر ، سنڌي ادب، صحافت، شاعري ۽ خطابت جي شمس رئيس ميان شمس الدين بلبل مرحوم بابت ادب جي مڃيل مڃايل نامور نقادن ۽ محققن جا رايا ڏيکارين ٿا ته ميان شمس الدين بلبل وڏي مطالعي ۽ مشاهدي جو مالڪ هو. اخبار مرغ فلڪ جي نامور مدير مولوي حڪيم نور محمد نورل نظاماڻي کان وٺي دور حاضر جي مستند عالمن ۽ ادب شناسن جي اها ئي متفق راءِ آهي ته بلبل مرحوم پنهنجي وقت ۾ وڏي مطالعي ۽ مشاهدي وارو اهل قلم، اديب، شاعر ۽ صحافي هو.

بلبل مرحوم جو ديوان ڇپيو ته ان لاءِ تعارف ۽ تبصري طور خانبهادر ميان محمد صديق ميمڻ، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد جي سالانه رپورٽ 32-1931ع ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪا پوءِ هن ”ادبي تحفہ“ ۾ بہ شامل ڪئي لکيو:

”رئيس ميان شمس الدين ”بلبل“ انهن چند شخصن مان هڪ آهي، جيڪي پنهنجي ڪنهن نمايان خصوصيت جي ذريعي عوام الناس جو توجهہ پنهنجي طرف ڇڪي وٺندا آهن سنڌ ۾ شايد ئي ڪنهن اهل قلم يا اهل هنر کي ايتري تہ ٿوري وقت ۾ ايتري ٿوري ڪم ڪرڻ لاءِ ايتري عزت ۽ ڪاميابي حاصل ٿي هجي جيتري مرحوم شمس الدين ابڙي، ميهڙ واري کي حاصل ٿي سندس ڪاميابي جو راز سندس خداداد ظرافت ۾ پنهان آهي، سندس علميت غير معمولي هئي، پاڻ پارسي ۽ عربي مان چڱي طرح واقف هو. سندس طبيعت ننڍي هوندي کان ئي شعر ڏي مائل هئي ۽ پريندي ئي اردو ۽ پارسي زبان ۾ شاعري ڪيائين تنهن کان پوءِ سندس خيال اباڻي ٻولي سنڌي ڏانهن مبذول ٿيو. سندس ديوان گو مختصر آهي، مگر آهي وٽندڙ جنهن ۾ رسمن رواجن، اجائي نٽ شٽ ۽ مغربي تهذيب جي پيچ ۾ آيل نوجوانن تي بعض جاين تي ٽيڪا ٽپڻي ٿيل آهي. ديوان ۾ آخر ۾ ڪريما نئچرل آهي، باقي غزلن ۾ اعليٰ درجي جي شاعرانہ مذاق آهي، سندس خيالن جي شستگي، مضامين جي پختگي ۽ لفظن جي بيهڪ، پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ جي دلين کي هڪ دم پاڻ ڏانهن ڇڪيو وٺي.

خان بهادر ميان محمد صديق ميمڻ مرحوم اهو تعارف ۽ تبصرو بلبل صاحب جي مطالعي ۽ مشاهدي تي پهرين مهر تصديق ڪري ٿو. خاص ڳالهہ جيڪا هن تبصري ۽ تعارف ۾ ڌيان طلب آهي سا آهي، بلبل صاحب جي ادبي وصفن جي نشاندهي جيڪا پوءِ تقريباً مڙني اهل علم و ادب شناس اديبن ناقدن ۽ محققن ڪئي آهي، انهن ۾ وڏا وڏا معتبر ۽ مستند نالا شامل آهن. مزو بہ تڏهن آهي جو ڪو اهل داد ڏئي ۽ مڃي، باقي نااهل ۽ ناشناس جو تہ داد ئي بيداد ٿو ٿئي. دور حاضر جي مڃيل مڃايل صاحب طرز بزرگ اهل قلم، سڄاڻ صحافي ۽ جڳ مشهور سڄاڻ سياستدان سائين پير علي محمد شاه راشدي صاحب کي ڪير نٿو سڃاڻي، صاحب موصوف پنهنجي شاهڪار تصنيف ”اهي ڏينهن اهي شينهن“ جي حصي پهرين ۾ لکي ٿو تہ: ”بلبل“ سنڌ اندر اخبار نويسي ۽ لٽريچر جو ڏاڍو آدم هو. ان ڪتاب جي حصي ٻئي ۾ ڇاڻائي ٿو تہ مون مرحوم کي اکين سان ڪو نہ ڏٺو، پر جڏهن اک پٽيم تہ اهو ڏٺم تہ هن مڙس جو ساري سنڌ مٿان ڏاڪو وينل هو. جوءِ ۾ ٻيا بہ گهٽيئي لکيل پڙهيل ماڻهو هوندا هئا. پر بلبل جي مٽ ڪو نہ هو.“

راشدي صاحب ان جي وضاحت ۾ ”بلبل“ جي اديبانہ، صحافيانہ ۽ شاعرانہ مقام ۽ مرتبي جي وضاحت لاءِ سندس پيٽ ان وقت جي هڪ چوٽي جي اديب، صحافي ۽ شاعر سان ڪندي لکي ٿو تہ صحافت جي ٻيلي ۾ انهن ڏينهن ۾ بہ شير ٻڌيا هئا. لاڙ ۾ محمد هاشم مخلص ۽ اتر ۾ شمس الدين بلبل. ٻئي اخبار نويس هئا ٻئي نظم ۽ نثر ۾ صاحب

ڪمال هئا. فرق فقط هيءُ هو تہ مخلص جي تحرير قدري اُگري هوندي هئي ۽ بلبل جي تحرير سلوڻي. "مخلص" جو زور وقتي مسئلن تي هوندو هو، پر "بلبل" کي قوم جي مستقبل جو خيال بہ هوندو هو، تنهن ڪري سندس فڪر جو انداز تعميري ۽ نظر ڊگهي هوندي هئي."

راشدي صاحب جي اها راءِ بعد جي آهي، ان ڪان اڳ ۾ خود مخلص صاحب، "بلبل" صاحب جي وفات تي، پنهنجي رسالي "ڪشڪول"، ۾ پوري خلوص سان پنهنجي محترم مد مقابل جي حق ۾ لکيو تہ. "بلبل مرحوم سنڌ جي مسلمانن ۾ پهريون اخبار نويس هو، پهريون شخص هو جنهن ظرافت جي ميدان ۾ شاعري ڪئي ۽ پهريان پهريان صحيح معنيٰ ۾ ايڊيٽري ڪري ڏيکاري ۽ موجوده سليس، پر اثر ۽ رنگين مضمون نويسيءَ جو سڪو ڄمايو."

سچ تہ داد بہ اهو آهي جيڪو مدمقابل بہ بيوس ٿي ڏئي. اعتراف بہ اهو آهي تہ اعتبار بہ اهو.

اهڙيءَ طرح مرحوم مخلص ۽ سائين راشدي صاحب ڪان علاوه جن اعليٰ اديبن "بلبل" صاحب جي انهيءَ اعليٰ اهليت ۽ ادبي مقام ۽ مرتبي کي سندس اعليٰ لياقت، فهم فراست، معاملي فهمي، مطالعي ۽ مشاهدي جي نسبت سان دل کولي بنا ڪنهن جانبداري جي ساراهيو آهي، بنا ڪنهن رک رکاءُ جي تحسين ۽ داد جي ورڪائڻ سان ياد ڪيو آهي، تن مان مرحوم محمد بخش "واصف"حيدرآبادي، مرحوم مولانا دين محمد وفائي، مرحوم حاجي مخدوم "خادم"، مرحوم مير رحميداد خان مولائي شيدائي، مرحوم سيد علي اڪبر شاهہ صاحب، مرحوم حافظ عبدالله بسمل تکڙائي، مرحوم جمع خان غريب، مرحوم سائين پير حسام الدين راشدي، مرحوم ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم "خليل"، مرحوم مولانا غلام محمد "گرامي"صاحب،ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا جن جا نالا قابل ذڪر آهن. اهي پاڻيٺ پرڪٽڻ مستند عالمن ۽ اديبن جا نالا آهن جن جي هر راءِ هڪ سند جي حيثيت ٿي رکي.. انهن جي هر هڪ تحرير وڏي وقعت رکي ٿي ۽ بلبل صاحب جي وسيع مطالعي ۽ مشاهدي جي تائيد ڪري ٿي."

مطالعو ۽ مشاهدو پنهنجي جاءِ تي، هڪ خاص ڳالهہ جنهن ڏانهن ڌيان ڇڪجي ٿو، سو آهي بلبل صاحب جو پنهنجي وسيع مطالعي مشاهدي ڪان ڪم وٺڻ جو ڏانءُ. مطالعو مشاهدو تہ هر ڪو ڪري، پر ڪو ان ڪان ڪم بہ وٺي ڄاڻي، چئي "پائي هر ڪو پر نمڪائي ڪو، سرمو هر ڪو پائي اک اک جو ڦير" سو وڏي مطالعي مشاهدي وارا تہ ٻيا بہ هئا پر جهڙي طرح بلبل صاحب پنهنجي مطالعي ۽ مشاهدي ڪان ڪم ورتو ان جو مثال نٿو ملي. ڳالهہ ڇاهي تہ مطالع ۽ مشاهدي جي پنيان جيڪڏهن ڪا اعليٰ ذهانت، فهم ۽

فراست جي خداداد غير معمولي قوت ٿئي ٿي، تہ پوءِ معجزا ڪري ٿي ڏيکاري. معمولي معلومات کي بہ اهڙو ڪارائتو ڪري ٿي ڏيکاري جو عقل دنگ رهجيو وڃي، هتي خداءِ عزو جل بلبل صاحب کي عقل فهم، فراست ۽ ذهانت جي وافر مقدار سان مالا مال ڪري ڇڏيو هو ۽ سندس مطالعي ۽ مشاهدي جا پندار پربل هئا. سنڌ سان گڏ هند جو بہ مطالعو ۽ مشاهدو سندس پلئہ پيل هو تنهن ڪري ڪيئن ٿي ڪنهن کان پٺتي رهي سگهيو؟ راشدي صاحب جي لکڻ مطابق هجو گوئي ۾ مخلص جو گهوڙو ڪڏهن ڪڏهن ذاتيات ۽ شخصيات ۾ بہ ڪاهي پوندو هو. برعڪس ان جي بلبل اڪبر الهہ آبادي جي طرز ۾ عام حالات تي تنقيد ڪندو هو.

مختصر تہ بلبل صاحب جو اهو ذهانت پربل مشاهدو ۽ مطالعو ئي هو. جنهن هن کي پنهنجي وقت جي اعليٰ اديبن کان ممتاز ۽ متيرو ڪري ڇڏيو هو، ۽ ڪيس وقت جو نباض ۽ قوم جو مزاج شناس، حقيقت پسند مصنف، محڪم خيال، مدبر، دورانديش صحافي، مخلص، مصلح ۽ قوم جو هڪ مثالي گهٽگهرو بڻائي ڇڏيو هو. هن پنهنجي انهيءَ ذهانت پربل مطالعي ۽ مشاهدي سان وڏا وڏا معرڪا سرڪيا. جيئن سائين راشدي صاحب رقم طراز آهي: "سندس دور جو وڏي ۾ وڏو مسئلو هي هو تہ انگريز جي پيرن پختي ٿي وڃڻ ڪري هڪ وڏو انقلاب اچي چڪو هو. جنهن سبب سنڌ سان محبت جي تقاضا اها هئي تہ ڪو اهڙو طريقو اختيار ڪجي جيئن سنڌ جي تهذيبي ورثي کي مغربيت جي اثر کان آجو رکجي ۽ جيئن سنڌيت جا قديمي رنگ نہ ميسارجن ۽ ساڳئي وقت نين حالتن پٽاندر زماني سازي کان بہ ڪم وٺبو رهجي. انهيءَ اصول جي بناءَ تي بلبل سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي جو پايو وجهندڙ مرحوم حسن علي آفندي جي تعليمي تحريڪ سان وابستگي اختيار ڪئي ۽ ٻئي طرف پنهنجي نثر ۽ ڪلام ذريعي نئين غير ملڪي تهذيب جون ٻچڙايون بيان ڪندي سنڌين کي پنهنجي قديمي تهذيبي ليڪن لتاڙڻ ۽ اباڻي ريت وسارڻ کان بہ روڪندو رهيو. اهو هڪ قسم جو وڏو تهذيبي جهاد هو. جنهن جو مقصد هو تہ نون تهذيبي ۽ تمدني طوفانن جي عين وچ ۾ سنڌ کي پنهنجي اصلي ۽ حقيقي محور تي قائم رکيو اچجي. ان ۾ ڪوشڪ نہ آهي تہ مون واري نسل جا ماڻهو گهٽي حد تائين بلبل جي تحريرن کان متاثر رهيا، تنهن ڪري مغربي تهذيب جي سيلاب ۾ بند لڙهي وڃڻ کان بچي ويا."

محترم پير علي محمد شاهہ راشديءَ جي انهيءَ تاثر کان پوءِ بلبل صاحب جي ذهانت پربل مطالعي ۽ مشاهدي جي تصديق لاءِ غالباً ڪنهن مزيد اپٽار جي گنجائش باقي نٿي رهي. بيشڪ بلبل صاحب پنهنجي وقت جو هڪ نهايت ئي ذهين ۽ فتين، معامله فهم اهل قلم، شاعر، صحافي ۽ اديب هو. جنهن پنهنجي وسيع مطالعي ۽

مشاهدي جي آڌار تي ادب ۾ رائج روايتن سان بغاوت ڪئي ۽ پنهنجي وقت جو هڪ باغي اديب ۽ صحافي ٿي اڀريو. هن نثر ۽ نظم جي ميدانن ۾ روايتي رياڪارين کي ترڪ ڪري، ديس جي ڌرتيءَ سان ناتوجوڙيو ۽ ان ناتي جي نسبت سان امر بنجي ويو.

هن موقعي تي لازمي آهي تہ سائين راشدي صاحب جن جي انهيءَ اجري آس ڏانهن بہ ڌيان ڏنو وڃي جنهن کي موصوف پنهنجي مضمون جي آخر ۾ هنن لفظن ۾ آندو آهي تہ: ”بلبل سنڌ جو بلبل هو. سنڌي صحافت جو پايو وجهندڙ هو. سنڌي ٻوليءَ جو محسن هو. سنڌي تهذيب جو راکو هو. ڪو ڏينهن ايندو. جڏهن ستل سنڌ ڪر ڀيجي اٿندي ۽ بلبل جي احسانن جو قرض ان صورت سان لاهيندي تہ ميهڙ جو نالو مٽائي ”بلبل آباد“ يا ”بلبل ديرو“ رکندي.“

# ”بلبل“سنڌ جو هڪ ناقابلِ فراموش فرزند

**تحرير: شعبان بخت**

هن سال بہ سيپٽمبر جي مهيني اچڻ سان، سنڌ جي جن نہ وسرندڙ فرزندن جي ياد اچي ٿي، تن منجهان مرحوم رئيس شمس الدين ”بلبل“ بہ هڪ آهي.

مرحوم رئيس شمس الدين ”بلبل“جون مثالي خدمتون، اسانجي سنڌي ادب، صحافت، سماج ۽ سياست جي تاريخ جو هڪ اهڙو حصو آهن، جن کي نظرانداز ڪري ڇڏڻ ممڪن نہ آهي.

رئيس شمس الدين ”بلبل“سن 1857ع جي پر آشوب زماني ۾، اڄڪلهہ واري ضلعي دادو جي ڳوٺ ميهڙ ۾ پيدا ٿيو ۽ اتي جي مقامي مدرسن مان تعليم پرائي، پنهنجي خداداد صلاحيتن سان ايترو نامور ٿيو جو سنڌ جي سر سيد مرحوم حسن علي آفندي، سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَجي باني جو رفيق خاص بنجي ويو ۽ سنڌ محمدن ايسوسيئيشن جي اهتمام هيٺ نڪرندڙ اخبار ”المعاون“ جو ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو جنهن جي وسيلي سنڌ مدرسة الاسلام ۽ سنڌ محمدن ايسوسيئيشن جي مقصدن جي وڏي حد تائين پورائي ٿي.

سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ جي ماهوار رسالي ”جامع العلوم“ جو ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو تہ ان کي عوام جو مقبولِ عام رسالو بنائي ڇڏيائين. ان کانسواءِ ڪيترن قومي اصلاحي ڪمن ۾ پڻ پيش پيش رهيو. مرحوم حسن علي آفندي سنڌ جي آبادگارن جي ڀلائي لاءِ، سنڌ سان ”دکن ايگريڪلچرل رليف ايڪٽ“ لاڳو ڪرائڻ لاءِ سرگرمِ عمل ٿيو تہ ”بلبل“ مرحوم سڄي سنڌ جو دورو ڪري زميندارن جي قرضن جا سچا انگ اکر ۽ ڪورٽ جي ڊڪرين هيٺ ضبط ٿيل مسلمانن جي ملڪيتن جا تفصيل گڏ ڪيا. آفندي صاحب جي معاونت لاءِ ”بلبل“ ساڻس گڏ پونا تائين بہ ويو جتي اهو ڪيس ڪجهہ اهڙي اثرائتي ۽ مدلل نموني سان پيش ٿيو جو سنڌ سان بہ دکن ايگريڪلچرل رليف ايڪٽ لاڳو ڪيو ويو جنهن مان زميندار اڄ تائين فائدو وٺي رهيا آهن.

مرحوم رئيس شمس الدين ”بلبل“ جي لاءِ آفندي صاحب جي دل ۾ وڏي جاءِ هئي جنهن جو اندازو ان خط مان لڳائي سگهجي ٿو جيڪو مرحوم حسن علي آفنديءَ ڏانهس 22 آگسٽ 1893ع تي لکي موڪليو هو:

”ايترو عرض ڪرڻ گهران ٿو تہ اسان جي پرچي ڪي اوهان ليڪ موڪلڻ صفا بند ڪري ڇڏيا آهن. جنهن جي ترقي جو مدار اوهان جي مضمونن جي قابليت تي هو. جيڪڏهن اوهان خود مختيار رهڻ گهرو ٿا تہ پوءِ اسين پرچي کي مدرسي مان انجمن ڏي منتقل ڪري ڇڏيون. اوهان جهڙي تجربيڪار ماڻهو جو اسان سان شامل رهڻ نهايت ضروري آهي. گهٽي اچرج جي ڳالهہ آهي تہ هڪ ننڍي ڳوٺ ۾ اوهان جهڙي لياقت وارو انسان ڪيئن پيدا ٿيو آهي. اِتي انهن قابليتن کي اهڙا موقعا نہ ملي سگهندا جهڙا ڪراچيءَ ۾ جو سنڌ جو هڪ وڏو ۽ مشهور شهر آهي. جيڪڏهن هتي اچي اسان سان گڏجي ڪم ڪرڻ پسند نہ ٿا ڪريو تہ پوءِ اِتان ئي پيا ڪم ڪريو. اوهان مهرباني ڪري اسان سان پنهنجا تعلقات نہ ٽوڙيو.“

”بلبل“ مرحوم هڪ نهايت ئي باصلاحيت اهلِ علم، انشا پرداز، اديب، شاعر، صحافي، سياستدان، عوام جو گهٽگهرو، مسلمانن جو هڏ ڏوکي ۽ سچو محبِ وطن هو. محمد بخش ”واصف“ حيدرآبادي جي لفظن ۾ ”مرحوم ”بلبل“ کي، قسامِ ازل کان، ڪيترين ئي خوبين قسمت ۾ آيون هيون، جيئن شعرو شاعري جي فصاحت ۽ بلاغت، نثر نويسي جي نزاڪت، ان سان گڏ ظرافت جي ضيافت ۽ فنِ صحافت جي قابلِ قدر لياقت ۽ قابليت. انهن مڙني خوبين ۾ مرحوم ”بلبل“ پنهنجو مٽ پاڻ هو. سنڌ جي سر سيد آقاء حسن علي آفندي مجيديءَ جو سچو ساٿي، سنڌجي گلزار صحافت جو عندليب، سنڌ جي ادبي بوستان جو هزار داستان، سنڌ جي سياسي گلستان جو خوش نما گل هو.“

”بلبل“ نہ رڳو بي مثال قادر الڪلام شاعر، معاملہ فهم صحافي، صاحب طرز انشا پرداز، باخبر دانشور ۽ پرپور سماجي ۽ سياسي شعور رکندڙ قومي رهنما هو، بلڪ هڪ سحر طراز فصيح البيان مقرر بہ هو. سندس قابل تحسين ڪارنامن مان ڪجهہ هن ريت آهن:

1. خاندانن جي ملڪيت بچائڻ لاءِ، قائد اعظم محمد علي جناح جي پيش ڪيل مسودي مان استفادو ڪندي، سنڌ لاءِ وقف علي الاولاد جهڙو مفيد قانون پاس ڪرائي ۽ ان تي عمل در آمد ڪرائڻ ۾ پرپور حصو ورتائين. پهريائين پنهنجي ملڪيت وقف ڪري عمدو مثال قائم ڪيائين ۽ عوام جي معلومات لاءِ ڪتاب، ”حرز البنياد، شرح قانون وقف علي الاولاد“ ڇپرائي پڌرو ڪرايائين.
2. آل انڊيا محمدن ايڊوڪيشنل ڪانفرنس ڪراچي 1907ع ۾ مدلل اثرائتو ٺهراءَ پيش ڪري فارسي کي نصاب تعليم ۾ شامل ڪرايائين.
3. مسلمانن ۾ تعليم جي شوق پيدا ڪرڻ لاءِ، ڪيترائي مضمون ۽ ڪتاب

جهڙوڪ ”مسلمان ۽ تعليم“ ڇپرائي تقسيم ڪيائين.

4. سن 1904 ع ۾ انجمن اتفاق الاسلام ميهڙ، جو بنياد رکي، انجي اهتمام هيٺ ميهڙ ۾ انگريزي تعليم جي درسگاهه مدرسة الاسلام ميهڙ جو 1906 ع ۾ بنياد وڌائين، جنهن کي 1919ع تائين نهايت جفاڪشي سان هلائيندو رهيو. ان جي عمارت ۽ بورڊنگ هائوس لاءِ زمين هٿ ڪري، ان جا نقشا وغيره به ٺهرائي چڪو هو، پر پوءِ سندس حياتي جو جام پرجي ويو. اهو مدسو پوءِ وڏي هاءِ اسڪول ٿيو جيڪو اڄ تائين قائم آهي ۽ ان مان سوين شاگرد علم پرائي پار پيا آهن.

5. بنگال جي ورهاڱي وارن فسادن دوران، سنڌ جي هندن هڪ مخفي سازش سٽي ته انجو پاندو ڦوڙي، هندن طرفان مقدمه بازي جي وڏي مصيبت ۾ مبتلا ٿيو ۽ پوءِ پنهنجي سچائي ۽ صلاحيت سان ان مان باعزت بري ٿيو. جنهن تي سنڌ جي مسلم حلقن وڏي خوشي ۽ اطمينان جو اظهار ڪيو.

6. جنگ بلقان (ترڪي) جي دوران سنڌ ۾ تحريڪ ”هلال احمر“ کي متعارف ڪرائي زور وٺرايائين.

7. مسز ايني بيسنت جي هوم رول تحريڪ جي فريب ڪاري واري حقيقت کان عوام کي آگاهه ڪرڻ لاءِ ايتري زوردار تحريڪ هلايائين جو هوم رول سنڌ ۾ ڪامياب ٿي نه سگهي.

8. مسلمانن جي جداگانه قوميت ۽ حقن لاءِ آواز اٿاريائين ۽ 1918ع ۾ پنهنجي ڪتاب ”جام جام“ وسيلي مسلمانن جي الڳ آزاديءَ جي جدوجهد جي خواهش جو اظهار ڪيائين.

9. انگريز عملدارن ۾ مسلمانن لاءِ اعتماد پيدا ڪري، سنڌي مسلمانن کي ملازمتون ڏياريائين.

10. ”معاون“ کان علاوه ٻين ڪيترين ئي اخبارن جهڙوڪ ”ڪراچي گزيٽ“ ڪراچي، ”الحق“ سکر، خير خواهه لاڙڪاڻ“، مسافر حيدرآباد، ”آفتاب سنڌ سکر“ وغيره جو ايڊيٽر رهيو.

11. علمي ادبي ۽ ثقافتي سرگرمين ۾ شريڪ رهڻ سان گڏ سياسي، سماجي، تعليمي ۽ مذهبي سرگرمين ۾ به هڪ جهڙو حصو ورتائين.

12. سابقه رياست خيرپور ميرس جي درسي ڪتابن واري ڪاميٽي جو اهم رڪن هو.

13. ميهڙ تعلقي جي مئجسٽريٽن جي بينچ جو آنريري چيرمين هو.

14. اخبار نويسي کي ڪڏهن به پنهنجي ذاتي فائدي لاءِ استعمال نه ڪيائين بلڪ

سندس زندگي سدائين قوم جي خدمت لاءِ وقف رهي ۽ ان ۾ هميشہ ڪامياب ۽ ڪامران رهيو.

15. راسخ العقيده مسلمان، پنهنجي نهرايل مسجد جو متولي ۽ پيش امام بہ رهيو تہ شهر جو چڱو مڙس ۽ سياسي رهنما بہ هو.

16. سندس ذاتي ڪتب خانو تفسير، تصوف، حديث، فقہ، سيرت، مناظره، فلسفہ، شعر، عروض، لغت، معاني ۽ ڇپيل اڻ ڇپيل تاريخن ۽ ٻين اهم موضوعن جي بي حساب ڪتابن تي مشتمل هو جنهن لاءِ پاڻ وڏي فخر سان چوندو هو تہ پنهنجي اولاد لاءِ هي بي بها خزانو ڇڏي ڪيو اٿم.

17. سندس ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل املهہ تصنيفن جو تعداد اٽڪل 38 آهي، جن مان ڪيترائي ڪتاب هينئر اڻلڀ آهن.

مرحوم ڪي اعليٰ پايہ جي ناصحانہ ظريفانہ شاعري، سليس نثر نويسي، عام فهم اثرائتي صحافت جي آغاز، جرئت اظهار، خاص طور عيسائي مشنرين ۽ متعصب هندن جي ريشہ دوانين خلاف ۽ ٻين ڪيترن ئي معاملن ۾ اوليت جو شرف حاصل ٿيو. جن جو تفصيل مرحوم حافظ عبدالله بسمل، مرحوم حاجي محمود خادم، مرحوم رحميداد خان مولائي شيدائي، مرحوم سيد علي اڪبر شاهہ، مرحوم غلام محمد گرامي، مرحوم ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم "خليل"، مرحوم پير حسام الدين شاهہ راشدي، مرحوم حاجي خان بلوچ، مرحوم محمد صديق ميمڻ جي يادگار تحريرن ۽ پير علي محمد شاهہ راشدي، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر وفا راشدي ابن احمد، شري لال رام ديوان داس پارت، ابن سيار، حافظ محمد احسن چنہ، حافظ محمد موسيٰ ڀٽو، ميمڻ بشير احمد، عبدالرئوف عروج، محمد نواز محزون ۽ ٻين نامور اهل قلم اديبن ۽ علم نوازن جي ڇپيل مضمونن ۾ موجود آهي.

ٿوري ۾ تہ بلبل مرحوم پهريون سنڌي شاعر هو جنهن جديد شاعري جو بنياد رکيو جنهن ڪي سنڌ ۾ اخبار نويسي ۽ لٽريچر جو ڏاڏو آدم مڃيو ويو آهي، هي پهريون سخنور هو جنهن کي اهلِ علم حضرات حالي، اڪبر الهہ آبادي، سعدي، "شبلي" ۽ "اقبال" جهڙن جليل القدر قومي رهنما شاعرن جي هم پلہ قرار ڏنو آهي. هو پهريون سنڌي اهلِ قلم هو جنهن جي مضمونن جا ترجما هند ۽ پنجاب جي مشهور اخبارن اوڌ پنچ، پيسہ، زميندار، پنجئہ فولاد، انتخاب لاجواب، وطن ۽ حقيقت وغيره ۾ شايع ٿيندا رهيا.

پير علي محمد شاهہ راشدي صاحب جي لکڻ مطابق "هو سنڌ جو بلبل" هو، سنڌي صحافت جو پايو وجهندڙهو، سنڌي ٻوليءَ جو محسن هو، سنڌي تهذيب جو راکو هو، جنهن جي احسانن جو قرض، ڪڏهن نہ ڪڏهن سنڌ، ميهڙ جو نالو متائي بلبل آباد يا

بلبل ديرو رکڻ سان ادا ڪندي.“

پر جيستائين ائين ٿئي تيستائين سنڌ جي مسلمانن جي هن مخلص محسن جي ياد ۾ سال بسال سيپٽمبر جي 13 تاريخ تي مجلسون ۽ مذاڪرا منعقد ڪيا وڃن ته به چڱو، جو چڱن جي ذڪرِ خير سان به چڱائي اسري ٿي ۽ چڱائي جي تحريڪ ٿئي ٿي.

مضمون حوالا:


- ماهنامو ”نئين زندگي“ جنوري 62ع، ڊسمبر 57ع، نومبر 61ع، سيپٽمبر 1960ع، آڪٽوبر 1964ع، آڪٽوبر 1964 ۽ آگسٽ 1952، آگسٽ 53ع، مئي 53ع
- روزانه ”مهراڻ“ سالگره نمبر تاريخ 5 جنوري 1962ع
- ”حالات سفرِ سنڌ“ از ابو الفرح پاني پتي، ماهنامه ”علمي دنيا“ اپريل 1930ع.
- ”بلبل سنڌ“ از شيخ محمد ابراهيم ”خليل“، الوحيد سنڌ آزاد نمبر تاريخ 15 جون 1936ع.
- سنڌي ادبي مطبوعه اداره مطبوعات پاڪستان 1953ع
- اهي ڏينهن اهي شينهن جلد 1 ۽ 2 از پير علي محمد راشدي
- سنڌي نثر جي تاريخ از ڊاڪٽر غلام علي الانا، ٽماهي مهراڻ جلد 12 شماره 3 ۽ 4 سال 1963ع.
- سالنامو هلال پاڪستان ماهوار ايڊيشن ڊسمبر 1957ع
- روزانه مڊ ويڪ ميگزين 12 اپريل 1981ع، 9 جون 1982ع، 11 جولاءِ 1984ع ۽ 19 سيپٽمبر 1984ع
- روزانه عبرت 15 سيپٽمبر 1982ع
- رهبر ڊائجيسٽ (سالنامو) اپريل 1973ع
- ساليانه رپورٽ سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد سال 33-1932ع
- خود نوشته سوانح حيات حڪيم فتح محمد سيوهاڻي
- سنڌي ساهت ۾ مذاق-ليلا رام ديوان داس سنڌو وديا پون امبا واڙي احمد آباد (ڀارت) 1982ع
- روزانه حريت تاريخ 18 آڪٽوبر 1982ع ۽ روزانه جسارت 19 اڪٽوبر 1982ع

# مرحوم شمس الدين بلبل سنڌ جو حالي

احمد خان. ايم. سيال

ڪيان بلبل جي ٿو اڄ بات تان ڳيرو پڌي ان ڪي
ڪري نازڪ بدن پنهنجي ۾ شاهين جو جگر پيدا

دهلي جي غدر هندستان جي مسلمانن ڪي مرحوم سر سيد احمد ۽ ان جو رفيق ڪار مولانا حالي عطا ڪيو ته سنڌ جي مسلمانن ڪي وري انهن جو نعم البدل مرحوم حسن علي آفندي ۽ رئيس شمس الدين بلبل نصيب ڪيائين. جيئن هنن تعليم ۽ تدريس جي اشاعت ۽ تصنيف جي ذريعي هندستان جي مسلمانن ڪي بيدار ڪيو ۽ انگريز جي لانگ بوٽ جي ٺوڪر ڪان هنن ڪي پنهنجي دل جي پرزن ڪي پامال ٿيڻ ڪان بچائي وٺڻ ۾ مدد ڪيائون تيئن هنن به سرزمين سنڌ ۾ ساڳو ڪم سرانجام ڪيو.

سيد حاجي علي اڪبر شاهه صاحب، جناب ڊاڪٽر محمد ابراهيم صاحب خليل، مرحوم و مغفور حافظ بسمل ٽڪڙائي، جناب حاجي محمود صاحب خادم، پير جناب حسام الدين صاحب راشدي، جناب غلام محمد صاحب گرامي ۽ ٻين بزرگن مرحوم بلبل کي سنڌ جو اڪبر (الهه آبادي) سڏيو آهي مگر هنن سڀني جي راءِ گرامي کي وزن ڏيندي آءٌ عرض ڪريان ٿو ته اڪبر الهه آبادي سان مرحوم بلبل جي رڳو ظرافتي طرز شاعرانه جي لحاظ سان همسري هئي پر هوڏانهن مولانا حالي سان هن جي پيٺ نه رڳو زبان جي سلاست ۽ رواني ۽ روءِ سخن عوام ڏانهن هجڻ جي بنياد تي بيهاري سگهي ٿي پر هڪ سياسي پروگرام جي مد نظر هجڻ، مسلمان وضع قطع ۽ اسلامي نيڪ اطوار ۽ هڪ خاموش ۽ خوشگوار اخلاقي ۽ ادبي انقلاب آڻڻ جي پهلوئن پٽاندر پڻ مرحوم بلبل کي "سنڌ جو حالي" سڏجي ته بجا آهي.

مرحوم بلبل جي پر حيرت ۽ جامع خصال شخصيت ثابت ٿي ڪري ته شاعر ڄمندو آهي، بنايو نه ويندو آهي. بلبل جي حيات ۾ ڪوبه بظاهر اهڙو عنصر نظر نه ٿو اچي، جنهن کي هن جي ڪمال لاءِ ذميوار سمجهجي. ميهڙ جي ننڍڙي واهڻ جنهن ۾ بلبل 1857ع ۾ تولد ٿيو سو ميرن جي مال جو ٿاڻ ۽ ٿر هو. هن ۾ رڳو سرسبز ۽ شاداب وڻن ٽڻن جي جهر گهٽا رکڻ ۽ ٻن واهڙن جي وچ ۾ هڪ ننڍڙي وادي هجڻ کان سواءِ ٻي ڪابه حيثيت نظر نه ٿي اچي. شايد ان جي مٽي مردم خيز آهي. پنهنجي والد ماجد بهادر خان جو بلبل پڇاڙي

وارو ۽ ستون ٻارهو. هن کي ٻيا چار پائر ۽ ٻه پينر هيون. سندس وڏا ناڙي جي طرف کان لڏي ميهڙ ۾ آيا. بهادر خان ۽ سندس والد ڪمال خان شيني جون زمينون ۽ واهه اجا سوڌو موجود ۽ ڏارين جي قبضي ۾ آهن. جي بلبل مرحوم جو دوست ۽ عزيز رئيس فقير محمد خان شينو ڏسي آيو هو ۽ جن بابت ڳالهه اجا سوڌو پليڏنه آباد وارو ميان محبت خان ماڇي ڪندو آهي. اتان لڏڻ جو سبب رڳو اٽاٽ ۽ ذڪر نه ٿو ڏسجي پر قدري پنهنجن جي ناسازي به ان لاءِ جوابدار ٿي سمجهجي. ميهڙ جي آس پاس زمينون وٺي، پنهنجو ڳوٺ ٻڌائي آبادگاري جي ڏنڌي کي ورتائون. هاڻي ديهه جي چڪ ۾ اهو ڳوٺ رئيس شمس الدين بلبل جي نالي داخل آهي. پوءِ ميهڙ ۾ پهرين پهرين بهترين عمارت تيار ڪري اچي سڪونت پذير ٿيا. بلبل جي بنگلي کي ڏسڻ لاءِ پسگردائي جا نندا ۽ وڏا ايندا هئا ۽ اچرج کائيندا هئا. خالده اديب خانم جو چوڻ درست آهي ته ڪنهن جي گهر کي ڏسي ان جي ڌڻيءَ جي شخصيت جو پتو لڳائي سگهجي ٿو. پوءِ ته هندن جي دور حڪومت ۾ ميهڙ ۾ خوب محل ماڙيون موجود ٿيون پر بلبل جي آشيانه جو رنگ ۽ ڍنگ اجا به جداگانه حيثيت رکيون بيٺو آهي.

بلبل جي والده هڪ باشرع ۽ علم دوست آخوندن جي خاندان مان هئي. بلبل جو مامو آخوند نهال خان جڏهن ميهڙ ۾ آيو تڏهن بلبل کي چاول ڏسي هن جي نوراني چهري مان هن جو روشن مستقبل پروڙي ويو ۽ بلبل جي والدين کي صلاح ڏنائين ته هن ننڍڙي نونهال جو نالو ”پربل“ مان بدلائي شمس الدين رکيو وڃي. هنن ائين ڪيو جو اڳتي هلي نهايت موزون ۽ مناسب ثابت ٿيو. جناب مرتضائي ٺٽوي ساڳي بشارت پر گهڻو وقت پوءِ هن طرح ڏني آهي:

”منهن مبارڪ يا شعاع- شمس تاباني ڏنم
آسماني فصل جو جڻ ماهه نوراني ڏنم
ڪوس يا تلوار يا محراب يا آبرو سندس
يا هلالي عيد الاضحيٰ بهر- قرباني ڏنم
مرتضائي فدوي استاد تنهنجي چاچيو
خوبتر خورشيد بلبل جلوه گرجاني ڏنم.“

هيءُ شعر جناب الحاج علي محمد صاحب خالدي ٺٽوي کي سڄو ياد آهي ۽ ان ۾ ٻين بزرگن جو به ذڪر خير آندل آهي. ننڍڙي لاءِ ئي بلبل وڏن وڏن عالمن ۽ شاعرن سان طبع آزمائي ڪرڻ لڳو. بلبل جي فرزند ارجمند رئيس ضياءَ الدين ”ضيا“ جي سهري ميان فقير محمد جي وات جي ڳالهه آهي ته هڪ روز ننڍڙي بلبل کي پنهنجي والد کان به روپيا جتي وٺڻ لاءِ مليا. وات تي وڏي پڙ تي عاشوره جي ماتامين خوب سر آلاپي مرثيا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مجرا، نوحا ۽ ندبا پئي ٻڌايا.ننڍڙو بلبل اتي ٻيهي ٻڌڻ لڳو پر ميان فقير محمد جي حيرت جي حد نہ رهي جڏهن هن ڏٺو تہ آخر اهي بہ روپيا جي جتي وٺڻ لاءِ بلبل کي هٿ ۾ هئا سي هن انهن ماتامين مٿان گهوري ڏنا ۽ کيس پيرين اگهاڙو واپس موٽي اچڻو پيو. هيءُ شايد شعر و شاعري ۽ سخنوري جي ذات جو پهريون ڏاڪو ۽ ابتدائي اهڃاڻ هو.

بلبل جي ڪا خاص تعليم ۽ تدريس ڪانہ ٿي. معلوم ٿو ٿئي تہ ان وقت جي معمولي مدرسن ۾ رائج سنڌي ۽ فارسي جا ابتدائي ڪتاب پڙهي بس ڪيائين. پر هيءُ ٿورڙي تعليم بہ هن جي ذاتي جوهرن جي جلوه ڏيکارڻ لاءِ ڪافي ٿي. ممڪن آهي تہ ان وقت ڳوٺ گهاڙي ۾ بختيار پور جو هڪ پلارو بزرگ درس ۽ تدريس جو شغل رکندو هو ان جي خدمت ۾ ڪجھ وقت دوزانو ٿي سبق پڙهڻ جي سعادت کيس نصيب ٿي هجي پر قطعي طرح ڪو پتو نہ ٿو پوي تہ سندن استاد ڪير هو؟ اتفاق راءِ سان ائين مڃجي ٿو تہ سندن علمي ۽ شاعرانہ استعداد هڪ قدرت جي عطا ۽ ملڪو هو. اهوئي سبب آهي جو هر پهلو ۾ هن ڪان جدت ۽ ندرت نمودار ٿئي ٿي. ظرافت ۾ هن اها طرز اختيار ڪئي جنهنجي ابتدا ۽ انتها مٿس موقوف ٿي. اخبار نويسي ۾ بہ هو اول نمبر هو. بقول حضرت خليل جي تہ جناب مخلص صاحب بہ هن جي طرز تحرير جو مقلد ۽ خوشہ چين هو. سياست هن جي اهڙي هئي جو جڏهن هندستان جا وڏا وڏا مسلمان ليڊر اجا هوم رول جي ڏياتي جي ارد گرد پروانہ وار پئي قريا تڏهن هن ان وقت ئي مسلمانن لاءِ جداگانہ حڪومتي حقن جو آواز بلند ڪيو. جام جم (ڇاپيل 1918ع البرٽ پريس سکر) جي صفحي 56 تي هيئنءَ لکي ٿو:

”گرگن سان ٻڪرين گڏجي حق نہ گهرن. بازن سان چڙيون نہ اڏامن. اسان جي هستي اسان جي قوميت سيني ڪان مٿي هئڻ گهرجي. هندن ڪان صد بار وڌيڪ اسان جا پوليٽيڪل حق آهن. هو هميشہ اسان جا محڪوم هئا. هاڻي اهي اسان جا حاڪم آهن. اجا وڌيڪ حاڪم ٿيڻ ٿا گهرن. اسان جا انهن ڪان بہ وڌيڪ ڳاٽي پڳا مطالبا هئڻ گهرجن پر جدا، نہ گڏ“.

ساڳئي ڪتاب ۾ مسٽر گوکلي، ائني بيسنٽ، مسٽر پرڳڙي ۽ ديوان مرليڌر ۽ ٻين تي جيڪا زبردست تنقيد ڪيل آهي ان مان ئي ثابتي ملي ٿي تہ بلبل جي بالغ نظري ۽ آزاد خيالي ڪيتري قدر هئي.

بلبل حسن علي آفندي سان مددگار ٿي ”سنڌ مدرسة الاسلام“ کي اوج تي رسايائين. مسٽر وائينس جا خط اجا تائين موجود آهن. پوني وجي سنڌ ايگريڪلچرل رليف ايڪٽ آبادگارن جي بچاءُ جو قانون لاڳو ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿيو. سنڌ جي اسڪولن جي نصاب ۾ پارسي کي مستقل طرح جاءِ ڏيڻ جي رٿ پيش ڪري بحال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرايائين. مخدوم جلال الدين صديقي مرحوم (ميھڙ ۾ ايڪسائيز ڪاتي جو انسپيڪٽر) 7 اپريل 1952ع تي ھي بيان ڪيو تہ سندس پاءُ مرحوم مخدوم ميان نور الدين جڏھن سال 1902ع ڌاري بي.اي پاس ڪري آيو تڏھن ڪيس ڪابہ مناسب ملازمت نہ ٿي ڏني وئي. بلبل مرحوم ڪوشش ڪري ڪيس ڊپٽي گيري جي جاءِ وٺرائي ڏني تہ اھا مسٽر آڏواڻي کسي ويس. ان تي بلبل ھڪ وفد وٺي بمبئيءَ ڪاھي ويو جتي وڃي انگريز گورنر جو در کڙڪايائين. مسٽر نور الدين کي ساڳئي عھدہ تي مقرري جو حڪم وٺي آڻي ڏنائين. سنڌ جي ڪمشنر مسٽر لارينس ھڪ خط ۾ مڃيو آھي تہ بلبل جيڪي مسلمانن جي حقن جي حفاظت لاءِ خدمتون ڪيون آھن، سي قابل تحسين آھن. سيد سرور شاھ ولد سيد حيات شاھ ساڪن سعدپور تعلقي ميرپور ماٿيلو چشم ديدہ واقعو بيان ٿو ڪري تہ ميھڙ جي ھر دل عزيز پوليس انسپيڪٽر ميان گل شير لنڊ جي بدلي بلبل جي ڪوشش سان بند ٿي. ان جي خوشيءَ ۾ ھڪ دعوت ڪيل ھئي جنھن ۾ انوقت جي ڊپٽي ڪليڪٽر مرزا قليچ بيگ بہ شرڪت ڪئي. مرزا صاحب ھڪ پوليس واري کي سسپينڊ ڪيو ھو جنھن ڪيل ڏوھ جي تلافي ڪري معافي گھري پر مرزا صاحب ٺڪرائي ڇڏيس. ھن دعوت جي موقعي تي ياري ڪچھري ۾ مرزا صاحب جي ھن سخت روش تي بلبل وجھہ وٺي تقرير جي دوران ۾ ھن تي نڪتہ چيني ڪئي جنھن جو جواب مرزا صاحب کي ڏيڻو پيو ۽ پنھنجو اصول ٻڌائڻو پيو. پر ساڳئي مرزا صاحب بلبل جي وفات تي ھي قطعہ تاريخ لکيو:

”شاعر- ملڪ- سندھہ شمس الدين
کہ از و بود عالمي شگفت
بلبل بود او کہ با منقار
در- معنيٰ عجيب ترمي سفت
بود او ”شمس“ بر سپھر- سخن
کرد آخر غروب و روئي نھفت“

مولانا فتح محمد صغير سيوستاني بہ مرحوم بلبل جو سياسي مخالف ھو پر ھو بہ بلبل جي واڪاڻ ۾ رطب اللسان آھي. (ڏسو صفحہ 14 بلبل- سنڌ تاليف ڪيل جناب شيخ محمد ابراھيم صاحب خليل) پيو مد مقابل جناب غلام محمد صاحب پرڳڙي بہ ھو جو کين پنھنجي ھڪ خط ۾ تاريخ 3 نومبر 1914ع ۾ ھيئن لکي ٿو:

”بخدمت جناب عاليجاہ رئيس صاحب ميان شمس الدين صاحب سلمہ.“

بعد سلامن جي واضح ھجي تہ جناب اعليٰ ڪليڪٽر صاحب بھادر لاڙڪاڻہ جي فرمايو آھي تہ ھر ھڪ ڊويزن ۾ ھلنڊڙ جنگ جي بنسبت ڪي احوال ميٽنگ ۾ ٻڌائڻا

آهن جنهن لاءِ... ماڻهن تعلقي جي ۽ ٻين معزز ماڻهن زميندارن ۽ انجمن جي ڪي ڪوٺ ڪندا.

اسان بہ تاريخ 5 نومبر 1914ع جي ميهڙ ۾ 12 بجي مهل حاضر هونداسون. مگر متين ماڻهن جي سڏڻ لاءِ حضور جن اوهان صاحبن تي بار رکيو آهي. جنهن لاءِ ماڻهو موڪلي خبر ڏجي.

دعاگو خادم القوم

غلام محمد

جڏهن بلبل جا همعصر جهڙوڪ نجفي، خادم، شاهہ محمد صوفي، مرتضائي ٺٽوي،جمعا خان غريب، واصف مرحوم، صغير سيوستاني، (جنهن پوءِپنهنجو تخلص ڪبيرڪيو)، بسمل تڪڙائي، نياز لاڙڪاڻوي، حضرت غلام سرور قادري لاڙڪاڻوي، مرزا قليچ بيگ، جناب شيخ محمد ابراهيم وزير، جناب خان بهادر نانا غلام علي صاحب، مخلص مرحوم، مولانا شفيع محمد صاحب مسجدي، مخدوم محمد انور پاتائي، نورل نظاماڻي، شيخ عبدالمجيد صاحب، ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي، ڪليڪٽر حامد علي ۽ ٻيا سندس خداداد قابليت جو اعتراف ڪن ٿا.

حقيقت تہ هيئن آهي تہ مرحوم بلبل جهڙو تقرير ۾ تهڙو تحرير ۾ يگانهٔ روزگار هو ۽ سندس جو جهڙو علمي ادبي شغل عالي شان هو تهڙو هو سياست، دين ۽ انسانيت ۾ افضل ۽ اڳرو هو. هن جي طبع جامع الدين هئي. جهڙو دنيا ۾ ڪامياب هو اهڙو دين ۾ صاحب ڪمال ثابت ٿيو. هڪ گشت جي دوران مرحوم دين محمد صاحب وفائي، بلبل جي لائبريري ۾ مذهبي ڪتابن جو ذخيرو ڏسي حيران ٿي ويو ۽ غالب گمان آهي تہ ان جو ذڪر خير پنهنجي غير مطبوعا ڪتاب مشاهير سنڌ ۾ ڪيو اٿس. مرحوم بلبل کي روحاني فيض مخدوم مرحوم ميان نظام الدين صاحب پاٽ واري وڏي پلاري بزرگ وٽان نصيب ٿيو. بلبل جي مجلس ۾ هميشہ حافظ، عالم، فاضل ۽ اديب موجود هوندا هئا. مولانا مولوي غلام محمد صاحب اشرف سوڍر واري جهڙي تارڪ الدنيا ۽ اهل الله بہ وٽس سڪون ۽ قرار حاصل ڪيو. گويا شينهن مڙس کي قرب جي ڪچڙي تند ۾ قابو ڪري من اندر محبوب جي مشاهدي ماڻڻ جو ماڻ موڪي ڇڏيائين. جناب حاجي علي اڪبر شاهہ صاحب ڳالهہ ڪندو آهي تہ حافظ ڪمال الدين ڏيپر سندس روحاني طاقت کان اهڙو تہ متاثر ٿيو جو وصيت ڪيائين تہ سندس جنازي جي نماز بلبل مرحوم پڙهائي ۽ ٿيو بہ ائين. ڪيترن مولوين حافظن عالمن بہ سندس پويان هيءُ نماز جنازي جي ادا ڪئي.

افسوس جو سنڌ جي سرزمين جو هي روشن ستارو پنهنجي دوست آفندي مجيدي واري ساڳئي مرض ڪاربنڪل جي قهري ڪڪري ۾ دٻجي سنڌ جي آسمان ادب تان غائب ٿي ويو يعني 1919ع ۾ 63 ورهين جي ڄمار ۾ سنڌ جي باغ جو هيءُ بلبل فردوس برين جي بهار جاوداني ۾ وڃي جائگزين ٿيو. سندس مقبرو سندن مسجد جي ويجهو آهي. سندس ڪامياب زندگيءَ جو بهترين يادگار سندس برپا ڪيل مدرسو آهي جو هينئرهاءِ اسڪول جي حيثيت رکي ٿو. ٻي يادگار سندس لائبريري آهي جنهن ۾ فقہ، شرع، قانون، سوانح حيات، تاريخ، شعر و شاعري ۽ ادب جا اردو سنڌي ۽ فارسي ڪتاب موجود هوندا هئا.پر افسوس جو ڪنهن سنڀاليندڙ جي نه هجڻ سبب ڪيترا نسخا دوست پڙهڻ جي بهاني سان هميشہ لاءِ کڻي ويندا رهيا ۽ ڪيترا اڏيهي جو شڪار ٿي ويا. ٽيون يادگار سندس مقبول عام تصنيفون آهن جن مان خاص طور قابل ذڪر ديوان بلبل سنڌي، ڪريما نيچرل، رحيما لطيف، پليگي ڪريما، قلندري ميلو، جام جم، عقل ۽ تهذيب، وقف علي الاولاد ۽ بهار عشق آهن. پر افسوس جو اهي به ناياب ٿي ويا آهن. پر انهن جي تانگهه ۽طلب اڄ سوڏو ڪيترائي علم دوست ڪندا اچن. ڪهڙو نه چڱو ٿئي جو جمعيت الشعراءِ سنڌ يا سنڌي ادبي بورڊ يا سنڌي سڌار سوسائٽي سنڌ يا خود مرحوم جو فرزند ارجمند رئيس ضياءُ الدين ”ضيا“ انهن کي وري ڇاپرائي سنڌي علم ۽ ادب جي موجوده جمود ۾ نئين لهر ڊوڙائڻ جو سهرو سر تي ٻڌن. هندن جي تعصب جي ڪري نه مرحوم بلبل کي نه سندس هم رقاب ۽ هم خيال حضرات کي (جهڙوڪ قاضي احمدي پاٽ وارو ۽ آنر ايبل مير الهندو شاهه صاحب ڏيرئي وارو وغيره) سندن شايان شان شهرت نصيب ٿي. ان وقت جا ڪتاب گهر، سنڌي پريس ۽ سياسي پليٽ فارم سڀ هندن جي هٿن ۾ هوندا هئا تنهن ڪري رڳو انهن مسلمانن جو ناماچار نڪتو جي هنن جي اشاري تي هلڻ وارا هوندا هئا. ضرورت آهي ته بلبل جي شخصيت ۽ بلبل جو اسڪول آف آرٽ برپا ڪيو وڃي. الله توفيق ڏئي مرحوم جي صحيح معنيٰ ۾ جانشين ۽ وارث ۽ هن گلستان جي گل رئيس ضياءَ الدين ايس.بلبل کي جو هو پنهنجي والد ماجد جي علمي ادبي، اخلاقي ۽ روحاني رمزن کي وري رائج ڪري ۽ ان جي جاءِ پريون ۽ وسايون اچي. آمين!

لطيف تہ هئي حڪايت، جو طول سان ٿي بيان
اڳين جي حال جو ۽ قال جو ڪيون ڪو ڏيان

# سنڌيءَ جو مشهور مزاح گو شاعر
# مرحوم شمس الدين بلبل

**احمد خان ايم سيال**

هند ۾ مزاحيہ شاعري مرحوم اڪبر الهہ آبادي تي ختم ٿي ۽ سنڌ ۾ مرحوم بلبل تي. مزاحيہ شاعري ائين آهي جيئن گلن ۾ گلاب ۽ ميون ۾ انگور. سچ ۽ حق جي انڪشاف ڪرڻ جي طاقت هر ڪنهن طبيعت کي حاصل نہ هوندي آهي، جيڪا طبيعت ورلي هن خداداد نعمت ۽ لياقت ڪان بهرور بنبي آهي، ان ۾ وري سخن سنجي ۽ ظرافت جو هئڻ ائين آهي جيئن کير ۾ کنڊ. انهن ٻنهي وصفن جو هڪ هنڌ گڏ ٿيڻ هڪ اهو انساني ڪمال پيدا ڪري وجهي ٿو جنهن لاءِ جيڪر اقبال جي لفظن ۾ هيئن چئجي ته:

هزاروں سال نرگس اپنی بے نوری پہ روتی ہے
بڑی مشکل سے ہوتا ہے چمن میں دیدہ ور پیدا

سخن ور هجڻ پنهنجي جاءِ تي هڪ وڏي ڏات آهي، پر سخن سنجي ۾ سچ ۽ حق جي جهلڪ هجڻ وري ائين آهي جيئن سون تي سهاڳو! پر اهڙي راست گوئي اجا جيڪڏهن مزاح جي رنگ ۾ رڱجي وڃي ٿي تہ پوءِ ان جي حامل شخصيت کي ائين سمجهڻ گهرجي جيئن عمارتن ۾ تاج محل. اهوئي سبب آهي جو دنيا اج تائين نہ تاج محل جو مٽ پيدا ڪري سگهي آهي ۽ نہ هند يا سنڌ ڪو اڪبر يا بلبل جو ثاني پيش ڪري سگهي آهي. سچ هونءَ بہ اڪثر تلخ چيو ويندو آهي.

انگريزيءَ ۾ هڪ چوڻي آهي تہ سڄي دنيا عاشق سان عشق ڪري ٿي پر آءٌ چوان ٿو تہ سڄي دنيا مرڪندڙ ۽ مشڪائيندڙ سان بہ پيار ڪري ٿي، پر طنز، ٽوڪ، هزل هجو ۽ تمسخر هڪ شيءِ آهي ۽ مزاح ظرافت بذلہ گوئي بلڪل ٻي چيز آهي. ٻنهي ۾ ايترو تفاوت آهي جيترو ٿوهہ ۽ گدري ۾ يا ڪتي اُپري ۽ ٽپڪي جي انب ۾. هڪ جو بنياد ڪيني، فوقيت ۽ تخريب تي آهي تہ ٻئي جو راست بازي ۽ تعمير تي. هڪ مان ٻئي جي خودداري کي ڪاپاري ڌڪ لڳي ٿو تہ ٻيو جڻ ان کي ڪن ڪان وٺي اٿاري ٻيهاري اپاري ۽ سنواري ٿو. هڪ اڪ جو کير آهي ۽ ٻيو مادر جو شير آهي.

هند ۽ سنڌ مزاح جا ماڻڪ بہ پيدا ڪيا ۽ طنز جا تير بہ. انهن مان مزاح جا ٻہ بي مثال

هيرا اڪبر ۽ بلبل آهن. اڪبر الهه آبادي پنهنجي لاثاني مزاحيہ شاعري سان هند جي مسلمانن کي انگريزن جي فتنہ ۽ هندو جي ڪالي ديوي کان بيدار ۽ خبردار ڪيو. هن سر سيد احمد جي پورهئي کي صاب ڪيو. ساڳيو ڪم سنڌ ۾ مرحوم بلبل پنهنجي پر لطف شاعري سان سر انجام ڪيو ۽ حسن علي آفندي جي ڪم کي ڪامياب بنايو. تنهن هوندي بہ ٻئي نہ ناصح هئا ۽ نہ واعظ. ٻئي اعليٰ درجي جا آرٽسٽ (فنڪار) هئا. ٻنهي شاعري کان شيرِ ۽ شڪر جو ڪم ورتو. هنن جي شاعري اٽڪائيندڙ. زود هضم ۽ جزو بدن بنجڻ واري هڪ روحاني غذا مثل هئي. ان ۾ جيڪو حق ۽ سچ ۽ پند جو پهلو هو سو ائين تہ خوش طبعي ۽ فني ڪمال جي ڪنڊ ۾ ويڙهيل هو جيئن ”يو ڪونين“ ٻڌندڙن ائين هرگز محسوس نہ ٿي ڪيو تہ ڪو هنن کي ليڪچر ڏنو پيو وڃي. اهو ئي سبب هو جو هو مايوس ۽ مرده دل نہ ٿي ٿيا جيئن نام نهاد قومي يا ناصحانہ شاعري ڪندي آهي، پر ان جي برعڪس بيدار، هوشيار ۽ زنده دل پئي ٿيا. ٻنهي جي شاعري ۾ شوخي، فني خوبيون (مدافع بدايع وغيره) ۽ ڪمال سنجيدگي، متانت ۽ ذوق سليم سمايل هو. اهي سڀ خوبيون هڪ هنڌ ٻئي قسم جي مزاحيہ شاعري ۾ نہ ملنديون. خاص ڪري مزاحيہ شاعري ۾ متانت ۽ سنجيدگي جو هئڻ تہ ائين آهي جيئن شرطي ڊوڙ جو پلو ۽ تيز گهوڙو پر گهوڙي سوار کان سواءِ ميل ماري اچي. مثال طور انگلينڊ جي مشهور شاعر شيڪسپيئر جنهن جي مزاحيہ شاعري بہ مڃي ويندي آهي سو بہ ڪٿي ڪٿي متانت ۽ سنجيدگيءَ کي سلامت رکي نہ سگهيو آهي ۽ مهمل ۽ لغو فقرا ۽ الفاظ ڪم آندا اٿس. چٻري جي ٻولي ”تو وٽ تو هو“، ڪتي جي ڀونڪ ”ٻائو وائو“ ۽ ڪڪڙ جي ٻانگ ”ڪاڪڊ دل ڊائو“ ۽ ”هي هو هي هو سنگ هي هو هي هو“ وغيره جهڙا مهمل فقرا آڻي مزاح پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس. لولي جهڙي منڙي راڳ ۾ بہ ستل شهزادي جي ننڊ ڦٽائيندڙن کي هينين تمام سخت لفظن ۾ ياد ڪيو اٿس:

You spotted snakes with double tongue. Thorny hedgehogs, be not seen, Newts and blind-worms, do no wrong, Come not near our fairy queen.

سرد سياري کي مهمان سڏيندي دوستن جي بي رخي ۽ انسان جي احسان فراموشي جو جيڪو نقشو چٽيو اٿس سو نهايت موزون پر مايوس ڪن ۽ همت شڪن آهي. چوي ٿو:

Most friendship is feigning
Most loving (is) merely folly.

دوستي ۽ محبت جهڙي پاڪ پتلن ۾ بہ پليدي پڌري ڪرڻ سان هن ذوق سليم ۽ صحيح مذاق کي هڪ طرف چوٽي وارو ڏڪ هنيو تہ ٻئي طرف انساني سلوڪ ۽ ويساهہ سان ويل وهايائين. ائين قبول ڪجي ٿو تہ اهڙو عنصر هن جي شاعري ۾ گهٽو نہ آهي، پر

ٻوڙ کي مڪروهه ڪرڻ لاءِ هڪڙي مڪ ئي ڪافي هوندي آهي. چا شيخ سعدي جهڙي سگهوري بہ علم ۽ فضل جي جبي ۽ دستار جي باوجود هڪ بادشاهزادي کي راضي بازي بنائڻ خاطر حڪم سوزلي جي ڪتاب جي روش تي هزليات لکيا جي گلستان ۽ بوستان جي مصنف جي منهن تي هرگز نہ ٺا پون. (ڏسو مولانا شبلي نعماني جي حيات سعدي) مولانا بخيلين جي باري ۾ جيڪو مثال ڏنو آهي ۽ جو اسان مڪتبن ۾ پڙهندا هئاسون سو بہ اڄ هٿ لڪڻ جهڙو نہ آهي. امير خسرو جي "ترا ڪرد ام هم زلت را ڪنم" وارن بيتن جا ٻيا طاق ڪهڙي بہ طمطراق جا چو نہ هجن پر ذوق سليم اهڙي شعر کي بہ شائستہ چوڻ ۾ ضرور سڪبو. جڏهن شهره آفاق شاعرن جو مزاج جي معاملي ۾ اهو حال آهي تڏهن ٻين ننڍن وڏن جو ورلن وري ڪهڙو هجي. ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ مزاح ۽ ذوق سليم جي ملاوت ڪهڙو نہ ڪٺن ڪم آهي، جنهن کي مرحوم اڪبر ۽ مرحوم بلبل بخوبي نباهيو. ٻنهي جي سڄي شاعري ۾ تہ ڪٿي معيار کان ڪريل ڪا ڳالهہ نہ ملندي ۽ نہ مايوسيءَ يا نااميديءَ جو ڪو ترورو نظر ايندو. اڪبر جي سڄي شاعري ۾ هيٺين بيت کان وڌيڪ ڪو ٻيو مايوسي وارو شعر نہ ٿو ملي:

راه چلتا بھی کہہ گیا افسوس
لو لٹ گنگا میں بہہ گیا افسوس

پر ان ۾ بہ غور ڪرڻ سان ڏسو تہ دراصل اٺ جي ٽڙي ٽاڪڙي بچڻ جو امڪان صفا بند نہ ڪيو ويو آهي. ٻيو تہ ان جي رڳو وقتي لغزش ڏي اشارو ڪيل آهي. ٽيون تہ اهو سڄو هڪ رهہ گذر جي سرسري نظر جو معاملو ٻڌايو ويو آهي. شعر ۾ جو خاص نڪتو آهي سو تماشبين جي بي علمي ۽ بي عملي تي چوٽ ڪرڻ بابت سمجهڻ گهرجي. پر مرحوم بلبل تہ ايتري قدر بہ مايوسي پنهنجي شعر ۾ اچڻ نہ ڏني آهي. مسلمانن کي يورپ جي دلداده بنجڻ لاءِ امر جي آڙ ۾ اڻ سڌي طرح متنفر ڪري ٿو. هن مغلوبي لاءِ هن جي ڪنهن ذاتي جوهر جي مذمت نہ ٿو ڪري جو ائين ڪرڻ سان نصيحت جي بجاءِ نفرائپ نتيجي ۾ نمودار ٿئي ها، پر هن جي رڳو وقتي لعسق ۽ فريتگي جي ماني ڏانهن اشارو ڪري ٿو:

غـافـل وجـي ولايـت لـو لـيـدي سـان لائـج
سئو قرب مـان ڪـرسـچـن نـئـيـن چرچ ۾ چوائـج

هن جو سڄي قوم مان رڳو غافلن جي گروهہ ڏانهن عتاب خطاب آهي ۽ امر جي آڙ ۾ منع آندل آهي جيئن هڪ قسم جي ابهام ۽ تجاهل عارفانہ جي صنعتگيري سان نصيحت خود بخود اخذ ڪئي وڃي. ليدي ساڻ "لو" ڪرڻ ۽ لنئو لڳائڻ جو لازمي نتيجو

پنهنجي دين ڌرم ڪان هٽ ڌوڻ ٻڌائيو ويو آهي ۽ فيصلو ”غافل“ تي ڇڏيو ويو آهي ته ٻنهي مان ڪنهن کي تو پيارو ڪري. هن قسم جي نصيحت ڀئي ڪنهن به قومي يا ناصحانه شعر ۾ نظر نه ايندي. بيت ۾ نئين جو لفظ برابر آهي وچي جي. جيئن ثنائي صاحب فرمايو آهي:

نـــئـــيـــن ڪـــانـــگـــل ڏي تـــه ســـلام...

بلبل جي شاعريءَ ۾ ڪنهن شخصيت يا ذات يا مذهب يا حڪومت يا ڪنهن پاڪيزه چيز وغيره تي حملو يا لعن طعن هرگز نه ليندو. تنهن ڪري ئي اها پسند عام ثابت ٿي.

بلبل جو هڪ ٻيو مثال ملاحظ ڪرڻ فرمايو جنهن ۾ هن يورپ جي هوا، مغرب جي روشني ۽ انگريزي تهذيب جي مٽي پليد ڪئي آهي:

سگهو انـگـلـيـنـڊ ڏي ادا ٿي تـيـار، مـڪـن تـڪـيـه بـر عـمـر نـاپـائـيـدار
سـوا انـگـريـزي هـجـي جـاهـلـي، ڪـه بـي عـلـم بـودن بـود غـافـلـي
ٿـيـو مـهـه جـبـيـن ڪـان جـيـڪـو جـدا، ڪـجـا بـاز زراه- خـدا
ڪري وٽ ادا خوب بـوس و ڪـنـار، ڪـه فـردا نـمـاشـي زحق شـرمـسـار
ڪتي پستڙي کي تون ڪچ ڪور ڪور، نـبـاشـي زگـلـزار فـردوس دور
تون پيشاب پنهنجي کي هلندي ۾ هار، ڪجامت بود جائي پرهـيـزگـار

پستڙي ڪتي، ڪور ڪور، پيشاب ۽ بوس و ڪنار جهڙا لفظ به اهڙي ته پيرايه ۽ تلازمي سان آندل آهن جو انهن جي ثقافت ـ۽ تنفر تفريح ۽ مزاح ۾ مٽجي ويو آهي. ان ڪانسواءِ واقعي نگاري تي مبني آهن جو انگريز واقعي بيٺڙ پيشاب ڪندا آهن ۽ پستڙي ڪتي ۽ بوس و ڪنار هنن وٽ هر وقت جائز ۽ مباح آهي. ادا جي شوخي چست بندش ۽ فن تضمين به قابل داد آهن.

مرحوم بلبل پنهنجي شعر ۾ سنڌي مصرع سان گلستان يا بوستان جو ڪونه ڪو زبان زد مصرع ملائي اجتماع ضدين جي صنعت سان مزاح ۽ تفريح پيدا ڪئي آهي، ائين ڪرڻ سان تضمين جو فن هڪ طرف ڏيکاريو اٿس ته ٻئي طرف گلستان ۽ بوستان کي سنڌي زبان ۾ هميشه لاءِ جاءِ ڏئي ڇڏيائين. مولانا اڪبر جي بيت ۾ ڏسبو ته هن قسم جي لفظي جادوگري سبب مزاح پيدا ڪيل نه آهي پر واقعات جي تمسخر جي زور تي مزاح پيدا ڪيل آهي. راه چلتا، اٺ يا گنگا ۾ بذات خود ڪو به مزاح ڪونه آهي پر جڏهن اوچي اٺ جو ٿاڦوڙا هڻندي تنگون تيزي گنگا ۾ لڙهي وڃڻ جو منظر پيش ٿئي ٿو تڏهن بي اختيار کل وٺي ٿي وڃي. هن کي چئبو آهي Funny situations يعني واقعات

جي تمسخر سان مزاح پيدا ڪرڻ. هن جو گهٽي ۾ گهٽو انداز پي جي موڊ هائوس جي مزاحيہ تحريرن مان ملي ٿو. پر ان جي برعڪس بلبل مرحوم جي فني مسلڪ (School of Art) ۾ واقعات جو تمسخر ممنوع ۽ ذوق سليم جي خلاف سمجهيو ويچي ٿو. مرحوم بلبل نڪتہ رعايت سان مزاح پيدا ڪرڻ جو حامي آهي جيئن متي ڏنل مثال مان ظاهر ٿئي ٿو.

مرحوم بلبل جي هڪ همعصر مولوي غلام رسول صاحب سوڍر ائين ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر بيسود ثابت ٿي. اهو رنگ ۽ ڍنگ هٿ ڪري نہ سگهيو. هڪ بيت ملاحظ ڪريو:

چـتـڪـو انـگـور انـب جـو لاچـار چـار ڏيـنـهـن
لـتـڪـو لـنـگـور لـنـب جـو لاچـار چـار ڏيـنـهـن

هن ۾ فني پهلو هوندي بہ لنگور ۽ لنب جهڙا لفظ بغير قريني ۽ تلازمي جي ڪتب آندا ويا آهن جنهن ڪري انهن جي ثقافت ميتجي نہ سگهي آهي. مولوي ميان احمد علي صاحب ڏيروي بہ انهيءَ تتبع تي طبع آزمائي ڪئي آهي پر "دهلي هنوز دوراست" وارو قصو نظر ايندو. فرمائي ٿو:

اشـراف پـي لـچـن جي نـہ صـحـبـت ۾ لـچ ٿـيـا
ڪـارن سان گڏجي ويـو آ بـدلـجي اڇـن جـو رنـگ

ميان امام الدين ضامن بلبل مرحوم جي هڪ شاگرد پنهنجي سجي شاعري طنز جي طريقي ۾ ڪئي آهي:

مروڙي مڇ اٿيا ميمبـر ٿـيـڻ خـاطـر گـهـٽـا مسـتـر.
اسان جي پي متي بيگهي اجهو سٽـيـو تـڪـر آيـو.
جي مفتي مال جو لقمو سڏي گهر ۾ ڏئي جيـڪـو.
انهيءَ سان سرلڳي هٿ جڻ سنو ساجو پـڪـر آيـو.

هي سڀئورو مخلص مرحوم جو بہ شاگرد آهي جنهن جو متس رنگ زياده غالب ٿو ڏسجي. مطلب تہ بلبل جي عمده طرز ٻئي ڪنهن کي هٿ نہ آئي.

# شمس الدين بلبل

محمد امين مگسي

رئيس شمس الدين بلبل سنڌ جو مايہ ناز صحافي، سماجي ڪارڪن، زبردست شاعر ۽ حقيقت ۾ سنڌ جوغالب هو. بلبل جي شاعري، صحافت ۽ علمي صلاحيتن سنڌين ۾ جيڪا سجاڳي، بيداري، علمي ذوق پيدا ڪيو آهي. ان جو هر اهل علم معترف آهي. جيئن محترم علي محمد راشدي سندس لاءِ لکيو آهي تہ سنڌ جي علم و ادب ۾ دادو ضلعي جا وڏا احسان آهن. دادو ضلعي تي ماڻهو سنڌ کي ڏنا جن ۾ صحافت ۾ جناب بلبل بہ شامل آهي. سندس پيدائش ميهڙ ۾ 1857ع ڌاري ٿي. بلبل صاحب ڪنهن خاص اداري ۾ تہ ڪونہ پڙهيو. سندس تعليمي سلسلي ۾ سندس لائق فرزند جيڪو پڻ ان دور جو وڏو اديب هو هيئين طرح رقمطراز آهي:

شمس الدين بلبل ميهڙ جهڙي مردم خيز علائقي ۾ پيدا ٿيو ۽ اتي ننڍن مڪتبن ۾ ان زماني جي مروج مدرسن ۾ سنڌي، فارسي ۽ عربي پڙهيو. پر پوءِ ڪتابن جي محدود دنيا کان جلد بيزار ٿي هن دنيا جي جامع جذبات ۽ احساسات جو درس حاصل ڪيائين ۽ ڪائنات جي ڪتاب جي ورق گرداني شروع ڪيائين. بلبل اهو علمي سفر پنهنجي خداداد صلاحيتن، ذهن ۽ ذڪاءَ جي ذريعي حاصل ڪيو ۽ ان سالن جي سفر کي مهينن ۾ ۽ مهينن واري کي ڏينهن ۾ پورو ڪيو.”

بلبل مرحوم جو دور حقيقت ۾ مسلمانن جي حيات نو ۽ جدوجهد جي سلسلي ۾ نازڪ ۽ تاريخي دور هو. ليڪن بلبل پنهنجي قلم سان ان دور ۾ جيڪي نوان لاڙا ڏنا اهي هڪ تاريخي حقيقت بنجي چڪا آهن. بلبل پنهنجي زندگيءَ جو آغاز 1872ع ۾ انجنيئريءَ کاتي ۾ داروغي جهڙي ننڍڙي ملازمت سان ڪيو. پر سرڪاري نوڪري آزاد بلبل کي جڻ تہ پوساڻ لڳي، سندس قابليت، ذهانت، ڪم جي سليقي، ڪلام جي فصاحت، طبيعت ۽ مزاج ۾ اديبانہ آداب کي هڪ انگريز سجاڻي ورتو. جنهن ساڻس دوستي پيدا ڪري ڪيس قديم زماني جو هڪ نادر ۽ قيمتي شاهنامہ فردوسي تحفي طور ڏئي بلبل جي زرخيز علمي زمين ۾ اضافو آڻي ڇڏيائين. اهو نسخو اڄ تائين دهليءَ جي عجائب گهر ۾ موجود آهي، جيڪو بلبل صاحب حامد علي ڪليڪٽر معرفت تحفي طور ڏنو هو.

جيئن تہ ميهڙ جهڙو ننديو شهر بلبل جي ادبي علمي قابليت لاءِ پورو پئجي نہ سگهيو. کيس ڪراچيءَ جي علمي، ادبي، ملڪي، سماجي ۽ مرڪزيت پاڻ ڏانهن ڪشش ڪري چڪي ورتو.

ميهڙ کان پاهر نڪرڻ جو خاص سبب اهو هو تہ بلبل جا وڏا چڱا مڙس هئا. تنهنڪري سندس وڏا چار پاءُ زمينداري ۽ راڄن جي چيڙي نبيري ۾ مصروف هئا. پر بلبل جيئن تہ ننڍو ۽ پنجون نمبر پاءُ هو. سندس توجهہ صرف مطالعي ۽ علمي مشغلن ڏانهن هيو. رئيسي ۽ وڏيرائپ سان سندس دلي وابستگي نہ پيدا ٿي سگهي. زمينداري جي کٽ کنڊڙ ڪاروبار، راڄن جي چيڙي نبيري ۽ روز مرهہ جي ڪلڪل، پٽ ست کان آجي ٿيڻ لاءِ نيٺ ميهڙ کي خيرآباد ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪيائين ۽ پنهنجي شعر تي عمل ڪيائين. جنهن ۾ چيو اٿس تہ:

”دنيا سندا تماشا گهر کان نڪر تہ ڏسندين“

نيٺ بلبل 1889ع ۾ ڪراچيءَ پهتو. سنڌ جي سر سيد خان بهادر حسن علي آفنديءَ جي جوهر شناس نگاهہ بلبل جي ذهانت، ذڪاوت ۽ سندس شخصيت ۾ مخفي صلاحيتن کي پروڙي ورتو ۽ پنهنجي تعليمي، سماجي، سياسي تحريڪ کي ترقي وٺرائڻ خاطر کيس پنهنجو دوست، همسفر، معاون ۽ دست راست بنائي ڇڏيو. بلبل جي علمي قابليت ۽ صلاحيت کان متاثر ٿي خود آفندي صاحب چوندو هو تہ:

”مون کي عجب آهي تہ اهڙو انسان ميهڙ جهڙي ننڍي شهر ۾ ڪيئن پيدا ٿيو.“

بلبل صاحب آفندي صاحب جي سيني ڪمن ۽ تحريڪن ۾ ڀرپور نموني سان حصو ورتو. ”دکن ايگريڪلچرل ايڪٽ“ جو جڏهن سوال پيدا ٿيو تڏهن بلبل صاحب مشير خاص جي حيثيت سان سندس رفيق ڪار، معاون ۽ مددگار رهيو. پوني جي ڪميشن جڏهن آفندي صاحب کي گهرايو تڏهن ڪاغذن جي تياريءَ جو ڪم سمورو بلبل جي ذمہ ڪيو ويو ۽ ان کي بهترين انداز سان پايہ تڪميل تي پهچاياائين. بلبل ان سلسلي ۾ سنڌ جي سمورن آبادگارن جو احوال گهرايو ۽ ضلعي وار انگن اکرن سان يادداشتون تيار ڪيون جن ۾ ڊڪرين جي ذريعي آبادگارن جي زمين ۽ ان جي ملڪيت جي نيڪالي جا انگ اکر گڏ ڪيل هئا. اهڙي طرح قرض ۾ جيڪي وياجن تي وياج وصول ٿيندا هئا سي بلبل مرحوم وڏي محنت سان گڏ ڪيا. آخر آفندي صاحب کيس پوني ڏانهن پاڻ سان گڏ وٺي ويو. وقت بہ وقت ڪميشن ۾ شاهدي ڏيندي، بلبل کان نوٽس وٺندو رهيو. جنهن محنت جفاڪشيءَ سان انگ اکر گڏ ڪيا ويا هئا ۽ هر فقري ۾ جيڪي حوالا ڏنا ويا هئا ۽ انهن ۾ حيرت انگيز دليل بازي کي ڏسي ڪري خود انگريز ميمبر پڻ حيران رهجي ويا.

نيٺ بلبل جي محنت رنگ لاتو ۽ ڪميشن سنڌس دليلن جي وسيع و عريض دنيا ڪان متاثر ٿي سنڌ سان اهو "دکن ايگريڪلچرل رليف ايڪٽ" لاڳو ڪيو. جنهن جو فائدو مسلمانن ان دور ۾ بہ حاصل ڪيو ۽ پنهنجيون ملڪيتون بچايون ۽ سنڌ جا آبادگار اڄ تائين سول ڪورٽن ۾ ان جو فائدو وٺي رهيا آهن. ان جي اهميت قانون جي پيشي سان وابستا افراد ۽ وڪيل حضرات چڱي طرح ڄاڻن ٿا.

بلبل کي سنڌ جي صحافت ۾ اوليت جو مقام حاصل آهي. جنهنڪري ممتاز اديب، سياستدان، صحافي پير علي محمد راشدي صاحب کيس سنڌي صحافت جو ڏاڏو آدم سڏيو آهي.

بلبل پهريون شخص هو جنهن سنڌي ادب ۽ صحافت کي هڪ فن جي صورت ۾ روشناس ڪرايو. اخبارون تہ بيشمار نڪتيون، پر انهن ۾ بلبل وارو انداز ۽ دلپذير رنگ ۽ ڍنگ پيدا نہ ٿي سگهيو. اخبار "خير خواهہ" جيڪا پرپور مزاح ۽ مذاق، طنز ۽ ظرافت جي رنگيني ۽ چاشني سان لاڙڪاڻي مان نڪرندي هئي، ان جو چار سال ايڊيٽر رهيو. هفتيوار اخبار "مسافر" حيدرآباد جو پڻ ايڊيٽر رهيو. آفتاب سکر جو آخر تائين ايڊيٽر رهيو. اخبار الحق جو پهرين انڪارڪيائين نيٺ آخر آهستي آهستي ان اخبار جي بہ ادارت سندس ذمہ تي ويئي.

مشهور مورخ ۽ محقق جناب مولائي شيدائي بہ سندس تربيت يافتہ هيو. جنهن جي علمي ۽ قلمي صلاحيت کي بلبل جي دور رس نگاهہ تاڙي ورتو هو،پاڻ کيس پيشنگوئي طور چيائين "مان ڏسان ٿو تہ تون اخباري دنيا ۾ چنڊ وانگر چمڪندين." صحافت سان گڏ علمي ڪمن ۾ پڻ بلبل ڀرپور حصو ورتو. 1907ع ۾ جڏهن آل انڊيا محمدن ايجوڪيشنل ڪانفرنس ڪراچيءَ ۾ ٿي تڏهن مسٽر ٿي. ايچ وائيس ۽ اسپيشل اسٽينڊنگ ڪاميٽيءَ جي سيڪريٽري مسٽر ڪي.اي. دهلوي خط لکي بلبل کان سنڌ جي مسلمانن جي تعليمي ضرورت متعلق رپورٽ حاصل ڪئي ۽ کيس دعوت ڏئي اها رپورٽ ڪانفرنس اندر پيش ڪرائي. اها رپورٽ ايتري قدر ڪامياب ثابت ٿي جو سموري ريزوليشن جي صورت ۾ پاس ڪئي ويئي. ان جو ذڪر ڪانفرنس جي رپورٽ سال 1908ع ۾ مطبوعہ علي ڳڙهہ جي صفحي 52 تي پڻ آيل آهي. بلبل جي تعليمي خدمات کان سندس ڳوٺ ميهڙ بہ مستفيض ٿيو. سندس برپا ڪيل عظيم الشان هاءِ اسڪول اڄ تائين موجود آهي.

بلبل صاحب ڪيترن ئي سرڪاري ۽ نيم سرڪاري ادارن ۽ سماجي جماعتن جو ميمبر رهيو. 1917ع ۾ کيس آنرري مئجسٽريٽ چيئرمين ڪنيو ويو. سندس شخصيت کان ڪمشنر سنڌ مسٽر لارنيس ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ کيس خط لکيو:

سرڪار محسوس ڪيو آهي تہ اوهان مسلم قوم جا همدرد ۽ بهي خواهہ آهيو ۽ سنڌي مسلمانن جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ اوهان جيڪي رايا پيش ڪندا آهيو اسين انهن کي عزت واري نگاهہ سان ڏسندا آهيون“

مرحوم بلبل صاحب جي قومي غيرت ۽ اسلامي حميت جو وڏو مثال هي آهي تہ 1913ع ۾ انجمن هلال احمر جو وفد ترڪي لاءِ امداد حاصل ڪرڻ لاءِ ممتاز مسلم ليگي اڳواڻ سيٺ عبدالله هارون جي اڳواڻي ۾ ميهڙ ۾ آيو. تڏهن زميندارن ۽ آفيسرن جي موجودگيءَ ۾ سندس پراثر تقرير جادو جهڙو اثر ڪيو. ايتري قدر جو هڪ شخص پنهنجو ڪوٽ لاهي ڏنو جيڪو نيلام ڪري 125 رپين ۾ وڪيو ويو. ان موقعي تي بلبل صاحب في البديهہ شعر پڙهيو. جنهن جا ٻہ ٽي بند هن ريت آهن.

هنن جي خير مقدم ۾ اسان کي هيئن چوڻ گهرجي
اجهي هي زر، اجهي زيور، اجهي هي گهر اجهي هي سر

مٿين نظم وڏي رقت انگيزي پيدا ڪئي. نظم جو مطلع:

يلي آيا يلي اي سر گروهہ قوم دين پرور
مجاهد في سبيل الله فائز في هلال احمر
اوهانجي خاص خدمت آ خدا جي راهہ ۾ ورنہ
ڪٿي بستان ڪٿي ويران ڪٿي بنگلا ڪٿي هي بر

بلبل صاحب صوم و صلات جو پابند هو ۽ پاڻ نقشبندي سلسلي ۾ پاٽ جي بزرگ مخدوم نظام الدين صديقي رحمة الله عليہ وٽ بيعت ڪئي. ان دورجي مجذوب ۽ وڏي عالم مولانا غلام محمد سوڍر جوصحبتي پڻ هيو. پاڻ ذڪر اذڪار ۽ مراقبن ۾ مشغول رهندو هو. پنج وقت نماز پنهنجي گهر جي پرسان واري مسجد ۾ پاڻ پڙهائيندو هو. لباس باوقار، شرعي سونهاري، ٻتوان وار، مٿي تي دستار ٻڌندو هو.

سندس لائبريري ۾ بيشمار ڪتاب جنهن ۾ تفسير، حديث، فقہ، تاريخ، تصوف، سيرت، سوانح، مناظره، فلسفو، عروض،نعت، منطق تي وڏاوڏا مستند ڪتاب موجود هئا. ڪيس ڪن دوستن ملڪيت جي واڌاري لاءِ مشورو ڏنو تہ پاڻ لائبريري ڏانهن اشارو ڪري چيائين تہ پنهنجي اولاد لاءِ هي دولت ڳڏ ڪيون ٿو وجان جيڪا لازوال ۽ بي بها آهي.

جيئن سيدنا علي رضي الله عنہ جو مشهور شعر آهي:

فان المال يغنيٰ عن قريب، فان العلم باق لا يزال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي مصداق تہ مال ۽ دولت تہ جلدي فنا ٿيڻ واريون شيون آهن، پر علم جيڪو لازوال ۽ نہ ختم ٿيندڙ دولت آهي.

قرآن سان سندس دلچسپي ايتري قدر هئي جو هڪ دفعي حافظ تراويحون پڙهائيندي پلجي پيو ۽ پوئين آيتن کي دهرايائين پر اڳيون آيتون کيس نہ پئي ياد آيون بلبل صاحب کيس لقمو ڏنو ۽ حافظ صاحب روان دوان ٿي ويو.

نماز کان پوءِ حافظ صاحب بلبل کان پڇيو تہ سائين اها سورت اوهان کي ياد هئي ڇا؟

بلبل وراڻيو تہ نہ اوهان جي بار بار سورت جي حصي کي ڦيرايو تہ آءُ مضمون جي معنيٰ تي غور فڪر ڪرڻ سان ڳڻ عبارت تي بہ غور ڪندو رهيس ائين ڪندي بي ساختا زبان تي لفظ تري آيا ۽ مون چئي ڏنا، خدا ڪيو تہ اهي درست نڪتا ورنہ اها سورت مون کي بلڪل ياد نہ هئي. ان مان ثابت ٿيو تہ بلبل کي قرآن جي مطالعي جو وڏو شوق هيو.

بلبل جي دوستن مان هڪ آخوند ميان عطا محمد رئيس اعظم متيارن وارو هيو جيڪو ان وقت ميهڙ ۾ اسسٽنٽ انجنيئر هيو، سندس بنگلو بلبل جي بنگلي سان لڳ هيو، اتي هڪ دفعي جناب پير حسن جان سرهندي رحمة الله عليہ جن تشريف فرما ٿيا، پير صاحب جن جي اچڻ ڪري سندن مريد ۽ معتقد گڏ ٿيا. ادب کان ڪنڌ هيٺ ڪيو سيئي هلقي ۾ ٿي ويٺا. اندريون ڪمرو تہ پرجي ويو، ٻاهر توڙي هال ۾ بہ ماڻهو ويهجي ويا، پير صاحب جي رعب ۽ ادب خاطر سڀ ماڻهو خاموش هئا، بلبل کي بہ دعوت مليل هئي، جيئن بلبل ٻاهرين دروازي کان داخل ٿيو تہ ڏٺائين تہ هر ماڻهو خاموش آهي، سانت طاري آهي، سيڪو ماڻهو منهن مونن ۾ وجهيو چپ چاپ بي زبان ٿيو ويٺو آهي. اهو عالم ڏسي سندس طبيعت جوش کاڌو ۽ ائين چوندو اڳتي وڌندي خاموشي کي ٽوڙيندي چيائين:

"اڙي بابا! چپ چو آهيو، ڪنڌ گوڏن ۾ چو هنيا اٿو چپن کي چونو چو لڳايو اٿوَ؟

اڙي رحمت جو ابر اڄ ميهڙ جي پونءِ تي وسي رهيو آهي، فيض وٺو خوش ٿيو، ڳالهہ ٻولهہ ڪريو، ڪجهو پڇو، دل جو غبار ڪڍو، اڙي ڪاريهر نانگ اندر ڪونہ ويٺو آهي، جنهن جي ڊپ کان اچي سوڙها ٿيا آهيو."

ائين چوندي جيئن پير صاحب وٽ پهتو تہ پير صاحب اٿي کڙا ٿيا ساڻس بغلگير ٿيا، کيس پرسان ويهاريائون ۽ دلي مسرت جو اظهار فرمايائون. بلبل جي اچڻ شرط محفل جو رنگ بدلجي ويو، ماڻهو سرها ٿي گفتگو ۾ شروع ٿي ويا.

هي هڪ مثال آهي جنهن ۾ اسلامي برادري ۽ برابريءَ جي ترجيح ڏني ويئي آهي ۽ مرحوم بلبل جي بي تڪلف شخصيت هجڻ تي پڻ روشني پوي ٿي.

هڪ دفعي مرحوم بلبل پنهنجي ڪمري ۾ ويٺي لکيو. سندس سامهون سو ڪن

قدمن تي هڪ پينو فقير پنهنجي عادت موجب سين جو دم هنيو. ڏينهن گرم هيو. نوڪرياڻي بہ ٻاهر نڪرڻ لاءِ تيار نہ هئي. پر فقير دانهن متان دانهن ڪري اوڙي پاڙي جو سک ڦٽائي ڇڏيو. لازمي طرح بلبل جو بہ خيال ٿيو سو پري ڪان رڙ ڪري چيائين. فقير بابا هن مهل ماڻهو ڪونهي معاف ڪر. فقير تهہ پهہ جواب ڏنس تہ سائين ”جهٽ پل لاءِ تون ئي ڪٽي ماڻهو ٿيءُ“. بلبل ڪان بي اختيار کل نڪري ويئي. قلم ڇڏي انعام طور ڪيسي ۾ هٿ هڻي پنج رپيا ڪڍي ڏنائين ۽ چيائين تہ فقير بابا لک رپين جو سبق ڏنو اٿئي. هي نذرانو قبول پوي.

ان دور ۾ جڏهن مغربي تهذيب جي وڌندڙ اثر تي اڪبر الهہ آبادي ۽ علامہ اقبال تنقيد ڪئي تہ وري سنڌ ۾ بلبل اهو پارٽ ادا ڪيو ۽ ان ماحول تي ظريفانہ انداز ۾ تنقيد ڪئي. ان جو اندازو سندس هيٺين شعر مان لڳائي سگهجي ٿو.

گهر ڪان نڪتا نيتو نيچر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا ڌن  
سر ۾ توپي هٿ ۾ هنٽر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا ڌن  
چمچا ڪانٽا ڪٽ پٽ ڪڙ ڪڙ، چيمبر ۾ چيئرس جي ٽڙ ٽڙ  
شاش ڪرڻ ۾ بيتل شر شر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا ڌن

بقول حاجي محمود خادم جي غزل ۾ رنگين مرصع نثر جو موجد مرحوم بلبل آهي. خود مرحوم مخلص ۽ مرزا قليچ بيگ بہ سندس تقليد ڪئي آهي ۽ مرحوم مولائي شيدائي جي بقول تہ ”بلبل پهريون انشا پرداز ۽ صاحب طرز اديب هو جنهن مسلم صحافت جو سنڌ ۾ مقام بلند ڪيو. سنڌي صحافت جو حقيقت ۾ بنياد وجهندڙ شمس الدين بلبل هو.“

سنڌ جو سعدي ۽ منفرد صحافي

# مرحوم شمس الدين”بلبل“

تحرير: آزاد علي انور ڪانڌڙو ـ ميهڙ

سنڌ ڌرتيءَ تي ڪيترائي عظيم انسان پيدا ٿيا آهن. جن پنهنجي سڄي ڄمار ڌرتيءَ تي رهندڙ ماڻهن لاءِ وقف ڪري ڇڏي، انهن ۾ هڪ نالو ”شمس الدين“ بلبل مرحوم جو آهي.

مرحوم بلبل جا وڏا اصل ناڙيءَ جا هئا ۽ پوءِ لڏي اچي ميهڙ تعلقي جي پرسان ڳوٺ فريد آباد ۾ ويٺا، اتي سندن رهڻ واريون جايون ۽ ٻنيون اڄا تائين موجود آهن. اتي بلبل جي والد صاحب جي ڳوٺ وارن سان اڻ بڻت ٿي پئي، جنهن بعد هو اتان لڏي اچي ميهڙ ۾ ويٺا. بلبل جي والد بهادر خان کي پنج پٽ هئا، انهن ۾ سيني کان ننڍو شمس الدين ”بلبل“ هو. بلبل جو جنم ميهڙ شهر ۾ 1857ع ۾ ٿيو.

بلبل جو ڀيرياڻين نالو ”پريل“ رکيو ويو. پر سندس مامو نهال خان جڏهن سندس گهر آيو ته بلبل تي نظر پوندي ئي بلبل جي والد کي چيائين ته هي ڇوڪرو وڏي ڀاڳ وارو ٿيندو، ان ڪري هن جو نالو ”شمس الدين“ رک. نهال خان مولوي خاندان جو هڪ عالم فاضل شخص هو، ان ڪانپوءِ بلبل کي انهيءَ نالي سان سڏڻ لڳا. بلبل جي ابتدائي زندگي بابت صحيح ڄاڻ نه ملي آهي، پر اها خبر پئي ته بلبل جنهن وقت ڄائو هو ان وقت ميهڙ هڪ ڳوٺ جيان هو ۽ هتي اسڪول يا ڪاليج وغيره نه هو. ان وقت جي عام رواج مطابق بلبل کي هڪ مڪتب ۾ ويهاريو ويو، جتان هن سنڌي ۽ فارسي جي تعليم ورتي. بلبل ذات جو ”شينو“ آهي ۽ ڪيس ڪٿي ”ابڙو“ لکيو پڙهيو وڃي ٿو، پر اهو غلط آهي. سندن پويان اڄا ميهڙ ۾ موجود آهن. جيڪي پاڻ کي شينو سڏائيندا آهن.

بلبل سنڌي ۽ فارسي جي تعليم کان پوءِ جڏهن 1872ع ۾ اسڪول کان نڪتو ته هن جي ذهن ۾ شاعرانه قوت ظاهر ٿي. هن کي شاعريءَ جو شوق ننڍي هوندي کان ئي هو ويتر نوجوانيءَ ۾ عشق جي لپاٽ لڳڻ ڪانپوءِ گهڻي شاعري ڪرڻ لڳو.

بلبل ننڍي هوندي کان ئي وڏن وڏن شاعرن سان شعر ۾ مقابلا ڪندو هو. سندس ذهن، سوچ، سمجهه ڏسي اهي وڏا شاعر کيس چوندا هئا ته هڪ وڏو ۽ قابل سخن دان ٿيندين! واقعي ٿيو به ائين. جيڪڏهن اسان بلبل جي ڪنهن ڪلام يا شعر کي

ڏسنداسين تہ اھو معلوم ٿيندو تہ اھڙو سچ ان وقت جي قابلن بہ چيو آھي.

مرحوم بلبل سنڌي ۽ فارسي جي تعليم پنھنجي تعلقي جي مدرسن ۾ حاصل ڪئي پر پنھنجي ذاتي مطالعي سبب معلومات ۾ ڪافي اضافو ڪيائين. بلبل پنھنجي ذھني معلومات لاءِ پنھنجي زندگيءَ ۾ ڪتابن جو ذخيرو گڏ ڪيو ۽ ھڪ عمدو ڪتب خانو جوڙي ڇڏيو. جنھن ۾ ھر قسم جا ڪتاب مختلف فن ۽ ٻولين ۾ موجود ھئا. انھن ۾ سنڌي، فارسي، عربي ۽ اردو وغيره ٻولين ۾ ھئا. بلبل کي انھي ڪتب خاني تي ڏاڍو ناز ھو ۽ ھو اڪثر فخر وچان چوندو ھو تہ مان ھي پنھنجي پوين لاءِ ھڪ وڏو خزانو ڪتابن جي صورت ۾ ڇڏي ويندس، جيڪو ھنن کي ڏاڍو ڪم ايندو ۽ پوءِ ساري ڄمار پيا دعائون ڪندا.

ھونءَ ڪنھن بہ قابل شخص جي محنت ڪڏھن بہ رائيگان ٿي نٿي سگھي ۽ اھڙي قابل شخص جي محنت وري ڪڏھن بہ لڪل نٿي رھي. بلبل جي محنت جو بہ ساڳيو نمونو ھو. مرحوم بلبل پھريان جڏھن انجنيئري کاتيءَ ۾ داروغو مقرر ٿيو اتي بہ بلبل جي محنت کي ڏسي اتي جي ٻن آفيسرن کي حيرت وٺي ويندي ھئي ۽ سندس ايڏي وڏي محنت ۽ قابليت ڏسي انھن بلبل جي تمام گھڻي عزت ڪئي ۽ حوصلا افزائي خاطر ”شاھنامہ فردوسي“ جو ھڪ نسخو جيڪو سونھري حرفن ۾ لکيل ھو، اھو تحفي طور ڏنو. اھو شاھنامو ھاڻي دھليءَ جي عجائب خاني ۾ رکيل آھي، جو ان وقت جي ڪليڪٽر جناب حامد علي صاحب اتي ڏياري موڪليو.

بلبل جي مضمون ۾ ايتري تہ سِڪ، محبت، پيار، ٻڌي ۽ گڏ رھڻ جي تلقين ھئي جو پڙھڻ ڪان پوءِ مسلمانن جون دليون بلبل ڏانھن ڇڪجي اينديون ھيون. بلبل مرحوم جو اھو ساڳيو ئي قلم ھو جنھن مسلمانن کي بھبود ۽ ڀلائيءَ لاءِ سوچڻ تي مجبور ڪيو.

بلبل ميھڙ ۾ گھڻو وقت رھيو. آخر ھڪ ڏينھن سال 1889ع تي ڪراچي وڃڻ لاءِ تيار ٿيو ۽ جتي سندس ملاقات خان بھادر حسن علي آفندي سان ٿي، جو تہ ان وقت تمام گھڻو مشھور ھو. ان سان ملاقات ٿيس. انوقت ڪراچي مان سنڌ محمدن ايسوسيئيشن مسلمانن جي بھبود ۽ ڀلائيءَ لاءِ ھڪ اخبار ”معاون“ نالي جاري ڪئي ھئي ۽ پوءِ ان اخبار جي ادارت بلبل جي حوالي ڪئي وئي. ان بعد بلبل سنڌ مدرسة الاسلام، سنڌ محمدن ايسوسيئيشن ۽ حسن علي آفندي جي سياسي عملي تحريڪ جي تمام گھڻي خدمت ڪئي. بلبل ادارت سنڀالڻ ڪانپوءِ اھڙا تہ فلسفي سان ڀريل مضمون لکيا جو ان وقت ادبي دنيا وات ۾ آگريون وجھي پوئتي رھجي وئي.

مرحوم بلبل پھريون ئي شخص ھو جنھن ترڪيءَ جي جنگ يا جنگ بلقان ڪان پوءِ ھلايل تحريڪ ”ھلال احمر“ کي سنڌ ڌرتيءَ جي ميدان تي آندو ۽ زور وٺرايو. قومي

شاعري مرحوم بلبل صحيح طرح شروع ڪئي ۽ هيئيان طريقا استعمال ڪيا. مرحوم بلبل قصيده ڪي قاآني جي منزل تائين پهچايو ۽ قسمين قسمين ۽ وڏا ڪم ورتا. نيچرل شاعري ڪري ان جي ذريعي سان ماڻهن ڪي قدرت جو آشنا ۽ حقيقت پرست بنايائين وغيره.

مرحوم بلبل نہ رڳو هڪ اديب، شاعر يا اخبار نويس هو پر هو سياسي ميدان ۾ بہ هڪ سرگرم ڪارڪن هو.

مرحوم بلبل پهريون ئي شخص هو جنهن موجوده سليس نثر نويسي جو رنگ اختيار ڪيو.جيڪو اخباري دنيا لاءِ تمام گهڻو فائديمند ثابت ٿيو.

بلبل کان اڳ سنڌي نثر نويسي جو نمونو فارسي جي طرز تي هو ۽ ان ڪي صرف ۽ صرف فارسي وارا لکي سگهندا هئا. پر پوءِسنڌي نثر لکڻ هر ڪنهن لاءِ آسان ٿي پيو. هي بہ بلبل جي ڪيڏي نہ اڻوسرندڙ خدمت آهي. جيڪا ڪڏهن بہ وساري نہ ٿي سگهجي.

بلبل جو هي بہ هڪ اڻ وسرندڙ ڪارنامو آهي جو هڪ ڪتاب ”مسلمان ۽ تعليم“ لکي ڇاپرائي مفت ورهايائين. جديد تعليم عام ڪرڻ لاءِ هن ميهڙ ۾ هڪ مدرسو قائم ڪيو جو اڄڪلهہ ”هاءِ اسڪول“بنيو.

آخر هي سنڌ جو نيڪ انسان 62 ورهين جي عمر ۾ ڦلهاڙي يعني ”ڪارپنڪل“ مرض ۾ مبتلا ٿي ويو ۽ علم ادب جو سج 13 سيپٽمبر 1919ع تي هميشہ لاءِ آسمان تان غروب ٿي ويو. سندس قبر ميهڙ ۾ سندس گهر جي پرسان واري مسجد جي صحن ۾ آهي.

*روزنامہ مهراڻ، آچر، 16 سيپٽمبر*

# برصغير جو معروف شاعر، اديب، صحافي
# شمس الدين "بلبل"

انور آزاد ڪانڌڙو

سنڌ جي تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته ميهڙ هڪ قديم تاريخي خطو رهيو آهي. ميهڙ علمي، ادبي، صحافتي ۽ سياسي حوالي سان به سنڌ جي تاريخ ۾ نمايان حيثيت رکي ٿو. ميهڙ هر دؤر ۾ ادب، صحافت، ثقافت، ٻولي جي ترقي ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو آهي، ميندي جي خوشبو ۽ مائي جي ميناج واري شهر ميهڙ جي مردم خيز مٽي مان جنم وٺندڙ عظيم شخصيتن، اديبن، شاعرن، عالمن، صحافين ذات ڏٽين،پنهنجي علم، قلم، ذات ۽ فن ذريعي ڏيهه پرڏيهه ۾ مڃتا ماڻڻ سان گڏ پنهنجي جنم ڀومي جو نالو به روشن ڪيو آهي، شمس الدين بلبل جديد سنڌي ادب، صحافت ۽ شاعري جو باني چئجي ته وڌاءُ نه ٿيندو، سنڌ جي ناماري اديب تاريخدان پير علي محمد راشدي پنهنجي ڪتاب "اهي ڏينهن اهي شينهن" ۾ لکيو آهي، ته صحافت جي ٻيلي ۾ اتر سنڌ ۾ شمس الدين بلبل شير هو، بلبل سنڌي صحافت جو پايو وجهندڙ هو، سنڌي ٻولي جو محسن هو، سنڌي تهذيب جو راکو هو، سنڌ جي نامياري عالم اديب، محقق، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هڪ هنڌ لکيو آهي ته بلبل جديد صحافت جو سرواڻ هو، سنڌي نثر ۽ نظم جو اڳواڻ هو، شمس الدين بلبل پنهنجي دور جو وڏو اديب، تعليمي اڳواڻ، سياسي مفڪر، محب وطن ۽ بيباڪ صحافي هو، فارسي ۽ سنڌي جو قادر الڪلام شاعر هو، شمس الدين بلبل جو جنم ميهڙ ۾ 1857ع ۾ بهادر خان شينو (بلبل جا پوٽا ۽ پڙ پوٽا هاڻي ابڙا سڏائن ٿا) جي گهر ۾ ٿيو، بلبل ابتدائي تعليم ڳوٺ گاهي مهيسر، باگو تيوڙو ۽ پاٽ جي مدرسن ۾ حاصل ڪئي. شمس الدين بلبل هڪ گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ هو. بلبل پنهنجي دور جو وڏو شاعر اديب، صحافي، تعليمي ۽ قومي خدمتگار هو، سندس 62 سالا زندگي ڪيترن ئي وڏن قومي، ادبي، صحافتي ڪارنامن سان ڀريل آهي، جنهن تي سنڌ ۽ سنڌين کي هميشه فخر رهندو. بلبل پنهنجي دور جو نه رڳو مشهور ۽ مقبول صحافي هو، پر هو جديد صحافت جو باني پڻ هو، هن ڪراچي، حيدر آباد، سکر، لاڙڪاڻو، لاهور، دهلي ۽ حيدرآباد دکن، ۽ ان دؤر جي مشهور سنڌي، اردو، هندي ۽

انگريزي اخبارن معاون ڪراچي، الحق سکر، ڪراچي گزيٽ، مسافر حيدرآباد، خيرخواھ لاڙڪاڻو، آفتاب سنڌ سکر ۾ ٻين جو ايڊيٽر ۽ مدير رهيو. بلبل 1878ع ۾ پنهنجي محبوبہ گل خاتون سان پنهنجي پسند جي ٻي شادي مائٽن جي مرضي خلاف ڪئي، مائٽن جي ناراضگي سبب هو 1879ع ۾ پنهنجي گهر واري گل خاتون سان گڏ لاهور هليو ويو ۽ 9 سالن تائين لاهور، دهلي ۽ حيدرآباد دکن ۾ رهيو ۽ اتي بہ مختلف اخبارن زميندار، پئسہ، اوڌ پنچ، پنجهٔ فولاد، انتخاب لاجواب، خورشيد دکن ۽ دکن پنچ وغيره ۾ ڪم ڪيو ۽ پوءِ ايڊيٽر بہ ٿيو. ڪراچي ۾ رهڻ دوران 1989ع ۾ سنڌ جي قومي خدمتگار خانبهادر حسن علي آفندي کيس پنهنجي اخبار معاون جو ايڊيٽر مقرر ڪيو. سنڌ جي برک اديب، عالم، محقق، ڊاڪٽر غلام علي الانا هڪ هنڌ لکيو آهي تہ معاون اخبار جي ايڊيٽر هجڻ واري زماني ۾ سندس لکيل ظريفانہ ۽ فلسفانيہ مضمون سڄي سنڌ ۾ ڏاڍا پسند ڪيا ويا. در اصل بلبل جي عبارت ئي سنڌي نثر ۾ وڏو انقلاب آندو.

شمس الدين بلبل پنهنجي دور جو مشهور شاعر هو. هن شاعري ۾ نوان لاڙا آندا. سندس سنڌي، اردو، فارسي شاعري جا 6 مجموعا اڃا تائين اڻ ڇپيل آهن. صرف سنڌي شاعري جا بہ مجموعا ڪلام بلبل ۽ ديوان بلبل سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيا آهن. سنڌ جي مايہ ناز عالم، اديب شاعر شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ هڪ فارسي شعر ۾ شمس الدين بلبل جي وفات تي کيس پيٽا ڏيندي لکيو آهي تہ ”ملڪ سنڌ جو شاعر شمس الدين بلبل، سخن جي آسمان تي سج هو. هڪ جهان ان جي ڪري ٽڙيو. ان جا سهڻا نغمان جهان ٻڌا“. شمس الدين بلبل پنهنجي حياتي ۾ هندن جي هڪ هٿي ڏسي مسلمانن جي ڀلائي ۽ بهتري لاءِ جاکوڙ ڪئي. بلبل پنهنجي حياتي دوران هندن پاران قرضن عيوض مسلمانن جون زمينون ڪورٽن جي ڊڪرين ذريعي ضبط ڪرڻ - قبائڻ خلاف خانبهادر حسن علي آفندي سان گڏجي ”دکن ايگريڪلچرل رليف ايڪٽ“ پاس ڪرايو. جنهن جو فائدو نہ صرف ان دور جي مسلمانن کي پيو. سندن ملڪيتون محفوظ رهيون. پر اڄ تائين ان قانون جو فائدو ماڻهن کي ملندو رهي ٿو. بلبل ان قانون پاس ڪرائڻ لاءِ پوني ۾ وينل ڪميشن لاءِ سڄي سنڌ جي زميندارن، آبادگارن تي قرض جا سڄي سنڌ جي ڪورٽن مان پاڻ نہ رڳو تفصيل گڏ ڪيا پر تعلقہ وائيز لسٽون تيار ڪري خان بهادر حسن علي آفندي سان گڏ پوني ۾ وينل ڪميشن ۾ شاهدي لاءِ بہ شريڪ ٿيو. بلبل جو ٻيو وڏو قومي اهميت جو ڪم ”وقف علي الا ولاد قانون“ پاس ڪرائڻ آهي. هن ان وقت بيريسٽر قائد اعظم محمد علي جناح کي قائل ڪري اهو قانون پاس ڪرايو. جنهن جو فائدو اڄ ڏينهن تائين ماڻهن کي ملندو رهي ٿو ۽ ماڻهو پنهنجي اولاد، مائٽن کي ان قانون تحت ملڪيتون وقف ڪري ڏين ٿا. بلبل ان قانون جي اهميت ۽ ڄاڻ لاءِ هڪ ڪتاب ”حرز

البياد شرح قانون وقف علي الاولاد“ لکيو. جيڪو 1914ع ۾ شايع ٿيو.

اسان جي اها بدقسمتي آهي ته هت ٺوڪي تاريخ ۾ ملڪ جي باني قائداعظم محمد علي جناح جي جنم ڀومي جهرڪ بجاءِ ڪراچي لکي وڃي ٿي. ائين ئي جيڪو ٻٽو قومي نظريو علامه اقبال سان منسوب ڪيو وڃي ٿو. دراصل هندستان ۾ ٻٽي قومي نظريي جو تصور سڀ کان پهريائين واضح نموني سان بيان ڪرڻ وارو به شمس الدين بلبل هو. بلبل مسلمانن جي جدا حقن بجاءِ الڳ رياست جي گهر ڪئي ۽ ان نظريي جي پرچار لاءِ هن هڪ ڪتاب ”جامِ جم“ لکيو جيڪو 1918ع ۾ ڇپيو. مسلمانن جي الڳ رياست جي گهر ۽ هندن جي مخالفت سبب مٽس ڪيس به داخل ٿيا. ان ڪيس ۾ بلبل جو وڪيل سر غلام حسين هدايت الله هو ۽ هندن جو وڪيل هرچند راءِ پارواڻي هيو. ان ڪيس ۾ ڪاميابي ۽ فتح بلبل جي ٿي. ان دور ۾ سڄي ملڪ ۾ مسلمانن مٿايون ورهايون هيون. جڏهن ته علامه اقبال گهڻو پوءِ اها ڳالهه 1930ع ۾ الهه آباد جي جلسي ۾ ڪئي ۽ ساڳي ڳالهه قائد اعظم محمد علي جناح 1940ع ۾ ورجائي. شمس الدين بلبل جي ادبي، صحافتي، قومي، سماجي خدمتن بابت سنڌ جي نامياري عالم، اديب، شاعر حڪيم فتح محمد سيوهاڻي پنهنجي سوانح حيات ۾ هڪ هنڌ لکيو آهي ته ”سنڌ جو مشهور شاعر ۽ اهل قلم رئيس شمس الدين بلبل جنهن جي شعر جو شهرو سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهتل هو. سندس قلم جو زور ضرب المثل هو. سندس قلم جون گلڪاريون آفتاب جي صفحن تي ڏسڻ جهڙيون هونديون هيون. ظرافت نگاري جو ته استاد هو. مرحوم کي مسلمانن جي پستہ حالي جو سخت احساس هو. هو ملڪي سياست ۾ به چڱو ڀهرو وٺندو هو. شمس الدين بلبل اٽڪل 40 ڪتابن جو مصنف به هو. اٽڪل درجن اخبارن جو مدير ۽ ايڊيٽر ۽ رسالن جو ايڊيٽر به هو. صاحبِ ديوان شاعر به هو. تعليمي ماهر به هو ته تعليمي خدمتگار به ۽ قومي ۽ سماجي خدمتگار به هو. سنڌ جي هن قابل فخر عظيم انسان، عالم، اديب، شاعر، صحافي شمس الدين بلبل جي ڇپيل ڪتابن ۾ ڪلام بلبل، ديوان بلبل، جامِ جم، مزاحيات، مسلمان ۽ تعليم، قلندري ميلو، تيرهن چار مڪرن جا مار، بهار عشق، آئينہ تجارت، مائيہ ظرافت، جهٽ سوال پٽ جواب، حل تجربات يعني شمس اللغات، ظريف الدولہ، گلزار لطائف، بخت بازي، ڪارو نيشن ڪپ، عقل ۽ تهذيب، قرض جا مرض ۽ ان جا علاج، صد پند سودمند، مسلمانان سنڌ جي تعليم ۽ سرڪار، انگريز ۽ مسلمان، مسلمان ۽ تعليم، حرز البنياد شرح قانون ۽ وقف علي الاولاد، گنجينئہ معرفت، ڪريما نيچرل، پليگي ڪريما ۽ نيچري مامقيما، رحيما سنڌي، بهارستان بلبل ۽ ٻيا ڪتاب ڇپيل آهن. سندس 20 کان وڌيڪ ڪتاب جهڙوڪ فارسي شاعريءَ جو ديوان، مدح سرور، گنج معرفت، شمس المڪتوب، احسن التواريخ يا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عمدت التواريخ ۽ ٻيا اڻ ڇپيل ڪتاب موجود آهن.

بلبل پنهنجي دور جي نهايت اهم علمي، ادبي، سياسي شخصيت هو. سندس مان ۽ مرتبي جو اندازو خيرپور رياست جي وزير اعظم شيخ محمد ابراهيم، خانبهادر حسن علي آفندي، سنڌ جي ان دور جي ڪمشنر سر هينري لارينس، ان دور جي گورنر بمبئي، بئريسٽر سردار محمد ايوب، مشهور تعليمي خدمتگار سيد الهندو شاهه، وزير خيرپور رياست سردار شيخ صادق علي، ڪليڪٽر لارڪاڻو اي جي بولس ۽ ٻين جي 1910ع کان 1919ع تائين لکيل خطن مان به اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

شمس الدين بلبل جو تعليم جي حوالي سان هڪ وڏو ڪارنامو ميهڙ ۾ سنڌ مدرسة الاسلام جي نالي سان اسڪول قائم ڪرڻ آهي. بلبل 1904ع ۾ ميهڙ ۾ انجمن اتفاق اسلام نالي تنظيم قائم ڪري بعد ۾ 1906ع ۾ اسڪول جو بنياد رکيو، جيڪو بعد ۾ هاءِ اسڪول بڻيو. ان اسڪول لاءِ بلبل مرحوم 7 جريب زمين توڙي پهرئين بلڊنگ ۽ اسڪول جي موجوده بلڊنگ جي پيڙهه تائين اڏاوت بلبل مرحوم ڪرائي. هاءِ اسڪول جي موجوده بلڊنگ لاءِ چندو به رئيس شمس الدين بلبل گڏ ڪيو هو. ان اسڪول جيڪو هاڻي هاءِ اسڪول ون سڏجي ٿو ان ۾ 1906ع کان هن وقت تائين لکين ماڻهن سياسي، سماجي اڳواڻن، ايم.پي.ايز، ايم اين ايز، وزيرن عبدالوحيد ڪٽپر، ايم.ايڇ پنهور، عبدالحميد خان جتوئي، سيد حاجي علي اڪبر شاهه، لياقت علي جتوئي، اڳوڻو ڪمشنر خالد محمود سومرو، قاضي شفيق مهيسر، رفيق احمد مهيسر، ظفر علي لغاري، منور علي ٻٽ، قاضي اختر علي، م.ن. محزون ۽ ٻين وفاقي، صوبائي وزيرن ۽ ٻين بلبل جي قائم ڪيل اداري ۾ تعليم ورتي.

بلبل جي شخصيت، ادبي ۽ صحافتي خدمتن بابت مختلف وقتن تي سنڌ جي ناميارن، عالمن، اديبن، شاعرن، ڪيترائي مضمون مقالا لکيا آهن، جيڪي مختلف وقتن تي رسالن، اخبارن ۽ ڪتابن ۾ شايع ٿيا آهن، جن جو ڪجهه تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

- رئيس شمس الدين بلبل-پير علي محمد راشدي- اهي ڏينهن اهي شينهن 1980ع
- تحريڪ آزادي جا سنڌ ۾ آثار ۽ بلبل - پير الاهي بخش نئين زندگي سيپٽمبر 1965ع
- ٽي ٽيڙو ۽ ٻارنهن ڪتيون - قاضي جان محمد عارفي- نئين زندگي ڊسمبر 1957ع
- رئيس شمس الدين بلبل- مولانا غلام محمد گرامي- نئين زندگي آڪٽوبر 1965ع
- بلبل جي شاعري - مولانا غلام محمد گرامي- ڪلام بلبل 1966ع
- سنڌي ادب ۾ مزاح نگاري - مولانا غلام محمد گرامي- مهراڻ 3-1963ع
- رئيس شمس الدين بلبل - سيد علي اڪبر شاهه- ته ماهي سنڌ
- رئيس شمس الدين بلبل - شيخ عبدالمجيد سنڌي- ”الوحيد“-15 جون 1936ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- سنڌ ۾ مزاحيه شاعري ۽ بلبل جو دور - حاجي خان بلوچ- ماهوار ”هلال پاڪستان“ 9 ڊسمبر 1957ع
- شمس الدين بلبل - مولانا دين محمد وفائي- ”تذڪره مشاهير سنڌ“
- شمس الدين بلبل - پير حسام الدين راشدي- ڪتاب ”هوڏو تي هوڏينهن“
- حياتِ حڪيم - حڪيم فتح محمد سيوهاڻي- نئين زندگي، نومبر 1961ع
- شمس الدين بلبل - مخدوم طالب الموليٰ- ڪتاب ”ياد رفتگان“
- شمس الدين بلبل - احمد خان آصف - ڪتاب ”سڄڻ ۽ ساٿيهه“
- بلبل مرحوم جو اصلاحي ڪردار- ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ- نئين زندگي آڪٽوبر 1965ع
- اخبار ”آفتاب سنڌ“ - مولائي شيدائي- نئين زندگي آڪٽوبر 1965ع
- بلبل هڪ مفڪر جي حيثيت ۾ - حاجي محمود خادم - نئين زندگي آڪٽوبر 1965ع
- مرحوم حسن علي آفندي جو ساٿي - مولانا عبدالواحد سنڌي- نئين زندگي سيپٽمبر 1960ع
- سنڌي ادب ۾ مزاح نگاري - شمشير الحيدري- نئين زندگي، آڪٽوبر 1964ع
- شمس الدين بلبل - شاهه محمد صوفي- نئين زندگي، آڪٽوبر 1965ع
- شمس الدين بلبل - ڊاڪٽر غلام علي الانا- سنڌي نثر جي تاريخ، 1977ع
- بلبل سنڌ - محمد بخش واصف- نئين زندگي، ڊسمبر 1995ع
- بلبل سنڌ - ڊاڪٽر ابراهيم خليل- ”بلبل سنڌ“ ڪتاب 1951ع
- ڪلامِ بلبل - ضياءُ الدين ايس. بلبل- ڪتاب ڪلامِ بلبل 1966ع جو مقدمه
- ديوانِ بلبل - ضياءُ الدين ايس. بلبل- ڪتاب ديوانِ بلبل 1969ع جو مقدمه
- تحريڪ پاڪستان ۾ سنڌ جي پاڳي پائيواري ۽ بلبل - احمد خان آصف- سه مائي مهراڻ 2،1، 1985ع
- شمس الدين بلبل - خان بهادر محمد صديق ميمڻ- ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ 2003ع
- شمس الدين بلبل - ميمڻ عبدالمجيد سنڌي- ڪتاب سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، 2002ع
- شمس الدين بلبل - ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو- ڪتاب ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“ 2006ع
- شمس الدين بلبل - ڊاڪٽر عابد لغاري- ڪتاب ”سنڌ جي ادبي تاريخ“، 2003ع
- چراغ مان چراغ ٻريو - پروانو ڀٽي- ماهوار هلال پاڪستان، 1959ع
- رئيس شمس الدين بلبل - ڊاڪٽر عزيز الرحمان ٻگهيو- ڪتاب ”سنڌي صحافت جي ارتقا ۽ تاريخ“، 1988ع
- مرحوم بلبل شاعرن جي نظر ۾ - الهداد ميراڻي- مهراڻ، 12 سيپٽمبر 1965ع

- سنڌ جا تي عالم ۽ اديب - مشتاق پناڻ نئين زندگي، 15 صدي هجري نمبر
- شمس الدين بلبل - پروفيسر اسحاق ابڙو، سه ماهي مهراڻ، 1،2، 1985ع
- شمس الدين بلبل - سنڌي ٽيون ڪتاب، 1966ع
- بلبل جو مشاهدو ۽ مطالعو - شعبان بخت- ڪتاب "سچڻ ۽ ساڻيهه"
- شمس الدين بلبل ۽ همعصر - حافظ احسن چنا- نئين زندگي، آڪٽوبر 1965ع
- شمس الدين بلبل جا ادبي اوليات - حافظ بسمل تڪڙائي- نئين زندگي، آڪٽوبر 1965ع
- شمس الدين بلبل - مشهور مزاح گو شاعر- احمد خان سيال- نئين زندگي، مئي 1953ع
- شمس الدين بلبل سنڌ جو حالي- احمد خان سيال- نئين زندگي آگسٽ 1953ع
- شمس الدين بلبل - م. ن محزون- نئين زندگي، سيپٽمبر 1969ع
- رئيس شمس الدين بلبل - آزاد انور ڪانڌڙو- نئين زندگي، آڪٽوبر 1990ع
- مرزا قليچ بيگ ۽ شمس الدين بلبل - آزاد انور ڪانڌڙو
- مرحوم شمس الدين بلبل - شيخ عبدالرزاق راز- نئين زندگي، ڊسمبر 1977ع
- شمس الدين - ڏٽي بخش مگسي- ڪتاب "دادو منهنجون يادون"، 2005ع
- شمس الدين بلبل - محمد امين مگسي- ڪتاب "جوڳيئڙا جهان ۾"، 1997ع
- ملڪ الشعراءِ شمس الدين بلبل - شمس ابن ضيا ابن بلبل
- شمس الدين بلبل- بلبل سنڌ - شمس ابن ضيا ابن بلبل، ڪتاب "سچڻ ۽ ساڻيهه"
- اج پڻ اڪثرين سچڻ پنهنجا ساريا - شمس ابن ضيا ابن بلبل نئين زندگي، آڪٽوبر 1981ع
- ديوان بلبل ۽ ان جي ضروري چند چاڻ - شمس ابن ضيا ابن بلبل نئين زندگي، نومبر 1981ع
- ديوان بلبل ۽ ان جي ضروري چند چاڻ - شمس ابن ضيا ابن بلبل نئين زندگي، ڊسمبر 1981ع
- ديوان بلبل ۽ ان جي ضروري چند چاڻ - شمس ابن ضيا ابن بلبل نئين زندگي، مارچ 1982ع
- ديوان بلبل ۽ ان جي ضروري چند چاڻ - شمس ابن ضيا ابن بلبل نئين زندگي اپريل، 1982ع
- بلبل جي شاعري ۾ جمالياتي پهلو - آدم ٻٽ- نئين زندگي، نومبر 1995ع

## شاعري:

- قصيدو سرآغا خان - نئين زندگي، فيبروري 1954ع
- باده ڪهن - نئين زندگي، مارچ، اپريل، مئي 1954ع
- دو آتشه - نئين زندگي جون 1955ع
- عدالت ۽ وطني مصنوعات جي تحريڪ - نئين زندگي، آڪٽوبر 1965ع

- چار چيز - نئين زندگي، مئي 1954ع
- اي جاني - مهراڻ

شمس الدين بلبل 13 سيپٽمبر 1919ع ۾ وفات ڪئي. سندس مزار ميهڙ ۾ بلبل هائوس پرسان، بلبل پاران ٺهرايل مسجد (جيڪا اڄ بہ شينن جي مسجد سڏجي ٿي) جي آڳر ۾ آهي.

افسوس تہ هن عظيم شخصيت بابت نصاب جي ٽئين درجي ۾ شامل سبق نصاب مان هاٽي غائب ڪيو ويو آهي. ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ شمس الدين بلبل بابت نصاب ۾ سبق ٻيهر شامل ڪري ميهڙ هاءِ اسڪول ون کي شمس الدين بلبل جي نالي منسوب ڪري سندس ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ ۽ ثقافت کاتي پاران شايع ڪرايا وڃن.

# رئيس شمس الدين ”بلبل“

## ظفرڪاظمي

1857ع... هن سن جو تصور ڪندي ... ”انقلاب“ جي تصوير سامهون اچي وڃي ٿي... انگريزن سان مغلن جو مقابلو... يا ”هند ۽ سنڌ“ جو پنهنجي بنيادي حقن لاءِ جهاد چئجي... انهيءَ انقلاب دوران ساڳي ئي سال هڪ انسان هن ڌرتيءَ تي جنم ورتو ۽ انقلابيءَ جي صورت ۾ اديب جي حيثيت سان ۽ شاعر جي روپ ۾ سنڌي صحافت جو پيش رو، طنز و مزاح جي شاعريءَ جو باني ۽ٻجي مشهور سياسي ۽ سماجي سڌارڪ ٿي نروار ٿيو. سو هو شمس الدين ”بلبل“.

انقلاب جي انهيءَ وهڪري ۾ ڪيترين شخصيتون نروار ٿيون. ڪيترين سياسي و سماجي تحريڪون اڀريون. انجمنون ٺهيون. سڄي هند ۽ سنڌ جتي به انسان هئا، جتي به ايمان هو، اتان مختلف روين ۾، مختلف رستن کان مجاهدن پنهنجي تحريڪن کي تيز تر ڪرڻ شروع ڪيو.

هندوستان ۾ 1857ع ۾ سيد احمد بريلوي شهيد انگريزن جي خلاف تحريڪ شروع ڪري ڇڏي هئي ۽ مسلمانن ۾ جن جهاد پيدا ڪيو. انهيءَ تحريڪ سر سيد احمد خان کي جاڳائي هندوستان ۾ مسلمانن لاءِ علي ڳڙهه ۾ يونيورسٽي ٺاهي هند ۽ سنڌ جي مسلمانن کي هڪ نئين دور جي تعليم کان روشناس ڪرايو. جيئن هو اڳيان وڌي چالاڪ ۽ رهزن دشمنن کي منهن ڏئي سگهن.

سر سيد سان گڏ سندس دوست، شاعر، اديب ۽ صحافي مولانا الطاف حسين ”حالي“ به هو، جنهن اڳيان هلي ”مسدس حالي“ لکيو.

سر سيد، الطاف حسين ”حالي“ ۽ معزز مسلمانن هند ۽ سنڌ جي ”نيشنل محمدن ايسوسيئيشن“ قائم ڪئي. 1884ع ۾ سنڌ مان حسن علي آفنديءَ انهيءَ ايسوسيئيشن جو سرگرم رڪن هو. ان سر سيد جي نقش قدم تي هلندي 1885ع ۾ سنڌ جي ڪراچيءَ شهر ۾ سنڌ مدرسة الاسلام قائم ڪيو.

جهڙيءَ طرح ”حالي“ سيد جو ساٿي هو اهڙيءَ طرح حسن علي آفندي جو ساٿي مولانا الهه بخش ”ابوجهو“ هو. جهڙيءَ طرح الطاف حسين ”حالي“، ”مسدس حالي“ لکيو اهڙيءَ طرح ”ابوجهي“، ”مسدس ابوجهو“ لکيو ۽ سنڌين جي پنهنجي علمي ذوق ۽ لياقت

سان وقت آهر خدمت ڪئي.

1885ع ۾ ”ڪانگريس“ جو بہ وجود پيو. ڪانگريس ۾ هندو ۽ مسلمان سڀ گڏ هئا... 1898ع ۾ سر سيد احمد خان فوت ٿي ويو. جو مسلمانن جو ڪانگريس ۾ سرگرم ڪارڪن هو. هندن مسلمانن سان ڪانگريس ۾ گڏ هوندي بہ مسلمانن جي مفادن کي مسلسل نظرانداز پئي ڪيو ۽ پنهنجي مطلب پرستيءَ کي اڳيان پئي رکيو. انهيءَ ماحول کان متاثر ٿي شمس الدين ”بلبل“ سنڌ جي مسلمانن کي پنهنجي قلم سان سجاڳ ڪرڻ شروع ڪيو.

1889ع ۾ حسن علي آفنديءَ جي دعوت تي شمس الدين ”بلبل“ ڪراچيءَ مان پهرين سنڌي مخزن ”المعاون“ جاري ڪئي.... جنهن ۾ سنڌ جي برک اديبن ۽ شاعرن جون لکڻيون شامل هونديون هيون. ”بلبل“ جي خداداد شخصيت هندن جي مسلمانن سان غلط روش ۽ انگريزن جي ڊپلوميسي، جنهن کي منافقت چئجي تہ غلط نہ ٿيندو، تن کان عاجز ٿي پنهنجي صلاحيتن کي بيدار ڪري چڪي هئي. هن هندن ۽ انگريزن خلاف لکڻ شروع ڪيو. بلبل سکر مان وري ”آفتاب“ نالي اخبار شروع ڪئي ۽ حق جو نعرو بلند ڪري ڏنو ۽ مسلمانن جي لاءِ جدا ملڪ جو خيال رکي جدوجهد شروع ڪئي ۽ پنهنجي معاصرين، ۽ پنهنجي قوم جي علمي، ادبي، تعليمي، سياسي، سماجي ۽ صحافتي ڪمن ۾ پنهنجي شعور سان پوري پوري مدد ڪئي ۽ سنڌجي مسلمانن کي پنهنجي اصليت ڏانهن واپس آڻڻ ۽ پنهنجي ورثي کي پاڻ سنڀالڻ ۽ غلاميءَ جي ڄٽ مان آزاد ٿيڻ لاءِ منجهن ذهني انقلاب آندو.

شمس الدين ”بلبل“ جو نظريو، جو اسانجي سامهون آهي، سو انهيءَوقت جي تعليمي ۽ تهذيبي ماحول جو عڪس، تصوير ۽ رد- عمل آهي. انهيءَ وقت اردو جا مشهور اديب، شاعر، مولانا شبلي ۽ اڪبر الهہ آبادي، جي سر سيد جي سرگرم ساٿين مان هئا، تن بہ جدت پسند سرگرمين جي مخالفت ڪئي، مولانا حالي موافقت ڪئي.

سنڌ ۾ حسن علي آفندي ۽ مولانا الله بخش ”ابوجهو“ مخالفت ڪئي پر صرف شمس الدين ”بلبل“ شبليءَ ۽ اڪبر الهہ آباديءَ جي موقف جي تائيد ڪئي ۽ آل انڊيا ايجوڪيشنل ڪانفرنس ۾ پنهنجي زوردار ۽ پرجوش تقرير ذريعي پنهنجي موقف کي مڃرايو. جنهن کي سيني ساراهيو. سندس اهي تقريرون ۽ تجويزون سندس ڪتاب ”مسلمان ۽ تعليم“ ۾ موجود آهن. ڪانفرنس جي ريڪارڊ ٿيل ڪارروائين ۾ پڻ چاڻايل آهن. انگريزن جي مشينرين جي تبليغن کان ”بلبل“ غافل نہ هو. طنز و مزاح سان نقالن، چمچن ۽ ٽوڊين تي تنقيد ڪندو رهيو ۽ مشنريز پادرين کي بہ منهن ڏيندو رهيو. ڪيئي پيرا مسيحي پادرين سان روبرو مناظرا بہ ڪندو رهيو. انهيءَ جدوجهد بابت ”آفتاب“ ۾

ڪيئي مضمون پڻ لکيائين.

”ڪلهه مارڪيٽ جي چوسول تي سفيد جبي پاتل شيطان ابن شيطان کي وعظ ڪندي ڏٺم، جنهن جي چيلهه سان صليب ٻڌل هو. افسوس، مون وٽ دمشق جي خمدار ترار ڪانه هئي، جو هن جي سسي هڪ ڌڪ سان ڪبر جي سسيءَ وانگر ڌڙ کان ڌار ڪري ”ايوبي سنت“ کي تازو ڪريان ها!“

مولائي شيدائي لکي ٿو:

”عيسائي پادرين لاءِ ”آفتاب“ ويل ٻاري ڏنو. اجا ٻه هفتا اخبار کي شايع ٿيندي مس گذريا ته مسلمان وعظ ڪندڙ پادرين کي ڪليو ڪلايو گاريون ڏيڻ لڳا. ڪن مسلمانن کي فوجدار هرداس مل فوجدا گهرائي دٻائڻ لڳو. ”بلبل سنڌ“ کي خبر پئي ته آفتاب جي ڪالم ۾ فوجدار جي اهڙي لاڪ لاٿائين جو ٻاهر نڪرندو هو ته وردي وارو سپاهي ساڻ ڪٽندو هو.“ (روزانه ”مهراڻ“ 62ع).

ان متعلق مرحوم بلبل مزاحيه ڪالم ۾ هن طرح لکيو:

”مسلمانو! ٻارن کي اسڪولن ۾ پڙهايو. توهان کي خبر هجي ته تعليم پرائڻ سان اوهان جا ٻار گورنر ۽ ڪمشنر بنجي ويندا. هڪڙو واڻيو گهورڙئو، گڏه تي ڪوهرن جو ڪنو رکي ڪوهر وڪڻندو هو. پٽ کي اسڪول ۾ داخل ڪيائين، جو پڙهي فوجدار ٿيو. پر سندس واڻڪي عادت جيڪا ڪيس پتا ٽوپڻداس کان ورثي ۾ ملي هئي سا پٽيءَ مجتي نه سگهي، سياڻن سچ چيو آهي:

”گڏهه گهوڙو نه ٿئي، جي سونا وجهينس سنج،

توڙي پاٽيون وجهنيس پنج، ته به ڏوڙيو وجي گند تي“.

(روزانه ”مهراڻ“ ساليانه نمبر 62ع).

بلبل جا الفاظ تيرن وانگي انگريزن جي تبليغ ڪندڙ مسيحي پادرين کي چڀڻ لڳا، اها تلخ ڪلامي اگرچه ناگوار آهي، پر اسلام دشمن جهڙي طرح اسلام ۽ بانيءِ اسلام تي حملا ڪرڻ شروع ڪيا هئا، تڏهن بلبل جي اها روش جوابي طور مناسب ۽ صحيح هئي، جنهن ڪري سڪرمان انگريزي پادرين جا پرچار ڪندڙ پادري ائين گم ٿي ويا جيئن گڏهه متان سڱ.

”بلبل“ جو ڪلام خدائي ذات تي مبني آهي. سندس شاعري ٽن قسمن جي هئي: عشقيه، طنزيه ۽ اصلاحي. پر جائزو وٺبو ته ڏسبو ته عشقيه گهٽ ۽ طنز ۽ اصلاح گهڻائيءَ تي نظر ايندي.

انسان سان ”عشق“ جو جز ضروري آهي، عشق جو جذبو زندگي بگاڙي به ۽ بنائي به. ”طنز“ ڏنبي آهي جا گمراهه کي سجاڳ ڪري ٿي. ”اصلاح“ روشني آهي جا انسان کي

منزلِ مقصود تي پهچائي ٿي ۽ زندگيءَ جو اولين مقصد حاصل ڪرائي ٿي.

”بلبل“ انگريزن جي وڌندڙ اقتدار ۽ اثر کي پرکي ورتو هو. انهيءَ ڪري ڪيترا انگريز پسند آفيسر، تعليمي ڪارڪن ۽ خود انگريز عملدار سندس نقطئہ نگاهہ کان شرمسار ٿيندا هئا...

آخر ڪيئن هو هن قسم جي طنز پسند ڪندا:

آهي نئين تعليم گڙٻڙ در جهان انداختہ
حرڪتون شيطاني آڻي در جهان انداختہ
عمر ساري علم انگريزيءَ ۾ پوري ڪري
اڄ هنر ۽ ڪسب کي گهر ۾ نهان انداختہ

يا

گرچہ ڪارو منهن اٿم تہ بہ ڪاڻ نانهہ
ٽوپلو پائي، حماقت ٿو گهران
عقل ۾ آڻي شريعت کي تمام
دين ايمان پنهنجو غارت ٿو گهران
پل مرتد هي چون ملان مگر
مان تہ انگريزن ۾ عزت ٿو گهران
پائي چشمو چست چاڙهي سوٽ بوٽ
مثل صاحب لوگ صورت ٿو گهران.

سنڌي صحافت جو باني- سنڌي صحافت جو محسن

# رئيس شمس الدين بلبل

**تحرير: محمد اسحاق شيخ_ميهڙ**

جيڪڏهن سنڌ جي نقشي تي نظر وجهبي تہ ادبي لحاظ کان دادو ضلعو مٿانهون نظر ايندو. جنهن جي علائقي ميهڙ جي سرزمين وقت بوقت ڪيترائي عالم، فاضل، اديب، مفڪر ۽ معلم پيدا ڪيا آهن، جن تي واديءِ مهراڻ کي هميشہ ناز رهيو آهي، ان مان بلبل مرحوم جو نالو سرفهرست آهي. ان جي مڪمل شخصيت قدرت جي عنايتن جو هڪ حسين مجموعو ۽ نادر ۽ نہ ملنڊڙ مثال وانگر آهي. بلبل هڪ عظيم مفڪر، محبِ وطن ۽ دور انديش مصلح ڪانسواءِ هڪ صاحب طرز اهل قلم بہ هيو. شعر و سخن ۾ اعليٰ قسم جي طنزيہ مزاح نگاري، ظرافت، نفيس بذلہ سنجي ۽ تعريضي اسلوب بيان، جنهن جو مقصد قومي اصلاح هجي، ان جو طره امتياز هيو. قلم جي زور سان گڏ زورِ بيان يعني تحرير ۽ تقرير ۾نهي ۾ يگانو هيو. قومي همدردي سان گڏوگڏ جرئت رندانہ ۽ جذبہ ايماني بہ رکندو هيو. دانش ۽ بصيرت سان گڏوگڏ سياست ۽ صحافت جو بہ شهسوار رهيو.

دنيا جي معاملات سان گڏ ديني حڪمن جي بجا آوري ۾ بہ مستعد ۽ پيش پيش هيو. وسيع مطالعي سان گڏوگڏ عظيم مشاهدي جا مالڪ پڻ هيو. پروقار ۽ پرڪشش صورت ۽ جاذب نظر شخصيت سان گڏ پاڪيزه سيرت بلبل مرحوم جي خاصيت هئي، جيڪا قدرت ان کي نهايت فياضي سان عطا ڪئي هئي، هو هر محفل جو مور هوندو هيو. دوست احباب هر وقت ان کي ڏسڻ لاءِ مشتاق ۽ ٻڌڻ لاءِ بيتاب نظر ايندا هيا.

سنڌ جي جن اهل قلم مفڪرن ان کي سنڌ جو سعدي، حالي، ۽ اڪبر الہ آبادي ڪوٺيو آهي، تن ۾ پير الاهي بخش، سيد حاجي علي اڪبر شاهہ، پير حسام الدين شاهہ راشدي، پير علي محمد راشدي، ڊاڪٽر وفا راشدي، ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل، ڊاڪٽر غلام علي الانا، مولانا غلام محمد گرامي، ڪريم بخش خالد، حافظ محمد احسن چنا، محمد نواز محزون، مشتاق احمد پناڻ، حاجي خان بلوچ، ماستر جمعہ خان غريب، احمد خان ايم سيال، قاضي ميان جان محمد عارفي ۽ ليلا رام ديوان داس (احمدآباد، هندستان) جا نالا قابل ذڪر آهن.

پير الاهي بخش سابق وزير اعليٰ سنڌ لکي ٿو تہ:

جهڙي طرح سر سيد جي ساٿي مولانا حالي مسدس لکي مسلمانن کي انهن جي ڪوتاهين جو احساس ڏياريو، اهڙيءَ طرح حسن علي آفندي جي ساٿي رئيس شمس الدين بلبل "رحيما لطيف" لکي سنڌ جي مسلمانن کي بيدار ڪيو.

(تحريڪ آزاديءَ جا سنڌ ۾ آثار"روزانه اخبار "مهراڻ"، سالگره نمبر تاريخ 5 جنوري 1962ع)

سنڌجي جليل القدر عالم، مقرر، مسلم ليگ جي سرگرم رهنما، سنڌ اسيمبلي جو سابق رڪن ۽ پارلياماني سيڪريٽري، جامع عربيه ۽ اورينٽل ڪاليج حيدرآباد جو باني مرحوم حاجي علي اڪبر شاهه لکي ٿو:

"جهڙي طرح مرحوم اڪبر الهه آبادي پنهنجي شعرن ۽ ظرافت سان قوم جي اصلاح مدنظر رکي بلڪل اهڙي طرح هن به ظريفانه نموني ۾ قوم جي اصلاح ڪئي، جو وڏا اهل دماغ به ان جي قابليت کي داد ڏيڻ تي مجبور ٿيا. سنڌ جي سيني قومي مجلسن ۽ ڪانفرنسن ۾ اڪابرين ملت بلبل جي شرڪت ضروري سمجهندا هئا."

(رئيس شمس الدين بلبل سنڌ، ماهوار علمي دنيا ڪراچي اپريل 1930ع)

سنڌ جو مايه ناز اهل قلم ۽ تاريخدان مرحوم پير حسام الدين راشدي رقم طراز آهي ته: "اڪبر الهه آبادي جو رنگ سڀ کان پهريائين شمس الدين بلبل اختيار ڪيو ۽ طنزيه شاعري جو بي مثال نمونو پيش ڪيو، جو اڄ تائين سنڌ ان جو ثاني پيدا نه ڪري سگهي آهي".

("سنڌي ادب اردو") اداره مطبوعات پاڪستان پمفليٽ نمبر 6 مطبوعه 1953ع)

سنڌ جو بلند پايه اديب، صاحب طرز، اهل قلم، عظيم صحافي، ڪالم نگار، مورخ و سياستدان پير علي محمد راشدي لکي ٿو ته:

"صحافت ۽ ادب ۾ رئيس شمس الدين بلبل يگانو روزگار هو، هو پنهنجي علمي ڪمالن سان ذهني انقلاب آڻڻ ۾ ڪامياب ٿيو، جنهن انقلاب جي قيادت به ان خود ڪئي، الغرض بلبل سنڌ جو بلبل هو. بلبل سنڌ جي صحافت جو باني، سنڌي زبان جو محسن ۽ سنڌي تهذيبُ تمدن جو رکوالو هو. اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن سنڌ غفلت جي خواب مان بيدار ٿي بلبل جي احسانن جو قرض اهڙي طرح لاهيندي جو شهر ميهڙ جو نالو بدلائي ان کي "بلبل نگر" يا بلبل ديرو سڏيو ويندو.

("رئيس شمس الدين بلبل" اهي ڏينهن اهي شينهن" پير علي محمد شاهه راشدي).

آخر هي سنڌي ادب جو روشن ستارو 13 سيپٽمبر 1919ع تي سنڌ جي افق تان لهي ويو. سندس مزار مبارڪ "بلبل بنگلي" ويجهو سندس تعمير ڪرايل مسجد جي احاطي ۾ تهيل آهي.

# مرحوم شمس الدين”بلبل“

## شيخ عبدالرزاق راز

شمس الدين بلبل اوائلي دور جي مشهور ۽ معروف غزل گو شاعرن سانگي، حامد ۽ گدا وغيره جو همعصر هو. سندس غزل ۾ تغزل گهٽ آهي پر منجهس ثقافتي قدرن جي پائمالي جو ذڪر وڌيڪ آهي. سندس غزل ۾ داخليت گهٽ ۽ خارجيت وڌيڪ نظر اچي ٿي. ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو ته هن غزل جي صنف ۾ عشق کي فروعي ۽ ثانوي حيثيت ڏني آهي ۽ سندس زور بنيادي طور معاشري جي مختلف رجحانن تي مشتمل رهيو آهي. هن جو انداز نئون ۽ انوکو آهي. تنهنڪري سندس حيثيت غزل گو شاعرن ۾ منفرد آهي جو هن غزل جي رسمي رواج کي بدلائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مون سندس ديوان ۾ ڪنهن به وقت حسن جي حڪايت جو ڪو پرپور انداز محسوس نه ڪيو آهي. اهو به درست آهي ته سندس دور جي شاعرن يا ان کان اڳ هر ڪنهن پنهنجي ذاتي طبع جي پيش نظر غزل جي خاڪي کي تيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ غزل جي مضمون لاءِ ڪو طريقو وضع نه ڪيو آهي. ڪنهن پندو نصائح کي غزل جو نچ مضمون بڻايو آهي ۽ ڪنهن خالص اخلاقي قدرن جي اپٽار ڪئي آهي، پرلڪيو سيني غزل آهي ۽ غزل جي بنيادي اصولن جي پابندي نه ڪئي ويئي آهي ۽ ان مان ظاهر آهي ته انهن جي آڏو غزل جي ڪا واضح صورت ڪانه هئي، بلبل به ان دور جو شاعر آهي جنهن پنهنجي شاعري لاءِ هڪ جدا جاءِ جوڙي جا روايت کان مختلف، انوکي ۽ نرالي آهي.

سنڌي هڪ عوامي زبان جي حيثيت سان هزارن سالن کان رائج رهي آهي. انهيءَ زبان کي سنڌ جي صوفي درويشن پنهنجي تعليمات ۽ تعينعات جي اظهار جو ذريعو بڻائي ڪيس وقتاً فوقتاً مائيدار بنائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، تنهنڪري سنڌي زبان سندن مقصد ۽ منصب بڻجي پيئي، جن جي تعليم ۽ تبليغ جي طفيل سنڌ جي عوام هڪ روشني جي قنديل ڏٺي ۽ سنڌي شاعري ٻولي کي وڌيڪ جاذب ۽ موثر بڻايو. اسان جي اهڙي شاعري جون جڙون پنهنجي ئي ملڪ ۾ کتل آهن.

غزل جي شاعري هڪ فني ۽ روايتي شاعري آهي ۽ فن جي اعتبار کان عروضي شاعري آهي ۽ مضمون جي خيال کان روايتي عشقيه شاعري آهي. اهڙي شاعري جون جڙون فارسيت جي ميدان ۾ کتل آهن. سنڌي شاعرن اٺويهين صديءَ جي وچ ڌاري اهڙي

شاعري جو تجربو ڪيو. مضمون جي لحاظ کان تصوف جي مقصديت پڻ فارسي شاعري جي پيداوار آهي، جنهن کي اسان جي اوائلي ڪلاسيڪي شاعرن من و عن قبول ڪيو آهي، پر فن جي اعتبار کان انهن درويشن برصغيرجي هندي ٽيڪنڪ کي پسند ڪيو آهي، شايد اها ٽيڪنڪ مضمون سان وڌيڪ مفاهمت ۽ يگانگت رکي سگهي ٿي. بيت ۾ دوهو برصغيرجي هندي زبان جي پيداوار آهي.

بلبل پنهنجي دور جي شاعرن وانگر پنهنجي مضمون کي غزل جو جامو پهرايو آهي. غزل فن جي اعتبار کان شاعري جي هڪ صورت آهي ۽ شاعري جي فن جو شمار فنون لطيفه ۾ ٿئي ٿو. هر ثقافت پنهنجي معاشري ۽ ماحول ۾ زبان کي فروغ بخشيندي آهي ۽ ساڳئي طرح هوءَ پنهنجي فن جي ترقي لاءِ ڪوشان رهندي آهي. هر ثقافت کي پنهنجو پنهنجو فن ٿيندو آهي. فن جي گوشي کان سواءِ ثقافت جو وڻ نستو ۽ ڦڪو لڳي ٿو. هر ثقافت پنهنجي فن کي موثر ۽ واضح بنائيندي آهي. فن جو تنزل ثقافت جو زوال آهي ۽ ثقافت جو زوال قوم جي بربادي جي مثال آهي، غزل جي صنف گذريل صديءَ جي پيداوار آهي ۽ هڪ فن جي صورت ۾ اسان سان روشناس ٿي آهي، جنهن کي ان صديءَ جي اوائلي دور جي ذهن قبول ڪيو آهي. موجوده صديءَ ۾ پڻ ان حيثيت سنڌي ادب ۾ هڪ موثر ڪردار ادا ڪيو آهي. فن جيتوڻيڪ مذهب نه آهي پر هو قدرن ۽ رجحانن کي مقرر ۽ معين ڪندو آهي جنهن ۾ تبديلي جو امڪان هوندو آهي. بلبل جو فن ڪجهه اهڙي نموني جو آهي، هن غزل کي اظهار جو ذريعو بنايو آهي ۽ ڪانئس هڪ وڏو ثقافتي ڪم ورتو آهي. هن اهڙا موضوع هٿ ڪيا جن ماحول کي بدلائڻ لاءِ سندس مدد ڪئي. ماحول کي بدلائڻ وارو شاعر صدين ڪانپوءِ پيدا ٿيندو آهي.

عام طرح ائين ڏٺو ويو آهي ته محڪوم حاڪم جو غلام بڻجي آقا جي پيروي ڪندو آهي. سنڌ ۾ فرنگي تسلط قائم ٿي چڪو هو. غلامي جو طوق، ڏينهن پجاڻان وڌيڪ مضبوط ٿي چڪو هو. حساس طبع انسان وڌيڪ پريشان هو. قوم جو اتحاد ٽٽي پيو هو. قوم پنهنجي عاقبت جو خير انگريزن جي اجهي هيٺ ڏٺو. بلبل انهن سيني حقيقتن کي غور سان جاچيو هو ۽ سندس آه قوم لاءِ هڪ طنز بڻجي پيئي. قوم جڏهن پنهنجي ثقافت کان منهن موڙي انگريزي تهذيب ڏانهن مائل ٿيڻ لڳي هئي.

سڪ ناچ، راڳ تن جو، پڻ بينڊ باجو بلڪل،
پوءِ خوب بڻجي بابو پيو بينڊ به وڄائج،
پنهنجا عزيز اقرب بيگانا ڄاڻ احمق،
سرمست سرخرو ٿي، صاحب سدا سڏائج.

پنهنجن جا اهڙا حال ڏسي بلبل غزل کان پنهنجي مرضي ۽ مقصد موجب ڪم ورتو آهي، غزل جي بنيادي اصول کي ختم ڪري ڇڏيو اٿس. هن معاشري جي رجحان تي حقارت جي نظر اچلائي سنڌي شاعري ۾ طنزيه انداز کي واضح ڪيو آهي. غزل ۾ شاعر محبوب سان مخاطب ٿيندو آهي، پر بلبل جو خطاب پنهنجي معاشري سان آهي. جتي صاحب ۽ بابو سڏائڻ فخر جي ڳالهه سمجهي وڃي ٿي، پر بلبل ان کي معاشري لاءِ سم قاتل سمجهيو آهي، ڇاڪاڻ جو اهي رسمون اسان جي اصولن جي ابتڙ آهن، سنڌ جي مزاحيه شاعري تي بلبل جو اڻ متجندڙ نيو لڳل آهي.

بلبل پنهنجي محسوسات کي غزل جي ذريعي ظاهر ڪيو آهي، تنهنڪري غزل جي صنف انساني تخيلات جي اظهار جو ذريعو بڻجي اسان جي سامهون آهن. سندس مزاح ۾ هڪ وڏي چتر لڪل رهي ٿي. پڻڻ سان نه هڪ رواجي ڳالهه پڻي ماڻهو مذاق سمجهي ان جي ماهيت ۽ افاديت کي ختم ڪري ڇڏيو آهي، پر جيڪڏهن ان تي ويچار ڪجي ته معاشري جي ناسورن جي خبر پوندي، جڻ پنهنجي ثقافتي ورثي جو جنازو نڪري ويو آهي.

چمچا ڪانٽا ڪٽ پٽ ڪڙ ڪڙ، چيمبر ۾ چيئرس جي چرپر،
شاش ڪرڻ ۾ بينڊ شر شر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا

بلبل جي ڪلام جو وڏو حصو مزاحيه تنقيد سان ڀريل آهي. تغزل جي اعتبار کان بلبل جو غزل سست نظر اچي ٿو منجهس ڪنهن به قسم جي ڀرپور شعريت نٿي ملي. بلبل معاشري جي ناسورن کي غزل جي قالب ۾ سموهي منجهس هڪ انفرادي رنگ پيدا ڪيو آهي. حالات پٽاندر بلبل عشق جي به هڪ عجيب اپٽار ڪئي آهي. عشق تي بلبل هڪ طنزيه نظر اچلائي آهي:

ٿي زر جي زور بازي، زر آ نه عشق ٿهه پهه،
ڪر موج، روز تازي، زر آ نه عشق ٿهه پهه

جنهن شاعر عشق کي هڪ وڪائو چيز تصور ڪيو آهي، اهو شاعر عشق متعلق گهرو تاثر قائم نٿو ڪري سگهي، پر هو فرضي عاشق بنجڻ لاءِ مجبور ٿيو پوي، تنهنڪري بلبل جو عشق فرضي ۽ سطحي آهي.

هو نه عاشق هو نه رند، هو نه صوفي هو، انهن سيني وصفن کان مٿي هڪ شاعر هو، جنهن کي پنهنجي معاشري جي پامالي جو درد هو، هو ماڻهن جو همدرد ۽ قوم جو مصلح هو. اهڙو اعزاز سنڌ ۾ ٿورن کي نصيب ٿيو آهي. هن عاشق ۽ معشوق تي طنز ڪري غزل جي سموري رسمي ڪائنات کي ڊاهي ڇڏيو آهي. سندس غزل حسن جي لوازمات تي

هڪ وڏي چٽر آهي. ان غزل جو مطلع پيش ڪريان ٿو.

جو ويڙهيا وار اڄ ڇڻ مشڪ ٿيو تاتار تهه تهه.
دلالن دل سندو وٽجو، اهو واپار وهه وهه

وارن، مشڪ ۽ تاتار جهڙن لفظن تي غور ڪجي ته شاعر ڪهڙي تاثر پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. غزل جي شاعرن جيڪي اصطلاح ۽ تشبيهون گهڙيون آهن سي غزل ۾ حسن ڪي وڌائڻ لاءِ آهن.

# سنڌ جا ٽي عالم ۽ اديب

1. خانبهادر حسن علي آفندي
2. شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ
3. رئيس شمس الدين بلبل

از: مشتاق احمد پناڻ

(نئين زندگي، 15 صدي هجري نمبر)

**رئيس شمس الدين”بلبل“**

1857ع جو ناڪام انقلاب جتي پنهنجي دامن ۾ ڪيئي ڀيانڪ ۽ خونخوار تصويرون کڻي ظاهر ٿيو، اتي ساڳئي سال سنڌ جي مردم خيز زمين هڪ اهڙي مانجهي مرد کي به جنم ڏنو، جنهن هڪ انقلابيءَ صحافيءَ جي روپ ۾ پنهنجي قومي ڪمزورين جي نه فقط نشاندهي ڪئي پر پنهنجي دشمنن سان به سٺي ويڙهه ڪاڏي. سندس قلم چڻ ته ويرين لاءِ ڪو خمدار خنجر هو يا اها تکي تلوار، جنهن جي ڪاٽ چئني پاسين پئي ٿيندي آهي. ساڳئي وقت هو سنڌي صحافت جو منهندار ۽ طنز و مزاح جي شاعريءَ جو باني پڻ هو.

1885ع ۾ هڪ انگريز نالي ايلن هيوم جي رٿ تي ”آل انڊيا ڪانگريس“ جو بنياد پيو، جنهن ۾ هندو ۽ مسلمان گڏ هئا. هندن پنهنجي ذهنيت جو اتي به مظاهرو ڪيو ۽ پنهنجي ڪٽرپڻي سبب ساڳي پارٽيءَ ۾ شامل هوندي به مسلمانن جي مفادن کي مسلسل نظرانداز ڪيو ۽ پنهنجي مطلب پرستيءَ کي اڳيان پئي رکيو. ان وقت ڪان وٺي رئيس شمس الدين ”بلبل“ جو قلم جنبش ۾ اچي ويو ۽ سنڌ جي مسلمانن کي پنهنجي تحريرن جي اثر سان سجاڳ ڪرڻ شروع ڪيو.

1889ع ۾ محسن سنڌ خانبهادر حسن علي آفندي جي دعوت تي شمس الدين ”بلبل“ ڪراچيءَ مان پهرين سنڌي مخزن ”المعاون“ جاري ڪئي، جنهن ۾ سنڌ جي برک اديبن ۽ شاعرن جون لکڻيون شامل هونديون هيون. شمس الدين ”بلبل“ پنهنجي قوي دشمن، انگريز ۽ هندن جي سڃاڻپ نهايت چابڪدستيءَ سان پنهنجي قوم کي ڪرائي ۽ سنڌ جي مسلمانن کي پنهنجي اصل ڏانهن آڻڻ، پنهنجي ورثي کي سنڀالڻ ۽ غلاميءَ جي ڄٽ ڪڍڻ لاءِ هڪ ذهني انقلاب آندو.

المعاون ڪانپوءِ ”بلبل“ سکر مان ”آفتاب“ نالي هڪ اخبار جاري ڪئي ۽ مسلمانن لاءِ هڪ الڳ ملڪ جو تصور رکي جدوجهد شروع ڪئي ۽ انگريزن، هندن ۽ مغربي تهذيب جي شيدائين تي خوب لکيو.

ان وقت هندستان ۾ اڪبر الھ آبادي جو قلم بہ پاڻ ملهائي رهيو هو. هو علي ڳڙهہ جي بانيءَ جو قدردان تہ هو پر ان جي مغرب پرستيءَ جي خلاف هو. هن نٿي چاهيو تہ مسلمان مغربي تهذيب جي انڌي تقليد ۾ گرفتار ٿي پنهنجي اصلي راهہ تان ڀٽڪي وڃن. شمس الدين ”بلبل“ جو نظريو بہ ساڳيو ئي هو. آل انڊيا ايجوڪيشنل ڪانفرنس ۾ پنهنجي پرجوش ۽ زوردار تقريرن ذريعي، هن پنهنجي موقف کي مڃرايو. سندس اهي تقريرون ۽ تجويزون سندس ڪتاب ”مسلمان ۽ تعليم“ ۾ موجود آهن.

”بلبل“ جي تحرير جو دائرو فقط سياست تائين محدود نہ هو، پر دشمن جي هر چرپر تي سندس ڪڙي نظر هوندي هئي. ان وقت سنڌ ۾ عيسائي مبلغن جي ڄڻ ٻنڌ ٽٽي پئي هئي ۽ هو سنڌ جي هر شهر توڙي ڳوٺ ۾ رلندا وتندا هئا ۽ عيسائيت جي پرچار ڪندا هئا. شمس الدين ”بلبل“ انهن کي بہ منهن ڏنو ۽ پاڻ هلي وڃي پادرين سان مناظرا بہ ڪندو هو. ”آفتاب“ ۾ اهڙا ڪيئي مناظرا ملن ٿا:

”ڪلھ مارڪيٽ جي چوسول تي سفيد جبي پاتل شيطان ابن شيطان کي وعظ ڪندي ڏٺم، جنهن جي چيلھ سان صليب ٻڌل هو. افسوس مون وٽ دمشق جي خمدار ترار ڪانہ هئي جو هن جي سسي هڪ ڌڪ سان ڪپر جي سسيءَ وانگي ڌڙ کان ڌار ڪري ”ايوبي سنت“ کي تازو ڪريان ها!“

مشهور سنڌي مورخ مولائي شيدائي رقمطراز آهي تہ. ”عيسائي تبليغين لاءِ ”آفتاب“ ڄڻ ويل ٻاري ڏنو. اجا بہ هفتا اخبارکي شايع ٿيندي مس گذريا تہ مسلمان، پادرين کي ڪليوڪلايو گاريون ڏيڻ لڳا. ڪن مسلمانن کي فوجدار هرداس مل فوجداريءَ تي گهرائي دڀائڻ لڳو. ”بلبل“ ”سنڌ“ کي جا ان جي خبر پيئي تہ ”آفتاب“ جي ڪالم ۾ فوجدار جي اهڙي لاک لاتائين جو ٻاهر نڪرندو هو تہ ورديءَ وارو سپاهي ساڻ ڪٺندو هو.

فوجدار بابت لکيائين: ”مسلمانو! ٻارنکي اسڪول ۾ پڙهايو، توهان کي خبر هئڻ گهرجي تہ تعليم پرائڻ سان اوهان جا ٻار گورنر ۽ ڪمشنر بڻجي ويندا. هڪڙو واٽيو گهورڙيو، گڏھ تي ڪوهرن جو ڪنو رکي ڪوهر وڪڻندو هو. پٽ کي اسڪول ۾ داخل ڪيائين، جو پڙهي فوجدار ٿيو. پر سندس واٽڪي عادت جا ڪيس پتا ٽوپٽنداس کان ورثي ۾ ملي هئي، سامور متجي نہ سگهي. سياڻن سچ چيو آهي:

”گڏهہ گهوڙو نہ ٿئي، جي سونا وجهينس سنج،
توڙي پاٽيون وجهينس پنج، تہ بہ ڏوڙيو وڃي گند تي“

انگريزي تهذيب تي لکيائين:

گرچ ڪارو منهن اٿم تہ بہ ڪاڻ نانهہ، ٽوپلو پائي حماقت ٿو ڳهران،
عقل ۾ آٽي شريعت کي تمام، دين ايمان پنهنجو غارت ٿو ڳهران،
پائي چشمو چست چاڙهي سوٽ بوٽ، مثل صاحب لوگ صورت ٿو ڳهران.

”بلبل“ جو ڪلام پڙهڻ سان ائين محسوس ٿيندو تہ خدائي ذات تي مبني آهي. سندس شاعري ٽن موضوعن تي جوڙيل آهي: عشقيہ، طنزيہ ۽ اصلاحي. پر ڏسبو تہ منجهس عشقيہ گهٽ، طنزيہ ۽ اصلاحي جي گهڻائي نظر ايندي. ڏٺو وڃي تہ انسان جي فطرت ۾ ”عشق“ جو اهو جز سمايل آهي جنهن جو جذبو اجاڙي بہ ڇڏي تہ بنائي بہ، جڏهن تہ ”طنز“ ڏنب مثل آهي، جيڪو گمراهہ کي بہ بيدار ڪري سگهي ٿو ۽ اصلاح اها روشن راهہ آهي جنهن تي هلي انسان پنهنجو گمشده متاع حاصل ڪري سگهي ٿو. مطلب تہ ”بلبل“ جي شاعري جو بنياد فطرت جي انهن اصولن مطابق آهي جن جي رهنمائي ۾ زندگيءَ جو مقصد حاصل ڪري سگهجي ٿو.

# جديد ساهت ۾ مذاق

تحرير: ديوان ليلا رام ڏيونداس رچنداني (انديا)

ميرن جي صاحبيءَ کي انگريزن ختم ڪيو ۽ سن 1853ع ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ هاٽوڪي لپي ٺهي. سرڪار طرفان پڻ ٻوليءَ کي اوج ڏيڻ لاءِ ساهت جي سرجڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو. اڌ صديءَ اندر ٺي سوين ڪتاب ڇپجي ظاهر ٿيا. جي ساهت جي جدا جدا شاخن تي هئا. ان عرصي ۾ سرڪاري اداري ڪانسواءِ ڪجھ سنڌي تاجر ۽ ڪتب فروش بہ ميدان ۾ آيا ۽ انهن سنڌي ساهت کي تمام گهڻي مدد ڪئي. انهن مان بہ مشهور هئا سکر جو هريسنگھ ڏنگومل پينشنر ۽ ٻيو شڪارپور جو پوڪرداس ٺانورداس. هريسنگھ سن 1892ع ۾ ٺي سنڌي ڪافين جا ٻارهن حصا، سنڌي ڏوهيڙا، عنايت چوڙري جو ديوان، قليچ بيگ جو ناٽڪ شڪنتلا وغيره ڇپايا. سن 1902ع ۾ هن جي طرفان ڇپايل سچل سائين جي رسالي جي پهرئين باب جي پٺ ۾ ڪتابن جي جيڪا فهرست ڏنل آهي، اها ٺي هڪ وڏو ثبوت آهي تہ ان عرصي تائين سوين ڪتاب سنڌيءَ ۾ ڇپجي ظاهر ٿيا هئا. ان ٺي فهرست ۾ ڪن مذاقي ڪتابن جا نالا آهن ۽ ان عرصي ۾ نظمي چاهي نثري روپ ۾ چگوئي سرجيو ويو هو. اهي ڪتاب اجهو هي آهن.

(1) دلپسند لطيفن جا ٽي جلد (2) ڏاهرين جا ڪل 48 نقل (3) بيربل نامو (4) ملادو پيازو ۽ اڪبر بادشاهہ (5) سرائي جاجڪ جا لطيفا (6) موالين جا نقل (7) قصو دائي ڪوري جو (8) نقل آفيم چور ۽ چگو مڙس (9) دل جي وندر، ياٺرن جي مٺ ست (10) ايسپ جون آکاڻيون (11) ڏنگي جوءِ کي سڌو ڪرڻ. انهن مان ڏنگي جوءِ کي سڌو ڪرڻ ۽ دل جي وندر وارا ڪتاب مذاقي اپياس آهن. ضرور پوڪرداس وارن ۽ ڪن ٻين پڻ ظريفاڻي قسم جو ساهت ڇپائي پڌرو ڪيو هوندو. نظم ۾ مذاقي ساهت جو حصو بہ گهٽ ٺي نڪتو ۽ ان لاءِ جس ٻن مکيہ شاعرن کي ڏيڻ کان سواءِ رهي نہ ٿو سگهجي. هڪ آهي شمس الدين "بلبل" ۽ ٻيو آهي مرزا قليچ بيگ ٻنهي ڄڻن نظم ڪانسواءِ نثر ۾ بہ مذاقي ساهت سرجيو آهي.

جي شمس الدين "بلبل" کي جديد مذاقي ساهت جو باني سڏجي تہ اهو غلط نہ ٿيندو. جهڙيءَ طرح اڪبر الهہ آبادي اردو شاعريءَ ۾ مذاقي شعر جو بنياد وجهندڙ سڏيو ويندو آهي، اهڙو وڙ بلبل پڻ سنڌيءَ سان ڪيو آهي ۽ هن جو چيل شعر ڪنهن بہ حالت

۾ اڪبر جي چيل شعر کان گهٽ ڪونهي. بلبل ته هڪ اخبار ”آفتاب“ ۾ به مذاقي ليک لکيا جن ذريعي هن وقت جي عملدارن، ڌرم جي ٺيڪيدارن ۽ نقلي اڳواڻن جي چنچري خوب لاٿي آهي. مذاق جي اها شاخ ٿي نه آهي جنهن کي هن هٿ نه لاتو آهي.

نثر ۾ ”آفتاب“ اخبار ۾ ليک لکڻ ڪانسواءِ، هن جون ٽي ننڍيون چوپڙيون پڻ ڇپيل آهن: اهي آهن (1) قلندر جو ميلو (2) تيرهن جار، مڪرن جا مار (3) جام جم ۽ ٿيا سافي نيچري. پهرئين ۾ قلندر شهباز جي ميلي جو ذڪر نهايت ئي مذاقيه رنگ ۾ ڪيو اٿس، اهڙيءَ طرح جو طعنو هوندي به ڪنهن کي ڏل ۾ نه ٿئي.ٻئي ۾ ان وقت جي تيرهن بتن سان ٽڪر کاڌو اٿس ۽ قوم کي ذهني غلاميءَ کان نجات ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي اٿائين. ٽئين ۾ هن انگريز پرستيءَ جي کل لاٿي آهي. ”قلندر جي ميلي“ واريءَ ڪتابڙيءَ مان ڪجهه ٽڪرا اجهو هي آهن جو مذاق (Humour) جوئي نمونو آهي.

ميلي ۾ اچن ٿا ”پير فقير، امير نواب، چڱا مَٺا، ڏڙا زميندار، چور چڪار، ڪڙا ڪامدار، رئيس سردار، بازيگر رانديگر، جوڳي ٽوڳي، دلبائي دل، لنگها ڏوم، پٽ دلال، ڪدڙا پانڊي، ڪيرين قوال، تاٽر توٽر، آڪڙباز، ڳنڊيچور، جوا ساز، مطلب ته هر جنس، هر حيوان، هر ساز هر باز، هر حسين، هر ناز.“

”هڪ مڪان ته سو مهمان، هڪ وڻ ته اسي انسان وسلا ڪڇ ۾، خانه بدوش، هڪ چارپائي ته پنج پائي، چٽائي بمنزل چار پائي، سا به وڇائي ته سولٽن هيٺ آئي. نانوائي ته خرچ ڪپاءِ جي وائي، ٽڪي ۾ دُڪي جو قلڪو، ويهي ڪاءُ ته به نه لهي الڪو، جي ٻوڙ ته مرچن جو جوڙ، چربي جو جوڙ، ڪٽ خلق ڪتل ۾ متل، پينو پنبو گپ ۾ گتل.“

بلبل 1857ع ۾ ڄائو، جڏهن ڀارت جي آزاديءَ لاءِ پهريون بلوو ٿيو. انگريزن ترت ان کي دٻائي ڇڏيو. پوءِ ڪيترائي ٽوڊي پيدا ٿيا جن انگريزي سلطنت کي مضبوط رکڻ لاءِ انگريزن کي مدد ڪئي. بلبل اهڙن انگريز پرست لوڪن جي پرزور مخالفت ڪئي. هن مغرب جي انڌي نقل، چال ڈال جي پوري چمڙي لاٿي آهي. هن لاءِ مشهور آهي ته هن نڪته چيني اهڙي ته مذاقيه ڍنگ سان ڪئي آهي جو پڙهندڙ پهرين ته کلي ڏيندو پر جڏهن غورڪندو ته هلڪو نشتر دل ۾ چڀندو محسوس ڪندو. غلام محمد گراميءَ ۽ ٻين صاحبن جي راءِ موجب ته سنڌي ٻوليءَ ۾ مذاقيه واري فن کي پوريءَ طرح نباهڻ وارو شخص بلبل کان پوءِ اجا پيدا نه ٿيو آهي. انهن اڪبر الهه آباديءَ ۽ بلبل جي فن ۾ فرق به ڏنو آهي. جتي اڪبر پنهنجي تنقيد ڪري دشمن پيدا ڪيا، اتي بلبل جي ظريفاڻي ڪلام سندس لاءِ ڪوبه حاسد يا وروڌي پيدا نه ڪيو. هن جو طريقه ڪار بلڪل نرالو هو. ڪن وري هن کي سنڌ جو حالي سڏيو آهي، پر هو حاليءَ کان به گهڻو اڳرو هو.

جيڪي سنڌي پڙهي نوڪري هٿ ڪندا هئا ۽ انگريزي عملدارن جي ”جي

حضوريءَ“ ۾ پنهنجو فخر سمجهندا هئا. انهن لاءِ هن اجهو هيئن تکي طنز ڪئي آهي:

سنڌيدان جاهل سير و ۽ سخت،
نجس، نا اهل، نا خرد، خفته بخت،
سنڌيدان اديت، سنڌيدان فول،
رڳا جانور، جهنگلي ۽جهول،
سنڌيدان جي ڪهڙي آ دسترس،
سنڌيدان جو مان ”گو ڊئم“ بس.

”جي پڙهن، پر ڪڏهن نه ڪڙهن“ تن لاءِ هن چيو آهي ته:

پڙهيا سي ته چا سپ اجايا اکر،
لچائي، ٺڳي، ناٽ، ڪوڙ ۽ مکر.

انگريزي فيشن جو نقل وڏي ويو هو. هرڪو ”صاحب“ ٿيڻ جي فڪر ۾ رهندو هو. اهڙن شخصن جو نقش بلبل هن ريت چٽيو آهي:

گلا بند، ڪالر، لڪڙ هاف بوٽ،
گهڙي، ڪوٽ، پتلون، چشما، چروٽ،
صفا سر، ته ڏاڙهي چپڙ چٽ قلم،
زبان تي به گٽ مٽ رهي دمبدم،
رکڻ هڪ بل ڊاگ آهي ضرور،
نه تان ٿيندو وڏ ماٺهپي ۾ قصور،
مقرر هجي چاءِ بسڪوٽ جو ٽيم،
ته جاين جو سينگار، پڪچر فريم

۽ جيڪي سنڌي مسلمان انگريزي تعليم کان وانجها رهي ترقي ڪري نه سگهيا، انهن لاءِ چيو اٿس:

سڪئين ڪا نه ڪا صاحباڻي سير،
نه گڊ مارننگ مئه ڊيئر ڪم هيئر،
پڙهي پارسي تون جاهل ٿئين،
وڏي قاف سان ڪين قابل ٿئين،
ٿئين تون ته محروم سنڌي سبب،
نه توکي مليو ڪوئي سر جو لقب.

بلبل جي وقت ۾ ملڪ جي حالت، ماڻهن جي هلت چلت ڪهڙي هئي، ان جو چٽر به سندس هنن طنزيہ بيتن مان ملي ٿو:

1- پتاڪون ستاڪون گلائون پچار،
تہ مايا زنا جي محبت جي مار.

2- حلال و حرامن جو ڪهڙو پڇڻ،
پرڻ پيٽ جي آهہ جهوري جهجڻ.

3- چڪيون چلم يا ناس چڪڙو شراب،
گناهن فسادن ۾ خانو خراب.

4- جي منشي تہ ڪچ ۾ قلمدان ڏس،
منجهس جعلسازيءَ جو جولان ڏس.

5- جي نوڪري تہ رشوت تغلب تمام،
نہ سنڌو نہ سيڙهو حلال و حرام.

6- ظلم زور يا حق تلفي غضب،
غريبن تي قہر مار غصو غضب.

7- مٿي ڪوڙ ڪورٽ ۾ ڪيسن جو ڪم،
اٿين آني شاهد، ڪسيري قسم.

8- زميـن و زن و زر اسان جي مراد،
انهن لاءِ جهڳڙا انهن لئہ فساد.

فيشن پرست عورت جو نقش هيئن چٽيو اٿس:

گهر ۾ ”بلبل“ گائون ڏڪائج، شام صبوح جو واڪ ڪرائج،
ٻانهن بغل ۾ منهن تي چاري، هپ هپ هري، هپ هپ.

ترقي ڪهڙي شخص تتي ڪئي، ان لاءِ بلبل هيئن ٻڌايو آهي:

”بلبل“ ملي ٿي ترقي تنهن ڪي پوليس ۾،
چالان ۾ جنهن پر ڪي ڪبوتر بنايو آهي.

پوليس جي زور زبردستي ۽ ظلم لاءِ چوي ٿو:

رهن ٿا ديو هيبتناڪ جان ڪرڙا ڪنسٽبل،
ڏسو جو وارداتن تي لڳي ٿو تن سندو وارو.

پري چالان ڪوڙو ڪيس ڪورٽ ۾ ڪندا داخل،
وجهي ڪوڙا سچا شاهد رکي بهتان جو بارو.

هيءَ دنيا پئسي وارن جي آهي، هجئي ناڻو ته گهمر لاڙڪاڻو. بلبل به چوي ٿو ته:

ٿي زر جي زور بازي، زر آ ته عشق ٿهه پهه،
ڪر موج روز تازي، زر آ ته عشق ٿهه پهه.
زر سان ڪوجهو ڪاڻو، اڳ ۾ اهو اگهاڻو،
چريو به ٿئي سياڻو، زر آ ته عشق ٿهه پهه.
زر سان سيڪو گهرو، چاچو ۽ پاءُ ڇهرو،
قربان سس ۽ سهرو، زر آ ته عشق ٿهه پهه.

جديد مذاقي ساهت ۾ بلبل کان پوءِ درجو آهي مرزا قليچ بيگ جو، جنهن جو جنم 1855ع ۾ ٿيو. يعني بلبل کان به سال اڳ، پر هو بلبل کان گهڻو پوءِ تائين زنده رهيو ۽ سن 1929ع ۾ ٽنڊي ٺوڙهي ۾ وفات ڪيائين. هن صاحب به نظم چاهي نثر ۾ مذاقي ساهت چڱو ئي لکيو آهي. نثر ۾ هن ڪجهه مذاقي ناٽڪ به ترجمو ڪيا ۽ لکيا آهن جن مان ڪجهه هي آهن: 01) نيم حڪيم خطري جان. نيم ملا خطري ايمان. 02) لوپي ڪين ٺوڳي، 03) وسائيءَ جا رنگ. نظم ۾ هن پنهنجي وقت جي حالتن جي اوگهڙ اجهو هن طرح ڪئي آهي:

1. گهوڙا ڦٽن سان زخمي ۽ گڏهن تي سونا سنج
ڪارن ڪنگن سان هاءِ آءُ مت نه مور ٿو ڏسان.
2. ظاهر خيانت آهي، امانت وئي لڪي،
اڄ معتبر امين، ٺڳ ۽ چور ٿو ڏسان.
3. انسان ملڪ ۾ ٿو ڏسان اڄ ڪي مختصر،
ماڻهو گهٽا به پيرا ۽ ٻيا ڍور ٿو ڏسان.
4. بي عقل خوش رهن سدا، ڪائين پيئن چڱو،
اڄ ٻڪ ڪان عقل وارا آءُ منجهه جهور ٿو ڏسان.

قليچ جي وقت ۾ به اڳواڻن جي اها حالت هئي. جو منجهن سوارٿ وڏيڪ ۽ شيوا جي لڱن گهٽ هئي. اهڙن اڳواڻن جاهن چوڏا هن ريت لاٿا آهن:

قومي جلسن ۾ خوش بياني ڪيسين؟
ليڪچر، اسپيچ، قصا خواني ڪيسين؟

پيسو ڪريو جمع ۽ ڪريو قوم تي خرچ،
گهر ويتي جمع خرچ زباني ڪيسين؟

نقلي ملن مولوين لاءِ هن کي سخت نفرت هئي چوي ٿو ته:

جاگير سدا شل تيو آبادي وهي الڪهه تني دي وادي
ڪاچو روح جبل شال تيون گلزار
ڏيو مبارڪ بار بار

ڪتي سجاول ڪيتي رب ستاري خوش دل ٿئي چاندئين دي درباري ساري
مولا ڪيتا تيڏا بخت بسيار
ڏيو مبارڪ باربار

# رئيس شمس الدين بلبل

## حڪيم عبدالحميد چانڊيو

مرحوم بلبل ڪنهن تعريف جو محتاج ناهي، سندس مختصراً احوال لکجي ٿو.

مرحوم بلبل دادو ضلعي جي شهر ميهڙ ۾ 1857ع ۾ ڄائو. ان زماني جي رواج موجب سنڌي، فارسي ۽ عربي مختلف مدرسن ۾ پڙهيو پوءِ شعر ۽ شاعري جو ڪيس شوق پيدا ٿيو ۽ شعر چوڻ لڳو.

آخر سرڪاري ملازمت ڪيائين، جنهن ۾ انجنيئري کاتي ۾ داروغو ٿيو. 1873ع ۾ ان ملازمت دوران هن جي هڪ انگريز انجنيئر سان دوستي ٿي وئي، انجنيئر صاحب بلبل جي علمي شوق ۽ لياقت مان ڏاڍو متاثر ٿيو. ڪيس قديم زماني جو هڪ قيمتي ڪتاب شاهنامو فردوسي تحفي طور ڏنو، جڻ ته بلبل جي علمي شوق کي تازيانو لڳو. انڪان بعد ڪراچي پهتو، 1889ع ۾. اتي خان بهادر حسن علي آفندي جي جوهر شناس نگاهه بلبل کي سڃاڻي ورتو. ڪيس پنهنجي سياسي، سماجي، علمي ۽ تعليمي تحريڪ کي زور وٺائڻ لاءِ پنهنجو دوست ۽ رفيق معاون ڪيو ۽ بلبل ان وقت ۾ سنڌ محمدن ايسوسيئيشن جي پاران اخبار جي چارج مرحوم آفنديءَ صاحب جي چوڻ تي ورتي، ان کانپوءِ ڪيترن ئي اخبارن رسالن جو ايڊيٽر ٿيو ۽ ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف.

نواب سر غيبي خان ڪان عمر ۾ گهٽو وڏو هو. نواب صاحب جي والد ماجد سان به بلبل مرحوم جا گهرا تعلقات هئا ۽ نواب سر غيبي خان به بلبل کي وڏو مان ڏيندو هو ۽ نواب صاحب ڪچهري وارن سان مخاطب ٿي فرمائيندو هو ته. ”ير شمش الدين (شمس الدين) پنهنجو نالو بلبل سڏايو بروبر سائرن (شاعرن) سيني جي مٿان هي بلبل وانگي ٻولي ٿو پيو. واهڙي بلبل واهه! بروبر بلبل آهي“. نواب صاحب بلبل جي معرفت ڪيترن تعليمي مدرسن، اسڪولن لاءِ پئسا ڏنا مثلا 1911ع ۾ ميهڙ جي هاءِ اسڪول (ون) جو خرچ گهٽي پاڳي نواب صاحب جي طرفان ڪيو ويو ۽ سائنس هال، ٽيچرس روم سڀ نواب صاحب جي خرچ سان ٺهيا. بلبل جي شاعريءَ جو نمونو:

سر سخن جي سونهن اول پاڪ پرور جي ثنا
خلق جي رزاق ۽ خلاق داور جي ثنا

ٽيو ڪلام الهام امرو نهي جو جنهن تي نزول
واجب آهي تنهن سچي سالار سرور جي ثنا

همدم همراز هر دم هم مصاحب يار غار
صدق دل سان چئو سدا صديق اڪبر جي ثنا

هو دلاور دين جو حضرت عمر ابن خطاب
زينت دل زينت محراب و ميمبر جي ثنا

ڪامل الايمان ۽ صاحب حيا جامع القرآن
ڪر عجب عثمان ذوالنورين انورجي ثنا

جي ڪرين من سان مدامي آب ڪوثر جو پيئڻ
ڪرتون اسد الله غالب شاهه حيدر جي ثنا

مالڪ جنت سندي سيدة النساءِ العالمين
رڪن تي ايمان جو شبير و شبر جي ثنا

حمزه وَ عباس اعليٰ مرتبہ افضل امير
ڪر سندي ٻارهن امامن سلڪ گوهر جي ثنا

پوءِ سندن اصحاب ۽ اولاد ۽ ازواج جي
تابعن ۽ تبع تابع هوءِ هر هر جي ثنا

عالمن ۽ صالحن ۽مومنن ۽ ڪاملن
چار مذهب جي امامن دين گستر جي ثنا

۽ طريقي معرفت جي سلسلن چئني سندي
پر تنهين ۾ نقشبندي خضر رهبر جي ثنا

پاسبان اسلام جو سلطان اعظم شاهه روم
سنڌ ۾ ڪونسل تنهين جي خان بهادر جي ثنا

مطبع جي مجمع ميمبرن شعبن سين
۽ معاون جي معاون ڇاپ دفتر جي ثنا

يار ۽ غمخوار واقفڪار سڀ سينڌو سڄاپ
خويش اقرب صلہ رحمي هر برادر جي ثنا

تو وطن ميھڙ سندو وھہ واھہ جو دل کي وڻي
ھر درو ديوار شجر باغ بازر جي ثنا

ھي ثناخواني نہ ٿيندي ھونءَ تہ ھرگز دلپسند
جي ڪندين تون ڪين بلبل دوست دلبر جي ثنا

ھينئين بيت زر جي زور بازي تي چيو اٿس، سئو فيصد سچ آھي، پھاڪو آھي تہ:
جنھن جي ڳنڍيءَ ۾ داڻا ان جا چريا بہ سياڻا...

تي زر جي زور بازي، زر آ تہ عشق ٿھہ پھہ
ڪر موج روز تازي، زر آ تہ عشق ٿھہ پھہ

زر جي تي ڪامراني، جاني سڏي پيو جاني
سڀ ڪائي ماسي ناني، زر آ تہ عشق ٿھہ پھہ

زر ساڻ ڪوجھو ڪاڻو، اڳ ۾ اھو اگھاڻو
چريو بہ ٿئي سياڻو، زر آ تہ عشق ٿھہ پھہ

زر ساڻ عيب ھاڻو، سھڻن اندر سماڻو
نر تو نوائي ناڻو، زر آ تہ عشق ٿھہ پھہ

زر ساڻ سڀ ڪو گھرو، چاچو ۽ پاءُ چھرو
قربان سس سھرو، زر آ تہ عشق ٿھہ پھہ

بازر تہ جھنگ بازر، جو گھر ٿئي سو حاضر
بي زر شھر ۾ پادر، زر آ تہ عشق ٿھہ پھہ

زر تي وڏائي نالو، توڻي ھجي رزالو
صدقو ٿئي پيو سالو، زر آ تہ عشق ٿھہ پھہ

بلبل پليا جي ھن ۾، سيئي رليا سخن ۾
دنيا جي گل چمن ۾، زر آ تہ عشق ٿھہ پھہ

ھينئين بيت ۾ نواب صاحب ۽ سندس خاندان جي تعريف ڪئي اٿس مگر پورو بيت ناھي، اڏيھي جو نشانو تي ويو، چند سٽون ھيٺ لکجن ٿيون:

وھہ واھہ نواب غيبي، وھہ واھہ غيبي ديرو
سخاوت شجاعت عدالت ۾ آھي ناليرو

اتـــي ســـريـــمـــڻ ســـورهـــ ســـالار آهـــي
اتـــي مـــلـــڪ ســـهـــٽـــو مـــٽـــيـــادار آهـــي
اتـي ولـي مـحـمـد جـوڻو جـنـگـي جـوان آهـي
اتـــي مـــثـــل حـــاتـــم غـــيـــبـــي خـــان آهـــي
اميرن غريبن اپوجهن ۽ يتيمن جـو شـب روز پيـرو
وهـ واهـ نـواب غـيـبـي، وهـ واهـ غـيـبـي ديـرو

آخر هي سنڌ جو بلبل ۽ سخن جو بلبل 13 سيپٽمبر 1919ع ۾ وفات ڪري ويو. مرحوم تارڪ نجفي مرحوم بلبل کي استاد چئي سندس ولادت ۽ وفات جو سن هينئن چيو.

در تولد شمس الدين بلبل بگـوئي اخـترا 1273هـ
هم چراغ مجلس آمد رحلت آن استـاد مـا 1337هـ

مرحوم بلبل جي نشاني پاڻ فرمائي ته:

ڏسـي دلـبـر مـنـهـنـجـو ديـوان گـلـشـن ۾ چـيـو
بس رڳي هي رهي بـلـبـل جي نـيـشـانـي افـسـوس

# حضرت رئيس شمس الدين (رحہ) بلبل

## شاهہ محمد صوفي*

حضرت رئيس شمس الدين بلبل صاحب عليہ الرحمة وڏا عاقل ۽ فهميده شاعر، زميندار هئا. اسان سندن هم صحبتين مان آهيون. اسان ڪانسواءِ ميان اميرعلي شاهہ ۽ رئيس قادر بخش سهتو سندن صحبت وارا ويجها دوست هئا. سال 1901ع ۾ رئيس شمس الدين بلبل سان نهايت ڪمال ۾ هئا، ان وقت اسان جي عمر 20 ورهيہ ڪن هوندي، آءُ شعر چوڙهن سالن جي عمر ڪان چوندورهيس، 1901ع ۾ هيٺيان شاعر دنيا ۾ موجود هئا، جن سان هيڪڙ ٻيڪڙ ملندو رهيس ۽ ڪي تہ رئيس شمس الدين بلبل صاحب وٽ بہ مونکي ملندا ها، سال 1912ع ۾ رئيس صاحب مون کي ميهڙ ۾ رهڻ جو ارشاد فرمايو ۽ رئيس صاحب جن جي حڪم جي بجا آوري ڪري آءُ خلافت آفيس ۾ رهي ضلع لاڙڪاڻي جي سيڪريٽري جي حالت ۾ آزادي وطن جو ڪم ڪندو هوس، ان دور ۾ هيٺيان شاعر موجود هئا، عبدالقادر بيوس، علي محمد قادري، حاجي خانڻ چنجڻي، ميهر پتوجو، پير امير علي شاهہ ہٽن وارو، مصري شاهہ نئينگ وارو، منٺار فقير، دريا خان فقير، احسان علي، ڇَتو فقير، عثمان فقير، محمد بچل هومو پوٽہ، محمد فقير ڪتياڻ، غلاه شاهہ هٽڙي وارو، محمد هاشم مخلص، فتح محمد صغير سوستاني، مير عبدالحسين سانگي، نواب ولي محمد، مينگهو فقير شر، مولوي غلام محمد سوڊر، مولوي غلام رسول جتوئي، مرتضائي ٺٽوي حقير مسجد سوداري، محمد شاهہ آمري، نورل سيد، روشن علي، ڪمال فقير نوشهرائي، مرزا قليچ صاحب، شاهہ محمد ديدڙ هئا، بلبل صاحب جن مونکي وزن بحر ڪان وقف ڪيو، ان ڪري منهنجا استاد بہ هئا، مان ان وقت ڪان وٺي آزاد شعر ڪي پسند ڪندو آهيان چو تہ سنڌ جا صوفي بزرگ سچل ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ شاهہ نصير الدين نوشهرائي ۽ ٻيا درويش آزاد شعر چئي ويا آهن، وزن ۽ بحر، عرب ۽ فارس ۾ جائو سماڻو آهي، ڪيترائي بحر سنڌي زبان ۾ سر تي نہ چڙهندا. سنڌي زبان ۾ منهنجو هڪ ڪتاب ضياءُ العروض ڇپايل آهي، جو طالبن خواهہ ٻين شاعرن ڪي ڏسڻ

---

* شاهہ محمد صاحب صوفي جتوئي ساڪن يار محمد جتوئي تعلقوميهڙ، بلبل مرحوم جي شاگردن ۽ دوستن مان هڪ بزرگ آهي، جو اجا رب جي فضل ۽ ڪرم سان چڱي صحت سان آهي. مرحوم رئيس شمس الدين بلبل بابت سندس چند يادگيريون پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪجن ٿيون) (ادارو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهرجي. ان تي مون کي ناز آهي، اهڙو ڪتاب ڪنهن به ٻولي ۾ اڄ سوڌو لکيل ۽ ڇاپيل مون کي نظر نه آيو آهي.

1. رئيس شمس الدين بلبل صاحب کي وڏا قومي ليڊر جهڙوڪ: خانبهادر حسن علي آفندي ڪراچي ۽ ٻيا ليڊر وغيره وڏي عزت ڪندا هئا. هي صاحب قلم جي ذريعي سنڌس مددگار رهندو آيو ٿي، اخبارن ۾ معاون. آفتاب سنڌ، خيرخواهه لاڙڪاڻو، مسافر ۽ اخبار الحق جا ايڊيٽر ٿي گذريا آهن. صحافين ۾ شمس الدين بلبل پهريون نمبر صحافي هو، جنهن اخبارن ذريعي مسلمانن ۾ سڌارا آندا ۽ حڪومت جو ڌيان ڇڪائي اسلامي ڪم ورتا. اهڙي ان وقت جي ڪنهن صحافي کي سگهه نه هئي جو بلبل سان ڪلهو هٽي سگهي، هي جيڪي مان چئي رهيو آهيان سو مان پنهنجي اکين ڏٺيون ڳالهيون ڪريان ٿو.
2. نشو ڪو نه ڪندا هئا، ٻيڙي نه ڇڪيندا هئا.
3. مهمان نواز اهڙا هئا، جو اهو ڏينهن ندورو هوندو ، جنهن ۾ مهمان نه هوندو هجي، فقيرن، عالمن ۽ صوفي مست درويشن سان گهٽي صحبت هين، نالي حاجي مولوي غلام محمد سوڍر جوهڪ مست درويش هو، اهو ته سدائين سندن بنگلي ۾ رهندو هو.
4. مون کي ياد آهي ته سال 1912ع يا ڪنهن ٻئي سال ۾ حضرت بلبل صاحب ۽ محمد هاشم مخلص جو هڪ سنڌ ۾ وڏو هوشيار صحافي هو، پاڻ ۾ تنازعه ٿي پيو جو ان وقت آءُ رئيس صاحب مرحوم ڪان چوري ميرپور خاص ۾ وڃي محمد هاشم مخلص سان ملي ڪين صلح جون ڳالهيون وڃي سمجهائي ڏرين ڪي صلح تي آندو پر انهي خاندان مان وچڙندڙ اڻ ٻٽت جي بيماري هميشه لاءِ نڪري نه وئي، وري حضرت ضياءُ الدين بلبل ٻئي ۽ محمد خان غني جو پاڻ ۾ تنازع ٿي پيو پوءِ مون وري دوباره غني صاحب جن کي سنڌس خاندان مخلص صاحب جو احوال لکي ۽ سنڌس همت افزائي ڪري ڪين صلح تي آندو. ان بعد شمس الدين بلبل جي شاگرد مرحوم ماستر جمعه خان غريب ۽ رئيس ضيا ءُ الدين بلبل ثاني جي پاڻ ۾ تنازع ٿي پيو ان جي مون کي خبر ملي ته استاد گهراڻي سان غريب صاحب سينو ساهيو آهي، مون کي تمام ڏک ٿيو ۽ هن طرح منڪر تي غزل ناهي غريب صاحب ڏي موڪليم. انهيءَ طرح تي بزم مشاعره بلبل ميهڙ ۾ رکيم.

”الائي قدرت ڪيو آ ڇا ڪئون لتر پتر غريب جي منهن ۾“

ان جي جواب ۾ غريب صاحب هڪ غزل رسالہ اديب لاڙڪاڻي ۾ شايع ڪرايو جنهن ۾ مون کي دعا بہ ڪيائين ۽ گار بہ ڏنائين. جنهن ۾ لکيائين تہ:

واهہ ڙي فرزند منهنجا شل سنڌ جو ٿيندين وزير
صوفيانہ خيال پنهنجا پيو پلي اظهار ڪر

جنهن جي جواب ۾ مون غزل ناهي هن طرح ڪيس موڪليو انهيءَ طرح تہ ميهڙ ۾ مشاعره رکيو ويو."پٽ نياڻي کي چوڻ پيءُ آهي شريعت ۾ روا." پوءَ لاچار ٿي مارجي اچي بلبل ثاني رئيس ضياءُ الدين صاحب کي پيش پيو ۽ مون کي بہ پرچايو.

5. بلبل صاحب جن وڏا مصنف هئا جن جا اڻڪل ويهارو ٽيهارو ڪن ڪتاب ڇپيل آهن. هڪ ڪتاب جو پنهنجي ملڪيت پنهنجي اولاد کي وقف ڪرڻ جو جيڪو محمد علي جناح صاحب گورنمينٽ کان گهٽي تڪليف وٺي منظور ڪرايو هو تہ متان مسلمانن جي ملڪيت هندو ڪائي وڃن اهو سمورو ڪتاب حضرت شمس الدين بلبل صاحب جن دستاويزن جي نقلن سميت سنڌي ۾ ڇپرايو جو اميد تہ حضرت بلبل ثاني وٽ موجود هوندو ۽ ٻيا پڻ ڪتاب آهن. جن جا مون کي نالا ڪو نہ ٿا اچن.
6. حضرت بلبل صاحب جن نثر لکڻ ۾ بہ وڏا قابل هئا ۽ نثر لکڻ ۾ پنهنجا مٽ پاڻ هئا.
7. مون سال 1935ع کان صوفي ۽ بلبل مشاعره ميهڙ ۾ برپا ڪيا هئا. جو اڄ تائين جاري آهن. جنهن ۾ پهريان مرحوم رئيس ضياءُ الدين "ضيا" بلبل ثاني مون سان گڏ ڪم کي هلايو ۽ مان سيڪريٽري ٿي رهيس. مون کي ڏک آهي تہ هي موقعو وري بہ ميهڙ ۾ رکيو وڃي ها. جتي شمس الدين صاحب جي مزار مبارڪ آهي.
8. حضرت شمس الدين بلبل صاحب جن جي روحاني طاقت جو مشاهدو هن طرح ٿيو. هڪ دفعي آءُ صبح جو گهوڙي تي چڙهي ميهڙ ۾ آيس. رئيس صاحب جن مون کي فرمايو تہ صوفي شام جو واپس وڃجو ۽ منجهند جي ماني هتي کائيندا. مگر مان حڪم جي انحرافي ڪري صبح جو ڪي دوائون وٺي ڳوٺ موٽيس تہ واٽ تي مينهن ۽ ڳڙو اهڙو اچي لٿو جو ڳالهہ ڪرڻ جي نہ آهي. ماڇين جا گهر مون کي نزديڪ نہ هجن ها تہ ڳڙو مونکي وڄائي ڇڏي ها.
9. حضرت شمس الدين بلبل صاحب وڏا غريب نواز. انصاف پسند. سادي طبيعت جا ماڻهو هئا. جڏهن هي صاحب ميهڙ جا چيئرمين. بئنچ ماجسٽريٽ هئا.

تڏهن هڪ ماڻهو تي ڪوڙو ڪيس ناحق وڌن ٿيل هو. ان حقيقت جي مون کي ساري خبر هئي، مون ساري سچي حقيقت کين ٻڌائي جو ان نسبت ۾ فريادي تي پنجاهه روپيا ڏنڊ رکي جوابدار کي ڇڏي ڏنائون.

10. خيرپور رياست جي ميرن سان گهڻي محبت هوندي هين ۽ مير صاحب به کين اعليٰ درجي جو شان ڏيندا هئا.

11. الحمدلله جو اهي بلبل صاحب جون سيئي خصلتون حضرت ضياءُ الدين ضياءُ سندس فرزند ۾ موجود آهن، جڻ ته خصلتن ۾ پيءُ پٽ هڪ آهن. منهنجي دعا آهي ته الله تعاليٰ شل هن خاندان کي باعزت اهل و اقبال اولاد سميت قائم ۽ دائم رکڻ فرمائي.

# شمس الدين”بلبل“

### تحرير: ڏاٽي بخش مگسي

سنڌ جي ستي شاعر، صحافي، سماجي و علمي ڪارڪن شمس الدين بلبل ولد رئيس بهادر خان ذات شينهه وينل شهر ميهڙ ۾ سن 1857ع ۾ جنم ورتو. سندس والد اصل بلوچستان پاڳ ناڙي جي ڳوٺ ڪمال خان جا رهواسي هئا. جتي سندس والد کي ٻه هزار کن ايڪڙ زمين هئي. جيڪا برسات تي آباد ٿيندڙ هئي، پر ڪيتري وقت کان برسات نه پوڻ ڪري اتي سخت ڏڪر پيو. جنهن ڪري ماڻهن لڏ پلاڻ ڪري ٻيا ڳوٺ ۽ شهر وسايا. اهڙي طرح رئيس بهادر خان به اصلوڪي ڳوٺ کي ڇڏي اچي ميهڙ ۾ ويٺو ۽ ميهڙ کي ئي پنهنجو وطن بنايائين. کيس هڪ فرزند ڄائو، جنهن جو نالو شمس الدين رکيائين. شمس الدين اڃا ڇئن پنجن سالن جو مس ٿيو ته سندس والد کيس عربي، فارسي جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ديني مدرسي ڳوٺ گاهي مهيسر ۾ ڇڏي آيو. پاڻ اتي قرآن شريف ناظره پڙهي پورو ڪيو ۽ بعد ۾ عربي و فارسي پڙهڻ شروع ڪيائين. ان بعد سندس والد کيس باگي خان تيوٽي جي ڳوٺ ۾ مشهور عالم دين مولانا عصمت الله پيرزادي شهدادڪوٽي وٽ علم حاصل ڪرڻ لاءِ ڇڏي آيو. انهي وقت مدرسي ۾ مولانا عبدالوهاب ۽ مولانا عبدالڪريم ديروي جن پڻ پڙهائيندا هئا. ان مدرسي جو باني مولانا نبي بخش خان مهيسر هو. اهو پڻ الله وارو بزرگ ۽ جيد عالم هو. ان بعد پاٽ شهر جي مشهور ديني مدرسي ۾ مولانا حسن الله صديقي وٽ پڙهيو ۽ عربي ۽ فارسي جي تعليم مڪمل ڪري دستاربندي ڪئي. سندس هم ڪلاسين ۾ مشهور عالم مخدوم امير محمد جوڻيجو، مولوي خير محمد جوڻيجو، مخدوم پير غلام مجدد سرهندي، علامه آءِ آءِ قاضي، سيد علي مراد شاهه سيتائي، مخدوم غلام محمد جتوئي، محمد قاسم مشوري، مولوي عبدالغفور سيتائي، مولوي دين محمد وفائي ۽ ٻيا شامل آهن.

مخدوم نظام الدين صديقي شمس الدين بلبل جا مرشد هئا. شمس الدين بلبل بهترين شاعر، صحافي ۽ سوشل ورڪر پڻ هوپاڻ عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ شاعري ڪندا هئا. سندس شاعري ۾ ”بلبل“ تخلص هئس. سندس هي تخلص خانداني طرح مشهور آهي. سندس شاعري جي شهرت ان وقت هڪ عورت ”گل ناز“ ذات جي شيخ هئي، ان تائين پهتي. گل ناز پاڻ به سنڌي ۽ فارسيءَ ۾ شاعري ڪندي هئي. جيڪا پوءِ

بلبل تي موهت ٿي پيئي ۽ ڪيس محبت ڪرڻ لڳي. انهيءَ ڪري سندس گهروارن سندس پهرين شادي سنڌي پناڻ گهراڻي مان ڪرائي. ليڪن گل ناز ۽ بلبل جي محبت جي ڪري پهرين شادي سبب بلبل کي گهرو سڪون ميسر نہ آيو. آخر شمس الدين بلبل ۽ گل ناز محبت جي شادي ڪئي. گل ناز بيگم جو اباڻو ڳوٺ سيد پير محمد شاهہ هو جيڪو ميهڙ شهر کان چار ميل پنڌ جي مفاصلي تي آهي. بلبل صاحب کي گل ناز بيگم مان هڪ پٽ نالي عبدالفتاح ڄائو. سندس فرزند پڻ سنو شاعر ۽ اديب هو. سندس شاعري جي استاد سندس والده ماجده هئي. عبدالفتاح جو تخلص "عبد" هو. بلبل صاحب جي مٽي مائٽي جي لحاظ کان ڳانڍاپو شينا, ڪوڪر ۽ ابڙن سان هو. گهرو مسئلن ۽ پريشانين سبب بلبل صاحب مجبورٽي پنهنجي ٻي گهرواري گل ناز ۽ پٽ عبدالفتاح کي وٺي سفر تي روانو ٿيو. پهريائين لاهور ويا, ان بعد دهلي ۽ حيدرآباد دکن جو سفر طئي ڪري موٽي اچي دهليءَ ۾ قيام پذير ٿيا. اتي بلبل صاحب صحافت جي پيشي سان وابستا رهيو. ان وقت جي مشهور صحافين مرزا ناظم علي غازي, منشي محبوب عالم ۽ منشي دين محمد "فوق" قابل ذڪر آهن.

صحافت جي دنيا ۾ محنت ۽ قابليت جي ڪري بلبل صاحب جون ملاقاتون سر سيد احمد خان, نواب وقار الملڪ, مولانا حالي, مولانا شبلي نعماني, اڪبر الهہ آبادي جهڙين شخصيتن سان ٿيون. انهن سان ڪافي ڪچهريون ڪيائين. بلبل صاحب انهن شخصيتن مان گهڻو پرايو. اهي مشهور شخصيتون پڻ بلبل صاحب جي ادب, فن و فڪر, شاعري ۽ صحافت کان متاثر ٿيا.

وڏي ڀاءُ رئيس پير بخش خان جي بيماريءَ جو ٻڌي يڪدم پنهنجي وطن ۾ موٽي آيو. هت حسن علي آفندي ۽ الهہ بخش ابوجهي سان تمام گهرا تعلقات رکيائين. بلبل صاحب سياسي ۽ قانوني ماهر جي حيثيت ۾ اڪثر وفدن سان بمبئي تائين ويندو رهيو. هميشہ بمبئي ۾ سنڌ جو ڪيس مضبوط انداز ۾ پيش ڪندو رهيو. پاڻ سماجي خدمتن جي حوالي سان ۽ علمي واڌاري لاءِ ميهڙ شهر ۾ هاءِ اسڪول کولرايائين. جيڪو اڄ بہ سندس نالي پنيان سڏجي ٿو.

شمس الدين بلبل کي پهرين گهرواري مان هڪ نياڻي ۽ هڪ پٽ نالي ضياءُ الدين ڄائو. جيڪو پڻ سنو شاعر ۽ اديب هو. صحافت ۾ شمس الدين بلبل اخبار "خير خواهہ" لاڙڪاڻي جو ايڊيٽر ۽ هفتيوار اخبار "مسافر" حيدرآباد جو ايڊيٽر ۽ "آفتاب" اخبار سکر جو ايڊيٽر پڻ رهيو. شمس الدين بلبل 1919ع ۾ وفات ڪئي. ڪيس سندس اباڻي قبرستان ميهڙ ۾ دفن ڪيو ويو.

# رئيس شمس الدين "بلبل" جو
# صحافتي سوانحائي خاڪو...!

**پاويل جوٽيجو**

ماڻهو سڀ نہ سهڻا، پکي سڀ نہ هنج
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ، اچي بوءِ بهار جي

سنڌ ۾ مٽيادار ۽ اهل علم عظيم ماڻهن جي ڪا کوٽ ناهي، جن پنهنجي زندگي پنهنجي وطن جي ڌرتيءَ تي رهندڙ ماڻهن جي خدمت، انهن جي فلاح و بهبود ۽ ڀلائي لاءِ وقف ڪري پوري زندگي انهن ماڻهن کي تعليم ڏيڻ، انهن کي زندگي گذارڻ، انهن کي حاصل ڪرڻ جو شعور نہ ڏنو هجي ۽ انسانن کي سماج ۾ پنهنجا بنيادي حق ڏيارڻ لاءِ جدوجهد نہ ڪئي هجي. اهڙن مٽيادار اهل علم ۽ اهل دانش ماڻهن مان شاهہ لطيف، سچل سرمست، شاهہ عنايت شهيد، شهيد مخدوم بلاول جي ماتر ڀومي سنڌ جي مينديءَ جي مهڪ ۽ مائي جي ميناج ڪري مشهور شهر ميهڙ جو جائو ۽ رهواسي رئيس شمس الدين "بلبل" بہ هڪ هو.

رئيس شمس الدين "بلبل" 1857ع ۾ ميهڙ شهر ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو رئيس بهادر خان سندس ڏاڏي جو نالو جناب رئيس ڪمال خان هو. سندس وڏڙا اتر کان ناڙيءَ طرف کان آيل هيا. رئيس شمس الدين "بلبل" پاڻ ۾ پنج ڀائر هيا، جن ۾ رئيس شمس الدين بلبل پنجن ڀائرن ۾ سڀ کان ننڍو ڀاءُ هيو. سندس خاندان جي سماجي ڪرت زميداري هئي. ڪين ميهڙ تعلقي جي ديهہ واهہ گاهي، روجهاڻ منگواڻي، ڪڏڻ، انبار چلو ۽ ٻين ديهن ۾ سوين ايڪڙ زرعي زمين هئي، جنهن مان سندس پونئرن کي اڄ بہ ڪافي زمين آهي. رئيس شمس الدين "بلبل" شروعاتي تعليم ميهڙ تعليمي ۾ حاصل ڪئي ۽ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ پاٽ شريف ويو هو. هن ۾ خداداد ذهني صلاحيتون هجڻ سبب هو انتهائي ڏاهو ۽ ذهين شاگرد هيو. علم، ادب ۽ تعليم سان عشق جي حد تائين چاهہ ڪيس 1889ع ۾ مرحوم خان بهادر حسن علي آفندي جي صحبت ۽ سرپرستي عطا ڪئي ۽ ان وقت مرحوم خان بهادر حسن علي آفندي هند ۽ سنڌ ۾ ڌاري انگريز سامراج کان مسلمانن کي آزادي ڏيارڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيو هيو ۽ مسلمانن (سنڌين) کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تعليم پرائڻ لاءِ تدبيرون سوچيندو هيو ۽ رٿابندي ڪندو هيو ۽ سنڌي مسلمان آبادگارن، زميندارن ۽ هارين جي حقن لاءِ جدوجهد ڪري رهيو هيو.

رئيس شمس الدين ”بلبل“ سيپٽمبر 1919ع ۾ 62 سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪئي. سندس آخري آرامگاهه ميهڙ شهر ۾ سندس حويلي جي پرسان سندن ٺهرايل مسجد جي احاطي اندر تربت ۾ موجود آهي. رئيس شمس الدين بلبل انسان دوست، علم دوست، ادب دوست هڪ انساني شخصيت نه پر تحريڪ هيو. جنهن پنهنجي زندگي ۾ انسان جي زندگيءَ جي خوشحالي لاءِ انهيءَ ڪي علم جو شعور ڏيڻ لاءِ لازوال جدوجهد ڪئي. سنڌ ۾ تعليم جي واڌاري، ادب جي ترقي لاءِ اهڙو ڪردار ادا ڪيو. جو هو سنڌ ۾ تعليم، ادب جو اڻ مٽ ڪردار بڻجي ويو آهي. جسماني طور اسان سان نه هوندي به پنهنجي ادا ڪيل ڪردار ڪري اسان جي موجوده پيڙهي ڪي به پرائمري تعليم کان وٺي اعليٰ تعليم تائين سندس شخصيت ۽ زندگيءَ جي جدوجهد بابت سبق پڙهايو پيو وڃي ۽ يقين آهي ته اسان کان پوءِ ايندڙ پيڙهين ڪي به سندس زندگي، شخصيت ۽ ڪردار بابت اسڪولن ۾ سبق پڙهايو ويندو. ڇو ته رئيس شمس الدين ”بلبل“ علم، تعليم و تدريس ۽ ادب جي دنيا جو اڻ مٽجندڙ امر ڪردار آهي. جنهن هڪ ئي وقت انسان جي سماجي زندگيءَ جي خوشين، غمين، ڏکن، دردن، پيڙاءَ، مسائل مسئلن بابت فلسفي توڙي طنز و مزاح ۾ طبع آزمائي ڪئي. علم ۽ ادب جي دنيا ۾ هڪ سٺو مضمون نگار به هيو ته سٺو شاعر به هيو ته اعليٰ پائي جو سٺو صحافي به هيو.

رئيس شمس الدين ”بلبل“ جي تعليمي خدمتن، ادب شاعري، مضمونن جي صنفن تي اعليٰ پائي جي اديبن ۽ شاعرن گهڻو ڪجهه لکيو آهي. ان ڪري مان ان جي ان تعليمي ۽ ادبي خدمتن کي ڇڏي ڪري ان جي صحافتي زندگيءَ بابت ڪجهه مختصر سوانحائي خاڪو پيش ڪيان ٿو جيئن اسان جو سنڌ جو ايندڙ نسل اهڙي عظيم انسان دوست، علم دوست شخص جي زندگيءَ جي ان پهلوءَ کان به واقف ٿي سگهي.

رئيس شمس الدين ”بلبل“ جو صحافتي سوانحائي خاڪو.

رئيس شمس الدين ”بلبل“ پنهنجي صحافتي زندگي جي شروعات مرحوم خان بهادر حسن علي آفندي جي سرپرستي ۾ 1889ع کان شروع ڪئي ۽ حسن علي آفندي پاران جاري ڪيل ”معاون“ نالي اخبار جو ايڊيٽر ٿيو. مرحوم حسن علي آفنديءَ جي وفات کانپوءِ ڪراچيءَ ڇڏي وري ميهڙ موٽي آيو. ڪيترن اخبار وارن کيس پنهنجي پنهنجي اخبار جي ايڊيٽر ٿيڻ جي آڇ ڪئي. پر هن ٻاهر وڃڻ پسند نه ڪيو ۽ آخرڪار هن ڳالهه تي راضي ٿيو ته هو ميهڙ کان ئي ڪين مضمون لکي موڪليندو ۽ گهر ويٺي شمس الدين ”بلبل“ ڪراچي جي ”گزيٽ“ اخبار جو ايڊيٽر بڻيو. پر مالڪ اخبار نه هلائي

سگهيو ۽ جلد ئي اها اخبار بند ٿي وئي. ان ڪانپوءِ سنڌ جي لاڙڪاڻي ۾ شهر مان نڪرندڙ ”خير خواهه“ اخبار جو ﺑﻪ. چار سال ايڊيٽر رهيو ۽ سکر مان نڪرندڙ هڪ ٻي اخبار ”الحق“ ۾ بہ بطور ايڊيٽر ڪم ڪيو. ان ڪانپوءِ حيدرآباد مان نڪرندڙ هڪ اخبار ”مسافر“ ۾ بہ ايڊيٽر طور پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ ان ڪانپوءِ آخر ۾ سکر جي هڪ سيٺ حاجي احمد ميمڻ پاران ڪڍيل مشهور اخبار ”آفتاب“ جو آخري گهڙي تائين ايڊيٽر هيو. رئيس شمس الدين ”بلبل“ پنهنجي صحافتي زندگيءَ ۾ ان وقت جي انگريز سامراج جي زيادتين، سماج جي مختلف طبقن خاص ڪري ان وقت جي آبادگارن سان درپيش مسئلن بابت گهڻو ڪجھ لکيو. سندس بي باڪ لکڻي ۽ صحافتي ڪردار ڪري سن 1909ع ۾ ”الحق“ اخبار جي مالڪ شيخ عبدالعزيز ۽ بطور ايڊيٽر جي رئيس شمس الدين ”بلبل“ تي ڪراچيءَ جي سٽي مئجسٽريٽ (Mr. E Sands) وٽ هڪ وڏو مقدمو سندس خلاف قائم ڪيو ويو. جنهن جو فريادي ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد جو پرنسيپال مسٽر پهلاج راءِ هو. هو نالي ماتر فريادي هو. پر دراصل اهو مقدمو قائم ڪرائڻ ۾ ان وقت جي حيدآباد ۽ ڪراچي جي متعصب هندو ليڊرن ۽ عيسائي پادرين جو هٿ هو. جن رئيس شمس الدين بلبل تي انڊين پينل ڪوڊ 153 هيٺ مقدمو داخل ڪري رئيس شمس الدين ”بلبل“ تي الزام لڳايو تہ هو. ”الحق“ اخبار جي ادارين ۾ هندن کي هروڀرو ذليل و خوار ڪري ٿو ۽ مسلمانن جي جذبن کي هندن خلاف اڀاري ٿو. فريادي ڌر جو ڪراچيءَ جو مشهور وڪيل چند راءِ هو ۽ جوابدار ڌر پاران ناميارو وڪيل مسٽر ريمنڊ هيو. جيڪو هاءِ ڪورٽ جو جج بہ رهيو. ان شمس الدين ”بلبل“ کي راءِ ڏني تہ هو فريادي ڌر کان معافي وٺي پر رئيس شمس الدين ”بلبل“ اها راءِ قبول نہ ڪئي ۽ آخرڪار ڪيس هليو ۽ رئيس شمس الدين ”بلبل“ وڪيل مسٽر ريمنڊ کي ڇڏي ان وقت حيدرآباد جي وڪيل مسٽر غلام حسين کي وڪيل مقرر ڪيو. مسٽر غلام حسين اهو آهي جيڪو بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل جو ميمبر رهڻ سان گڏ سنڌ جو وزير اعليٰ بہ رهيو آهي. اهو رئيس شمس الدين بلبل جو گهاٽو دوست هيو. جنهن قومي جذبي تحت بنا فيس وڪالت ڪئي. جنهن سبب اهو ڪيس قومي اهميت حاصل ڪري ويو.

متعصب هندو ليڊرن ۽ فريادي ڌر جو زور هيو تہ رئيس شمس الدين ”بلبل“ کي سزا ملي ۽ ”الحق“ اخبار ضبط ٿئي. پر وڪيل مسٽر غلام حسين، رئيس شمس الدين بلبل جا اخبار ۾ لکيل اهڙا مضمون ڳولي پيش ڪيا، جن جي ڪري آڏي پڇا ۾ اهڙو تہ فائدو پيو. جو مئجسٽريٽ نہ صرف ڪيس خارج ڪري ڇڏيو. بلڪ فريادي ڌر کي چنڊ پٽي ۽ ڪيس ڪٽيو ويو ۽ متعصب هندن، عيسائين، پادرين کي شڪست ملي ۽ جنهن کان پوءِ رئيس شمس الدين ”بلبل“ کان حيدرآباد، ڪراچي جا سڀ متعصب هندو ۽ عيسائي

پادري ائين ڏجندا هئا جيئن ڪانءُ ڏجي ڪمان کان.

رئيس شمس الدين ”بلبل“ جون لکڻيون ڪمال جون هيون. سندس نظر سماج جي معمولي کان معمولي مسئلي تي بہ تيز هوندي هئي. سندس لکڻين جي ٻولي اهڙي تہ سادي، آسان ۽ مزيدار هوندي هئي جو ڪيس پڙهندڙ جڏهن سندس لکڻي کي پڙهڻ ويهندو هيو تہ ان ۾ ڪوئجي ويندو هيو ۽ سندس لکڻي مصري وانگر مٺي لڳندي هيس، جو ان کي پڙهي پيو چپن سان چسڪي وٺندو هو. رئيس شمس الدين ”بلبل“ پنهنجي لکڻين ۾ سماج جي منجهيل ۽ پيچيده مسئلن کي کل ڀوڳ ۾ پيش ڪري هڪ نئين فن کي تخليق ڪيو. شمس الدين بلبل پنهنجي لکڻين ذريعي سنڌ جي مسلمانن کي نئين تهذيب جي زهر کان بروقت خبردار ڪيو ۽ پنهنجي مذهبي روايتن ڏانهن رجوع ڪرڻ تي مجبور ڪيو. هن پنهنجي صحافتي زندگيءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا. جن مان ڪجهہ هيٺيان آهن.

1. نيچرل ڪريما
2. ديوان بلبل سنڌي
3. بهار عشق
4. رحيما
5. تيرهن چار
6. مسلمان ۽ تعليم
7. عقل ۽ تهذيب
8. قرض جو مرض
9. صد، پند، سود مند
10. شمس المڪاتيب
11. احسن التواريخ
12. ديوان بلبل فارسي
13. بهارستان بلبل
14. آئينہ ظرافت
15. گنج معرفت

بهرحال رئيس شمس الدين هڪ اعليٰ پائي جو مدبر ۽ سماج جو اوڻاين ۽ مسئلن ۽ ان جي اٿل، پٿل تي باز واريون عقابي نظرون رکندڙ عظيم صحافي هيو. جنهن کي صحافت جي دنيا ۾ ائين ئي ياد ڪيو ويندو آهي، جيئن ڪيس ادب جي دنيا ۾ سنڌ جي بيوس لاچار مسلمانن جي حقن واري جدوجهد ۾ ادا ڪيل ڪردار ڪري عزت ۽ احترام جي نگاهہ سان ڏسي ياد ڪيو وڃي ٿو.

# حضرت رئيس شمس الدين بلبل
# جا ادبي اوليات مختر پيرايہ ۾

**از قلم: ضياءُ الدين ثاني ابن شمس**

1. حضرت بلبل سيني کان اول سليس سنڌي اخباري زبان سنڌ ۾ متعارف ڪئي، سندس هي احسان وسارڻ جهڙو نہ آهي.
2. حضر ت بلبل سيني کان اول سنڌي ٻولي ۾ مرصع ۽ مسجع الفاظ ملائي ان کي رنگين ۽ نمڪين بنائي پيش ڪيو.
3. حضرت بلبل سيني کان اول پنهنجي ڪلام ۾ مزاح، ظرافت ۽ طنز جي چاشني ملائي خاص مقصد لاءِ سنڌي ٻولي کي دلڪش ۽ دل نشين پيرايہ ۾ پيش ڪيو، هن ٻولي کي چٽپٽو بڻائي عوام جي توجهہ حاصل ڪري ورتي.
4. حضرت بلبل سيني کان اول سنڌي ٻولي ۾ تعريضي طرز (Ironical) ڪلام جو استعمال ڪري ٻولي ۾ هڪ نئين صنف جو اضافو ڪيائين. هي طرز تحريڪ اڄا سوڌو سنڌ ۾ ناياب آهي.
5. حضرت بلبل سيني کان اول پنهنجي ڪلام ۾ نوان استعارا، ڪنايہ، محاوره، لطائف، ظرائف، تمثيلون ۽ تشبيهون استعمال ڪري سنڌي ٻولي کي ادبيات جي لحاظ کان مالا مال ڪري دلاويز بڻائي ڇڏيو.
6. حضرت بلبل سيني کان اول سنڌي ٻولي کي عام فهم ۽ عوامي ٻولي جي شڪل وصورت ۾ پيش ڪري انشا پردازي جو سڪو ڄمايو.
7. حضرت بلبل سيني کان اول تدريسي نظام ۾ فارسي زبان کي رائج ڪرائي سنڌي ٻولي جي علمي ۽ ادبي خزاني ۾ اضافي آڻڻ جو باعث بڻيو.
8. حضرت بلبل سيني کان اول سنڌي ٻولي کي پرڪشش ۽ دلآويز طريقي سان لکي خاص و عام کي پنهنجي تحريرن جي طرف متوجہ ڪيو بلڪ سنڌي ٻولي کي دنيا جي سڌريل ٻولين جي صف ۾ شمار ڪرائي ڇڏيائين.
9. حضرت بلبل سيني کان اول صحافت ۾ سچائي ۽ ايمانداري جي اصول ذريعي ان ۾ انقلاب آڻي صحافت کي بام عروج تي پهچائي پاڻ کي صحافت جو ڏاڏو آدم،

باني ۽ امام طور مڃرائڻ ۾ ڪامياب ٿيو.

10. حضرت بلبل سيني کان اول صحيح معنيٰ ۾ ايڊيٽري ڪري ڏيکاري جنهن جو اعتراف وقت جي نامور ۽ ممتاز مدير صاحبان لکت ۾ ڪيو آهي.

11. حضرت بلبل سيني کان اول صحافت جو وقار بلند ڪري ان کي ڪمال درجي تي پهچائڻ جو شرف به حاصل ڪيو آهي.

12. حضرت بلبل سيني کان اول پنهنجي نظم ۽ نثر کي اصلاحي رنگ ڍنگ ۾ دلڪش نموني سان پيش ڪري پنهنجي مسلم قوم ۾ هر طرح جي اصلاح آڻڻ جو باغث بڻيو ۽ ڪيس ان جو موجد تسليم ڪيو ويو.

13. حضرت بلبل سيني کان اول پنهنجي ڪلام ۾ حضرت سعدي جي ڪلام ڪريما جي طرز تي ڪريما نيچرل ۽ مامقيما جهڙا شاهڪار تخليق ڪري پنهنجي اسلامي خيالات جي پرچار ڪري پنهنجي قوم ۾ اخلاقي سڌاري آڻڻ جو سبب بڻيو.

14. حضرت بلبل سيني کان اول مولانا حالي جي ڪلام جهڙو اسلامي ۽ اصلاحي ڪلام ساڳي طرز تي رحيمان لطيف لکي پيش ڪيو ۽ پنهنجي مسلم قوم جي اصلاح ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو.

15. حضرت بلبل سيني کان اول پنهنجي نوجوان افراد کي انگريزن جي فيشن جو گرويده ڏسي ڪين برقت پنهنجي اصلاحي ڪلام ذريعي خبردار ۽ شرمسار ڪري ان وچڙندڙ وبا کان بچائي ورتو.

16. حضرت بلبل سيني کان اول انگريزن جي تهذيب جي براين جا نهايت خوبصورتي سان پنهنجي ظريفانه ۽ مزاحيه ڪلام ذريعي پول کولي ان کي نروار ڪري پنهنجي قوم کي خبردار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو.

17. حضرت بلبل سيني کان اول حافظ ۽ سعدي جهڙن غيرفاني شهرت رکندڙ شاعرن جي ڪلام جي اهڙي تضمين ڪئي آهي جنهن جو مثال ملڻ ناممڪن آهي، هنن تضمينن سبب سندس فن ۽ ڪلام کي انهن شاعرن جي فن ۽ ڪلام سان پيٽي سگهجي ٿو.

18. حضرت بلبل سيني کان اول پاڻ کي مفڪر مڃائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ڇاڪاڻ ته هن جي اصلاحي ڪلام سوسائٽي تي مثبت اثر وڌو ۽ قوم پاڻ ۾ گهربل اصلاح آندي ۽ بلبل کي گهڻن ڪمن جو موجد تسليم ڪيو ويو ۽ منجهس صحيح پيشنگوئي ڪرڻ جي صلاحيت موجود هئڻ سبب به متفق طور صف اول جو مفڪر مڃيو ويو. حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحہ کي به اهل علم، اهل هنر ۽ اهل دل حضرات صف اول ۾ رکيو آهي.

19. حضرت بلبل سيني کان اول ٻن قوميتن وارو نظريو پيش ڪري نهايت جرئتمندي سان مسلم رياست جو نہ رڳو نظريو پيش ڪيو بلڪ زوردار الفاظن ۾ ڪتاب (جام-جم) ۾ گهُر پڻ ڪئي تہ مسلمانن کي الڳ مسلم رياست گهرجي. جنهن جو ثبوت"جام جم" موجود آهي. (سال اشاعت 1918ع)
20. حضرت بلبل سيني کان اول راشي ڪامورن ۽ ڍونگي پيرن فقيرن کي بي نقاب ڪري سنڌين برايون ۽ بڇڙايون قوم آڏو نروار ڪري ڪين انهن جي چڪرن کان بچڻ جي تلقين ڪئي.
21. حضرت بلبل سيني کان اول سوسائٽي اندر موجود براين جي نشاندهي ڪري پنهنجي قوم کي خبردار ڪيو ۽ برائي ڪندڙ شخصن کي بہ سندن ڪڌن ڪرتو تن کان باز رکڻ لاءِ شرمائيندو رهيو. هن ڏس ۾ سندس تحرير "تيرهن چار مڪرن جا مار" موجود آهي، جنهن ۾ هن سوسائٽي ۾ موجود براين جي نشاندهي ڪري پنهنجي قوم کي خبردار ڪيو اٿس ۽ اهڙن برائي ڪندڙ تيرهن گروهن کي بہ شرمائي اهڙن برن ڪمن کان باز رهڻ جي تلقين ڪئي اٿس.
22. حضرت بلبل سيني کان اول پنهنجي قوم جي سچن عمائدين جي چونڊ ڪري انهن کي پنهنجي قصيدي سان ياد ڪري قوم سان سندن تعارف هيرو طور ڪرائي سنڌ ۾ هيرو ورشپ جو بنياد وڌو ۽ پنهنجي قصيدي کي قاآني جي قصيدي جي برابري واري سطح تي پهچائي ڇڏيو.
23. حضرت بلبل سيني کان اول عليگڑھ تحريڪ کي سنڌ اندر صحيح طرح متعارف ڪرائي مسلمانن کي جديد تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو جيئن هو ان دور جي تقاضائن مطابق پاڻ کي هندن جي مد مقابل بڻائي انهن سان ۽ خود انگريزن سان مهاڏو اٽڪائي آزادي حاصل ڪري سگهن.
24. حضرت بلبل سيني کان اول اهو تصور پيش ڪيو تہ هندن سان سياسي الحاق غلط قدم هوندو چاڪاڻ جو هندو سياستدان ڪنهن بہ طرح ڀروسي ڪرڻ جي لائق نہ آهن. ان ڪري حضرت بلبل آل انڊيا ڪانگريس ۾ مسلمانن جي شموليت جي سخت خلاف هو.
25. حضرت بلبل سيني کان اول هندن جي مطالبي هوم رول جو ڀانڊو ڦاش ڪري مسلمانن کي خبردار ڪيو تہ انگريزن جي پنجوڙ مان نڪري هندن جي ڪوڙڪي ۾ ڦاسي ويندؤ ان ڪري مسلمانن کي هوم رول نہ بلڪ جدا مسلم رياست گهرجي.
26. حضرت بلبل سيني کان اول ايني بيسنٽ جي وچايل ڄار جو اصل مقصد ۽ راز فاش ڪري پنهنجي قوم کي خبردار ڪيو تہ هن چالاڪ مڪڙي جي وچايل ڄار ۾ ڦاسڻ

ڪان پاڻ کي بچايو. برصغير جا اڪثر ۽ اهم مسلم رهنما سندس تيار ڪيل چار ۾ قاسي چڪا هئا جن کي پڻ ترغيب ڏنائون ته ان چار مان جان ڇڏائين.

27. حضرت بلبل سيني ڪان اول اڪبر الهه آبادي جهڙو بلڪ ان ڪان به ڪيئي ڀيرا بهتر مزاحيه ۽ اصلاحي ڪلام پيش ڪري پنهنجي مسلم قوم کي هر برائي ڪان نه صرف آگاهه ۽ خبردار ڪيو بلڪ اهڙي نموني ڪين تنبيهه ڪري روڪيو جو ڪين محسوس ٿئي نه ٿيو ته سندن لاک لاهي ڪين سڌي ۽ سلامتي واري دڳ تي گامزن ڪيو ويو آهي. ساڳي طرح نصارا تهذيب جي به نهايت چابڪدستي سان اهڙي ته مٽي پليد ڪيائين جو مسلمان ته شرمسار ٿي اهڙي تهذيب اپنائڻ ڪان باز رهيا مگر انگريز کي اها ڪل ٿي نه پئي ته سندن ڪم لهي چڪا آهن ۽ هو اهڙي مزاحيه ڪلام کي محض چرچو ڀوڳ سمجهي نظر انداز ڪندا رهيا.

28. حضرت بلبل سيني ڪان اول پنهنجي ظريفانه، مزاحيه ۽ اصلاحي مگر تعريضي ڪلام ذريعي روزي، نماز ۽ پرهيزگاري جهڙن ڪمن جي نهايت عالمانه ۽ ناصحانه انداز سان تلقين ڪري ڪين سڌي رستي تي آڻڻ ۾ ڪامياب ٿيو.

29. حضرت بلبل سيني ڪان اول پاڻ کي شاعر انقلاب مجرائڻ ۾ ڪياب ٿيو. اهو انقلاب پوءِ پاڪستان جي صورت ۾ ظاهر ٿيو. اهڙو ٻج بيشڪ بلبل ئي پوکي ان جي آبياري ڪئي هئي جو پوءِ خوبصورت تناور وڻ جي شڪل ۾ سن 1947ع ۾ منظر عام تي آيو. انهي ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته انهي ٻوٽي جي آبياري جو فريضو بلبل ڪان پوءِ ٻين رهنمائن جي ذمي رهيو.

30. حضرت بلبل سيني ڪان اول پاڪستان جي قائم ٿيڻ جو واضح ۽ چٽو اعلان پنهنجي عين وفات وقت ڪيو هو. ان وقت پاڪستان ۽ هندستان جي ورهاڱي جو منظر عين نزاع واري حالت ۾ ڏسي رهيو هو تڏهن ته اعلان ڪري ويو ته "هندن جا بجڪا ڏار ڪيو ۽ مسلمانن جا بجڪار ڏار ڪريو". گهڻا اهلِ قلم ۽ اهل دل حضرات بلبل کي وقت جو ولي چئي ويا آهن گويا سندن هي راءِ به صحيح ثابت ٿي.

31. حضرت بلبل سيني ڪان اول مسلم قوم جي فائدن وارن ڪمن جي نشاندهي ڪري اهڙا ڪم وقت جي صاحب اختيار ذريعي پاس ڪرائي سنڌ سان لاڳو ڪرايا. انهن اهم ڪمن ۾ دکن اگريڪلچرل رليف ائڪٽ، وقف عليٰ الاولاد جو قانون ۽ انڪم برداستيت جو قيام قابل تحسين ڪم آهن ان ڪانسواءِ هن مسلمان قوم ۾ تعليم جي روشني ڦهلائڻ لاءِ پنهنجي اباڻي شهر ميهڙ ۾ هڪ شاندار درسگاهه قائم ڪئي جيڪو هن وقت هڪ بهترين هاءِ اسڪول جي صورت ۾ موجود آهي ۽ لڪين شاگرد هن درسگاهه مان تعليم حاصل ڪري وڏا وڏا عملدار ۽ آفيسر بڻجي چڪا

آهن.

32. حضرت بلبل سيني کان اول پنهنجي منقولہ ۽ غير منقولہ جائداد قانون وقف علي الاولاد تحت رجسٽر ڪرائي پنهنجي ملڪيت خردبرد ٿيڻ کان بچائي ويو. جيڪي وڏا زميندار پنهنجا صغير ٻار پنهنجي پنيان ڇڏي وفات ڪري ويا ۽ پنهنجي جائيداد هن قانون تحت رجسٽر ڪرائي نہ ويا انهن جون ملڪيتون تلف ٿي ويون .

33. حضرت بلبل سيني کان اول انجمن هلال احمر کي اندرون سنڌ متعارف ڪرايو. جناب عبدالله هارون صاحب جي سرڪردگي ۾ هڪ اهم وفد جنهن ۾ جناب خالقڏنو، جناب موليڏنو، جناب تاج محمد لٺ، جناب چاڳلا ۽ ٻين اهم اشخاصن تي مشتمل وفد ميهڙ ۾ حضرت بلبل جي دعوت تي اچي بلبل بنگلي ۾ مهمان ٿي رهيو. بلبل بنگلي کي هيڊ ڪوارٽر طور استعمال ڪري پوري علائقي جو هن وفد دورو ڪيو ۽ ان کان علاوه هن پوري خطي جي اهم ماڻهن کي حضرت بلبل پنهنجي بنگلي تي گهرائي هلال احمر جو تعارف ڪرايو جنهن ۾ تمام گهڻو چندو هلال احمر کي مليو ۽ هي تنظيم اندرون سنڌ مقبول ٿي.

34. حضرت بلبل سيني کان اول سنڌ محمد ايسوسي ايشن کي اندرون سنڌ متعارف ڪرايو. هن تنظيم جو هڪ اهم هيڊ ڪوارٽر ميهڙ ۾ هو ۽ برانچون ٻين مختلف شهرن ۾ قائم ڪيل هيون.مسلمانن جي ضروري گهرن کي ريزوليوشن جي شڪل ۾ مرڪزي دفتر ڪراچي ڏانهن موڪليو ويندو هو جتان اهي تجويزون سرڪار جي گوشہ گذار ڪيون وينديون هيون.

35. حضرت بلبل سيني کان اول ميهڙ شهر ۾ هڪ فلاحي تنظيم ”انجمن اتفاق اسلام ميهڙ“ قائم ڪئي جنهن جي ذريعي هن علائقي جي ماڻهن جو آواز سرڪار تائين پهچايو ويندو هو. بلبل جي وقت ۾ سنڌ ۾ صرف ٽي ضلعا هئا، ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور. بلبل جي حياتي ۾ پوءِ ضلعي لاڙڪاڻي جو اضافو ٿيو.

36. حضرت بلبل سيني کان اول عيسائي مشينري پادرين جي ٻوٿن کي لغام ڏئي ڪين نہ صرف دين اسلام ۽ باني دين اسلام تي حملن ڪرڻ کان روڪيو بلڪ سندس وايون ولڙيون ڪري ڇڏيون ۽ وري اهڙي گستاخانہ تقرير ۽ تبليغ ڪرڻ جي منجهن همت نہ رهي.

# محسنِ قومِ شمس العلماءَ
# رئيس شمس الدين بلبل رحہ

**تحرير: سراج شمس بلبل**

سنڌ سونهاري پنهنجي ڪک مان هر دور ۾ پرهه جا پرچارڪ پيدا ڪندي رهي آهي، جيڪي پنهنجي حصي آهر صبح صادق ٿيڻ جي پڪ ڪرائيندا آهن ۽ پنهنجن پنهنجن زمانن ۾ پنهنجو پنهنجو حصو ڳڻائيندا آهن. سندن آواز صدين تائين پڙاڏن جي روپ ۾ موجود رهندا آهن ۽ سندن پيغام ماڻهن جي رهنمائي ڪندا رهندا آهن. اهي ماڻهو لفظن کان وڏا هوندا آهن. جن جي تعارف لاءِ لفظن جي اڻاٽ هوندي آهي ۽ محسوس ٿيندو آهي تہ سندن شخصيتن تي لکندي ساڻن انصاف ڪري نہ سگهبو.

سنڌو ماتري صدين کان تهذيب ۽ تمدن جو مرڪز رهي آهي. سنڌ جا پکي پکڻ، وڻ ٽڻ، هوائون ۽ قدرتي منظر صدين کان تخليقي عمل سان لبريز ۽ سرشار رهيا آهن. هتان جا اهلِ علم ۽ اهل ادب هميشہ صادق ۽ سچن جذبن جا امين رهيا آهن ۽ سنڌو ماتري جو ادبي منظر پنهنجي تخليقي عمل جو سچو عڪس پيش ڪندو رهيو آهي.

سنڌ ڌرتيءَ جي ڪک مان جنم وٺندڙ سنڌ جو "حالي"، سنڌ جو اڪبر الهہ آبادي يعني سنڌ جو بلبل حضرت "رئيس شمس الدين بلبل" بہ اهڙن پرهه جي پرچارڪن مان هڪ هستي آهي. سندس تعلق ضلعي دادو جي شهر ميهڙ سان هيو. جنگ آزاديءَ جي دور ۾ جنم وٺندڙ بلبل 1857ع ۾ رئيس بهادر خان شينو ولد رئيس ڪمال خان شينو جي گهر ۾ پيدا ٿيو. سندن پهرين نالو محمدپريل خان رکيو ويو. پر سندس مامي آخوند نهال خان جيڪو هڪ برگزيده بزرگ هيو، ٻارڙي جي پيشاني ڏسي هن بخت واري ٻالڪ جو نالو شمس الدين تجويز ڪيو ۽ واقعي بہ شمس الدين هن دنيا جي افق تي مثلِ شمس ٿي اڀريو.

شاعر، اديب، مفڪر، دانشور، سماجي ورڪر ۽ قومن جا هڏڏوکي فرد قومن جو جيئرو جاڳندو ضمير هوندا آهن. جيڪي قومن تي ٿيندڙ هر وار کي پنهنجي وجود تي وار سمجهندا آهن. سي ئي پنهنجي قوم کي صحيح ۽ سڌو دڳ ڏيکاريندا آهن. جنهن دڳ تي هلندي اها قوم فخروچان ڳاٽ اوچو ڪندي آهي.

حضرت بلبل بہ اهڙن هڏڏوکي انسانن مان هئا، جن شاعريءَ ۾ عملي جدوجهد ذريعي پنهنجي قوم کي سجاڳ ڪيو ۽ وقت سر خبردار ڪيو. جيئن تہ شاعري پنهنجن احساسن ۽ امنگن کي بيان تائين رسائڻ جو حسين ذريعو آهي چو تہ شاعري شعور جي سگهہ جو نالو آهي. جنهن سگهہ سان رازن ۽ رمزن کي پاڻ ۾ اوتي سگهجي ٿو. جيئن شاعري سرجڻ وقت سمورو جسم روح ۾ تبديل ٿي ويندو آهي ۽ روح زندگي جو اهم حصو هوندو آهي. جنهن کي تمام وڏي سگهہ ۽ قدرت هوندي آهي. ان قدرت سان هو پنهنجو پيغام چٽي نموني سان پيش ڪري سگهندو آهي. روح بذات خود ڪائنات هوندو آهي. جتي حق ۽ سچ جي حمايت هوندي آهي. حضرت بلبل رحہ بہ روح جي سچائي سان قوم کي شاعريءَ ذريعي پيغام ڏنو ۽ ڪيس سئون دڳ ڏيکارڻ ۾ سو فيصد ڪامياب ويو.

حضرت بلبل سنڌ جي مسلمانن کي جديد تعليم جي زيور سان آراستا ڪرڻ لاءِ راهہ هموار ڪئي، ماڻهن ۾ شعور پيدا ڪيو ۽ حسن علي آفنديءَ سان ملي عملي ڪم جي شروعات ڪيائين. بلبل سنڌ محمدن ايسوسيئيشن جي سيڪريٽري جي حيثيت سان تحريڪ آزادي جي سلسلي ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ "معاون"، "آفتاب سنڌ" ۽ "الحق" اخبارن جي ايڊيٽر جي حيثيت سان ايڊيٽوريل، مقالا ۽ نظم لکي قوم کي هر خطري کان نہ صرف آگاهہ ڪيو، بلڪ دڳ بہ ڏيکاريو.

مسلمانن ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جو شعور پيدا ڪرڻ لاءِ "مسلمان ۽ تعليم" ڪتاب لکي مفت ورهايائين. بلبل تدريسي عمل ۾ سنڌ ۽ خيرپور رياست سان سلهاڙيل ۽ ڳنڍيل رهيو. پاڻ 1906ع ۾ ميهڙ شهر ۾ هڪ جديد مدرسو "مدرسة الاسلام ميهڙ" جي نالي برپا ڪيائين. جيڪو اڄ هاءِ اسڪول آهي ۽ سنڌ جي سٺن ۽ وڏن هاءِ اسڪولن مان هڪ آهي.

بلبل مرحوم مسلم ايڊيوڪيشن ڪانفرنس ۾ ٺهراءُ پاس ڪرائي سنڌي اسڪولن ۾ فارسي ٻولي پڙهائڻ جو فيصلو ڪيو.

بلبل جنگ بلقان يعني ترڪي جي جنگ دوران سنڌ ۾ هلال احمر هلچل کي زور وٺايو. ملڪ ۾ هلندڙ تحريڪ "هوم رول" جيڪا مسلمانن جي مفادن خلاف هئي تنهن کي سنڌ ۾ ناڪام بڻايائين ۽ ان تحريڪ جي مٽي پليد ڪيائين. مسلمانن کي نوڪرين ۾ حصو وٺي ڏيڻ لاءِ هميشہ ڪوششون ورتائين.

حضرت شمس الدين بلبل رحہ تعلقي ميهڙ جي مئجسٽريٽ بينچ جا چيئرمين هئا. انهيءَ حيثيت سان زمينن جي ڪافي مقدمن جا فيصلا وٽس ايندا هئا. جن ۾ اڪثر ڪيس وياج خور هندن خلاف هوندا هئا. جيڪي ڳري وياج عيوض مسلمانن جون

زمينون ڦٻائي ويندا هئا. بلبل ڏٺو تہ مسلمانن جون زمينون مسلسل هندن حوالي ٿي رهيون آهن ۽ اندازو لڳايائين تہ اڳتي هلي هندو سڄي زمين جا مالڪ ٿي ويندا. بلبل ليجسليٽو اسيمبليءَ ۾ حسن علي آفنديءَ ۽ قائد اعظم محمد علي جناح معرفت اهڙا بل پيش ڪيا ۽ بل پاس ڪرائي انهن کي قانوني حيثيت ڏياري "وقف علي الاولاد" ۽ "دکن ايگريڪلچرل رليف ايڪٽ" ۽ انڪمبرڊ اسٽيٽ ايڪٽ سنڌ سان لاڳو ڪرايائين. اهڙي نموني سنڌ جي مسلمانن جون زمينون نہ صرف محفوظ ٿيون پر وياج خورن کان بہ بچي ويون.

حضرت بلبل رحہ جي سڄي زندگي مسلمانن جي ڀلائي ۽ بهبود لاءِ وقف ٿيل هئي، پاڻ زندگيءَ جي آخري دم تائين اخبارن سان وابستا رهيا ۽ اخبارن وسيلي عوام سان جڙيل هئا. ڪيس صحافت جو ڏاڏو آدم ڪوٺيو وڃي ٿو. بلبل سنڌي ٻوليءَ جو مشهور صحافي، شاعر، اديب ۽ سنڌيءَ ۾ مزاحيہ ۽ طنزيہ اصلاحي شاعري ۽ تعريضي شاعري جو موجد، تعليمي رهبر ۽ سنڌي صحافت جو پيشرو هيو.

هي سنڌي سليس صحافتي ٻوليءَ جو موجد، سنڌي تهذيب جو رکوالو، سنڌي صحافت جو امام، ممتاز اديب ۽ شاعر، طنزيہ مزاح ۽ تعريضي ڪلام ذريعي مسلم قوم جي اصلاح ڪندڙ، جديد علوم جي روشني ڦهلائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ، سياسي مدبر، مفڪر ۽ قومي رهنما ۽ عالم دين، سنڌ جو شمس سنڌ جي افق تان 13 سيپٽمبر 1919ع تي هميشہ لاءِ غروب ٿي ويو، پر پنهنجن قولن ۽ تحريرن ۾ هميشہ زنده جاودان ۽ روشن رهندو.

# سنڌ جو گوهر ناياب- شمس الدين بلبل

ليکڪ: پروفيسر ڊاڪٽر رياض الدين ابڙو (بلبل)

سنڌ سونهاري شروع کان وٺي بي بها هيرن ۽ جواهرن جي کاڻ مشهور رهي آهي. هن کاڻ مان بيشمار ماڻڪ مٽيادار پيدا ٿي پوري دنيا کي پنهنجي جوت سان جلا بخشي، جرڪائي ۽ منور ڪري چڪا آهن. اهڙن املهه ماڻڪن ۾ هڪ گوهر آبدار حضرت شمس الدين بلبل به هو.

حضرت بلبل جيئن ته هندو سياستدانن جي سخت خلاف هو ان ڪري سندس وفات بعد سنڌ ۾ سندس خدمتن کي جاڻي واڻي نظر انداز ڪيو ويو جيئن سندس نالو نروار رهي نه سگهي. آزاديءَ کان اڳ ۾ ۽ آزاديءَ کان پوءِ به هندو ۽ هندو نواز لابيءَ جو اثر رسوخ سنڌ اندر ڪافي عرصي تائين قائم رهيو. خانبهادر سيد الهندي شاهه صاحب ۽ سندس پڳ مٽ دوست بلبل کي هندو سياستدانن ۽ هندو نواز ٽولي اهڙي پذيرائي کان محروم رکيو جنهن جا هو حقدار هئا. هن حقيقت جي تصديق لاءِ جناب رشيد احمد لاشاري جي تحرير پيش ڪجي ٿي "شمس الدين بلبل ۽ سندس دلي دوست سيد الهندي شاهه در حقيقت ٻئي واري کي سنڌ ۾ شاياڻ شان شهرت نه ملڻ جو سبب صرف اهو هو ته ان دؤر ۾ علمي، ادبي توڙي سياسي حلقن ۾ هندن ۽ هندن جي حمايتين جو قبضو هو جن اهڙن شاعرن، اديبن ۽ سياستدانن جي پذيرائي ڪئي جيڪي مسلم نظريات جي خلاف ۽ هندو ذهنيت جا حامي هئا". (سنڌي ادب اور مسلم شعراء. ماهنامه "نئي قدرين" حيدرآباد 1964ع)

بلبل ۽ خانبهادر الهندو شاهه صاحب جيڪڏهن پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ به زنده هجن ها ته سنڌ جي سياسي ماحول ۽ جوڙجڪ ۾ سندن ڪليدي ڪردار ۽ اهم حيثيت هجي ها. حضرت بلبل جي گهڻ رخي شخصيت برصغير هند و پاڪ ۾ هڪ نادر ۽ ناياب مثال آهي. هڪ شخص ۾ هڪ ئي وقت بيشمار ۽ متضاد خوبين ۽ خاصيتن جو موجود هجڻ ۽ اهي لياقتون ۽ صلاحيتون به ڪمال درجي جون هجن. اهڙو مثال ملڻ نهايت مشڪل ۽ محال آهي.

بلبل هڪ ئي وقت باڪمال اديب به هو ته قادر الڪلام ۽ في البديهه شعر چوندڙ شاعر به هو. جرئت مند ۽ بيباڪ صحافي به هو ۽ سياسي ميدان جو به ماهر شهسوار هو. قوم جو نبض شناس رهبر ۽ رهنما به هڪڙو ئي هو. خطيب ۽ جادو بيان مقرر به هو.

ناميارو نثرنويس ۽ مصنف بہ هو. تعليمي ماهر بہ هو ۽ مفڪر بہ هو. عالمِ دين، دستار بند مولوي ۽ فقه جو جيد عالم بہ هو. سماج سڌارڪ، قومي خدمتگار بہ هو تہ انگريزي قانون جو ڄاڻو ۽ تعلقي ميهڙ جي بينچ مئجسٽريٽن جو چيئرمين بہ هو ۽ ڪيس مجرمن کي ڇهن مهينن تائين سزا ڏيڻ جو اختيار بہ هو. اعليٰ ڪردار جو مالڪ، ديندار، صوم و صلوات جو پابند ۽ پنهنجي جوڙايل مسجد شريف جو پيش امام بہ هو. مفسرِ قرآن بہ هو تہ مفتي بہ هو. رمضان شريف جي ڏهن ۽ مراقبن ۾ ويهڻ وارو متقي شخص بہ هو تہ دوستن سان گڏ تفريح ۽ تراوت خاطر ٿيٽر، ڪارنيوال ۽ سرڪسون بہ ڏسندو هو. عيسائي تبليغي پادرين سان مناظرا ڪري سندن ٻوٿن کي لغام ڏيندڙ بہ پوري سنڌ ۾ صرف بلبل ئي هو. ادبي ڪانفرنسن ۾ شرڪت ڪرڻ، شعر و شاعري جي نشستن ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ آل انڊيا سطح جا مشاعرا ۽ وڏيون تقريبون منعقد ڪرائڻ بہ سندس معمول هو. هن قسم جون تقريبون ڪراچي، خيرپور رياست ۽ لاڙڪاڻي ۾ ڪوٺايون وينديون هيون، جن جا نگران اعليٰ ۽ مهتمم خيرپور رياست جا وزير هوندا هئا. وڏي سطح جون تعليمي ڪانفرنسون جهڙوڪ آل انڊيا مسلم ايجوڪيشنل ڪانفرنسن ۾ ڀرپور ڀهرو وٺڻ ۽ مسلمانن جي فائدي جا ريزوليوشنس پاس ڪرائڻ بلبل جي پسنديده مصروفيتن ۾ شمار ٿيندڙ مصروفيت هوندي هئي. سرڪاري، نيم سرڪاري، نجي تنظيمن ۽ جماعتن جو بہ روح روان هو. سندس شرڪت کان سواءِ هر وڏي تقريب اڌوري سمجهي ويندي هئي ۽ هر وڏي ۽ اهم تقريب ۾ سندس انتظار ڪيو ويندو هو ۽ سندس آمد بعد تقريب شروع ڪئي ويندي هئي. اٽڪل ڇهن اخبارن ۽ ڪجهہ رسالن جو بہ ايڊيٽر هو ۽ سنڌ جي پريس جو بي تاج بادشاهہ مڃيو ويندو هو. سڀ کان وڌيڪ اهم ڳالهہ اها تہ هو مسلمانن جو سڄڻ، پلو ڇاهيندڙ ۽ هڏ ڏوکي هو. سندس حياتيءَ جو مقصد مسلمانن لاءِ آزادي حاصل ڪرڻ هو. سندس شمار آزاديءَ جي اولين باڻين ۾ ٿئي ٿو جن هن مقصد لاءِ رستو هموار ڪيو ۽ آزادي حاصل ڪرڻ جا اصول طئي ڪيا. انگريزي تعليم جو مسلمانن لاءِ حصول نمبر پهريون اصول مقرر ڪيو ويو، جنهن جي حاصل ڪرڻ لاءِ بلبل سڄي عمر جفا ڪشي ڪئي ۽ ڪاميابي حاصل ڪيائين. بلبل جي نظر ۾ انگريزي تعليم وقت جي اهم ضرورت ۽ ديني، اسلامي ۽ فني تعليم مسلمانن لاءِ جزءِ ايمان مثال هئي. مسلمانن کي پنهنجي ڪلچر تي قائم رکڻ لاءِ بلبل قلمي جهاد ڪري ڪين آبائي ليڪن لتاڙڻ کان باز رکيو ۽ هن جهاد ۾ بہ بلبل ڪامياب رهيو. جناب پير علي محمد راشدي صاحب جي الفاظن ۾ ايئن چئبو تہ "بلبل هن انقلاب جي قيادت بہ پاڻ ڪئي ۽ ڪامياب رهيو".

حضرت بلبل جي دوستن جي ذڪر کان سواءِ هيءَ تحرير جامع نہ سمجهي ويندي. سندس دوستن ۾ اهل الله بزرگن کان وٺي گودڙي نيشن فقير بہ شامل هئا. شمس العلماء

جناب پير پاڳارو صاحب، هالا جا گادي نشين، ٽندي سائينداد جا سرهندي بزرگ، سيوهڻ شريف ۽ پاٽ شريف جا صديقي مخدوم، نينگ شريف جا سيد، جهانگارا باجارا جا سيد، ٻٽ سرائي جا پير، نيرهه جا پير، دوداين وارو بزرگ، همايون وارو بزرگ مفتون همايوني، مولانا تاج محمد امروٽي بزرگ، مولانا عبيد الله سنڌي، مير علي نواز علوي ۽ مولانا بهاءُ الدين پائي. (1) نصرپور ۽ مٽيارين جا سيد، شهدادڪوٽ ۽ ڪڏي ڪراچي جا بزرگ ۽ عالم، گوڏڙي نشينن ۾ حافظ ڪمال خان ڏيپر، احمد شاهه علوي ميهڙ وارو، لونگ فقير، فقير ڪريم ڏنو ملاح تارڪ نجفي ۽ سالڪ ۽ مجذوب مولانا غلام محمد سوڍڙ عرف ڏاڏا، مولانا اشرف سوڍڙ وارو. هي سڀ اهل الله بزرگ هئا ۽ بلبل جا دلي دوست هئا.

حضرت بلبل جي دوستن ۽ تعلق وارن ۾ عالمي شهرت جي مالڪن جهڙوڪ جارج پنجون، لارڊ ڪرزن ۽ هز هائينس سر آغا خان شامل آهن. جارج پنجين جي تاجپوشي جي تقريب دهليءَ ۾ سال 1903ع ۽ سال 1911ع ۾ ملهائي وئي هئي. هنن ٻنهي موقعن تي بلبل سرڪاري طرح مدعو ٿيل هو. بلبل به ان وفد ۾ شامل هو جيڪو خيرپور رياست مان هن تقريب ۾ شامل ٿيڻ لاءِ روانو ٿيو هو.

جارج پنجون ۽ لارڊ ڪرزن بلبل جي تعلق وارين شخصيتن ۾ شمار سمجهڻ گهرجن. باقي عالمي شهرت جو مالڪ هز هائينس سر آغا خان سان بلبل جا قريبي تعلقات هئا. هز هائينس سر آغا خان مسلم ليگ جو پهريون سربراهه هو ۽ هن گروپ ۾ سر غلام حسين هدايت الله، خانبهادر حسن علي خان آفندي، حاجي سر عبدالله هارون، خانبهادر سيد الهندو شاهه صاحب، سيٺ غلام حسين خالق ڏنو، سيٺ مولي ڏنو، سيٺ طيب علي پائي، سيٺ غلام علي چاڳلا، خانبهادر غلام علي نانا ۽ شمس الدين بلبل اهم ۽ اولين رڪن هئا. هن گروپ جو سرڪرده سرگرم رڪن ۽ ترجمان شمس الدين بلبل هو. هن گروپ جي سياسي اخبار جو ايڊيٽر به بلبل هو.

خيرپور رياست جا والي ۽ وزير جهڙوڪ هز هائينس مير امام بخش خان، هز هائينس مير فيض محمد خان ۽ ولي عهد مير علي نواز خان بلبل جا مداح ۽ قدر دان هئا. شيخ محمد ابراهيم وزيراعظم خيرپور رياست، سردار محمد يعقوب خان، خانبهادر صادق علي خان، سردار محمد ايوب خان، خانبهادر قادر داد خان ۽ خانبهادر آغا گل حسن خان بلبل جا مداح، گرويده ۽ ساٿي هئا، جن سان بلبل گڏجي مسلمانن جي ڀلي جا ڪيترائي ڪم ڪيا. هز هائينس مير عبدالحسين سانگي بلبل جو گهاٽو دوست ۽

1. ڪتاب "تذڪره شعراء سکر" ۾ جناب ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکڻ فرمائي ٿو ته "جناب مفتون همايوني جي دوستن ۾ هي نالا شامل هئا: پير علي اصغر راشدي، مولانا عبيدالله سنڌي، مولانا بهاءُ الدين پائي، شمس الدين بلبل، مولانا عبدالرحمان ساڪرو، مير علي نواز علوي، مولانا تاج محمد امروٽي.

سندس عاشقن مان هڪ هو.(2)

بلبل جي دوستن احبابن جو حلقو نهايت وسيع هو جنهن کي قلمبند ڪرڻ لاءِ هڪ پورو ڪتاب گهرجي تاهم برصغير جي ٻن اعليٰ عملدارن جو ذڪر ڪرڻ نهايت ضروري آهي. سر هينري لارينس هندوستان جو گورنر ۽ اي. جي. بولس لاڙڪاڻي ضلعي جو ڪليڪٽر بلبل جي مداحن ۽ دلي دوستن ۾ شامل هئا. سر هينري لارينس بلبل جي ايتري حد تائين تعظيم ۽ تڪريم ڪندو هو جو سر نامي ۾ بلبل کي صرف "سَر" لکندو هو ۽ ذاتي خط هميشه پنهنجي هٿ اکرن ۾ لکندو هو.

هڪ انگريز گورنر هڪ سنڌي مسلمان کي 'سر' جي خطاب سان مخاطب ٿئي اها احترام جي انتها آهي. انگريزدان حضرات هيءَ ڳالهه بخوبي سمجهي سگهن ٿا. انگريزيءَ ۾ 'سر' صرف ان ماڻهو کي سڏيو ويندو آهي جيڪو عزت ۽ عهدي جي لحاظ کان پاڻ کان وڏيڪ هوندو آهي. ڊيئر سر ۽ ماءِ ڊيئر سر انگريزيءَ جا عام جملا آهن. اهڙا چند خط هن ڪتاب ۾ شامل ڪجن ٿا.

بلبل جي صحبت ۾ سر هينري لارينس مسلمانن جي فائدي ۾ ايتري قدر تبديل ٿي ويو جو مسلمانن سان همدردي ڪرڻ لڳو ۽ سندن ڪم ڏاڍا ڏڍ ڪرڻ لڳو. هن تبديليءَ تي هندن کي سخت ڪاوڙ لڳي ۽ کيس اورنگ زيب عالمگير سڏڻ لڳا ۽ سندس دشمن بڻجي پيا. هڪ هندو ڪاليجي شاگرد ته مٿس پستول جا فائر به ڪيا ۽ کيس اڦٽ مارڻ چاهيو مگر هو هن حملي ۾ محفوظ رهيو.

بلبل مسلمانن کي بيشمار نوڪريون وٺي ڏنيون جن ۾ مخدوم محمد انور صديقي پاٽائيءَ جي فرزند مخدوم نور الدين صديقي جي ڊپٽي ڪليڪٽر طور مقرري جو مثال نهايت دلچسپ ۽ حيرت انگيز آهي. بلبل محسوس ڪيو ته سنڌ جا مسلمان مختلف ادارن ۾ ڏڪا ڪائي رهيا هئا، مگر ڪنهن به اداري ۾ سندن جائز ڪم به نه ٿي ٿيا، ڇاڪاڻ جو هر اداري جا وڏا آفيسر هندو هئا. ملن ۽ مولوين انگريزي تعليم کي ڪفر قرار ڏئي مسلمانن کي پنجاهه سال پوئتي ڌڪي ڪين پسمانده ڪري ڇڏيو هو. هن مسئلي جو حل بلبل هن طرح ڪڍيو جو پنهنجي مداح دوست سرهينري لارينس کي آماده ڪري برصغير جي مختلف شهرن مان نيڪ ۽ عمده مسلمان عملدار گهرائي سنڌ ۾ مقرر ڪيا، جن سنڌي مسلمانن جي وڏي خدمت ڪئي ۽ مرندي گهڙي تائين بلبل ۽

2. بلبل مرحوم جو همعصر ۽ خاص دوست محترم وڏيرو شير خان ناريجو ٽرڙي محبت وارو هڪ اعليٰ قسم جو اديب به هو. هو پنهنجي هڪ مضمون "جيئن آرياڻي مون ڏٺو تيئن اوهان نه ڏٺو" ۾ رقم طراز آهي ته مرحوم حسن علي خان آفندي، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ صاحب، مير عبدالحسين خان سانگي وغيره وغيره بلبل مرحوم جا عاشق هئا. محمد ابراهيم خليل صاحب پنهنجي ڪتاب "بلبل سنڌ" ۾ ڄاڻايو آهي، جيڪو سال 1951ع ۾ شايع ٿيو آهي.

بلبل جي اولاد سان تعلقات قائم رکيون آيا. اهڙن اعليٰ آفيسرن مان چند نالا هيٺ لکجن ٿا:

1.مولانا ضياءُ الدين احمد صاحب، 2. سيد محمود شاهه صاحب، 3. جناب طفيل محمد خان، 4. جناب نور نبي خان صاحب، 5. جناب محمد اسماعيل خان صاحب، 6. سيد الطاف حسين خان صاحب، 7. ڊاڪٽر عبدالمجيد صديقي صاحب هي سڀ مختلف کاتن جا اعليٰ عملدار هئا. جناب محمد اسحاق مشهور قانوندان به شايد مولانا ضياءُ الدين احمد جي اولاد مان هو.

※1. اسان جي خانداني جمر ۽ موت جي رجسٽر ۾ خان صاحب محمد اسماعيل جي رحلت جي تاريخ هن طرح لکيل آهي. ڏاڏا سائين لکيو آهي "اڄ تاريخ 29 جون 1955ع ڏينهن اربع جي خان صاحب محمد اسماعيل رٽائرڊ ڪمشنر ايڪسائيز ڪراچي ۾ وفات ڪري ويو. مرحوم حضرت بلبل جو دلي دوست هو ۽ نوڪريءَ جي آخري عرصي تائين اسان تي ڪرم جي نظر ڪندو آيو ۽ رٽائر ٿيڻ بعد به.

※ 2. جناب ڊاڪٽر عبدالمجيد صديقي جي اولاد سان پائپي برادري جا تعلقات اڃا سوڌو قائم آهن. جناب ڊاڪٽر عبدالمجيد صديقي سنڌ جي هيلٿ کاتي جو ڊائريڪٽر جنرل هو ۽ بلبل جي همر عصر ساٿي ۽ دوست جناب اڪبر الهه آبادي جو شاگردِ رشيد هو ۽ بلبل ۽ اڪبر الهه آبادي متعلق ڳالهيون ڪندو رهندو هو. سيوهڻ شريف جي صديقي خاندان سان مٽي مائٽي قائم ٿيڻ بعد سنڌ جو سنڌي باشندو بڻجي ويو.

جناب محمد اسماعيل خان روينيو کاتي ۾ سيٽلمينٽ ڪمشنر هو ۽ راقم التحرير جي والد سان به سندس سٺا تعلقات رهيا. دادو ضلعي جو به آفيسر ٿي رهيو. مولانا ضياءُ الدين احمد شايد پوليس کاتي ۾ ايس. ايس. پي هو. ان وقت پوري سنڌ اندر صرف هڪ ئي ايس. ايس. پي هوندو هو.

حضرت بلبل جو پيو انگريز بي تڪلف دوست مسٽر ايڊورڊ جان بولس لاڙڪاڻي ضلعي جو ڪليڪٽر هو. ان وقت دادو ضلعي جو وجود نه هو. هي صاحب بلبل جي رهائش گاهه بلبل هائوس تي هيءَ ٽئين مهيني ۾ هڪ دفعو ضرور ايندو هو. بلبل سنڌس توڙي سندس گهر واريءَ کي سنڌي ۽ فارسي زبانن جو سيڪاريندڙ استاد هو. ليڊي ولنگٽن جا به بلبل سان تمام سٺا تعلقات هئا. بلبل سندس سماجي ڪمن جهڙوڪ اسپتالون تعمير ڪرائڻ ۽ تعليمي مرڪز قائم ڪرڻ ۾ سندس معاون ۽ مددگار رهيو. بلبل پرڪشش شخصيت جي مالڪ هجڻ سان گڏ خوش پوشاڪ، خوش خلق ۽ ٽيبل ٽاڪ (Table Talk) جو ماهر هو. جيڪو شخص ساڻس هڪ دفعو ملندو هو سندس مداح ۽ گرويده ٿي ويندو هو. اهڙو تاثر جناب پروفيسر محمد آدم پٽ به پنهنجي تحقيقي مقالي ۾ ڏنو آهي.

مسٽر E.J. Bonlus بلبل جي صحبت ۾ مسلمانن جو همدرد بڻجي ويو. رٽائر ٿيڻ بعد لنڊن وڃي ڪتاب تحرير ڪيائين 1. Sehwan Reverie ۽ 2. Influence of Islam بلبل جي مدبرانہ شخصيت سبب هي بہ وڏا انگريز آفيسر ڪافي بدلجي ويا ۽ مذهب اسلام ڪي ڪافي حد تائين سمجهڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهيا. لنڊن کان پوءِ مسٽر بولس آمريڪا ۾ مقيم ٿي ويو ۽ اتي جي ڪرڪيٽ بورڊ جو چيئرمين ٿي رهيو. سندس اولاد اتي اڃا سوڌو موجود آهي.

حضرت بلبل لاهور، دهلي ۽ حيدرآباد دکن ۾ اٽڪل ڏهہ سال رهيو ۽ صحافت جي پيشي سان منسلڪ رهي اتي جي هر قسم جي حالات جو مشاهدو ڪيائين. اتي بہ سندس بيشمار دوست هئا جن جو ذڪر نہ ڪرڻ زيادتي ٿيندي. صحافين ۾ منشي دين محمد ذوق جنهن بلبل جي مڪمل سوانح حيات پنهنجي اخبار "پنجہءِ فولاد" ۽ "انتخاب لاجواب" ۾ اردو زبان ۾ بمع تصاوير تاريخ 7 مئي 1906ع ۾ شايع ڪئي هئي. (3) بلبل لاهور جي اخبارن پيسہ، زميندار، پنجہءِ فولاد ۽ انتخاب لاجواب جو رپورٽر رهي چڪو هو. مولانا ذوق، مولوي محبوب عالم، مولانا ظفر علي خان، مرزا ڪاظم علي غازي، سيد ارتضىٰ حسين عرف ملان واحدي، بيشمار اخبارن جو ايڊيٽر ۽ ڪتاب "اجڙا ديار" جو مصنف خواجہ حسن نظامي گادي نشين درگاهہ خواجہ نظام الدين اولياء دهلي. جيڪو شاعر ۽ اديب بہ هو، هن خاندان جا تعلقات بلبل کان پوءِ بلبل جي اولاد سان بہ قائم رهيا. خواجہ نظامي صاحب بلبل جي بي تڪلف دوستن مان هڪ هو. هنن صاحبان کان علاوه جناب حسرت موهاني ۽ جناب اڪبر الهہ آبادي بہ بلبل جا دوست خاص هئا. جناب حسرت موهاني جي دختر ڪراچيءَ ۾ مقيم رهي ۽ راقم التحرير جي والد سان سندس خط و ڪتابت سال 1970ع کان ڪجهہ عرصي تائين رهي. (4) جناب حسرت موهاني ۽ خواجہ ارتضيٰ حسين نظامي خير پور رياست جي مشاعرن ۾ بلاناغہ شرڪت ڪندڙ شعراء ڪرام ۾ شامل رهيا. جناب ارتضيٰ حسين نظامي جي اولاد جا تعلقات بلبل جي فرزند ضياءُ الدين ضيا سان قائم رهيا. (5) جناب اڪبر الهہ آبادي ۽ بلبل "اوڌ پنچ" ۾

3. ڏسجي حوالو ڪتاب "بلبلِ سنڌ" ڇاپو 1951ع از ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل.

4. راقم التحرير جو والد ٿنڌي محمد خان ۾ زرعي بينڪ جو مئنيجر هو ۽ هڪ پراڻي قرض جي سلسلي ۾ محترم حسرت موهاني جي دختر صاحبہ جي خط و ڪتابت منهنجي والد محترم سان رهي. پراڻي تعلقات سبب سندس مسئلو حل ڪيو ويو.

5. خواجہ ارتضيٰ حسين نظامي جي اولاد جو مطب صدر ۾ ريگل چوڪ تي هو ۽ هوٽل، سنڌ اسلاميہ هوٽل جي نالي سان سنڌ مدرسة الاسلام واري روڊ جي شروع واري پوائنٽ تي اڃا تائين موجود آهي. راقم التحرير جو ڏاڏو ۽ والد جڏهن بہ ڪراچي ويندا هئا تہ ماني هن هوٽل تي کائيندا هئا. هن هوٽل جو مالڪ جناب حسن نظامي بہ ماني ۾ ساٿڻ شامل ٿيندو هو.

لکندا هئا. جناب اکبر الہ آبادي جو مزاحيہ ڪلام جڏهن تہ بلبل جو مزاحيہ ڪلام ۽ ڪالم هن اخبار ۾ شايع ٿيندا هئا. "اوڌ پنچ" کان علاوه بلبل جا ڪالم دهلي پنچ، خيرخواه عالم ۽ ڪشف العلوم اخبار دهلي ۾ بہ شايع ٿيندا هئا. (6) بلبل حيدرآباد دکن ۾ جناب نظام دکن جي دعوت تي ويو هو ۽ اتي اٽڪل 8 سال رهيو ۽ ٻن اخبارن دکن پنچ ۽ خورشيد دکن جو ايڊيٽر تي رهيو. پنهنجي وڏي پاءُ رئيس پير بخش خان کي هي ٻئي اخبارون باقاعدگي سان موڪليندو هو. مگر ٻئي ادبي مواد وانگر هي اخبارون بہ ڳري پرزا پرزا ٿي ويون.

مسلم عمائدين ۾ بلبل سر سيد احمد خان جو معتقد هو ۽ باقي سندس خاص دوست جهڙوڪ نواب محسن الملڪ، نواب وقار الملڪ ۽ نواب سليم الله خان، نواب سر شاهنواز خان ڀٽو بہ بلبل جا ساٿي هئا. مسيح الملڪ حڪيم اجمل خان، سيد جسٽس امير علي ۽ مسٽر علي محمد دهلوي اخبار الحق حيدرآباد سنڌ جو انگريزي سيڪشن جو ايڊيٽر بلبل جا سٺا دوست هئا. اخبار الحق جي سنڌي سيڪشن جو ايڊيٽر بلبل هو. دهلوي صاحب پوءِ آل انڊيا محمدن ايجوڪيشنل ايسوسي ايشن دهلي جو سيڪريٽري ٿي ويو. مولانا محمد علي جوهر، مولانا شوڪت علي، نواب زاده آفتاب احمد، جناب خواجہ الطاف حسين حالي ۽ جناب شبلي نعماني بلبل جي دلي دوستن ۾ شمار ٿيندا هئا چاڪاڻ جو بلبل علي ڳڙهہ تحريڪ جي اولين حامين ۽ آزاديءَ لاءِ راهہ هموار ڪرڻ ۾ هنن عمائدين سان شامل رهيو.

حضرت بلبل هڪ ممتاز ۽ ماهر اديب بہ هو تہ هڪ قادر الڪلام ۽ في البديهہ شعر چوندڙ شاعر بہ هو ۽ سندس شاعري برائي فن يا برائي تفريح نہ بلڪ قومي افاديت جي حامل اصلاحي ۽ تعميري شاعري هئي، جنهن جي ڪري سنڌ جا مسلمان پنهنجي آبائي تهذيب تي قائم رهي سگهيا ۽ نصاره تهذيب جي وچڙندڙ وبا کان بچي ويا. جناب پير علي محمد راشدي صاحب پنهنجي ڪتاب "اُهي ڏينهن اُهي شينهن" ۾ "شمس الدين بلبل" جي عنوان هيٺ هن طرح لکڻ فرمائي ٿو "انگريزن جي پيرن پختي ٿيڻ بعد ديسي ماڻهو سندن تهذيب جي ظاهري مک چک تي موهجي صاحب لوڪ بڻجڻ جو سعيو ڪرڻ لڳا، مگر بلبل جي قلمي جهاد ڪين پنهنجي اباڻين روايتن جا ليڪا لتاڙڻ کان روڪي رکيو. بلبل هن انقلاب جي قيادت بہ پاڻ ڪئي ۽ ان ۾ ڪامياب بہ ٿيو."

بلبل هڪ بيباڪ ۽ جرئتمند صحافي بہ هو ۽ صحافي بہ اهڙو جنهن کي سنڌ جي

6. جناب اکبر الہ آبادي جو شاگرد رشيد محترم ڊاڪٽر عبدالمجيد صديقي جا تعلقات حضرت بلبل جي فرزند رئيس ضياءُ الدين ضيا بلبل ۽ پوٽي شمس ابن ضياء ابن بلبل سان قائم رهيا ۽ اڄ تائين قائم آهن. ٻنهي خاندانن جي پونئرن جي وچ ۾ ساڳيا مخلصانہ رشتا استوار آهن. ڊاڪٽر عبدالمجيد صديقي صاحب جناب اکبر الہ آبادي ۽ بلبل متعلق منهنجن بزرگن سان ڳالهيون ڪندو رهندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تمام نامور نقاد حضرات سنڌ جي صحافت جو بي تاج بادشاھ، ڏاڏو آدم، باني، امام ۽ سرواڻ سڏيو آھي. اٽڪل اڌ ڊزن اخبارن جو ايڊيٽر ٿي رهيو ۽ ڪجھ رسالا بہ سندس ادارت ۾ شايع ٿيندا رهيا. پهرئين اخبار جيڪا سنڌ ۾ سندس ادارت هيٺ جاري ٿي اها "المعاون" هئي. ان کان سواءِ ڪراچي گزيٽ، بلبل ڪراچي، وطن ڪراچي، الحق حيدرآباد، مسافر لاڙڪاڻو، آفتاب سنڌ سکر ۽ رسالو جامع العلوم سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي وغيره سندس ادارت هيٺ شايع ٿيا.

اخبار المعاون ڪا عام رواجي اخبار نہ هئي. هيءَ هڪ سياسي قسم جي اخبار هئي جنهن جي ذريعي مسلمانن ۾ سياسي شعور پيدا ڪيو ويندو هو ۽ سندن ذهني صلاحيتن جي نشو نما ڪري کين آزادي حاصل ڪرڻ جون ترغيبون ڏنيون وينديون هيون ۽ اهڙيون ترڪيبون سيکاريون وينديون هيون جيئن هو پنهنجن پيرن تي بيهي هندن جي مدمقابل اچي سگهن ۽ پوءِ پنهنجي آزاديءَ لاءِ پنهنجي بل بوتي تي انحصار ڪندي هندن جي حمايت ۽ عملي مدد کان سواءِ پنهنجي آزادي لاءِ آواز بلند ڪري سگهن ۽ زوردار تحريڪ هلائي آزادي حاصل ڪري سگهن. هن اخبار جو مقصد هو مسلمانن جي ذهني ڪايا پلٽ ڪرڻ. هيءَ اخبار گويا مسلمانن جو سياسي هٿيار ۽ ترجمان بہ هئي تہ سندن آواز بہ هئي.(7) هن قسم جي اخبار کي هلائڻ ڪنهن عام رواجي ايڊيٽر جي وس جي ڳالھ نہ هئي. چوٽي جي باڪمال صلاحيت جي مالڪ ۽ جرئتمند صحافي هجڻ سان گڏ سياسي بصيرت رکندڙ ۽ سياسي ميدان جي هڪ ماهر شهسوار جي ضرورت هئي، ان کان علاوه قوم جي نبض شناس رهنما ۽ رهبر جي ضرورت هئي جيڪو قومن جي ذهنن جي ڪايا پلٽ ڪرڻ جو هنر ڄاڻيندڙ هجي. ان کان علاوه هڪ عالم دين، خطيب ۽ بلند ڪردار جي مالڪ جي هن اخبار کي ضرورت هئي. هي سڀ خوبيون صرف بلبل ۾ ماهرانہ قسم جون موجود هيون، جنهن هن اخبار کي آسمان جي بلندين تي پهچائي ڏيکاريو. هن ڏس ۾ ڊاڪٽر عزيز الرحمان ٻگهيي صاحب جا تاثرات ملاحظ ڪري ڏسو: "اسان مٿي ٻڌائي آيا آهيون تہ سياست ۽ صحافت جو پاڻ ۾ ويجهو سُبنڌ آهي ۽ سياست مناسب موقعا ۽ وارداتون مهيا ڪري" صحافت جي تلوار" کي تيز ڪندي آهي ۽ جلا بخشيندي آهي پر جڏهن سياسي سوجھ ٻوجھ وارو ماڻهو صحافت جي ميدان ۾ لهي پوي تہ اهو ڪهڙي پائي ۽ بلنديءَ جو قلم ڪار بڻجي سگهي ٿو، ان جو اندازو لڳائڻ مشڪل نہ آهي. اهائي خوبي ۽ خصوصيت مرحوم شمس

7. 1. ڊاڪٽر محمد خان پنهور- شمس العلماء شمس الدين بلبل- سندس لکيل ٿيسز (پي. ايڇ. ڊي جي ڊگري لاءِ) ۾ بہ اهڙو اظهار ڪيو آهي. 2. شيخ اي. عزيز (ڊپلوما جرنلزم لنڊن) عملي صحافت-ايڊيشن 3-1995ع.
3. محمد عثمان ڏيپلائيءَ - سنڌيءَ ۾ مزاحيہ ادب ۾ اهڙو اظهار ڪيو آهي. ماڊڪ موتي تنظيم-1939ع. مٿي ذڪر ڪيل هنن ٽنهي اهلِ قلم حضرت بہ پنهنجين لکڻين ۾ اهڙو تاثر ڏنو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الدين بلبل ۾ هئي جنهن ڪيس پنهنجي صحافتي پيشي جو بي مثال ۽ منفرد مقام حاصل ڪرايو ۽ هن قلمي قوت سان مخالفن جو ڪاميابيءَ سان مقابلو ڪيو. منهنجي خيال ۾ ان ساڳي خصوصيت جو ڪرشمو اسان ويجهڙائي واري دور ۾ مرحوم شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ جناب علي محمد راشديءَ جي شخصيتن ۾ ڏسي چڪا آهيون . لطف جي ڳالهه اها آهي تہ ”بلبل“ جي عظمت جو اعتراف، ساڳئي زمري ايندڙ راشدي صاحب هن طرح ڪيو آهي تہ مرحوم شمس الدين بلبل سنڌ اندر اخبار نويسي ۽ لٽريچر جو ڏاڏو آدم هو. سندس همعصر صحافي ۽ شاعر مرحوم محمد هاشم مخلص وري هن طرح داد ڏنو:

”بلبل مرحوم سنڌ جي مسلمانن ۾ پهريون اخبار نويس هو، پهريون شخص ۽ صحافي هو جنهن پهريان پهريان صحيح معنىٰ ۾ ايڊيٽري ڪئي ۽ موجوده سليس ۽ اثر انگيز مضمون نويسي جو سڪو جمايو.“

ڊاڪٽر عزيز الرحمان ٻگهيو صاحب صفحہ 75 تي لکي ٿو: ”در اصل مرحوم بلبل کي عملي ميدان ۾ آڻڻ لاءِ اهو درد ذميوار هو جو ڪيس سنڌي مسلمانن جي سماجي، اقتصادي ۽ تعليمي طرح پنتي رهجي وڃڻ واري حقيقت مان پيدا ٿيو هو. ان زماني ۾ مسلمانن جي حالت واقعي افسوس ناڪ هئي. هر طرف هندو ڇانيل ۽ اثر انداز هئا ۽ هر هنڌ پنهنجي ڳالهہ مڃائڻ واري پوزيشن ۾ هئا.“ *

بلبل جڏهن هن اخبار جي ادارت ڇڏي تہ پوءِ هيءَ اخبار نيم مرده حالت ۾ نڪرندي رهي مگر منجهس اها جان نہ رهي بس هڪ عام اخبار وانگر نڪلندي رهي.

حضرت بلبل اعلىٰ درجي جو نثر نويس ۽ مصنف بہ هو، هن اٽڪل 45 ڪتاب لکيا آهن. ڪجهہ ڪتاب اڃا تائين قلمي آهن. شايع ٿيل ڪتابن مان ڪجهہ ناياب ۽ ڪجهہ ناپيد ٿي چڪا آهن. سندس تحرير جو شهرو سنڌ جي ڪنڊ ڪرڇ ۾ پهتل هو ۽ پوري سنڌ سندس تحرير جي مشتاق ۽ معترف هئي. پوري سنڌ اندر سندس تحرير جي ڏاڪ وينل هئي. سردار محمد يعقوب، جناب حامد علي خان، مخدوم محمد انور صديقي، ڊاڪٽر خان محمد پنهور، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، حاجي محمود خادم، محمد بخش واصف حيدرآبادي، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر اسدالله شاهہ حسيني، ڊاڪٽر وفا راشدي، ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، جناب مشتاق احمد پٺاڻ، جناب احمد خان ايم سيال، جناب بشير احمد ميمڻ، جناب محمد اسحاق شيخ، سيد پير حسام الدين شاهہ راشدي، جناب احمد خان آصف مصراڻي، جناب حاجي خان بلوچ،

* سنڌي صحافت جي ارتقا ۽ تاريخ (پي. ايچ. ڊي لاءِ لکيل مقالو)

جناب محمد عرس ٻرڙو، جناب مير رحيم داد مولائي شيدائي، جناب شمشير الحيدري، ديوان ليلارام ڏيونداس، مولانا غلام محمد گرامي، جناب عبدالواحد سنڌي، خانبهادر محمد صديق ميمڻ، حافظ محمد احسن چنا، جناب محمد موسىٰ ڀٽو، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي، سيد علي اڪبر شاهه، پروفيسر محمد آدم ٻٽ، جناب شعبان بخت، محمود الحسن خان نيازي ميانوالي، قاضي ميان جان محمد عارفي، محمد امين مگسي، محمد نواز محزون، محمد علي دائود پوٽو ”عيان“، مولانا عبدالڪريم چشتي، رئيس ضياء الدين ”ضيا“، مولانا دين محمد وفائي، پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، ڊاڪٽر اياز قادري، محترمه ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ، محترمه ڊاڪٽر شاهده بيگم ۽ اپني ميري شمل جا حضرت بلبل متعلق لکيل مضمون سنڌي ادبي تاريخ جو اهم حصو آهن.

مون پنهنجي هن تحرير ۾ پنهنجي طرفان ڪجهه به نه لکيو آهي. مبادا قارئين ڪرام ائين سمجهن ته ڊاڪٽر رياض الدين پنهنجي جد امجد سان بيشمار خوبيون ۽ لياقتون شامل ڪري وڏائي جو مظاهرو ڪيو آهي ان لاءِ سنڌ جي اٽڪل پنجاهه قدآور اهل قلم ۽ اهل علم حضرت جي مضامين مان چونڊ ٽڪرا پيش ڪيا اٿم. اهي سموريون لکڻيون ان ڳالهه جون شاهد آهن ته هن تحرير ۾ جو ڪجهه به لکيل آهي اهو سمورو احوال انهن اهل قلم جي تحرين ۾ موجود آهي. حضرت بلبل ايترين خوبين ۽ صلاحيتن جو مالڪ آهي جنهن جو تصور به ڪري نه ٿو سگهجي. ان ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته بلبل پنهنجي وقت جو تمام وڏو ماڻهو هو.

مضامين جيئن ته سپ وڏا آهن انڪري ضروري تلميع ۽ تلخيص ڪئي وئي آهي، جيڪي مضامين اردو زبان ۾ لکيل آهن انهن جو ترجمو ڏنو ويو آهي.

سردار محمد يعقوب خان وزيراعظم خيرپور رياست هڪ خط ۾ بلبل کي لکڻ فرمائي ٿو ”هرگز هرگز اسان جو اهو ارادو نه آهي ته فقط ظاهري لباس ۾ اوهان جي تعريف ڪجي مگر سچ پچ ته اوهان جي اخبار جا مضمون اهڙي سنجيدگي ۽ ڪلام جي خوبصورتي سان سينگاريل هوندا آهن جنهن جي تعريف ڪرڻ کان سواءِ رهي نه ٿو سگهجي. وڏي خوشيءَ سان هيءَ ڳالهه قبول ڪا ڪريون ته سنڌي زبان بيشڪ وڻندڙ نموني ۾ لکي سگهجي ٿي جنهن جي ثابتي خود اوهان جون تحريرون آهن. هيءَ رڳو ڪا منهنجي راءِ نه آهي بلڪ منهنجو پياءُ محمد يوسف مون کان به وڌيڪ اوهان جي مضمون نويسي جو قائل ٿو ڏسجي. بلڪ ثنا خوان آهي“. (بلبل سنڌ. ڇاپو 1951ع مؤلف ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل)

جناب حامد علي خان بلبل جو گهاٽو دوست ۽ مداح، لاڙڪاڻي ضلعي جو ڪليڪٽر پنهنجي هڪ خط مورخه 31 مارچ 1911ع ۾ بلبل کي لکي ٿو ”سچ پچ ته اها

خدا جي وڏي بخشش ڇٽبي جو سنڌ جهڙي ريگستان ۾ اوهان جهڙا ٻيا ٻه هڪ ٻه بلبل جيڪڏهن هو ڏياري موڪلي ته هوند هي ويرانو رشڪ عدن بڻجي پوي." (بلبلِ سنڌ ڇاپو 1951ع مؤلف ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل).

پنهنجي دؤر جو ممتاز علم دين، اسڪالر ۽ خطيب مخدوم محمد انور صديقي پاٽائي بلبل جو پيارو دوست، پنهنجي هڪ تحرير ۾ جيڪا "آفتاب سنڌ" جي پرچي تاريخ 25 اپريل 1908ع ۾ شايع ٿي هئي ان ۾ لکڻ فرمائي ٿو "جيئن ناليري فيلسوف جانسن، اسڪاٽ ۽ ٻين يورپ جي مشهور شخصيتن، پنهنجن ناولن ۾ فلسفه ۽ حڪمت کي جاءِ ڏيئي پنهنجي قوم جيڪا فيشن جي دلداه ٿي چڪي هئي، انهن ۾ هڪ وڏو انقلاب ۽ سڌارو آندو تيئن بلبل جي ظرافتي مقالن ۽ تصنيفن جيڪو اخلاقي اثر پيدا ڪيو سو قوم کي سڌارڻ ۾ اسان جي ڊگهين تقريرن، تحريرن ۽ مضمونن ڪڏهن نه ڪيو آهي. جيستائين مصنف عوام جي دلين جي لاڙي کي جاچي انهن جي مزاج موجب نه لکندا تيستائين سندن تصنيفون گهربل اثر پيدا نه ڪنديون. مشهور شاعر شيڪسپيئر جي سر جو سهرو جيڪڏهن سنڌ ۾ ڪنهن تي سونهين ٿو ته اهو بلبل ئي آهي." (بلبل سنڌ ڇاپو 1951ع مؤلف ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل)

جناب ڊاڪٽر خان محمد پنهور، پنهنجي تحقيقي مقالي "الوحيد جو سنڌ جي صحافت، سياست ۽ علم و ادب ۾ حصو" ۾ هن طرح اظهار ڪرڻ فرمايو آهي: "ان وقت انگريزن خلاف نفرت عروج تي هئي. مسلمان انگريزي تعليم پرائڻ کي ڪفر سمجهندا هئا. ان زماني ۾ حسن علي آفندي انهن رجعت پسندن کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳتي وڌي سنڌ مدرسه پريس مان هڪ هفتيوار اخبار "معاون مجمع" جي نالي سان جاري ڪئي، جيڪا سنڌ محمدن ايسوسي ايشن جي پاليسي مطابق هئي ۽ اها اخبار جهڙوڪر ان تنظيم جي ترجمان طور ڪم ڪندي هئي جنهن جو مقصد مسلمانن ۾ بيداري آڻڻ ۽ جديد علم حاصل ڪرڻ لاءِ منجهن جوش ۽ جذبو پيدا ڪرڻ هو ۽ ڪين انگريزي پڙهڻ ۽ ان لاءِ جاکوڙ ڪرڻ ۽ پوءِ انگريزن ۽ هندن سان مقابلو ڪرڻ جون ترغيبون ڏنيون وينديون هيون.

معاون اخبار جو ايڊيٽر مدرسي ۾ فقه جو عالم ۽ استاد مولوي محمد عثمان نورنگ زاده هو. جنهن جي جاءِ تي پوءِ مولوي الله بخش ابوجهو ۽ پوءِ شمس العلماء شمس الدين بلبل مقرر ٿيا جيڪي پنهنجي وقت جا مشهور استاد ۽ ليکڪ هئا، انهن هن اخبار کي تعليم، ادب ۽ معلومات جو واهڙ بنايو."

جناب حڪيم فتح محمد 'صغير' سيوهاڻي پنهنجي خود نوشه سوانح حيات ۾ هن طرح رقم طراز آهي."اهو محترم شخص سنڌ جو مشهور شاعر ۽ اهلِ قلم رئيس شمس الدين بلبل هو جنهن جي شعر جو شهر و سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهتل هو." (ماهنامه نئين

زندگي ماهہ نومبر 1961ع.)

جناب حاجي محمود خادمہ لاڙڪاڻوي جو مقالو "بلبل مرحومہ سنڌي مفڪر جي حيثيت ۾" جيڪو ريڊيو پاڪستان ڪراچي تان تاريخ 15 اپريل 1951ع تي پڙهيو ويو هو ۽ ماهنامہ نئين زندگي جي پرچي ماهہ آڪٽوبر 1965ع ۾ پڻ شايع ٿيو آهي ان ۾ خادمہ صاحب فرمائي ٿو "بلبل سيني ڪان پهريائين موجوده سليس نثر نويسي جو رنگ اختيار ڪيو جيڪو خاص طرح اخباري دنيا لاءِ بالڪل ڪارائتو ثابت ٿيو. بلبل مرحومہ ڪان اڳ سنڌي نثر نويسي جو نمونو فارسي جي تتبع تي مقفيٰ ۽ مسجع عبارت وارو رائج هو. اهو نمونو صرف فارسي زبان ۾ ڪامل دستگاهہ رکڻ وارا لکي سگهندا هئا باقي 'نو آموز يا يا ٿورو پڙهيل بہ ستون بہ لکي ڪونہ ٿي سگهيا. ملڪ کي بلبل جو اهو عظيمہ الشان احسان ڪڏهن بہ نہ وسرندو." (بلبل- سنڌ. ڇاپو 1951ع مؤلف ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل).

محمود خادمہ صاحب فرمائي ٿو "شاعرن جو سرتاج، صوفين جو صوفي، حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي عليہ رحمة ۽ شيڪسپيئر هن قسمہ جي مفڪرن جا مثال آهن. اهڙي طرح بلبل مرحومہ بہ هن معيار جي مفڪرن مان هو. سندس نشان ۽ امتياز هي آهي تہ هن جي فن جو اثر ان وقت جي سوسائٽي تي نهايت عمدو پيو ۽ عوام جي اخلاق جي اصلاح ۾ نهايت ڪامياب ٿيو. انهيءَ ڪري هن پاڻ کي ملڪ جو مفڪر ۽ شاعر ثابت ڪيو ۽ قومہ ۾ نهايت خوشگوار انقلاب آڻڻ جو باعث بڻيو."

هن ئي مقالي جو هڪ ٻيو پيراگراف قارئين جي ڄاڻ لاءِ پيش ڪجي ٿو:

"ايني بيسنت جڏهن هندستانين کي مذهبي رنگ ۾ پنيلائي انگريز حڪومت جي چار ۾ اڻ سڌي طرح وڏيڪ مضبوط جڪڙڻ جو جتن ڪيو ۽ هومہ رول جي تحريڪ ڊونگ ڪري جاري ڪئي تڏهن بلبل مرحومہ ان چال جي اصليت کي پروڙي ويو ۽ ان جي خلاف زوردار تحريڪ هلائي ۽ قلمہ ڪنيو جيئن مسلمان هن جي پيچ ۽ دولاب ۾ نہ اچن. ان تحريڪ جي برعڪس هن مسلمانن لاءِ جدا قوميت جي صدا بلند ڪئي. پنهنجي ڪتاب "جامہ-جمہ" جي صفحي 56 تي لکي ٿو "خدا کي دانهن آهي تہ مسلمانن جي حال تي ڪو رحمہ ڪري، اسان جو اهو مطلب نہ آهي تہ مسلمان اصل پوليٽيڪل ميدان تي نہ اچن ۽ ماٺ ڪري سمهي پون. نہ بيشڪ هو واسطو رکن ۽ شد مد سان حصو وٺن مگر جداگانہ پنهنجا قومي مذهبي ملڪي حق گهرن. محڪومہ قومہ جي غلامي ڪان آزاديءَ جا پهہ پچائين. اسان جي قوميت سيني ڪان مٿي هئڻ گهرجي. هندن ڪان صد بار وڌيڪ اسان جا پوليٽيڪل حق آهن".

حضرات! پاڪستان لاءِ گويا هي پهرئين صدا هئي جا سرزمين سنڌ تان بلند ٿي ۽ ان وقت فضا ۾ گونجي جنهن وقت مسلمہ ليڊر هندن جي شموليت سان رڳو چند سڌارن

ملڻ لاءِ ڪوشان هوندا هئا.“

حضرت بلبل جي سڌي سنئين ۽ واضح گهر ته مسلمانن کي الڳ مسلم رياست گهرجي ڪن اهل قلم حضرات حڪومت وقت جي ڊپ کان ان کي گول مول الفاظن ۾ بيان ڪيو آهي. هيءَ حقيقت آهي ته برصغير ۾ پهريون شخص بلبل ئي هو جنهن لکت ۾ سن 1918ع ۾ مسلمانن لاءِ الڳ رياست جي گهر ڪئي آهي جنهن لاءِ وزنائتا دليل پڻ ڏنا اٿس. بلبل جي سياسي بصيرت ۽ صحيح فيصلي ڪرڻ جي قوت جو فيصلو قارئين ڪرام خود ڪن.

جناب محمد بخش واصف حيدرآبادي جو چوڻ آهي ته ”مرحوم بلبل کي قسام ازل کان ڪيترين خوبيون قسمت ۾ آيون هيون جيئن شعر و شاعري جي فصاحت و بلاغت، نثر نويسي جي نزاڪت، ان سان گڏ ظرافت جي ضيافت ۽ فن صحافت جي قابل قدر لياقت ۽ قابليت، انهن مڙني خوبين ۾ مرحوم بلبل پنهنجو مٽ پاڻ هو. سندس ڪلام جي رواني موج دريا جي نشاني آهي، چوندي چوندي بحر پلٽيو وجهي، نظم جي عزم کي چڙي سندس نثر نويسي کي وٺبو ته اتي به حيرت ئي حيرت آهي. نثر جي نفاست توڙي ان جي نزاڪت لاجواب آهي، جنهن جي حد نه ڪو حساب آهي. ظرافت جي لياقت بلبل جي فطرت ۾ بلڪل ڪثرت سان ٿي ڏسجي. فقري فقري ۾ اهڙو رنگ رچايو اٿس ۽ جملي جملي ۾ انهيءَ ڍنگ جو مچ مچايو اٿس.“ (ديباچه- بلبل سنڌ- 1951ع).

جناب ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي هڪ تحرير ”سنڌ جو حالي رئيس شمس الدين بلبل“ ۾ لکڻ فرمائي ٿو ته ”سنڌي ادب جا جيڪي وڏا قدآور ۽ ڳاڻ ڳڻيا نالي وارا دانشور ٿي گذريا آهن، مرحوم رئيس شمس الدين بلبل انهن مان هڪ هو. هو صاحب ان زماني ۾ سنڌي صحافت جو يگانو ماهر ۽ قابل ڪالم نگار هو. بلبل مرحوم هڪ طرف قابل مزاحيه نگار ۽ تنقيدي شاعر هو ته ٻئي طرف هڪ بينظير نثر نويس. ڪامياب صحافي ۽ سنڌي ٻوليءَ جو باني، مزاحيه ۽ تنقيدي ڪالم نگار به ٿي گذريو آهي. ظرافت جيئن ته سندس طبيعت ۾ شامل هئي انهيءَ ڪري سندس نثر نويسي ۽ ظريفانه شاعري ۾ هن ڏاهپ کي ڪم آڻي ان زماني ۾ سنڌ ۾ گهڻو داد حاصل ڪيائين. معاون اخبار جي ايڊيٽر هجڻ واري زماني ۾ سندس لکيل ظريفانه ۽ فلسفيانه مضمون ۽ تنقيدي توڙي مزاحيه ڪالم ان زماني ۾ سنڌ ۾ وڏي چاهه سان پڙهيا ويندا هئا. سندس طرز تحرير ان زماني ۾ مثالي سمجهي ويندي هئي. حقيقت ۾ سنڌ اندر نثر ۾ ظرافت جو هو موجد هو ۽ سندس انداز بيان به مثالي هو. سنڌي نثر نويسي جي عبارت ۾ هن بزرگ وڏو انقلاب آڻي ڇڏيو هو. اهو ئي سبب آهي جو ان وقت جا عالم، اديب ۽ شاعر کيس سنڌ جو حالي سڏيندا هئا.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحرير جيڪا سماهي مهراڻ رسالي نمبر-1 سال 2010ع ۾ شايع ٿي آهي ان ۾ ڊاڪٽر صاحب لکڻ فرمائي ٿو "شمس الدين بلبل پنهنجي دؤر جو وڏو اديب، تعليمي اڳواڻ، سياسي مفڪر، محب وطن، بيباڪ صحافي، فارسي ۽ سنڌي جو قادر الڪلام شاعر هو. شاعريءَ ۾ سندس تخلص بلبل هو. ميهڙ شهر جي هڪ معزز زميندار گهراڻي مان هو. رئيس شمس الدين بلبل جي نالي سان مشهور ٿيو ۽ ان ساڳي نسبت سان سندس فرزند "رئيس ضياءَ الدين ضيا بلبل" به مشهور ٿيو.

رئيس شمس الدين بلبل هڪ سنڌ دوست سياسي اڳواڻ هو. وقف علي الاولاد ۽ دکن ايگريڪلچرل رليف ايڪٽ جهڙا قانون پاس ڪرائي سنڌ سان لاڳو ڪرايائين جنهن مان بلبل جي دور انديشي ۽ سياسي بصيرت نمايان نظر اچي ٿي. بلبل جديد صحافت جو سرواڻ هو. سنڌي نثر ۽ نظم جو اڳواڻ هو. سنڌ جي بدلجندڙ سماج تي تنقيد ڪيائين ۽ پنهنجي ظرافت ۽ خوش طبعي سان وقت جي نَوَن انگريزي پڙهيل فيشنئبل نوجوانن جو پنهنجي ڪلچر کان بيگانگي ڏانهن ڌيان ڇڪايائين."

جناب ڊاڪٽر اسدالله شاهه حسيني، ديوان بلبل ڇاپو 1987ع ۾ ناشر جي حيثيت سان پنهنجا "ٻه اکر" لکندي انهن ۾ فرمائي ٿو: "عروضي شاعري ۾ مزاحيه طرز نگاري جو باني مرحوم رئيس شمس الدين بلبل ٿي هو. محمد هاشم مخلص، نور محمد نورل نظاماڻي ۽ ٻيا بلبل جي اسٽائيل کان متاثر ٿيا". "ڪلام بلبل" ڇاپو 1987ع ۾ پڻ ڊاڪٽر اسد الله شاهه صاحب ناشر طور "ٻه اکر" هن طرح لکڻ فرمايا آهن:"بلبل جي نعتيه ڪلام کان سواءِ اهو ڪلام به آندو ويو آهي، جنهن ۾ هن پنهنجي مخصوص مزاحيه ۽ طنزيه انداز ۾ زندگي جي هر شعبي ۾ پيدا ٿيل عيبن جي نشاندهي ڪئي آهي. سندس ظرافت ۽ شوخي جو مقصد فقط تفريح طبع يا اجائي باده گوئي ڪانهي بلڪ قوم جي معاشي ۽ معاشرتي زندگي کي بهترين روش تي هلائڻ جي هڪ ڪوشش آهي. بلبل پنهنجي فن جو امام آهي ۽ سندس پاءِ جو انهيءَ مخصوص فن ۾ اجا ڪو شاعر پيدا ڪونه ٿيو آهي."

جناب ڊاڪٽر وفا راشدي صاحب اردو ڳالهائيندڙ نارٿ ناظم آباد ڪراچي جو رهاڪو، اردو ۽ بنگالي زبانن ۾ لکندڙ عظيم مصنف هو. باباءِ اردو مولوي عبدالحق جي لائبريري سان وابسته هجڻ سان گڏوگڏ شايد ڊگري ڪاليج ڪراچي ۾ به پروفيسر طور سندس تقرر ٿيل هو. وڏن وڏن ليکڪن، عالمن ۽ دانشورن جهڙوڪ شان الحق حقي، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر اياز قادري، باباءِ اردو مولوي عبدالحق، ڊاڪٽر سيد عبدالله، ڊاڪٽر عندليب شاداني، ماهر القادري، پروفيسر فروغ احمد، پروفيسر سيد نقوي

احمد، ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل، مخدوم امير احمد، ڊاڪٽر غلام مصطفىٰ خان، مولانا غلام مصطفىٰ قاسمي وغيره وغيره سان سندس تعلقات رهيا ۽ سنڌ جي سيني اهم ڪتب خانن مان استفادو ڪيائين. سندس تصنيفات ۾ چند ڪتابن جا نالا هي آهن:

1.بنگال ۾ اردو، 2. حيات وحشت، 3. پيام نو ، 4. سنهرا ديس، 5. خالد ايڪ نيا آهنگ، 6. آهنگِ ظفر، 7. اردو ڪي ترقي ۾ اوليائي سنڌ ڪا حصہ ۽ 8 مهراڻ نقش وغيره.

ڊاڪٽر وفا راشدي صاحب "شمس الدين بلبل" جي عنوان هيٺ پنهنجي ڪتاب مهراڻ نقش ۾ جو ڪجهه لکيو آهي ان جي تلخيص ۽ ترجمہ پيش خدمت آهي. راشدي صاحب لکڻ فرمائي ٿو: "سنڌ جو قومي شاعر، ملڪ الشعراء سنڌ شمس الدين بلبل سنڌ جو نامور عالم، مفڪر، شاعر، اديب، صحافي ۽ مزاحيہ نگار هو. اها حقيقت آهي تہ سنڌ جي قومي شاعر جي حيثيت سان شمس الدين بلبل جون خدمتون فراموش ڪري نہ ٿيون سگهجن. رشيد احمد لاشاري جي لکڻي موجب باب الاسلام سنڌ ۾ سڀ کان پهريائين جنهن شاعر صحيح معنىٰ ۾ قومي شاعري ڪئي ۽ ان سان گڏ پاڪستان جو تصور پيش ڪيو اهو بلبل سنڌ شمس الدين بلبل ئي هو.

شمس الدين بلبل عالم دين، مفڪر اسلام ۽ عوامي شاعر هو. سندس تحرير ۽ تقرير مسلم قوم ۽ پوري انسانيت جي اصلاح، ترقي ۽ بهبود لاءِ وقف ٿيل هئي. هو دنيا دار بہ هو تہ دیندار بہ هو. تصوف سان کيس فطري لڳاءُ هو. سندس صوفيانہ مزاج ۽ درويشانہ زندگي سندس عظمت جا مظهر آهن.

الله تعاليٰ ۽ سندس رسول ﷺ جي دين جي فروغ ۽ مسلمانن کي صوم و صلواة جي طرف راغب ڪرڻ لاءِ پنهنجي مسجد جي امامت بہ ڪيائين. خطبات ۽ درس قرآن جو سلسلو جاري رکيو. قرآن جو تفسير لکيو، سيرت، فقه ۽ حديث متعلق سلسليوار مضمون بہ لکيا. سندس صرف اهو ڪمال نہ هو تہ هن صرف مزاح نگاري ۾ منفرد مقام حاصل ڪيو بلڪ تصوف ۽ معرفت جي فلسفي کي بہ پنهنجي شاعري ۾ شامل ڪري هڪ صوفي شاعر جو مرتبو بہ حاصل ڪيو. سندس ڪلام جو وڏو حصو وحدت وجود ۽ شهود جي ارشادات ۽ اصطلاحات تي مبني آهي. گنجينۂ معرفت ۽ مدح سرور سندس اهڙا بہ ڪتاب آهن جن ۾ سنڌي، فارسي ۽ اردو ۾ نعتيہ ڪلام جو مطالعو ڪرڻ بعد بلبل جي فلسفہ، تصوف، اسلامي ۽ ديني عقائد وضاحت ۽ صراحت سان اسان جي سامهون اچن ٿا.

شمس الدين بلبل عربي، فارسي، سنڌي، سرائيڪي ۽ اردو زبانن جو ڄاڻو هو. عربي کان سواءِ باقي زبانن ۾ نثر ۽ نظم وڏي رواني، برجستگي ۽ شگفتگي سان لکندو هو.

تصوف، تفسير، حديث، فقه، سيرت، مناظره، فلسفه، شعر و عروض، لغت معاني، سياست ۽ تاريخ متعلق سندس تصنيفات ۽ تاليفات موجود آهن. انهن ڪتابن ۾ نظم گهٽ ۽ نثر زياده آهي.“ (مهراڻ نقش، مڪتبہ اشاعت اردو ڪراچي-1986ع)

محترم ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي صاحب پنهنجي تحرير ”سنڌي ادب جي ارتقائي تاريخ“ ۾ لکڻ فرمائي ٿو : ”سنڌي نثر نويسي ۾ جنهن اديب انقلاب آندو سو مرحوم شمس الدين بلبل هو. هو صاحب مرزا قليچ بيگ جو همعصر هو. هن سنڌي ادب تي ۽ خاص طرح سنڌي شعر تي چڱيون تنقيدون لکيون. سال 1892ع کان وٺي قليچ بيگ ۽ بلبل سنڌ جا درخشان ستارا رهيا، جن جي ڪوشش سنڌي ادب کي خوب چمڪايو. هنن جون تحريرون سنڌي ادب ۾ تنقيد جي بنيادي پٿر جي حيثيت رکن ٿيون.

شمس الدين بلبل کي ظريفانہ طرز جيان سنڌي ادب ۾ وڏو مقام حاصل آهي جيڪو هن صحافت ذريعي حاصل ڪيو. اخبار ”آفتاب سنڌ“ جو ڳچ وقت ايڊيٽر ٿي رهيو ۽ پنهنجون ذاتي اخبارون پڻ ڪڍيائين. بلبل جو سچو زور معاشري جي سڌاري آڻڻ ۾ لڳل هوندو هو. نئين تهذيب ۽ تمدن ۾ جيڪي خرابيون عام ٿي ويون هيون انهن جي بيخ ڪني لاءِ هن جو قلم تلوار وانگر وهندو هو ليڪن سندس طنز و مزاح خالص تعميري آهي. هن جا مضمون ۽ ظرافت سنڌي ادب ۾ لازوال حيثيت رکن ٿا. سندس نظم موزون، شائستہ ۽ بليغ آهي.“

جناب ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب پنهنجي تصنيف ”سنڌي ادب جي تاريخ“ ڇپايل سنڌي لئنگويج اٿارٽي ڄامشورو ۾ لکڻ فرمائي ٿو: ”سنڌ جو بهترين صحافي، اديب ۽ طنز و مزاح ۾ نالو پيدا ڪندڙ بلبل ميهڙ ۾ ڄائو. اتي ئي مڪتبن ۾ سنڌي، اردو، فارسي ۽ ديني تعليم حاصل ڪيائين. 1889ع ۾ ڪراچي ويو. اتي حسن علي آفندي جي ساٿ ۾ رهيو. سنڌ مدرسي جي رسالي ”جامع العلوم“ جي ادارت شروع ڪيائين. اڳ ان جي ادارت محمد عثمان نورنگ زادي وٽ هئي. ان کان پوءِ ڪراچي گزيٽ، خير خواهہ، مسافر ۽ آفتاب جو ايڊيٽر ٿي رهيو. سندس قلم جون جولانيون بہ جاري رهيون. نثر توڙي نظم ۾ بگڙيل معاملن تي نڪتہ چيني ڪيائين. سنجيده نثر و نظم کانسواءِ طنز ۽ مزاح ۾ بہ ناليرو ٿيو ۽ پنهنجي دؤر ۾ هڪ وڏي هستي ليکيو ويو. مولوي نور محمد نظاماڻي ۽ محمد هاشم مخلص بہ ان زماني ۾ طنز مزاح لکندا هئا پر بلبل پاڻ مڃائي ورتو. پنهنجي بي باڪانہ رويي ۽ تکي تحرير ڪري متس مقدما داخل ٿيا جن ۾ سرخرو ٿيو ۽ ڪيس آنريري مئجسٽريٽ جو منصب بہ مليو. بلبل جو خاص ڪردار سماج جو سڌارو ۽ مسلمانن جي ترقي رهيو. سندس ڪلام ۽ نثري ڪاوشون انهيءَ فرض خاطر هيون.“

جناب ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ صاحب جي تحرير " بلبل مرحوم جو اصلاحي ڪردار" ماهنامہ نئين زندگي ماهہ آڪٽوبر 1965ع ۾ شايع ٿي آهي، ان ۾ فرمائي ٿو : "شاعرن جا گهڻا ئي قسم هوندا آهن، ڪي تعميري تہ ڪي تخريبي، ڪي اصلاحي ۽ ڪي عاشق مزاج، ڪي طنزيہ تہ ڪي ڳنڀير، ڪي نج ميٽڊ (يعني في البديهہ) تہ وري ڪي ڇٽ ميٽڊ (يعني جڙتو) ڪي عوامي تہ ڪي وري علاقائي شاعر هوندا آهن. انهن سڀني ۾ عوامي ۽ تعميري يا اصلاحي شاعر جو درجو سڀ کان اعليٰ ۽ بلند رهيو آهي. ميان شمس الدين بلبل جي تصنيفن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هو طنزيہ ۽ اصلاحي شاعر هو."

جناب ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب پنهنجي تحقيقي مقالي "سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس" ۾ رقم طراز آهي تہ "پرمانند ميوارام وانگر ٻيا صحافي بہ بهترين مضمون نويس ٿي گذريا آهن، جهڙوڪ شمس الدين بلبل، ڄيٺمل پرسرام، محمد هاشم مخلص، مولانا نور محمد نظاماڻي ۽ مولانا دين محمد وفائي. بلبل مرحوم طنز و مزاح جي ذريعي پنهنجي مضمونن ۾ هڪ انفرادي اسلوب اختيار ڪيو آهي جنهن ۾ ڪشش بہ آهي تہ اثر بہ آهي، سندس سچو زور معاشري جي اصلاح تي آهي. نئين تهذيب جي منهن ڪڍڻ ڪري معاشري ۾ جيڪا بي راهہ روي ۽ غير صحتمندي آئي، ان تي ڀرپور طنز ڪئي اٿس. سندس مضامين، انفرادي اسلوب بيان ۽ طنز ۽ مزاح جي مخصوص رنگ جي ڪري سنڌي ادب ۾ هڪ خاص جڳهہ والارين ٿا.

پهرئين مهاڀاري لڙائي کان پوءِ عوام ۾ نوان رنگ، امنگ ۽ ولولا اڀريا، اهڙي سياسي شعور عوام کي جمهوريت ۽ سياسي آزادي جي اهميت ذهن نشين ڪرائي. انهي ڪري 1913ع ڌاري سنڌ ۽ هند ۾ آزادي جي هلچل زور وٺي وئي. سنڌي ليکڪ بہ آزاديءَ جي تحريڪ کان متاثر ٿيا ۽ سماج جي اصلاح سان گڏ سياسي مقصد بہ آڏو رکي لکڻ شروع ڪيائون . ان سلسلي جي ليکڪن ۾ شمس الدين بلبل جو نالو مڙني کان مٿانهون آهي جنهن پنهنجي تحرير طنز و مزاح جو رنگ پيدا ڪري سنڌي نثر ۾ انفراديت پيدا ڪئي.

ان اوائلي دؤر جي بلند پايہ شاعر، اديب ۽ باعمل صحافي رئيس شمس الدين بلبل ان سلسلي ۾ تمام گهڻو ڪم ڪيو، هن نظم ۽ نثر جي ذريعي مسلمانن کي سمجهايو تہ هو انگريزي تعليم حاصل ڪري سرڪاري عهدن تي فائز ٿين.

پڙهو انگريزي وٺو اوج اعليٰ
وٺو خوب عهدا حڪومت هلايو
نہ تو ڪاپرائي فضيلت لسان
سکين ڪينڪي انگريزي زبان

هن ذهن نشين ڪرايو ته مسلمان ديني تعليم ڪي ته چڏي ڏنو آهي پر انگريزي تعليم کان پري رهي، پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هنيو آهي. هو اسان کي سمجهائي ٿو ته جديد تعليم پرائي، انگريزي قاعدا ۽ قانون سکي وڪيل ۽ جج ٿيون ته جيئن پنهنجي زندگي به بهتر بنائي سگهون ۽ قوم ڪي به مشڪل ۾ ڪم اچي سگهون.

وجائي تو چڏيا پنهنجا هٿي جهان- ڏنا ڪين ڪي انڌا تو امتحان
روينيو جديشل وڪالت وغيره- ڪهاڙي سان پنهنجو وڍيئي پاڻ پير
نه ڊپٽي ٿئين تون نه مختيار ڪار- ٿئين همعصرن ۾ ذليل و خوار
جي بي اي ٿي تون ڪان بعيد قياس- ته مئٽرڪيوليشن به ڪيڙئي نه پاس

اهڙي طرح ڪيترن ئي نظمن ۾ ذهن نشين ڪرايائين ته جيڪڏهن سنڌي مسلمان چاهين ٿا ته هو دنيوي عزت ۽ وقار حاصل ڪن ته ڪين جڳائي ته انگريزي تعليم پرائين.

جي پائين ته مولا ٿئي مهربان- ته سک علم تون انگريزي زبان
جي عزت جهان جي رکو ٿئبٿش-پڙهو انگلش انگلش انگلش

هو ٻڌائي ٿو ته وقت جي تقاضا اها آهي ته انگريزي تعليم پرائي دنيا ۾ عزت ۽ مان واري زندگي گذارجي.

وقت نازڪ ٿيو وڏو، خوب خبردار ٿي هل
هاڻي سکي ايم لکي ايل پوءِ هوشيار ٿي هل
هن زماني ۾ ٿيو زور، جنهين علم جو اج
وٺ اها واٽ، اڳين بات کان بيزار ٿي هل
اج پڇي ڪونه سوا پاس مدل ۽ پيسي
جي اهي هٿي نه ٿيا موجود ته مردار ٿي هل.

انگريزن جي خلاف جيڪي آزادي جون تحريڪون هليون انهن بابت به سنڌي شعر ملي ٿو، اهڙي طرح ڪيترن ئي سنڌي شاعرن مسلمانن کي بيدار ڪرڻ، آزادي حاصل ڪرڻ ۽ پاڪستان قائم ڪرڻ لاءِ نظم لکيا، نه فقط ايترو پر هنن سنڌي زبان ۽ ادب، سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت کي به پنهنجي نظمن ذريعي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، هنن سنڌي زبان ۽ ادب جون خوبيون ۽ خصوصيتون بيان ڪيون، سنڌ جي شاندار تهذيب جي ترجماني ڪئي، سنڌي زبان، ادب ۽ ثقافت لاءِ پيار ۽ محبت جو جذبو جاڳايو ۽ اخلاق ۽ عمل جو پيغام پهچايو. هنن ذهن نشين ڪرايو ته اخلاقي اقدار سان ئي اسان جي ديني خواهه دنيوي زندگي بهتر ٿي سگهي ٿي ۽ اسان جي شاندار تهذيب برقرار رهي سگهي

ٿي. هنن اسان کي خبردار ڪيو تہ پنهنجي تهذيب وساري مغربي تهذيب اختيار ڪرڻ ۾ اسان جو سراسر نقصان آهي. هنن اسان کي سمجهايو تہ پنهنجي رهڻي ڪهڻي وساري انگريزن جي هلت چلت کي جنبڙي نہ پئون. اهڙن شاعرن مان وري بہ نمايان نالو رئيس شمس الدين بلبل جو ئي آهي. هن طنز و مزاح ذريعي مغربي تهذيب جون خاميون ۽ خرابيون ذهن نشين ڪرايون. جناب مشتاق احمد پناڻ صاحب "سنڌي جا ٽي عالم ۽ اديب: 1. خانبهادر حسن علي آفندي، 2. شمس العلماء مرزا قليچ بيگ، 3. رئيس شمس الدين بلبل" جي عنوان هيٺ 15 صدي هجري نمبر- نئين زندگي ماهہ آگسٽ-سيپٽمبر 1990ع رئيس شمس الدين بلبل متعلق لکڻ فرمائي ٿو. 1857ع جو ناڪام انقلاب جتي پنهنجي دامن ۾ ڪئين پيانڪ ۽ خونخوار تصويرون کڻي ظاهر ٿيو، اتي ساڳئي سال سنڌ جي مردم خير زمين هڪ اهڙي مانجهي مرد کي بہ جنم ڏنو جنهن هڪ انقلابي صحافيءَ جي روپ ۾ پنهنجي قومي ڪمزورين جي نہ فقط نشاندهي ڪئي پر پنهنجي دشمنن سان بہ سٽي ويڙهہ ڪاڏي. سندس قلم جڻ تہ ويرين لاءِ ڪو خمدار خنجر هو يا اها تکي تلوار، جنهن جي ڪاٽ چٽني پاسين پئي ٿيندي آهي. ساڳئي وقت هو سنڌي صحافت جو مهندار ۽ طنز و مزاح جي شاعري جو باني پڻ هو. بلبل جي ڪلام پڙهڻ سان ائين محسوس ٿيندو تہ خدائي ذات تي مبني آهي."

جناب احمد خان سيال مشهور صحافي، اديب ۽ تعليمي ماهر جو بہ حضرت بلبل جي ڪلام متعلق اهڙو ئي رايو آهي. فرمائي ٿو "اتفاق راءِ سان ائين مڃجي تہ سندس علمي ۽ شاعرانہ استعداد قدرت جي هڪ عطا ۽ ملڪو هو." (احمد خان ايم سيال- "مرحوم شمس الدين بلبل سنڌ جو حالي" ماهنامہ نئين زندگي آگسٽ 1953ع.)

جناب بشير احمد ميمڻ صاحب سنڌ جو مشهور صحافي، روزانہ عبرت اخبار مورخہ 15 سيپٽمبر 1982ع ۾ پنهنجي ڪالم "اڄوڪو ڏينهن" ۾ مرحوم شمس الدين بلبل متعلق هن طرح لکڻ فرمائي ٿو "رئيس شمس الدين بلبل، سنڌ جي ادبي چمنستان جو بلبل هزار داستان هو. ڪيترن ڪتابن کي وڏي جاکوڙ سان گڏ ڪري پنهنجو هڪ عمدو ڪتب خانو ناهي ڇڏيائين جنهن ۾ عربي، فارسي، اردوءَ سنڌي جا ڪيترائي قيمتي ۽ اڻ لڀ ڪتاب موجود هوندا هئا. بلبل پنهنجي زوردار قلم سان ظريفانہ ۽ فلسفيانہ مضمون لکيا جيڪي سنڌي ادب جو قيمتي سرمايو آهن".

جناب محمد اسحاق شيخ صاحب سنڌ جو ممتاز صحافي ۽ اديب پنهنجي هڪ تحرير جيڪا "شمس الدين بلبل" جي عنوان هيٺ روزنامہ اخبار مهراڻ حيدرآباد ۾ تاريخ 13 سيپٽمبر 1988ع واري پرچي ۾ شايع ٿي آهي. ان ۾ شيخ صاحب هن طرح رقم طراز آهي."سنڌي صحافت جو باني، سنڌي ٻوليءَ جو محسن، رئيس شمس الدين بلبل هڪ

عظيم مفڪر، محب وطن ۽ دور انديش مبلغ ڪانسواءِ هڪ صاحبِ طرز اهل قلم بہ هو. شعر و سخن ۾ اعليٰ قسم جي طنز و مزاح نگاري، ظرافت، نفيس بذلہ سنجي ۽ تقريظي اسلوب بيان جنهن جو مقصد قومي ۽ ملي اصلاح هجي سندس طره امتياز هيو. قلم جي زور سان گڏ زور بيان يعني تقرير ۾ يگانو هو. قومي همدرديءَ سان گڏوگڏ جرئت رندانہ ۽ جذبہء ايمان بہ رکندو هو. دانش ۽ بصيرت سان گڏوگڏ سياست ۽ صحافت جو بہ شهسوار رهيو. دنيا جي معاملات سان گڏوگڏ ديني حڪمن جي بجا آوري ۾ بہ مستعد ۽ پيش پيش رهيو. وسيع مطالعي سان گڏوگڏ وسيع مشاهدي جو بہ مالڪ هيو. پر وقار ۽ پرڪشش صورت ۽ جاذب نظر شخصيت سان گڏ پاڪيزه سيرت بلبل مرحوم جي نمايان خاصيت هئي، جيڪا قدرت ڪيس نهايت فياضي سان عطا ڪئي هئي. هو هر محفل جو مور هوندو هو. دوست احباب هر وقت ڪيس ڏسڻ لاءِ مشتاق ۽ ٻڌڻ لاءِ بيتاب نظر ايندا هئا. سنڌ جي اهل قلم مفڪرن ان کي سنڌ جو سعدي، حالي ۽ اڪبر الهہ آبادي ڪوٺيو آهي."

جناب سيد پير حسام الدين راشدي صاحب پنهنجي هڪ تحرير ۾ حضرت بلبل متعلق، "هو ڏوتي هو ڏينهن" جي صفحي نمبر 142-143 تي لکڻ فرمائي ٿو "طنز ۽ مزاح ۾، نثر خواه نظم لکندڙ اسان وٽ پيا بہ ان وقت چوٽيءَ جا ماڻهو هئا پر سيني ۾ وڌو غالباً ميهڙ وارو رئيس شمس الدين بلبل هو جنهن جو "نيچرل ڪريما" ۽ پيا طنزيہ اشعار مشهور آهن، انگريزي تمدن تي جيڪي ٺهولون هن ڪيون سي ٻئي ڪنهن نہ ڪيون.

شمس الدين، مخلص ۽ مولوي نظاماڻي هجو نويسي جا سنڌ ۾ موجود بنيادي پٿر هئا. اخبار اندر مزاح نويسيءَ جي ابتدا انهن ئي ڪئي. مطلب تہ نظم خواه نثر ۾ هنن جي طفيل سنڌي ادب جي اها صنف آسمان تي پهتي. مخلص ۽ نظاماڻي جي لکت ۾ ڪڏهن ڪڏهن تلخي بہ اچي ويندي هئي. ليڪن بلبل مرحوم جي نظم ۾ نج طنز ۽ مزاح ٿيندو هو. هن جي قلم ڪنهن جي دل نہ ڏکائي، شخصيتن جي چڱائي ۽ مٺائي کي در گذر ڪري هن عام قومي مسئلن ڏانهن توجهہ ڪيو هو."

جناب احمد خان آصف مصراڻي صاحب پنهنجي هڪ تحرير "ميهڙ سب ڊويزن جو مختصر علمي ۽ ادبي جائزو ۾" مرحوم شمس الدين بلبل- سڄڻ ۽ ساٿيهہ- سوينئر- سوشل ۽ ڪلچرل سوسائٽي ميهڙ طرفان شايع ٿيل، اپريل 1925ع ۾ لکڻ فرمائي ٿو "هي دين جو شمس، قوم وطن ۽ علم و ادب جو خورشيد. بلبل هزار داستان جو احوال ڪيترن ئي ڪتابن ۽ تذڪرن ۾ آيل آهي (بلبل سنڌ از ڊاڪٽر خليل مرحوم)، نئين زندگي (مولانا گرامي) ۽ ٻين رسالن ۾ ڪيس سنڌ جو سر سيد احمد خان، سنڌ جو حالي ۽ سنڌ جو اڪبر الهہ آبادي ڪوٺيو آهي. سندس نثر خواه نظم طنز مزاح جي چاشني سان قوم لاءِ

اصلاح جو ڪارڻ بڻيا. ”جام-جم“ جيڪو 1918ع ۾ ڇپيو ان ۾ پاڪستان جو نظريو پيش ڪري چڪو هو.

”بلبل سنڌ جي ظريفانہ شاعريءَ جو علمبردار، اعليٰ درجي جو نثر نگار، مفڪر، سياستدان، قومي خدمتگار، مشهور زميندار ۽ معاون ۽ آفتاب اخبار جو ايڊيٽر بہ هو. پنهي اخبارن جي وسيلي سنڌ جي مسلمانن ۾ بيداري آڻڻ، عيسائين ڪي منهن توڙ جواب ڏيڻ ۽ رشوت ۽ لاپي ڪي بند ڪرائڻ لاءِ خوب لکيائين.“ (ماهہ نامو نئين زندگي نومبر 1966ع).

جناب احمد خان آصف مصراڻي پنهنجي ہئي تحرير ”تحريڪ پاڪستان ۾ سنڌ جي ڀاڱي ڀائيواري“ ۾ لکي ٿو ”سنڌ ۾ مرحوم شمس الدين بلبل جو هڪ وڏو عالم، اديب، شاعر ۽ صحافي هو ان ۾ بہ مسلمانن لاءِ جداگانہ رياست جو آواز پنهنجي ڪتاب جام-جم جي ذريعي اتاريو هو.“ (سماهي، مهراڻ تحريڪ آزادي نمبر 1985ع)

جناب غلام محمد گرامي ”جام- جم“ ڇپايل سنڌي ادبي بورڊ- جي مقدمي ۾ لکي ٿو: ”جام-جم“ جي ان تاريخي تحرير جي افاديت ۽ اهميت جي پيش نظر، ڪيترن سنڌي محققن، ان تحرير کي پاڪستان جي تشڪيل ۽ تعمير جي تاريخ ۾ اوليت جو شرف بخشيو آهي. اها حقيقت بيشڪ درست آهي. ’بلبل‘ صاف طرح بيان ڪيو آهي.“

گرامي صاحب هن وڌيڪ وضاحت لاءِ مرحوم ”خادم“ جو حوالو ڏيندي ان جي تحرير دهرائيندي فرمائي ٿو: ”جام- جم“ جو لکندڙ ”بلبل“ پهريون شخص هو جنهن پاڪستان جو عملي طرح پهريون قدم کنيو. پاڪستان لاءِ هي گويا پهرئين صدا هئي. ان وقت جا ليڊر رڳو چند سڌارن ملڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيا هئا، تڏهن بلبل جداگانہ قوميت جو آواز بلند ڪيو.“

جناب حاجي خان بلوچ ميهڙائي پنهنجي هڪ معرڪتہ الآراء مضمون ۾ لکڻ فرمائي ٿو ”سر زمين سنڌ ۾ علامہ اقبال وانگر پهريون دفعو شاعريءَ ۾ سياست ۽ قوميت جا رنگ بلبل ڀريا.“

جناب محمد عرس ”مسرور“ ٻرڙو صاحب جي مقالي مان چند اقتباسات پيش ڪجن ٿا. هي مقالو جناب محمد عرس صاحب حضرت بلبل جي ورسيءَ جي موقعي تاريخ 11 اپريل 1964ع تي بلبل هائوس ميهڙ ۾ سڏايل مشاعره ۾ پڙهيو هو.

”حضرت مرحوم و مغفور رئيس شمس الدين بلبل قدس الله سرهٗ جي آخري آرامگاهہ مرقد مبارڪ تي عقيدت ۽ محبت جي گلن جي ورڪا ڪندي، سندس علم وادب جي عميق موجزن سمندر مان چند قطرات اجوڪي عظيم اليشان بزم ۾ عرض آهن.“

حريفان بادها خوردند رفتند زهي خم خانها ڪردند رفتند. سنڌ جو جليل القدر، مايہ ناز شاعر، بلند پايہ جو صحافي ۽ اعليٰ مفڪر حضرت رئيس شمس الدين صاحب بلبل

سال 1857ع ۾ ميهڙ شهر ۾ تولد ٿيو. هي اهو پر آشوب دؤر، هو جنهن دؤر ۾ مسلمانانِ هند فرنگي طوق غلامي ٽوڙڻ لاءِ جهاد عظيم شروع ڪيو ۽ هن جهاد في سبيل الله کي تاريخ جي اوراقن ۾ بلوي جي پر تحقير تعبيرن سان جاءِ گزين ڪيو ويو آهي، مگر خدا شاهد آهي ته هي جهاد اڪبر مسلمانانِ هند جي غيرت اسلامي، حميت ۽ توڪل علي الله جي يوم الحساب تائين دلالت ڪندو رهندو.

مسلمانانِ هند پنهنجي فرمانروائي ۽ اعزاز کي تلف ۽ تاراج ٿيندي ڏسي دست تحسر مليندي مليندي فرنگي تعليم و تهذيب کي منافرت بغض و عنادِ چشم تحقير سان ڏسندي ڏسندي ان جو قطع تعلقات ڪيو. ان جو نتيجو اهو سرزد ٿيو جو اهل هنود سفيد فام آقائن جي تعليمي، تهذيبي تقليد ڪري بام عروج تي پهچڻ لڳا ۽ ٻنهي قومن مسلمانن کي صفحي هستي تان متائڻ لاءِ ناپاڪ سازشون شروع ڪيون مگر اعداءِ الله کي اها خبر ڪانه هئي ته "چراغِ را که برايز فروزد ز کسي که وقف رندو مشش بسوزد".

واقعي "ناميدي ۾ به آهي آسرو رحمان جو" دردمند دعائن کي مقبول فرمائيندي بلڪل ساڳئي سال قرن سعدين ۾ اعظم ڳڙهه يو پي ۾ حضرت مولانا شبلي نعماني رحمت الله عليه کي، دهلي جي جوق ۾ مير مهدي حسن مجروح عليه رحمة کي ۽ سرزمين سنڌ ۾ حضرت شمس الدين بلبل قدس الله سره کي پيدا ڪرڻ فرمايو: "الله تعاليٰ انهن ٽنهي جليل القدر هستين جي قلم کي تلوار کان به زياده قوت عطا فرمائي هئي جن شيوه پيغمبري اختيار ڪري پنهنجي علم و ادب، شعر و شاعري جي قهريا قوه سان مسلمانان هند جي صحيح ترجماني ڪري سندن شوريده قسمت کي بدلائي ڇڏيو.

حضرت بلبل عليه رحمة جي سيني ۾ پنهنجي عنفوان شباب ۾ به قومي درد چوليون هڻي رهيو هو. ان جي بيتابي کي مولانا الطاف حسين حالي ۽ حضرت اڪبر الهه آبادي جي پر درد قومي نظمن ويتر وڌايو.

ڪاتب تقدير و قدر ڪان سنڌي مسلمانن جي خدمت لاءِ حضرت بلبل کي منتخب فرمايو جنهن پنهنجي دور رس نظرن سان ڏسي مسلمانن جي اجڙيل گلستان کي خونِ جگر سان آبياري ڪرڻ جو تهيه ڪيو. ان دؤر ۾ مسلمانن جي بي ڪسي ۽ بي بسي جي ماحول حضرت بلبل جي قلب و جگر تي وڏي اثر اندازي ڪئي:

حضرت بلبل بحيثيت هڪ قومي نباض ۽ سياسي مبصر جي پنهنجي ذڪاءَ ذهانت جي وسيلي پنهنجي نظم ۽ نثر کي وقت جي تقاضا موجب قومي امراض کي قطع قمع ڪرڻ لاءِ هڪ خاص طرز مزاحيه اختيار ڪئي جنهن طرز تير و نشتر جو ڪم ڪيو. حضرت بلبل پنهنجي مزاحيه شعر ڪان عصاءِ موسوي جو ڪم ورتو. اها حضرت بلبل عليه رحمة جي نقادي ڪيمياگري هئي جنهن انگريز حڪومت جي بيخ ڪني ڪئي ۽

دشمن کي خبردار ٿيڻ بہ نہ ڏنو مگر اهو مزاحيہ ڪلام درد کان خالي نہ آهي. فرنگي حڪام وڏي هيجان سان بلبل مرحوم جو مزاحيہ شعر ٻڌي گد گد ٿيندا هئا ۽ حضرت بلبل کي پنهنجو دوست تصور ڪندا هئا.

فن صحافت جي هن امام مسلمانانِ سنڌ جي بي لوث خدمت ۽ ڪماحقه ترجماني ڪرڻ لاءِ اخباري ادارن جي جدا رهبري ڪري مسلمانانِ سنڌ کي حلقء بگوش ۽ مرهونِ منت بنايو. سندس قلم جي تيزگامي ۽ جولاني مخالفت جا هٽي پاندا پيچي ڇڏيا. نور محمد نورل نظاماڻي، محمد هاشم مخلص، عبدالسميع قريشي، آغا نظر علي مرحوم بلبل جا مريدان راسخ هئا جن حضرت بلبل جي مضامين کي پنهنجي مشعل راه ڪري پنهنجي اخبارن جو اجراءُ ڪيو.

سياست ۾ حضرت بلبل کي يدطوليٰ حاصل هو. سندس سياسي معرڪ آراين، شيرازه بندين جا ڪرشمہ ڏسي مٽس خان بهادر حسن علي خان آفندي، خانبهادر سيد الهندو شاه ۽ چاڳلا فريفتہ ۽ فدا هئا."

جناب مير رحيمداد مولائي شيدائي سنڌ جي مشهور مؤرخ جي زباني هي احوال ٻڌو: "سيٺ حاجي احمد فريٽر روڊ تي پرنٽنگ پريس کولي روزنامہ اخبار "آفتاب سنڌ" سنڌي ۾ جاري ڪرائي. بلبلِ سنڌ مرحوم شمس الدين کي ايڊيٽر جي واڳ حوالي ڪئي، جيڪو وقت جو جيد عالم ۽ نظم ۽ نثر ۾ يدطوليٰ رکندڙ اديب هو. بلبل جو قلم ۽ اخبار جي مزاحيہ ۽ پر ظرافت ڪالم سپ کان پهريائين پادرين جا ڏيڏر ڏلا ڪري ڇڏيا. چند ستون ملاحظ فرمايو:

"ڪالهہ مارڪيٽ جي چؤسول تي هڪ سفيد جبو پاتل شيطان ابن شيطان کي واعظ ڪندي ڏٺم. جنهن جي چيلهہ سان صليب ٻڌل هو. افسوس! مون وٽ دمشق جي خمدار ترار ڪانہ هئي، جو هن جي سسي هڪ ڌڪ سان ڪپر جي سسي وانگر ڌڙ کان ڌار ڪري ايوبي سنت کي تازو ڪريان ها."

عيسائي پادرين لاءِ آفتاب سنڌ ويل ٻاري ڏنو گويا، بلبل جي ڪالمن ڪلهوڙن جي ڪرامتي ڏندن وارو ڪم ڪري ڏيکاريو. اجا بہ هفتا اخبار کي شايع ٿيندي مس گذريا تہ مسلمان واعظ ڪندڙ پادرين کي ڪليو ڪلايو گاريون ڏيڻ لڳا. ڪن مسلمانن کي فوجدار هرداس مل فوجداريءَ تي گهرائي دباڻ لڳو. بلبل کي خبر پئي تہ هن ڪالم ۾ فوجدار جي اهڙي لاڪ لاٽي جو ٻاهر نڪرندو هو تہ پوليس وارو ساڻ ڪڻندو هو. آفتاب اخبار ٿورو عرصو جاري رهي ليڪن ادبي نقط نظر سان هن جيڪو پارٽ ادا ڪيو ۽ سنڌي مسلمانن ۾ جيڪو علمي ۽ سياسي شعور پيدا ڪيو اهو يادگار رهندو. بلبل سر سيد احمد خان تحريڪ جو حامي هو. سندس معرڪة انگيز قلم عيسائي پادرين جي ٻوٿن کي لغام ڏنو.

(مضمون "ماحول جو عڪس- اخبار آفتاب سنڌ سکر" ماهنامہ نئين زندگي ماھ آڪٽوبر 1965ع).

جناب شمشير الحيدري ماهنامہ نئين زندگي آڪٽوبر 1965ع جي پرچي ۾ لکڻ فرمائي ٿو "سنڌي جي روايتي شاعري واري دؤر ۾ شمس الدين بلبل کي مزاح جو ابو آدم چئجي تہ بجا آهي. سندس سمورو ڪلام گونا گون قسم جي مضمونن تي طنز و مزاح جو بهترين مثال آهي."

ديوان ليلارام ڏيونداس رچنداڻي، سنڌ وديا پون، امباواڙي، سنڌي ڪالوني، احمد آباد، انڊيا پنهنجي ڪتاب"سنڌي صحافت ۾ مذاق" ۾ لکڻ فرمائي ٿو "شمس الدين بلبل کي جديد مذاقي ساهت جو باني سڏيو وڃي تہ اهو غلط نہ ٿيندو. جهڙي طرح اڪبر الہ آبادي اردو شاعري ۾ مذاقي شعر جو بنياد وجهندڙ سڏيو ويندو آهي، اهڙو وڙ بلبل پڻ سنڌيءَ سان ڪيو آهي ۽ هن جو چيل شعر ڪنهن حالت ۾ اڪبر جي چيل شعر کان گهٽ ڪونهي. بلبل تہ هڪ اخبار "آفتاب" ۾ بہ مذاقي ليک لکيا جن ذريعي هن وقت جي عملدارن، قوم جي نام نهاد ٺيڪيدارن ۽ نقلي اڳواڻن جي چنچري خوب لاٿي آهي. مذاق جي اهڙي ڪابہ شاخ ئي نہ آهي جنهن کي هن هٿ نہ لاتو آهي."

جناب مولانا غلام محمد گرامي "مرحوم رئيس شمس الدين جو مزاحيہ ڪلام" جي عنوان تحت، مزاحيات بلبل جي مقدمي ۾ لکڻ فرمائي ٿو "بلبل جي پوري فن کي مطالعو ڪرڻ کان پوءِ صاف نظر ايندو تہ ظرافت ۽ دانشمندانہ طرز لاءِ جنهن ذوق سليم، استعداد ذهني، خلوصِ نيت، وسعت مطالع ۽ ديانت طبعي جي ضرورت آهي، اهي سڀ علمي ۽ اخلاقي جوهر جامعيت سان بلبل جي فن ۾ موجود آهن. ان سلسلي ۾ ائين چوڻ کان رهي نہ ٿو سگهجي تہ بلبل جي فن جو مقام ادب ۾ بلند آهي. بلبل سنڌ جي طنز نگارن ۾ فرد واحد آهي، جنهن پنهنجي فهم سان طنز کي هجو کان ممتاز ڪيو ۽ سنڌي زبان ۾ ادب ۽ ظرافت جي هڪ ناقابلِ تتبع اسلوب جو بنياد رکيو، سندس مقابلي ۾ جن بہ بين هن سنگلاخ زمين ۾ پير پاتو تن پنهنجا پير ڦيهي وڌا، پر چڱن چڱن جون پڳون لاهي وڃي مٽي چڙهيا. انهن جو فن هجو ۽ طنز، مزاح ۽ ظرافت جي لطيف فرق جاڻڻ کان ڪورو رهجي ويو. آخرڪار اهو منصبِ جليل بلبل سان ئي وابستہ رهيو. سندس همعصر احباب ۾ ڪوبہ سندس فن کي نباهي نہ سگهيو، تہ ڪو بلبل کان پوءِ ان قسم ۽ معيار جو صاحبِ طرز ۽ ظريف پيدا ٿيو.

اها حقيقت آهي تہ هندوستان جي ان زماني جي اخبار اوڌ پنچ مرحوم بلبل تي وڏو اثر ڪيو هو جيڪا طنزيہ تحريرن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئي. اها اخبار سن 1877ع ۾ سندس زير مطالع آئي."

جناب عبدالواحد سنڌي، ايڊيٽر نئين زندگي، خاص نمبر يعني بلبل نمبر شايع

ڪرڻ جي سلسلي ۾ سنڌ جي اهل قلم حضرات کي التماس ڪري ٿو تہ نئين زندگي جو آڪٽوبر 1965ع وارو پرچو خاص نمبر هوندو جنهن ۾ پاڪستان جي ترقي تي خاص مضمون هوندا. انهيءَ ڪانسواءِ سنڌ جي مشهور نئين تعليم جي رهبر، اديب، سنڌي اخبار نويسي جي هڪ پيشرو ۽ سنڌي ادب ۾ مزاحيہ شاعريءَ جي باني رئيس شمس الدين بلبل عليہ رحمة جي ياد ۾ نهايت معياري مضمون ۽ نادر فوٽو ڏنا ويندا. اداري نئين زندگي کي اميد آهي تہ اسان جا پڙهندڙ هن اشاعت سان چڱي طرح سان دلچسپي وٺندا." (نئين زندگي ماهہ سيپٽمبر 1965ع)

خانبهادر محمد صديق ميمڻ، رئيس شمس الدين بلبل متعلق پنهنجي هڪ تعارفي مضمون ۾ هن طرح لکڻ فرمايو آهي: "ميان شمس الدين بلبل انهن چند شخصن مان هڪ آهي جي پنهنجي ڪنهن نمايان خصوصيت جي ذريعي عوام الناس جو توجهہ پنهنجي طرف ڇڪي وٺندا آهن. سنڌ ۾ شايد ئي ڪنهن اهل قلم يا اهل هنر کي ايتري ٿوري وقت ۾ ايتري ٿوري ڪم ڪرڻ لاءِ ايتري عزت ۽ ڪاميابي حاصل ٿي هجي جيتري شمس الدين بلبل کي حاصل ٿي. سندس ڪاميابيءَ جو راز سندس خداداد ظرافت ۾ پنهان آهي. روايت آهي تہ پاڻ نهايت ئي سليقہ دار، خوش طبع ۽ باتميز آدمي هئا. دهقاني آدمي سندس گفتگو تي سدائين موهت رهندا هئا ۽ مهذب شهري بہ گهٽ متاثر نہ ٿيندا هئا. سندس رواجي فطرت جي رنگ سندس شاعرانہ زندگي کي بہ رنگي ڇڏيو هو. سندس شعر ۾ جا بجا اڻ ڏکوئيندڙ خوش مذاقيءَ جا فقرا موجود آهن. سندس علميت غير معمولي هئي، پاڻ پارسي ۽ عربي مان چڱي طرح واقف هئا. سندس طبيعت ننڍي هوندي کان ئي شعر تي مائل هئي ۽ اردو ۽ پارسي زبان ۾ شاعري ڪئي اٿس. سندس خيالن جي شستگي، مضامين جي پختگي ۽ لفظن جي بيهڪ پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن جي دلين کي هڪدم پاڻ ڏانهن ڇڪيو وٺن." (سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد طرفان شايع ڪرايل ساليانہ رپورٽ 32-1931ع ۽ ادبي تحفہ).

جناب حافظ محمد احسن چنا صاحب، "وطن ۽ قوم جو مصلح- شمس الدين بلبل" جي عنوان هيٺ سالنامو رهبر ڊائجسٽ اپريل 1973ع ۾ لکڻ فرمائي ٿو: "سنڌ ۾ شاعرن جي ڪمي نہ آهي، مگر ظرافت ۾ مرحوم جي جاءِ خالي آهي. سندس زماني ۾ بہ گويا ظرافت ۾ سرداري جو سهرو سندس سر تي سونهين ٿو. صحافت جي فن ۾ پنهنجو نظير پاڻ هو. شاعري، مضمون نگاري، تصنيف ۽ تاليف ۽ اخبار نويسي سان وطن ۽ قوم جي اصلاح ۽ خدمت بهترين ڪئي اٿس. سندس خدمت مقبول عام ٿي عمدو اثر پيدا ڪيو ۽ سندس اخلاص ۽ ڪردار انقلاب آڻي ڇڏيو. سندس قلم قوم جي جسم ۾ نئون روح ڦوڪي ڇڏيو."

جناب محمد موسىٰ ڀٽو صاحب جي هڪ تحرير ”سنڌ جو حالي ۽ اڪبر الهہ آبادي- شمس الدين بلبل“ روزنامہ جنگ جي مڊويڪ ميگزين مهراڻ رنگ ۾ تاريخ19 سيپٽمبر 1984ع ۾ شايع ٿي آهي. ملاحظ فرمايو: (ترجمو و تلخيص)

”واديءَ سنڌ کي پنهنجن جن فرزندن تي هميشہ ناز رهندو انهن ۾ بلبل جو نالو سر فهرست آهي. سندس جامع شخصيت قدرت جي فياضيت ۽ رعنائين جو هڪ حسين مجموعو ۽ نادر و ناياب مثال آهي. هو هڪ عظيم مفڪر، محب وطن ۽ دور انديش مصلح کان علاوه هڪ صاحب طرز اهل قلم بہ هو. شعر ۽ سخن ۾ اعليٰ قسم جي طنزيہ مزاح نگاري، ظرافت، نفيس، بذلہ سنجي ۽ تعريفي اسلوب بيان جنهن جو مقصد قومي ۽ ملي اصلاح هجي سندس طرهِ امتياز هو. زورِ قلم سان گڏ زور بيان يعني تحرير ۽ تقرير ۾ پنهي ۾ ئي يگانہءِ روزگار هو. قومي همدردي سان گڏوگڏ جرئتِ رندانہ ۽ جذبہءِ ايمان بہ رکندو هو. دانش ۽ بصيرت سان گڏ سياست ۽ صحافت جو بہ شهسوار هو. دنيوي معاملات سان گڏ ديني احڪامات ۾ بہ مستعد ۽ پيش پيش هو. وسيع مطالع سان گڏ عظيم تصنيفات جو بہ مالڪ هو. پر وقار ۽ پر ڪشش صورت ۽ جاذب نظر شخصيت سان گڏ پاڪيزه سيرت بلبل جون اهي خصوصيات هيون جيڪي قدرت ڪيس نهايت فياضانہ انداز سان عطا ڪيون هيون. هو جنهن بہ مجلس ۾ موجود هوندو هو ان ۾ نمايان نظر ايندو هو. دوست احباب هر وقت ڪيس ڏسڻ لاءِ مشتاق ۽ ٻڌڻ لاءِ بيتاب نظر ايندا هئا. مٿي بيان ڪيل حقيقتن ۾ ذره بہ مبالغو ڪونهي. اهڙي ئي شخصيت لاءِ علامہ محمد اقبال چئي ويو آهي:

هزارون سال نرگس اپني بي نوري پہ روتي هي،
بڙي مشڪل سي هوتا هي چمن مين ديده ور پيدا.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي پنهنجي ڪتاب ” عظيم سنڌي انسان“ ۾ ”شمس الدين“ جي عنوان هيٺ هن طرح لکڻ فرمايو آهي:

”شمس الدين بلبل ولد بهادر خان شينو بلوچستان جي ڀاڳناڙيءَ ۾ تاريخ 29 شعبان 1374هه ، 21 فيبروري 1857ع ۾ تولد ٿيو. شمس الدين کي ڪتابن پڙهڻ جو ايڏو تہ شوق هو جو اڪثر سندس ٿيلهي ۾ يا بستري ۾ ڪتاب موجود هوندا هئا. پاڻ زماني جو ماڻهو هو ۽ ساڳئي وقت وسيع معلومات جو مالڪ پڻ هو. عربي، فارسي ۽ سنڌي زبانن تي خاصو عبور حاصل هوس.

بلبل بلند پايہ جو شاعر هجڻ سان گڏو گڏ صحافي ۽ منفرد نثر نويس پڻ هو. پاڻ ڪيترن ئي رسالن ۽ اخبارن جو ايڊيٽر تي رهيو. اخبار ”معاون سنڌ“ ۽ ”آفتاب سنڌ“ ۾ ڏنل تحريرون ۽ فن ظرافت سندس طبيعت ۽ ذهانت جو مرقع معلوم ٿين ٿا.

مرحوم بلبل جون سنڌي ادب بابت ڪيل خدمتون سونهري اکرن ۾ لکيون وڃن ٿيون. چاڪاڻ جو پاڻ شاعريءَ جي سلسلي کي نئون موڙ ڏيندي، هن ظرافت کي پڻ جديد نوع ۾ نروار ڪيو آهي. سندس ظرافت ۾ مزاح سان گڏ طنز جو عنصر به غالب آهي، جنهن ۾ جاءِ بجاءِ تعميري ۽ اصلاحي پهلو سمايل آهن. هن زندگيءَ ۾ سوسائٽي تي ڀرپور طنز ڪري، ان جون خاميون وضاحت سان نروار ڪيون آهن. انهيءَ لحاظ کان ڪيس ظريفانه شعر ۾ لاثاني شاعر سڏجي، ته بجاءِ ٿيندو. ظريفانه شعر جنهن باڪمال نموني ۽ نهايت ئي وڻندڙ اسلوب سان بيان ڪيو آهي، جو ڪانئس اڳ ڪنهن به شاعر انهي طرف سوچيو به نه آهي ۽ نه وري ڪانئس پوءِ جو ڪو شاعر انهيءَ سلسلي ۾ ساڻس برميچي سگهيو آهي، حالانڪ ڪيترن ئي شاعرن سندس تتبع به ڪئي آهي.

بلبل جهڙو هو عالم ته تهڙو ئي هو وري عابد. سندس لائق فرزند ضياءُ الدين به سندس صحيح جانشين ثابت ٿيو." (ماڊرن بوڪ اسٽور لاڙڪاڻو- سال 1982ع).

جناب سيد علي اڪبر شاهه صاحب، اوائلي مسلم ليگ سنڌ جو صدر ۽ سنڌ اسيمبلي جو اسپيڪر پنهنجي مضمون "رئيس شمس الدين بلبل" جيڪو علمي دنيا ماهه اپريل 1930ع ۾ شايع ٿيو آهي، ان ۾ رقم طراز آهي:

"سنڌ جو هي نامور شاعر، اديب، مصنف ۽ ايڊيٽر سن 1857ع ۾ ميهڙ ۾ ڄائو. سندس وڏا اتر کان ناڙي جي طرف کان آيل هئا. هن تعليم فقط اسڪول جي سنڌي فارسي جا ان وقت هلندڙ هئي حاصل ڪئي هئي مگر قدرت هن کي اهڙو ذهن رسا ۽ ذڪا ۽ اعليٰ عطا ڪيو هو جو سندس طبيعت جا جوهر از خود ظاهر ٿيڻ لڳا. منجهس شعر گوئي جو مادو اصلي موجود هو. ننڍي هوندي ئي وڏن شاعرن سان مقابلا ۽ مشاعرا ڪندو رهيو. ڪنهن قدر انشا پردازي به شروع ڪيائين.

خانبهادر حسن علي خان آفندي سندس قابليت ۽ لياقت ڏسي پاڻ وٽ رهايس. ان وقت سنڌ محمدن ايسوسي ايشن جي پاران جيڪا "معاون" نالي اخبار جاري ڪئي وئي هئي ان جو ايڊيٽر مقرر ٿيو. ايڊيٽر جي چارج وٺندي ئي پرزور ۽ رنگين مضامين سان ان کي اهڙو ته زور ونايائين جو ساري سنڌ ۾ غلغلو پئجي ويو. ماٿهو سندس سنڌيءَ جي رنگيني کان غير مانوس هئا سي نهايت عجب ۽ حيرت ۾ پيا. هن اهڙي فضاحت ۽ بلاغت سان صنعتون ۽ استعارا ڪم آندا جن جي مطالعي سان خود اهلِ علم به دنگ ۽ حيران رهجي ويندا هئا.

مرحوم حسن علي آفندي جيڪي وڏا ڪم ڪيا تن ۾ به هن کي شامل رکندو هو. دکن ايگريڪلچرل رليف ائڪٽ جو سوال جڏهن مرحوم حسن علي آفندي هٿ ۾ ڪنيو تنهن ۾ بلبل صاحب سندس لاءِ ساڃي ٻانهن هو. پوني ۾ جڏهن ڪميشن ويٺي تڏهن

مرحوم حسن علي کي ساري سنڌ جي پاران احوالن ۽ انگن اکرن جي ثابتين سان شاهدي ڏيڻ لاءِ گهرايو ويو ۽ ڇهه مهينا اڳواٽ اول خبردار ڪيو ويو تڏهن مرحوم حسن علي اهو سڄو بار بلبل جي ذمي رکيو. هن انهيءَ عرصي ۾ ساري سنڌ جي آباد ڳارن جا احوال گهرائي گڏ ڪيائين ۽ ضلع وار ياداشتون تيار ڪيون جن ۾ ڊڪرين جي ذريعي آبادڳارن جي ملڪيتن ۽ زمينن جا نيڪال ڄاڻايل هئا سي سڀ انگ وڏي محنت سان گڏ ڪيا هئا. آخر مرحوم آفندي ڪيس پوني ساڻ وٺي ويو ۽ وقت بہ وقت ڪانئس نوٽ وٺندو رهيو. ڪميشن اڳيان شاهدي ڏيڻ وقت بہ هن کي پرسان ويهاريائين. نيٺ سنڌ سان اهو ايڪٽ لاڳو ٿيو.

شاعري ۾ تہ هن کي وجد الاهي هو جو رواني سان اهڙا تہ شعر لکندو هو جو هندوستان ۽ پنجاب جا شاعر بہ مڃيندا هيس. خبر نہ آهي تہ اها قابليت هن کي ڪٿان آئي. سندس وسيع معلومات ۽ ڪثرت مطالعي ڪري جا ڪيس علمي دسترس هئي تنهن وڏن وڏن انشا پردازن کي ڌانهس توجهہ ڪيو بلڪ وقت جا آفيسر ۽ حاڪم بہ ڪانئس وڏن وڏن ڪمن ۾ صلاح وٺندا هئا. ويندي خيرپور دربار تائين هن پنهنجو قدر پيدا ڪيو. اتي جا وزير بہ ڪيس عزت ڏيندا هئا. قومي اصلاح، رفاه عام يا لٽريچر جي ڪمن ۾ تجربيڪار ۽ صحيح راءِ وارو انسان هو. ان جي دماغ ۾ تحرير جي زبردست طاقت رکيل هئي، نہ رڳو تحرير ۾ قابل هو پر تقرير ۾ بہ اهڙو تہ فصيح اللسان ۽ عذاب البيان هو جو سامعين کي مسحور ڪري ڇڏيندو هو. پاڻ چوندو هو تہ افسوس! آءُ اهڙي وقت پيدا ٿيس جو ڪو قدردان نہ آهي. مطلب تہ هي سنڌ جو بلبل نہ رڳو فصيح، بليغ، شاعر، مصنف ۽ لٽبريرين هو پر ان سان گڏ رفارمر ۽ اعليٰ مدبر بہ هو. سنڌي لٽريچر ۾ هڪ نئون روح ڦوڪيائين."

جناب پروفيسر محمد آدم ٻٽ صاحب پنهنجي تحرير "بلبل جي شاعري ۾ جمالياتي پهلو" جيڪا نئين زندگي رسالي ماهہ نومبر 1995ع ۾ شايع ٿي آهي ان ۾ لکڻ فرمائي ٿو: "اڻويهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ سنڌي شاعري جي ميدان ۾ اهڙين شخصيتن قدم رکيو جن نہ رڳو غزل جي تاجي پيتي Diction بلڪ ان جي تڪ بندي ۾ گهاڙيتي Form ۽ اظهار Expression ۾ نواڻ پيدا ڪري غزل جي شاعري کي عروج جام تي پهچايو. اهڙين شخصيتن ۾ مير عبدالحسين سانگي، غلام محمد شاهہ گدا، مرتضائي نٿوي، آخوند قاسم ۽ مرزا قليچ بيگ جا نالا اچي وڃن ٿا. اهڙن اعليٰ پايہ جي شاعرن جي موجودگي ۾ ڪنهن بہ نئين ماڻهو جو شاعري جي ميدان ۾ پير ڪپائڻ ۽ اعليٰ مرتبي جي شخصيتن جي صف ۾ پنهنجي لاءِ ڪو مقام ڳولهڻ ۽ جاءِ پيدا ڪرڻ ڪا سولي ۽ آسان ڳالهہ نہ هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شمس الدين بلبل جونالو سنڌي ادب جي اهڙين گھڻ طرفي شخصيتن جي زمري ۾ اچي ٿو، جن پنهنجي قابليت، محنت ۽ سنجيدگي جي آڌار تي نه رڳو نالو پيدا ڪيو بلڪ اعليٰ مقام پڻ حاصل ڪيو.

سنڌي جي شاعرن غزل ۾ جتي تصوف جهڙن باريڪ نڪتن کي ڇهيو آهي ۽ بيان ڪيو آهي، اتي هنن غزل جي جمالياتي پهلو کي به ڀرپور انداز ۾ پيش ڪيو آهي. بلبل به پنهنجي پيش رو ۽ هم عصر شاعرن جي تقليد ڪندي غزل ۾ جمالياتي پهلو کي جنهن خوبصورت انداز ۾ بيان ڪيو آهي اهو سندس اعليٰ فنڪارانه صلاحيتن ۽ سندس ڏاهپ ۽ قابليت جو بهترين مثال ۽ اعليٰ نمونو آهي.

ڪيو جو صورت ساجن کي مون ڏسي سجدو
ملن چيو ته ڪجي هن کي سنگسار بي دريغ

اندازو ڪيو ته اهڙي بيباڪي ۽ بهادري جهڙو آواز بلبل کانسواءِ ٻيو ڪير بلند ڪري سگهي ٿو؟

اهڙن خوبصورت خيالن کي لفظن جي روپ ۾ گھڻ مقصديت Multi Purpose واري انداز ۾ پيش ڪرڻ جو ملڪو Authority رڳو بلبل کي ئي قدرت عطا ڪيو هو. اهو ئي سبب آهي جو مولانا غلام محمد گرامي بلبل کي سنڌي ادب جو "سپوت" سڏيو آهي جنهن نه رڳو غزل جي تصوف ۽ اصلاح واري پاسي ڌانهن ڌيان ڏنو ۽ نه ڪنهن رک رکاءَ کان ڪم ورتو، بلڪ حسن ۽ سونهن جي ساراهه کي پيش ڪرڻ ۾ ڪڏهن به نه ڪيٻايو.

انگريزي چوڻي آهي ته: .Poetry is basically a rich and colourful way of speaking

شاعري اظهار جو شاهوڪار ۽ رنگين ذريعو آهي.

شاعري رڳو لفظن جي چونڊ جو نالو نه آهي پر دلين کي جهومائڻ ۽ ذهنن کي گرمائڻ شاعري جو اصل جوهر Real Spirit آهي. لفظن جي چونڊ به اهڙي ڪرڻي آهي جو پڙهندڙن جون دليون پڙهڻ سان جهومي اٿن ۽ جذبا جاڳي پون. جيڪا شاعري دلين کي جهومائي نه سگهي ۽ جذبن کي اڀاري نه سگهي، جنهن شاعري مان ڪنهن کي ڪجهه حاصل ٿي نه سگهي، جيڪا شاعري ٻين کي ڪجهه به ڏئي نه سگهي سا لفظن جي مالها ته ٿي سگهي ٿي پر شاعري نٿي ٿي سگهي.

شاعري جو واسطو روح سان ۽ دل جي ڌڙڪنن سان سڌو سنئون ٿئي ٿو، تنهنڪري شاعر لفظن کي اهڙو روپ ونڊائي ٿو، جنهن سان حسن مهڪي ٿو اٿي. بلبل جي شاعري جي به اها خوبي آهي ته هن لفظن کي سونهن جو نمائندو بنائي ڇڏيو آهي. بلبل جي شاعري ۾ حسن ۽ خوبصورتي جون شفاف ڌارائون لفظن جي چشمن مان ڦٽي ۽ وهي هلن ٿيون.

تشبيهه ۽ تمثيل جو فن ته بلبل کان ڪو سکي، هو تشبيهه جي فن ۾ پنهنجي

وقت جو بادشاهه هو“.

جناب شعبان بخت، سنڌ جو مايہء ناز شاعر، اديب، صحافي ۽ ماهنامہ نئين زندگي جو ايڊيٽر پنهنجي هڪ تحرير ”بلبل جو مطالعو ۽ مشاهدو“ جيڪو سوينيئر: ”سچل ۽ ساٽيهہ“- اپريل 1985ع ۾ سوشل ۽ ڪلچرل سوسائٽي ميهڙ طرفان ڇپايل آهي ان ۾ لکڻ فرمائي ٿو. ”فڪر هر ڪس بقدر همت اوست، جنهن جي جيتري همت، اوترو فڪر جي مصداق، پٽائي ڀلاري متعلق مطالعو آهي:

ڪيو مطالعو مون، هو جو ورق وصال جو،
تنهن ۾ تون ئي تون، ٻي لات نہ لحظي جيتري.

۽ مشاهدو آهي:

پاڻوهہ هو پچن، ڪتي هٿ حبيب جو،
نيزي هيٺان نيهہ جي پاسي پاڻ نہ ڪن،
ڪسڻ قرب جن، مرڻ تن مشاهدو.

مطالعو ۽ مشاهدو ٻئي هڪ ٻئي سان لاڳاپيل علم جي تحصيل جا ذريعا آهن. مطالعو آهي پڙهڻ، تہ مشاهدو آهي ڏسڻ وائسڻ يا پرجهڻ پروڙڻ. مطالعي کي انگريزي ۾ Study ۽ مشاهدي کي Observation چئبو آهي. تہ اسٽيڊي ۽ آبزرويشن يا مطالعي ۽ مشاهدي کان سواءِ حقيقت تائين رسائي حاصل نہ ٿي ٿئي ڇو تہ علم ڏٺل کان اڻ ڏٺل ڏانهن وڃڻ جو نالو آهي. انهي ڪري مطالعو ۽ مشاهدو ئي ٿئي ٿو جيڪو ڪنهن اهل علم و ادب جي عالمانہ ۽ اديبانہ يا انهن سان نسبت رکندڙ ڪنهن بہ هنر جي ميدان ۾، قد ۽ قامت جو مرتبي ۽ مقام جو تعين ڪري ٿو. مطالعي ۽ مشاهدي جي انهي اهميت جي مدِ نظر، سنڌي ادب، صحافت، شاعري ۽ خطابت جي شمس، رئيس ميان شمس الدين بلبل مرحوم بابت ادب جي مڃيل مڃايل نامور ناقدن ۽ محققن جا رايا ڏيکارين ٿا تہ ميان شمس الدين بلبل وڏي مطالعي ۽ مشاهدي جو مالڪ هو. اخبار ”مرغِ فلڪ“ جي نامور مدبر مولوي حڪيم نور محمد ”نورل“ نظاماڻي کان وٺي دؤر حاضر جي مستند عالمن ۽ ادب شناسن جي اهائي متفق راءِ آهي تہ، بلبل مرحوم پنهنجي وقت ۾ وڏي مطالعي ۽ مشاهدي وارو اهلِ قلم، اديب، شاعر ۽ صحافي هو“.

”بلبل“ مرحوم جو ديوان ڇپيو تہ ان لاءِ تعارف ۽ تبصري طور، خانبهادر ميان محمد صديق ميمڻ، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد جي سالانہ رپورٽ 32-1931ع ۾ جيڪا پوءِ هن ”ادبي تحفہ“ ۾ بہ شامل ڪئي، لکيو تہ:

”رئيس ميان شمس الدين ’بلبل‘ انهن چند شخصيتن مان هڪ آهي، جيڪي

پنهنجي ڪنهن نمايان خصوصيت جي ذريعي عوام الناس جو توجهه پنهنجي طرف ڇڪي وٺندا آهن. سنڌ ۾ شايد ئي ڪنهن اهل قلم يا اهل هنر کي ايتري ٿوري وقت ۾، ايتري ٿوري ڪم ڪرڻ لاءِ ايتري عزت ۽ ڪاميابي حاصل ٿي هجي، جيتري مرحوم شمس الدين ابڙي، ميهڙ واري کي حاصل ٿي. سندس ڪاميابي جو راز سندس خداداد ظرافت ۾ پنهان آهي، سندس علميت غير معمولي هئي. پاڻ پارسي ۽ عربي مان چڱي طرح واقف هو. سندس طبيعت ننڍي هوندي کان ئي شعر ڏانهن مائل هئي ۽ پريندي ئي اردو ۽ پارسي زبان ۾ شاعري ڪيائين. تنهن کان پوءِ سندس خيال اباڻي ٻولي سنڌي ڏانهن مبذول ٿيو. سندس ديوان گو مختصر آهي، مگر آهي وٽندڙ. جنهن ۾ رسمن، رواجن، اجائي نت شت ۽ مغربي تهذيب جي پيچ ۾ آيل نوجوانن تي بعض جاين تي ٽيڪا ٽپڻي ٿيل آهي. باقي غزلن ۾ اعليٰ درجي جي شاعرانه مذاق آهي. سندس خيال جي شستگي، مضامين جي پختگي ۽ لفظن جي بيهڪ، پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن جي دلين کي هڪدم پاڻ ڏانهن ڇڪيو وٺي.“

خانبهادر ميان محمد صديق ميمڻ مرحوم جو اهو تعارف ۽ تبصرو ’بلبل‘ صاحب جي مطالعي ۽ مشاهدي تي پهرئين مهر تصديق ڪري ٿو. خاص ڳالهه جيڪا هن تبصري ۽ تعارف ۾ ڌيان طلب آهي سا آهي بلبل صاحب جي ادبي وصفن جي نشاندهي، جيڪا پوءِ تقريباً مڙني اهلِ علم، ادب شناس اديبن، ناقدن ۽ محققن ڪئي آهي. انهن ۾ وڏا وڏا معتبر ۽ مستند نالا شامل آهن. مزو به تڏهن جو ڪو اهل داد ڏئي ۽ مڃي. باقي نااهل ۽ ناشناس جو ته دادئي بي داد ٿو ٿئي. دؤر حاضر جي مجيل مجايل صاحبِ طرز بزرگ، اهل قلم، سڄاڻ صحافي ۽ جڳ مشهور دانشور ۽ سياستدان سائين پير علي محمد راشدي صاحب کي ڪير نه سڃاڻي! صاحب موصوف پنهنجي شاهڪار تصنيف ”اُهي ڏينهن اُهي شينهن“ جي حصي پهرئين ۾ لکي ٿو ته ”بلبل سنڌ اندر اخبار نويسي ۽ لٽريچر جو ڏاڏو آدم هو“. ۽ ان ڪتاب جي حصي ٻئي ۾ جاٽائي ٿو ته ”مون مرحوم کي اکين سان ڪونه ڏٺو. پر جڏهن اک پٽيم ته اهو ٻڌم ته هن مڙس جو ساري سنڌ مٿان ڏاڪو وينل هو. جوءِ ۾ ٻيا به گهٽيئي لکيل پڙهيل ماڻهو هوندا هئا. پر بلبل جي مٽ ڪونه هو.“

راشدي صاحب ان جي وضاحت ۾ بلبل جي اديبانه، صحافيانه ۽ شاعرانه مقام ۽ مرتبي جي وضاحت لاءِ سندس پيٽ ان وقت جي هڪ چوٽيءَ جي اديب، صحافي ۽ شاعر سان ڪندي لکي ٿو ”صحافت جي ٻيلي ۾ انهن ڏينهن ۾ به شير ٻڌبا هئا، لاڙ ۾ محمد هاشم مخلص ۽ اتر ۾ شمس الدين بلبل. ٻئي اخبار نويس هئا، ٻئي نظم ۽ نثر ۾ صاحب ڪمال هئا. فرق فقط هي هو ته مخلص جي تحرير قدري اگري هوندي هئي ۽ بلبل جي

تحرير سلوني، مخلص جو زور وقتي مسئلن تي هوندو هو پر بلبل کي قوم جي مستقبل جو خيال بہ هوندو هو، تنهن ڪري سندس فڪر جو انداز تعميري ۽ نظر ڏگهي هوندي هئي.“

راشدي صاحب جي اها راءِ بعد جي آهي ان کان اڳ ۾ خود مخلص صاحب، بلبل جي وفات تي پنهنجي رسالي ’ڪشڪول‘ ۾ پوري خلوص سان پنهنجي مد مقابل جي حق ۾ لکيو تہ ”بلبل مرحوم سنڌ جي مسلمانن ۾ پهريون اخبار نويس هو، پهريون شخص هو جنهن ظرافت جي ميدان ۾ شاعري ڪئي ۽ پهريان پهريان صحيح معنيٰ ۾ ايڊيٽري ڪري ڏيکاري ۽ موجوده سليس، پر اثر ۽ رنگين مضمون نويسيءَ جو سڪو ڄمايو.“

سچ تہ داد بہ اهو آهي جيڪو مد مقابل بہ بيوس ٿي ڏئي. اعتراف بہ اهو آهي تہ اعتبار بہ اهو آهي. اهڙي طرح مرحوم مخلص ۽ سائين راشدي صاحب سدا سلامت کان علاوہ جن اعليٰ اديبن بلبل صاحب جي انهيءَ اعليٰ اهليت ۽ ادبي مقام ۽ مرتبي کي سندس اعليٰ لياقت، فهم فراست، معاملہ فهمي، مطالعي ۽ مشاهدي جي نسبت سان دل کولي بنا ڪنهن جانبداري جي ساراهيو آهي، بنا ڪنهن رک رکاءَ جي تحسين ۽ داد جي ورڪائن سان ياد ڪيو آهي تن مان مرحوم محمد بخش ’واصف‘ حيدرآبادي، مرحوم مولانا دين محمد ’وفائي‘، مرحوم حاجي محمود ’خادم‘، مرحوم مير رحيم داد مولائي شيدائي، مرحوم سيد علي اڪبر شاہ، مرحوم حافظ عبدالله بِسمل تڪڙائي، مرحوم مولانا حڪيم فتح محمد ’صغير‘ سيوهاڻي، مرحوم جمع خان ’غريب‘، مرحوم سائين پير حسام الدين راشدي، مرحوم ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم ’خليل‘، مرحوم مولانا غلام محمد ’گرامي‘، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا جا نالا قابلِ ذڪر آهن. اهي پاڻيٺ پرڪٽن، مستند عالمن ۽ اديبن جا نالا آهن، جن جي هر راءِ هڪ سند جي حيثيت رکي ٿي. انهن جي هر هڪ تحرير وڏي وقعت رکي ٿي ۽ بلبل صاحب جي وسيع مطالعي ۽ مشاهدي جي تائيد ڪري ٿي. مطالعو ۽ مشاهدو پنهنجي جاءِ تي، پر هڪ خاص ڳالهہ جنهن ڏانهن ڌيان ڇڪجي ٿو، سو آهي بلبل صاحب جو پنهنجي وسيع مطالعي ۽ مشاهدي کان ڪم وٺڻ جو ڍنگ. مطالعو ۽ مشاهدو تہ هر ڪو ڪري، پر ڪو ان کان ڪم بہ وٺي ڄاڻي، چئي، ”پائي هر ڪو پر نمڪائي ڪو ڪو“. ”سرمو هر ڪو پائي پر اک اک جو ڦير.“ سو وڏي مطالعي ۽ مشاهدي وارا تہ ٿيا بہ هئا پر جهڙيءَ طرح بلبل صاحب پنهنجي مطالعي ۽ مشاهدي کان ڪم ورتو، ان جو مثال نہ ٿو ملي.

ڳالهہ چا آهي تہ مطالعي ۽ مشاهدي جي پٺيان جيڪڏهن ڪا اعليٰ ذهانت، فهم ۽ فراست جي خداداد غير معمولي قوت ٿئي ٿي تہ پوءِ معجزا ڪري ٿي ڏيکاري. معمولي معلومات کي بہ اهڙو ڪارائتو ڪري ٿي ڏيکاري جو عقل دنگ رهجيو وڃي. هتي تہ خداءِ عزوجل بلبل صاحب کي عقل، فهم، فراست ۽ ذهانت جي وافر مقدار سان مالا مال ڪري

چڙيو هو ۽ سندس مطالعي ۽ مشاهدي جا پندار پريل هئا. سنڌ سان گڏ هند جو بہ مطالعو ۽ مشاهدو سندس پلئہ پيل هو تنهنڪري ڪيئن تي ڪنهن ڪان پنتي رهي سگهيو؟ راشدي صاحب جي لکڻ مطابق: ”هجو گوئي ۾ مخلص جو گهوڙو ڪڏهن ڪڏهن ذاتيات ۽ شخصيات ۾ بہ ڪاهي پوندو هو. برعڪس ان جي ’بلبل‘ اڪبر الهہ آبادي جي طرز ۾ عام حالات تي تنقيد ڪندو هو.“

مختصر تہ بلبل صاحب جو اهو ذهانت پريل مشاهدو ۽ مطالعو ئي هو، جنهن کيس پنهنجي وقت جي اعليٰ اديبن ڪان ممتاز ۽ مٿيرو ڪري چڙيو هو ۽ کيس وقت جو نباض قوم، مزاج شناس، حقيقت پسند مصنف، محڪم خيال مدبر، دور انديش صحافي، مخلص مصلح ۽ قوم جو هڪ مثالي گهڻ گهرو بنائي چڙيو هو. هن پنهنجي انهي ذهانت پريل مطالعي ۽ مشاهدي سان وڏا وڏا معرڪہ سرڪيا. جيئن سائين راشدي صاحب رقم طراز آهي: ”سندس دؤر جو وڏي ۾ وڏو مسئلو هيءُ هو تہ انگريزن جي پيرن پختي ٿي وڃڻ ڪري هڪ وڏو انقلاب اچي چڪو هو جنهن سبب سنڌ سان محبت جي تقاضا اها هئي تہ ڪو اهڙو طريقو اختيار ڪجي، جيئن سنڌ جي تهذيبي ورثي کي مغربيت جي اثر ڪان بہ آجو رکجي. [جيئن سنڌيت جا قديم رنگ نہ ميسارجن] ۽ ساڳي وقت نين حالتن پٽاندر، زماني سازي ڪان بہ ڪم وٺبو رهجي. انهيءَ اصول جي بناء تي بلبل مرحوم هڪ طرف سنڌي مدرسي جي پايو وجهندڙ مرحوم حسن علي آفندي جي تعليمي تحريڪ سان وابستگي اختيار ڪئي ۽ ٻئي طرف پنهنجي تحريڪ ۽ ڪلام ذريعي نئين غير ملڪي تهذيب جون بڇڙايون بيان ڪندي، سنڌين کي پنهنجي قديمي تهذيبي ليڪن لتاڙڻ ۽ اباڻي ريت وسارڻ ڪان بہ روڪيندو رهيو. اهو هڪ قسم جو وڏو تهذيبي جهاد هو. جنهن جو مقصد هو تہ نون تهذيبي ۽ تمدني طوفانن جي عين وچ ۾ سنڌ کي پنهنجي اصلي ۽ حقيقي محور تي قائم رکيو اچجي. ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ مون واري نسل جا ماڻهو گهڻي حد تائين بلبل جي تحريرن ڪان متاثر رهيا، تنهن ڪري مغربي تهذيب جي سيلاب ۾ بنهہ لڙهي وڃڻ ڪان بچي ويا.“

محترم پير علي محمد شاهہ راشدي جي انهيءَ تاثر ڪان پوءِ، بلبل صاحب جي ذهانت پريل مطالعي ۽ مشاهدي جي تصديق لاءِ غالباً ڪنهن مزيد اپٽار جي گنجائش باقي نٿي رهي. بيشڪ بلبل صاحب پنهنجي وقت جو هڪ نهايت ئي ذهين ۽ فتين معاملہ فهم اهلِ قلم، شاعر، صحافي ۽ اديب هو، جنهن پنهنجي وسيع مطالعي ۽ مشاهدي جي آڌار تي ادب ۾ رائج روايتن سان بغاوت ڪئي ۽ پنهنجي وقت جو هڪ باغي اديب ۽ صحافي ٿي اڀريو. هن نثر ۽ نظم جي ميدان ۾ روايتي رياڪارين کي ترڪي، ديس جي ڌرتي سان ناتو جوڙيو ۽ ان ناتي جي نسبت سان امر بڻجي ويو.

هن موقعي تي لازمي آهي تہ سائين راشدي صاحب جن جي انهي اجري آس ڏانهن بہ ڌيان ڏريو وڃي جنهن کي موصوف پنهنجي مضمون جي آخر ۾ هنن لفظن ۾ آندو آهي تہ ”بلبل سنڌ جو بلبل هو. سنڌي صحافت جو پايو وجهندڙ هو. سنڌي ٻوليءَ جو محسن هو. سنڌي تهذيب جو راکو هو. ڪو ڏينهن ايندو جڏهن ستل سنڌ ڪر ٻيجي اٿندي ۽ بلبل جي احسانن جو قرض ان صورت لاهيندي تہ ميهڙ جو نالو مٽائي ”بلبل آباد“ يا ”بلبل ڏيرو“، رکندي.“

جناب محمود الحسن خان نيازي ميانوالي پنجاب جو باشندو، اديب، ۽ مالڪ اخبار روزنامہ ”نوائي فاران“ ۽ ٻي اخبار روزنامہ پاڪستان ميانوالي، پنهنجي پهرئين ۽ ٻي اخبار مورخہ 23 نومبر 2006ع ۾ جدا جدا عنوانن ”شمس الدين بلبل ايڪ عهد ساز شخصيت“ ۽ ”واديءِ مهران کي تهذيبي تمدني روايتون کي امين اور مظهر، رئيس شمس الدين بلبل“ هيٺ هن طرح لکيو آهي، (ترجمو و تلخيص):

”واديءِ سنڌ جو حالي ۽ اڪبر الهہ آبادي سڏجندڙ رئيس شمس الدين بلبل مرحوم جي علمي، ادبي ڪارنامن تي هميشہ سندس سرزمين فخر ڪندي رهندي، بلبل مرحوم جي شخصيت جون مختلف جهتون آهن. هو هڪ عظيم مفڪر، محب وطن ۽ دور انديش مصلح کان علاوه هڪ صاحب طرز اهل قلم بہ هو. شعر ۽ سخن ۾ اعليٰ معيار جي طنزيہ مزاح نگاري، ظرافت، نفيس بذلہ سنجي ۽ منفرد اسلوب بيان سندس سڃاڻپ هئي. تحرير جي طاقت سان گڏ هو خطابت جي ميدان جو بہ شهسوار هو. دانش ۽ بينش، سنجيدگي و متانت کان علاوه هن سياست ۽ صحافت ۾ بہ هڪ منفرد مقام ٺاهيو هو. ديني احڪامات جي بجا آوري ۾ سندس روز مره جون مصروفيات ڪڏهن بہ حائل نہ ٿيون. وقار، متانت، شائستگي سندس شخصيت جي سڃاڻپ هيون.“

قاضي ميان جان محمد عارفي پنهنجي مضمون ”تي ٽيڙو ٻارنهن ڪَتيون“ ۾ شمس الدين بلبل جي سَري هيٺ لکڻ فرمائي ٿو تہ ”مهراڻ وادي جي پر بهار باغ جو بلبل، سنڌي ايڊيٽرن جو امام مڃيو ويندو آهي. شاعري ۾ اهو ڪم ڪيائين جيڪو اڪبر الهہ آبادي هندوستان ۾ ڪيو يعني ٻنهي انگريزن ۽ نيٽو نيچرين جي مٽي پليد ڪئي ۽ مزاحيہ شاعري ۾ سندس جاءِ ڪير پري نہ سگهيو آهي.“ (ماهہ نامو- نئين زندگي ماهہ ڊسمبر 1957ع.)

جناب محمد امين مگسي پنهنجي هڪ تحرير ”رئيس شمس الدين بلبل“ ۾ لکي ٿو: ”بلبل سنڌ جو مايہء ناز صحافي، سماجي ڪارڪن، زبردست شاعر ۽ حقيقت ۾ سنڌ جو ”غالب“ هو. بلبل جي شاعري، صحافت ۽ علمي صلاحيتن سنڌين ۾ جيڪا سجاڳي، بيداري ۽ علمي ذوق پيدا ڪيو آهي، ان جو هر اهلِ علم معترف آهي.“ (سندس تصنيف-

جوڳيئڙا هن جهان ۾" علامه آءِ آءِ قاضي اڪيڊمي دادو- 1997ع).

جناب محمد نواز محزون پٽي فرمائي ٿو "مرحوم بلبل سنڌي صحافت جو پيشرو، طنز و مزاح جي شاعريءَ جو باني، عليگڙهه جي تعليمي تحريڪ جو سرگرم ڪارڪن، مشهور سياسي ۽ سماجي سڌارڪ هو. سنڌ جو هي عظيم شخص جنهن پنهنجي زندگي ۽ شاعري سنڌ جي مسلمانن لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي. (سنڌ جو مشهور مصنف ۽ مترجم محمد نواز محزون پٽي. "شمس الدين بلبل، ماهنامه نئين زندگي ماهه- سيپٽمبر 1960ع).

جناب محمد علي دائود پوٽو 'عيان' پنهنجي تصنيف "دادو ضلعي جي ادبي، ثقافتي تاريخ"، ۾ "مرحوم شمس الدين بلبل" جي عنوان هيٺ لکي ٿو:

مرحوم شمس الدين بلبل ميهڙ جي مشهور هستي ٿي گذريو آهي. شمس الدين بلبل سنڌي، عربي، اردو، پارسي ۽ انگريزي جو مشهور عالم هو. سندس نثر ۽ نظم اهڙو ته مؤثر ۽ ملزد هو جو ڪو به شخص انڪار ڪري نه سگهندو. هو ساڳئي وقت وڏو صحافي به هو. پهرئين اخبار 1889ع ۾ ڪڍيائين جنهن کي 'معاون' چوندا هئا. انهي اخبار ۾ مرحوم حسن علي آفندي جي تعليمي ۽ سياسي سرگرمين جي خوب خدمت ڪئي، سڪر مان ٻي اخبار "آفتاب سنڌ" نالي هلايائين. مرحوم کي سنڌي ايڊيٽرن جو امام تسليم ڪيو ويو آهي. شاعريءَ ۾ وري اڪبر الهه آبادي وارو نمونو اختيار ڪيائين جنهن ۾ انگريزيت ۽ نيتونيچري جي پوري طرح مٽي پليد ڪئي اٿس. مزاحيه شاعري ۾ سنڌ اندر سندس مٽ ڪونه پيدا ٿيو آهي. بلبل مرحوم مقرر به قابل هو. سندس تقريرون نهايت ڪامياب ويندڙيون هيون. سياستدان به هڪڙوئي هو. ميهڙ ۾ پريائين پهريائين عمدي جاءِ مرحوم جو بنگلو هو. جنهن کي بلبل بنگلو سڏبو آهي. ان ڪان پوءِ لولو مل جي ٽڪندي ٿهي. مرحوم بلبل، صاحب ديوان آهي. اعليٰ اديب ۽ انشاءَ پرداز هو. نثر ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا اٿس. جن مان ڪيترائي شايع ٿيل آهن ۽ ڪيترا اڃا دستخط نسخا آهن. چون ٿا ته اهڙو سليم طبع ۽ قافيه شناس هو جو ڪهڙا به سخت آفيسر گورا يا هندوستاني ايندا ها ته مرحوم انهن کي پنهنجو گرويده بنائي ڇڏيندو هو. مرحوم جو فرزند ارجمند رئيس ضياءُ الدين ضيا به پيءُ وانگر مشهور معروف هستي آهي".

جناب مولانا عبدالڪريم چشتي شڪارپوري، ٻارهين سنڌ ادبي ڪانفرنس جيڪا دادو شهر ۾ منعقد ٿي هئي ان ۾ جيڪو مقالو چشتي صاحب تي پڙهيو هو ۽ "تحفهء آفتاب ادب دادو" ۾ شايع ٿيو آهي ان جون چند سٽون هتي قارئين ڪرام جي ملاحظي لاءِ پيش ڪجن ٿيون: "محترم مرزا قليچ بيگ مرحوم، رئيس شمس الدين بلبل مرحوم، مولانا حڪيم فتح محمد مرحوم ۽ ميان محمد هاشم مخلص مرحوم خواه مولوي نور محمد نظاماڻي شاعر به هئا ۽ نثر نويس به. سندن وجود کي وسارڻ وڏي بي

انصافي ٿيندي، اگرچه حسرت سان چوڻو ٿو پوي ته پوئين پن صاحبن پنهنجي خداداد لياقت مان ڪو خاص جتادار مفيد عام ڪم نه ڪيو. پهرين پن ٽن بزرگن جي نظم خواه نثر اسان لاءِ مفيد ۽ نفع بخش ثابت ٿيو. سندن تصنيفات قابل ديد ۽ بايدِ شهيد آهن. ”

حضرت رئيس القلم، رئيس ضياءُ الدين بلبل ثاني پنهنجي هڪ يادگار تحرير، ديوان بلبل لاءِ سندس لکيل مقدمي مان چند اقتباسات پيش ڪجن ٿا:

بلبل مرحوم چارلس ڊڪنس وانگر ظرافت جي ذريعي پنهنجي سوسائٽي کي بد اثرات کان بچائڻ لاءِ جيڪو فن پيدا ڪيو تنهن وڏو ڪم ڪيو. دراصل اهڙي ايجاد ۽ جدت مرحوم بلبل جي سنڌي ادب ۾ آندي، اهڙو مثال سنڌي ادب ۾ اڳ ڪونه هو. سندس مزاحيه انداز ”يو ڪونين“ جو ڪم ڪيو ۽ فيشن جو بخار ڪڍي ڇڏيو. ٻيو ته بلبل ان وقت، قوم جي ڦوڙي تي نشتر وهائي ڪڍيو جڏهن ڪارو واءُ لڳي رهيو هو ۽ مسلمان ان جديد فيشن جي وبا ۾ ونجي چڪا هئا. اهو ئي سبب آهي جو سنڌ جي سيني محققن متفق تي چيو آهي ته بلبل هڪ سچي شاعر جا فرائض ادا ڪيا آهن. سندس اصلاحي تخريبي پهلوءَ، جديد فيشن جا ڪوٽ ڪيرائي ڇڏيا.

بلبل سهڻي نقاب ۾ آيل ڪاري بلا کي پريان ئي پروڙي ورتو ۽ ان جي خراب نتيجن کان اڳوات قوم کي آگاهه ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. ائين چئجي ته جديد دؤر جي مومل جي ڪاڪ ۾ جو اسان جا ڪيئي ڪونڌر، مينڌرا ٻڏجي، محو حيرت ٻڏجي چڪا هئا، تنهن جي طلسمات کي هن باريڪ بين ۽ حق شناس شاعر پريندي ئي پروڙي ورتو، تان جو جدوجهد ڪري، ان کي بي نقاب ڪري، قوم کي سجاڳ ڪيائين ته اها مومل جي ڪاڪ آهي ۽ نه زندگيءَ جو رنگ محل.

بلبل جي فن جو اهو ئي ڪمال آهي، جو سندس ڪلام ۾ اڄوڪو نقشو به هوبهو پيو نظر اچي. اهو آهي پيشنگوئي وارو جزو، جنهن بابت سروجني نائڊو چيو آهي:

”شاعر باڪمال جو فن، هڪ پيشنگوئي ٿئي ٿو. ان ۾ مستقبل جا اهڃاڻ ۽ آثار پڻ موجود رهن ٿا. ”

مرحوم بلبل پنهنجي شاعري ۾ خالص علمي ۽ ادبي، لساني ۽ فني پهلو کي محفوظ رکيو آهي ۽ سنڌي زبان نهايت ئي سليس ۽ سلوڻي دلڪش ۽ عام فهم ڪم آندائين. شعر جي رواني، شيرين بياني، وزن جي پختگي، بندش جي چستي، سندس فن جو ڪمال آهي. ان طرح نوان استعارا ۽ ڪنايا، لطائف، ظرائف، تمثيلون ۽ تشبيهون پيدا ڪري ٻوليءَ کي رنگين ۽ نمڪين بنائي ڇڏيائين.

بقول حاجي محمود خادم ”رنگين ۽ مرصع نثر جو موجد مرحوم بلبل آهي. خود مرحوم مخلص ۽ مرزا قليچ بيگ مرحوم به سندس تقليد ڪئي آهي. ان طرح جناب

مولائي شيدائي جي چوڻ موجب ”بلبل پهريون انشا پرداز ۽ صاحب طرز اديب هو. جنهن مسلم صحافت جو مقام سنڌ ۾ بلند ڪيو. سنڌي صحافت جو بنياد وجهندڙ بلبل هو.“

اول اوهان ان دؤر ۾ پيدا ٿيل هوم رول تحريڪ جو ڪجهه تصور ڪيو. جنهن جي چڪر ۾ سنڌ ۽ هند جا وڏا وڏا مسلمان ليدر اچي چڪا هئا. اهو دؤر 1918ع ۾ وڏو ممڻ مچائي چڪو هو. گانڌي، گوکلي، اينِي بيسنت ۽ ديوان مرليڌر ان تحريڪ ۾ حصو وٺي رهيا هئا. سنڌ ۾ غلام محمد خان ڀرڳڙي جهڙو پرجوش، مخلص ۽ ديانتدار ليدر به متاثر ٿيڻ کان رهي نه سگهيو.

ان دؤر ۾ بلبل ”جام جم“ ڪتاب لکيو. ان ۾ هند جي سياسي پس منظر، هندن جي انگريز پرستي ۽ مسلمانن جي حق تلفي تي مفيد ۽ معلومات افزا انگ اکر پيش ڪري مسلمانن کي خبردار ڪيائين ته هو پنهنجن حقن لاءِ جداگانه تنظيم ڪڙي ڪن. ”جام جم“ جي صفحي 56 تي بلبل مرحوم لکيو آهي:

”گرگن سان ٻڪرين گڏجي حق نه گهرن. بازن سان چڙيون نه اڏامن. اسان جي هستي، اسان جي قوميت سيني کان مٿي هئڻ گهرجي. هندن کان صد بار وڌيڪ اسان جا پوليٽيڪل حق آهن. هو هميشه اسان جا محڪوم هئا. انگريزن جي چاپلوسي ڪري هاڻي اسان جا حاڪم ٿيا آهن ۽ اجا وڌيڪ حاڪم ٿيڻ گهرن ٿا. اسان جا انهن کان به وڌيڪ ڳاٽي ڀڳا حق هئڻ گهرجن پر جدا ۽ نه گڏ.“

بلبل جو هي آواز، علامه اقبال ۽ قائد اعظم کان توڙي الهه آباد واري اجلاس ۽ لاهور جي پاڪستان ريزوليوشن کان ٻاويهه سال کن اڳ جو آهي جنهن ۾ پاڪستان ۽ جداگانه قوميت جو روح موجود آهي. ان طرح وفات وقت بلڪل پوين پساهن ۾، سندس زبان مان هي لفظ نڪتا ”هندن جا بجڪا ڏار ڪريو ۽ مسلمانن جا بجڪا ڏار ڪريو“. اهي لفظ پاڪستان جي تاريخ ۾ سنگ ميل جي حيثيت رکن ٿا.“ (ديوان بلبل سن 1972ع ۾ مولانا غلام محمد گرامي ايڊٽ ڪيو آهي- سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو آهي).

مولانا دين محمد وفائي صاحب پنهنجي تصنيف ”تذڪره مشاهير سنڌ“ ڀاڱون پهريون، صفحي 196 تي ”شمس الدين بلبل“ جي عنوان تحت لکي ٿو : ”سنڌ جو ناميارو اهل قلم ميان شمس الدين بلبل 1889ع ۾ ڪراچي ۾ مرحوم خانبهادر حسن علي افندي وٽ هليو آيو. جنهن سندس قابليت مان ڪم وٺڻ لاءِ ’معاون‘ نالي هڪ هفتيوار اخبار سندس ادارت ۾ جاري ڪئي. هن اخبار جي ذريعي مرحوم بلبل سنڌ مدرسة الاسلام ۽ سنڌ محمدن ايسوسي ايشن جي تمام وڏي خدمت ڪئي. مرحوم حسن علي جي مددگاري ۾ جيئن مولوي الله بخش نماڻو هو، تيئن بلبل به سندس دست و بازو ٿي رهيو.

دڪن ايگريڪلچرل رليف ايڪٽ بابت جڏهن مرحوم آفندي کي ڪميشن اڳيان

شاهدي ڏيڻ جي ضرورت پئي تڏهن زميداري قرضن جي انگن اکرن گڏ ڪرڻ جو ڪم مرحوم بلبل تي رکيو ويو. جنهن ساري سنڌ جي زميندارن ڪان احوال گهرائي آفندي مرحوم لاءِ شاهدي جو مواد گڏ ڪيو. ڪميشن پوني ۾ ويني. شاهدي ڏيڻ وقت آفندي مرحوم بلبل کي به پوني وٺي ويو جتي سندس وڏيڪ مدد ڪيائين. جنهن ڪان پوءِ سنڌ سان زميداري جي بچاءَ لاءِ رليف ايڪٽ لاڳو ٿيو.

بلبل جي لکڻي ظرافت آميز ۽ پر مذاق هوندي هئي جنهن ڪري هر هڪ ماڻهو سندس مضمونن کي ڏاڍي شوق ۽ لطف سان پڙهندو هو. هن سنڌي زبان ۾ تمام چڱو سڌارو ڪيو ۽ نئين رنگ ۾ سنڌي لٽريچر ۾ اضافو ڪيائين. نظم توڙي نثر ۾ گهٽائي ڪتاب لکيائين.

پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، ”سنڌي نثر جي تاريخ“، چيپل سنڌي ساهت گهر حيدرآباد سن 2007ع ۾ لکي ٿو: ”1885ع ۾ خانبهادر حسن علي آفندي جي سرجوشيءَ سان ۽ سنڌ محمدن ايسوسي ايشن جي سايي هيٺ سنڌ جي مسلم عوام ۾ تعليم ڦهلائڻ جي مراد سان، ڪراچي ۾ سنڌ مدرسة الاسلام برپا ٿيو هو. جو اڄا سوڌو شاندار ڪارج ڪري رهيو آهي. ان مدرسي جي سهاري هيٺ 1904ع ۾ تعليمي ۽ ادبي مخزن ”رسالہ مدرسہ“ جاري ٿي هئي جنهن سالن جا سال مسلم لکندڙن جي خوب همت افزائي ڪئي. هن مخزن جي سنڌي حصي ۾ چڱي معيار جا ادبي ۽ معلوماتي مضمون پوندا هئا. ۽ ان جي قابل ايڊيٽرن مولوي الله بخش ابوجهي ۽ مولوي عبدالرحيم فقير سنڌي نثر توڙي نظم جي خاصي خدمت ڪئي هئي. ميان شمس الدين بلبل جو پوءِ ايڊيٽر ٿيو. سو پنهنجا مذاقي نظم ۽ مضمون هن مخزن ۾ شايع ڪندو هو. سندس عبارت پختي پر دقيق ٿي ڏسڻ ۾ اچي، جنهن جو مثال سندس مشهور ڪتاب ”قلندري ميلو“ جي قافيہ دار نثر مان ملي ٿو. بلبل صاحب سنڌي زبان ۾ ظريفاڻي ادب جو، پرمانند ميوارام وانگر باني هو. پر افسوس آهي جو سالن کان شايع ٿيندڙ هن جهوني مخزن جا پرچا سنڌ مان پهچي نہ سگهيا آهن، جنهن ڪري ان جو تفصيلوار بيان ڏيڻ کان محروم رهڻو ٿو پوي.“

ڊاڪٽر اياز قادري صاحب پنهنجي ڪتاب ”سنڌي غزل جي اوسر“ ياڳو ٻيو ۾ شمس الدين بلبل جي سَري هيٺ لکي ٿو: ”سنڌ محمدن ايسوسي ايشن مسلمانن جي بهبود ۽ ترقي لاءِ نهي هئي جنهن جي سهاري هيٺ هڪڙي هفتيوار اخبار ’معاون الاسلام‘ جاري ڪئي وئي هئي جنهن جي ايڊيٽري بلبل جي سپرد ڪئي وئي، هن ان اخبار ذريعي سنڌ مدرسه الاسلام، سنڌ محمدن ايسوسي ايشن ۽ حسن علي آفندي جي سياسي ۽ علمي تحريڪ لاءِ گهڻو ڪم ڪيو.

معاون جي ايڊيٽر مقرر ٿيڻ ڪري هن کي پنهنجي ذاتي جوهر ڏيکارڻ جو موقعو

ملي ويو. هن جي پرزور ۽ پر جوش، طنزيہ ۽ مزاحيہ ۽ دلنشين، نئين ۽ جديد رنگ جي شعرن ۽ مضمونن سڄي سنڌ ۾ پنهنجي ڌاڪ ڄمائي ۽ اثر پيدا ڪيو. هن جي قلم مان نڪتل هر هڪ اکر اهڙي شوخي ۽ ظرافت سان پرُيل هو جنهن جهڙي لکڻي سنڌ جي ماڻهن هن کان اڳ ڪڏهن بہ نہ پڙهي هئي. غلام محمد گرامي، معاون اخبار ۾ سندس تحريرن جو ذڪر ڪندي چوي ٿو "سنڌي زبان کي پنهنجي ظريفانہ رنگ سان اهڙو تہ شيرين ۽ نمڪين ڪيائين، جو ان جو جادوءَ وانگر اثر ٿيڻ شروع ٿيو. سندس ظريفانہ اشعار، لطائف ۽ ظرائف، قلمي نوڪ جهوڪ، ندرت آميز تحرير جي سببان "بلبل بلبل" جي وائي وات هئي. اديبن ۽ شاعرن، سياستدانن ۽ قومي ڪارڪنن، ميرن ۽ پيرن، حاڪمن ۽ وزيرن وٽ سندس قابليت ۽ صلابت راءِ جو چرچو ٿي ويو."

محترمہ ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ، پنهنجي تحقيقي مقالي "سنڌي جو ادبي جائزو ۽ لطيفيات" ۾ "شمس الدين بلبل" جي عنوان هيٺ هن طرح پنهنجي راءِ جو اظهار ڪرڻ فرمايو آهي: "شمس الدين اهو سنڌي زبان جو نثر نويس هو جنهن نثر کي فارسي زبان مان آزاد ڪرايو. سليس سنڌي نثر کي پنهنجين اخبارن جي ذريعي عام ڪيو. سندس تحريرن ۾ سنڌي سماج ۽ معاشري جو عڪس نظر اچي ٿو. سندس اخبارن 'آفتاب' سکر 'الحق' سکر ۽ 'معاون' ڪراچي مشهور رهيون جن ۾ سليس نثر نويسي جا ڪمال هئا ۽ انهن اخبارن ۾ مضمون نويسي سٺي ترقي ڪئي. بلبل جا فلسفيانہ مضمون سڄي سنڌ ۾ مقبول ٿيا."

محترمہ ڊاڪٽر شاهده بيگم (ڪراچي) پنهنجي تحقيقي مقالي "سنده مين اردو" ۾ شمس الدين بلبل جي عنوان تحت هن طرح اظهار ڪيو آهي"شمس الدين بلبل 1857ع بمقام ميهڙ ضلعي دادو ۾ پيدا ٿيو. هن مروج علمن سان گڏ انگريزي جي تعليم بہ حاصل ڪئي ۽ محڪمه آبپاشي ۾ ملازمت ڪئي مگر فطري لڳاءُ ادب، صحافت ۽ شعر و شاعري سان هيس، انڪري ملازمت ڇڏي ڪراچي جي سنڌي اخبار "معاون" جو ايڊيٽر ٿي ويو. ان کان پوءِ 'الحق' سکر جي ادارت بہ ڪيائين.

شمس الدين بلبل نظم ۽ نثر ٻنهي ۾ طنزيہ ۽ مزاحيہ انداز جو مالڪ هو. انهي ڪري سنڌ جو اڪبر الهہ آبادي سڏيو ويندو هو. هو ساڳئي وقت شاعر، اديب ۽ صحافي سڀ ڪجهہ هو ۽ هر صنف تي ڪيس دسترس حاصل هئي. سنڌي نثر ۽ نظم جا ڪيترائي ڪتاب سندس يادگار آهن. اردو ۾ بہ شعر چوندو هو." (ترجمہ ۽ تلخيص)

ايني ميري شمل، مشهور انگريز عالمي اسڪالر خاتون، سنڌي ادب ۽ ڪلچر سان چاهہ رکندڙ ۽ سنڌ ۾ رهي سنڌي تهذيب ۽ ادب جو مطالعو ۽ مشاهدو ڪندڙ ادبي شخصيت بلبل جي خدمتن جو ذڪر ڪندي پنهنجي تصنيف "سنڌي ادب جي ارتقا" ۾

لکي ٿي:

”شمس الدين بلبل، جنهن کي سنڌ جو حالي ڪري سڏيندا آهن، ان سنڌ جي سر سيد يعنيٰ حسن علي افندي جي ڪم ۾ اهڙو ئي ساٿ ڏنو ۽ هٿ ونڊايو جهڙو اردو ادب ۾ سر سيد جو ساٿ حاليءَ ڏنو هو. شمس الدين بلبل ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن جن مان هڪڙو نظماڻي نثر ۾ قلندر شهباز جي ميلي تي لکيل ڪتاب ڏاڍو دلچسپ آهي. سندس شاعري ۾ به اسان کي نه رڳو ڪيترائي تعليمي عنوان ملن ٿا. پر طنز و مزاح کي به شاعري ۾ شامل ڪيو اٿس. بلبل معاون اخبار سان به وابسته رهيو. هن سنڌ جي مسلمانن جي فلاح ۽ بهبود لاءِ ڏاڍو سرگرمي سان ڪم ڪيو آهي.“

بلبل جي بيشمار لياقتن جي نشاندهي اهل قلم حضرات جي تحريرن ذريعي ڪرائي وئي آهي ۽ سندس ايجادن جو به ذڪر انهن لکڻين ۾ موجود آهي. ادب ۾ جا به نواڻ حضرت بلبل آندي آهي ان جو ذڪر به اڳي ڇڪو آهي. آءٌ هت صرف ٻن اهم خدمتن جو ذڪر ڪندس جن جو احسان سنڌ ۽ سنڌ واسي شايد ڪڏهن به لاهي نه سگهن. بلبل جي هڪ اهم خدمت اها آهي ته هن سنڌي ٻولي کي فارسي جي ڏکين الفاظن کان ڌار ڪري ٻوليءَ کي سليس ۽ عام فهم بڻايو. سنڌ جا سمورا اهلِ قلم حضرات هن حوالي سان بلبل جا مقروض آهن. سنڌي ٻوليءَ جي موجوده صورت ۽ ترقي بلبل جي مرهونِ منت ۽ سندس علمي لياقت جو ثبوت آهي. هن سلسلي ۾ بيشمار شاهديون اهلِ قلم ۽ اهلِ علم جون هن ئي تحرير ۾ موجود آهن. تاهم هڪ اڌ مزيد شاهدي پيش ڪجي ٿي:

جناب حافظ عبدالله ”بسمل“ ٽکڙائي، پنهنجي هڪ تحرير ”مرحوم شمس الدين بلبل جا ادبي اوليات“جيڪا ماهنامو نئين زندگي جي ماهه آڪٽوبر 1965ع واري پرچي ۾ شايع ٿي آهي ان ۾ هن طرح رقم طراز آهي:

”بلبل مرحوم پهريون ئي اديب آهي، جنهن موجوده سليس نثر نويسي جي طرز ايجاد ڪئي. درحقيقت مرحوم شمس العلماء مرزا قليچ بيگ صاحب به هن طرز ۾ مرحوم بلبل جو ئي مقلد آهي. البت ڪٿي ڪٿي مرحوم بلبل مقفيٰ عبارت ڏي به لاڙو ڪيو آهي، پر سندس ايڊيٽر شپ ۾ جيڪي اخبارون شايع ٿيون، انهن ۾ سندس پرزور ۽ فصيح ۽ بليغ نثر نويسي جو بي اختيار داد ڏيڻو پوي ٿو. هن کان پوءِ سنڌ ۾ جيڪي به پر زور اخبار نويس ٿي گذريا آهن جهڙوڪ مسٽر عبدالوهاب ايڊيٽر اخبار مسافر يا مرحوم شيخ محمد سليمان يا مرحوم مخلص سي سيئي بلبل مرحوم جا مقلد ۽ خوشه چين آهن.“

اها هڪ حقيقت آهي ته حضرت بلبل پنهنجين سيني خوبين، صلاحيتن ۽ وصفن سبب سنڌ اندر هڪ سهڻو ۽ انمول ماڻڪ مثل هو. سندس سڀ ڪارناما هڪ طرف ۽ سنڌي ٻوليءَ کي سليس ۽ سلوڻو بڻائڻ وارو عمل ٻئي طرف هو. هن طرز تحرير سبب

اخبار نويسي جو هنر آسان ٿي پهتو. بلبل جي هن ڪارنامي تي سنڌ جيترو به فخر ڪري اهو گهٽ آهي. بلبل سنڌي ٻوليءَ کي سليس ۽ سولو نه بڻائي ها ته اخباري ۽ تصنيفي دنيا ترقي نه ڪري ها ۽ سنڌ جا سوين اهلِ قلم جيڪي هن وقت سنڌ جا روشن ستارا سڏجن ٿا اهي ڪيئن پيدا ٿين ها؟ اڳي جيڪا سنڌي عبارت لکي ويندي هئي سان نهايت ڏکي ۽ فارسي جي الفاظن سان ڀريل هوندي هئي. اهڙي عبارت صرف اهي ئي پڙهي سگهندا هئا جن کي فارسي زبان تي عبور حاصل هوندو هو. بلبل سنڌي ٻوليءَ کي فارسي جي لفظن جي ميخن کان آزاد ڪري سلوڻي ۽ سليس روپ ۾ روشناس ڪرايو، جنهن سبب علمي، ادبي ۽ صحافتي دنيا ۾ هڪ قسم جو انقلاب اچي ويو. گهڻن اهل قلم حضرات بلبل کي انقلابي شخصيت مڃيو آهي.

جناب ڊاڪٽر غلام قادر سومرو صاحب پنهنجي تحقيقي مقالي ”سنڌي ادب ۾ طنز ۽ مزاح“ (ثقافت کاتو حڪومت سنڌ 2013ع) ۾ ”شمس الدين بلبل“ جي عنوان هيٺ هن طرح لکڻ فرمائي ٿو:

”بلبل جامع شخصيت جو مالڪ هو. ناميارو صحافي پڻ هو. بلبل سياسي بصيرت رکندو هو ۽ سنڌي مسلمانن جي حقن لاءِ قلم جو جهاد ڪيائين. ظفر ڪاظمي لکي ٿو ”شمس الدين بلبل سنڌ جي مسلمانن کي پنهنجي قلم سان سجاڳ ڪرڻ شروع ڪيو. بلبل جي سياسي تدبر ۽ بالغ نظري لاءِ رئيس ضياءُ الدين ايس بلبل، لکي ٿو ته ان مهاسڀائي ذهنيت وارن ليڊرن توڙي بد زبان آريه ڪارڪنن، هندو اخبارن ۽ ايڊيٽرن توڙي هندو نواز، سادهه لوح مسلمان ليڊرن سان مرحوم بلبل نهايت سختي سان مقابلو ڪيو. صحافتي دنيا ۾ هن کي هندن سان خوب چوٽون ڪاٽيون پيون ۽ هن خوب چوٽون ڪاڍيون نيٺ پڇاڙي وڃي ڪامياب ٿيو.

بلبل جو نثر زور وارو هو جنهن جي وسيلي هن اخباري دنيا ۾ هڪ نئين اسلوب ۽ طرز جو بنياد وڌو. بلبل نثر جي پراڻي نموني مقفيٰ کي ترڪ ڪري، اخبار نويسي لاءِ ڪنهن مناسب ڍنگ جي ضرورت کي محسوس ڪندي هڪ انوکو اسلوب اختيار ڪيو ۽ نثر نويسي جي سلوڻي طرز ايجاد ڪئي. حقيقت ۾ مرحوم شمس العلماء مرزا قليچ بيگ به هن طرز ۾ مرحوم بلبل جوئي مقلد ۽ خوشه چين ٿو ڏسجي.

بلبل جو نثر اصلاحي پر زور ۽ مزاح جي چاشني ۾ رسيل عالمي ادبي معيار جي مطابق آهي. سندس ظرافت ۽ طنز جو ڪو مثال نه ٿو ملي. بلبل جي رنگين مزاجي، شاعرانه فڪر، مزاحيه انداز بيان، عالمانه سنجيدگي، ٽوٽڪا ۽ نڪتا ملي بلبل کي بلبل- سنڌ بنائين ٿا. فن ۽ فڪر جي لحاظ کان بلبل جي شاعري نَوَن استعارن، سهڻين ترڪيبن، انوکن نڪتن، چست بندشن، شوخ ادائن، فصاحت ۽ بلاغت ڀريل گوناگون

مضمونن سان سينگاريل هئڻ سبب ادب عاليہ ۾ شامل آهي. سنڌ ۾ فرنگي تسلط سبب سنڌي تهذيب ۽ ثقافت تي پوندڙ زهريلن اثرن خلاف بلبل شاعري ذريعي آواز بلند ڪيو ۽ بگڙجندڙ سماج تي مزاحيہ طنز ڪئي. سنڌي عوام جي پس ماندگي، معاشري جي پائمالي جي شديد احساس، شاعري ۾ سندس حس مزاح (Ludicrous) کي جاڳايو. بلبل تحرير ۾ تازگي ۽ شگفتگي کي قائم رکڻ لاءِ زنده دلي، خوش طبعي، ظرافت ۽ شوخي کان ڪم ورتو. مزاح نگاري ۾ سندس انداز اڪبر الهہ آبادي جهڙو آهي. احمد خان سيال لکي ٿو "هند ۾ مزاحيہ شاعري مرحوم اڪبر الهہ آبادي تي ختم ٿئي ٿي ۽ سنڌ ۾ مرحوم بلبل تي. مسلمانن جي اخلاقي پستي جي اصلاح لاءِ بلبل مزاح کي هٿيار طور ڪم آندو".

بلبل جي هڪ ٻي خاص خدمت جو ذڪر ڪرڻ بہ ضروري آهي، هي در اصل بلبل جو هڪ عظيم ڪارنامو برصغير جي مسلمانن لاءِ آهي. بلبل جي حياتي جو نصب العين مسلمانن جي آزاديءَ جو حصول هو. تنهن ڪري هو سر سيد احمد خان جي نظرين جو حامي رهيو. آزاديءَ جي حصول لاءِ انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ مسلمانن لاءِ تمام ضروري سمجهي وئي هئي. بلبل ان اصول تحت سر سيد جي تعليمي تحريڪ يعني علي ڳڙهہ تحريڪ جو زبردست حامي رهيو ۽ انهن اولين ڪارڪنن مان هڪ هو جن آزادي لاءِ راهہ هموار ڪئي. بلبل مسلمانن ۾ سياسي ۽ سماجي شعور پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب رهيو ۽ ڪين هر طرح انهيءَ قابل بڻايائين جيئن هو آزادي حاصل ڪري سگهن. بلبل آزادي تائين زنده نہ رهيو مگر هن سلسلي ۾ سندس خدمتون بي مثال آهن. سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ مسلمانن لاءِ جدا رياست جي لکت ۾ گهر ڪندڙ حضرت شمس الدين بلبل ئي آهي. جنهن لاءِ سندس ڪتاب جام-جم مطبوعہ 1918ع ۾ ڪافي مواد هن تحرير ۾ اچي چڪو آهي مگر ڪجهہ مزيد تحريرون بہ ڏجن ٿيون.

جناب جمال ابڙو صاحب پنهنجي ڪتاب "ڪتا- ڏسي ڏوهہ اکين سين" جي صفحي نمبر 51 تي ڪجهہ هن قسم جو انڪشاف ڪري ٿو تہ "حضرت علامہ محمد اقبال سان منسوب نظرئي پاڪستان جو تصور، پاڪستان جي مورخ حضرات جو پير ڪوڙي ڪوڙ هڻڻ جي مترادف آهي." محترم جمال ابڙو صاحب هن سلسلي ۾ وڌيڪ فرمائي ٿو علامہ اقبال خود هن ڳالهہ جو اعتراف لکت ۾ ڪيو آهي تہ هو نظريہ پاڪستان جو قطعي خالق نہ آهي." اهڙو خط هن انگريز جرنلسٽ مسٽر ٿامس کي لکيو هو. انهيءَ خط جو عڪس محترم ڊاڪٽر در محمد پناڻ مالڪ "گل حيات انسٽيٽيوٽ" جي ويب سائيٽ تي بہ موجود آهي.

جناب علامہ اقبال پوءِ 1930ع ڌاري پنهنجو هي نظريو تبديل ڪيو. سال 1930ع ۾

الھ آباد واري مسلم ليگ جي جلسي دوران صدارتي تقرير ڪندي علامہ اقبال پاڪستان جو تصور پيش ڪيو. (احمد خان آصف مصراڻي- ”تحريڪ پاڪستان ۾ سنڌ جي پاڱي پائيواري“ مهراڻ تحريڪ آزادي نمبر)

قائد اعظم محمد علي جناح هندن ۽ مسلمانن جي اتحاد جو حامي هيو ۽ هن سلسلي ۾ هن ڏاڍي ڪوشش ڪئي مگر هندو پنهنجي هٺ ڌرمي ۽ ارهہ زوراين تي قائم رهيا. قائداعظم محمد علي جناح سندن بد اخلاقين سبب پهريائين هوم رول ليگ تان 1920ع ۾ احتجاج طور استعيفيٰ ڏني ۽ پوءِ ناگپور واري جلسي بعد ڪانگريس تان بہ استعيفيٰ ڏئي ڇڏي.(8) ۽ هندن سان سياسي اتحاد واري موقف تان دستبردار ٿي، مسلمانن لاءِ الڳ رياست جي قيام جو حامي ٿيو ۽ لاهور ۾ تاريخ 23 مارچ 1940ع واري اجلاس ۾ اهڙو اعلان ڪيائين.

بلبل شروع کان هندن جي خلاف هو. هندو سياستدانن کي انهيءَ قابل ئي نہ سمجهندو هو تہ مٿن ڀروسو يا اعتبار ڪجي ۽ ساڻن سياسي اتحاد کي فاش سياسي غلطي سمجهندو هو. سڄي عمر متعصب هندو ليڊرن ۽ هندو اخبارن جي ايڊيٽرن سان نبرد آزما رهيو. هندو ليڊرن راءِ بهادر هرچندراءِ پارواڻي جي سرڪردگيءَ ۾ هڪ ڪوڙو ڪرمنل ڪيس بلبل مان هميشہ جان ڇڏائڻ لاءِ ڪيو جنهن لاءِ هنن پوري هندو برادري کان چندو وصول ڪيو ۽ منهن جي کاڌائون ۽ هميشہ لاءِ سندن بولتي بند ٿي وئي. بلبل کي ڏسندا هئا تہ پڳل ڀلي وانگر پچي پاسو ڪندا هئا.

بلبل تي جيڪو هندن ڪيس ڪيو هو ان ۾ بلبل جو وڪيل سندس دلي دوست شيخ غلام حسين هدايت الله هو جيڪو پوءِ سر ٿيو، سنڌ جو وزير ۽ گورنر بہ ٿيو. هندن جو وڪيل راءِ بهادر هر چند راءِ وشنداس هو جيڪو ڪراچي ميونسپل جو ساري عمر ائڊوائيزر ۽ پوءِ پريزيڊنٽ ٿي رهيو. سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسي مان جدا ڪرائڻ ۾ سندس وڏو رول رهيو. سندن فرم ۾ اٽڪل 20 ننڍا وڪيل ڪم ڪندا هئا ۽ جڏهن قائد اعظم محمد علي جناح بئريسٽري امتحان ڏئي سنڌ ۾ واپس آيو هو تہ هر چند راءِ کيس پنهنجي فرم ۾ نوڪري ڏيڻ جي آڇ ڏني هئي.

بلبل کان جڏهن هرچند راءِ ڪيس هارايو تہ هندن جي سنڌ ۾ رهيل ساک بہ ختم ٿي وئي ۽ بلبل کان ڪن ڪندا هئا. هن موقعي تي پوري ملڪ ۾ خوشيون ملهايون ويون هيون ۽ مٺايون ورهائيون ويون هيون.

8. جي الانا- قائد اعظم محمد علي جناح- سماهي مهراڻ رسالو تحريڪ آزادي نمبر سال 1985ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book